گجهارتون

مرتب

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌي ادبي بورڊ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لوڪ ادب سلسلي جو تيرھون ڪتاب

ڳجھارتون

(ٻہ ڀاڱا)

مرتب:

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو، سنڌ

2010ع

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا محفوظ

ڇاپو پهريون	ڊسمبر 1969ع	تعداد 1000
ڇاپو ٻيو	آگسٽ 2010ع	تعداد 1000

هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

قيمت: چار سؤ پنجاهه رپيا
(Price: 450-00)

خريداري لاءِ رابطو:
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)
Email: sindhiab@yahoo.com
www. Sindhiadabiboard.org

هيءُ ڪتاب ايليگنٽ پريس ڪراچيءَ مان پروفيسر سيد زوار حسين شاهه نقوي، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڳ

سنڌ جي ’لوڪ ادب‘ کي سهيڙڻ لاءِ هڪ تفصيلي تجويز، سن 1955ع ۾ ’سنڌي ادبي بورڊ‘ جي سامهون رکي وئي، جا 1956ع جي آخر ڌاري بورڊ بحال ڪئي، ۽ اُن جي عملي نگراني ۽ تڪميل بنده جي حوالي ڪئي.

ان تجويز مطابق، 1957ع کان لوڪ ادب سهيڙڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو. اُنهيءَ موجب، ٻهراڙيءَ مان مواد گڏ ڪري موڪلين. سنڌ يونيورسٽي ۾ ’سنڌي لغت آفيس‘ سان گڏ ’لوڪ ادب‘ جي مرڪزي آفيس قائم ڪئي وئي، ۽ ڪارڪن مقرر ڪيا ويا، ته مقامي طور گڏ ڪيل، توڙي ٻاهران آيل مواد کي هدايتن موجب ورڇي ورهائي، پيٽي صاف ڪري، ڇپائڻ لائق بنائين.

پهريان ٻه سال، 1957ع ۽ 1958ع، لوڪ ادب جي مواد سهيڙڻ ۾ صرف ٿيا، انهيءَ عرصي ۾ تعلقيوار ڪارڪنن، ڳوٺن مان گهربل ڳالهيون هٿ ڪيون، مرڪزي آفيس جي عملي ڇپيل ڪتابي ذخيري مان ضروري مواد اُتاريو، ۽ بنده ڪوشش ڪري سنڌ جي هر ڀاڱي جو گشت ڪري سڄاڻ سگهڙن سان ڪچهريون ڪيون، ۽ عام سنڌي ادب جي هر پهلوءَ کي سمجهڻ لاءِ اُن جي خاص ذخيري کي قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انهي سعيي ۽ همت، بلڪ جذبي ۽ محبت سان قدري ايترو مواد گڏ ٿيو، ۽ ٿي رهيو آهي جو اُن جي آڌار تي عام سنڌي ادب جي هر نوع بابت نموني طور هڪ ڪتاب مرتب ڪري سگهجي. ڪتابن جي تاليف جو سلسلو ٽئين سال 1959ع کان شروع ڪيو ويو آهي.

هت ٻه ڳالهيون واضح ڪرڻ ضروري آهن:

پهريون ته هن تجويز موجب، سنڌي ٻوليءَ جي عام ادب جون اهي جملي جنسون، جيڪي هن وقت تائين ٻهراڙيءَ جي عوام ۾ عام مقبول ۽ مروج آهن، تن کي ’لوڪ ادب‘ جو ذخيرو تسليم ڪيو ويو آهي. انهيءَ ذخيري ۾ سنڌي ادب جون معياري جنسون پڻ شامل آهن. مثلاً: مداحون، مولود، ٿيهه اکريون، ڪافيون وغيره، مگر جيئن ته اهي هن وقت تائين ٻهراڙيءَ ۾ عام مقبول ۽ مشهور آهن، انهيءَ ڪري انهن کي پڻ ’لوڪ ادب‘ جي دائري ۾ شمار ڪيو ويو آهي. انهيءَ لحاظ سان، هن تجويز هيٺ گڏ ڪيل ’لوڪ ادب‘ کي بعينه ’فوڪ لور‘ (Folk Lore) جي مغربي مفهوم سان تعبير ڪرڻ صحيح نه ٿيندو. اسان جي ملڪ ۾ شهري زندگيءَ اڃا ايتري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وسعت يا خاص نوعيت اختيار نہ ڪئي آهي، جو اها خواص جي زندگي ۽ تمدن جو يا 'معياري ادب' جو سرچشمو بنجي. سنڌي زندگيءَ جو مرڪزي دائرو اڃا تائين ڳوٺ آهي. ۽ انهيءَ ڪري سنڌي ادب جو وڏو ذخيرو اهوئي آهي جو عوام جي زندگيءَ جو آئينو آهي. انهيءَ ڪري هن مرحلي تي سنڌي ٻوليءَ جي 'لوڪ ادب' جي وچ ۾ حد فاصل قائم ڪري نٿي سگهجي.

ٻيو تہ هن تجويز ذريعي 'لوڪ ادب' جو سمورو مواد گڏ ٿي سگهيو آهي، ان کي سهيڙڻ لاءِ وڏي وقت ۽ ڪافي ذريعن جي ضرورت آهي. لوڪ ادب جو سڄو ذخيرو سربستو گڏ ڪرڻ چڻ اٿاهہ سمنڊ سوجهي مڙني موتين ۽ ماڻڪن کي ميڙڻ برابر ٿيندو، جو ناممڪن آهي. البت جو ڪجهہ مواد گڏ ٿي سگهيو آهي سو لوڪ ادب جي هر جنس بابت مثالي مواد آهي. انهيءَ لحاظ سان هن تجويز هيٺ تاليف ڪيل ڪتاب اُميد تہ آئنده ڪوشش لاءِ نمايان نشان ۽ نيڪ فال ثابت ٿيندا.

'لوڪ ادب تجويز' جيتوڻيڪ بنده جي طرفان ٿي مگر ان جي عملي سربراهي توڙي تڪميل ۾ گهڻن ئي مخلصن جون ڪوششون شامل آهن. اول تہ 'سنڌي ادبي بورڊ' جي ميمبرن کي جس جڳائي، جن هن تجويز کي سن 1956ع ۾ منظور ڪيو. ان بعد گهربل مواد گڏ ڪرڻ ۽ صاف ڪرڻ، ترتيب ڏيڻ، ابتدائي مسودا توڙي پريس ڪاپيون تيار ڪرڻ ۽ آخر ۾ ڪتابن ڇاپڻ ۾ ڪيترائي ساٿي ٻانهن ٻيلي ٿيا آهن. هن تجويز کي ڪامياب بنائڻ ۾ تعلقيوار ڪارڪن، مرڪزي آفيس جي باهمت فردن، سنڌ جي سڄاڻ سگهڙن، توڙي انهن مڙني دوستن جو حصو آهي، جن بنده لاءِ سگهڙن کي ڳولي هٿ ڪرڻ ۽ ساڻن ڪچهرين ڪرڻ ۾ پنهنجي هڙان وڙان مدد ڪئي.

مجموعي طور سان هيءُ ڪتاب 'لوڪ ادب' سلسلي جو تيرهون ڪتاب آهي، ان جو بنيادي مواد ڊسمبر 1958ع تائين گڏ ٿيو، سڄي مواد کي ڇڪاسي، مختلف روايتن کي پيٽي، ترتيب ڏيئي، اپريل 1961ع ۾ ڪتاب جو مسودو تيار ڪيو ويو، ۽ نومبر 1961ع ۾ مسودي جي آخرين تصحيح ڪري، پريس ڪاپي شايع ٿيڻ لاءِ ڏني وئي.

ڪتاب جي ڇپائي ڪافي وقت ورتو، پر ان هوندي بہ 1965ع جي آخر ڏاري ان کي شايع ڪرڻ جو انتظام ڪيل هو، مگر بدقسمتيءَ سان لوڪ ادب تجويز کي شايع ڪرڻ ۾ رڪاوٽ پئجي وئي ۽ هن ڪتاب جي اشاعت پڻ روڪجي وئي. 25- اپريل 1968ع تي سنڌي ادبي بورڊ جي صدر جناب مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ صاحب (تمغهء پاڪستان) جي سفارش تي سنڌي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ادب بورڊ وري لوڪ ادب تجويز کي پايهء تڪميل تي پهچائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ اها ذميواري بنده کي سونپي.

جون 1968ع کان ڪم شروع ڪيو ويو پر ٽن مهينن بعد وري بورڊ طرفان ڪم بند ڪرڻ جو اطلاع مليو. وري 18- جون 1969ع تي بورڊ لوڪ ادب تجويز کي عمل ۾ آڻڻ جو فيصلو ڪيو ۽ جناب مخدوم صاحب جن کان خط پهتو ته دوباره ڪم شروع ڪيو وڃي. مخدوم صاحب جن جي ذاتي دلچسپي شامل حال نه رهي ها ته 'لوڪ ادب تجويز' هن مرحلي تي نامڪمل رهجي وڃي ها.

باوجود انهن تڪليفن جي جيڪي هڪ مخلص ڪارڪن کي پهچن ٿين ۽ جيڪي راقم کي پڻ 'لوڪ ادب' جي خدمت ڪندي سهٽيون پونديون آهن. بنده هي ڳرو بار ٽيون ڀيرو پنهنجن ضعيف ڪلهن تي کنيو آهي، انهيءَ تي سنڌي لوڪ ادب جي قيمتي سرمايي کي جيترو ٿي سگهي اوترو سهيڙي ان کي ضايع ٿيڻ کان بچائجي ۽ رٿيل پروگرام موجب 'لوڪ ادب' جي چاليهن جلدن کي پورو ڪجي.

مرڪزي آفيس جي ٻين ڪارڪنن سان گڏ خاص طرح محترم محمد بچل ۽ محترم محمد يوسف شيخ هن ڪتاب جي مواد کي اُتاري، يڪجاءِ ڪرڻ، پيئڻ ۽ دوباره صاف ڪري لکڻ ۾ تحسين جوڳو ڪم ڪيو، سگهڙ ٻيڙي فقير ڪنير هن ڪتاب جي مواد پيئڻ ۾ خاص مدد ڪئي ۽ محترم محمد اسماعيل شيخ ان سڄي ڪم جي نگراني ڪئي ۽ ڪتاب جي مسودي تيار ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. ڪتاب جي آخري سٿاءَ، ترتيب ۽ تاليف لاءِ خود ذميوار آهي.

سنڌ يونيورسٽي، | خادم العلم
حيدرآباد سنڌ | نبي بخش
22- جولاءِ 1969ع

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فهرست

ڀاڱو پهريون

ڳجهارتن جي پيڄڻي جا پاوا

اُبِ	84	پَنُ	107
اڏ سڏ	85	پنڌ	108
اک	85	پنهنجو	108
اکر	86	پورهيو	113
اَن	86	پوک	113
اوزار	89	پهڻ	114
ٻاهه	90	پيرُ	114
ٻار	91	پينگهو	114
ٻولي	91	جبل	114
ٻيڙي	92	جَرُ (آب، پاڻي)	116
ٻَٽِ	93	ڄنڊ	120
ٻيلي	93	جنگ	121
ٻٽُ	93	جوت	122
ٻنگ	93	جُوءِ	122
تاجي	93	جِيت (جيئڻ بلا)	122
تارو	93	جهنگ	127
ٿڙ	93	جهڻ	127
تر	94	چرخو (ائٽ)	127
ٺڪر	94	چمر	128
پاراتو	94	حاڪم	128
پَٽُ (ريشم)	94	ڏاڏي	128
پَٽ	95	ڏاند	131
پساري	97	ڏٿ	131
پڪي	97	ڏڏ	131

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن	....	131
ڏيهه	....	131
حقو	....	131
درياءَ	....	132
ذات	....	132
رات	....	159
راڳ (سُر)	....	159
راند	....	160
رَڃ	....	163
رڍ	....	163
رسو	....	163
رنگ	....	163
ساز	....	163
سُٽُ	....	164
سچ	....	164
سڏ	....	164
سڪ	....	164
سمهڻ	....	164
سنج (ساز)	....	165
سٽيپ	....	166
سوداگر	....	166
سودو	....	166
سونهن	....	166
سيد	....	166
سيءُ	....	166
شاهوڪار	....	166
شهر	....	167
عرض	....	175
عشق	....	176
عضوو	....	176
علمُ	....	179
عيبدار	....	179
فقير	....	179
ڪاٺ	....	182
ڪاريگر	....	188
ڪاسبي	....	188
ڪاغذ	....	188
ڪانو	....	188
ڪتاب	....	189
ڪتو	....	189
ڪَٽڪُ	....	189
ڪپڙو	....	189
ڪپهه	....	193
ڪڙمي	....	193
ڪک	....	193
ڪمي	....	193
ڪُن	....	193
ڪنڊو	....	194
ڪُنو	....	194
ڪوڙ	....	194
ڪوهه قاف	....	194
ڪاڄ	....	194
ڪٽ	....	195
ڪٽي	....	195
گار	....	195
گاهه	....	195

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گل	208
گنڊِي	208
ڳهه	208
گهر	229
گهوڙو	220
لڏو	220
لَڪُ	220
لوهه	220
ليکو	223
مار	223
ماس (گوشت)	223
مال (جانور)	223
مانِي	230
مايا	230
مٽي	230
مٽو	231
مڇي	231
مرض	233
مرون	234
مسخري	236
معذور	236
معشوق	236
مقام	237
مکڻ	237
ملڪ	237
مُنڌَ	237
منڊي	238
مٽيو	238
مئو	238
ميوو	238
نارنان (عورت)	240
ناٽو	251
نرنانءُ (مرد)	251
ننڊ	263
واڇو (واڇٽ)	263
واٽيو	263
واهه	264
واءُ	267
وکر	268
ول	274
ولايت	274
وڻ	274
وهانءُ	278
هاري	279
هٽ	279
هٿيار	279
هٽ	279
هڏو	280
هرلو	280
هڪل	280
هلڻ	280
هندو	280
هنڌ	281
....	

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاڳو ڀيو
سُرن وار ڪِجھارتون

باب پهريون:	’متين سُرن‘ واريون يا ’حقاني‘ ڳجھارتون		283
باب ٻيو:	تاريخي ڳجھارتون		207
باب ٽيون:	سُرائتيون ڳجھارتون: ٻاهريان عشقيه قصا		323

• ٻانڪو شاهه بهرام 323، • تاج الملوڪ 324، • ممتاز دمساز 324،
• ليلان مجنون 234، • شيرين فرهاد 330، • مل محمود ۽ مهرنگار 331،
• سيف الملوڪ 333، • ڪامسين ۽ ڪامروپ 335، • هير ۽ رانجهو 335،
• بلند بخاري 341، • روپ بسنت 341، • بروو ۽ باني 341،
• چاندو ۽ گنگراج 342، • انسا ۽ بنسا 342.

باب چوٿون:	سُرائتيون ڳجھارتون:	موکي ۽ متارا	343
باب پنجون:	سُرائتيون ڳجھارتون:	مَري ۽ مگ ٽر	345
باب ڇهون:	سُرائتيون ڳجھارتون:	ڦُل وڏوو ۽ پوري	346
باب ستون:	سُرائتيون ڳجھارتون:	سسئي	351
باب اٺون:	سُرائتيون ڳجھارتون:	مورڙو	482
باب نائون:	سُرائتيون ڳجھارتون:	ليلان ۽ چنيسر	486
باب ڏهون:	سُرائتيون ڳجھارتون:	مارئي	526
باب يارهون:	سُرائتيون ڳجھارتون:	مومل راڻو	618
باب ٻارهون:	سُرائتيون ڳجھارتون:	راءِ ڏياچ	656
باب تيرهون:	سُرائتيون ڳجھارتون:	سهڻي ۽ ميهار	674
باب چوڏهون:	سُرائتيون ڳجھارتون:	نوري ۽ ڄام تماچي	699
باب پندرهون:	سُرائتيون ڳجھارتون:	بوبنا ۽ جراڙ	702
باب سورهون:	سُرائتيون ڳجھارتون:	دولهه دريا خان ۽ همون	703

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب سترهون:	سُرائتيون ڳجهارتون: ست سريون	705
باب ارڙهون:	رسالي جي سُرن واريون ڳجهارتون:	710
	• سُرسامونڊي 710، • سُر سارنگ 711،	
	• سُرڪاپائتي 712، • سُر رامڪلي 712،	
باب اڻويهون:	مجازي ڳجهارتون:	716
باب ويهون:	سورهيائي واريون ۽ عام چوڻين واريون ڳجهارتون:	742
	• سورهيائي 742، • نصيحت ۽ هدايت 743،	
	• مناجات 750، • چوڻيون ۽ پهاڪا 752،	
	• عام ڳجهارتون (روزمره جي ڪم ڪار بابت) 757	

ام للانسان ماتمنيٰo فلله الاخرة والاوليٰ

مقدمو

'ڳجهارت'، سنڌي 'پرولي' جو هڪ قسم آهي. لوڪ ادب سلسلي جي 'ڪتاب ٻارهين' جي مقدمي ۾ بيان ٿي چڪو آهي ته 'پروليءَ' جي فن کي سنڌ وارن پنهنجي ذوق ۽ ذهانت سان ڪمال تي پهچايو آهي. سنڌ ۾ پرولين جي پهه پچار ڪنهن آڳاٽي سمي کان شروع ٿي ۽ جيئن وقت گذرندو ويو تيئن نون خيالن ۽ نُڪتن جي اضافي سان پروليءَ جا نت نوان قسم نمودار ٿيا، جن کي موجوده اصطلاحن ۾ پروليون، ڏنون، معمائون، ڳجهارتون وغيره سڏيو وڃي ٿو. انهن مڙني قسمن مان 'ڳجهارت' فني ۽ معنوي لحاظ سان نهايت ڳوڙهي ۽ معياري آهي، جنهن جو جنسي مثال دنيا جي ڪنهن ٻئي ملڪ يا قوم جي ٻوليءَ ۾ ملڻ مشڪل آهي.

معنوي لحاظ سان ڳجهارت جيتوڻيڪ هڪ قسم جي پرولي آهي، مگر سٽاءَ جي لحاظ سان 'پرولي' ۽ 'ڳجهارت' ۾ فرق آهي: 'پروليءَ' جو بنياد تشبيهه ۽ استعاري تي آهي، ۽ 'ڳجهارت' جو مدار تجنيس ۽ تلميح تي آهي. فطرت جو مطالعو، ماحول جي ڄاڻ، شين جي واقفيت ۽ نُڪتن جي پروڙ پروليءَ جي پس منظر جا خاص اسباب آهن، مگر 'ڳجهارت' جي پرک پروڙ لاءِ زندگيءَ جي مختلف شعبن، سماجي رسمن رواجن، عام قصن ڪهاڻين ۽ خاص داستانن جي تلميحي ڏاڻن ۽ اهڃاڻن جو علم، سنڌي لغات جي گوناگون لفظن ۽ محاورن جي واقفيت، ۽ انسانن جي باهمي رشتي جي مختلف مرحلن تي رٿن ۽ ارادن، خوشين ۽ ميارن، ڏکن ۽ ڏوراپن جي ڄاڻ پڻ ضروري آهي. 'پرولي' کي پروڙڻ لاءِ ذهن جي تيزي ڪافي آهي، مگر 'ڳجهارت' کي ڳولڻ لاءِ ذهني تيزي سان گڏ سوجھ ۽ دانائي جي ضرورت آهي. پروليءَ وانگر ڳجهارت جي ڏي- وٺ محض هلڪي ريجهه رهاڻ ۽ وندر وروونهه ناهي، بلڪ ادب ۽ ثقافت، لغت ۽ حڪمت (دانائي) جي ڳوڙهي رهاڻ آهي. انهيءَ ڪري ئي ڪن سالڪن جيتوڻيڪ هڪ مخصوص معنيٰ ۾ 'پرولي' کي 'راز' سان تشبيهه ڏني آهي. ("پيچ پرولي ان جي، ڏنگي ڏور ڏيڻ" - چتو فقير سانگي)، مگر عام مروج

معنيٰ ۾ سنڌ جي سالڪن ۽ سگهڙن جي نظر ۾ پرولي زياده عام فهم آهي، ان جي برعڪس 'ڳجهارتَ' هڪ ڳوڙهو فن آهي جو هنر، ڏهسنامي، ڏور، ڏُراهي ۽ سينگار جي صف ۾ شامل آهي ۽ جنهن جي وهجائڻ ۽ ورجائڻ لاءِ خاص ڄاڻ ۽ دانائي درڪار آهي. انهيءَ لحاظ سان سالڪ فقير الله ڏني ماڇي سندس هيٺئين بيت ۾ 'ڳجهارت' کي خاص فنن جي صف ۾ شمار ڪيو آهي:

ڳَهي 'ڳجهارت' کي ڪي ڳوليندڙ ڳولين
'هنر' جي حساب جو خزانو کولين
'ڏهسنامي' 'ڏور' کي فلڪ سان ڦولين
'ڏُراهي' کي دل سان، الله ڏنا! اولين
معنيٰ جا من جي عاقل اُکولين
ڪي وير وَڙولينِ، 'سينگار' کي سوچ سان.

لفظ ڳجهارت جي معنيٰ

لفظ 'ڳجهارت' جي اصليت بابت جداجدا رايا آهن: ڪن جي خيال ۾ هيءُ لفظ 'ڳجهو اَرت' (لڪل معنيٰ) مان نڪتل آهي، ۽ ڪن جي راءِ ۾ ڳجهارت جو لفظ هندي 'بجهارت' يا 'بجهول' مان سنڌيءَ ۾ رائج ٿيو. هنديءَ ۾ لفظ 'بجهارت' موجود آهي، ۽ ان جي معنيٰ آهي 'حساب ڪتاب صاف ڪرڻ'، البته 'بجهَوُل' جي معنيٰ 'پرولي پڇڻ' آهي. پر جيئن ته سنڌي ٻولي 'هندي' کان زياده قديم آهي، انهيءَ ڪري قوي گمان سان چئي سگهجي ٿو ته 'ٻجهارت' سنڌي جو پنهنجو لفظ آهي جو 'ٻوجهه' يا 'ٻجهڻ' مان 'سمجهڻ' ۽ پروڙڻ' جي معنيٰ ۾ آڳاٽي وقت کان رائج ٿيو، ۽ بالاخر ڳُجهه، راز يا 'مام' (پروڙڻ) جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيڻ لڳو. ڀٽائي صاحب ٽوڙي ٻين شاعرن پڻ لفظ 'ٻجهارت' انهيءَ معنيٰ ۾ استعمال ڪيو آهي:

ٻولي ٻجهارت، جوڳيان سندي ذات جي
ڏورڻ گهٽو ڏاڪڙو، هلڻ ۾ حيرت
عجب عبارت، پَهه پروڙڻ ان جو.

(شاهه جو رسالو: سُر رامڪلي)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وائنتا وِلات جا، ڪي جي ٻڌائون
ٻولي ٻجهارت جي ڀڳڻ ٻوليائون
اولن سين لائون، لهي گهاتو گهڙيا.

(رسالو غلام محمد خانه زئي: سُرگهاتو)

لفظ ’ٻجهارت‘ جڏهن ڳُجهه، راز يا مام جي معنيٰ ۾ سنڌيءَ ۾ رائج ٿيو ته غالباً عوام ۾ پڻ ’ڳجهه‘ لفظ مان، ’ٻجهارت‘ سان نهڪندڙ لفظ، ’ڳجهارت‘ عام مشهور ٿيو.

ڳجهارت جي فن جي ابتدا

چٽي نٿو سگهجي ته موجوده سٽاءَ واري ’ڳجهارت‘ ڪڏهن ۽ ڪيئن وجود ۾ آئي، مگر غالباً ان جي ابتدا مخفي سنيهي يا پيغام سان ٿي، جنهن جا ٻه پهلو هئا:

پهريون ته محبت جي راهه ۾ ڳجهارت نينهن جي نياپن، مجازي رازن، ڏکن ۽ ڏوراپن جي ادا ڪرڻ جو خاص ذريعو بني. انهيءَ لحاظ سان هن فن جي تاريخ به هڪ حد تائين محبت ۽ مجاز جي تاريخ سان وابسته آهي، جا ڪافي جهوني پراڻي آهي. سنڌ جي رومانن ۽ افسانن جي عروج وارو دؤر سومرن جو آهي جنهنڪري هن فن جي تاريخ جي ابتدا جو دؤر پڻ اهوئي سمجهڻ گهرجي.

ٻيو ته ڳجهارت ذريعي اهي مخفي پيغام ۽ نياپا پڻ ادا ڪيا ويا جن جو تعلق سماجي يا سياسي معاملن سان هو. انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته سنڌ جي درٻارن ۾ ’فن ڳجهارت‘ اهوئي مقصد ادا ڪيو جو اڄڪلهه جا ”مخفي ڪوڊس“ (Codes) ۽ ملٽري جا ”ڪوڊ ورڊ“ (Code Words) ادا ڪن ٿا.[1]

مخفي پيغام ڪان سواءِ، ظاهري پيغام سان گڏ مقصد جي وضاحت خاطر ڪا شيءِ موڪلڻ، يا ظاهري پيغام بدران مام طور ڪا شيءِ موڪلڻ جنهن جي اهڃاڻ مان آڏي ڏر دانائيءَ سان مطلب پروڙي- اهو سلسلو ٻين ملڪن

[1] هن سلسلي ۾ مخدوم محمد زمان ’طالب المولىٰ‘ جي هيءَ راءِ قابل قدر آهي: ”سمجهڻ ۾ اچي ٿو ته ڳجهارت جنهن اول ايجاد ڪئي آهي، انهيءَ مخفي پيغام ڏيڻ جو هڪ نمونو ايجاد ڪيو هجي ته عجب نه آهي. مثال طور جنگ ۾ جيئن ڪي خاص اشارا هوندا آهن جو دور دراز فاصلي تان انهن جي ذريعي هڪٻئي کي چٽي سمجهائي سگهجي ۽ ڪو ٻيو ماڻهو معلوم نه ڪري سگهي.“ (”سنڌي سلوڪ ۾ ڳجهارت“، رسالو نئين زندگي، ماهه اپريل 1951ع).

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وانگر سنڌ ۾ پڻ آڳاٽي وقت کان وٺي رائج رهيو. مثال طور سنڌ جي تاريخي دؤر ۾ ٺٽي جي حاڪم ميرزا محمد باقي پنهنجي التجا سان گڏ، وڌيڪ وضاحت خاطر، اڪبر بادشاهه ڏانهن ’ناپو‘، ’ٻهه‘ وغيره پڻ ڏياري موڪليا: يعني ته هتي جي ماڻهن جو گذر غريباڻو آهي، ۽ سنڌ فتح ڪرڻ سان بادشاهه کي ڇا حاصل ٿيندو! ٽالپوري عهد جو مثال آهي ته روهڙيءَ جو مير جان الله شاهه رضوي (فارسي زبان جو شاعر ۽ درويش) جهوڪ جي عارف شاهه عنايت شهيد جو مريد ۽ هر سال جهوڪ شريف جي زيارت لاءِ ايندو هو. شاهه فضل الله قلندر جي سجاده نشيني واري دؤر ۾ هڪ سال پيريءَ سببان پهچي نه سگهيو. بزرگ ڏانهنس سوڪڙيون ڏياري موڪليون جن ۾ هڪ ڪشتي به شامل هئي. مير جان الله شاهه مام پروڙي ڇيو ته: ’ابا، حڪم آيو آهي ته ٻيڙيءَ ذريعي پڻ اچو.‘

سنڌ ۾ انهيءَ سلسلي کي اڃا به وڌيڪ ڳوڙهو بڻايو ويو ۽ ڪنهن هڪ شيءِ جي بدران هڪ کان وڌيڪ شيون ڳنڍ ٻڌي موڪليون ويون، جيئن پيغام جا هڪ کان وڌيڪ پهلو روشن ٿي سگهن. اهو سلسلو اڪثر مجازي پيغامن خاطر عوام ۾ رائج ٿيو. ان کي ’ڳنڍ‘ يا ’موڙي‘ سڏيو ويو، جو ويندي موجوده دؤر تائين رائج آهي. پر جيئن ته شيون موڪلڻ يا انهن جي مطلب کي وهجائڻ آسان نه هو، انهيءَ ڪري وقت گذرڻ سان راز ۽ رمز خاطر معنوي سٽاءَ واريون پروليون پيغامن طور رائج ٿيون[1] .

ان بعد جڏهن سنڌي ٻولي ۾ بيان جي وسعت پيدا ٿي ته سالڪن ۽ سگهڙن کي سنڌي لفظن جي انوکي سٽاءَ ۽ معنوي مناسبت متوجهه ڪيو، ۽ ساڳئي صوت يا صورت (آواز ۽ صورتخطي) مگر مختلف معنيٰ وارن لفظن جو پن ۽ پردي خاطر گفتگو ۾ استعمال شروع ٿيو جو ’ڳجهارتن‘ جي سٽاءَ لاءِ هڪ محرڪ ذريعو بڻيو. اهڙيءَ طرح بالآخر سگهڙن رٿيل مقصد واري جملي کي ”تجنيس لفظي“ جو لباس ڍڪائي، ’تلميح‘ (ڪنهن ڳالهه جي اشاري يا اهڃاڻ) خاطر استعمال ڪري، ’فن ڳجهارت‘ جو بنياد وڌو جيئن ته (پرولي

---

[1] ڏسو لوڪ ادب سلسلي جي ٻارهين ڪتاب ”پروليون، ڏٺون، معمائون ۽ ٻول“ جو مقدمو، ص ص 9-18.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واري خيالي مامر بدران) 'ڳجهارت' جو بنياد 'لفظي سٽاءُ' تي ٻڌو ويو ۽ ٻوليءَ جي ڄاڻن لاءِ اها سٽاءُ نسبتاً آسان هئي، انهيءَ ڪري ڳجهارت جي رهاڻ جيئن پوءِ تيئن ترقي ڪئي.

تاريخي لحاظ سان ڇٽي سگهجي ٿو تہ سومرن جي دؤر ۾ موجوده سنڌي ٻوليءَ ۾ بيان جي وسعت پيدا ٿي ۽ قصن ۽ داستانن جي شروعات ٿي. ٻوليءَ جي لساني ۽ لغوي سرمايي جي اضافي سان غالباً انهيءَ دؤر ۾ ئي 'ڳجهارت' جي فن جي شروعات ٿي. دودي- چنيسر جي قصي ۽ سومرن جي دؤر جي ٻين واقعن بابت ڳجهارتون اڄا تائين رائج آهن[1] . مگر جيئن تہ هن فن متعلق ڪو آڳاٽو لکيل رڪارڊ موجود ڪونهي، انهيءَ ڪري اهو چوڻ مشڪل آهي تہ ڪو فلاڻي يا فلاڻي ڳجهارت انهيءَ دؤر جي سِٽيل آهي. البت سمن جي دؤر جي واقعات متعلق ڪن ڳجهارتن جي اندروني شهادت مان گمان نڪري ٿو تہ غالباً اهي انهيءَ دؤر جون سٽيل آهن. مثلاً هيٺين ڳجهارتن جو مقصد ۽ مفهوم انهيءَ گمان جي تائيد ڪري ٿو:

ڏيٺي: **نالا اي نرنان! نالن نان ڦٽا ڪيا،**

پيڇٺي: سما اي سلطان! باغن ڦل ڦٽا ڪيا.

ڄام لاکي قول ڪيو هو تہ جيڪو منهنجي پيءُ ڦل جي مرڻ جي خبر ٻڌائيندو تنهن منحوس کي مارائي ڇڏيندس. پوءِ هڪ سگهڙ چارڻ وچي ڪيس سهڻي رمز سان هن ڳجهارت ذريعي اها خبر ٻڌائي.

خوش قسمتيءَ سان اسان کي هڪ اهڙي ڳجهارت معلوم ٿي آهي جا ڪافي وثوق سان ڇٽي سگهجي ٿو تہ سنڌ جي مشهور سمي بادشاهہ ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جي ڏينهن جي آهي. ننڍي جي آسپاس جي ڪا معزز عورت پنهنجي رسوخ واري مرد (يا ڪو مرد پنهنجي ڪنهن رسوخ واري ساٿي) ڏانهن تي مخفي طرح هيٺين ڳجهارت ذريعي پيغام موڪلي ٿي تہ:

ڏيٺي: انهن ڏاتين سين، **پنهنجو وهٽ جيئن نہ وڻ جيئن**
اهي ڏاتيون اڳيئي ڪڪ جا ڪن
ڇٺو نرنانءَ کي تہ ڳاهہ جو ڏئين
۽ ڇوي ڏاتين کي تہ ولاتَ سي وڃن.

---

[1] ڏسو متن، ص ص 312-319

(ذاتيون = رنون. وهڻ جيئن = هنو. وڻ جيئن =، پن > پنو.

ذاتيون = رنون. ڪک جا = تـُوتـَڙ.

نرنانءُ = ڄام ننڊو. گاهہ = پونگرو > پونگڙو.

ذاتيون = رنون. ولات = سال)

مُراد: انهن رنن سان پنهنجو هـَنـُو نڪي پـَنـُو
اهـــي رنون اڳـيـئـي تـوتـڙ ڪــن[1] .
ڇنو ڄام ننڊي ڪي تہ پني پونگڙو ڏئين،
۽ ڇـــوي رنـــن ڪـــي تہ ســال سي وجن.

ڳجهارت جي هن مراد ۾ "منهنجو نڪي هنو نڪي پنو" توڙي "توتڙ ڪن" ٻئي سنڌيءَ جا جهونا محاورا آهن. ڄام ننڊي مان مراد يقيني ڄام نظام الدين آهي. 'سال سي وجن' يعني نٿي جي پسگردائي ڇڏي وڃي جهرڪن کان بہ اتر طرف 'سال' واري ايراضي ۾ رهن. "سال" واري ايراضي جهرڪن ۽ نئن بارڻ جي وچ تي درياءَ لڳ آهي. اهي سڀ اهڃاڻ ڄـَتائين ٿا تہ اها ڳجهارت تاريخي آهي. ڄام ننڊي جو عهد (868-914هـ) پندرهين صدي عيسويءَ جي پوئين نصف سان تعلق رکي ٿو، جنهن جي بناءِ تي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ غالباً پندرهين صدي عيسويءَ ۾ سنڌي ڳجهارت جو فن ڪمال تي پهچي چڪو هو. انهيءَ نڪتہ نظر کان پڻ هن فن جي شروعات سومرن جي دؤر ۾ قرين قياس معلوم ٿئي ٿي.

بهرحال سمن جي دؤر کان وٺي هن فن ۾ وڏي وسعت پيدا ٿي، ۽ فن قصہ- خواني جي رواج سان سنڌ جا مشهور قصا ۽ داستان (مثلاً سسئي- پنهون، عمر- مارئي، مومل- راڻو، ليلان- چنيسر، نوري- ڄام تماچي، ڦل وڏوو ۽ پوري، ٻوٻنا- ڄراڙ، مري- مگٽر، راءِ ڏياچ- سورٺ، مورڙو وغيره) ڳجهارتن جا مکيہ موضوع بنيا. عربي ۽ فارسي تعليم جي رواج سان نبين بابت روايتون ۽ ٻيون ٻاهريون حڪايتون (ليليٰ- مجنون، بانڪو شاهہ بهرام، سيف الملوڪ وغيره) ٻيا قديم قصا ۽ تاريخي واقعا ويندي بخت نصر ۽ بني اسرائيل جي جنگ و جدل جي واقعن تائين ڳجهارتن جا موضوع بنيا. مثلاً

---

[1] توتڙ = ڪوڙا بهتان ۽ جهيڙا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳجهارت آهي تہ:

نرنانءَ ذاتين کي مسجد ۾ قرآن جو ڪيو

(نرنانءَ = بخت نصر، ذاتيون = بني اسرائيل،

مسجد = بيت المقدس، قرآن جو (لفظ) مثقال ذرة (يعني ذرا ذرا)

مراد: 'بخت نصر بني اسرائيل کي بيت المقدس ۾ مثقال ڪيو.'

مغلن جي تسلط کان پوءِ جڏهن سنڌ ۾ وري سنڌ جي ڪلهوڙا خاندان جي حڪومت قائم ٿي تہ سنڌي ٻوليءَ جي علم ادب توڙي ٻئي هر مقامي فن وڏي ترقي ڪئي. غالباً هن دؤر ۾ ڳجهارت جو فن پنهنجي اوج کي پهتو. جيئن تہ 'ڳجهارتن' ۾ ڳجهارتن ٺاهيندڙن سگهڙن جا نالا موجود نہ آهن، انهيءَ ڪري انهن جو زمان ۽ مڪان متعين ڪرڻ مشڪل آهي. مگر 'ڳجهارت' جي ٻئي ساٿي فن يعني 'هنر' ۾ شاعرن جا نالا موجود آهن. 'هنر' جي فن کي ڪلهوڙن جي دؤر جي وڏي سالڪ ۽ سگهڙ جلال ڪنڀر اوج تي پهچايو. جيئن تہ 'ڳجهارت' توڙي 'هنر' جو بنياد 'تجنيس لفظي' تي آهي ۽ 'هنر' ۽ 'ڳجهارت' ٻئي سگهڙن جي رهاڻ جا لازم ملزوم جز آهن، انهيءَ ڪري چئبي سگهجي ٿو تہ 'هنر' سان گڏ 'ڳجهارت' جو فن پڻ سٽاءَ جي سهڻائي توڙي معنيٰ جي نزاڪت جي لحاظ سان ڪلهوڙن جي دور ۾ ترقي ڪري اوج کي پهتو. ان وقت کان وٺي ڳجهارتن جو ذوق شوق اڄ تائين قائم آهي، ۽ ان ۾ نت نوان اضافا ٿيندا رهن ٿا. اڳين سالڪن جون جوڙيل ڳجهارتون سٽاءُ توڙي معنيٰ جي سهڻائي ۾ لاجواب آهن، مگر پڇڻ ۾ نسبتاً آسان آهن. هن وقت سگهڙن جا ذهن تيز آهن ۽ سندن توجهہ پڻ ڳجهارتن کي وڌيڪ ڏکيو ڪري لڪائڻ طرف آهي. انهيءَ ڪري موجوده دور جي سٽيل ڳجهارتن ۾ لِڪ گهڻي آهي ۽ پڇڻ ۾ ڏکيون آهن، مگر سهڻائي ۽ نزاڪت ۾ اڳين سگهڙن ۽ سالڪن جون ڳجهارتون ڪثر آهن.

ڳجهارت جي بنيادي يا لفظي سٽاءُ

'ڳجهارت' ڪنايہ مطلب ادا ڪرڻ جو بهترين ذريعو آهي، ۽ انهيءَ لحاظ سان ڳجهارت جي سٽاءَ جا ٻہ بنيادي پهلو آهن: (الف) مقصد واري ڳالهہ ۽ (ب) پَن پردي سان ان جي ادائگي. عام اصطلاح ۾، پَن ۽ پردي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واري طرز ادا ڪي ٿي ’ڳجهارت‘ چيو وڃي ٿو. حالانڪ حقيقت ۾ اهو ڳجهارت جو محض هڪ پهلو يعني ’ڳجهارت جي ڏيٺي‘ آهي. ٻيو اهم پهلو آهي، ’مقصد واري ڳالهه جو اظهار‘ يا ’ڳجهارت جي پيچٽي‘. ’ڏيٺي‘ ۽ ’پيچٽي‘ جي سڃاڻ ڪي سمجهڻ لاءِ اول هيٺين مثالن تي غور ڪرڻ گهرجي:

’ڳجهارت‘ کي سڃڻ وقت ’مقصد واري ڳالهه‘ کي اول ذهن نشين ڪرڻو آهي، ۽ پوءِ ان کي ڍڪ ۾ پردي سان ادا ڪرڻ بابت سوچڻو آهي. مثلاً اسان جو مقصد ڪنهن دوست يا عزيز کي چوڻو آهي ته ”پيارا! سُکيو هوندين“. هن جملي ۾ ’پيارا‘ ۽ ’سکيو‘ ٻوليءَ جي لحاظ سان خاص اهميت رکن ٿا، ڇاڪاڻ ته هرهڪ جون ٻه معنائون آهن: پيارو معنيٰ پيار ڀاور ۽ پڻ پيارو مرد ماڻهو جو نالو (نرنانءَ = نر جو نالو) آهي. اهڙيءَ طرح ’سکيو‘ معنيٰ ’خوش‘ ۽ پڻ سکيو مرد ماڻهو جو نالو (نرنانءَ) آهي. هاڻي مقصد واري هن جملي ”پيارا! سکيو هوندين“ کي ڳجهارت جي فن موجب جڏهن لِڪ ۾ پردي سان ادا ڪنداسون ته چونداسون ”نرنانءَ! نرنان هوندين“. اها ٿي ڳجهارت جي ’ڏيٺي‘ (۽ ”پيارا! سکيو هوندين“ ان جي پيچٽي).

هن ڏيٺي ۾ ’نرنان‘ ’نرنان‘ ٻئي پردي ۽ ڍڪ وارا خاص لفظ آهن جن کي ڳجهارت جي اصطلاح ۾ ’پاوا‘، ’بندَ‘ يا ’تَپَ‘ چئبو. انهيءَ لحاظ سان اسان چونداسون ته هن ڳجهارت ۾ ٻه پاوا آهن، جن ۾ مردن جا نالا (نرنان) مخفي آهن. ڳجهارت پيچڻ لاءِ ڳولو (ڳوليندڙ) مردن جا نالا ونندو. عام سمجهه وارو ڳولو محض ’نرنان‘ واري ’پاٺي‘ کي ڌيان ۾ رکي مردن جا نالا وننڌو ويندو، پر سمجهو ۽ سگهڙ ڳولو ڳجهارت جي ڏيٺي جي سڃاڻ جي لحاظ سان اصل مقصد کي خيال ۾ رکندو. يعني ته سوچيندو ته ’ڏيٺي‘ جو رخ هيئن آهي ته: ”اي فلاڻا هيئن هوندين“. انهيءَ لحاظ سان هو مردن جا اهي نالا وننڌو جي اصل مقصد مطابق هجن. ۽ چوندو ته. ’سائو ستابو هوندين، خوش خورم هوندين، چڱو ڀلو هوندين‘ (ستابو. خوش محمد. خورم. چڱو ۽ ڀلو مڙيئي مردن جا نالا آهن). انهن نالن وٺڻ سان ڳجهارت ڪانه ڀڳي، پر جي چيائين ته ’سکيو هوندين‘ ته ڳجهارت ڀڳي. ڳجهارت جي ڪچهري جي قانون موجب

ڪوبہ هڪ پائو پڳو تہ جڻ سڄي ڳجهارت پڳي.

متئين مثال مان هينيان پهلو واضح ٿين ٿا: اول تہ ڳجهارت جي سٽاءَ ۾ ’مقصد واري ڳالهہ‘ کي خاص اهميت آهي. ڳجهارت سٽڻ يا ٺاهڻ، توڙي ڳجهارت پڇڻ يا ڳولڻ ۾، ’مقصد واري ڳالهہ‘ مرڪزي حيثيت رکي ٿي. ٻيو تہ ڳجهارت جي ڏيٺي ’پاون‘ تي ٻڌل آهي، يعني تہ ڏيٺي واري سٽاءَ جڻ هڪ اڏاوت آهي جا ’پاون‘ يا ٿنين تي بيٺل آهي. ڳجهارت جي ’ڏيٺي‘ جڻ ڳجهارت جي ’لفظي سٽاءُ‘ آهي، جنهن ۾ ’پائي‘ ۽ ان ۾ سمايل ’صنعت تجنيس‘ کي وڏو دخل آهي. ڳجهارت جي پيٽي جڻ ڳجهارت جي ’معنوي سٽاءُ‘ آهي جنهن جو تعلق ’مقصد واري ڳالهہ‘ سان آهي. مقصد واري ڳالهہ ڏانهن اشارو يا ان جو اهڃاڻ، يعني ’تلميح‘، ڳجهارت جي ’معنوي سٽاءُ‘ جي جان آهي. مطلب تہ ڳجهارت جي اڏاوت ۾ مقصد جي لحاظ سان، ’تجنيس‘ ۽ ’تلميح‘ ڳجهارت جي جندجان آهن. هيٺ اسان ٻهريائين ڳجهارت جي اڏاوت يعني ’لفظي سٽاءُ‘ تي روشني وجهون ٿا جنهن ۾ ’صنعت تجنيس‘ ۽ ’پائي جي بيهڪ ۽ بناوت‘ خاص اهميت رکن ٿا.

ڳجهارت جي سٽاءَ ۾ تجنيس جي اهميت

ڳجهارت جي لفظي سٽاءَ ۾ ’پائو‘ مرڪزي حيثيت رکي ٿو. ’پائو‘ هڪ پردي وارو لفظ آهي، جو ظاهري طور فقط هڪ معنيٰ ظاهر ڪري ٿو. متئين مثال ۾ هرهڪ ’پائي‘ مان ان جي ظاهري مراد ’مرد جو نالو‘ آهي. مگر اصلي مقصد جي لحاظ سان هرهڪ پائي ۾ ’مرد جي نالي‘ واري لفظ جي ’ٻي معنيٰ‘ پڻ آهي. انهيءَ لحاظ سان ’پائي‘ وارو لفظ ’ذو معنيٰ‘ آهي، يعني تہ ٻہ معنائون رکي ٿو. علمي اصطلاح ۾ اهڙي صورت کي ’تجنيس لفظي‘ چئجي ٿو. هاڻي واضح ٿيو تہ ڳجهارت جي ڏيٺي جي سٽاءَ ’پاون‘ تي ٻڌل آهي ۽ ’پائي‘ جو بنياد اڪثر ’تجنيس لفظي‘ تي آهي. لفظي سٽاءَ جي لحاظ سان ’تجنيس‘ جا هيٺيانءِ قسم ڳجهارت جي پاون جو بنياد بنجن ٿا:

(الف) تجنيس تام: متئين مثال ۾ پائي جي هرهڪ لفظ ’پيارا‘ توڙي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’سکيو‘ جون ٻہ مختلف معنائون آهن، اهڙو لفظ جنهن جي صورتخطي ۽ اُچار ساڳيو مگر معنائون مختلف هجن ان کي علمي اصطلاح ۾ ’تجنيس تام‘ چئجي ٿو. انهيءَ لحاظ سان متئين مثال وارن پاون ۾ ’تجنيس تام‘ سمايل آهي.

(ب) تجنيس زائد: ٻن هم صورت ۽ هم آواز لفظن مان هڪ جي شروع ۾ اکر زائد هجي، جيئن تہ ’زار‘ ۽ ’آزار‘.

(ج) تجنيس مرتب: ساڳي صورتخطي وارن لفظن مان هڪ مرڪب ۽ ٻيو منفرد لفظ، جيئن تہ ’ساهَڙَ‘ (اها هڙ) ۽ ’ساهڙ‘، (مرد جو نالو).

(د) تجنيس مضارع: ٻن لفظن جو ساڳيو آواز مگر صورتخطي ۽ معنيٰ مختلف، جيئن تہ ’لال‘ ۽ ’لعل‘.

(هہ) تجنيس ناقص: ٻن لفظن ۾ اٽپوري هڪجهڙائي، جيئن تہ ’ڪَنُ‘ ۽ ’ڪُنَ‘.

(و) تجنيس لاحق: هم وزن لفظن جي پهرئين اکرن جي تبديل، جيئن تہ ’ٻار‘ ۽ ’هار‘[1].

(ز) بعضي ڪن پاوَن جي سٽاءَ ۾ ’تجنيس مُطرب‘ وارو اصول (پوين حرفن ۾ تبديل) پڻ سگهڙن جائز سمجهيو آهي جيئن تہ ’دوربين‘ ۽ ’دور بيهہ‘[2].

اهڙي طرح ڳجهارت ۾ ’پائي‘ جي پيچٽي واري اصلي لفظ ۽ ڳالهہ جي مقصد واري اصولي لفظ ۾ متين ’تجنيسن‘ مطابق فرق جائز آهي. ڳجهارتن جي ڪافي وڏي حصي ۾ ’پاون‘ جو بنياد ’تجنيس لفظي‘ تي آهي، حالانڪ ڪن ’پاون‘ جو بنياد محض پائي واري اهڃاڻ ۽ مقصد واري لفظ جي معنوي مناسبت تي هوندو آهي.

[1] ڳجهارت جي بنيادي پائي ۾ هوبهو ’تجنيس لاحق‘ جي بدران اڪثر آڏو ڪي حرف گڏبا يا حذف ٿيندا آهن.

[2] ’تجنيس مطرب‘ ٻن مفرد لفظن جي پوين حرفن ۾ تبديل کي چئجي ٿو، جيئن تہ ’خار‘ ۽ ’خام‘. مگر ڳجهارت جي پائي ۾ اڪثر ’مرڪب لفظن‘ ۾ انهيءَ تبديلي جا مثال ملن ٿا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿئين وضاحت ذرا علمي ۽ پيچيده آهي، مگر اها ان حقيقت تي پڻ شاهد آهي تہ فن ڳجهارت علمي نقطهٔ نظر سان پڻ ڪافي ڳوڙهو ۽ معنيٰ خيز آهي. هيٺ اسان عام فهم لفظن ۾ 'پائي' جي جداجدا صورتن ۽ سٽائن ۾ ڳجهارت ۾ 'پائي' جي بيهڪ ۽ بناوت تي روشني وجهون ٿا.

ڳجهارت جي سٽاءُ ۾ "پائي" جي بيهڪ

مٿي چئي آيا آهيون تہ 'پائو'، 'بند' ۽ 'ٿپ' ٽيئي ساڳي ڳالهہ آهن. گرامر جي لحاظ سان، ڳجهارتن جا 'پاوا' جداجدا قسمن جا ٿيندا آهن، جيئن تہ: اسم خاص (مردن ۽ عورتن جا نالا)، اسم عام (پکي، مڇيون، جيت وغيره)، اضافي (جو، جي، جون)، صفاتي (ٿلهو، موچارو) ضميري (پنهنجي، پنهنجن، تنهنجي، تنهنجن)، يا عددي (هڪ، ٻہ، ٽي وغيره). ازانسواءِ ڪي منفرد لفظ، فعلي صيغا وغيره 'ٻولي' جي مجموعي 'پائي' هيٺ اچي وڃن ٿا. ٿلهي ليکي اسين چونداسون تہ مکيہ 'پاوا' ٽن قسمن جا آهن: (1) خاص اسم ۽ نالا، (2) عام اسم يا نالا، ۽ (3) نالن جون اضافي وصفون. خاص اسمن ۾ مردن، عورتن، شهرن، ولايتن وغيره جا نالا اچي وڃن ٿا جي ڳجهارت جي 'پاون' جي صورت ۾ 'نرناڻ'، 'نارناڻ'، 'نالو'، 'شهر'، 'ولايت' سڏبا. عام اسمن يا نالن ۾ مرن، مڇين، جيتن، پکين وغيره ساهوارن، ۽ گاهن، ٻوڪن، وڪرن ۽ ٻي هر جنس جا نالا اچي وڃن ٿا. ڳجهارت ۾ انهن جا 'پاوا' هر جنس جي مجموعي نالي جي صورت ۾ بيهندا جيئن تہ 'پکي'، 'مڇي'، 'ٻوڪ' وغيره. ٽئين قسم جي 'اضافي وصفن' وارا پاوا، 'جو'، 'جي'، 'جا'، وغيره اضافي حرفن سان نروار ٿين ٿا، جيئن تہ 'وڻ جو'، 'جنڊ جي'، 'اُپ جا'، 'جر جون' وغيره. ڳجهارتن ۾ اڪثر انهيءَ ٽن قسمن، يعني خاص اسمن، عام جنسن ۽ اضافي وصفن وارا 'پاوا' استعمال ٿين ٿا. انهن جي ڀيٽ ۾ عددن، صفتن ۽ ضميرن وارا 'پاوا' قدري انوکا ۽ ٿورين ڳجهارتن ۾ آيل آهن. جيئن تہ:

پاٺو عددي (سُر سسئي):

ڏيٺي: اٺ، نو، يارهن، تيرهن، ٽيهه، ٻٽيهه ڏاتيون ڇڏيو ته نالو ملي.

(8 +9 +11 +13 +30 +32=103 سوٽي > سوٽيون، ڏاتيون = وڳڙ، نالو = پنهون).

پيٺي: سوٽيون وڳڙ ڇڏيو ته پنهون ملي.

(يعني ته اي سهيليون اوهين مون سان بحث ڇڏيو ته آءٌ وڃان ۽ مون کي پنهون ملي).

پاٺو صفاتي (سُر سسئي):

ڏيٺي: وڏن منجهه نڏيي، آءٌ نڏين جا وڏا ڏسان.

(وڏن = ڪافن (جبلن)، نڏيي = کَهي، نڏين = گوئنرن، وڏا = گس)

پيٺي: ڪافن منجهه کهي، آءٌ گوئنرن جا گس ڏسان.

پاٺو ضميري (سُرمارئي):

ڏيٺي: ادا ڙي عمر! جڏهن هيس تنهنجن ۾، تڏهن تي مون کي پنهنجن ماريو.

(تنهنجن = اوطاقن > اوتاڪن > تاڪن = درن ۾ بندن، پنهنجن = اوجاڳن).

پيٺي: ادا ڙي عمر! جڏهن هيس تاڪن ۾ تڏهن تي مون کي اوجاڳن ماريو.

پاٺو 'ٻولي'.

هيءَ هڪ مجموعي پاٺو آهي. 'ٻولي' معنيٰ ته ٻولي جو ڪوبه لفظ جيئن ته جيتر، تيتر، اگر، مگر، جڏهن، ڪڏهن، هاڻي، هان، هون وغيره. يعني ته اهڙو لفظ جو بئي ڪنهن پاٺي هيٺ نه اچي، ته 'ٻولي' جي پاٺي سان ادا ٿيندو. البت ڳجهارت جي سهٽائي انهيءَ ۾ آهي ته 'ٻولي' جو پاٺو سهٽو ڪري بيهارجي، اٿين نه ٿئي جو ڏکيو ۽ انوکو لفظ اڃايو ڪري آڻجي. 'ٻولي' جي پاون جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

سُر سنسئي:

ڏيٺي: ٻولي پنهل اچي، ٻولي ڪريان ڪيئن.

(ٻولي = جيتر يا جاسين، ٻولي = تيتر يا تاسين).

پيٺي: جيتر پنهل اچي، تيتر ڪريان ڪيئن.

ڏيٺي: ٻولي تان نه ڪندياس، ٻولي هوت پنهونءَ سان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ٻولي = اگر، ٻولي = مگر).

پيچٽي: **اگر** تان نہ ڪندياس، **مگر** هوت پنهونءَ سان.

(سسئي تي چوي تہ: هوت پنهون سان 'اگر'، 'مگر' جهڙي بهانا ڪانہ ڪنديس).

پاڻو لفظي.

اهڙن عام مروج پاون کان سواءِ، فقط ڪي 'لفظ' يا 'لفظيٰ سناڻون' پڻ 'پاون' طور استعمال ٿين ٿا، جن ڪي اسين 'لفظي پاڻو' ڪوٺيون تہ مناسب ٿيندو. مثلاً:

سُر سسئي:

ڏيٽي: **ونءَ پڪي** مون **ڪاچ جا** ڏٺا.

(ونءَ = لهہ، پڪي = للو، (هنجهہ)> للا، ڪاچ جا = لوڙهہ).

پيچٽي: لهہ لَلا، مون لوڙهہ ڏٺا.

سسئي جو لوڙهہ (قبر) ڏسي پنهون پنهنجي ٻاءُ لَلي کي تو چوي تہ: للا! لهہ، جو مون لوڙهہ ڏٺو آهي. هن ڳجهارت جو پهريون پاڻو 'ونءَ' آهي يعني 'وڃ'. هلڻ، چلڻ، لهڻ، چڙهڻ، ڊوڙڻ وغيره سڀ 'وڃڻ' جي معنيٰ ۾ آهن، انهيءَ ڪري 'ونءَ' جي مناسبت سان ٻيو هم معنيٰ لفظ 'لهہ' پيچٽي طور آيو آهي.

ڏيٽي: **ڏڪار پاروٺو** مون، **پيءُ- مُئو** اوهين.

(ڏڪار= قحط > ڪهہ + تہ، پاروٺو = باسي، پيءُ- مُئو = ڇورو> ڇو +رئو).

پيچٽي: ڪَهہَ تہ باسي مون، ڇو رئو اوهين.

هن ڳجهارت ۾ ڏڪار ۽ پاروٺو ٻئي اڪيلا لفظ آهن، ۽ 'پيءُ- مئو' لفظي سناءَ (صفاتي) آهي، ۽ اهي تيئي 'پاوا' بنيا آهن. هيٺين ڳجهارت ۾ جملي پاوا لفظي سناءَ وارا آهن ۽ صفاتي معنيٰ ۾ آيل آهن. هيءَ ڳجهارت 'سُرن ۾ ناهي مگر ڪنهن 'مهل ۽ موقعي' تي چيل آهي:

ڏيٽي: **ڪُ ماٺهو ڪُ وڻ** چڙهيا، **ڪُ ٻوڪ** ۾ **ڪُ ڏڻ** لڙيا.

(ڪُ ماٺهو= مهاٽا، ڪُ وڻ= اڪ، ڪُ ٻوڪ= نانگلي، ڪُ ڏڻ= گڏهہ).

پيچٽي: مهاٽا اڪين چڙهيا، نانگلي ۾ گڏهہ لڙيا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻو ۾ ٻين ٻولين جا لفظ.

ڳجھارت ۾ 'پاون' جي بنياد ۾ مراد يعني 'ڏيٺي' ۾ 'ٻجهٽي' وارا الفاظ اڪثر سنڌي ٻوليءَ جائي هوندا آهن. مگر سگھڙن ڳجھارت تي ڪک رکڻ، يعني لڪائڻ خاطر ٻعضي سرائڪي، اردو، فارسي ۾ ويندي انگريزي لفظن کي پڻ پاون جو بنياد بنايو آهي. ذومعنيٰ هجڻ سبباں 'ٻجهٽي' ۾ اهڙن لفظن جي مراد اڪثر سنڌي مفهوم مطابق ٿيندي آهي. مثلاً 'اردو'، 'پاون' جي سناءَ سان هيٺيون ڳجھارتون ٻڌل آهن، جي اڳاٽي وقت کان ڪچهرين ۾ هلندڙ آهن.

مومل راڻو.

ڏيٺي: ٽنگي شوم ڪي، شهر مؤن مال جي.

(ٽنگي (ڇوڪري)= لڙڪي، شوم= راجا نند، ڪي= جي، شهر= ماٽيلو، مال جي= تڙي> مال کي تڙڻ).

ٻجهٽي: لڙڪي راجانند جي ماٽيلي مؤن تڙي.

موڪي ۽ متارا:

ڏيٺي: مَدني ڏَنِ ڪي ڏي نرنانءَ ڪي.

(مَد= رس> مدني = رسيل يا پريل، ڏَن ڪي (ناٽي جي)= ڪيوَتي (سوني)= ڪي +وتي، نرنان= متارو (ماڻهو جو نالو)> نرناون= متارن).

ٻجهٽي: پَرڪي وتي ڏي متارن کي.

ليلان چنيسر:

هيءَ ڳجھارت 'اردو' ۾ ٻڌل آهي:

ڏيٺي: وَن ڪي ڏن ڪي ڦر ڪيتي ڪي ڪيون؟

(ون ڪي(= وڻ ڪي> وڻ جو نالو)=سُڪمرد، ڏن ڪي (= ناٽي جي)= مَنا، ڪيتي ڪي(= ڪيتي جي 'روت')= روتي).

ٻجهٽي: سک مرد منا ڦر روتي ڪيون؟

اهڙيءَ طرح سرائڪي زبان ۾ ڳجھارتون ٻڌل آهن، مثلاً مارئي جي سُر جي ڳجھارت آهي تہ:

ڏيٺي: مئن نہ تيڏي ذات، تون لوهہ دي ڪر.

(ذات= جو (يا)، لوھ دي= چابي).

پيچٽي: مئن نہ تيڏي جويان، تون چا ہي ڪر.

هيئين ڳجهارتن ۾ ڪن 'پاون' جون پيچٽيون انگريزي لفظن مطابق آهن. مثلاً:

<u>سهٽي.</u>

ڏيٽي: رَچ تو چئي تہ **نالن** ماري سهٽي.

(رچ يعني تانءُ = جڳ (Jug) > جڳ، نالو = ويرُو، نالن= وِيرن).

پيچٽي: جڳ تو چئي تہ وِيرن ماري سهٽي.

<u>مارئي:</u>

ڏيٽي: عمر سومرا! **ڪِني ڪانيءَ** ۾.

(ڪِني=گلا، ڪاني= پينسل (Pencil) > پئي +نسل).

<u>پيچٽي:</u>عمر سومرا! گلاپئي نسل ۾.

<u>مومل راڻو</u>[1] .

ڏيٽي: مومل بہ **ڪاني**، پر **ڪاچ جو** ڪيني مينڌرا.

(ڪاني= هاڪي (راند جي Hockey) > هاءِ +ڪي، ڪاچ جو= ناشتو (نيرن)> ناس +تو).

پيچٽي: مومل بہ هاءِ ڪي، پر ناس تو ڪئي مينڌرا.

(مومل بہ هاءِ ڪي يعني گهٽا ماريا، پر تو ڪيس ماريو)

مٿئين ڳجهارت ۾ هڪڙي پائي جي پيچٽي انگريزي لفظ ۾ تہ ٻئي جي فارسي لفظ ۾ آهي. اها ڳجهارت اسان جي روبرو هڪ ڪچهريءَ ۾ لعلڻ خان لغاري کي بيڙي ڪنير ڏني. لعلڻ خان لغاري ذات ذات جي ڪاني ڳولي هڪ بيت ۾ بند ڪئي هئي، انهيءَ ڪري ڪانئس لڪائڻ خاطر سگهڙ بيڙي ڳجهارت ۾ ڪاني جو 'پائو' انگريزي ۾ رکيو. بهرحال 'پائي' جو صحيح اصول اهو آهي تہ پل پائي جو اصلي لفظ کهڙي بہ ٻولي جو هجي مگر اُهو اهڙو ذومعنيٰ هجي جو پيچٽي ۾ ان جي مراد سنڌي ٻولي موجب پوري بيهي، جيئن تہ مٿين ڳجهارتن ۾ 'جڳ'، جي مراد 'جڳ'، 'هاڪي' جي مراد 'هاءِ

---

[1] ڏسو ص ص 618- 655

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي ’ بيٺي. ڪن ڪچهرين ۾ هيٺين ڳجهارت خوش طبعي طور پيش ٿي مگر ان ۾ ’پاون‘ جو بنياد توڙي مراد ٻئي انگريزي لفظن مطابق آهن. انهيءَ ڪري اصول موجب اها صحيح ناهي:

ڏيٺي: مومل هڏ ليڪو هئي، پر لڳي ليڪو راڻي ڪي.

(ليڪو=وَن (one) = هڪ. ليڪو= ٽُو ((two) = ٻه).

پيچٺي: مومل هڏ ’ون‘ هئي، پر لڳي ’ٽُو‘ راڻي ڪي.

پاڻي ۾ تجنيس لفظي جون رعايتون

پاڻي وارو لفظ هميشه ذومعنيٰ هوندو آهي: يعني ته هڪ ان جي اصلي يا بنيادي معنيٰ ۽ ٻي ان جي ’مراد‘ واري معنيٰ هوندي آهي. ڪنهن ’پاڻي‘ جي ’بنياد‘ توڙي ’مراد‘ وارو لفظ بلڪل ساڳيو ٿي سگهي ٿو. جيئن ته ليلان ’ چنيسر جي هيٺين ڳجهارت جي مراد ۾ پاون وارا الفاظ ’جواب‘، ’سوال‘ ۽ ’نفعو‘ بنا ڪنهن تبديل جي هوبهو ساڳيا بيٺا آهن (تجنيسِ تام).

ڏيٺي: ٻولي اٿئي ليلان، هاڻي ويني ٻولي ڪر، پنهنجو تيندئي ڪونه.

(ٻولي= جواب، ٻولي= سوال، پنهنجو = نفعو).

پيچٺي: جواب اٿئي ليلان، هاڻي ويني سوال ڪر، نفعو ٿيندئي ڪونه.

مگر اڪثر پاون ۾ ’بنياد‘ ۽ ’مراد‘ وارن لفظن ۾، ’تجنيس لفظي‘ جي رعايت ملحوظ هوندي آهي. اسان مٿي چئي آيا آهيون ته ڳجهارتن جي پاون ۾ ’تجنيس لفظي‘ جون مڙيئي صورتون ملن ٿيون. هيٺ اسان انهيءَ نُڪتي کي ورجائڻ خاطر ’پاون‘ جي بنيادي لفظن ۽ انهن جي مرادن جي مختلف صورتن کي مثالن ذريعي نروار ڪريون ٿا.

عام طور پاڻي جو ’بنيادي‘ لفظ ’مراد‘ ۾ پڻ ساڳي صورت ۾ بيهي ٿو مگر ذومعنيٰ هجڻ سببان نئين معنيٰ ڏيکاري ٿو. اها ’تجنيس تام‘ جي صورت آهي، مگر ’پاڻي‘ جي بنيادي لفظن ۾ ’مراد‘ خاطر سگهڙن ڪي ڦيريون گهيريون جائز قرار ڏنيون آهن، جي علمي لحاظ سان مختلف تجنيسن جي دائري ۾ اچن ٿيون. مثلاً

1. پائي واري لفظ ۾ زير، زبر، پيش يا ا، و، ء ي وغيره جي ڦيرگهير سان مراد ڪرڻ (تجنيس ناقص).

پاڻن جي بنيادي لفظن ۾ 'مراد' خاطر هيءَ ڦيرگهير عام آهي: مثلاً عمر مارئي جي سر مان ڳجھارت آهي تہ:

ڏيٺي: ادا عمر! **سٽيپ ان جون** ڪري، **نرنان**ءِ ٿيو ڪونہ ڪو.

(سٽيپ ۾ ان جي= چـُوري، سٽيپ ۾ ان جون= چـُوريون> چوريـون (بنـا پيش)، نرنانءُ = ونهيون).

پيچٽي: ادا عمر! چوريون ڪري، ونهيون ٿيو ڪونہ ڪو.

ڏيٺي: **نارنان نالن** کي **ذات** تہ ڏي (موکي ۽ متارا).

(نارنان=موکي، نالو=متارُو، نالَن=متارن، ذات= سَرڪي> سُرڪي).

پيچٽي: موکي متارن کي سُرڪي تہ ڏي

2. پائي واري بنيادي لفظ جو مراد ۾ پيچي بہ لفظ ٿيڻ.

ڏيٺي: **نالو** اتيئي منگتا، هاٽي **ذات** ڪر. (سُر سورٺ).

(نالو=آڍو> آ +ڍو، ذات=مزاري=مرَ +زارِي).

پيچٽي: آ ڍؤ اتئي منگتا، مرَ زاري ڪر.

ڏيٺي: **ڪاٺ** پائينداس، **وڻ جا** ڪنديس ڪينڪي. (مارئي)

(ڪاٺ=نهيرو> 1. نہ +2. هيرو، وڻ جا=چير).

پيچٽي: نہ هيرو پائينداس، چيرا ڪنديس ڪينڪي.

3. بہ پاوا ملائي مراد وارو لفظ ٺاهڻ

ڏيٺي: ليلان انهيءَ **وٽئون تندئون چمر جو** وجيئي. (ليلان چنيسر).

(وڻ=اڪ، تند=لئون> اڪ +لئون> عقلئون، چمر جو=مڙھ).

پيچٽي: ليلان انهيءَ عقلؤن، مڙھ وجيئي.

4. ٻن پاون مان هڪ جو اکر ٻئي سان ملائي 'مراد' ڪرڻ.

ڏيٺي: اتي **نالي ڪاني** متان **نالي هوت اچيئي**. (سسئي)

(نالو= ڪالو، ڪاني= چڪر> ڪالو + چڪر> ڪا + لوچ + ڪر، نالو= نظر).

پيڄٽي: اٽي ڪا لوچ ڪر متان نظر هوت اچيئي.

ڏيٽي: هي **نرنالي پاٽي جون** آيون، تن اچي **ذاتيون** ڏنيون انـِـي ڪي آئون، **گهـُمي** وينې. (ليلان چنيسر).

(نرنالي=نصير، پاٽي جون=نيون> نصير +نيون> نہ سي ر +نيون> نہ سي رنون، ذاتيون=پڙهيار> پڙهي هار، گهمي=ور ڏيئي).

پيڄٽي: هي نہ سي رنون آيون، تن اچي پڙهي هار ڏنو اني ڪي آءٌ ور ڏيئي وينې.

5. پائڻي واري لفظ جو 'ڏيٽي' ۾ پير واري لفظ سان ملي 'مراد' بنجڻ.

ڏيٽي: **مال جي** ويا اٿم جيڏيون، آءٌ **پنهنجي** ڏيندي سان. (سسئي)

(مال جو= اوهہ اوهہ (= هـُو)، پنهنجي= 'نـِـچ'، مچ + ڏينـدي> نـہ + چڏيندي).

پيڄٽي: اوهہ ڙِي ويا اٿم جيڏيون، آءٌ نہ چڏيندي سان.

ڏيٽي: ڏي رَچ سومرا، مون ڪي **نالو** تہ نہ (مارئي).

(رچ= حقو، ڏي +حقو> ڏيهہ +ڪو، نالو=وِيسريو> وسريو.

پيڄٽي: ڏيهہ ڪو سومرا، مون ڪي وسريو تہ نہ.

6. پائڻي واري بنيادي لفظ ۾ 'مراد' خاطر ڪن حرفن جو بدلجڻ

ڏيٽي: مون توکي ڄيو تہ اها **ذات نالو** نہ ڪر. (ليلان چنيسر)

(ذات= درزي> درجي> در +جي، نالو= محرم).

پيڄٽي: مون توکي چيو تہ اها در جي محرم نہ ڪر.

(چنيسر ٿو ليلانَ کي چوي تہ مون توکي چيـو هو تہ اها ڪوئـرو در جي محرم نہ ڪر).

ڏيٽي: **لوهہ جي** ليلان، اجا تي **مال جا** ڪرين.

(لوهہ جي=دوربين> دوربيهہ (تجنيس مطرب)، مال جا= آسرا).

پيڄٽي: دوربيهہ ليلان، اجان تي آسرا ڪرين.

7. پائڻي واري بنيادي لفظ ۾ هڪ يا ٻن (بعضي ٽن) حرفن جو وڌائڻ (تجنيس زائد)

سر سسئي مان هيٺين ڳجهارت آهي تہ:

ڏيٽي: **ڪپڙو** ڏيرن من ۾، **ڪپڙو** ڪنهن نہ چيون.

1 2
ڪپڙو ٻري مون اندر، ڪپڙو ڏيهہ سندونِ.
3 4
(ڪپڙو= چـَني> 1. ڪ + چني> ڪَـچُ + ني.
2. س + چني> سَـچُ + ني.
3. م + چني> مچُ + ني.
4. ڪ ي + چني> ڪيچُ + ني).

پڇـٽي: ڪچُ ني ڏيرن من ۾، سچُ ني ڪنهن نہ چيون.
مچُ نـي ٻري مـون اندر، ڪيچُ ني ڏيهہ سندونِ.

8. پائي واري بنيادي لفظ مان هڪ يا ٻہ حرف ڪيرائڻ

ليلان چنيسر جي سُر مان ڳجهارت آهي تہ:

ڏيٺي: ذات پلايس جيڏيـون، ڪـاچ خـدا خلقيا.
سرتين نہ سمجهائيو، ست جي ڪي هٽ لاءِ.
(ذات= لوهار> هار، ڪاچ= چوهارا> چوهار، ست جي=مـُهار> مَ +هار).

پڇٽي: هار پلايس جيڏيون، چو هــار خدا خلقيا
سرتين نہ سمجهائيو، مَ هار ڪي هٽ لاءِ.

مراد (پڇٽي) خاطر 'پاون' ۾ مٽيون سڀ تبديليون جـائز آهـن، بشـرطيڪ سهڻي سٽاءَ سان بيهارجن. اهي ڳجهـارتون جن ۾ مـراد خاطر 'پائي' واري بنيـادي لفظ ۾ حد ڪان وڌيڪ ڀڃ ڊاهہ ڪرڻي پوي، سي ڳجهارت جي اصول موجب صحيح نہ چئبيون. علمي لحاظ سان اصول هيئن ٿيندو تہ پاون جي بنيادي لفظن ۾ فقط اها تبديل جائز آهي جا ڪنهن نہ ڪنهن 'تجنيس' مطابق هجي.

ڳجهارتن جي فني ۽ معنوي سٽاءُ

ڳجهارت جي 'لفظي سٽاءَ' ان جو بنيادي قالب يا سانچو آهي، ۽ لازمي آهي تـہ هر ڳجهـارت انهيءَ سـانچي ۾ سموهيـل هجـي. پر هن فن جـي مـاهر سگهڙن، ڳجهارتن کي محض انهـيءَ بنيـادي سـانچي ۾ سموهڻ تـي اڪتفا نـہ ڪئي آهي، مگر پنهنجي هنرمنديءَ سان ان کي وڌيـڪ سهڻو ڪـري سـينگاريو

آهي. انهيءَ سهٽائي ۽ سينگار کي اسان ڳجهارت جي ’فني سنـاءَ‘ چئون ٿا. جنهن جا مکيہ پهلو آهن: هڪ ان جي هيئت ۽ صورت ۾ جدت، ۽ ٻيو ان جي مراد ۽ معنيٰ ۾ نزاڪت.

1. هيئت ۾ فني اضافو

جيڪڏهن ڪنهن ڳجهارت ۾ فقط هڪ ’پائو‘ آهي: تہ بہ سنـاءَ ۽ صورت ۾ ’ڳجهارت‘ پوري چئبي. مثلاً سسئي جي سُر مان هڪ ڳجهارت آهي تہ:

ڏيٺي: مون سان اها هلي؛ جيڪا هلي واٽڪي ڪري.

(واٽڪي= چوٽي).

پيچٺي: مون سان اها هلي، جيڪا هلي چوٽي ڪري.

غالباً ڳجهارت جي شروعات ٿي هڪ ’پائي‘ سان ٿي پر پوءِ جيئن ڳجهارت جو شوق وڌيو تہ سگهڙن هڪ ڪان وڌيڪ پاوا رکيا. اهڙيءَ طرح ٻن يا ٽن پاون واريون ڳجهارتون عام ٿي ويون، پر سگهڙن اجا بہ وک وڌائي، ستن، اٺن يا اجا بہ وڌيڪ پاون واريون ڳجهارتون جوڙي ڳجهارت جي سنـاءَ ۾ فني اضافو ڪيو. ويتر وڌيڪ نزاڪت پيدا ڪرڻ خاطر هر جاءِ ساڳيو پائو استعمال ڪيائون، جيئن تہ:

1. ڏيٺي: ڪـــڪــين ويـــاڙي جيڏيــون، ڪڪين ويندسان،
ڪڪين سنديون ڳالهڙيون، وجي ڪڪين چونديسان. (سنسئي)
(ڪڪين= تڏي> تڏو ڪکن جو).

پيچٺي: تڏي ويـا ڙي جـيـڏيـــون، تـــڏي ويديسان،
تڏي سنديون ڳالهڙيون، وجي تڏي چونديسان.

2. ڏيٺي: ڪاٺي هلي، ڪاٺي چلي، ڪاٺي ڪدي پار،
ڪاٺـــي هلندي ڪيچ ڏي، ڪاٺي ڪُـٽي ٻار. (سسئي)
(ڪاٺي= ڪاٺ).

پيچٺي: ڪا ٺَ هلي، ڪا ٺَ چلي، ڪا ٺَ ڪدي پار،
ڪا ٺَ هلندي ڪـيـچ ڏي، ڪا ٺَ ڪُـٽي ٻار.

هنن ڳجهارتن ۾ نہ صرف پائي جي نزاڪت آهي، مگر انهن ۾ نظم ۽ قافيو پڻ آهي. داناءُ سگهڙن ڳجهارتن جي هيئت ۽ صورت ۾ اجا بہ وڌيڪ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نزاڪت پيدا ڪرڻ خاطر ان کي باقاعدي بيتن جي قالب ۾ سموهيو، مثلاً:

ليلان چنيسر جي سر جي ڳجهارت آهي تہ:

3. ڏيڍي: متيءَ جو ڳهہ تنهنجو، جيري توئي ساڻ،
جنهن سان مون ياندڻ، سو ڏينم ميجي ڪانڌ ڙي!
(متيءَ جو= ڪامو> ڪامي، ڳهہ= هار جيري= سڙي، ميجي= پلو)

پيچٽي: ڪامي هار تنهنجو، سڙي توئي ساڻ،
جنهن سان مون ياندڻ، سو ڏينم پلئہ ڪانڌ ڙي!

مارئي جي سر جي ڳجهارت آهي تہ:

4. ڏيڍي: ذات ساريم سومرا، جي ذاتيين هوءِ،
تہ پاسي مارن لوءِ، وڃي ذات لاهيان سومرا.
(ذات= جانجهڻ> جا + جهڻ، ذات= سامٽيا، ذاتيين> سامٽيين> سا + ماٽيين، ذات= پيسڪ> پي + سڪ).

پيچٽي: جا جهڻ ساريم سومرا، جي سا ماٽيين هوءِ،
تہ پاسي مارن لوءِ، وڃي پي سڪ لاهيان سومرا.

مومل راڻي جي سر جي ڳجهارت:

5. ڏيڍي: پنڌ ذاتين جا پڌرا، جتي پوڪ پڪيءَ جا پونِ، هن بہ نالا ڪوڙيا، بينا نالا رُونِ.
جي عضوي عورت پونِ، تن جو نرنانءُ ٿي نہ ٿي.
(پنڌ=گامر، ذاتيون= گـجر، پوڪ جا= لـڙڻ (لڙي پوڻ)> لڙيو، پڪي= باشا، نالو= کيمو، نالا= کيما، نالو=راوت، عضوو= منهن، عورت= مومل، نرنانءِ= موٽڻ).

پيچٽي: گامر گجر جا پڌرا، جتي لڙيو باشاه پُون
هن بہ خيما ڪوڙيا، بينا راوت رُون
جي منهن مومل جي پون، تن جو موٽڻ مس ٿئي.

6. ڏيڍي: اديون ڙي! انهن ذاتين جو مون سان اڳي نالو هو،
ڪري ٻوليون پاڻ ۾، هن ئي نالو نيو

سـڌ نـہ پيبـمر سـرتيون تـہ مـون سـان وڻ تيـو
پوک پنان تي پانهنجي، مون کي **ذاتيون** ڇو نہ ڏيو
اهڙو ڪونہ ٿيو، جنهن ڪئي **ڳهہ جي** ٻن **نرناون** ڪي.
(سسئي)

(ذاتين= جتن، نالو= وڻو> وِٿو (وير)، ٻوليون= پارسيون، نالو- هوت، وڻ = هيرڻ> هي +رِڻ، پوک= چانور> چان (چوان) + وَرَ، ذاتيون= ڏيرا، ڳهہ جي= نٿ> منٿ، ٻہ نرنان (ٻہ نالا)= خان ۽ پنهون)

پيچٽي: اديون ڙي! انهن جتن جو مون سان اڳي وِٿو هو
ڪري پارسيون پاڻ ۾، هـُن ئي هوت نيو
سـڌ نـہ پيبـمر سـرتيون تـہ مـون سـان هـي رڻ ٿيـو
چان: وَر پنان تي پانهنجو، مون کي ڏيرا! ڇو نہ ڏيو
اهڙو ڪونہ ٿيو، جنهن ڪئي منٿ خان پنهونءَ کي.

محبت ۽ مجاز جي سلسلي جي ڳجهارت آهي تہ:

7. ڏيٽي: **ڪاٺ ڪاٺي** جون ڳالهڙيون،
هڪڙيون **پڪين** ٻيون **مائٽن**، ڪجن نہ **مال جن**
اسان ۽ پرين، ڪٽي **شهر** ڦٽو ڪيو.

(ڪاٺ جي= ڳجهہ، ڪاٺ جو=در> اندر، پڪين= طوطن> تو + تـَن، مائٽن= مامن> مان + مـَن، مال جون= ٻيڪون، مال جن= ٻيڪن> ٻئي + ڪَنِ، شهر= گڏيجي> گڏي + جيءَ)

پيچٽي: ڳجهہ اندر جون ڳالهڙيون،
هڪڙيون تو تن ٻيون مان من، ڪجن نہ ٻئي ڪن
اسان ۽ پرين، گڏي جيءَ ڦٽو ڪيو.

هن آخري ڳجهارت جي مراد نہ صرف 'بيت' جي صورت ۾ آهي پر جڻ سنڌي بيت ۾ صنعتِ مستزاد جو پيوند هنيو ويو آهي جو نهايت ئي پيارو پيو لڳي. ان کان، مطلب ۽ معنيٰ پڻ دلپذير آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

2. ’مراد‘ ۾ معنوي نزاڪت

سڄاڻ سگهڙن، ڳجهارت جي مراد ۽ معنيٰ واري مضمون جي مدنظر، ڳجهارت جي ’ڏيٺي‘ توڙي ’پيچٽي‘ ۾ نوان نڪات پيدا ڪيا. نہ فقط سسئي، مارئي، مومل راڻو وغيره داستانن جي هرپهلو تي ڳجهارتون ٻڌائون، مگر هر هڪ داستان ۾ ڳالهہ جي سلسلي کي ڳجهارتن جي سلسلي سان روشن ڪيائون. يعني تہ سسئي ۽ سندس سهيلين، عمر ۽ مارئي، يا مومل ۽ راڻي جي پاڻ ۾ گفتگو ۽ سوالن- جوابن وغيره کي ڳجهارتن جي سلسلي سان ادا ڪيائون، مثلاً سهيليون تيون سسئي کان پڇن تہ ادي ڙي متان.

چم ڪپڙي جي تو نہ ڪئي، تڏهن توکان هوت ويا؟
ڪاڄ حاڪم جي تو نہ ڪئي، تڏهن توکان هوت ويا؟
ولايت پنهنجي تو نہ ڪئي، تڏهن توکان هوت ويا؟
يعني تہ
ڳلي تو نہ جهلي، تڏهن توکان هوت ويا؟
رس رهاڻ تو نہ ڪئي، تڏهن توکان هوت ويا؟
ڪيچ تياري تو نہ ڪئي، تڏهن توکان هوت ويا؟

تڏهن سسئي جواب ڏنو تہ:

اديون ڙي! علم ذات جا مون ڪيا، پر نالا ڪين
مون کي پار جي ڇڏي، حاڪم جي هوت ويا.

(علم جا = قل (قل هو الله پڙهڻ)> ڪُل، ذات جا= جت> جتن (حيلا)، نالو= سرتو، نالا= سرتا، پار جي= سُتي، حاڪم جي= چڙهي)

يعني تہ:

اديون ڙي! ڪُل جتن مون ڪيا، پر سرتا ڪين،
مون کي سُتي ڇڏي، چڙهي هوت ويا.

سگهڙن جڏهن مختلف قسم ۽ داستانن بابت ڳجهارتون سٽيون، تہ ڪين ڳالهين ۾ هڪجهڙايون نظر آيون، ۽ انهيءَ خيال کي ڳجهارت ذريعي ادا ڪيائون. مثلاً سهڻي، سسئي، ليلان ۽ سورٺ چنيسر بابت هڪ نڪتو ذهن ۾ رکي هينئين ڳجهارت ’لفظي ستاءَ‘ جي بدران ’معنوي انداز‘ ۾ رچيائون تہ:

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيٺي: هڪڙي ڳهه چار مُنيون.

(هڪڙو ڳهه = هار> مي + هار = ميهار. مرُ+ هار= مُهار، مڱڻ + هار= مڱٿهار، چار= 1. سهڻي 2. سسئي 3. ليلان 4. سورٺ).

پيڄي: سهڻي تان ميهار مني، سسئي تان مُهار مني،

سورٺ مڱٿهار مني، ليلان لکي هار مني.

يا وري سهڻي، بوبنا، ليلان، نوري، مومل ۽ سسئي جي ڪردارن کي ذهن ۾ رکي ساڳئي نوع تي ڳجھارتون ستيائون تہ:

نارنان نرنانءَ لاءِ **پاڻي جيئن** پيئي= **سهڻي ساهڙ** لاءِ **اوڙاهين** پيئي

نارنان نرنانءَ لاءِ **پُوڻ** جي تي پيئي= **بوبنا جراڙ** لاءِ **چري** تي پيئي

نارنان نرنانءَ لاءِ **ڳهه** تي پيئي= **ليلان چنيسر** لاءِ **ڪڙي** تي پيئي

نارنان نرنانءَ لاءِ **نالن** ۾ پيئي= **سسئي پنهون** لاءِ **پهاڙن** ۾ پيئي

نارنان نرنانءَ لاءِ **ذات** تي پيئي= **مومل راڻي** لاءِ **سنياسي** تي پيئي

نارنان نرنانءَ لاءِ خيراتن ۾ پيئي= **نوري ڄام تماچي** لاءِ **نيازن** ۾ پيئي.

3. سٽ سُري ڳجھارت.

مٿيون ڳجھارتون ساڳئي نوع تي آهن، مگر هرهڪ ڳجھارت جدا بيٺل آهي ۽ جدا داستان بابت آهي. سگهڙن وڏيڪ معنوي نزاڪت پيدا ڪرڻ خاطر اڳتي وک وڌائي. ۽ 'بيت' جي صورت ۾ ڳجھارت سٽي، ان ساڳي ڳجھارت جي جداجدا سٽن ۾ جداجدا سرن جا اهڃاڻ آندائون. مثلاً:

پنهنجيءَ ۾ **نرنانءَ** جي هميشہ هونديا س

شهر جن مال جو نہ مون کي، **نالي** آءُ ويندياس

پولي ڳهه هنياس، تذهن ويم **نرنان وکر** جو.

(پنهنجي= سک، نرنان= ساهڙ ڄام، شهر جا= محل، شهر جن= محلين، مال جو= پورڻ> پور، نالو= وتڻ> وطن، پولي=هائي، ڳهه= هار، نرنان= سکيو> سک، وکر= سهاڳو).

يعني تہ:

سک ۾ ساهڙ ڄام جي هميشہ هونديا س

محلين پور نہ مون کي وطن آءُ ويندياس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هائي هار هنياس، تڏهي ويم سڪ سهاڳ جو.

هت پهرئين سٽ ۾ سهڻي، ٻيءَ ۾ مارئي ۽ ٽينءَ سٽ ۾ ليلان جي زباني سندن پنهنجن مدعائن جو اظهار ڪيل آهي. ساڳي ڳجهارت ۾ جيڪڏهن ٻن ڪان وڌيڪ سرن جا اهڃاڻ سمايل هجن تہ اهڙي ڳجهارت کي مجموعي طور ”ست سُري“ سڏجي ٿو. هيٺين ڳجهارت ۾ پورن ستن سرن جا اهڃاڻ سمايل آهن، پر ڪو سگهڙ ڪنهن ڳجهارت ۾ اجان بہ وڌيڪ سرن جا اهڃاڻ ڏيئي سگهي ٿو:

اديون **پن نالن جي نرنان** آءُ هياس
نالي بنا **شهر** ۾ منهنجو روح نہ اچي راس
اَن جون رڇن ۾ **واءَ-ئون واڍيندياس**
نرنان نالي تڪيي، **گهرجي** تي ٻهندياس
جيڪر **نالو** مون **سندو، ملڪ** مڙيئي ڏينڊياس
هي جي **نالو** پانهنجو، **وري ليکي جو** نہ ڪندياس
پنهنجي پٺي ويندياس، **گاهہ مڃي نرنانءَ** ڏي.

(ٻہ نالا= هوت ۽ بلوچ، نرنان=نواب> نباب> نہ باب (=نہ جوڙ جيس)، نالو= راڻو، شهر= ڪاڪ، ان جون=مانڊاڻيون (مانڊاڻي جو ان)، رڇن= ماتين، واءَ= چوهو، واءَ-ئون= چوهٺون، واڍيندياس (واڍڻ= واڍ يا رسو وجهڻ)= چڪيندياس، نرنان= چام، نالي= تماچي، گهر جي= ٻانهي، نالو=ٻچو> ٻچي، سندو=ڏٺي، ملڪ= ڏيهہ، نالو= بخشو> بخشي، وري= ٻيهر، ليکي جو=ٻيو، پنهنجي= تَري (هٿ جي)، گاهہ= نڙ، مڃي= سُٺي، نرنان= ميهار).

هن ڳجهارت جي ستن سٽن مان سلسليوار هرهڪ ۾ سسئي، مومل، مارئي، نوري، سورٺ، ليلان ۽ سهڻي جي زباني هن طرح سمايل آهي تہ:

سسئي: اديون هوت بلوچ جي نہ باب آءُ هياس
مومل: راڻي بنا ڪاڪ ۾ منهنجو روح نہ اچي راس
مارئي: مانڊاڻيون ماتين ۾ چوهٺون چڪيندياس
نوري: چام تماچي تڪيي ٻانهي تي ٻهندياس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سورٺ: جيڪر ٻچي مون ڏٽي، ڏيهہ مڙوئي ڏينديا س

ليلان: هيءُ جي بخشي ڏوهہ مون، پيهر پيو نہ ڪنديا س

سهڻي: تري پئي ويندياس، نڙ سٽي ميهار ڏي.

هن ڪتاب جي باب سترهين هيٺ هن قسم جون ڪي 'ست سُريون' ڳجهارتون ڏنيون ويون آهن.

4. ڳجهارت دُراهو.

ست- سُري ڳجهارت 'ساڳئي بيت' جي قالب ۾ ستيل هوندي آهي، مگر هرهڪ سُر يا داستان جو ذڪر جداجدا سٽن ۾ سمايل هوندو آهي. سچاڻ سگهڙن پنهنجي هنر ۽ ڪاريگريءَ ۾ انهيءَ معيار ڪان بہ اڃان اڳتي قدم وڌايو، ۽ ڳجهارتون اهڙي تہ نزاڪت سان سٽيائون جو ساڳئي سٽ مان ٻن بالڪل جدا سرن جي مراد ۽ معنيٰ حاصل ٿئي. اهڙو بيت يا ڳجهارت جنهن جي 'مراد' معلوم ڪرڻ لاءِ 'ٻہ رايا' يا 'ٻہ راهون' هجن تنهن کي 'دُراهو'[1] چئجي ٿو. 'دُراهو بيت' جوڙڻ ڀڻ وڏي ڏاهپ آهي، مگر دُراهي ڳجهارت سٽڻ بہ وڏي ڳالهہ آهي. هيٺين ڳجهارت 'دُراهي' مثال آهي:

عورت ويئي، نالو ڪيائين، نرنانءُ ٿي

هن ڳجهارت جي 'پاون' مان هرهڪ جون بہ معنائون آهن: 'ڪنولان' جي مراد هڪ ڪنولان راڻي، ٻيو ڪنولان= قولان يعني قول ڪان يا وعدي ڪان.

'مدگر' جي مراد هڪ 'مدگر' نالو وزير جو. ٻيو مدگر=مد +گهر> مدو+گهر،

'پورن' جي مراد هڪ 'پورن' نالو راجا جو. ٻيو پورن=پو +رن> پوءِ + رن.

پاون جي پهرين مرادن مان "ڪنولان راڻي ۽ پورن راجا" جي قصي جو اهڃاڻ ملي ٿو، جنهن موجب ڪنولان راڻي، مدگر وزير سان ڪري ۽ اها خبر پورن راجا جي ڪنين پئي. (پورن خبر ٿي).

"ڪنولان ويئي، مدگر ڪيائين، پورن ٿي"

پاون جي پوين مرادن ۾، "ليلان ۽ چنيسر" جي قصي جو اهڃاڻ سمايل

---

[1] دو= ٻہ + راهو= راهن وارو. يعني ٻن راهن يا رستن وارو. ڪن جي خيال ۾ 'دُرائو' يا 'دُراپو' يعني 'ٻن راپن وارو'.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، جنهن موجب ليلان تيئي قول پڳا (قولن کان ويئي)، ۽ پنهنجو گهر مدو ڪيائين، جنهن تي چنيسر تڙايس، سهاڳ ويس ۽ پوءِ رن ٿي:

”قولان ويئي، مدو گهر ڪيائين، پوءِ رن ٿي.“

اهڙيءَ طرح ڳجهارت جي مراد ۾ به معنائون سٽڻ، معنوي نزاڪت جو هڪ معياري مثال آهي.

5. ڏيٺي واري سٽاءَ ۾ معنوي نزاڪت:

پانئجي ٿو ته پهريائين سگهڙن ڳجهارت جي پڇٽي يا مراد ۾ نوان نڪات پيدا ڪيا، ڇاڪاڻ ته پڇٽي يا مراد ئي ڳجهارت جو مرڪزي مضمون هو، جنهن ڏانهن پهرياڻين سندن ڌيان ۽ توجهه رهيو. مگر پوءِ جيئن هن فن ترقي ڪئي ته سگهڙن ڳجهارت جي ’ڏيٺي‘ واري سٽاءَ ۾ پڻ معنوي نزاڪتون پيدا ڪيون. عموماً ڳجهارت جي ’ڏيٺي‘ بذات خود بي معنيٰ آهي: مثلاً ”عورتان ويئي، نالو ڪيائين، نرناءِ ٿي“ بذات خود بي معنيٰ جملو آهي. ڳجهارت جي ارتقائي دؤر ۾ هڪ وڏي عرصي تائين ڳجهارتن جون ’ڏيٺيون‘ رسمي طور، ’پاون‘ تي مشتمل ۽ بي معنيٰ رهيون، ڇاڪاڻ جو ’ڏيٺي‘ محض هڪ ڪوپو، کپ يا مياڻ آهي جنهن جي سونهن ڏانهن سگهڙن جو ايترو توجهه نه رهيو. اڄ تائين اڪثر ڳجهارتون پنهنجي بنيادي سٽاءَ موجب ’ڏيٺي‘ ۾ بي معنيٰ آهن. مگر سگهڙن جي ڪچهرين ۾ جيئن ئي هن فن ڏانهن وڌيڪ توجهه ڏيو ته اهو محسوس ڪيائون ته ڳجهارت جي ’ڏيٺي‘ مبهم ۽ ڍڪيل ئي صحيح، مگر سٽاءَ ۾ سهڻي سوڌي هجي. جيئن ئي ’ڏيٺي جي سٽاءَ‘ تي توجهه ڏنائون ته ’ڏيٺي‘ کي نه فقط معنيٰ خيز بنايائون. مگر ان ۾ معنوي نزاڪتون پيدا ڪيائون جن مان به اسان کي نمايان طور نظر اچن ٿيون. هڪ ڳجهارت جي ’ڏيٺي‘ کي ظريفانه انداز ۾ سٽڻ، ۽ پيو ته مضمون جي خلاف الٽي معنيٰ پيدا ڪرڻ.

’ڏيٺي‘ ۾ ظريفانه انداز خوش طبعي خاطر سگهڙن ڳجهارت جي ’ڏيٺي‘ کي مزاحيه انداز ۾ سٽي ان کي معنيٰ خيز بنايو. مثلاً هڪ ’موقعي‘ جي ڳجهارت آهي ته ڪنهن ڳوٺ ۾ فقير اچي در تي خيرات لاءِ تڪڙ ۽ تاڪيد

ڪٿي. مائي ڪيس سگهو سارو ڏسي چيو تہ:

”جو تو ساڳ ڪائين، لسي نٿو ڪائين، ڪهڙي مڇي لڳي اٿئي!“

(ساڳ= پِني، لسي=ڪٿي، مڇي= حُوت> تاهوت= تڪڙ).

يعني تہ

”جو تو پني ڪائين، ڪٿي نٿو ڪائين، ڪهڙي تاهوت لڳي اٿئي!“

هن ڳجهارت ۾ ’ڏيٺي‘ نہ فقط معنيٰ خيز آهي مگر ظريفانہ انداز ۾ سٽيل آهي. ’ڏيٺي‘ ۾ انهيءَ معنوي نزاڪت جا مثال سسئي، سهڻي ۽ مومل جي هيٺين ڳجهارتن ۾ ملن ٿا.

سسئي

1. ڏيٺي: لوهہ ڪوٺ اڳي رڍ ڪاٺ ۾.

(لوهہ= سانير (چڙو لوهہ جو)، رڍ= سسي> سسئي، ڪاٺ= صندوق).

پيچٽي: سانير ڪوٺ اڳي سسئي صندوق ۾.

2. ڏيٺي: مسخري ڪري اديون اوٺارن جي.

(مسخري= نقل (نقل يا اهل ڪرڻ)> نہ +ڪَل، ڪِري= پيئي).

پيچٽي: نہ ڪل پيئي اديون اوٺارن جي.

سهڻي

ڏيٺي: ٿلهي موچاري جهرڪي.

(تلهي= وهہ (چوبي)، يعني درياءَ جو وَهہ يا وهڪرو، موچاري= سهڻي، جهرڪي= ٻوڙي.

پيچٽي: وهہ سهڻي ٻوڙي.

مومل

ڏيٺي: راڻا! تون تو ڪانيون ڪرين، منهنجو بہ اٿئي ڪاٺ.

(ڪانيون= پکيون، ڪاٺ= لاهہ> الله).

ڏيٺي ۾ اُلٽي معنيٰ سسئي جي سر ۾ سٽيل هيٺين ڳجهارتن جي ’ڏيٺي‘ ۾ عجب معنوي نزاڪت سٽيل آهي، جو ظاهر ۾ ’ڏيٺي‘ وارو مفهوم

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مراد واري مضمون جي مخالف نظر اچي ٿو.

1. ڏيٺي: پنهون **نار نالي**، سسئي **نرنان** پڇي.

(پنهون ’نار نالي‘ ڪونہ هو، مگر ’ڏيٺي‘ ۾ الٽي رمز رکيل آهي).

نار نالي= جيوائي> جي +وائي، نرنان=پيروز> پئي +روز).

پجٺي: پنهونءَ جي وائي، سسئي پئي روز پڇي.

2. ڏيٺي: **ويهڻ- هنڌ** ٿيوس، تڏهن **پٽي** چام پنهونءَ ڪي.

(حقيقت ۾ سسئي نڪا ويني، نڪو پنهون کي پٽيائين.)

ويهڻ- هنڌ (ويهڻ جي جاءِ)= ڪٿولو> ڪٿو +لوڪ. پِٽي= اوساري> او + ساري.

پجٺي: ڪٿو لوڪ ٿيوس، تڏهن اوساري چام پنهونءَ ڪي.

3. ڏيٺي: پنهل **باهہ** ڏيانءِ، **نالي** نہ ڏسانءِ.

(سسئي ائين ڪانہ چوندي، پر ’ڏيٺي‘ ۾ الٽي رمز رکيل آهي).

باهہ= آس، باهہ ڏيانءِ= آس ڏيانءِ= آ +سڏيانءِ، نالو= پريو، نالي = پريي> پري).

پجٺي: پنهل آ سڏيانءِ، پري نہ ڏسانءِ.

4. ڏيٺي: پنهل آءٌ تنهنجي لاءِ **ماءِ**، متان پائين **ذات**.

(ماءَ= آئي، ذات= نائي (حجم) نہ + آئي).

پجٺي: پنهل آءٌ تنهنجي لاءِ آئي، متان پائين نہ آئي.

’ڏيٺي‘ ۽ ’پجٺي‘ هم معنيٰ

ڪن ڳجهارتن جي ’ڏيٺي‘ ۾ ڪن ’پاون‘ جي بيهڪ اسان کي معنيٰ خيز ۽ مراد واري مضمون مطابق نظر آئي. مثلاً:

ڏيٺي: پنهون **پورهيو** هئي تہ **شهر** نہ ڇڏين ها.

مشهور آهي تہ پنهوڻ پنيور ۾ بالآخر پورهيت، ٿي ڪٺيءَ جو ڌنڌو ڪرڻ لڳو. جڏهن پورهيت ٿي پنيور ۾ وينو هو تہ پوءِ انهيءَ شهر کي نہ ڇڏي ها. انهيءَ لحاظ سان ’ڏيٺي‘ معنيٰ خيز ۽ اصل مضمون مطابق آهي. هن ڳجهارت

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ’شهر‘ وارو پائو جيتوڻيڪ قدري ڍڪ ۽ پردي جو اهڃاڻ ڏئي ٿو، مگر ’پورهيو‘ اهڙو ’پائو‘ آهي جنهن جو مضمون سسئي پنهون جي داستان جي اصل اهڃاڻ مطابق آهي:

(پورهيو= لائي، شهر= چني).

پڇٽي: پنهون لائي هيئي، تہ چني نہ چڏين ها.

مراد واري هن مفهوم ۾ البتہ ڪچائي آهي، ڇاڪاڻ جو پنهون پاڻ پريت ڪانہ چني هئي جو ڪيس ڏوراپو ڏجي. بهرحال هن توڙي ٻين ڳجهارتن جي ڪن ’پاون‘ مان اسان کي اهو نڪتو ذهين نشين ٿئي ٿو تہ ’ڏيٺي‘ نہ فقط معنيٰ خيز ٿي سگهي ٿي، مگر خود مراد واري مضمون جو مفهوم ادا ڪري سگهي ٿي، ايتريقدر جو مقصد ۽ معنيٰ جي لحاظ سان ’ڏيٺي‘ ۽ ’پڇٽي‘ ۾ ڪو فرق ئي نہ ٿئي. ڳجهارت جي اهڙي سٺاءَ ’فن‘ جي لحاظ سان ڪماليت جو درجو رکي سگهي ٿي. انهيءَ نڪتي جي تصديق ۽ وضاحت خاطر بنده راقم پاڻ هي ڳجهارت ’سورٺ جي سر‘ ۾ سِٽي ٿو:

”ٻيجل جو نالو، راءِ کي ساز جي ميناج ماريو“

يعني تہ عام خيال موجب راءِ ڏياچ کي ٻيجل ماريو، پر حقيقت ۾ راءِ کي ساز جي ميناج ماريو. هي ڳجهارت جي ڏيٺي آهي، مگر ان ۾ ڪا لڪ ڪانهي، يعني تہ ڪي بہ مبهم ’پاوا‘ ڪين آهن، ’ڏيٺي‘ خود پڇٽي وانگر معنيٰ خيز ۽ سُر سورٺ جي مضمون مطابق آهي. پر جو اسان ’**نالو**‘، ’**ساز جي**‘ ۽ ’**ميناج**‘ تنهي کي پاوا تسليم ڪري انهن جي مراد ڪريون تہ هن طرح ٿيندي:

(نالو= موسو> موسو (=بهانو)، ساز جو= سڳو (سرنديٰ جو)، ميناج = ساءُ).

يعني:

”ٻيجل جو موسو، راءِ کي سڳي جي ساءِ ماريو.“

ڳجهارت جي ڪچهريءَ جا قانون:

سنہ 1958ع ۾ جڏهن اسان ڳجهارت جي ڪچهرين ڏانهن خاص ڌيان ڏنو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ معلوم ٿيو تہ سگهڙن وٽ 'ڳجهارت' جهڙو ڳوڙهو ۽ اعليٰ فن موجود هو، مگر ڳجهارت جي ڪچهري ڪنهن سهٽي رٽ ۽ اصولن موجب ڪانہ ٿي هلي. ڏنوسون تہ ڪچهريءَ ۾ جيڪي سگهڙ گڏ ويجها وينل هوندا هئا، تن پاڻ ۾ ڳجهارت جي ڏي وٺ ٿي ڪئي، ۽ فقط ڪين ويجهو وينل ڏهن- پندرهن ماڻهن ئي سندن آواز ٿي ٻڌو. پيو تہ گهڻو ڪري سندن خيال ان طرف هو تہ ڏکي ڳجهارت ڏجي، جيئن آڏو ڳولي پيچي نہ سگهي. تيون تہ ڳجهارت جو سُر رکي ڪونہ ٿي ڏنائون، جنهنڪري ڳولينڊڙ بہ بنان ڪنهن گس جي جِڻ جهرجهنگ پئي ووڙيو. پيلا ڳجهارت جي ڏِس جوئي پتو ڪونہ هو تہ ڳولن بہ نشان ڪري ڏک ڪين ٿي هنيا، پر رخ وني ٿي هليا، ۽ اتفاق سان وڃي ٿي ڪنهن 'پائي' جي مٿان پيا. نابينا لاءِ بہ سهاري واسطي لٺ هوندي آهي، مگر ڳولڻن کي اکيون ہوندي بنان لٺ جي ڏونگر ڏورڻو ٿي پيو. ڏيڻ وارو ڳجهارت ڏيئي چُڪ هٽي ٿم ڪري ويهي ٿي رهيو، ۽ ڳولينڊڙن پوءِ سندس چوڏاري وني ٿي هنبس لاٿو. سندن هاءِ هوءِ سبيان سٽنڊڙن کي گفتا سمجهہ ۾ نٿي آيا ۽ ڪچهري ٻاڙي ٿي ٿي پئي.

انهن سببن ڪري ڳجهارت هڪ وٽندڙ رهاڻ جي بدران گورکہ- ڏنڌو بنجي وئي، فقط هڪ ڳجهارت کي ڳولڻ ۾ ئي ايڏي ڍيگهہ ٿيندي هئي جو ٻن- ٽن ڳجهارتن کان پوءِ ماڻهو ڪڪ ٿي اٿندا هئا. انهيءَ ڪري ئي ڪچهريءَ ۾ 'ڳجهارت' جي بيت ۽ بيتن ۾ ڏورن جي رهاڻ وڌيڪ مقبول پئي، ۽ ڳجهارت جي رهاڻ فقط ڏيندڙن ۽ وٺندڙن تائين محدود رهجي وئي.

ڪن سجاڻ سگهڙن البت آڳاٽي وقت کان محسوس ڪيو تہ ڳجهارت جي رهاڻ تڏهن وڌندي جڏهن ڏيندڙ ڳجهارت کي سولو ڪري ڏئي ۽ ڳولو اها پيچي سگهي. انهيءَ ڪري ئي پري ڪچهريءَ ۾ 'هڪ- نپي' يا 'ٻہ- نپي' (فقط هڪ يا ٻن پاون واري) ڳجهارت کي ڏيڻ پسند نہ ڪيائون: مقصد هو تہ ڏيندڙ ڳجهارت ڏئي تہ گهٽ ۾ گهٽ ٽن پاون واري ڏئي جيئن پيچڻ جو امڪان وڌي. ٻئي طرف ڳولينڊڙ کي اها سهولت ڏنائون تہ جي ڳجهارت (جي ڪنهن بہ پائي) کي چاليهين پتي واءُ لڳو تہ ڳجهارت پڳي. بس قانون اهي بہ هئا، ۽ فقط انهيءَ لاءِ هئا تہ ڳجهارت ڪنهن طرح پيچي ۽ محفل مچي. ٻئي لحاظ

سان، انهن پائبندين ۾ ڪا خاص خوبي ڪانہ هئي. اسان 'بہ- نپيون' بلڪ 'هڪ-نپيون' بہ ڪي سهٽيون ڳجهارتون ٻڌيون جن ڪي ڪچهريءَ ۾ نہ ڏيڻ لاءِ ڪوبہ سبب نٿي نظر آيو. ٻئي طرف 'چاليهين پتي واءِ لڳڻ' واري اصول موجب ڳجهارت جي ڳول جو پورو انصاف نٿي ٿيو. پر ڳجهارت جو فن اڳئي ڳوڙهو هو ۽ ان جو ميدان وڏو وسيع هو: ويتر سر نہ رکي ڏيڻ سان واٽون ويهہ ٿي ٿيون ۽ ڳولي لاءِ صحيح ڳس ونڻ ٿي مشڪل ٿي ٿي پيو. انهيءَ ڪري اهي بہ پائبنديون لڳائي سگهڻ هن مشڪل کي ڪم از ڪم قدري آسان ڪيو.

اسان هن باري ۾ سنڌ جي سيني پاڳن جي سگهڻ سان ڪچهريون ڪيون ۽ ساڻن خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. سيني قبول ڪيو تہ ڳجهارت جي ڪچهري وڏي نٿي جو ڏکي ٿي پئي آهي، ۽ ضروري آهي تہ انهيءَ ڪچهريءَ جا قانون مقرر ڪري ان کي سهٽو ڪري سينگارجي. انهيءَ مقصد خاطر سگهڻ جي صلاح سان اسان ڳجهارت جي ڪچهري جا ڪي قاعدا ۽ قانون مقرر ڪيا، جي آهستي آهستي سيني قبول ڪيا. جي ڪا مشڪل پيش آئي تہ فقط هي تہ شروع ۾ ڳجهارت جي سگهڻ جو اهو خيال هو تہ جي 'سُر رکي ڏبو تہ ڳجهارت پڇي پوندي'. انهيءَ خيال کي درست ڪرڻ لاءِ اسان ڪچهرين لاءِ اهڙيون ڳجهارتون چونڊيون يا پاڻ جوڙيون جي هر لحاظ سان سوليون ۽ سهٽيون هيون، انهن جو سُر بہ ظاهر هو. مگر اهڙي تہ هنرمنديءَ سان پاون تي پَن رکيل هئو جو سُر رکي ڏيڻ سان تہ خير، پر ڳالهہ جي وڏيڪ ٽاٽن ۽ اهڃاڻن ڏيڻ سان بہ اهي اٽين تڪڙو ڪين ٿي پڇيون. مثلاً اسان مومل- راڻي جي سُر مان هيٺين ڳجهارت سِٽي 'ڏيٽي' ۾ سر ظاهر ڪري، نشان چاڙهي ڏني تہ، مومل تي راڻي کي چوي تہ:

"راڻا! تو ڪاڻي مون نہ ڪاڻي"

هي سهٽي ۽ سوڏي ڳجهارت ڪيترن ئي ڪچهرين ۾ بيٺي ۽ نہ پڇي، حالانڪ 'سر' ظاهر آهي، ۽ 'ٽاٽو' بہ ظاهر آهي. مراد هن طرح آهي تہ 'ڪاڻي' "سَري" (ڏاند- ڳاڏي جي) معلوم ۽ مشهور آهي، يعني تہ:

"راڻا! تو سَري، مون نہ سَري."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بهرحال گذريل ڏهن سالن کان جي انهن ڪوشش سان، هن وقت سنڌ جا مڙيئي مشهور سگهڙ ۽ ڄاڻون ڳجهارت جي ڪچهري جي اصولن کي سمجهن ٿا، ۽ انهن تي هلڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. جنهنڪري ’ڳجهارت جي ڪچهري‘ جا اڳي ٻُڌي پئي هئي سا وڌي آهي ۽ وڌيڪ وڻندڙ ٿي آهي. هن موقعي تي اسان انهن اصولن کي چٽو ڪري لکون ٿا.

(1) **ڳجهارت جي رهاڻ کي پريءَ ڪچهريءَ لاءِ سينگارجي:**

ٻن - ٽئن سگهڙن جو وچ ۾ يا ڪُنڊ پاسي ويهي هڪٻئي کي ڳجهارتون ڏيڻ وٺڻ سندن پنهنجي واسطي ٺيڪ آهي، پر ڪچهريءَ جي لحاظ کان اها ڇڙ گونگي رهاڻ آهي. پري ڪچهريءَ ۾ ضروري آهي ته ڳجهارت ڏيندڙ ۽ وٺندڙ سگهڙ، هڪ طرفان سڄي ڪچهري ڳجهارت جي ڏيٺي کي سمجهي، وٺندڙ ڳجهارت کي آهستي پر وڏي سڏ ڳولي، جيئن سڄي ڪچهري سندس ڏک سُٺي، جي ڳجهارت پڄي ته ڏيندڙ يڪدم وڏي سڏ ’واهه واهه‘ ڪري ۽ اڳتي وڏي ڳوليندڙ کي هٿ ڏئي، ڏارو ڏئي يا ٻاڪر پائي جيئن سڄي ڪچهري ڏسي. مطلب ته ڳجهارت جي رهاڻ کي پري ڪچهري لاءِ سينگارجي جو ڪُنڊ پاسي واري رهاڻ گونگي ٻوڙي آهي.

(2) **ڳجهارت جي ڪچهري ۾ ٻُڌندڙن جو چاهه وڌائجي:**

ڳجهارت ڏيندڙ توڙي وٺندڙ ائين سمجهن ۽ محسوس ڪن ته ’اسان ٻڌندڙن جي آڏو پنهنجو فن پيش ڪري رهيا آهيون.‘ جي رڳو ٻيهي پاڻ ۾ نَڪا ڏنائون ته اها رهاڻ نه، پر سندن پنهنجي ڇڪتاڻ ڇٽجي، جنهن سببان ڪچهري ٻاڙي ٿي پوندي. ٻڌندڙن ۾ ڪچهريءَ لاءِ چاهه تڏهن وڌندو جڏهن هڪ ڳجهارت پئي پڄندي ته ٻي پئي ڏٻي، ۽ نڪ نڪ لڳي ايندي. اهو خيال ٿي موران غلط آهي ته اهڙي ڳجهارت ڏجي جو ڪو پڄي نه سگهي، اهڙي رٿ سببان ڪچهري ڪُلڻ جي بدران ٻُٽجي ويندي.

(3) **ڳجهارت جي ڪچهري کي زيب وناڻ ۽ ان جي معيار قائم رکڻ لاءِ هڪ امين مقرر ڪجي:**

ڳجهارت جي ڪچهري شروع ڪرڻ کان اڳ، حصو وٺندڙ سگهڙ پاڻ کي ٻن ٽولن ۾ وراهين، جيئن واري سان هڪٻئي کي ڳجهارتون ڏين ۽ ڳولين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي وچ ۾ هڪ اهڙي سگهڙ کي ’امين‘ ڪري بيهارين جو ڳجهارت جي ڪچهريءَ کان بلڪل پوريءَ طرح واقف هجي. امين سڀ کان اول ٻنهي طرف جي سگهڙن جي واقفيت ڪرائي، ٻنهي طرفان واري سان ڳجهارتون ڏياري، ڏنل ڳجهارت کي وهجائي ورجائي ۽ ڪچهريءَ کي مچائي زيب وٺائي، باوجود چڱي ڳول جي ڳجهارت نه پڄي ۽ بيهي وڃي ته ڪولائي سال ڪرائي، ڏيٽي ۽ پڄٽي ۾ ڪو اختلاف ٿئي ته فيصلو ڏيئي، فوراً ڪچهريءَ کي اڳتي وڌائي. اهڙي حالت ۾ سگهڙ فيصلو امين تي ڇڏين، ۽ جو به فيصلو ٿئي سو فوراً قبول ڪري ڪچهريءَ کي مچائي بيٺا هجن. پري ڪچهريءَ ۾ ڪِرڪِر ڪرڻ سگهڙپائي جي شان ۽ ڪچهريءَ جي اصول جي خلاف آهي.

(4) **واري سان هرهڪ سگهڙ ڳجهارت ڳولي:** هڪ طرفان ڳجهارت ملي ته ٻئي طرفان واري سان هرهڪ سگهڙ ڳجهارت ڳولي، جيئن هرهڪ ڳوليندڙ جا ڏڪ سڀ ڪچهري سُٺي سمجهي واهه واهه ڪري ۽ هرهڪ سگهڙ جي لياقت ۽ قابليت جو انصاف ٿئي. جڏهن ڪا ڳجهارت ڳوليندڙن مان هرهڪ جا ڏڪ جهلي وڃي، تڏهن جي امين مناسب سمجهي ته سڀني کي گڏجي ڳولڻ جي صلاح ڏئي، پر امين جي صلاح کان سواءِ، جي ڳوليندڙ اُڀرا ٿي ساڳئي وقت ڳجهارت کي ڳوليندا ته هڪ ته سندن گوڙ سڀبان ٻڌندڙن کي ڪچهري سمجهه ۾ نه ايندي ۽ ٻيو ته خود ڳولڻ مان هرهڪ جي لياقت پڌري نه ٿيندي.

(5) **ڏيندڙ ڳجهارت کي سهٽو ڪري ڏئي، ۽ ’سُر‘ جو نالو نروار ڪري ڏئي:**

ڳجهارت ’پرائو ڳجهه‘ آهي ۽ ڳولڻ ڏکيو آهي. سگهڙ جعفر ڏيرو چوندو هو ته ’ڳجهارت چري مبارڪي آهي‘. يعني ته مبارڪ ملڻ سان سرهائي ٿيندي آهي، پر ڳجهارت ملڻ سان حالي ته ڳوليندڙ سگهڙ مونجهاري ۾ اچي ويندو. انهيءَ ڪري ڏيندڙ لاءِ لازمي آهي ته ڳجهارت کي سهٽو ڪري ڏئي. ڳجهارت جي ڪچهريءَ ۾ پهرين وڏي جوابداري سڀني کان وڌيڪ ڳجهارت ڏيندڙ تي آهي. انهيءَ جوابداري کي پوري ڪرڻ لاءِ هن کي هيٺيون ڳالهيون خيال ۾ رکڻ گهرجن:

* ڏيندڙ کي ڳجهارت جي ڏيٽي توڙي پڄٽي ٻئي حرف بحرف چٽيءَ طرح ياد هجن. ڪچهريءَ ۾ ڳجهارت ڏيڻ کان اڳ هو ’ڏيٽي‘ توڙي ’پڄٽي‘ کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي وجود ۾ ويچاري وهجائي خاطري ڪري. ائين نہ ٿئي جو ڳوليندڙ جڏهن ڳجهارت کي ڳولي ڳولي مٿو هڻي ڪڪ ٿي ڏيندڙ کي چوَن تہ 'ادا سڃي ڪر' تڏهن چوي تہ 'پيڄٽي مون کي بہ نٿي اچي' يا 'پيڄٽي مون کي وسري وئي آهي.'

* 'ڏيٽي' بالڪل 'پيڄٽي' مطابق هجي: يعني 'ڏيٽي' ۾ لفظن جي بيهڪ ۽ سٽاءُ هوبهو 'پيڄٽي' واري بيهڪ ۽ سٽاءُ موجب هجن، اهڙيءَ طرح جو پائو پائي سان ملي، حرف حرف سان ملي ۽ لفظ لفظ سان ملي. ڳجهارت ڏيڻ کان اڳ ۾ ڏيندڙ کي گهرجي تہ ڳجهارت جي 'پيڄٽي' کي خيال ۾ رکي 'ڏيٽي' کي ويچاري ڏسي تہ برابر بيهڪ ۾ پوري آهي. ڪا گهٽ وڌائي هجي تہ سگهڙ 'ڏيٽي' کي سوڌي سنواري پوءِ ڳجهارت کي ڪچهريءَ ۾ پيش ڪري.

* 'ڏيٽي' ۾ ڳجهارت جو سر ظاهر نہ هجي تہ 'سر' جو نالو رکي ڏجي. عام خيال آهي تہ سر ڪٽي ڏبو تہ ڳجهارت يڪدم پڄي پوندي، پر ائين نہ آهي: ڳجهارت جو فن ايڏو تہ ڳوڙهو آهي جو سر ڏيڻ سان تہ خير، پر ڳالهہ جي ٿاٽن ڏيڻ سان بہ ڳجهارت وڏي داناءُ ڳولي کان لڪي سگهي ٿي. ۾ جي سُر رکڻ سان ڳجهارت پڄي تہ پل پڄي: هڪ پڄندي بي ڏبي، ۽ ڪچهري پاڻ مڃندي. پهاڪو مشهور آهي تہ "رسو پڄي ور تي، ڳجهارت پڄي سر تي." 'سر' جي ڄاڻ ڪانسواءِ ڳجهارت ائين آهي جيئن 'جر ۾ گَڏون' پوءِ جڏهن ليي. هڪ سگهڙ چيو تہ: بنا سر جي ڳجهارت ڏيڻ ۽ ڳولڻ، ڄڻ مرون ڪتي واري ويڙهہ ڪرڻي آهي: 'هڪ تم ۾ ٿنيي هنيو وينو هوندو، پيا پيا چوڏاري باهيندا'.

'سُر' يا 'سرائتي ڳجهارت' جي معنيٰ کي سمجهڻ ضروري آهي. سگهڙن کان سواءِ پيا جيڪي هن فن کان واقف نہ آهن، تن کي 'پرولي' ۽ 'ڳجهارت' ۾ جو فرق آهي سو صحيح طور معلوم نہ آهي، انهيءَ ڪري عام طرح سان بين پرولين جي پيٽ ۾ خاص طور ڳجهارت کي ئي "سرائتي ڳجهارت" ڪري سڏين. پر سگهڙ جڏهن چوندا تہ 'ادا، ڳجهارت سرائتي ڏي، بي سُري نہ ڏي'، تہ ان جو مکيہ مطلب اهو آهي تہ: 'ادا ڳجهارت سُهٽي ۽

سوڏي ڏي: اهڙي نہ ڏي جنهن جي ڏيٺي يا پيٺي ۾ ڪا خامي هجي‘.
ڪچهريءَ جي لحاظ سان ’سر‘ جي هڪ خاص معنيٰ آهي، ۽ ڳجهارتون مجموعي طور سان هينئين ’سرن‘ ۾ ورڇيل آهن:

(الف) متين سرن واريون يا حقاني: جن ۾ نبين، اصحابن، امامن، ولين، فقيرن ۽ درويشن بابت، يا نصيحت ۽ هدايت طور چيل ڳجهارتون ڳڻجن ٿيون.

(ب) خاص رهاڻ جا سر: (1) سر سسئي، (2) سر مارئي، (3) سر سهڻي، (4) سر مومل- راڻو، (5) سر ليلان- چنيسر، (6) سر راءِ ڏياچ، (7) سر مورڙو، (8) سر نوري، (9) سر موکي متارا، (10) سر ڦل وڌوئو - پوري، (11) سر ٻوٻنا جراڙ، (12) سر همون دولهہ دريا خان، (13) سر ليليٰ- مجنون.

(ج) سر ’ٻاهر‘: يعني تہ اهي ڳجهارتون جي (الف) ۽ (ب) هيٺ ڄاڻايل سرن کان ٻاهر هجن. يعني تہ جيڪي ’حقاني‘ يا سنڌ جي مشهور قصن وارين ڳجهارتن کان ٻاهر آهن.

(د) سر بادشاهي: سڪندر بادشاهہ، دودي چنيسر، ٻين حاڪمن ۽ بادشاهن وغيره بابت جملي تاريخي ڳجهارتون.

(هہ) سر مجازي: عشق ۽ محبت جي پيغامن، ڏکن ڏوراپن ۽ ٻي پهہ پچار واريون ڳجهارتون.

(و) سر سنگت: پاڻ ۾ اٿندي ويهندي ڪنهن موقعي ۽ محل تي ڪن سگهڙن يا سنگتين جون چيل ڳجهارتون.

مٿي (ب) هيٺ ڄاڻايل ’تيرهن سر‘ ڳجهارتن جي ڪچهري جا خاص سر آهن. پري ڪچهريءَ ۾ اڪثر اهي ڳجهارتون ڏبيون جي انهن سرن مان آهن، ۽ جڏهن بہ ڪا ڳجهارت ڏبي تہ ’سر رکي ڏبو‘: يعني تہ چٽو ڪري چئبو تہ سر سسئي، سر مارئي يا سر سهڻي وغيره مان آهي. پري ڪچهريءَ کان ٻاهر واري رهاڻ ۾ پل پين سرن مان بہ ڳجهارتون ڏجن، پر هرهڪ ڳجهارت بابت چٽو ڪري چئبو تہ ’متين سرن‘ ۾ آهي يا ’حقاني‘ آهي، يا چئبو ’سر ٻاهر‘، ’سر بادشاهي‘، ’سر مجاز ۽ محبت‘ ’يا ’سر سنگت‘. مطلب تہ هر حالت ۾ سر رکي ڏبو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(6) جيڪڏهن ڳجهارت ڪافي ڏک جهلي وجي تہ ڏينڌڙ ڪي گهرجي تہ ڳولي کي 'تاڻو ڏئي'، ۽ ڳجهارت جيئن چئي تي تيئن لهجي سان چئي ٻڌائي، يعني تہ پڇڻي واري خيال مطابق 'ڏيٺي' ڪي ادا

ڪري. 'تاڻو ڏيڻ' معنيٰ اهڃاڻ ڏيڻ تہ ڪير تو چوي يا ڪهڙي موقعي جي ڳجهارت آهي. مثلاً ڳجهارت آهي تہ:

ٻولي اٿئي ليلان، پل پئي ٻولي ڪر، پنهنجو تينڊءِ ڪونہ.

'ڏيٺي' مان ئي ظاهر آهي تہ هي ڳجهارت 'ليلان چنيسر' جي سر مان آهي. ڏيٺي بہ سوڍي ۽ سهٽي آهي، پر ڪاريگر اهڙا ڪک رکيا اٿس جو تڪڙو ڪانہ پڇندي[1] . ظاهر آهي تہ ڪو ماڻهو ليلان کي تو چوي، پر اِهو معلوم ناهي تہ ڪير تو چويس: ڪونئرو تي چويس، سرتيون سهيليون تيون چونس، يا خود چنيسر تو چويس؟ جيڪڏهن ڳجهارت ڪافي ڏک جهلي وجي تہ پوءِ ڳولي کي همٿائڻ لاءِ تاڻو ڏبو تہ: 'ادا چنيسر تو ليلان کي چوي[2] '.

هيئين ڳجهارت اسان پاڻ جوڙي ۽ ڪچهرين ۾ ڏني، پر گهڻو ڪري بيهي وئي ۽ پڳي ڪانہ:

راڻي مال جي، ڏسي وکر ڪانئيءَ تي.

هي ڳجهارت اهڙي نموني سان سٽيل آهي جو ڳولينڌڙ اڪثر ائين سوچيندو تہ هي ڳجهارت انهيءَ موقعي جي آهي، جڏهن راڻي مومل کي ڪٺ تي ٻئي ڪنهن سان ستل ڏٺو. ڪو ڳولو انهيءَ لحاظ سان ڳولي ۽ ڳجهارت ڪافي ڏک جهلي بيهي وجي تہ پوءِ تاڻو ڏبو تہ: 'ادا! هي ڳجهارت ڪٺ واري جاءِ تي نہ آهي، مومل ڪان راڻو رسي ويو، جنهن تي مومل گهٽيون ڪي منٿون ڪيون جي نہ مڃيائين. هي ڳجهارت ان ڪان پوءِ جي آهي.' انهيءَ تاڻي ڏيڻ سان ڳولو وڏيڪ سولا ۽ سنڌائتا ڏک هٽندو. هيءَ ڳجهارت ان موقعي جي آهي

---

[1] هي ڳجهارت اسان پري ڪچهري ۾ ڏني، ٻين سان گڏ سگهڙ ٻيڙيَ ڪنيار سهٽي ڪري ڳولي پر پڳي ڪانہ ۽ بيهي وئي.

[2] هي ڳجهارت ڪتاب ۾ موجود آهي (نمبر 1184) جتي ان جي مراد ڏسو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن مومل ويس بدلائي راڻي وٽ آئي ۽ ويهي پاڻ ۾ چوپڙ راند ڪيائون- ڍارو هٽندي، مومل جي ٻانهن تان ڪپڙو ڪڇي ويو ۽ راڻي لسڻ ڏسي سجاتو تہ هي مومل آهي (مال جي= سڃاتي، وڪر= لسڻ (تُوم)، ڪاني= ٻانهين> ٻانهن)- يعني:

'راڻي سڃاتي، ڏسي لسڻ ٻانهن تي.'

'تاڻون ڏيڻ' جڻ ڳولي ڪي همتائڻو آهي، ۽ ڪچهريءَ جي قاعدي موجب اهو همتائڻ ضروري آهي. بنيادي اصول اهو آهي تہ 'ڏيندڙ ڳجهارت ڪي سهڻو ڪري ڏي ۽ ضرورت پوي تہ ڳولي ڪي تاڻو ڏيئي همتائي ڏيڻ ۾ سهڻي ڳجهارت اها آهي جا نظاري چڙهي نشان تي بيهي، جيئن ڳولو حرص مان ڏڪ هٽيس..اڳ سگهڙ 'هڪ نيپي' (هڪ 'پائي' واري) ڳجهارت ڪي قبول ڪين ڪندا هئا، ۽ هن وقت پڻ ڪچهريءَ ۾ 'هڪ نيپي' ڳجهارت جو رواج گهٽ آهي. اسان ڪن سگهڙن ڪي ائين چوندو ٻڌو تہ: 'ٻہ- نيپي يا ٻہ- پائي ڳجهارت ليلان ۽ مارئي جي اصل ئي نپٽي آهي'، يعني ڳولڻ ۾ ڏکي آهي. ائين برابر آهي، پر سڄو مدار ڳجهارت جي رخ ۽ بيهڪ تي آهي: ٻٽيل ڳجهارت ٽن پاون واري ٻہ ڳولڻ ۾ڏکي آهي، پر جي هڪ پائي واري ڳجهارت سهڻي ۽ سوڙي هجي تہ پوءِ ان جي ڏيڻ يا ڳولڻ ۾ ڪو هرج ڪونهي. مثلاً هيٺين ڳجهارت 'هڪ پائي' واري آهي پر بلڪل سهڻي آهي ۽ ڪچهريءَ ۾ ڏجي تہ عيب ڪونهي:

ڏيٽي: اديون! مون سان اها هلي، جيڪا واٽڪي ڪري.
(سسئي)
پيڇٽي: اديون! مون سان اها هلي، جيڪا چوٽي ڪري.

ان جي برعڪس 'ٻٽيل ڳجهارت' ڏيڻ مناسب ناهي، پوءِ پل ڪٽي ان ۾ ٻن ڪان وڌيڪ پاوائي هجن. 'ٻٽيل ڳجهارت' اها آهي جنهن جو رخ ۽ رايو ظاهر نہ هجي- مثلاً، "ڪڪ، پکي، ڪاني ڙي." هن ڳجهارت جو سر ڪٽي رکي ٻہ ڏجي تہ 'سسئي' جي سر مان آهي، مگر ان بعد بہ اهو معلوم نٿو ٿئي تہ ڳجهارت جو رخ يا رايو ڪهڙو آهي. اهڙيون ڳجهارتون سگهڙ سندن خاص

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪچهرين ۾ ڏيئي پل پنهنجو ذهن پيٽين، پر پيري ڪچهريءَ ۾ ڏيڻ مناسب نه آهن. هن ڳجهارت جي مراد هي آهي: [ڪڪ = قلم (ڪانهن جو)، پکي = وهيو. ڪاني (لٺ) = لوڙهه] "قلم وهيو لوڙ ڙي."

(7) ڳولو اول ڳجهارت جي رايي کي سمجهي ۽ پوءِ ملوڪت سان

ڳولي: ڳجهارت جي ڳول فني لحاظ سان ذهانت ۽ هنرمندي جو بهترين مظاهرو آهي. ڳولڻ واري جي ملوڪت اها آهي جو اجايو جهنگ نه جهڙي پر گس وٺي هلي، رڳو رخ تي ڪڙن، پٽرن ۽ چاڙين جا وارا نه لائي، پر ڪا شيءِ ڏسي نشان چٽي. ڪانبو ٻڌي ڪک ڪهچر نه ميڙي پر جانچي گل چوندي. مطلب ته ڳجهارت جو رايو ۽ لهه ڏسي، پاون جي لحاظ سان سهٽا ۽ سنڌائتا ڏک هٽي جيئن هرڪو 'واهه واهه' ڪري.

اڳ وارين ڪچهرين ۾ ڳجهارت جو سر ظاهر ڪري نه ڏيندا هئا. انهيءَ ڪري ڳولي کي اهو ته معلوم نٿي ٿيو ته نشان ڪٿي آهي، پر ڪيس اها بہ خبر ڪانہ ٿي پيئي تہ نشان ڪهڙي قبلي تي آهي: انهيءَ ڪري هو وٺي چوڌاري ڳوڙها وسائيندو هو ته من ڪو وجي ڪٿي لڳي. پلا نہ هئي نشان جي خبر تہ نہ هو رخ معلوم. پوءِ جي ڪو ڳوڙهو اتفاق سان وڃي تي نشان جي پر پاسي سان ڪِريو ۽ نشان کي پورو واءُ ته نہ پر جي 'چاليهين پتي واءُ' لڳو ته بہ چوندا هئا ته 'ڳجهارت پڳي'. ظاهر آهي ته ڳجهارت جي اهڙي ڳول ۾ ڳولي جي پنهنجي سمجهه ۽ عقل کي گهٽ دخل رهي ٿو. البتہ جي وٽس ڪڙا، پتر، ڳوڙها گهڻا هجن تہ پل پيو وسائي تہ من ڪو اتفاق سان وڃي نشان کي لڳي، يا ڪٽي چئجي تہ جيڪڏهن وٽس پوليءَ جي نالن ۽ لفظن جو وڏو لشڪر موجود آهي تہ پل ڪٽي هر قبلي تي فوجون چاڙهي، جن مان ڪي نہ ڪي فرد وڃي نشان جي مٿان پوندا.

ڳجهارتن جي نئين رس رهاڻ ۾ اول 'سر' ظاهر ڪري ٿو ڏجي انهيءَ لاءِ تہ ڳولي کي گهٽ ۾ گهٽ ايتري خبر پوي تہ نشان ڪهڙي ڏس تي آهي، ان بعد ٽاٽو ٿو ڏجي تہ انهيءَ ڏس تي نشان ڪيتري فاصلي تي ڪيتري حد اندر آهي. انهن اهڃاڻن سان ڳولي کي ڏِس ۽ گس جو پتو پوي ٿو: پر پوءِ سڄو مدار سنڌس سمجهه ۽ دانائي تي آهي تہ هو پوري تڪ تور ڪري نشان چٽي. پر اها

ڳڻ بہ ڪا سولي نہ آهي: ڳجهارت ڪي ملوڪت سان ڳولڻ ۽ وڏيءَ سمجهہ ۽ سياڻپ ڪپي، جنهن لاءِ هيٺيون ڳالهيون ضروري آهن:

* **ڳولو ڀرپايائين پاڻ ۾ ڳجهارت ڳولڻ ۾ لياقت پيدا ڪري:** اِسان جي خيال ۾ انهيءَ لياقت پيدا ڪرڻ جا ٽي درجا آهن: پهريون تہ مشهور سرن مان، هرهڪ سر مان ڪيس گهٽ ۾ گهٽ پنجن ڳجهارتن جي ڏيٺي ۽ پيچٽي ياد هجي، جيئن ڳجهارت جي مختلف بيهڪن، پاون ۽ پيچٽين سان ڪيس پوري واقفيت پيدا ٿئي. ٻيو تہ هو مشهور قصن ۽ داستانن (سسئي پنهون، سهڻي ميهار، عمر مارئي وغيره وغيره) جي ڳالهين جي سلسلي کان پاڻ کي پوريءَ طرح واقف ڪري، ڇو تہ ڳجهارتون ڳالهين جي ٽاڻن ۽ اُهڃاڻن تي ٻڌل آهن. ڳجهارت ڳولڻ لاءِ ضروري آهي تہ ڳالهين جا موقعا ۽ ٽاٽا ياد هجن، جيئن ڳولو سمجهي سگهي تہ ڳجهارت ڪهڙي موقعي جي آهي، ڪير ٿو چوي، ڇا ٿو چوي، ڇو ٿو چوي ۽ ڪيئن ٿو چوي. ٽيون تہ 'پاون' جي مناسبت سان سهڻن ڏڪن هڻڻ لاءِ ضروري آهي تہ ڳولي کي سنڌي ٻولي جي لفظن ۽ اصطلاحن، ۽ مختلف قسمن جي شين ۽ جنسن جي نالن سان ڪنهن حد تائين واقفيت هجي. اهڙيءَ واقفيت هر شخص جي پنهنجي ڄاڻ ۽ تجربي جو نتيجو ٿي سگهي ٿي. ٻهراڙيءَ ۾ سگهڙن لاءِ خالص سنڌي ٻولي، سنڌ جي رهڻي ڪهڻي، ۽ پوکن، وڻن، پکين وغيره شين جو قدرتي ماحول اهڙيءَ ڄاڻ ۽ واقفيت لاءِ موجود آهي، البتہ لکيل پڙهيل طبقي لاءِ لکت ۾ اهڙو مواد موجود نہ هو. پر هاڻي هن ڪتاب جي 'پهرئين ڀاڱي' ۾ اهڙي واقفيت لاءِ ڇڱو خاصو مواد موجود آهي.

* **ڳولو اڳ ٻڌل ڳجهارت ڪي ڏڪ نہ هڻي:** ٻڌل ڳجهارت کي ڏڪ هڻڻ ڄڻ مئل شيءِ کي مارڻو آهي. محض سرخرو ٿيڻ خاطر ٻڌل ڳجهارت کي ڏڪ هڻڻ سگهڙپائي جي شان ۽ ڪچهري جي قانون جي خلاف آهي. ٻڌل ڳجهارت ملي تہ ڳولو چوي تہ: 'ادا ٻڌل آهي، يا مون وٽ اڳي آهي'. البتہ ڪي ڳجهارتون 'ڏيٺي' ۾ هڪجهڙيون ٿين ٿيون، انهيءَ ڪري ڏيندڙ سگهڙ جي مناسب سمجهي تہ بيشڪ ڳولي کان ثابتي جي طلب ڪري. اهڙي طلب تي پوءِ ڳولو پيل ٻڌل ڳجهارت سچي ڪري ٻڌائي.

* **ڳجهارت تڏهن پڇي جڏهن ڳولو ڪنهن بہ 'پائي' وارو صحيح**

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ **ثابت نالو ڪٽي:** جڏهن سُر رکي ٿو ڏجي تہ پوءِ 'چاليهين پتي واءَ' تي ڳجهارت ڪانہ پڇندي. ضروري آهي تہ ڳولو ڪنهن بہ پائي وارو صحيح ۽ ثابت نالو ڪٽي. ڪن سڄاڻ سگهڙن اهو اصول اڳ بہ تسليم ڪيو هو جو چيائون تہ "ڳجهارت پنهنجي پائي چئندي" يعني ڳجهارت پڇندي تڏهن جڏهن 'پائي' وارو لفظ پڌرو ٿيندو. مثلاً پائي وارو لفظ 'ڊڳو' آهي تہ 'ڏاند' چوڻ سان ڳجهارت ڪانہ پڇندي، ۽ جي پائي وارو لفظ 'دلو' آهي تہ 'گهَڙي' چوڻ سان ڳجهارت ڪانہ پڇندي. چوندا آهن تہ، "هر 'پائي' پنهنجي مزوري پوري لهڻي." البتہ جيڪڏهن ڳولو هڪ پائي ڳوليندي، ڪنهن ٻئي پائي وارو پورو لفظ چئي ويو تہ ڳجهارت پڇي پوندي. مثلاً ڪنهن ڳجهارت ۾ **ڳهہ** ۽ **ذات** بہ جدا پاوا آهن، ۽ ڳهہ جي پڇاڙي 'دستي' آهي، پوءِ جي ڳولو، ڳوليندي 'دستي' چئي ويو تہ بہ ڳجهارت پڇندي. اصول اهو آهي تہ ڳولو پائي جو مراد وارو صحيح ۽ پورو لفظ ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ پڌرو ڪري چئي.

***ڳول جي ملوڪت انهيءَ ۾ آهي تہ ڳولو ڳجهارت جو خيال ۽ رايو سمجهي، پوءِ پاون جي مناسب سان پورا ڏڪ هڻي: ڳجهارت ڳولڻ آسان نہ آهي:** پرائو ڳجهہ ڳولڻو آهي، جو ڪنهن بہ طرح ڳولجي تہ ڄڃائي. پر سهڻائي انهيءَ ۾ آهي تہ ڪنهن ڍنگ سان ڳولجي. سهڻائي ۽ دانائي جي لحاظ سان ڳول جا ٽي درجا آهن:

(1) سڀ کان سولي پرچڻ بارناٽي درجي واري ڳول اها آهي جو فقط 'پاون' کي ڳولجي: يعني تہ پائو 'ڳهہ' جو هجي تہ وني ڳهن جا نالا وٺجن، يا 'ذات' جو هجي تہ وني ذاتيون بيان ڪجن. اهڙيءَ ڳول ۾ خيال ۽ فڪر جي ضرورت ناهي: ڳهن يا ذاتين جا گهڻا نالا ياد هوندا تہ 'پاون' جي پڇڻ جو وڌيڪ امڪان ٿيندو. انهيءَ ڪري ڪن سگهڙن ڳهن، ذاتين، ڪاٺين، پکين، وکرن وغيرہ جنسن جي نالن کي بيتن ۾ منظوم ڪيو تہ جيئن مختلف شين جي نالن جون ڪنڊيون سولائي سان ياد ٿي سگهن. جن کي بيت ياد هوندا سي ڳجهارت پڇڻ وقت وني ڳهن، ذاتين، پکين وغيره جنسن جي نالن جي ڪنڍي ڪٽندا ۽ بيت پڙهندا. جن ڳولن اهي ڪنڍيون ناهيون ۽ ياد ڪيون تن جي ذوق

شوق ۽ يادگيري کي آفرين ڏيئي سگهجي ٿي، پر ڳجهارت ڳولڻ جو اهو طريقو هيٺين درجي وارو شروعاتي طريقو آهي، جو نون سيکڙاتن کي ئي جڳائي ٿو. بنا سوچ سمجهه جي وٺي پاون جا نالا ڪٽڻ، ڳجهارت سان انصاف ڪرڻو ناهي، مگر ان تي زبردستيءَ سان فوج چاڙهڻي آهي. پوءِ جي اتفاق سان ڪو تير لڳو ته گهائجي پوندي نه ته گهٽو ڪري بچي پوندي.

(2) وچين درجي جي ڳول اها آهي جو ڳوليندڙ ڳجهارت جي 'ڏيٺي' يا 'بيهڪ' کي خيال ۾ رکي پوءِ پاون کي انهيءَ لحاظ سان ڳولي.

(3) بالڪل مٿئين ۽ اعليٰ درجي واري سهڻي ڳول اها آهي، جو ڳولو 'ڏيٺي' کان نظر اڳتي وڌائي، مقصد ۽ مراد جي لحاظ سان ڳجهارت جو خيال يا رايو سمجهي ته ڪهڙي موقعي تي چيل آهي، ڪير ٿو چوي ۽ ڪيئن ٿو چوي! جيڪڏهن ڳولي دانائي سان ڳجهارت جو رايو هٿ ڪيو ته انهيءَ رايي کي موزون لفظن ۾ بيان ڪرڻ سان ڳجهارت کلي پوندي. سدا ملوڪ ڳولو اهو چئبو جو ڳجهارت جي مقصد کي وهجائيندي ڳالهه ۾ ڳجهارت کي پيچي ڇڏي، پر جي ڳالهه ۾ ڳجهارت نه پيچي ته قابليت اِها آهي جو ڳولو، ڳالهه جي لحاظ سان 'پاون' کي سهڻا ۽ سنڌائتا ڏک هڻي. سهڻا ۽ سنڌائتا ڏک اهي آهن جن ۾ پاون (مثلاً 'ڳهه' يا 'ڏات') جون پيچيون به اچي وڃن ۽ اهي پيچيون ڳجهارت جي رايي سان پڻ پيچي بيهن. ڪچهرين ۾ اسان جيڪي سگهڙ ڏٺا آهن تن ۾ رمضان ٽالپر کي اها رمز ياد آهي جو بعضي ته- پائي ڳجهارت جي ٿنهي پاون کي سهڻا ۽ سنڌائتا ڏک هڻي ڇڻ سچي پيچي ڏيندو ويندو.

ڳجهارتن جي ڪچهرين ۾ ويهڻ ۽ پاڳي پائيوار ٿيڻ بعد اسان هن نتيجي تي پهتا آهيون ته معنيٰ ۽ مقصد جي لحاظ سان ڳجهارتون گهٽو ڪري ٻن قسمن جون آهن: هڪڙيون 'بياني' ۽ ٻيون 'معنوي'. 'بياني' ڳجهارتون اهي آهن جن جي پيچي ۾ فقط ڳالهه جو ڪو بيان ٿيل هجي. 'معنوي' ڳجهارتون اهي آهن جن جي پيچي ۾ سهڻو خيالُ يا معنوي نڪتو سمايل هجي. ٻين لفظن ۾ جيڪر چئجي ته: هڪ 'ڳجهارت ڳالهه' ۽ ٻي 'ڳجهارت خيال' آهي. تجربي مان معلوم ٿئي ٿو ته 'بياني' ڳجهارتون پيچڻ ۾ وڌيڪ سوليون آهن،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر معنوي ڳجهارتون ڳولڻ ۾ البت مشڪل آهن. 'بياني' ڳجهارت جو مثال مارئي جي سر مان هي ڳجهارتَ آهي:

ڏيٺي: ڪڪ منيءَ تي نالو اَباڻن.

پڇٺي: پڪو دڙي تي اَڏيو اَباڻن.

يعني ته مارن هيئن يا هيئن ڪيو: اهو هڪڙو بيان آهي، ۽ سجاڳ ڳولو ڪوشش ڪندو ته ڳجهارت کولي وجهندو. پر مارئي جي سر مان هيٺين ڳجهارت 'معنوي' آهي:

ادا عمر هِت نہ مال جا، پر هُت مال جا.

جي ڳولو بيان طرف ويندو ته ائين پائيندو ته ڄڻ مارئي عمر کي ٿي چوي ته، هت عمرڪوٽ ۾ اهي شيون نه آهن پر هت مارن وٽ اهي شيون آهن. پر انهيءَ لحاظ سان ڳجهارت نہ پڇندي ڇو ته ان ۾ 'بيان' جي بدران ڪا معنيٰ وار ڳالهہ ڪيل آهي. مارئي عمر کي چوي ٿي ته:

"ادا عمر هت نہ مران، پر هُت مران"

(مالَ جا= مَرا> مران)

اهڙي طرح بين سرن ۾ بہ معنيٰ واريون ڳجهارتون وڏي سمجهہ ۽ دانائي سان ڳولي سگهبيون.

(8) ڳجهارت پڇي تہ ڏيندڙ ڳجهارت کي سچو يا سال ڪري:

ڳجهارت جو ڪوبہ هڪ پائو پڇو ته ڳجهارت پڳي. ان بعد ڳجهارت جي پوري پڇٺي يا وَراڻ پڌري ڪرڻ ضروري آهي، انهيءَ لاءِ تہ سچي سربستي ڳجهارت ڪچهريءَ جي ڪنين پوي، ۽ ڳولي کي پڻ اطمينان ٿئي تہ ان کان اڳ سندس ڪنهن بئي ڏک سان ته ڳجهارت ڪانہ پڳي! انهيءَ لاءِ ڳولي کي گهرجي ته ڏيندڙ کان طلب ڪري تہ: 'ادا ڳجهارت سچي ڪر' پڻ چوندا تہ: 'ڳجهارت سال ڪر'، يا 'ڳجهارت کول'.

هن بعد اسان ڪچهرين ۾ ڳجهارتن جي ڏيندڙن ۽ ڳوليندڙن جي خاص گفتن ۽ خوش طبعين تي قدري روشني وجهون ٿا.

ڳجهارتن جا سگهڙ، سندن ڪچهريون ۽ تڪيا ڪلام ڳجهارتن جي ڪچهرين ۾ ڏي- وٺ ڪندي سگهڙ پاڻ ۾ ڪي گفتا ۽ ٻول ڪندا آهن. مثلاً 'ڳجهارت ڏيندڙ' ڳولي جو نالو وٺي چوندو ته: 'فلاڻا! اچئي ٿي ڳجهارت' يا

رڳو چوندو تہ ’اڃئي ڻي‘. ڳولو ورائيندو تہ: ’ادا ڀلي ڪري اچي‘. جيڪڏهن ڪنهن ڳولي وٽ اڳ ئي اها ڳجهارت هوندي تہ چوندو تہ: ’ادا آهي‘ يا ’ٻُـڌل آهي‘. ڪي چوندا تہ ’ادا جهلي پئي آهي، ٻي ڏي.‘ ڪچهريءَ جي قانون موجب ٻڌل ڳجهارت ڪيٰ ڏک نہ هٽبو. ڪنهن سگهڙ ڳجهارت پنهنجي سمجهہ سان پڳي تڏهن بہ چيائونس تہ: ’ٻيلي تنهنجي ٻڌل آهي.‘ جواب ڏنائين تہ: ”ادا ڀلا جي ٻڌل آهي، تہ بہ مون پنهنجي ٻاجهري ڪاٿي ٻڌي آهي.“

اهڙن ٻولن مان ڪي ڪچهريءَ لاءِ ضروري آهن، ۽ ڪي محض خوش طبعي طور ڪبا آهن. ڳولو جڏهن ڳجهارت ڪي ڳولي ۽ ڏک هٽي تہ ڳجهارت ڏيندڙ لاءِ ضروري آهي تہ ڪيس اهڃاڻي ڏئي تہ ڳجهارت پڳي يا ٻيئي، مئي يا اجان جيئي ۽ ٻچي. ڳجهارت نہ پڄڻ واري حالت ۾، ڳولي جا ڏک ٻڌندي ڏيندڙ اهڃاڻي طور اڪثر چوندو تہ: ”ادا، اجا ٻچي.“ ڪُجهہ جهڙا وڏيڪ ڏک لڳي وِيا پر اجا بہ ڳجهارت ٻيني تہ چوندو، ”اجا جيئي.“ پر جي ڳولا ٻولائي ڏک هٽندو ۽ پائيندو تہ هاڻ پڄندي نہ ڏيندڙ بہ انهيءَ لحاظ سان چوندو تہ: ’اجا ٻچندي‘. ڪي وري خوش طبعي طور چوندا تہ ’اجا چوندي‘، ’اجا پڙهندي‘، ’اجا ٻوليندي.‘ ڪي چوندا تہ ’پنهنجو ڻي ڪاٿي‘. عليمِ فقير مگريو[1] چوندو هو تہ ’پنڊ جو ڻي ڪاٿي.‘ عثمان ڪچي جو پڻ اهو تڪيو ڪلام هو. ڪي وڏيڪ دعويٰ سان چوندا تہ ’اجا ڳيهہ ڻي گهري‘، ’اجا ڪير ڻي گهري‘. ڪي اجا بہ اڳيرو ڻي چوندا تہ ’مجي تہ مار ڪاٿي‘. پر اهو گفتو ايڏو سهڻو نہ آهي، جو تہ ڏيندڙ جو ڪم آهي تہ ڳولي کي همٿائي، ۽ نہ ڪِ ان کي هيسائي.

ڪي ڳولا بہ خوش طبعي سان ڳول ڪندا ۽ چوندا تہ ’ائين نٿي چوي، تہ ڀلا ڇا ٿي چوي!‘ هڪ سگهڙ سرائڪي ۾ چوندو هو تہ: ’آهدِي پئي اي، پر ڪيئہ پئي اهدي اي؟‘ ڪي ڳولا ڳول ۾ وٽ پڪڙ ڪندا ۽ ابتا سبتا ڏک هٽي بہ ڀيا منڊل مچائيندا.

ڳجهارت پڄي تہ ڏيندڙ کي گهرجي تہ يڪدم اهڙي اهڃاڻي ڏئي. اڪثر ائين چوندا تہ ’ادا وئي‘ يا ’فلاڻي ڏک ماري‘. پر سهڻائي انهيءَ ۾ آهي تہ ڳولي جي قدرداني ڪجي ۽ ڪيس آفرين ڏيڻ لاءِ ”واهہ واهہ“ ڪجي: يعني تہ

---

[1] سندن نالا هيٺ ايندا.

وڏي سڏ ”واهه واهه“ چئجي، بلڪ وڏي اچي ڪيس ڏارو ڏجي. اسان پنهنجين ڪچهرين ۾ ”واهه واهه ڪرڻ“ ۽ ”هٽ ملائڻ“ کي ترجيح پئي ڏني آهي.

ڪي ڳوليندڙ به ڳجهارت پڇڻ وقت ناز انداز سان چوندا ته ’مري وئي‘، يا هڪل سان ’ها‘ ڪندا. سگهڙ گلڻ جلباڻي جي (هڪل واري) ’ها‘ ڪچهرين ۾ مشهور آهي. سگهڙ رمضان ٽالپر، ڳجهارت پڇندو ته اڪثر چوندو ته ’هل پانڊي گدام تي‘. (يعني ته ’اي ڪاٺي، تون به هل گدام تي‘. جڻ ته اها ڳجهارت به هڪ ڪاٺي هئي جا ٻين ڪاٺين وانگر گدام تي اُڇلي ڦٽي ڪيائين). اهو سگهڙ رمضان ٽالپر جو تڪيو ڪلام آهي.

ڳجهارت جون ڪچهريون سنڌ ۾ اتر، لاڙ، ٿر، ڪاڇي ۽ ڪوهستان توڙي سنڌ جي موجوده سرحد کان ٻاهر لس ٻيلي، ڪڇ، ناڙي (ضلعو ڪڇي) ۽ چولستان) بهاولپور ۾ مدت کان وٺي سگهڙن جي رس رهاڻ ۽ وندر ورونهه جو ذريعو پئي رهيون آهن. پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل، امير توڙي غريب انهن سگهڙن جي صف ۾ شامل پئي رهيا آهن. اڄ کان پنجاسي سال کن اڳ ڪوڙومل چندنمل کلناڻي ڳجهارتن جي ذوق بابت لکي ٿو ته: ”سنڌ ۾ گهڻن ماڻهن کي خصوصاً ٻهراڙي ۾ ڳجهارتن جو ڏاڍو شوق آهي، رڳو اڻ پڙهيل ۽ دهقاني ماڻهو نه، پر بعضي بعضي وڏا ماڻهو به ڳجهارتن سان اهڙيءَ طرح دل وندرائيندا آهن، جيئن چوپڙ يا پٽن جي راند سان“[1] . اڳي ميلن ملاکڙن ۽ عيدن شادين جي موقعن تي سگهڙن جي عام رس رهاڻين کان سواءِ ڳوٺن ۾ چڱن مڙسن، رئيسن ۽ خانن جي اوطاقن، يا پيرن فقيرن جي درگاهن ۽ منزلن ماڳن تي موقعن سان ڪچهريون لڳنديون هيون، جن ۾ ڳجهارتن جي رس رهاڻ ٿيندي هئي. ڪچهرين جي انهن سرپرستن ۾ خاص طرح ڳجهارت جي ڪچهرين جي ڪوڏين مان اسان تعلقي عمرڪوٽ جي صوفي فقير جو مثال ڏيون ٿا، حالانڪ سنڌ جي ٻين خاندانن پڻ ڪچهريون قائم ڪري سگهڙپائي جي ذوق شوق کي وڌايو:

ضلعي ٿرپارڪر ۾ فقير صوفي محمد صادق رحه جي خانقاه جي سجاده نشين مان فقير ميان حاجي محمد صوفي عام سنڌي ڪچهرين جو سرواڻ ٿي

[1] ديباچو ’سنڌي ڳجهارتون‘ قيصريه پريس حيدرآباد، 1901ع.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گذريو آهي. ڪانئس اڳ سندس پاءُ فقير ميان علي بخش سکھڙ پاڻي جي ڪچھري ۾ رهاڻ جو بنياد وڌو. فقير علي بخش صوفي خاص طرح ڳجھارتن جي ڪچھريءَ جو ڪوڏيو هو. خود پاڻ وڏو ڳولو هو. رئيس مرحوم گل محمد خان لغاري (ويٺل ڳوٺ جعفر خان لغاري، تعلقو سنجھورو. ضلعو سانگھڙ) سنه 1945ع ۾ بنده راقم کي ٻڌايو ته: 'آءٌ ڳڏ هوس جو جھوڪ شريف جو سجاده نشين صوفي صاحب عبدالستار (وڏو) ۽ فقير علي بخش سفر ۾ فلاڻي منزل تي اچي ڳڏ لٿا. فقير علي بخش جھوڪ وارن صاحبن جو مريد هو. صوفي صاحب عبدالستار چيو ته: 'فقير علي بخش! اسان ٻڌو آهي ته تون ڳجھارت ٿو ڳولين ، هاڻي اچئي ٿي اسان جي ڳجھارت، صوفي صاحب ڳجھارت ڏيئي بس ڪئي ته فقير علي بخش چيو ته: 'قبلا، پانيان ٿو ته هيئن ٿي چئي.' ڳجھارت ٽٽي وئي، جنهن تي صوفي صاحب چيو ته: 'فقير علي بخش! تون پلي ڳجھارت ڳول'. رئيس گل محمد خان چيو ته: فقير صاحب خان مري (ويٺل لڳ پڙي، تعلقو سنجھورو) هڪ سالڪ ۽ سگھڙ هو، نڙ جي بيتن ۽ ڳجھارتن جو ملوڪ هو. فقير علي بخش سنجھوري تعلقي ۾ مريدن وٽ ايندو هو ته فقير صاحب خان هلي اچي ساڻس ڳجھارتن جي ڪچھري ڪندو هو، چراري، پيراني ۽ سنجھوري ۾ سندن ڪچھريون اسان کي ياد آهن. فقير علي بخش هميشه سھٽا ڏڪ هٽي فقير صاحب خان جون ڳجھارتون پئي پڇيون: ڪانبو ٻڌي ڪونه ٿي ڳولياٿين.'

اهو دؤر سنه 1920ع کان اڳ وارو هو. 1920ع کان 1940ع واري دؤر ۾ ڳجھارتن جا ڳولا ۽ چاڻو جيڪي حضرت شاهه عبداللطيف جي ميلي تي آيا ۽ پنھنجن ڪچھرين ذريعي مشهور ٿيا، تن سيني ۾ سرس ۽ سوايو ۽ ڳجھارت جو وڏو چاڻو اوباهيو ماڇي (پاڙو سيماراڻي، سنائي) هو. تعلقي شهدادپور ۾، 'سئي ڪندر' لڳ ڏکڻ اوير طرف حاجي سنجر جوڻيجي جي ڳوٺ ۾ ويٺل هو ۽ سنه 1945ع ڌاري 75 ورهين جي عمر ۾ اتي وفات ڪيائين. ڳجھارت ٽوڙي ڏور جي ڪچھريءَ جو اباهيو وڏو ملوڪ هو. سندس گفتي ۽ رهاڻ ۾ وڏو لطف هو. ڳجھارت ملندي هيس ته اول ان تي غور ڪندو هو. ڳوڙهي ڳجھارت هوندي هئي ته ٻه يا ٽي دفعا ورائي چورائيندو هو ۽ پوءِ ويھي سھٽا ۽ سنڌائتا ڏڪ هٽندو هو. ڳجھارت متس ڪا ورلي بيھندي هئي. بعضي ڪا ڳجھارت

سهڻن ڏکن کان پوءِ بہ نہ پهچندي هئي. تہ ڏينڊڙ کي چوندو هو تہ: 'ادا، ڳجهارت کول، جو انهيءَ ۾ ضرور ڪا غلطي آهي.' کولڻ بعد ڳجهارت ۾ برابر خامي پڌري ٿي پوندي هئي.

ٿر، سِري، لاڙ توڙي ڪڇ، لس ۽ ناڙي ۾ ڳجهارتن جا سوين سگهڙ ٿي گذريا آهن، جن جا نالا بہ اڄ باقي ياد نہ رهيا آهن. اسان گذريل پندرهن سالن واري عرصي ۾ مختلف ماڳن مڪانن تي ڪچهريون ڪيون آهن، ۽ جن سگهڙن جا اسان نالا ٻڌا يا جن کي اسان ڏٺو تن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو، انهيءَ لاءِ تہ سندن نالا ياد رهن ۽ پڻ تصديق ٿئي تہ ڳجهارت جون ڪچهريون موجوده دؤر ۾ اجان تائين مقبول آهن.

ڪڇ:

* چڱو جت. ڪڇ جو مشهور شاعر، سگهڙ، سالڪ ۽ درويش هو، ۽ ڏيڍ سؤ ورهيہ اڳ ٿي گذريو. ڳجهارتن جو شاعر هو. سلوڪ ۾ سندس بہ ٽَل، هيٺين ڳجهارت اڄ تائين سگهڙن کي ياد آهي:

ڏيٺي: **ڪڪ ٻولي جي ڪن اپ ارٽ جون سي پسن**

ڪڪ = ڪل، ٻولي= مون، اپ جي= حور،

ارٽ جي= رون.

مراد: ڪلمون جي ڪهن، حورون سي پسن

* پڇمر ۾ راهبجي سمون سگهڙ ۽ ڳجهارتن جي ڪچهريءَ جو ملوڪ هو.

* عثمان نالي ڪڇي مهاجر سان ڪيٽي بندر ۾ اسان جي رهاڻ ٿي. ڳجهارتون وٽس گهٽيون هيون. 'پند جو تي ڪائي' سندس تڪيو ڪلام هو. سگهڙ پيڙي ڪنيار ۽ راقم سندس ڳجهارتون ڳوليون. وري وري پئي پيڙي کي للڪاريائين تہ 'متي نہ وڃ، ذرا هيٺ لهہ، زمين تي اچ' (يعني اجايا ذڪ نہ هڻ).

ضلعو ٿرپارڪر:

*فقير علي بخش صوفي، ڳوٺ صوفي فقير تعلقو عمرڪوٽ، ڳجهارت ڳولڻ جو ملوڪ هو.

* منگو فقير وسائي پوٽو چانديو، ويٺل ڪاڪٽهار رحم علي جو، تعلقو مِٺي،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳجهارتن جو شاعر ۽ وڏو ملوڪ ڳوليندڙ هو. سنہ 1948ع ڌاري 75 ورهيہ جي عمر ۾ وفات ڪيائين. سرندو وڃائيندو هو، ۽ ڳجهارت ملندي هئس تہ سرندي تي ٽي گزيون هٽي ڳجهارت پڇي ڇڏيندو هو. پر جي ڳجهارت نہ پڳي ۽ ڪيس وڇڙو پوندو هو تہ وري موٽي ايندو هو ۽ ڳجهارت پڇي پوءِ ويندو هو. ڪنهن ڪيس هٿ جي ناهي ڏني تہ "ذات ڪاني ڇا ڪري"، نيٺ اها بہ پڳائين تہ "شيدي ڦٽي ڇا ڪري."

* سائين بخش وسائي پوٽو، ويٺل ڪاڪٽهار، بہ ڳجهارت جو چڱو چاڙُو هو.

* حاصل فقير وسائي پوٽو ويٺل ڪاڪٽهار، شيرو درس ويٺل وَڪڙيو، ۽ وريام موسي پوٽو، ٽيئي چڱا سگهڙ. جن سان سنہ 1956ع ۾ مِـئي ۾ اسان جي پهرين ڪچهري ٿي.

* حاجي ٽيبو، مارو ٽيبو ۽ مارو جو پٽ، ٽيئي ويٺل ڪَـرنور، تعلقي چاچري جا. مارو ۽ سندس پٽ سان اسان جون ڪچهريون ٿيون. مارو ڳجهارت جو ڪانبڙيو ڳولو ملوڪ آهي.

* عبدالشڪور اونو ويٺل ڳوٺ ستي- ڏيرا تعلقو چاچرو.

*منو چانديو ويٺل ڪرچيلو، تعلقو سامارو، وڏو سدا ملوڪ سگهڙ هو جو 1954ع ڌاري گذاري ويو. ڪانئس پوءِ، اسان جي ڪچهري ڏٽي بخش چانديي سان 1957ع ڌاري ٿي.

* بهار شاهہ ويٺل جهلوري، تعلقو ميرپورخاص جو، جنهن سان 1957ع ڌاري اسان جي ڪچهري ٿي.

* وريام نونداڻي وڏو سگهڙ ۽ هر ڪچهري مان واقف هو، 1958ع ۽ ان کان اڳ ساڻس اسان جون ڪچهريون ٿيون.

* محمد خان ڪپري، ويٺل ڳوٺ عبدالله خان ڪپري، تعلقو سامارو پير مرد عمر 75 سال. ساڻس 9، 10- تاريخ جنوري 1965ع تي اسان جي ڪچهري ٿي. ڪيس سهٽيون ڳجهارتون ياد آهن.

* ڪريمڏنو ملاح جنهن سان جنهن (تعلقو سامارو) ۾ رئيس مرحوم قادر دادخان بلوچ جي اوطاق تي اسان جي رهاڻ ٿي. ڳجهارتون وٽس گهڻيون هيون.

ضلعو حيدرآباد:

* رمضان واڍو، ويٺل پنجمورو، تعلقو هالا، وڏو داناءُ سگهڙ ۽ شاعر هو. هر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فن ۾ طبع آزمائي ڪيائين ۽ ڳجهارتن تي پڻ ڪتاب لکيائين. ڳجهارتن جو ياڻ شاعر هو ۽ سندس ڻاهيل ڳجهارتون اجان تائين ڪن سگهڙن کي ياد آهن، غالباً رمضان فقير ٿي پهريون سگهڙ هو جنهن پنهنجو نالو پڻ ڳجهارت ۾ آندو[1] .

* نمر لوهار ۽ گل لوهار وينل ڳوٺ 'وڏي اڏوڙي' (تعلقو ٽنڊوباگو) ڳجهارتن ڳولڻ ۾ نالي وارا سگهڙ هئا. نمر لوهار هر فن موليٰ هو. ان وقت تاجو نون، ڏاتو پهنور، بدر سينهڙو ۽ نمر لوهار چارئي وڏا سگهڙ هئا، ۽ تاجو نون سندن سرواڻ هو. اهو اندازاً 1880ع کان 1915ع وارو دوڙ هو.

* الله ڏنو ماڇي ۽ جعفر اگاريو ماڇي، وينل 'ملان ڪاتيارن' جا ڳجهارت جا وڏا قابل ڳولا هئا ۽ پنهنجي وقت ۾ ڳجهارت جي ڳول ۾ دنگ ڪري ويا. پاڪستان کان اڳ وفات ڪيائون.

*طاهر هاليپوٽو، وينل بيبيءَ وارو اوٺو، تعلقو ماتلي، الله ڏني ماڇي جو ساٿياري ۽ ڳجهارت جو وڏو ڳولو هو.

* صالح ٿارو (ذات جو) وينل ڳوٺ سيد مـَـتو، تعلقو گوني. ڳجهارتن جي ڪچهريءَ جو ملوڪ هو. 1925ع ڌاري گذاريائين.

* چگو ماڇي قبول پور (تعلقو گوني)، ڳجهارتن جو ملوڪ هو.

* ٻچوڪور، جنهن سان 24- ڊسمبر 1951ع ۾ ٽنڊي قيصر ۾ اسان جي پهرين ڪچهري ٿي. هنر ۽ ڳجهارت ڳولڻ جو ملوڪ هو.

* حامد خاصخيلي، وينل ملهڻ (عمر 65 ورهيه) هر فن موليٰ ۽ وڏو سگهڙ آهي. سن 1958 کان وٽي اسان جون ساڻس رهاڻيون ٿيون آهن. ڳجهارتن جو ياڻ شاعر ۽ اڻ ورچ ڳوليندڙ آهي. سنڌائتا ڏک به هٽندو پر پنهنجا ڻاهيل بيت چئي به ڳجهارت ماريندو. اجا به نه مٺي ته وٽي قصي واري ڳالهه ڪٿندو. ٻيڙي فقير ڪنيار ڳجهارت ڏنس: ڏک هٽي، بيت ڏيئي، آخر اچي ڳالهه ۾ پيو. ٻيڙي فقير چيس ته ڳجهارت ڳول. جواب ڏنائينس ته: "تون وينو ڳالهه ٻڌ، پاڻهي پيچي پوندي." ڳجهارت ڳولڻ ۾ حامد جي اها 'ڊگهي شنوائي' اسان کي هميشه ياد رهي آهي.

---

[1] ڏسو سندس نالي واري ڳجهارت ص 451

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* قاضي الله ورايو نظاماڻي (عمر 55 سال) اصل وينل ڳوٺ سومرو نظاماڻي، ديهه جهالار، تعلقو بدين 1955ع کان وٺي ساڻس اسان جون ڪچهريون پئي ٿيون آهن. ڪنهن حد تائين حاميد سگهڙ جو شاگرد آهي، پر علم وارو، ذهين ۽ وڏي حافظي وارو آهي. ڳجهارت ڳولڻ جو ملوڪ آهي. سنڌائتا ۽ سهڻا ڏک هڻندو، ۽ ڪانبو ٻڌي به ڳوليندو.

* اڪ ماڇي (پاڙو مَرڪَٽ) وينل ڳوٺ سليمان ماڇي، پاڙو مزار شاهه اولياءَ لڳ قبول پور (تعلقو گوني) ڳجهارتن جو سهڻو ڳولو آهي. اسان جي 2- تاريخ مئي 1965ع تي ساڻس حيدرآباد ۾ ڪچهري ٿي.

* خليفو ربڏنو، جنهن 17، 18- ڊسمبر 1964ع تي شاهه قادري جي ميلي (بدين) تي اسان جي قائم ڪيل ڪچهريءَ ۾ بهرو ورتو.

* رمضان ٽالپر، وينل ٽنبو سومرو، تعلقو ٽنڊوالهيار، ڳجهارت جي ڳول جو سدا ملوڪ آهي. ڪانبو ٻڌي ڪونه ڪاهيندو، پر پاون جي پيچٽي جي لحاظ سان سهڻا ۽ سنڌائتا ڏک هڻندو جا وڏي ملوڪت آهي. اڪثر ڪانب ڪڍي ويهندو، ۽ بنا ڪنهن گوڙ گهمسان جي آهستي آهستي ڏک هڻي پيو ڳجهارت وهجائيندو. سندس ڳول جي ڪاريگري اها آهي جو بعضي ڳجهارت جي ٻن يا ٽن پاون کي ساڳئي وقت معنيٰ وارا ڏک هڻي ڳجهارت سڄي ڪندو ويندو. ڪنهن ڪنهن وقت اهڙا ته موزون ۽ سهڻا ڏک هڻندو جو چئجي ته جيڪر ڳجهارت وارا اصل ڏک ڇڏي سندس ڏک کڻجن.

* ٻيڙو فقير ڪنيار، وينل اصل لقمان ڪوٺريجو تعلقو هالا، حال رهندڙ ڪاري موري، شهر حيدرآباد. ساڻس اسان جي 1953ع کان ڏيٺ ويٺ ٿي. ان وقت هو 'ڏور' جي ڪچهريءَ جو سگهڙ هو. اسان پوءِ ڪيس ڳجهارت، سينگار وغيره ڏانهن مائل ڪيو. ڳجهارتن ۾ ٻيڙي فقير ۽ اسان جي سالن کان وٺي ڏي- وٺ پئي رهي آهي، ۽ هينئر ڪيس پوريءَ طرح ذهن نشين ٿي ويو آهي ته اول ڳجهارت جو رخ ۽ رايو سمجهي پوءِ ڳجهارت ڳولجي ۽ سهڻي ڪري ڳولجي. ٻيڙي کي آزمائڻ ۽ سجاڳ ڪرڻ لاءِ وقت بوقت اسان پنهنجي ذاتي ڪچهرين ۾ مختلف سرن مان جداجدا نوع جون ڳجهارتون جوڙي پئي ڏنيون آهن. بعضي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوشطبعي ڪندي چوندا آهيون تہ بيڙا توکي هاٿي ڳجهارت ۾ ٻڌون ٿا. هڪ پيري ڪيس هن طرح ڳجهارت ڏنيسون تہ:

بيڙي جي ٻَڌڻ لاءِ مون ڳنڍي ڳجهارت
هيءَ ڪوئرو جي ڪهت، سالڪ سو صحيح ڪري:

ڏيٺي: **ملڪ ماڳ** ليلان، **ڳاه ڳاه** ڪري، تي **پڪي** ڪرين.
پيٺي: **جهل جهل** ليلان، **ول ول** ڪري، تي **بل بل** ڪرين.

بيڙي هي ڳجهارت پڳي. بيڙو پاڻ بہ ڳجهارتون جوڙي ٿو جيتوڻيڪ مُتس اڪثر ميار رکندا آهيون تہ: 'بيلي اها ڳجهارت ڏهاڪن ۾ آهي. يعني تہ سهٽائي ۾ سوَن جهڙي نہ آهي.' ڳجهارت جي ڳول ۾ بيڙو فقير هن وقت سنڌ جي سڄاڻ ڳوليندڙن مان آهي.

*صابح احمداڻي، وينل ڳوٺ احمداڻي لغاري تعلقو ٽنڊوباگو، ڳجهارت جي ڪچهريءَ جي عاشقن مان آهي. وٽس ڳجهارتون گهڻيون آهن. ڪانبڙيو پر وڏو خفتي ڳولو آهي.

ضلعو ٺٽو:

* الله ڏنو رَٽو، وينل 'اَپلاٽن جو ڳوٺ' لڳ بهادي پور (تعلقو جاتي) ڳجهارتن جو وڏو شائق، شاعر ۽ ڳولو هو. سڄي عمر ڳجهارتن جي رهاڻ ۾ گذاريائين. ڳجهارتون جوڙيائين ۽ ڳجهارتن پيچڻ لاءِ مڇين، پکين وغيره جنسن جي نالن تي سهٽا بيت ٻڌائين، جي اسان کي سندس راوي دُري اوني ٻڌايا[1] . الله ڏنو 1950ع ڌاري گذاري ويو.

* پوپٽ خاصخيلي، عنايت خاصخيلي، جُڙُو شاهہ سيد ٺيٺي ننگر جا، ۽ پيروز مرگو (بلوچ) ڪارَي جو (يعني تعلقو ميرپورساڪرو) چارئي ڳجهارت جي ڪچهريءَ جا سدا ملوڪ هئا. سگهڙ الله بخش پالاري چيو تہ منهنجون ساٺن ڪچهريون ٿيون.

* الله بخش پالاري وينل ڪوهستان تعلقو ٺٽو. وڏو داناءُ سگهڙ، هر ڪچهريءَ جو قابل ۽ ڳجهارتن جو ملوڪ، جنهن سان سنہ 1959ع کان وٺي اسان جون وڏيري ڪرن شوري جي ڳوٺ، مياڻي جي ٻيليَ (تعلقو حيدرآباد) ۾ ٻين ماڳن

[1] ڏسو 'مڇين' بابت سندس بيت، صفحو 231

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ڪچهريون ٿيون.

*ڪندو جتوئي، ويٺل ڳوٺ شيرمحمد جتوئي (جهوڪ ڪان اتر، تعلقو ميرپور بٺورو) جنهن 15- فيبروري 1965ع تي ميرپور بٺوري ۾ اسان جي قائم ڪيل ڪچهريءَ ۾ بهرو ورتو.

* پنيلڏو ماڇي ويٺل لڳ سونڊا، جنهن سان 1- آگسٽ 1962ع تي مڪلي (ٺٽو) تي اسان جي ڪچهري ٿي.

* علڻ فقير ٻبر، ويٺل سال (تعلقو ٺٽو) ڳجهارتن جو شاعر جنهن سان 7- ڊسمبر 1962ع تي ٺٽن بارڻ واري بنگلي تي اسان جي رهاڻ ٿي. سندس پنهنجيون جوڙيل ڳجهارتون نهايت سهڻيون، جيڪي ڏيندو ويو ۽ هرهڪ جي آخر ۾ پئي چيائين ته: ”علڻ فقير چئي.“

* خدا بخش ميربحر، ويٺل لڳ ميرپور بٺورو. ڳجهارتن جي ڪچهريءَ جي سگهڙن مان آهي.

لس ٻيلو:

* اسماعيل شاهه لس جو، ڳجهارت جو وڏو ملوڪ ڳولو هو ۽ سهٽا ۽ سنڌائتا ڏک هٽي ڳجهارت مارينده هو.

* ڪندو چنو، لس جو، جنهن سان اسان جي سنه 1962ع ۾ ڪچهري ٿي. هن وقت هو ڪراچي ۾ ’پڙي‘ تي رهندڙ آهي. وٽس گهڻيون ڳجهارتون آهن ۽ ڪانبڙيو ڳولو ملوڪ آهي. ٻيڙي فقير ڪنيار سان ڳجهارتن جي ڏي- وٺ ۾ چڱو مقابلو ڪيائين.

ضلعو دادو:

* جعفر ڏيرو، ويٺل لڳ فريدآباد (ضلعو دادو) ڳجهارت جو سدا ملوڪ ڳولو هو. تاريخ 4- جولاءِ 1965ع تي اسان جي ساٿس ٻهرين ڪچهري خيرپورناٿن شاهه ۾ ٿي. راقم ويهارو ڪن ڳجهارتون ڪيس ڏنيون ۽ سڀ هڪ- ٻن ڏڪن ۾ ٻڳائين. شڪ پيو ۽ چيوسون ته: ’ادا شايد تنهنجو ٻڌل آهن.‘ چيائين ته: ’سائين، اوهان ڪٿي اهڙي ڏيو جا ٻڌل نه هجي.‘ جعفر حقيقت ۾ ڳجهارت جو قابل ڳولو هو. چوندو هو ته ’ڳجهارت چري مبارڪي آهي، يعني ته ڳولي ڪي ڳڻتي ۾ وجهندڙ آهي، حديث تي ٻڌل نه آهي، ۽ انهيءَ ڪري نڪي هوند نڪو شڪر.‘ ڳجهارتن ۾ جعفر ڏيري جي مهارت ڪان متاثر ٿي، اسان 1958ع ۾

گاجي شاهہ جي ميلي (تعلقو جوهي) تي سگهڙن جي هڪ خاص ڪچهري قائم ڪئي ۽ جنهن ۾ لاڙ مان رمضان ٽالپر، لعلڻ خان لغاري ۽ ٻيڙي فقير ڪنيار جهڙا ڳولا مقابلي لاءِ آنداسون. وڏي ڪچهري ٿي، پر لاڙ وارن سگهڙن بہ مڃيو تہ بيشڪ جعفر ڏيرو ڳجهارت جو وڏو ڳولو آهي. هي سگهڙ پوءِ سنت ٿي گذاري ويو.

* ميوو خان رند ۽ يوسف سيلرو ويٺل ڳوٺ فريدآباد، گاجي شاهہ جي ميلي واري ڪچهريءَ ۾ جعفر ڏيري جا ساٿي هئا.

* ميرمحمد پٽ لال بخش پانڌياڻي لغاري، ويٺل واهي پانڌي (تعلقو جوهي) جنهن سان 26- جنوري 1958ع تي اسان جي پهرين ڪچهري جوهي ۾ ٿي، جڏهن سندس عمر 85 سال کن هئي. هر فن موليٰ ۽ وڏو سگهڙ هو، خاص طرح ڪيس سهٽيون ۽ گهٽيون ڳجهارتون ياد هيون، ۽ پڻ ڳجهارت جو سهٽو ڳولو هو. فضل بن خان محمد باگائي چانڊيو ويٺل واهي پانڌي، عالم خان پٽ جڙيو ٻبر (عمر 75 سال کن) ويٺل 8- شاخ، ۽ ميوو پٽ پريل رجباڻي پرڳڙي.ويٺل 8- شاخ، اهي ٽيئي ميرمحمد خان لغاري جا ساٿي ۽ ڳجهارتن جا چڱا سگهڙ هئا.

* قادربخش چانڊيو، ڳجهارت جو ملوڪ سگهڙ جنهن سان 11- جولاءِ 1958ع تي اسان جي رهاڻ ٿي.

* ولي محمد مريداڻي ويٺل بهاولپور (تعلقو دادو)، ڳجهارت جو وڏو ڳولو هو. چوندو هو تہ ڳجهارت ڏجي تہ سُر رکي ڏجي. سندس لياقت ۽ قابليت جي خبر اسان سان ولي محمد جتوئي ويٺل ميان يارمحمد (لڳ خداآباد) ڪئي.

ضلعو سانگهڙ:

* صاحب خان مري ويٺل ٻڙي، تعلقو سنجهورو. ڳجهارت جو وڏو سڄاڻ سگهڙ هو. سنہ 1915ع ڌاري گذاريائين.

*غلام علي ٽالپر، ويٺل ڳوٺ نواب حيدر علي خان لغاري، تعلقو سنجهورو. ڳجهارتن جي ڪچهريءَ جو ملوڪ هو.

* جاڙو خان ڪنگراڻي مري (عمر 85 سال). ويٺل ڄام ننڊو مري تعلقو سانگهڙ. هر فن موليٰ ۽ وڏو سگهڙ آهي. ڳجهارتون ونس سهٽيون، گهٽيون ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قسمين قسمين آهن. ڳجهارت جي ڏيٺي توڙي وهجاڻي ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

* عليم فقير مڱريو، ويٺل سابو، تعلقو کپرو. بظاهر موحدانہ تبليغ ۾ مشغول ۽ مشهور هو، پر وڏو سگهڙ هو. خاص طرح ڳجهارتن جي وٽس کمي کانہ هئي. ساڻس ست- اٺ ڪچهريون ٿيون جن ۾ سهٽيون ڳجهارتون ڏنائين پر ڪڏهن بہ ساڳي ڳجهارت ٻيهر کانہ ڏنائين. سندس تڪيہ ڪلام هو تہ: 'ادا، پنڌ جو ٿي ڪائي.'

* لعلڻ خان لغاري (عمر 75 سال)، ويٺل ڳوٺ گل محمد لغاري تعلقو شهدادپور. شاعر ۽ وڏو سڄاڻ سگهڙ آهي. ڪچهريءَ جي هر فن جي ڄاڻ اٿس. ڳجهارتون ڏئي توڙي ڀڃي. هن وقت جي وڏن ڀڄڻن مان آهي. ڳجهارت ڀڃڻ لاءِ جنس وار بيت ٺاهيا اٿس جي هن ڪتاب جي 'ڀڃڻين ڀاڱي' هيٺ ڏنا ويا آهن. لعلڻ خان سنا سنڌائتا ڏک بہ هڻي، پر جي ڳجهارت ٻيهي تہ پوءِ مٿس فوج چاڙهي، يعني تہ جنس وار شين جا نالا ڪڍي يا بيت چوي. ٻيڙو فقير ڪنيار چوندو آهي تہ: 'لعلڻ خان ڳجهارت لاءِ ملٽري آهي.' انهيءَ ڪري ڪو سگهڙ هوندو جو لعلڻ خان کان ڳجهارت ڪنهن رمز سان لڪائيندو. اسان مٿي بيان ڪري آيا آهيون[1] تہ ڪيئن ٻيڙي فقيرڪنيار 'ڪاني' جي پائي کي لعلڻ خان کان لڪائڻ لاءِ انگريزي نالو 'هاڪي' آندو، چو تہ ڪاني ڪاني جي ذات لعلڻ خان کي ياد آهي. هڪ دفعي ٻيڙي فقير چيو تہ: 'لعلڻ خان کان لڪائڻ لاءِ "ملڪ" 'لبنان' جي پائي سان هي ڳجهارت ٺاهي اٿم تہ:

ملڪ نہ رکان سومرا، مون کي جر جو ڪو مَ چئو

يعني:

لب نان نہ رکان سومرا، مون کي گهٽو ڪو مَ چئو

* بخشو خان شر، ويٺل ڳوٺ دليل شر، تعلقو سانگهڙ. جنهن سان گذريل ڏهن- ٻارهن سالن کان اسان جون ڪچهريون پئي ٿيون آهن. بخشو خان ڏور جو وڏو قابل ڀڄولو آهي. اسان جي ڪچهرين ۾ حصو وٺندي ڳجهارتن ڏانهن پوءِ مائل ٿيو ۽ هينئر ڳجهارت کي سهڻا ۽ سنڌائتا ڏک هڻي ڀڄي ٿو.

---

[1] ڏسو مٿي، ص 66

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضلعو نوابشاهه:

ضلعي نوابشاهه ۾ ڳجهارتن جي ڪچهريءَ ۾ هينيان سگهڙ نالي وارا ٿي گذريا آهن:

*اوباهيو ڏاهري، ويٺل ڄام صاحب، تعلقو نوابشاهه. سنه 1925ع ڌاري گذاري ويو. ڄاڙي خان مري جي چوڻ موجب ڳجهارتن جي ڳول ۾ اوباهيي ماڇي جو مٽ ڪونه هو.

* عثمان مير بحر، ويٺل دليل ديرو، تعلقو سڪرنڊ، پاڪستان کان اڳ گذاري ويو.

*لعل بخش شاهاڻي، ويٺل لڳ ڳوٺ مجيد ڪيريو، تعلقو سڪرنڊ ڳجهارت جو خفتي ڳولو هو.

* عثمان کٽي، ويٺل ڪنياريون، لڳ نوابشاهه. ڳجهارت جي ڪچهريءَ جو سگهڙ هو.

هنَ وقت علي خان سنجراڻي، ويٺل لڳ صابو راهو، تعلقو سڪرنڊ. ڳول ۾ لعلڻ خان لغاري جون سڪون لاهي ٿو. وارث کٽي ويٺل شهر نوابشاهه. پڻ ڳجهارت جي ڪچهريءَ جي سگهڙن مان آهي.

ضلعو خيرپور:

*قادر بخش راڄپر، ويٺل لڳ ٽالپر وڏا تعلقو ٺ ري، وڏو هر فن مولي سگهڙ هو. 1955ع کان وٺي اسان جون ساٽس ڪچهريون قائم رهيون. ڳجهارتن جي ڏي- وٺ ۾ به ملوڪ هو. 1966ع ۾ گذاري ويو.

* علي شير جاگيراڻي، ويٺل لڳ ڪنڊڙي، تعلقو خيرپور. وڏو داناءُ سگهڙ ۽ هڪ لائق انسان هو. ڏور جو وڏو چاڙهو هو. پر پوءِ اسان جي ڪچهرين ۾ حصو وٺندي ڳجهارت ۾ سينگار ڏانهن مائل ٿيو. ڳجهارتون پنهنجون جوڙي ڪڪ رکي ڏنائين جي ڪچهرين ۾ ٻيئيون. 1967ع ۾ هي سچاڻ سگهڙ اسان کان جدا ٿي ويو.

*خدابخش ڏيپر، ويٺل لڳ ڪنڊڙي، ڳجهارت جي ڪچهريءَ جي سچاڻ سگهڙن مان هو. 1962ع ڌاري گذاري ويو.

* سبحان شاهه، ويٺل سنابو، تعلقو گمبٽ. ڳجهارت جو وڏو ڳولو هو. حاجي فقير مهيسر خبر ڪئي ته: ڳجهارت ڏڪ جهلي ويندي هئي ۽ پاڻ ٽڪڙو هوندو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو، تہ وري ٻئي دفعي موٽي اچي ڳجهارت ڳوليندو هو. ڪنهن ڪيس هٿ جي ناهي ڏني تہ "ذات آزار ۾ خوش" جا في الحال ڪانہ پڳي. ڳوٺ ويو تہ گهاٽو ڏٺائين ۽ موٽي اچي ڳجهارت پڳائين تہ: 'چاڪي پيڙ ۾ خوش.'

*ميوو ڦلپوٽو (عمر پنجهٺ ورهيہ) تعلقو خيرپور، هن وقت ڳجهارت جي وڏن ڳولڻ مان آهي. وٽس ڳجهارتون گهٽيون آهن ۽ پاڻ بہ ڳجهارتن جو شاعر آهي. ڳجهارت ڳوليندو تہ پاون کي سهٽا ۽ سنڌائتا ڏک هڻندو ويندو ۽ چڻ ڳجهارت تي سوار ٿيو وينو هوندو، هن وقت ڳجهارت جي فن ۾ وڏو سڃاڻ سگهڙ آهي.

*حاجي فقير مهيسر، 'ڏور' جو شاعر آهي، پر اسان جي ڪچهرين ۾ ڳجهارت ڏانهن پڻ مائل ٿيو آهي. قدري ڳجهارت کي ڳولي ٿو ۽ ڪي ڳجهارتون پنهنجون بہ ڪچهرين ۾ ڏئي ٿو.

*مراد لاشاري (عمر 65 ورهيہ) وينل لڳ ڪنڌڙي، ڳجهارت جي ڪچهريءَ جي سمجهدار سگهڙن مان آهي. ڏيڍ لاءِ بہ وٽس ڳجهارتون ججهيون آهن، ۽ ڳوليندو تہ بہ جانچي سهٽا ڏک هڻندو.

*گل بهار ڪٽي (تعلقو خيرپور) ڳجهارت جي ڪچهريءَ جي سمجهو ۽ سنجيده سگهڙن مان آهي.

* گلڻ خان جلباڻي (عمر 65 سال) تعلقو خيرپور، ڳجهارتن جي ڪچهريءَ جو مور آهي. سندس ويٺي ڪچهري سينگارجي ويندي. ڳجهارت ڳوليندو تہ وڏي چڙهائي سان ڳوليندو. بس ڳجهارت کي ٻکين پئجي ويندو ۽ منڊل مچايو ويٺو هوندو. ڳجهارت کي سندس ڏک لڳو ۽ پڳي تہ ٻئي هٿ اڀا ڪري 'ها' ڪندو ۽ ڪچهري تي ڇانئجي ويندو. گلڻ جلباڻي جي 'ها' مشهور آهي ۽ ڪنهن کي ڪانہ وسرندي.

ضلعو لاڙڪاڻو:

لاڙڪاڻي ضلعي ۾ اسان نسبتاً گهٽ ڪچهريون ڪيون آهن، ڳجهارتن جا نالي وارا سگهڙ جن جي اسان کي خبر آهي يا جن کي ٻين سگهڙن تسليم ڪيو آهي سي هي آهن:

* نبي بخش لاشاري گهوگهاري جو، ڳجهارت جي ڏيٺي ۽ پيٺي جو خفتي، جنهن سان 1955ع ۾ اسان جي ڪچهري ٿي.

* علي بخش لوهار، شهر قمبر جو، ڳجهارت جي وڏن سڄاڻ ڳولڻ مان هو. 1950ع ڌاري گذاري ويو.

*حاجي عيسو موچي، ويٺل رتوڪوٽ، تعلقو لاڙڪاڻو. ڳجهارت جي سگهڙن مان هو.

*احمد چانڊيو گهوگهاري جو، ڳجهارت جي ڪچهريءَ جو سگهڙ هو.

ضلعو سکر:

*مولا بخش درزي شهر شڪارپور جو، ڳجهارتن جي ڪچهريءَ جو وڏو ملوڪ هو.

* واحد بخش شيخ، شهر شڪارپور جو. ڳجهارت جو سگهڙ هو.

* هوت موچي، شهر روهڙي جو، ڳجهارت جي ڪچهريءَ جو وڏو شائق هو. ڏيڻ جو توڙي ڳول جو ملوڪ هو. سندس دم سان ئي شهر روهڙي ۾ سگهڙن جون ڪچهريون قائم هونديون هيون.

*فريد خان گڏاڻي (عمر 85 سال) ويٺل لڳ گهوٽڪي. هرفن موليٰ سگهڙ ۽ ڳجهارتن جي ڪچهريءَ جو پڻ ملوڪ آهي. 1955ع ڌاري اسان جي پهرين ڪچهري ساڻس ٿي ۽ ان کان پوءِ گهوٽڪي توڙي ڳوٺ گلو پتافي (تعلقو ميرپور ماٿيلو) ۾ ساڻس ڪچهريون ٿيون. فريدخان ڪچهريءَ جو مور آهي ۽ پنهنجي گفتي جي ملوڪت سان منڊل مچايو ويٺو هوندو آهي.

* غمنار فقير انساڻي مهر (عمر 75 سال) ويٺل تڙ چنيسر، ديهه ٻسُچارو، تعلقو ميرپور ماٿيلو. شاعر ۽ هر فن موليٰ سگهڙ آهي. 1960ع کان وٺي ساڻس اسان جون ڪچهريون پئي ٿيون آهن. وٽس ڳجهارتون گهڻيون ۽ سهڻيون آهن. ڳولو بہ چڱو آهي. جنسن جا بيت ياد اٿس.

* امين تڙت، ڳجهارتن جي ڪچهريءَ جي سگهڙن مان آهي. ڳوٺ گلو پتافي ۾ سردار فتح علي خان پتافي وٽ 7- مارچ 1969ع تي قائم ڪيل ڪچهريءَ ۾ امين سان اسان جي ڪچهري ٿي.

ضلعو جيڪب آباد:

جيڪب آباد ضلعي جي وڏي سگهڙ سيد شريف شاهہ ۽ سهائي موچي جون پاڻ

۾ ڳجھارت جون مقابلي واريون ڪچهريون هونديون هيون. سيد شريف شاهه چوندو هو تہ ’بيشڪ علي بخش لوهار ڳجھارت جو وڏو ڳولو هو.‘

* ماڻڪ خان لاشاري، ويٺل محرابپور جمالي، تعلقو اوستو محمد. هرفن مولا سگهڙ ۽ وڏو قصہ خوان هو. ڳجھارتن جي ڪچهريءَ جو بہ چاڙهو هو. سنہ 1942ع ڌاري پنجانوي سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪيائين.

* سُهائو موچي، ويٺل ميرپور پرڙو، تعلقو ٺل. هرفن مولا سگهڙ ۽ ڳجھارت جي ڪچهريءَ جو وڏو چاڙهو هو.

* سيد شريف شاهه، ويٺل بکرڙو، تعلقو اوستہ محمد. ڳجھارت جي سنڌ ملوڪ ڳولن مان هو. قنبر جي سگهڙ علي بخش لوهار سان سندس مقابلي واريون ڪچهريون هونديون هيون. ڳجھارت کي سهٽا ۽ سنڌائتا ڏڪ هٽندو هو. 1960ع ڌاري پنجاسي ورهيہ جي ڄمار ۾ گذاري ويو.

* خاقل پرڙو (عمر 75 سال)، ويٺل لڳ ميرپور پرڙو، تعلقو ٺل، هرفن مولا سگهڙ آهي ۽ ڳجھارتن جي ڏي- وٺ جو بہ ملوڪ آهي. خاقل ڪچهريءَ جو مور آهي، ۽ گفتي جي وڍ- ٽڪ لايو وينو هوندو.

* پنهون خان لاشاري (عمر سٺ ورهيہ)، ويٺل ڳوٺ سانوڻ لاشاري، تعلقو ڳڙهي خيرو. ڳجھارت جو خفتي ڳولو آهي. چوندڙ ڏڪ بہ هٽندو پر گهٽو ڪري ڪانبو ٻڌي ڳول ڪندو ۽ وڏي همت ۽ حرص سان ڳوليندو. سنہ 1960ع کان وٺي اسان جون ساڻس ڪچهريون پئي ٿيون آهن.

ناڙي:

ناڙي (ضلعو ڪڇي، قلات ڊويزن) ۾ اسان جون ڪچهريون ڊسمبر 1968ع کان شروع ٿيون. هيئين سگهڙن سان ’بيرون ڪيرتر‘ (زمين مير شاهنواز خان شاهلياڻي جمالي) ۾ اسان جون رهاڻيون ٿيون، ۽ ڳجھارتن جي ڪچهري جا چڱا چاڙهو نظر آيا.

* چنيسر خان عمراڻي، هرفن مولا سگهڙ. ڳجھارت جو سدا ملوڪ ڳولو ۽ ناڙي جي سيني سگهڙن ۾ سرس ۽ سوايو آهي. 28- مارچ 1969ع تي اسان جي ساڻس ڪچهري ٿي.

* غلام حيدر جويو، جنهن وٽ ڳجھارتون گهٽيون آهن. ڳولڻ کان وڌيڪ ڏيڻ جو ذوق اٿس.

* سومر خان مڱسي، ڳجهارتن جي ڏي- وٺ ۾ ڀهرو وٺندو آهي.

چولستان- رحيم يار خان (بهاولپور):

بهاولپور جي ٿر واري علائقي (چولستان) توڙي ضلعي رحيم يار خان ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ قومون رهن ٿيون جن ۾ ڪچهرين جو وڏو شوق آهي. انهيءَ ياڳي ۾ هوت موچي، ويٺل يُنگ تعلقو صادق آباد ڳجهارتن جو وڏو چاڻو ۽ سهائي موچي جو استاد هو. اسان وڏي ۾ وڏي ڪچهري سنجرپور لڳ، محمدآباد ۾، جناب پير مبارڪ شاهه جي مدد ۽ مهرباني سان 5- اپريل 1965ع تي ڪئي جنهن ۾ هيٺيان سگهڙ ڳجهارت جي ڪچهريءَ ۾ ٻرڪ نظر آيا.

*لطيف شر (عمر 65 ورهيه ڪن) ويٺل ڳوٺ جنگو، ڳجهارتن جي ڳول ۾ سيني ڪان ملوڪ هو.

*دين محمد مهر (عمر 60 ورهيه ڪن) ويٺل بيگ مهر، تعلقو صادق آباد، وٽ گهڻيون ڳجهارتون هيون جي ڪچهريءَ ۾ ڏنائين.

*صالح محمد شيخ (عمر 30 سال) ويٺل ٽبي، نوجوان سگهڙ جنهن ڳجهارتن جي ڏي- وٺ ۾ گهڻو ڀهرو ورتو.

فن ڳجهارت جي اهميت ۽ افاديت:

ڳجهارت ادب ۽ ثقافت، لغت ۽ حڪمت (دانائي) جي ڳوڙهي رهاڻ آهي. ڳجهارت بابت مخدوم محمد زمان صاحب جي هي راءِ بالڪل صحيح ۽ وزندار آهي ته: ”ڳجهارت جيئن سنڌي ۾ آهي اهڙيءَ طرح ڪنهن ٻيءَ زبان ۾ شايد ئي هجي“ ۽ ”ڳجهارت ڪي سنڌي ادب جي جان ڪٺي چئجي.... ته بيجا نه ٿيندو“[1]. اسان واضح ڪري چڪا آهيون ته تجنيس ۽ تلميح ڳجهارت جا ٻه مکيه پهلو آهن: اهي ڄڻ ٻه ٿنڀا آهن جن تي ڳجهارت جي اڏاوت ٿيل آهي، يا ٻه پر آهن جن سان ڳجهارت اڏامي ٿي. معاني ۽ بديع جي لحاظ سان تجنيس ۽ تلميح جون صنعتون خاص اهميت رکن ٿيون. بيشڪ ڳجهارت هڪ نهايت ڳوڙهو ۽ شاندار فن آهي، ۽ سنڌي علم ادب جو هڪ اهم ۽ نتيجي خيز سرمايو آهي. ڳجهارتون

---

[1] مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ: ”سنڌي سلوڪ ۾ ڳجهارت“، نئين زندگي، اپريل 1951ع.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عوامي ڪچهرين جي سونهن ۽ سگهڙن جي وندر ورونهن جو ذريعو پئي رهيون آهن. اهو ڳجهارتن جي اهميت ۽ افاديت جو نمايان مگر هڪ پهلو آهن. ڳجهارتون عام تعليم ۽ تربيت جو هڪ موثر ذريعو آهن جن سان هڪ تہ تاريخي واقعن ۽ قصن، نينهن جي نياپن ۽ ڏوراپن، سلوڪ ۽ نصيحت جي گفتن، بلڪ زندگي جي هر شعبي بابت دانائيءَ جي نڪتن جي پرک پروڙ ۽ واقفيت حاصل ٿئي ٿي، ۽ ٻيو تہ ڳجهارت ڏيڻ ۽ ڳولڻ سان سوچ ۽ ويچار جي ذهني مشق ٿئي ٿي ۽ سنڌي لغت جي ڄاڻ وڌي ٿي.

هن ڪتاب جي پهرين ٽن بابن هيٺ[1] ڏنل ڳجهارتن مان معلوم ٿيندو تہ ڪيتريون ئي ڳجهارتون قدرت جي ڪارنامن، قديم قصن، ۽ مختلف تاريخي واقعن تي ٻڌل آهن، جن سان معلومات وڌي ٿي، ۽ اهو پڻ واضح ٿئي ٿو تہ سنڌ جي سگهڙن جي ڄاڻ جو دائرو ڪيترو نہ وسيع هو جو گذريل دؤر جي ڪيترن ئي انوکن اهڃاڻن تي ڳجهارتون سٽيائون. سنڌن اها تاريخي ڄاڻ بخت نصر ۽ بني اسرائيل ۽ سڪندراعظم جي اهڃاڻن کان وٺي ويندي هن دؤر جي تاريخي واقعن تائين پهچي ٿي. ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جڏهن ڪڇ تي ڪاهہ ڪئي تڏهن 'جهاري' جي ٽڪر تي جنگ لڳي جنهن ۾ پيمجي جاڙيجو بهادري سان وڙهيو پر مارجي ويو. ڪنهن سگهڙ هڪ بيت چيو تہ:

ٻَڄ ٻَڄيئي وچ ۾ اٿوري اٿڪيا پيمجي جهارو ملهائيو مُڙيو نہ ماڳا

انهيءَ ٿاٽي تي ڳجهارت آهي تہ:

نرنان ذاتين سين مال جن تي پوک جا ڪيا

يعني: **پيمجي جاڙيجن سين ٽڪرن** تــي ڳاهہ ڪيا

ٻي هڪ ڳجهارت آهي تہ:

'شـــهرئون نـــارنـــان آئي'، فقير ڏي ويئي

يعني: نيرون- ٺون نابينا آئي، سرفراز ڏي ويئي.

هن ڳجهارت ۾ شهر نيرون (حيدرآباد) ۽ سرفراز جو نالو ڪنيل آهي، ۽ ٿي سگهي ٿو تہ هن ڳجهارت جو تعلق ميان سرفراز ڪلهوڙي جي دؤر جي

[1] ص ص 283- 306

ڪنهن واقعي سان هجي. اهو واقعو وسري چڪو آهي پر ڳجهارت ان جي اهڃاڻ کي محفوظ رکيو آهي.

ڪن ڳجهارتن ۾ ڪن ڪهنن قصن ۽ ڪهاڻين جا اهڃاڻ سمايل آهن، جن جي ذريعي انهن قصن ۽ ڪهاڻين بابت معلومات ۾ اضافو ٿئي ٿو. مثلاً 'ڪان سجان' بابت ڪهاڻيون هلندڙ آهن، پر هيٺين ڳجهارت مان معلوم ٿئي ٿو ته 'ڪان سجان' پٽ هو 'سجي ڪارياڻي' جو:

اي ميان **نرنان**! نه تون **نرنان** جهلين نه **پنهنجو** پلين،
هو **نارنان پنهنجي** سڪيو، جو **نرنان** چنيو، **نرنان** ڪري،
تنهن ڪي **نرنان** ڪيئن **پنهنجو** ڪندو.

(نرنان= سجي ڪارياڻي، نرنان= ڪان سجان، پنهنجو= پٽ، نارنان = چڱي، پنهنجي= ڪار، نرنان= ميهار> هار، نرنان= گلدار> گل ڏار، نرنان= خاوند، پنهنجو ڪرڻ= صبر ڪرڻ> ڪمڻ> ڪمندو).

اي ميان سجي ڪارياڻي! نه تون ڪان سجان جهلين نه پٽ پلئين
هو چڱي ڪار سڪيو، جو هار چنيو، گل ڏار ڪري
تنهن کي خاوند ڪيئن ڪمندو!

'ممتاز ۽ ماه طلعت' جي افساني بابت ڳجهارت آهي ته:

ساز وچي **نرنان** جاڳي، **نارنان** ڪاتي،
مردنگ وچي **ممتاز** جاڳي، **ماه طلعت** ڪاتي.

هيٺيون ڳجهارتون عمر- مارئي جي قصي جي ڪن ٿاڻن کي روشن ڪن ٿيون. عام روايت آهي ته 'ڦوڳ' **وچي** عمر سومري کي چوري چاڙهيو هو، پر هيٺينءَ ڳجهارت ۾ جڪري نالي چغل جو نالو ڪنيل آهي.

مڇي ڪاڇ ڪيو، نه ته عمر **نالو** ٿي نه.

(مڇي= جڪري> جڪري، ڪاڇ= جونو> جوٽ، نالو= اڇٽو)

يعني: جڪري جوٽ ڪيو، نه ته عمر اڇٽو ٿي نه.

بادشاهه عمر سومرو عادل هو جنهن ڪابه خيانت نه ڪئي ۽ مارئي کي امانت سمجهي پنهنجن مائٽن ڏانهن موٽايائين. انهيءَ حقيقت تي هيٺين ڳجهارت

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهد آهي تہ:

عمر **شهر** ڪانہ، وئـــي **شهر** ساڻ مارئي.

يعني: عمر **جو هي** ڪانہ، وئي **امان** ساڻ مارئي.

قصن ۽ ڪهاڻين کان سواءِ ڳجهارتون زندگي جي هر شعبي تي سٽيل آهُن: بزم ۽ رزم، محبت ۽ مجاز، سلوڪ ۽ دانائي ۽ روزمره جا تجربا ۽ احساسات مڙيئي ڳجهارتن جو موضوع ۽ مضمون بنيا آهن، جن جي پڙهڻ پروڙڻ سان عقل ۾ اضافو ٿئي ٿو. مثلاً سورهيائي ۽ بهادري جي اهڃاڻن بابت هيٺين ڳجهارت اثر آميز آهي:

لوهہ جا لڳن، **پڪي** چپن، **نرنـــان** اچيو **ان جا** ٿين

يعني: **ڪان** لڳن، **ڪانئر** چپن، **سورهيہ** اچيو **ٽڪر** ٿين

هيٺين ڳجهارت پڻ جنگنامي جي آهي تہ:

هــو جــي **پــڪـــي** آئيا، ڪري **ڪپڙا** وات

اچي پيچيائون **رات**، تہ **نالا جنگ جا** ڪٿي؟

يعني تہ: هــو جي **ڳجهون** آئيون ڪــري **ڳاڙها** وات

اچي پيچيائون **پرڀات**، تہ **محب مارا** ڪٿي؟

محبت ۽ مجاز جي مضمون ۾ هيٺيون ڳجهارتون دلپذير آهن:

ڪپڙي دل عجيب، **ان جي** مور نہ ٿئي.

يعني: **رلـــي** دل عجيب، **پــلـــي** مــور نہ ٿئي.

نالو تو وٹ ناهي، **آءٌ ڪاچ جي** چا ڪريان.

يعني: **محبت** تو وٹ ناهي، آءٌ **ٽڪي** چا ڪريان.

تڙ لڳن جيڏيون، جو **مرد** نہ مڪائون

انهن ڪي آئون، مــن **ڳهہ** لڳي آهيان!

(تڙ= ڪيهي (نالو ڳوٺ يا تڙ جو)، مرد (جو نالو)= سلام، ڳهہ= ڪڙي).

ڪيهي لڳن جيڏيون، جو سلام نہ مڪائون

انهن ڪــي آئون، مــن ڪــڙي لڳي آهيان!

محبت جي مضمون ۽ قدرت جي نظاري جي ڳجهارت آهي تہ:

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نالا آيا **نالن** وٽ ڪي **وکر جون** وٺڻ

(نالا= پونئرَ. نالن= گلن. وکر= سَنا. وکر جون= سنائون > واسنائون)

پونئر آيا گلن، وٽ ڪي واسنائون وٺڻ.

روزمره جي زندگي ۾ باهمي تعلق ۽ لڳ لاڳاپي بابت ڳجهارت آهي تہ:

ٻولي ڪجي ان ڪي جيڪو **ٻولي** ڪري

جيڪو **ٻولي** نہ ڪري، تنهن ڪي **ٻولي** ڇا ڪجي!

يعني: **عرض** ڪجي ان ڪي جيڪو **غرض** ڪري

جيڪو **غرض** نہ ڪري تنهن ڪي **عرض** ڇا ڪجي!

سلوڪ ۽ توڪل جي موضوع تي ڳجهارت آهي تہ:

الله **ذات** آهي، **نوڪر** اتس ئي ڪونہ. پر جي **نالو** تئي.

(ذات= ڏيتو> ڏئي تو. نوڪر= ڪمي. نالو= راضي)

يعني: الله ڏئي تو. ڪمي اتس ئي ڪانہ. پر جي راضي تئي.

تاريخي واقعن ۽ قصن ڪهاڻين جي تاڻن، رزم ۽ بزم جي اهڃاڻن، ۽ روزمره جي زندگي جي مختلف شعبن بابت معنوي نُڪتن ۽ نزاڪتن جي آئيني کان سواءِ، ڳجهارت سنڌي لغت جو خزانو بلڪ سانچو آهي، جنهن ۾ انوکا لفظ پيا اٽلن پٽلن ۽ نئين سر سموهجي استعمال ٿين. بيشڪ ڳجهارت سنڌي لغت جي ڪاڻ جي کوٽائي جي هڪ نهايت موثر مگر پيچيده ڪَل آهي، جنهن مدت مديد کان پئي انوکن لفظن ۽ محاورن جي هيرن ۽ لعلن کي کوٽيو، ونڊيو ۽ چمڪايو آهي. هن فن جي ذريعي سنڌي لغات جي پيچ- گهڙ ۽ وڌ- ٽڪ سان سنڌي ٻولي جو نت نئون مواد اُجرندو رهي ٿو، ۽ انهيءَ صيقل گيريءَ سان سنڌي لغت جو سرمايو وڌيڪ پختو ۽ پائيدار ٿيندو رهي ٿو.

روايتي رنگ ۾ ڳجهارتن کي ڳولڻ لاءِ لغت جي وڏي سرمايي ۽ سامان جي ضرورت آهي. جنس جنس جا نالا ۽ ٻولي جا انوکا انوکا الفاظ 'پاون' جي پوش ۾ ڍڪجن ٿا، جن جي ڳولڻ ۽ کولڻ لاءِ لغت جي جهان ۽ جنسار تي نظر رکڻي آهي. 'ڳجهارت جي پيڇي' خاطر سگهڙن جيڪو سنڌي لغت جو خزانو کوليو ۽ ڦوليو آهي، تنهن جو اندازو قدري هن ڪتاب جي 'پهرئين ڀاڱي' مان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري سگهجي ٿو. شين جي هر جنس ۽ صنف، ۽ ڳالهه جي هر ٽاٽي ۽ اهڃاڻ متعلق سنڌي لفظن جو ذخيرو وڏو وسيع آهي، جنهن جو اندازو فقط اهوئي ڪري سگهندو جنهن ڳجهارت ڳولي هوندي. ڪنهن لفظ يا معنيٰ جي ڄاڻ جي باوجود، جڏهن ماڻهو هم معنيٰ لفظ يا معنوي ٽاٽي جي تلاش ڪري ٿو ته سنڌي لغات ۾ مترادفات ۽ متعلقات جو ميدان ايڏو وسيع لڳي ٿو جو پاڻئجي ته پهچڻ پيٽي ڪانهي. سنه 1950ع ۾ ڪراچي شهر (صدر) ۾ مرحوم سليمان ٻري جي ڊيري (ڪير مکڻ جي دڪان) تي هڪ ڪچهري تي جنهن ۾ هڪ سگهڙ (جنهن جو نالو ياد نه رهيو آهي) ڳجهارتون ڳوليندي هر جنس جي لفظن ۽ نالن جا انبار لاٿي تي ڇڏيا. ڪيس ٻڌي آءٌ ٻهريون پيرو سنڌي لغت جي وسعت ڪان نهايت متاثر ٿيس. ان موقعي تي ڪنهن هي ڳجهارت ڏني ته:

جنڊ جي ليلان ڪونئرو حاڪيماڻو ڏي.

مون کي فوراً خيال آيو ته: 'جنڊ' (چڪي) متعلق نالا محدود آهن ۽ ڳجهارت جو پائو 'جنڊي جي' آهي جو ويتر جنڊ متعلق لفظن کي محدود ڪري ٿو. هاڻي ڏسان ته سگهڙ 'جنڊ جي' لحاظ سان ڪهڙا لفظ ٿو ڪٽي! اهو خيال ڪري آءٌ پنو پينسل تيار ڪري ويٺس، ۽ هن سگهڙ جيڪي لفظ پئي چيا سي ٽڪڙا ٽڪڙا لکندو ويس حالانڪ سڀ لکي ڪونه سگهيس. ان وقت جي اِها يادداشت هن طرح آهي: جنڊ جي= ڳري، ڳاري، ٻـَڪي، هلڪي، ڳوري، ڪـَتي، رَتي، سوڙهه، جهٽ- پٽ، گهـُمري، ٻـُهاري، ڪوسڙي، ڪاني، ڪـَـهي، ڇـتي، موڙي، ڦيري، اٻتي، سبتي، هـَتي، اڏاٽي، جوتي، اڀاٽي، اڪڙي، ٽڙي، لوڏ، اهوڙَ، ليڪ، وٽ، پـَـٽي، مڪڙي، هينين، مٿين، ڪـُـمر، ماٿ، ڳـني، پيني، لِـتي، ننڊ، ڳهر، اوجهراٽي، نائي، ڪـَـڻ، لپ، مٺ، ڪاٽي، ڦـُـتي، ڦاٽي، ڦـِـتي، ٽڪري، ڪڪري، جهري، پڳي، زخمي، اَسوئي (اَس ۾ ڇڏڻ)، ٻـَجهه، ٽاٽي، مـُـڪائي، چڪي.... پر انهن ڏکن تي ڳجهارت نه پڳي، ۽ آخرڪار 'گهرڪي' تي پڳي. جنڊ جي 'گهرڪي' ۽ حاڪيماڻو (يعني حاڪم جو) 'اَمن'. يعني:

گهـُرڪي ليلان، 'ڪونئرو امن ڏي.'

انهن لفظن بدڻ کان اڳ وهم گمان ۾ ئي نٿي آيو تہ ڪو ’جند جي‘ متعلق بہ ڪي ايترا لفظ سنڌي ۾ موجود آهن. ڳجهارتن ذريعي اسان کي سنڌي لغت جا اهڙا تہ انوکا لفظ معلوم ٿيا آهن جن جي اڳ خبر ئي ڪانہ هئي. مثلاً مومل راڻي جي ڳجهارت آهي تہ:

هڏو ڏنئي تہ **گاهہ** نہ ڪيئي.

هڏو ’ڪو شڪ‘ ۽ گاهہ ’ڪوتڪ‘ آهي. ڪوتڪ گاهہ تہ معلوم آهي پر اهو معلوم نہ هو تہ ڪو وَهہ يا مِڪ واري هڏي کي ’ڪوشڪ‘ چئبو آهي. مومل (يا ڪو بيو) راڻي کي ٿو چوي تہ، ڪٽ تي بہ گڏ ستل ڏسي ڪنهن ۾ ڪو شڪ ڏٺو هئي تہ ڏک هٽي کي تڪ (ٽڪرا) نہ ڪيئي:

ڪو شڪ ڏنئي تہ ڪي تڪ نہ ڪيئي.

لعلڻ خان لغاري ڳجهارت جو وڏو ڳولو آهي ۽ لفظن جو وتس پرپور خزانو آهي. سنہ 1956ع ۾ پير حسن بخش جي ميلي تي (ڊنڙو، تعلقو شهدادپور) اسان ادبي محفل ڪئي جنهن ۾ ڳجهارتن جي ڪچهري هلي. بيڙي فقير ڪنيار ان موقعي تي هيٺين ڳجهارت لعلڻ خان کي ڏني تہ:

عمر انهيءَ جاءِ تي مارو مون لاءِ **ڪاني ذات** ڪن.

لعلڻ خان وٽ ڪاني ڪاني جي ذات هڪ بيت ۾ بدل آهي. لعلڻ خان بيت چيو ۽ پيا بہ ’ڪاني‘ جا گهڻا ڏک هنيا پر ڳجهارت ڪانہ پڳي. بيڙي فقير لِڪ خاطر ڪنيارن جي ڏنڌي مان ’اڏهٽي‘ نالي ڪاني ڳجهارت ۾ آندي هئي. ’اڏهٽي‘ يا ’ڏڪ‘ اها ڪاني آهي جا ڪنيار وڏن ٿانون (ماٽي، مٽ يا دلي) کي ٺپي پورو ڪري، زمين تي رکڻ وقت اندرين پاسي کان اُپي ٽيڪ طور ڏيندا آهن تہ ٿانو پنهنجو پاڻ جهلي اُبو تي بيهي. هر ٿانو کي گهٽ ۾ گهٽ بہ اڏهٽيون اُبنديون. ڳجهارت جي پاوَن جي لحاظ سان، ڪاني= اڏهٽي> او + ڏهاٽي، ذات جا= گهمرا. مارئي تي عمر کي چوي تہ:

’عمر انهيءَ جاءِ تي مارو مون لاءِ او ڏهاٽي گهمرا ڪن‘

انوکن لفظن کان سواءِ، اصطلاح ۽ محاورا پڻ ڳجهارتن ۾ سموهيل آهن. مثلاً زماني جي حالات بابت ڳجهارت آهي تہ:

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهر لڳو ماڻهو ذات ٿيا

يعني: سن لڳو ماڻهن ساءِ مٿيا

ذات جا ’سامٿيا‘، ’سن لڳڻ‘ يعني ’چوڏهين سن جو اچڻ‘. سنڌ تي انگريزن جي قبضي ۽ ٽالپرن اميرن جي حڪومت جي پڇاڙي ۽ آزادي جي خاتمي سان، ملڪ ۾ پنهنجي راڄ رسم موجب فيصلا نبيرا ختم ٿي ويا ۽ نوان قاعدا قانون رائج ٿيا. 1259هه ۾ انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو ۽ اٽڪل ڇاليهن سالن ۾ سنڌن تسلط پورو ڄمي ويو. يعني ته سنه 1300هه بعد، چوڏهين سن (صدي) جي شروعات سان اهو نئون اثر نمايان طور نظر اچڻ لڳو. جنهن جو احساس سنڌ جي عوام کي شدت سان ٿيو ۽ چوڏهين سن کي ننديائون ۽ شڪ جي نگاهه سان ڏٺائون. سگهڙن ان جو اظهار مٿين ڳجهارت ذريعي ڪيو.

مواد جي سهيڙ ۽ ترتيب:

پهريون اديب جنهن هن اعليٰ فن جي افاديت محسوس ڪئي سو هو ڪوڙومل چندنمل ڪلڪاڻي، جنهن سنه 1888ع کان اڳ (اندازاً 87- 1885ع وارن سالن ۾) ڳجهارتون گڏ ڪرڻ شروع ڪيون ۽ هن موضوع تي ڪتابڙو مرتب ڪيائين. تاريخ 1- جنوري 1888ع تي ان ڪتابڙي جو ديباچو لکيائين، جنهن ۾ چوي ٿو ته:

”سنڌ ۾ گهڻن ماڻهن کي خصوصن ٻهراڙيءَ ۾ ڳجهارتن جو ڏاڍو شوق آهي. رڳو اٻهڙهيل ۽ دهقاني ماڻهو، پر بعضي وڏا ماڻهو به ڳجهارتن سان اهڙيءَ طرح دل وندرائيندا آهن جيئن چوپڙ يا پتن جي راند سان. ميلن ملاکڙن ۾ گهڻا ڳجهارتي اچي گڏ ٿين ٿا ته اتي کي شوقين ماڻهو سڄيون راتيون انهيءَ وندر ۾ گذارين. گهڻن ماڻهن چيم ته ڳجهارتون گڏ ڪري ڇپايو ته چڱو ۽ مون پاڻ به ڏٺو ته ماڻهو اٻهڙهيل ۽ دهقاني سڄڻ ٿا سي ڪيئن پنهنجو عقل ويڙهائين ۽ خيال ڊوڙائين ٿا ۽ پاڻ وندرائين ٿا سا ڳالهه ته ڳجهارتن مان معلوم ٿئي ٿي، پر انهن ۾ گهڻا نوان نوان لفظ ٿا ڏسجن، تنهنڪري جي گڏ ڪري ڇپائبيون ته سنڌيءَ جي به ڪجهه واڌ ٿيندي، پوءِ حيدرآباد ۽ ڪراچي ضلعن ۾ گهمندي انهن جي گڏ ڪرڻ ۾ پيس.“

اهڙيءَ طرح هن سڄاڻ اديب ڳجهارتن جي اهميت محسوس ڪري حيدرآباد ۽ ڪراچي ضلعن مان پنج سؤ ڳجهارتون گڏ ڪيون، جن مان چونڊ ڪري ٽي سؤ ٽيهه ڳجهارتون سرن وار مرتب ڪري انهن جي پيڇڻي ۽ مطلب سميت "سنڌي ڳجهارتون" نالي ڪتابڙي ۾ ڇپايائين[1] .

انهيءَ ساڳئي دور ۾ سنڌ جو هڪ وڏو سڄاڻ سگهڙ رمضان فقير واڍو (ذات جو لاکو وينئل پنجمورو تعلقو هالا) ساماڻو، جنهن سنڌي سگهڙپائي جي هر فن ۾ طبع آزمائي ڪئي. هو پاڻ سگهڙ شاعر هو، جنهن پنهنجون ڳجهارتون جوڙيون جن مان اڪثر منظوم هجڻ ڪري سگهوئي سگهڙن ۾ عام مشهور ٿي ويون. رمضان فقير اهي ڳجهارتون هڪ جدا ڪتابڙي ۾ مرتب ڪيون جو هن فن ۾ پهرئين تصنيف آهي، ۽ هن وقت قلمي صورت ۾ موجود آهي. اهڙيءَ طرح ٻئي ڪنهن سگهڙ ڳجهارتون گڏ ڪيون جي آڳاٽو هريسنگ (سکر) ۽ پوڪرداس (شڪارپور) ڪتب فروش طرفان شايع ٿيون. پاڪستاني دور ۾ محترم عبدالڪريم سنديلي ڪتاب 'وينجهار' ۾ هڪ باب ڳجهارتن تي لکيو ۽ ڳجهارتون درج ڪيون، ۽ پوءِ مرحوم عبدالحسين شاهه موسوي پنهنجي ڪتاب 'سرهاڻ' ۾ ڳجهارتون درج ڪيون. انهن مڙني ڪوشش ۾ ڪوڙيمل جي ڪوشش سڀ کان اول ۽ اهم هئي.

مٿيان ڇاڻايل ٻه پهريان ذخيرا ڳجهارتن جي هن ڪتاب مرتب ڪرڻ وقت اسان کي نه ملي سگهيا. اسان سنئون سڌو سگهڙن وٽان مواد ميڙيو. 1951ع کان 1956ع واري عرصي ۾ اسان پنهنجي ذوق شوق سان مختلف ماڳن تي ڪچهريون ڪندي ڪافي ڳجهارتون گڏ ڪيون، ۽ سنه 1957ع ۾ جڏهن بورڊ طرفان "لوڪ ادب تجويز" منظور ٿي ته اسان هن تجويز هيٺ ڳجهارتن بابت جدا هڪ خاص ڪتاب رٿيو ۽ تعلقيوار ڪارڪنن کي هدايتون ڏنيون ته ڳجهارتون گڏ ڪري موڪلين. اهڙيءَ طرح ڪنهن حد تائين سنڌ جي هرياڳي ۽ ضلعي مان ڳجهارتن جو مواد دستياب ٿيو.

جڏهن اهو مواد مرڪزي آفيس ۾ پهچڻ لڳو ۽ زير مطالع آيو ته بنده

---

[1] اسان جي آڏو هن وقت سنه 1901ع وارو ڇاپو آهي جو "قيصريه پريس حيدرآباد سنڌ" مان شايع ٿيو. ٿي سگهي ٿو ته ان کان به اڳ ڪو ڇاپو شايع ٿيو هجي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راقم محسوس ڪيو تہ ڳجهارت هڪ نهايت ڳوڙهو فن آهي ۽ جيسيتائين آءٌ بذات خود هن فن کان پوريءَ طرح واقف نہ ٿيندس تيسيتائين 'لوڪ ادب تجويز' جي ڊائريڪٽر جي حيثيتِ ۾ ڳجهارتن جي' ڪتاب کي ڪماحقه مرتب نہ ڪري سگهندس. انهيءَ ڪري جيتوڻيڪ ڳجهارتن سان اُنس اڳ هو مگر 1958ع کان وٺي هڪ طالب علم جي حيثيت ۾ ڳجهارت کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪيم ۽ ٽن سالن (1958- 1960ع) جي عرصي اندر ڪچهرين ۾ سگهڙن سان ڏي- وٺ ڪندي، ڳجهارتن جو مطالعو پختو ٿيو. ڳجهارت ڳولڻ توڙي پنهنجي طرفان ڳجهارت ٺاهڻ جي لياقت پيدا ٿي. بيڙي فقير ڪنيار کي، جو اڳ ڏور جو سگهڙ هو، ڳجهارت جو شوق ڏياري پنهنجي ذاتي ڪچهرين ۾ رفيق بنايو ويو. جنهنڪري ڳجهارتن ۾ ڏي- وٺ جي مشق ٿيندي رهي ۽ سنہ 1960ع تائين فن ڳجهارت جي هرپهلوءَ جي پوري پرک پروڙ پئجي ويئي.

انهيءَ ڪوشش ۽ ڪشالي بعد سنہ 1961ع ۾ ڳجهارتن جي مواد جي ڇڪاس ۽ ڇنڊڇاڻ تي توجهہ ڏنو ويو. پنهنجي ذاتي ميڙسيڙ سميت ڏهن هزارن کان وڌيڪ ڳجهارتون قلمبند ٿيل مواد ۾ ڪٺيون ٿيون. ڪيتريون ئي ساڳيون ڳجهارتون جداجدا ڪارڪنن کان لکجي آيون ۽ پڻ ڪي ساڳيون ڳجهارتون جزوي ڦيرگهير سان لکجي آيون. اهڙين ڳجهارتن کي ڇيڻي هڪ قابل قبول ڳجهارت قائم ڪئي وئي. انهيءَ ڇنڊ ڇاڻ بعد اندازاً پنج هزار کن مستقل ڳجهارتون وڃي بيٺيون جن تي تنقيدي نگاهہ وجهڻ سان ڪي اٽپوريون، ڪي غير معياري ۽ ڪي مبهم نظر آيون جن کي ڇڏي باقي صافي طور 2674 ڳجهارتون هن ڪتاب لاءِ چونڊيون ويون جي متن ۾ شامل آهن. مطالعي ۽ ڇيٺ سان معلوم ٿيندو تہ هن ذخيري ۾ ڪوڙيمل جي ڪتاب واريون توڙي بيون پوءِ شايع ٿيل اڪثر ڳجهارتون (قدري روايتن جي اختلاف سان) اچي ويون آهن. سگهڙ رمضان واڍي جون ڪي ڳجهارتون پڻ سگهڙن وٽان مليون جي هن ذخيري ۾ شامل آهن.

فن ڳجهارت جي اعليٰ معيار جي لحاظ سان هن ذخيري ۾ اجان بہ ڪيترين ئي ڪچيون ڦڪيون ڳجهارتون موجود آهن. پر اسان عمداً ۽ ارادتاً

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي شامل ڪيون انهيءَ لاءِ تہ جنهن دؤر ۾ هيءُ ڳجهارتون گڏ ڪيون ويون انهيءَ ۾ ڳجهارتن جي ڏي- وٺ جو جيڪو چالامان هو تنهن جو قدري صحيح اندازو ڪري سگهجي. انهيءَ لحاظ سان هن ڪتاب ۾ ڳجهارتن جو شامل مواد موجوده عام روايتي رنگ جو آئينو آهي.

ڳجهارتن جي هيڏي وسيع مواد کي سهٽي ترتيب ڏيڻ هڪ اٽانگو ڪم هو. اسان اول 'ڳجهارتن جي پيچٽي' واري مواد کي ڪتاب جي 'پهرئين ڀاڱي' هيٺ 'پاون' جي لحاظ سان 'الف- بي وار' مرتب ڪيو آهي، انهيءَ لاءِ تہ جنهن بہ 'پائي' جي پيچٽي جو مطالعو ڪرڻو هجي ان کي آساني سان لهي سگهجي. خود ڳجهارتن کي انهن جي پيچٽين سميت ڪتاب جي 'ٻئي ڀاڱي' ۾ سُر وار ڪري رکيو ويو آهي: مختلف سُرن هيٺ هرهڪ داستان (سسئي- پنهون، عمر- مارئي وغيره وغيره) جي شروع کان آخر تائين ڳالهہ جي مکيہ ٽاٽن ۾ اهڃاڻن جي سلسلي موجب ڳجهارتن کي مرتب ڪيو ويو آهي. انهيءَ سلسليوار سٽاءِ ۾ ترتيب سان اميد تہ هيءُ ڪتاب ڳجهارتن جي مطالعي لاءِ مفيد ثابت ٿيندو.

ڪوئيٽا ن.ب.

4- سيپٽمبر 1969ع

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متن

ڳجھارتون- 1

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاڳو ڀيڙيون

ڳجهارتن جي پيچٽي

ڳجهارت جي ’پائي‘ ۾ لکل نالي وٺڻ يا انهيءَ نالي کي واءُ لڳڻ سان ڳجهارت پيچي پوندي، تنهنڪري سگهڙ ۽ ڳولا، اڪثر نالن جون ڪنڌيون پاڻ وٽ ياد رکندا آهن. انهيءَ ترڪيب سان ڳجهارت وسئون وٽانئن ٻچي ڪانہ سگهندي آهي، جيئن تہ ڳجهارت جي ’ڳولَ‘ ڏکي آهي، تنهنڪري سگهڙن نہ فقط جداجدا جنسن جي نالن ياد ڪرڻ تي ڌيان ڏنو پر هنن انهن نالن کي آسانيءَ سان ياد ڪرڻ لاءِ بيت جوڙيا، تہ ڳجهارت کي ڳولڻ ۾ سولائي ٿئي. هن ڀاڱي ۾ ڳجهارت جي مشهور ڄاڻن جي زباني قلمبند ڪيل نثرتوڙي نظم جي ڪنڌين کي شامل ڪيو ويو آهي.

ڳجهارتن جا ’پاوا‘ ٻن قسمن جا آهن، (1) نالا يا اسم ۽ (2) نالن جو صفتون. نالن ۾ ماڻهن، ذاتين، ساهوارن، جيتن، پکين، گاهن، پوکن ۽ شهرن وغيره جا نالا اچي وڃن ٿا، صفن ۾ ”جا“، ”جو“، ”جون“، ۽ ”جي“ اچي وڃن ٿا، مثلاً ”اُب جا“، ”گاهہ جو“، ”جَر جون“ ۽ ”اڪ جي“، انهن پاون جي پيچٽيءَ جون ڪنڌيون پڻ انهيءَ سلسلي موجب ترتيب ڏيئي رکيون ويون آهن. پيچٽي يا ٻول جو ”بيت“ آخر ۾ ڏنو ويو آهي. اهو سمجهڻ ضروري آهي تہ ڪنهن بہ ’پائي‘ بابت چيل ”بيت“ ۾ انهيءَ پائي جا نالا توڙي صفتون اچي وڃن ٿيون، مثلاً ”اُپ“ تي چيل بيت ۾ نہ صرف ”اپ“ جا نالا اچي وڃن ٿا، مگر اُپ جون صفتون توڙي فضائي شيون شامل آهن.

آسانيءَ خاطر مُک پاوا، عنوان طور ’الف- بي‘ وار رکيا ويا آهن تہ پڙهندڙ سولائيءَ سان ڪنهن بہ ’پائي‘ جي پيچٽي معلوم ڪري سگهي. شروعات ’الف‘ سان ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ اُپ، اڌ سڌ، اڪ، اڪر مکيہ پاوا آهن، اهڙيءَ طرح ’بي‘ ۾ وري انهيءَ اکر سان شروع ٿيندڙ ’مُک پاوا‘ ساڳي ترتيب موجب ڏنا ويا آهن. ظاهر آهي تہ هن ڀاڱي ۾ ڳجهارتن جا سيئي ’پاوا‘ ۽ انهن جون پيچٽيون شامل نہ آهن، صرف اهي ’مُک پاوا‘ ۽ انهن جون پيچٽيون سگهڙن وٽان وقت سر ملي سگهيون، سي شامل ڪيون ويون آهن.

---

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُپ

1. اُپ جا نالا: آسمان، آڪاس، عرش.

2. اُپ جا: تارا، تيڙو، ستارا، لـَـڌا، گــرھ، ڏينهن، اُپريا، لٽا، لڙيا، ڪڪر، بادل، وسڪارا، طبقَ، اولا، ڳڙا، گولا، نکٽَ، چوھا.

3. اُپ جو: نکٽُ، عڪس، وِھائو، وڇون، پٽون، ڪوھ، ٽنگر، قطب، سج، چنڊ، زحل، مشتري، زھرو، منڊل، جھـَـڙ، وڏرُ اوھيرو، مينهن، وسڪارو، چمڪات، نڪاءُ، ڏڪاءُ، ڪوھيرو، جھولو، طوفان، لـُـڙ نيرو، پـِـنو، وُٺو، ڏانگڙو، مينگھ، ملھارُ.

4. اُپ جون: ڪتيون، راسيون، راتيون، پينگھون، ماريون، ڇاٽو، ڦڙيون، ملھارون، اوريڪون، ھوائون، اُلھيون، ھرڻ ڪڏيون، نوايون، پيڙيون، ڪـڏَ رُون، منيون.

5. اُپ جي: ڪـُـنڊي، ڪٽ، رُوءِ، وِڄ، اِنڊلٺ، برسات، بارش، بونڊ، گوڙ، ڪنوڻ، بجلي، ڪارَ ڇھڪ، پـِـني، اوريڪ، ھوا، لـُـڪَ، لڪَ، سردي، چــِـٽَ، گرمي، واڄَ، ڪاراڻ، لـَـس، ڪڪري، واڏِري، ماڪَ، پولارَ، تترڪرڙي، ڳاڙھاڻ، ساوَڪ، وَس، صفائي، انڌوڪار.

6. اُپ جو بيت[1]

سـاراھيان سـچو ڌڻـي، جـو صـاحب رب سـتار چـوان،
سـانوڻ، سـورج، سـھڻو سـارنگ، ميـرُون، ميگھـ مـلار چـوان،
ڪڪـر، ڪـارَپ، قمـر، چنـڊ، چانـڊوڪي، چھروچـار، چـوان،
ٽيڙُو، مـُنيون، مينهن، مـَلارو، ڪتي، قطب، ڪاڙھو، ڪار چوان،
آگم، آڙنـگ، اُپريـو، ڪنـڍي، ڪٽـي، حـوت، دلـو دلـدار چـوان،
لاٽ، لڙاٽ، نکٽ، نيرو، پيسرو، پارو، مـاڪ، وُٺـي مھندار چوان.

---

[1] چيل لعلڻ خان پٽ علي بخش پٽ جيئندو، پاڙو سنجراڻي لغاري، ويٺل ڳوٺ گل محمد لغاري لڳ استيشن سرھاري تعلقو شھدادپور. اندازاً سنہ 1895ع ڄاري ڄائو، سندس وڏا اصل ديري غازي خان جا ويٺل ھئا، پوءِ لڏي اچي ڳوٺ غلام شاھ لڳ سڪرنڊ ۾ ويٺا، پر دريا ۽ جي پاڻ ڪري لعلڻ خان لڏي ناناڻي ڳوٺ گل محمد لغاريءَ ۾ ويٺو ۽ شادي بہ اتي ئي ڪيائين. سندس ڪلام جو گھڻو حصو سرائڪيءَ ۾ آھي، جو حمل فقير جي تتبع ۾ چيو اٿس. يوسف زليخا ۽ ھير رانجھا جا قصا پڻ ٺاھيا اٿس. ھن، ڏور ۾ ڳجھارت جو بہ وڏو ڄاڻو آھي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رَئــي رَڱ، رنــگ، روشــنائي، جهــولا، جهڪــون ڏار چــوان،
چنـڊا، ڦـڙا، ڇـاٽون، ڇوهـا ڇـرون، جـوڙا، قــوس قنـــڏار چـوان،
جهـڙ، ڦـُـڙ، جهـالون، لـــس، لـڏڙا، ڳـــڙا، ڳــار ڇــوڏار ڇــوان،
برف، ٻجلي، ٻوند، ٻهاري، بادل، برسيو، انڊلٺ يار انڌار ڇوان،
آيـت اُبريــو، ڇوٽڪــا، ڇــانڊني، ســج اُتـــ ســرڏار ڇــوان،
تــاءُ تڪــو تجلـــو تـــارو، برســـات، رُوهـــي، ٻهـــاءِ ڇـــوان،
عــرش قــرش، آسمــان، اوهيـــرا، وِڇــون، واٽ وســڪار ڇــوان،
ميڃلو، ڪٽ، ڪنوڻ، ڳل، گوڙيـون، پــني، پينگهـ پلار ڇـوان،
بــارش، بــار، بحــر جــو ڇمڪــو، پيــچ پلــي پٽڪـــار ڇــوان،
ڪاڙهو، ڪماٽيو، ڪهڪشان، جهمڪو، جهڙ ڦُڙ، جهلڪو ڏار ڇوان،
صــاف صفــائي، مينهــن ملهـــائي، اُبريـــو، لٺــو آر ڇـــوان،
ڳاج ڳجگوڙ، اوٺ، اَنڌاري، ليڪون، لهريون، پيسرو پلتار ڇوان،
ٺاڏل، ٺڏڪـارو، چمڪـار، چنگـارو، ڪاڙهـا ڪارونيـار ڇـوان،
انڌو ڪـــار آيـــو، وِڄ وســـايو، ڇوهـــو ســـو ڇٽڪـــار ڇـــوان،
لطـــف ڪجـــانءِ تـــون "لعـــڻ" تـــي، صـــاحب رب ســـتار ڇـــوان.

اَڌ سڌ

1. او، اي، اڙي، اٿي، ڙي، هيٺ، ڦيٺ، ٻڙي.

اڪ

1. اڪ (اڪيـون): ڪـاريون، ڪجليــون، ســهٽيون، ڇٽيــون، ڪــاٽيون، جڏيون، ٽيڏيون، شيريون، ڪُنڊيون، نماٽيون.
2. اڪ جا: اوجاڳا، اشارا، ڦيرَ تارا، پنبڻ، چپر، تُنرا، نهين وار.
3. اڪ جو: ڏُنڊ، ڦُـلو، وَهڻ، اُٺڻ، سڃڻ، چٽو، ڏيان، اِشارو، نظر، شرم، آرام، اوجاڳو، ناز، تجلو، نخرو، پاٽي، پورڻ، پٽڻ، حياءُ، وسڻ، لڳڻ، ٻڏڻ.
4. اڪ جون: ماٽڪيون، گهورون، نظرون، پٽيون، پوريون.
5. اڪ جي: نظر، ڇائي، سوچ، ننـڊ، مـاٽڪي، لَــچ، گهـورَ نگاهـ، اُونگهـ، چمڪ، اُٽي، رائي، آنڙي، لڳي، پوري، ٻٽي، پنـ، ڇـالي، اَگهـي، ٻوٽي، ڳاڙهي، ڪاري، پڇي.

اکر

1. اکر (اکرن جا نالا): الف، بي، زي، لام، واو، ڙڙو، ممو.

2. اکر جا: نقطا، ٽپڪا.

3. اکر جو: اُنگ. وَٽ. لکيو. پيشُ، حرف، باب، صحيح، غلط. ڪارو، وڏو، ننڍو، سنهو، ٿلهو.

4. اکر جون: اعرابون، صُورتون، نشانيون.

5. اکر جي: اُٺي، زير، زبر، شد، مد، جزم.

اَن

1. اَن (انن جا نالا): ساريون، ڪڻڪ، چانور، باجهر، جوئر، ڪلٿ، ڪاٺي، گرگلو، اُچڙي، جاڙي، جوَ، پُرٽ، سائون، ڪرنگهه، مڪائي، مڪٽي، چڻا، مٽر، مانهه، سارِ، مُگَ، ترَ ڪُنڍي.

2. اَن جا: ڏوڏا، ڪاسا، ٽويا، ڪڏا، ڪوهرَ سوئا، ڳارا، پڪوڙا، پيجا، داڻا، چِلا، پاندا، ڪرا، گندا، ڦُلا، ڪوڪلا، ڪوٽلا، ڪيٽَ، پيليا، ٿُهه، پوکيا.

3. اَن جو: آڏارڻ، ڏوڏو، اگهه، مڻ، خرار، ٽويو، ڪاسو، ماپارو، جيءُ، پٽ، ڏارو، ڪڏو آپون، ڪرو، اَنو، ميدو، ڳارو، ٻُڪ، چوندو، لابارو، چُنو، وِرو، ابواب، پوهو، تهه، ڳپُ، اَناڻ، بوسو، چاڻُ، سنگ، ياڱو، داڻو، ڪٽو، ڪيرو، ڪوڙ، ڍِڳُ، ڪانو، رَس، پوڙو، پورو، وِڪرو، چرون، ڏَڪ، ڏريو.

4. اَن جون: راهون، ڪاهيون، ملهون، پوريون، پليون، گنديون، سيون، پهٽيون، ڪوڙيون، منيون، پريون، ڏاٽيون، ڪرهيون، رکون، پکيون، رَيون، ساريون.

5. اَن جي: وائُر، چِٽَ، چند، پاٽي، چوٿائي، رک، ماني، ڪچٽي، پوري، ڪُٽي، ٿُهي، ٻُري، ٻِٽَ، تري، پَلي، گُندي، پلهه، لَپ، ڪنير، آگُر، ڪلڪائي، تاري، ڳاهي، هلر، پُڳر، پرپَ، سادي چال، سيرڪي، تورَ ڏري، توتر، ڪتر، ٻُڪي، واڏائي، دَز، ڪرهي، چاٽي، ڏڏڙي، ڏڏري، بکيا، پيڙي، گهاٽي، ڪاسڪي، اگهي، مُٺ، سٽي، ڍِڳي، ڪاهي، پوري.

6. اَن جو بيت*

ساراهيان سچو ڌڻي، جو صاحب ٻ ستار چوان،
اَن اُپاري، آوَت ناهي، تون ميڙ مُڱن جي پار چوان،
کيرو، کوڙي، کرو ناهي، کر کو رَڙ ڪٽا ڏار چوان،
راهه کوئن ريڙهي رک تون، کر مانهه، مٽر جي ڏار چوان،
ميو، ماڻ، مهري، مُکري، کر چنگي، چپٽي ڏار چوان،
چهندي، چُرون، چُوري، چانور، چٽو، چِلو، چُوريو يار چوان،
چاٽو، چاٽي، چوکا، چنگالي، سنگ، صفائي، کر وائر جي وسکار چوان،
کَڏَا، کير، کندي، ڪاسو، ڏَڙو، تُوتڙ ڏار چوان،
پَل پکي، پُڻ پاتي، پيٺوپيهون کر پکو، پليٿڻ ڏار چوان،
اچو آيُون، آڏَر، اَٽو کر ڏارو، پليٿڻ ڏار چوان،
ڏِڳڙ ٻُسري، ٻُکي، ٻُهاري، کر ٻُر پيجنو ٻار چوان،
ڦُلو ڦَکو، ڦرڙيو، کر ڏِڳي، ڦانڌي ڏار چوان،
ڦکي، ڦوڳَر، ڦُلو، ڦَکو، پِڙي، پَٽي، کر ڇڙچند ڇاٽي ڏار چوان،
توتڙ لپون، ليڙا ٽَاهي کر يور، ياندو يري تار چوان،
ڳَس، ڳيو، ڳچ، يور، يُڳڙو، کر کُٽي اگهه اپار چوان،
چُوري، چوتائي، چِلو، چُنو، پيجو، ٻِج، ٻُهار چوان،
سيرا، سَيون، چيٽا، چپٽي، کر کوهر، ڪهٽو ڏار چوان،
ناپو، نانگلي، ساريون، سڳداسي، کر ڏاٽا، چنگالي ڏار چوان،
ڇَٽون، ڇَلَر، ناڙي، نگر، کر ڪهٽو ڪٽکي جوار چوان،
ڳاڙهي، اڇڙي، کِلڻ کوڙا، بکيا بازيگر ڏار چوان،
ڪٽي، ڪانهين، کيرو، خاشو، ماپ، مَيو، مُگ، منڌاٽي، چونرا ڏار چوان،
آڏ، آوهاندا، اوڙو، اڇڙي، اُسري، ايکڙ، اڏوير آڏار چوان،
آڏائون، انگور، اور، اُسري، اهُر، آڳاٽي، آوَت، آلو ڏار چوان،
اگهه آهلي، آيون، اڳياڙِي، بند بيلاڪي، ٻَگ، بازيگر ڏار چوان،
بصر، بوڪڙو، ٻُلِر بيهي، ٻُه، باراني، بجر بوسي ڏار چوان،
تِر، توتڙ، تماڪ، توري، تَس، تَسيو، تُنبي تار چوان،

---

* چيل لعلڻ خان لغاري. سوانح عمري لاءِ ڏسو حاشيه ص84هن بيت ۾ نه فقط "اَن" پر "پوک" به شامل آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽڪ، ترائي، توريو، ٽري، ٽوريون، ٽهه، ٽِلا ڏار چوان،
سُڪي، سڙي، سهنور ساڳ سنيالي، ساوَڪ، سُتري ڏار چوان،
سائي، سائون، ساريون، سنگت، سوءِ، سنڌو، سُئا سار چوان،
سلو، سرنهه، سِٽي، سنيالو، سهاڳ، سونگڙي، سير سڏار چوان،
سيهو سهيڙي، جوهر جوئر جي، جانچي جاتون ڏار چوان،
جريب، جاڙي، هاري، هس، هڪلي، حصو، هنداٽُو هار چوان،
ڪڙو، ڪڙڪي، ڪيڙي، ڪرڙو، ڪيرو، ڪلڻ، ڪئي، ڪنياٽي ڏار چوان،
ڪاڏ ڪڏوتي، ڪَس، ڪار، ڪوڙو، ڪِرو، ڪُتون، ڪرو ڏار چوان،
ڪوٽيا، ڪهنبڙي، ڪوڙي، ڪنڌي، ڪَهُري، ڪاڇو ڏار چوان،
ڏِڙي، ڏاٽا، ڏَن، ڏَنگ، ڏيرو، ريج، رجائج ڏار چوان،
روت، رُوٽي، ريهڙ، رتي، رُلي، رک، راهون ڏار چوان،
رنگ، ريپڙي، رونبو، رسي، رڃائي، ديڪڻ ڏار چوان،
زيان، ضايع، ذوق، زَردو، زينت، ضابطو زردار چوان،
ڦرڙي ڦُٽي، ڦڪو، ڦرسو، ڦُلاڙي، ڦريون، ڦار چوان،
ڦوڳ، ڦولاريو، ڦنڊٽي، ڦاڪو، ڪيڻ، ڪَڇي، ڪل ڪار چوان،
ڪاٽي، ڪريلو، ڪتي، ڪارَپ، ڪرنگ، ڪنگٽي، ڪُماٽي ڏار چران،
ڪَرڙي، ڪُتر، ڪٽڪ، ڪهٽو، ڪانگڙو، ڪٽا، ڪُهڙي ڏار چوان،
ڪانو، ڪَڪي، ڪسي، ڪانگڙي، ڪَجهي، ڪِري، ڪَڏا ڏار چوان،
ڪَڙَپ، ڪانهين، ڪانگڙ، ڪُرٽي، ڪورڙ، ڪاشني ڪار چوان،
ڪُڪَ، ڪِنار، ڪاسو، ڪُڙمي، گوگهم، گدرو، گلزار چوان،
ڪرنگ، ڪَڙيا، ڪُنبي، ڪڪڙا، ڪڙيا، ڪاشني، ڪارچوان.
گَڏو، گُدام، گجر، گُلڙا، گوبي، گُڏ، گاهه، گُري، ڪر گُوار چوان،
لاهي، لتي، لوسڻ، لوڙهو، لَپو، لوٽڪ، لابارو لار چوان،
لوڙهه، لائين، لسي، ليٽون، لائي، لُٽي، لٽ ڏار چوان،
گڏي، گوگڙو مُهري، منڊاٽي، مور، مُکري، مانهن، مٿر، مڳ ڏار چوان،
مُهڙ، مڪٽي، مانجهه، موري، مُٽون، مَڏ، ميها ڏار چوان،
منڊ، مهلو، مُنڊي، مرلي، موڙ، ميندي، ميٿي، مرچون ڏار چوان،
مٺڙي، مرهي، مڪئي، مليرڙو، موٺ، ملهو، منهن ڏار چوان،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميڙهــ، منگهــو، مــاچر، ميــڙي، نـــاڙو، نـــانگلي، نـــائڪو ڏار چـــوان،
نـــاڙي، نـــاپو، نســـري، نهـــوڙ، نـــاڙو، نـــُـــڪرو، نـــار چـــوان،
ننــڍِي، نپــائي، وَلهــ، واڙِي، وَنگــو، ويــرو، ســو وَئــون ويچــار چـــوان،
واڱـــــڻ، واهــــي، وٽ، ورهـــــائي، ونــــڊي، ٻارو ڏار چـــــوان،
وڏي، وَلـــ، وَلاڙ، وائـــڙو، وائـــ، وَڏ، ووڻـــاڻي، وســـڪار چـــوان،
ٻارا، ٻنا، ٻاري، ٻيلنگهــ، ٻوڙا، ٻوچڙ، ٻيجو، ٻج ٻـ ـــهار چـوان،
ٻــوڙ، ٻــاجهري، ٻنـــالو، ٻــوڙو، ٻـــُـــڪي، ٻيلهـــ ٻـــاٽي ڏار چـــوان،
پهـــراري، پـــاٽي، پـــَـــن، پوتـــا، پيهــي، پٽهـــ، پپــوري پـــار چـــوان،
پـــَـــڪي، پـــوڪ، پچـائي، پونجهـا، پاڇـاٽي، پـالڪ، پـــتا پـــار چـــوان،
پَـــڊ، پيتـــل، پـــاڙو، پـــڙي، پٽي، پوتـــو، پـــِـــتي، پلي، پَـــل ڏار چـوان،
پچـــور، پـــاٽي، پـــڳر، پڪـــي، پيـــاري، پـــوري، پـــري، پـــل ڏار چـــوان،
پينـــدي، پـــاڪر، پيلـــي، پـــاڳو، ٿـــري، ٿيـــڙي، ٿوڙهـــي ڏار چـــوان،
ٿَـــپو، ٿـــاهي، مـــاڻ، ميـــو، ٿـــُـــڪون، ٿيـــڙي، ڊِڳـــي، ڊارا، ڏارِ چـــوان،
ڍهلـــي، ڍوري، ڍَڪـــي، ڍاڪـــو، ســـا ڍَهـــل ڏار چـــوان،
ڏپ، ڏٿـــي، ڏاهـــي، ڏاڳ، ســـٽي، ســـنيالو، ڪـــانبو، ڪٽـــي ڏار چـــوان،
تـــَـــڪ، تـــور، ڪـــَـــس، ڪهنبـــڙي، ڪـــارَپ، ڪـــاٺي ڏار چـــوان،
چـــوپ، چوپـــو، چوتـــڪ، چيـــڙُ، چـــانور، چيٽـــو، چـــري، ڏار چـــوان،
چـــَـــٽو، چـــُـــنگي، چيـــٽ، چتـــي، ڳلچيـــر، ڳنـــو، ڳـــر ڏار چـــوان،
ڳوڙهـــا، ڳپـــل، ڳلـــي، ڳنـــيو، ڪنـــڊي، ڪمـــائي ڏار چـــوان،
چاهـــان، چـــاٽو، چلـــي، چـــٽ، چـــُـــلنگي، ٻجـــر ٻـــار چـــوان،
ڳيـــي، ڳنـــي، ڪيـــٽ، ڪـــَـــرو، ڪـــڏوتي، ڪـــري، ڏري، ڪـــُـــت ڏار چـــوان،
گهـــاٽ، گهـــاٽي، گهنـــي، گهـــمرو، گهيـــرو، ڪـــُـــڻ، ڪنيـــاٽي يـــار چـــوان،
ســـاڙ، صفـــائي، ڏيڊا، ڏنـــگر، ڏاڳ، ڏَنـــي، ڏِڳ ڏار چـــوان،
لطـــف ڪجـــاڻ تـــون ”لعلـــڻ“ چئـــي، ڪلمـــون قلـــب قـــرار چـــوان.

اوزار

1. اوزار (اوزارن جا نـالا) پـاڪي، ڪتـر، ڪينچـي، نڪچٽـو، نهـرڻ، مشـين، واهولـو، ڪـارائي، رَنـدو، گونيـا، رنبـي، مـاهيچو، پٽـاس، سـيراهي، ڪمـان، ڪشـو، هٿـوڙو، برمـون، ڪهـاڙو، رَوات، ٽڪـوري، ڪـرٽ، انبـوري، سنبو، سانسي، پنوس، قيرٽي، سُئي، ليول، گرمٽ، مسطر، وٽنل.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باهہ

1. باهہ (باهہ جا نالا) ڇيرو، آگ، آتش، آڙاهہ.

2. باهہ جا: اُڌمان، اگر، آرڻ، سيرَڻ، اوگها، ٽاندا، چلها، تجلا، ٽمڪا، اُهاوا، سڙيا، ٻريا، دونهان.

3. باهہ جو: ٽاندو، ڪامڻ، سڙيو، تئو، سيڪ، ٻڙڪو، پڙڪو، مچُ، پيٽ دونهون، سمون، اگرَ، جاڳنتو، ڪوئلو، ٻرڻ، ڏڳڻ، ڏونڪڻ، وسامڻ، ٻرڻ، پچڻ، وڪوڙڻ، ءِنڻ، لڳڻ، مچڻ، ڪامڻ، جلڻ، پڪڙڻ، ڦوڪڻ، ٽمڪڻ، رس، سڙڻ، تجلو، اوجيسُ، سوجهرو، اوجاس، چُلهو، ڪلُ.

4. باهہ جون: اُماڙيون، ڏياٽيون، دونهيون، ڄيڀون، سڙيون، رڪون، چمڪيون، ٽمڪيون، جليون، ٻُريون، ٽانديون، ڪاٺيون پڙڪيون، پيڪيون، چريون،چلهيون، تجليون، پڪلون، اُجهايون، ڪاميون، وساميون، تيزيون.

5. باهہ جي: لوساٽ، ڇرَ، لاٽ، ڄيڀ، گرمي، ڇٽنگ، چوانتي، چار، چاري، ڪيري، رڪَ، ڦلهير، دُکي، جامڪي، ڏنوَڻ، ڏمڻ، ٻَني، ٻالي، اُجهائي، دُونهي، ٽاندي، ٽمڪي، ڦلهيار، سڙي، ڇَري، ڪاٺي، اُماڙي، ٻاري، سڙيل، پڪل.

6. باهہ جو بيت •

ساراهيان سچو ڌڻي جو صاحب رب ستار چوان،
آڙهہ، اُلا عشق اتاريا، چوانتي، ڇٽنگ لڳي چوذار چوان،
آس، الاٽبو، آتش، آگ، اُيري، ٻاري، ٻارڻ يار چوان،
پيٽ باهيون، پڙڪي، چاهيون، ٿهڪو، ڪيري ڪار چوان،
ٻجلي، تجلي، ٻارڻ، ٻڙڪو، چڻڪو، چڻڪي چوذار چوان،
تئو تک، تپش، ٽاندو، ٿهڪو، ڪوئلو، اگر ڪار چوان،
دَري، دوزخ، ڊانڊ، داغ، دلين تي، ڏيو، چراغي ڏار چوان،
چڻڪي، چلهہ، ڇري ٻيو ڇخو، چاهہ، لڳي چوذار چوان،
چرخ، چمني، ڏايو، ڏاري، ٻنيو، اُيارو ٻار چوان،
سيڪ، سوجهرو، رمز روشنائي، چاٽي، ڄيڀي ڇر، ڏار چوان،

• چيل لعلڻ خان لغاري جو، سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو حاشيہ ص 84.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شمر، شور، شمع، پيوشاهي تجلو، تتي، ڪوسي ڪر، ڏار چوان،
جهلو، جهڙڪو، گهمرو، گهيرو، جوش، جليو جنسار چوان،
ڪُهڙ، ڪوسو، پني، پيرو، ڏنپ، ننپ، نريو ڏهڪار چوان،
ساڙي، ساڙ، اُماڙ، اپارو، اوپر، لاٽون، لوهہ لغار چوان،
اُهاءَ، آگر، شعاع، شاهي، قلي، قوڪ، قرڪٽي ڇار چوان،
ڪنڌ، ڪورو، ڪامر، ڪوڙي، پيو ڏونهن دکي دلدار چوان،
اگر، اماڙي، چاٽي، چيرو، مچ مچايا من تي ڏار چوان،
لطف ڪجاڻ تون "لعلڻ" چئي، ڪلمون قلب قرار چوان.

ٻار

1. ٻار (ٻار جا نالا) ڪڪو، چوڪرو، ننڍڙو، لاڏلو، معصوم.
2. ٻار جو (ٻاراٽو): ڏُتو، ڏُتپو، آنگل، آرو، لاڏ، ڪوڏ، هيجُ، روئڻ، رُسڻ، روسامو، رَهلو، چوٽيءَ ڏڪ.
3. ٻار جي (ٻاراٽي): ٻولي، پوتي، چَٽ، ڪينچل، ويهڪ، لوڏ، وندر، وَهي، رَهلي.

ٻولي

1. ٻولي (لفظ ۽ ٻولين جا نالا) مات، ڪر، لات، ڪل، خوشي، زاري، ڪنڌهن ڪنڌهن، والار، رڙ، پهڪ، منٿ، ها، اچو، وجو، نہ، پٽڪو، آواز، ڪُٽڪو، گيت، بيت، راڳ، رڳڙو، رهلو، ڊِسڪو، ڳالهايو، مني، گهوڙا، آزي، ڪري، سچي، گت، لاڙي، پوش، جواب، مرو، ڪئي، نيٺ، ويڳاٽي، مسڪيني، ٽَر، چني، ڏور، سمجهائي، مت، ڪرو، چو، چڱي، بد، هاءِ، ڇني، مرڳو، دوزخ، بهشت، پند، مون، تون، آءٌ اسين، ڪو، ناڪار، جيڏانهن، ڪوبہ، نڪو، ڪيڏانهن، جت ڪت، لقب، مانُ، مهڻ، ستر، صبر، ساجاهہ، شاباس، آفرين، جس، بيشڪ، شايد، لاشڪ، آهين، ووءِ ووءِ، جيءُ، هُون هُون، وٺ پڪڙ، هاها، پشتو، انگريزي، ٻوڌي، چيني، اُردو، سنڌي، سرائڪي، عربي، شاستري، گرمکي، ڪلداني، يوناني، دکني، پهاڙي، بلوچي، مرهٽي، گجراتي، ڪانياواڙي، ڪڇي، لاڙي، اُترادي، ڍاٽي، ٿري، پنجابي، بنگالي، روسي، جرمني/ ولائتي، جاپاني، هندستاني، هندي، ملتاني.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيڙي

1. ٻيڙي (ٻيڙيءَ جا نالا): ڊونڊي، ٻتيلو، ڪنڌي، ٻيڙي.

2. ٻيڙيءَ جا: ڏڪا، دڪا، پورَ لها، لوڏا، هاڪاريا، ڪنڊا، ناڪئا، سونها، ملاحَ، مهاڻا، ميربحرَ، رَسا.

3. ٻيڙيءَ جو: سهاڳ، سانگهارو، ڳڙهه، سڙهه، ونجهه، ناکئو، مهاڻو، ميربحر، هاڪاريو، سونهون، ڪندو، پور، ترڻ.

4. ٻيڙيءَ جون: مڏيون، سانگاهيون.

5. ٻيڙيءَ جي: سانگاهه، ڪاني.

6. ٻيڙيءَ بابت •

ساراهيان سچو ڌڻي، جو صاحب رب ستار چوان،
سرڪنڊ، سر سهاڳ، ساڙ سير، سيما، قلمي، سا ڪنار چوان،
ڪشتي، ڪاهي، ڪوها، تنيا، گهمرا، گهيرا، گهاڙ خمار چوان،
ٽپَ، نشان، تري، تانگهو، لڪڙ لهواري، لار چوان،
ڇڪ، ڇُتي، چوهي، ڇاپري، ڇنبا، ڇلڪا ڏار چوان،
اُچلَ، اُتلي، آڳهه، پاڳهه، ڏگري، ڏونگي، ڊونڊي ڏار چوان،
تنبو، ترهو، تار، تري پئي، رَنڊ، روڪ، رواني، رَس ڌار چوان،
ڇپوُ چونڪ، چلڻ چانئڪا، چرخي، چڙهي ڏار چوان.
سنگهر، ميڙهه، صفائي، سگهائي، تڙ، طالبو تار چوان،
موڙ، ملاح، مرڪ، مهاڻا، لڪ، لانگها، لار چوان،
لوڏا، لمان، لهريون، لڪڙا، ليٽون، تختا، قرها ڏار چوان،
وَڪڙ، ورَ، وَنجهه، ورائي، ولو، ويڻا، موسالي ڏار چوان،
جهل جهنڊا، جهانڪا، جهوڙا، قاتل قيرا ڏار چوان،
لڙهي لهواري، آئي اوياري، ٻلي تيلهو ٻار چوان،
ڏڪا ڏوٽا، پاڇل، پتڻ، وَنجهه، منهڙو وار چوان،
پور، پيتل، بيرق، ٻاري، ٻڌي، ٻاري، ڪنڌيءَ لڳ ڪنار چوان،
بحر، ٻتيلا، گُرزا، گوشا، گهلي، گتي گار چوان،
لطف ڪجان تون ”لعلڻ“ تي، صاحب رب ستار چوان.

• چيل لعلڻ خان لغاري جو. سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو حاشيه ص 84.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيلي

1. پيلي (پيلين جا نالا): نفر، نوڪر، ٻانهو، غلام، گولو، خادم، ٻجير، ڪمي، خذمتگار.

پَٽ

1. پٽ جو (پٽڪو): نقل، نظير، ناچ، گيت، سُر، راڳ، ڏوهيڙو، ڏوهو.
2. پٽ جي (پٽڪي): ٻر، ٻولي، پوشاڪ، ڳالهہ، ڪهاڻي.

پِٽ

1. پٽ جو: ڳاٽُ، پوچاندو، ڳارو، پاسو، لنگهہ، لاهہ، ٽونڪ.
2. پٽ جي: پِرِ، چوٽي، واٽ.

پنگ

1. پنگ جو: ڏندو، ڪوندو، صافو، نشو، ترو، خمار، گهوٽو، جوڳُ.
2. پنگ جي: چُڪي، سُرڪي، چپٽي، چاٽي، پيتي، گهوٽي.

تاجي

1. تاجي (تاجيءَ جا قسم): چِڏي، گهاٽي، اوچو.

تارو

1. تارو (تارن جا نالا): وهائو، پَتون، قطب، ڪندو، ڪتيون، ڪوهہ، ڪٽ، نڪٽ، ساتيرو، نيڙو، پچر.

تَڙ

1. تڙ (تڙن جا نالا): ڦٽو، ڳجهو، ڪيهي، ڏنگو، ڏنگ، سامارو، ڪارو، ڪارو، منو، ٻاڙو، ڪچو، پڪو.
2. تڙ جا: وارا، ڪوٺا، دڪا، لوٺا، ڦيرا.
3. تڙ جو: وارو، ڪوٺو، نَهو، ڊنو، دڪو، نارُ ڪوس، اُڌمو، ڏڪ، رئو، رندو، تارُ چن، لوٺو، ڦيرو، ٽپ، رسو، چڪُ، آنهن، گهيرو، گهمرو، آرُ.
4. تڙ جون: چونڪيون، ڦرٽيون، پوٽيون، نڪون، ورتون اوڙڪيون.
5. تڙ جي: رند، ڳجهہ، ويساهہ، سارڻ، ڪُهڻ ناهہ، واري، ڏنگ، جاڪ، وِرت، چونڪي، پونري، چرخي، چڙهي، مُٽ، ڏوري، چِڪ، پِڪَ،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نـڪ، پاڳَ، رٽ، نيسر، مالهه، چِـڪ، ٻڌ، سرڪي، سر، روڻ، منجڻ، ڪرڪَ، اُونهه، وَٽَ.

ٿــر

1. ٿر جو: رڻ، پنڌ، ٿري، ڪشالو، پيچرو.
2. ٿر جي: ڇٽي، ڪنڌي، ڪسَ، ڪنار، ڳنڍي، واري.

نڪر

1. نڪر جا: دلا، ڪونڊا، ڪونرا، نارا، نيسارا، گهڙا، لوٽا.
2. نڪر جو: نارو، نيسارو، ڪنگر، لوٽو، مٽ، دِلو، ڍَڪڻ، ڪونرو، طباق، ڪونڊو، حقو، طسُ، ڪُنو، گهڙو، ڏيو، ٽيو.
3. نڪر جون: دليـون، دانگيـون، گهڙيـون، پـاٽيون، ڦيلهيـون، ڇلـون، ناديون، نِـيلون.
4. نڪر جي: نيل، نيسر، دلـي، مـاٽي، دانگـي، گهڙي، پاٽ، ڦيلهـي، گهاگهر، گهگهي، سـر، ڪوناري، اَڪري، دڪي، جمنـي، سٽڪ، ٽوپي، جنڊي، ڳنر، پيالي، نادي، ڇَل.

پاراتو

1. پاراتو: وڍيو، ٻريو، پٽيو، سڙيو، ڪُـٽو، ماريو، مُـئو.

پـَـٽُ (ريشم)

1. پٽ: ڳاڙهو، اڇو، اُڇو، ريشم، ڪارو.
2. پـٽ جـا: تـورڻ، ڏُڪـا، پريـا، سـنهان، ٿلهـا، ڏورا، اوگـار، واپـار، دوڪان.
3. پـٽ جـو: سڱو، ڏورو، ڏُڪـو، رنـگ، سـنهون، ٿلهـو، پـرت، چـوڙڻ، هنڊائڻ، ڪپڙو، اوبرو، وَينڻ.
4. پـٽ جـون: تنـدون، هـاڪون، ڏوريـون، رسـيون، ڏهيـون، چڙيـون، موڙٽيون، ڪونيون، ٻڌڙيون.
5. پٽ جي: تند، ڏور، لونگي، تور، ڪسائي، پڪائي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پـَـٽ

1. پـَـٽ (پٽ جا نالا) : زمين، ڌرتي، پـُـون.
2. پـَـٽ جا: پنڌَ، ميدانَ، ملاڪڙا، ڳڌر.
3. پـَـٽ جو: وَسيو، رڻ، پاسو، تلس، پڌرو، نـُـل، طرف، پاڳو، گهارو، نمبر، ايڪڙ، جريبُ، ويسوو، پارو، رستو، دنگُ.
4. پـَـٽ جون: پيٽيون، لاهيون، چاڙهيون.
5. پـَـٽ جي: واري، نگاهہ، زيل، ڍنڍ، ڍوري، هيناهين، متاهين، ڪيچ، آڏ، چونڪڙي، ڪيڙي، سرَ، اوڀڙ.
6. پـَـٽ جو بيت ●

ســاراهيان ســچو ڌڻــي، جـــو صـاحب رب ســـتار چـــوان،
آڻ، اُچـل، ايڪـڙ، اوســارِي، آڏ، اُوهــاندو، اوچـي ڌار چـــوان،
اَروڳـو، آڙو، اُيــاري، بيــل، بوڙينـدبو، بنـد بهـار چـــوان،
بـُـنو، پنجهـو، بنگلو، بـار، بيحـد، تـُـوڪ، تراهـي تـار چـوان،
تَـرتَـڪ، تربت، تنوُ، تاڪي، طول، ترو، سڪي، سرنگهہ سنيار چوان،
ســُـج، صفـائي، صــُفو، سـنڌو، سـونهين سرسـائي ڌار چـوان،
سـخت، سـلامي، سـڙڪ، سـامي، سـيري، جـاءِ، جـارو ڌار چـوان،
جـَـڪ، جريـب، جـَـد، هـاري، هـر، هينـاهين ڌار چـوان،
حـَـب، هـاڙهو، ڪـرڪ، ڪـرڙو، ڪوهــي، ڪـاڙ، ڪـاٺي ڌار چـوان،
ڪـُـڏي، ڪهـاڏو، ڪورو، ڪيـل، ڪوهـر، ڪـاٺو، ڪيـڙي ڌار چـوان،
ڪـوڙ، ڪوبـو، ڪـڏو، ڪنـڌي، ڪـرو، ڪهـري ڌار چـــوان،
ڪـاڻ، ڪپـو، ڪـڙو، دڙو، دڪـي، دور، ديـوال ڌار چـوان،
دَنـگَ، دَباڻــٽ، ديـرو، دز، دڳ، دوفـان، دڪـو ڌار چـوان،
جنبَ، جـائي، زنـب، ڏرو، راهـہ، رسـتو، ريهـڙ، ريتـي ڌار چـوان،
رَئـي، رائـو، ريج، ريـٽ، روهـہ، رَبـڙي، روڙو، راڳـو ڌار چـوان،
ريڳـڙو، راقـو، رَنـد، روُٽـي، سـامي، سـوڙهي ڌار چـوان،
شاهد، شڪي، ڳـُڏي، ڳاڏو، ڳـس، ڳيهل، ڳوز، ڳارو، ڌار چوان،

● چيل لعلڻ خان لغاري جو. سوانح عمري لاءِ ڏسو حاشيو نمبر 84. هن بيت ۾ نہ فقط "پـَـٽ" پر "مـِـٽي" بہ شامل آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳـرڻ، ڳـپ، ڳُـنڊي، ڳولو، ڳورا ڳـل، ڳـون، ڳهـرو ڏار چـوان،
ڪَنڊي، ڪنارو، ڪيرو، ڪڙيو، ڪسي، ڪوٽ، ڪنگرا ڏاڙ چوان،
ڪپر، ڪونـي، ڪبـو، ڪـلر، ڪـن، ڪيـڻ ڪيـري ڏار چـوان،
ڪـوپ، ڪـڇـي، ڪـُـنب، قـالبَ، ڪـوس، ڪربـل ڏار چـوان،
قوتـوُن، قـوڙي، قـات، قلهـاريو، قـُـلي، قـُــتي ڏار چـوان،
لَـٽ، ليٽ، لوڙهـ، لَـڪ، ليڪـو، لَـت، ليـو، ليـڙو ڏار چوان،
لـتڻ، ليپـو، مـارنگ، محلـو، مـوڙي، مـُـاهين، مـارو ڏار چـوان،
مـاڙي، مـُـنارا، مـتـي، ميـت، ميـدان، نـار، نيشـان ڏار چـوان،
وَرق، واهــــــي، وَڪُ، ويــــرو، وَٽ، واٽ، وَر ڏار چـــــوان،
وَڍِ، واڍِڙ، واري، ويــــران، وســــون، وَٽڪــــار چــــوان،
ٻيــٽ، ٻوهــاري، ٻنــو، ٻــارو، ٻنجــرو ٻــاري ڏار چــوان،
ٻڪي، ٻنڊ، ٻــُـهرَ ٻوڏ، پڪـي، پنڊ، پيڇـرو پـٽ ڏار چـوان،
پوسـل، پسـتي، پيتـل، پـاڙو، پــڙي، پٽـي، پنـوڙو پـار چـوان،
پنــڊ، پٽيــون، پــور، پــوڻ، پــبَ، پلــي، پــوڙي ڏار چــوان،
پلي، پورَ، پتر، پاڏ، پڳ، پــتون، پيـڙ، پـڏو پــني ڏار چوان،
ڪــــچ، وريچ، وَٽ، وســـــيو، رڻ، رُڃ، ڏار چـــــــوان،
ٺـُـلهه، ٺاهــ، ٺـري، ٺـاڪ، ٺــُـڪرو، ٺــُـڪ، ٺـار ڏار چـوان،
ٿــر، ٿــاڪ، ٿاٺـــا، ٿلهـــا، ڏوڻ، ڏلهــو، ڏار ڏار چــوان،
ڏري، ڏرو، ڏاٻـــــــــي، ڏاڍي، ڏور، ڏار ڏار چــــــــوان،
ڊلــي، ڊَڪ، ڊوري، ڊِڳ، ڊِڳــي، ڊاســُـت، ڊانءَ، ڊِٻ ڏار چــوان،
چڪ، چوٽـي، چڪـڻ، چنبـو، چـاڙي، چلهـ، چري، چارو ڏار چوان،
چوپـو، چـَـتي، چيڪـي، چپٽـي، چـرُون، چلهـا چـوڏار چـوان،
ڇڪـي، ڇيـري، ڪـاتي، ڪوتـي، ڇــنپ، ڇـاٽو، ڇـار چـوان،
ڇـوري، ڇـــن، ڇــن، ڇـــت، ڇنـڊو، ڇـاري ڏار چـوان،
ڪهـاڏو، ڪـڏو، ڪـاتي، ڪـار، ڪـري، واهــ، واهـڙ ڏار چـوان،
ڏوڙ، ڏٻـــڻ، ڏمـــڪ، ڊِڳ، ڊوري، ڊَڪ، ڊِڳـــي ڏار چـــــوان،
گهـٽ، گهـارو، گهيـڙ، ڏوڻ، ڏلهـو، گهـور، گهـر ڏار چـوان،
ڪـامون، ڪـوڙي، ٻـَـر، بيابـان، بنـدر، آنهـن، تـلاءُ ڏار چـوان،
لطـف ڪريــن تــون ”لعلــڻ“ تــي، صــاحب رب ســتار چـــوان.

پساري

1. پساريءَ جو (پسارڪو): وکر، علاج، دڪان، هٽ.
2. پساريءَ جي (پسارڪي): پُڙي، ڦَڪي، سُتي، ٻُڪي، دوا.

پکي

1. پکي (پکين جا نالا): هڪ هڙيو، ٻيو ٻاٽيڙ، ٽي ٽبڪڻ، چوٿون چتون، پنجون پاريهل، ڇهين ڇبڪڻ، ستون سانهن، اٺون اوٺار، ناٺون، نغارون، ڏهون ڏاريو، يارهون روهل، ٻارهون ٻوهاڙ، تيرهون تتر، چوڏهون چاڪر، پندرهون پيڻ، سورهون سانباهو، سترهون سوڙنگ، اَرڙهون آڙي، اوڻيهون عقاب، ويهون وهيو[1] . پاريبو، طوطو، ٻوڙي، جهرڪي، چاپاڪو، هولو، ڪنائو، پاريهل، ڪاريهل، ڳيرو، تحمول، ڪانهل، پاپس، پورائي، هنجھ، گهگهه، چبرو، پهوڙي، لاٽو، ڪانءُ، هـل، چڙي، ڪانئرو، ڪهي، مقبول، چميڙ، چمڙو، پرمار، گل، پرديسي، ملَڪ، ڪَانگ، هيڙهو، شهباز، سور، مئنا، ڪونج، هُڙيو، عنقا، ميري، ڙُرو، پرو، گـُرڙ، متاءُ، سيسر، ڪووس، سري، ٻانشو، اُڏڪ، پوري، مورڙو، آئيڙي، روڏو، جاپر، سيل، پرمت، ڳجھ، سارس، ٻچڙو، وِچلو، ٻٽير، تنيهر، پاريهر، سائنر، اوني، نيلگي، ڏاَنور.
2. پکي (پکين) جا: وکر، پيرا، گهُمرا، ٽولا، آکيرا، چنبا، ماريا، ڪاڏا، ڦَٽيا، چِنا، پرَ، پڙڪا، اُڏٽا.
3. پکي جو: بدن، پرُ، ڪنپ، ٺونگو، سُر، آوازُ، متو، گردن، سينو، پتو، پاندو، ڪوڙو، هينئون، زيرو، جيرو، ڦڦڙ، نڙگهٽ، پُڇ، مغز، پاچو، لـڪيو، اُڏاٽو، آڪاس، چرڪيو، پڙڪو، گهمرو، مڪلوف، طعامو، ٻوتو، نشَانو، گَز، تير، لانگهو، شڪار، پـَڳو، ڏڪ، پيڻُ، ڳورانيو، آهٽ، اڙاپيڙ، آڳٽ.
4. پکي (پکين) جون: چانگون، ٽوليون، چهنبون، ڪنيڙاٽيون، لاٽيون، لوليون، ڪوڙڪيون، ڦَڙڪون.

---

[1] حاجي حاميد خاصخيلي جي زباني قلمبند ڪيل. حاجي حاميد ولد قبول خاصخيلي، ڳوٺ ملهڻ، تعلقي ماتلي جو وينل آهي. هن وقت سندس عمر سٺ ورهيه آهي، انهيءَ حساب سان سندس جنم سنه 1900ع ڌاري ٿيو هوندو. پاڻ فقط قرآن شريف پڙهيل آهي. ڏور ۽ ڳجهارت جو ڳولو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

5. پکي جي: ٻولي، ڪوَ چين چين، چينگهار، پڙڪارَ هي هو، چانگار، تنوار، ڪوڪ، رڙ، دانهن، سڪَ، لات، وٺ، سيرَ تڪبير، چوڳَ، چار، ڪمان، خطا، چست، چُٺَ، سرڪڻ، ڇهنبَ، سسي، ڳچي، گُجي، ڪوڙي، ڇَتي، تنگ، نَري، گهُنڊي، ڪُني، پُني، چيلهہ، ڪُهي.

6. پکين جا بيت

(1)

ساراهيان سچو ڌڻي، تون مولي مسلمان ڪجان،
ڪونج، ڪبوترَ ڪانو، ڪيانتا، ڪانگل جام سلام ڏجان،
بلبل، پورا، ڳيرا، ڇَتون، چمڙا، ٻلا، چاڻ سڄاڻ تجان،
اُماهہ، عقاب شتاب وجي تون، پيڻ منهنجا پيغام ڏجان،
سِرڻ، سانباها، بانشا، بحري، لغڙ لوهون جام ڏجان،
ترمچ، طوطا، ميم مڪالي، مينا، ڪبر، لالي لک سلام ڏجان،
لطف ڪجان تون "لعلڻ" تي، داتا ڏِين ايمان ڏجان.

مقبول، متاهہ، چانهن، چهبون ۽ مينهڻ تاڙا ڪن ترڙاٽ اُتي،
موسا، ميٺا، جهنگ، چپاڪيون، ٻوڙي، ڪن ٻولاهيون ٻرڙاٽ اُتي،
قوسيون، قديون، جهرڪ، لڪون، روڏا ڪن ريهاٽ اُتي،
هنجهہ، هماءِ، هزاري مور، ٻدڪَ، ڊيلون، گرڙ ٻڌن گرڙاٽ اُتي،
ڪنولي، ڪٽڇي، ڪنگ، ڪبوتر، ڪرناهيون، ڪن ڪيناهيون ڪرڙاٽ اُتي،
چمڙا، چست چٺوڙ، چڪوري، چاهيون، چپرا، ڪن چرڙاٽ اُتي،
هُدهُد، هيڙها، هٺاڊِي، ڪرڙ ڊِينگ، تتيهر، تڪلا، وَهيا ڪن وَرڙاٽ اُتي،
ٻنگ، ٻٽيرا، تلهيرِ طوطا، تلورُ تتر، پونتر يا ڪن پرڙاٽ اُتي،
شترمرغ، چنڊول، چڙي، چناهيون، آپرا، اُتڪا، سائن ٻڌا سرڙاٽ اُتي،
لاڪي چاجي، پرمار، پپيهل، پوپٽ، ڪينگري ڪيا ڪرڙاٽ اُتي،
موهن، مرگهہ، متاهيون، موڏا، چرغ، چڪوري چيها ڪن چرڙاٽ اُتي،
ڪڪڙ، ڪارڙا، ڪنا، قليل، ڪمرا، ڳجهہ ٻڌا ڳرڙاٽ اُتي،
ٻگهہ، ٻگهڙا، توبا، ترڙا، توڙ توڪا، ڪن ٻوڙيندا ٻرڙاٽ اُتي،
لطف ڪجان تون "لعلڻ" چئي، ڪا ڏِين ڏيکارِين واٽ اُتي.

[1] چيل لعلڻ خان لغاري جو، سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو حاشيہ ص 84.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڪو،لغڙ، لوھہ لامارو، لاڪي، ڪُرڪُٽ ڪن ڪرڙاٽ اُتي،
پتنگ، پاريھل، پاپسي،پچرو، پروانا ڪن ڏُھلياري ڏُونھاٽ اُتي،
اَل اُڏايو، اُلو، آڙي، اَچڙا، بشين، بحري، ڪڙھہ جي ڪرڙاٽ اُتي،
قاز، ڪواز، قُمري، ڪوئل، ڪرڪو ڪن ڪرڙاٽ اُتي،
ڪانڪٺو، ڪھنگ، ڪانيرو، ڪرڙو، ڪٺو، ڪوئاماري ڪاٽ اُتي،
لاتيون، لنگو، ٺونگو ناھي ڪن ڍھلياري دڙٻاٽ اُتي،
دامر، ڏُوالي، ڪنيڙا، ڪٺياٽي، مينھڻ، مڪڙ، پوئنر، پنيوري پاٽ اُتي،
ڦڙڪو، ڦيٽ، ڦيرو، ڦتڪڻ، ڦاٽو، ٻٽ ٻنگائي سيرا ڪن سرڙاٽ اُتي،
اَصيل آنو، آر اُڏاريو، چووِڳ چُڳڻ چرڙاٽ اُتي،
چھنب، چُوڻ، چنبو، چٽالي، ڪري گھگھہ گرو گرڙاٽ اُتي،
لڪو، لاورو، زرگڻ، زُرو، رَنھڪي، روھيلا، ھل ٻڏا ھرڙاٽ اُتي،
مِيرو، مينھن وَساڙو، منگھو، ميھر، گرو گوڙو، تَامو چرڳڻ چاٽ اُتي،
ڪُڏي، ڪوڙي، جھرپ، جھٽيو، باز، بحر آنيل عطائي آٽ اُتي،
اَجھو، آڪيرو، جابلو، جيٺرو، ڪُھي، قطارون، ڪن واھيرُو ورڙاٽ اُتي،
تنبڻ، تارُوٽڙو، ماڪي مٺو، گُرگ، گاڏيرڻ، ابابيل ٻڏا اوراٽ اُتي،
لطف ڪري تون "لعلڻ" تي، ڪا ڏِين ڏيڪارين واٽ اُتي.

(2)

بحري، باز، بشين، بانشا، ٻيا شڪرا شينھن چون،
سِرڻ سنباھو، سوزنگ، سانھر، ٻيَا چمڙا چاھہ چون،
مور، متاھہ، مرغ، موھن، ٻي ڪنگري ڪونج چون،
ڊيل، ڊِگوش، اوٺار، آڙي، ٻيا نوارا نون،
ڪُھنگَ، ڪوڙھل، ڪبوتر، ڪوئل ٻيا پاريھل پرن،
تُور، تلور، ڪنگ، ڪانئرا، ٻگھا ڪين ٻجھن،
گُگھہ گرن، گڏھا، گرڙ، ٻيا نردُول پاس نمن،
ھنجھہ، منگھہ، پرمار، بنسو، ھماءُ حضور ھلن،
ڳجھہ، ڳيرو، عقاب، ليھو ٻيا لغڙ لاپ ھٽن،
ٻھاڙ، ٻاپيھو، چاڪر، چڪور، ٻيا زوران زور سُڄن،
ٻدڪ پئونر، ھنجھر ھُڙيو، ٻيا سيچاٽا سُڄن،

(2) چيل حاجي حاميد خاصخيلي جو، سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو حاشيہ، ص 97.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيڻ، پيـَـڻ، چيهـ، چيڪلو، پيون ٻولهايون ٻـُـرن،
چاڙهو، چاپاڪو، چـپـَ، چنڊول، پيا هدهد حال ونـدين،
ڪومون، ڪيانتو، نيرگـَي، ڏاڙهيو، پيا روهيل پاس رمن،
مقبول، دهـِلاري، چنيو، چبڪڻ، تا ڪيٽاني ڪان هٽن،
چـِـندو، چـَـتون، ميري، پپوهـڙي، تا پاريهر پچن،
بوڙَيندو، بنسو، نيرو، ڏئوٽـي، تا ويرا واٽ وٺن،
آهنگريو، تورانـدو، سرمائي، ٻـڏٽو، پيا مـَگٽهار منجهن،
رُٽڪ، رتنبو، لوهاريو، ڦاڙهائو، پيا ڪنيا ڪيرَ چون،
تارڻ، تينائي، جهلوري، تـٿايو، سينڊرو پيا ڪوٻائي خان چون،
سرخ، ساڳيلو، اُپنـگ، اَبابيل، پيا سامون سال چون،
تاپرو، رامپري، سينسار، ڏوئـل، پيا چپڪ چاڪ چلن،
ٽينڪ، غبارو، تيغونَ، سارڙي، پيا چٽوڙا چلن،
ٽوٻو، ٽيٽو، مينا، لـڪو، مـنـُو ماٺ نـ ڪن،
طوطو، تتر، لاٿو، لـَـڪ، پيون تاريليون ٽرن،
ڪانگ، ڪٻر، ميٺو، ملـَهالو، پيون ڪٽياٽيون ڪلن،
هيڙهو، ليلهو، نوڙهو، روڏو، پيون ٽٽيهريون ٺهلن،
ڊانديڙو، ٻٽيرو، ٻاٽيپڙ پونترو، پيا گونهخور گـڙن،
ڪـُـڪـُ ڪبهاڙي، ڪارڙو، ڪٺامار، پيا محمودي مرڪن،
ڳيري، ڪـُرڪٽ، ڪالڪٽچي، بربـل، ٽيون ڪوهين ڪيڏون ڪن،
جهرڪ، ڦوسٽي، آڪ چوٻٽي، تـُرمچي، پيا وَهيا ولر ڪن،
ڪانڪٽو ڪرناهه، ڪرڪنات، تربناڪ، پياڪينائي ڪنبن،
آر، پـوري، بڪـو، بـوري، پيا چيها چـرڙاٽ ڪن،
تاڙو، تنبڻ، ڪاهو، قـُـمري، تا جـگران قـوُت چون،
پـر، چنير، چهنب، چوڳو، لاڪيچـاچي لچڪن،
ملهـ، ·طعامون، پچـر، پخـالي، پارنڳارڻيون ٺهڪن،
ٽلي، وير، ڏورو، پڙڪو، ڊوليـر ڊِڪون ڪن،
ٻگهـ، ڊڪ، وِٽ، چنبو، پڙڪو، گـاموئيَ گاجون ڪن،
ڪرڪو، اوسو، ڳچي، ڳاني، ڪاري باز ڪنبن،
رام ساريڙي، رائينا، رمييو رانديون ڪن،

ڪڪڙ ٻانگو، اصيل، تـرڙو، تـا گـورڙو گـام هلـن،
جـائو، ڪهنبـو، پيلـو، پوئريـو، تـا قـُلقـُـليا قڙڪـن،
هيـرو، پـُـڏري، مـاديو، گلـوو، تـا ريـزا رواز ڪـن،
شـيخ، وايـر، پـاپڙيل، چوتيـر، تـا دوڏر دام هٽـن،
سري، ڇهنب، ڏاپ، ٺونگـو، تـا ڪڙهيـل ڪـاري ڪوڏ هٽن،
بـال، بغـل، مـوڙ، مـِـسو، هـو خـاڪي خيـال نـه ڪـن،
آنـو، ٻچـو، چلهـو، چـِوز، تـا چـِـڙي، چـرڳ چـون،
مهـو، مچـر، مـڪ، ڏنـگ، تـا سـانوڻ منجهـه سـونهن،
ڏينيـو، چيلانـو، ٻگـئي، مڪـڙ تـا حڪـم سـاڻ هلـن،
پـر پتنـگ، پوپـٽ، پروانـو، تـا اميـر امـام پڙهـن،
روح، پسـاهه، ريـح، دم، تـا ڏاڍي زور وجـن،
"حـاميد" انهـيءَ احـوال جـي، آهـي سـڌ نـه سـنگهارن،
جـن مجيـو آهـي محمـد کـي، سـي دوزخ ٻاهـه چـُـٽن،
پـوءِ جـي ڪلمـون پـاڪ پڙهـن، هونـدا سـي ايمـان سـان.

(3)

اول سـاراهيان رب سـتار، محمـد ميـر منـو مختيـار،
چوڪـا چڱـا چـارئي يـار، پنجتـن پـاڪ جـيءُ جيـار،
منـدون سـال سـنديون ٽيـون چـار،
سـين کـان بهتـر آهـه بهـار.
وهواهه مند بهار جي آئي، سڀ هنڌ تيڙي ساوڪ سائي،
هرڪنهـن متـان لـئي آئـي، سـيڪو تيـو جـاءِ بجـائي،
مـرد، زالـون، ٻيتـو، ٻـار.
ڏٺي اسـان تـي ڪيـو رحـم، ڪونهـي دل تـي غـم وهـم،
ڪـل تـي قـادر جـو آ ڪـرم، سـيڪو خـوش آهـه خـورم،
هــاري، نــاري، ڏڻ ڏٺــار.

---

(3) چيل خان محمد پٽ واگهه پنهور، ويٺل ڳوٺ جانهري، تعلقي عمرڪوٽ جو. اندازاً سنه 1910ع ڌاري ڄائو. تمام ٿورو پڙهيل آهي. سندس ڪلام بيتن تي مشتمل آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٽندڙ راحت واريون راتيون، بلبل باغن ۾ ڪن باتيون،
ليلهن، لغڙن جون سڻ لاتيون، طوطن، تترن جون پڻ تاتيون،
تڙ تڙ تاڙا ڪن تنوار.

هرهنڌ تيڙو غوغا غلغل، باتيون باغن ۾ ڪن بلبل،
گلشن اندر ٽڙيا گل گل، هنجهن، هيڙهن جا پڻ هُل هُل،
ڪونجون ڪريو وتن قطار.

ٻوڙون ڪن پيا ڏاغو، ٻوڏا، ولڙ ڪيو ڏس رمن زوڏا،
واءُ ڏئي تو وٽن ڪي لوڏا، اڇيو اڇيو سي تين اوڏا،
جهم جهم جهومن تاريون تار.

هنس، هماءُ، هنجرون، هوڙيون، پاتيڙ، پڳها ۽ پوڙيون،
گهگهن، گرڙن جون سڻ گوڙيون، هرجنس هلي تيون جوڙيون،
چمڙن، چيهن جي چينگار.

مرگهہ، موسڙا مرڪن مور، ڪبڪون، ڪپرون تلن تور،
چِپن جي چپ پيا چڪور، هر هر هنجهن لايو هور،
پُڻ پُڻ پوريءَ جا پٽڪار.

سرٽيون، سانباها، سرخاب، آڙيون، بدڪون، اُلو، عقاب،
تور، تلور جو تجلو تاب، ڪهڙي بات ڪجي هت باب،
سڻ تون جهرڪين جي جهونڪار.

شڪرن، شينهٽين شور وڌو، ڙُرن جو ڪل ڪان زور وڌو،
ڳيرن، هولن، هور وڌو، شترمرغ، اثور وڌو،
باشا بحري بارو بار.

گوئٽ ليها، ڪڪڙ، ڪانگ، چانهيون، چڪوا، چاڙو چانگ،
باز، ترمچي ڪن پيا رانگ، مينا، منگهہ جي لڳي پئي لانگ،
قمريون، ڪٽڇيون ڪن قطار.

قِديون، ٽنٽيهر ۽ پاپيها، بدڪون، پاريهر ۽ پپيها،
قوسيون، ٽڪلا،چوپيون،چيها، هيڙها، بدڪون، ليلها ليها،
چمڪون، چندولن چوڏار.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قدرت جا سپ آهن رنگ، هلي زمانو انهي ڍنگ،
جاتي آباديءَ جا ڪل انگ، اتي رڙن تا ڪڏهن ڪنگ،
اهڙي ريت هلي سنسار.
دلبر دنيا اهڙيءَ چال، ڏينهن ٻني آهه اهڙي ڳالهه،
ڪڏهن خوشي ڪڏهن بدحال، ڪڏهن سيٺ، ڪڏهن ڪنگال،
سوچي ان ۾ گهوٽ تون گهار.
اهڙي اڙانگي آهي دنيا، ڪنهن سان ڪين نباهي دنيا،
هميشه الٽي ڪاهي دنيا، سڀ کي رڻ ۾ رلائي دنيا،
ڏيک دنيا جا ڏينهڙا چار.
ڪهڙو حال ادا! اُت ٿيندءِ، ڪٺيو مار، ڪَپُر جت ڪيندَءِ
وجهيو وات پيسا پٺيندَءِ، ڏاڍو ڏنگن سان ڏنگيندَءِ،
ڪابه نه اتهين هلندي ڪار.
اهڙي اندر وقت آخير، مدد ڪندو اچي مرسل مير،
آهه وسيلو وارث وير، ڏيندو سيد ڇام سڌير،
ڇٽندا ڇيهن کان بدڪار.
"خانو"خيال سان گهرجي گهارڻ، نفس امارو پنهنجو مارڻ،
وعدو ازل جو گهرجي پارڻ، بيڙي پراڻي گهرجي تارڻ،
پُرجي ڪلمي جي پچار.
لا اِلـٰه اِلا الله محمد رسول الله.

(4)

پڙهه مرثيا مير حسين جا، تون غم منجهه گذار،
پکين ماتم ڪيو پير لاءِ، واهيرا ڇڏي وڻڪار،
ڳيرن ڳوڙها ڳاڙيا، پساريهل ڪيا پار،

(4) چيل فقير عبدالرحيم پٽ ڇتن پٽ ولي محمد پٽ صفر ڏاهري، ويٺل لڳ دڙو ضلعو نوابشاهه. سن 1902ع/1320هه ڌاري ڄائو. اصل ويٺل ڪنب دارون جو ۽ پر پوءِ مارشل - لا واري زماني ۾ لڏي وڃي هاٿوڪي هنڌ تي رهيو. سنڌي لکي پڙهي ڄاڻي. سندس گذران جو ذريعو ٻني ٻارو آهي. ڀاءُ جي وفات کان پوءِ 1945ع ڌاري بيت چوڻ شروع ڪيائين. شاعر موريي فقير سان سندس هڪڙي رهاڻ ۾ بيتن جي ڏي وٺ ڪيائين. سندس ڪلام گهڻو چيل آهي، جنهن مان "عمر مارئي" جا بيت مشهور آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهرڪيون پنهنجي جهوريءَ ۾، چڙيون ڪن چونگار،
هيڙها هداسي حسين لاءِ، تتر ڪن تنوار،
ڪانو، ڪبوتر، ڪبريون، ڪديا پِٽَ پرمار،
سرٽيون، سانباها سڪ منجهئون، ڳجهڙين ڏنا ڳار،
لغڙن، باشن، لاتيون ڪيون، ليها'تيا لاچار،
بازن، زُرن بس ڪئي، چڏيائون شوق شڪار،
مورن، ڍيلن ماتم ڪيو، پيا وَهيا منجهہ ويچار،
تاڙن، طوطن طلب منجهئن، ڪوئل ڪئي ڪوڪار،
چِبن، چيهن چيچٽ ڪيا، ٻگهن ڪئي ٻاڪار،
رانئَل، ڪنگ، آڙيون، اصلون پٽي ڪڍن پار،
ڪُڪ، چٽا، چڪور، چاهيون گهمن پيا چوڌار،
هئي هئي هماءُ پکي هُئي، پسڻ جي پلتار،
عقاب پکي اَرمان ۾، ڪيو ڪوڻامار،
ڪڪڙ، قاز، شترمرغ، پيا پکي پي ملهار،
بربليون بس نہ ڪن، هئي پورين جي پلڪار،
چمڙا، چندول پکي، ڪوڪن ڪانڪٽار،
هنجهہ، ڪبوتر حسين لاءِ، رنو رتوبن زارو زار،
شڪرا، شهباز، گرڙ پکي، ۽ پيا اڪيچار،
تور، تلورون، تاريٿڙا، شڪلا بيشمار،
روڏن، گهگهن رڙيون ڪيون، تيا بوڙيندا بيقرار،
گوجلا غمن ۾ تيا، ڪنڪن جهلي ڪنار،
ڪونجون ڪرڪن روهہ تي، ڪري آيون قطار،
ماتم مير حسين جو، هرجاءِ ڪن حبدار،
عرش زمين اندوهہ ۾، حورون ملڪ هزار،
حڪم حضرت حسين مجيو، سيد نيزي سوار،
اڳيان راهب رت رنو، ڏيئي اوچنگارون هروار،
”عبدالرحيم“تو عرض ڪري، واڳ مديني وار،
ڏج پناهہ ”ڏاهري“ ڪي، نيئي مديني مار.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(5)

واکاٽيان تنهن واحد کي، جو موليٰ آهي مٺڙن،
ڪونهي ميعاد مخلوق جو، مٿي زمين زمن،
رڳو نشان ڪيم نالا، پيار منجهان پکين،
تہ اَبوجهلي، اَبابيل، آڙي، اُڏڪ تہ اُتن،
بدڪ، بکر، باز، بهشتي، بي پري سان پچن،
بيوس، بازيگر، بوڙيندو، باشو، بگو، بُگلو تہ بيهن،
ٻٽيرا، ٻبرلو، ٻوڙي، ٻگهہ، ٻرهائي تہ ٻوليون ڪن،
ٻوئڙ، ٻرهاڙو، ٻالڏتارو، ٻاجهہ مان ٻيا ڪين ٻڌن،
پَٽ تتر، پيڻ، پاريهل، پريت، پيا سانَ پچن،
تتر، تِڪا، تلور، تَڏ، تور، ترمچي، تيار تہ ٽين،
ٽٽيهر، ٽَاڪرُو، ٽيٽوَ، ٽرڪي، ٽڪلو ٽور نہ ٽلن،
فيل، ڦيٽايون، ڦوسٽي، ڪوڪراٺ، ڪٽياٽي، ڪنيو تہ ڪلن،
گگهہ، ڳيرو، ڳجهہ ڳاڙهو هنج، ويجها ڪين وِهن،
زاغ، زرو، ڊِگوش، ڊانڊيئڙو، ڊينگ، چڪورِ چيرو چاهہ سان چڳن،
چندولَ، چانهہ، چَتون، چرچائي، چپڪ، چيڪون ڪن،
ڇتوڙو، ڇاپاڪو، رتبو، رونهارو، رُنا ڪين رهن،
مَلو، موسڙو مرغابا، ميٺو منگهہ، مور، ماندان ڪين مرن،
موز پر، متاءُ مَنُو، ملهالو، مينا مينهڻ، آهني محبت منجهن،
نامبر، نيرڳي لَڪ، لاڪي ڇاجي، لوريون، لڙسان لڙن،
لغڙ، ليٽڻ، لَڪا، لقلق، لاهين ڏي لهن،
سانهن، سِرڻ، سَانباها، سرندائي، تہ سيٽون سهن،
شيرازي، شَڪرو، شاهين، شترمرغ، وهيا ڪين وهن،
هنجهہ، هُد هُد، هيڙهو هنجهہ، هنس، هڏيخور، هٽيا تي هلن،
جهرڪي جهڳڙ، ڪهنگ، ڪانءُ ڪنگري ڪئامار، ڪاوڙون ڪن،
ڪروانڪ، ڪُرڪٽ، ڪانئروڪي ڪونج ڪين ڪهن،
ڪانڪٽا، ڪاڪاٽو، ڪوئل، قُمريون ڪاوڙسان ڪرڪن،
ڪبوتر، قاز، ڪڪڙ، ڪانڊا، ڪبر، ڪوشش منجهہ ڪڙهن،

(5) چيل علي اڪبر لغاري ويٺل ڳوٺ لعل خان لغاري تعلقي سنجهوري جو. اُن وقت اسڪول ماستر هو.

پـذم جيڪـي پيـن ڪـان، سـو سـٽايان تـو سـين،
چمـڙو چڻجـو چاهـ سـان، چڳـا چـُـڪ نـہ ڪـن،
ٻڌائجـو "ٻـروچ" ڪـي، جيڪـي نـاهي منجهـن،
"اڪبر" ڪي اهي تا اچن، باقي پين جي خبـر پيـڻ ڪـي.

(6)

محبت وئي موڪلائـي، تـڏهن جهجهـي تيـڙي جنـگ،
جت طوطن جي تنوار هئي، اتـي متاهہ گهمن منگهـ،
جت مجلس هئي مورن جي، اتـي ڪانئرا رڙن ڪنگ،
جت هنجهن جي هيڪار هئي، اُت چيها وڃائن چنگ،
جت ڪٽڪ هئي ڪونجن جي،اتي ڪبرون گهمن ڪهنگ،
سـيئي مٺيـا رنـگ، تـڏهن ويـو زمـانو ضعيـف تـي.

ادا عمـر! اسـان جـي ڏيهـ ۾، پکـي تيـن پـالار،
سـرڻ، سـانباها، ڪـارڙا، ڪبـرون ڪارونيـار،
ڪـانگ، ڪوئـل ۽ ڪانڪٽـا، بدڪـون بيشـمار،
چـِـٻون، چيهـا، چٻـرا، ٻـي چٽـون ڪـن چانگـار،
چـوزو، چڪلـو، چمـڙو، ٽيٽـو ۽ ٽٽيهـار،
چڪـور، چينـائي، چـِـڙي، پـاريهل پرمـار،
تـاڙو، تلـور، ترمچـي، تتـر ڪـن تنـوار،
هـُدهـُـد، هيڙهـو، هڙيـو، مـنـُـو ۽ مـلار،
ٻگهـ، پرهـاڙو، پـاپيهو، تـا پوپـَٽ ڪـن پاسـار،
ققنـس، ڪارونيـار، آهـن ڏاريـا پکـي ڏيهـ ۾.

آهـن ڏاريـا پکـي ڏيهـ ۾، هـڪ همـاءُ ٻيـا هنجهـ،
لاکيچـاجي لـوڏ مـان، تـي ڪٽـي ڪيٽـاني ڪـَـر،
زاغ، زغـــن، زُرو، ليهــو ۽ لغــق،
ميـري، ميٺـو، موسـڙو،سـينچول، سمونـدر،
چانهـ، چنـدول ۽ چيـرو، اُٺ پکـي، ازگـر،

---

(6) هيءَ روايت وچولي (تعلقي ٽنڊي الهيار) مان ولي محمد طاهرزادي کان ملي شاعر جو نالو معلوم ٿي نہ سگهيو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لنگهـــو، ليلـــو، شـــکرو، ٻـــوڙي، ٻـــاٽيڙ،
آنـــو، عقـــاب، آڙي، باشـــو بـــاخبر،
ٽهـــڪ، ٽوپـــو، ٽـــڏڪي، نـــِـدو پکـــي نـــر،
چٽـــوڙو، پيـــڻ، پيهـــوڙي، ڪينهـــائي ڪپـــر،
ڳـــِجهہ مقبـــل ۽ چرنـــگ، مرگهـــہ پکـــي مـــاهر،
بـــرڪ، ٽپـــڪ ۽ تڪلـــو، دوم، ڏونـــري ڏمچـــر،
ٻـــُـڏٽي، ڀهـــاڙ، وچلـــو، ڏانهـــن پکـــي ڏونـــگر،
ڪـانبو، بشـين، ڳهٽـو، تـو هونـگ ٻولـي هـر هـر،
وهـــي، وهيـــو، دهـــلاري، پيـــڻ پکـــي ميهـــر،
بحـــري، باشـــو، بلبـــل، ڪـــُـــڪي ڪبوتـــر،
ڳيـرو، ابـابيل، سـانهن پکـي، پيـدا ڪيـا پـرور،
اونـــو، آڪـــاس، ٺوڙهـــو، پونتريـــو، پـــُـــوکر،
ٻيـــل، ڏوئيلـــو ۽ ڪنيـــو، تـــُـــراندو، توهـــر،
اجـا بـہ سـوين سراسـر، پـرور پکـي پيـدا ڪيـنا.

پکـــي پـــرور پيـــدا ڪيـــا، روهيلـــو ۽ رينـــگ،
بـــاز، ٻولاهـــي، نيلڳـــي، ٽيٽـــو ۽ ٽيڙينـــگ،
روڏو، رُهـــاڳي، رتونبـــو، ٻوليـــرو ۽ ڊينـــگ،
ڪيـول، چپـاڪ، ڊانـدي، ڳڌهـہ پکـي، گوڙينـگ،
ڪٽيـاٽي، جـت، جهرڪـي، هولـو پکـي هينـگ،
پـورو، ٻٽيـرو، گـرڙ پکـي، چيهـہ، چغـل ۽ چينگهـہ،
تـور ۽ تولينـگ، اجـا بـہ قسـم آهـن ڪيتـرا.

پـَـنُ

1. پن جا: ڪَـڙڪا، ڪريا، چٽيا.

2. پن جو: سائو، سڪو، چٽيو، چاٽو، پات، پوپو، ڪير، رس.

3. پن جي: تونري، پنڊي، ڀيڙي، ويڙهي، توتاڙي، ٻنڊي، چوٽي، رڏي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنڌ

1. پنڌ (پنڌ جا قسم): اٺانگو، اوڏو، پري، ڏکيو، ويجھو، نيڙو، سولو، اهنجو، گھٽو.

2. پنڌ جا: قافلا، پيچرا، گسَ، پليا، ڪيا، ميل ڪوھ.

3. پنڌ جو: ڪشالو، ٿڪُ، اڙڪو.

4. پنڌ جون: وکون، منزلون، واٽون، پنَڌيون.

5. پنڌ جي: وچوٽي، وٿي، ڇيڙي، پٽي، واٽَ، گام.

پنھنجو

1. پنھنجا: ٽاٽا، ٽڪاٽا، ٽڪاٽا، اوتارا، مائٽَ، عزيز، لنگھہ، اوجاڳا، ڳل، ڳوڙھا، ننھن، سڌَ، پرين، هٿ، پُٽَ، پيتا، قريب، جانب، ڪينرا، عضوا، پيرَ پيرا، قول، قرارَ چاچا، ماما، ڪاڪا، نانا، ڏاڏا، پوٽا، سوٽَ، ماسات، پڦات، ماروٽ، ڏھنا، پڦڙ، ماسڙ، سالا، پيٽويا، ساهرا، نياڻا، نوڪر چاڪر، ٻانھا، خادم، ياٺر، طعنا تنڪا، احوال، ٻچا.

2. پنھنجو: فڪر، پاڙو، ملڻ، آنڊو، ڪَرُ، لبُ، سرُ، اَرواح، ڪرم، بخت، نصيب، وياءُ، اَباڻو، رَسُ، آرسُ، رستو، ڪشالو، جَيءُ، حال، ماھہ، ڪفن، پيتو، جھجھڻ، ويرُ، آبرو، رَتُ، پگھر، لاڳاپو، اولاد، ننگ، وعدو، خيال، محبوب، دَمُ، پساھہ، ناٺي، سنڌو، اسم، جسم، سرير، عقل، ڏيان، ياڳُ، پرم، شرم، ذوق، شوق، عشق، ويراڳَ، راز، ناز، چاڳَ، حڪم، اَدب، سلام، رُوئڻ، ڪلڻ، غم، تخم، ٻجُ، حق، ارادو، پيءُ ماءُ، آرام، حملو، سماءُ.

3. پنھنجون: اوڪاسون، منيون، نسون، اَرداسون، اکيون، ٻانھون، اوطاقون، لڄون، رهاڻيون، واٽون، پيٽون، سرتيون، ٻانهيون.

4. پنھنجي: سمجھہ، موڪلاڻي، منٿ، تري، ميڙ، رهاڻ، مجلس، وَهي، ڪاوڙ، نيِجَ، سيرب، قبر، ڪياڙي، جاءِ، صلاحَ، ناس، جان، دل، جھوري، سڌ، ڪَلَ، ساهي، ويھڪَ، لڄَ، ريت، رسم، خوشي، فرحت، متي مائٽي، عزازت، ڳٽني، ڪَلَ، پچاڳاچا، لَڄَ ليھہ، لياقت، پِري، ناموس، ڳالھہ ڳت، گفتگو، نيت، مراد، وِچا، ڏچا، طاقت، قسمت، مروت، ماءُ.

5. پنھنجو، پنھنجي جو بيت [•]

ساراهيان سچو ڏٽي، جنهن جوڙي جوڙ جھان چوان،
آچار، اِنصاف، آواز، عدالت، اڳرائي، عقيدو، عار چوان،

[•] چيل لعلڻ خان لغاري. سوانح عمري لاءِ ڏسو حاشيہ ص 84.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آرس، انگڙائـي، اَرڏو، آرو، انـگ، آنـڌ، آڪـڙ هـار چـوان،
اَدو، ابو، آئي، اَرمان، اُلڪـو، اوسيڙو، آرام، عقل ڏار چوان،
اُڊو، اَجهو، عـزت، آب، آبـرو، احسـان انـدر جـو ڏار چـوان،
عـذاب، عشـق، آڏار، اَزل، اڱـڻ، آزي سـا اعتبـار چـوان،
عيـب، اَرمـان، ارڪـان، ايمـاني، انديشـو، اُرهـ ڏار چـوان،
اَمـــان، آڪهـــ، اوڙو، آڙي، آســـائش انـــدر آڌار چـــوان،
اڪيون، آنـدا، اوجهـري، عمـل، بحث، بـدن، بـانور، بکيـو ڏارچوان،
بـابو، بقـا، بـدي، برائـي، بدنـامي، ٻوتـو، بـاغ بهـار چـوان،
تخت، طومـان، تعلـي، تڪڙ، تڪبـر، تنڪـو، طعنو تـار چوان،
تـوڙ، تڪيـو، طلـب، ترڪـو، تـن، طنبـو، طـرز تنـوار چـوان،
توبهـ، طبـل، تـاب، تـرس، تاٻگهـ، تـارو، تـــري ڏار چـوان،
تـاج، طـور، طـرح، تماشـو، تـارون، تسَـلي ڏار چـوان،
طبع، طبيعت، تـَڏ، ترڪ، تسـيو، توڪـل، ترهـو ڏار چـوان،
سنگتي سـاٿي، سنڌ، سينو، سين، سڄاڻ، سور، سندرو ڏار چوان،
سـاهـ، سـوپ، سـچائـي، سـري، سـانگو، صرفـو ڏار چـوان،
سڳر، سونهن، صلاح، صحبت، سـُڌ، سينو، سـُـک ڏار چوان،
سـام، سـاعت، سـُـڌ، سـڪ، سـبيل، ثـواب سـينگار چـوان،
صبر، سـتيا، سـوال، سيهو، سـڪرات، سيراپ، سـامي ڏار چوان،
سرسـي، ثـابتي، سـڄاڳي، سـاڙ، سـڙ، صفـائي ڏار چـوان،
سـوٽ، صدقـي، سـاڙ، سـنيال، سـبب سـوائي ڏار چـوان،
جوهـ، جويـن، جـاڙ، جوانـي، جنـد، جـان، جيـرو ڏار چـوان،
جوٽ، جسم، جوُن، جگر، جاڳهـ، جـَـتن، جاڳڻ، جواب ڏار چوان،
جڳ، جوڳ، جيءَ، جيئـڻ، جلالـت، جـوش، جنسـار چـوان،
حـال، هنـج، هنيـون، هـول، حسـد، حڪـم حصـو ڏار چـوان،
هـاڪ، هنبـل، هوڏ، حيـرت، هٿ، حيـث، هسـتي ڏار چـوان،
همت، حياتي، هوش، حـِرص، هلڻ، حُـسن، حيلو، هٿ ڏار چوان،
حـالت، هٿ، هنڌ، حـَـُـب، هلاٽـو، هوڙهـ، حجـت ڏار چـوان،
هـنر، حمـايت، هـوس، حرڪـــت، هـام، هاسـو ڏار چـوان،
ڪٽيـو، خوف، ڪـلڻ، خواري، ڪنڪـو، خواب، خصلت ڏار چـوان،
ڪـار، خوشـي، ڪَـڙڪ، خيـال، خطرو، خـُون، ڪـاڏي ڏار چـوان،
خـُلق، خميـرو، ڪَفـن، ڪـُڙي، ڪـُـڄ، ڪـوٽ، ڪپـارو ڏار چـوان،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سانگ، سفر، دل، دماغ، دڙڪو، دَهمان، دُور ديدار چوان،
دَرس، دَم، ديد، دلاسو، دنگ، دولاب، داغ، دَستا ڏار چوان،
دُن، داد، دَفن، دُوست، دلداري، دَرڪار چوان،
ظلم، زور، زبان، زنگ، ذوق، زَبردستي ڏار چوان،
ضد، زندگي، زاري، زوري، ذڪر، ضابطو ڏار چوان،
زَهر، زيان، رِتا، رُوح، رَمز، رَهلا، رتي ڏار چوان،
روز، رهاڻ، رس، رولڙو، رت، رهائي ڏار چوان،
ريجهه، رُخ، رايو، روڏ، رقيب، رَضا، رَنجڪي ڏار چوان،
سينڌپ، سڄاٽپ، ساهه، سوپ، سُو، سندرو، سنگت ڏار چوان،
سر، صفائي، سچائي، سورهيائي، صلاح، سگر ڏار چوان،
سونهن، صحبت، سانگو، صرفو، سينو، سُرت سنيار چوان،
سگتَ، سام، سگهه، سياپو، سَنڌ، سرير، ساعت ڏار چوان،
سار، سنيال، سوٽ، سڪ، سبيل، ثواب، سُک، سينگار چوان،
سانگ، سفر، سداسهاڳ، سپت، سير، ستيا، صبر يار چوان،
سڪرات، سامي، سيراپ، سچ، ستابو، سَرسي ڏار چوان،
ساڙ، سڌ، سنڌو، سالي، ستر، سرسري، آڌار چوان،
شڪ، شبهه، شتابي، شور، شاباس، شان، شرم ڏار چوان،
شوق، شڪر، شادي، شعلو، شدت، شرط، شمار چوان،
غم، غور، غيرت، غوطو، غلطي، غرض، غليظي ڏار چوانَ،
گلا، گنج، گذران، غريبي، گهنگهر، گناهه، غيبت ڏار چوان،
گلو، گادي، گوڏا، گردن، گسر، گام، گناهي ڏار چوان،
فخر، فهم، فضيلت، فقيري، فرمان، فڪر ڏار چوان،
ڦند، ڦوڙائو، ڦاٿو، ڦتڪڻ، ڦيرو، ڦٽ، ڏار چوان،
قلم، ڪياڙي، ڪلان، ڪاوڙ، ڪوڙ، ڪُپت، ڪار چوان،
ڪُڙم، ڪتنب، قبيلو، قياس، قمر، ڪاڻ، ڪتر ڏار چوان،
قلب، ڪهول، قبر، ڪشالو، قانون، قناعت ڏار چوان،
ڪنڌ، ڪاپار، ڪَن، ڪلها، ڪچون، ڪلفت، قيءُ ڏار چوان،
ڪم، قول، قاعدو، قُرب، ڪلمون، ڪهه آڌار چوان،
قرار، ڪچائي، ڪاڏو، ڪَڍ، ڪرامت ڪار چوان،
لڪيو، لوهه، لڳ، لاڳاپو، لوپ، ليئو، لَب لالچ ڏار چوان،
ڪيس ڪارا، زُلف زارا، زَنخ ڏار چوان،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاشو، لوڙهہ، لحاظ، لٽڪو، لُـڙڪ لڱن تان لار چوان،
لولهـٽ، لياڪو، لوئنـدڙي، لونڍا، لـت، لڪـدار چـوان،
لُـڪي، لٺون لڳي، ليلهائڻ، لارو، سچو، ڪپو، ڪار چوان،
لوهو، لاچار، لـَـڄ، ليهہ، لات، لـپ، لپاتي ڏار چوان،
مڏي، موڙي، مام، ملڪيت، مغر، مونجهارو ڏار چوان،
2. ڪاٺ جا: لَڙها، ڏَڪ، چوڏا، مُـنيا، هٿيا، اوپرا، دروازا، ڏورٺا، پينگها، منَ، ڏلها، نيزا، پيلنگهہ، ڏنڊا، جاڏا، تاڏا، تاڙا، داسا، پاڳا، هندورا، نهيرا، رانديڪا.
3. ڪاٺ جو: لاهہ، لوهيڙو، منو، ڳُـجهہ، ڏورٺـو، راهـو، (شـڪارين جـو) پيلنگهہ، پينگهو، هرُ، ترُ، نال، نار، دَرُ، بُـند، پـائٺو، لڙهـو، مـارو، ڏڪُ، ڏولائو، نهليو، وٽيو، سـٽيو، ڪجائو، جنڊو، هنو، پاڪڙو، منڊي، ورو، آسـڻ، ٽويو، هٿيو، نَـڙ، چوڏو، ڪنيو، ڪـارب، ڪرهـو، هندورو، متـو، سنڌ، ڳـن، گوشو، صندل، اولو، ڪَـپو، مـُـن، ڪتبُ، نيزو، گهاٽو، ڦوڙائو، ڦوڙاٽ، ڪوهو، رُول، ماچيس، مـُـهرو، ميڙ، قلم، پائو، ڪٺولو، ڇهبـڪ، ور، وٿوهڻ، اوپـرو، ٽارُ، ڏلهو، آرٽ، چوڻڪ، مڪڙو، سوراخ، ڪانُ، داسـو، ٽنـپ، مـُـنيو، لاٽـون، پورُ، ڪبٽ، چونپل، لڪڻ، ڏنڊو، بـانٺو، گهوبـاٺو، سوئنٺو، ويلـڻ، چڪـرو، مهلڙو، ڦُـل، چپو، سُـڪان، ٻورو، چيرُ، ڪنڊو، پٽڻ، جهـاز، غـوراب، خومچـو، وڍيو، چليو، رَندو، چَـڪ، چـَـڪر، پانڊو، آرو، اوپارو، پاٽيچو، نهور، ڏڪـر،

مـَـل، ڏوڏو، ڏانديو، پيانو، منگهو، داپ، داٻڙو، ڪنڌاٽ، سينور، ڇيڇڙو، واٽو، ڪيرو، ڪـلو، چرخو، ڪـُهڙ، ڏنداهو، اوبرو، مچوو، ٽـُـڪو، ڏگر، اگر، ڪوئيلو، ٻريو، پـِريو، سـُـريو، دونهون، ڦـَـر، مـُـچ، مـَـچ، تختو، اڙو، چاڪ، گولو، چورسو، دُهل، هارمونو، مـُـتو، باجو، ڏُڪڙ، سـُرندو، يڪتارو، طنبورو، سـَلُ، ڪانو، اَنبيو، خانو، ڊِڪ، نهيرو، ڪانگ، سنهور، ٻـُـرنج، ڏڪ، ٽڪاءُ، ڏنڊڻ، گـُل، وڏيو، سُونگو، پرٽو، جـهرٽو، ٻـُـل، اسر، سونگارو، سـَـردرو، ترو، طاق، رانديڪو، آڏاٽو، پڃرو، ڪَاٽ (سزا لاءِ) دَروازو، وانگي، ٺهڪڻ، ويساهون، جهلڻ، بيلهڻ، ٻـُند، رحل.

4. ڪـاٺ جـون: ٻـاريون، پکيـون، ٻنديـون، تڙيـون، ٻيـانيون، ٻسـانگيون، تـاڪيون، آڏيـون، مـُـهريون، چـاڙهيون، ڪـامون، ڦرٽيـون، ريلـون، ميڙيـون، ايرڙيون، ناڪيليون، مـانڌاٽيون، پٽيـون، پانهون، وڍيون، پيچڙيون، ٽـُـڪيون، ڪـُـتون، ڪٽـون، اِيسـون، پـاٽيون، ٽنگـون، ٻيڙيـون، اِٽيـون، بينـون، اَرڙيـون، چاڪڙيون.

5. ڪاٺ جي: وَنگ، تـڙ، پيوڻ، وانگي، ٻـُنڊِي، ساريٰ، ٻاري، ٻاٽي، لڱي، ايرٽي، پکي، چانگي، ٻسانگي، ڪـِـڙڪي، تـاڪي، واتـوري، پٽـي، ڏوري، ڪامر، موري، ٻياني، آما، پاهوڙي، وري، بيراڳڻ، آڏي، اُٽڙي، پوٽي، صندوق، ڪـُرسي، چاڙهي، ڇيت، گهـُـنڊي، تسبي، مـُـني، اوڙاڪي، جهل، ٻـانهي، پونري، ڪـَلا، منڊي، ڪُـت، چوٽي، تولهي، ڇـَتي، ارڙي، تري، بگد، ڦـِـرٽي، منجي، اِيسَ، چڙهي، سـُلفي، دَٻي، ڳجهہ، مـُـرلي، اندرين، ڦٽي، چوتـائي، ڇٽي، ڪڙهہ، مارَ لارَ، مـُـهري، ڪـٺ، ڇـُـوڙ، سرائي، ٽنگ، چوپٽي، منجڻ، صندلي، ميـز، گـاڏي، پيتـي، پـانيل، ڇپـر، لـَـٺ، مستر، ڏُگري، مورٽـي، مونگري، اکري، سگي، ٻيڙي، ڊونـڊي، چانٺ، ريپ، گونيا، تـَـڪڙ، سوهڻ، ڦرهي، نيسر، ٻـُنڊي، اٽـي، گـُـلي، توٽـي، ڪـاڄڻ، ڳـاڏي، ڪمانَ، ڳـَنـي، ڪنواٽي، ڏانداري، پانجاري، ٺـَپـِٽي، ڇـَڙ، گوءِ، ڳـَـٽي، پونري، ڏڪراٽي، اُبت، ٻـاڙ، ٽـاڪ، لـڏ، پٽڪـي، شرناءِ، بيـنَ، پڪـواز، ڊولـڪ، ڪنجري، ڊيبڪـي، سارنگي، ميـاڻ، ساهمي، ڪـاتر، آنچي، ٽڳـڙ، رس، مـُـنهن رکـي، ڪڙهـي، ٽوڙهي، ليٽڻ، دَٻلي، ڏٽي، چاڪڙي، گلاسداني، ڪـَـپي، سـاڙي، ٻاري، آرسـي، الماري، ميخ، ڏوئي، مـُـني.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

6. ڪاٺ (ڪاٺي) جو بيت •

ساراهيان سچو ڏڻي جو صاحب رب ستار،
قادر پنهنجي قدرت سان هي سٽاٽيو سنسار،
ماٺهو، مرون، جيت، جناور، وڻ تاريون ۽ وار،
وڏ تڪ، واڊا، ڪسنير، ڪاسبي بيا لاڪيٺا تہ لوهار،
ڪاٺين سندا ڪيترا ڏس نسالا تيا نروار،
چڙهي، چمڪي، چانپ، هٿي، لڙهہ لڳي جا لار،
لڙهي، لڪڙي، لوڙهو، لانيون، (لــَـڙها) لک هزار،
ڳنٽي، ڳــَـني، منڌي، مڪڙي، مــُـنهن رکي موچار،
ڪــَـاٺي، ڪوتي، چوتي، چوڏي، پيڙي سا پيهار،
لوني، لنبي، ڏنگي، ڏوڙي، چچري، چپر، گهڙي، گهوڙي ملهار،
پــِـنڌي، سوئل، ناوٽي، هٿيو، ڏاري ڪر نہ ڏار،
ڏگري، ڏوئي، تــُـلهي، تنيري، سڌي، سٿين، سرهي سارا،
سنهي، پتلي، هلڪي، هيٺي، گنبي، گولي، گلي، گاڏي، تاڏي جا تڪرار،
ڳوري، ڳجهڙي، تاڪي، تاڙي، ڪــُـمر ڪائي، چوڪي، چاڙي ڏار،
مــُـهري، مــُـني، نالي، ناڙي، مگهي، جڏي، چينيا، چــَـمڪ، پاٺٺو پار،
پڳل، پاڙي، پياني، پاري، سوٽي، ساري، آڏي تي اظهار،
ڏونڪي، ڏاڪي، تڏي، بــُـنڊي، هڙپڻ، هاري، منجڻ، منجي،
موڙي ماٺي ڏار،
ڪــِـني، ڪاري، ڊهري، ڏڪي، ڦرهي، ڦاڙي، چيري، چنبي، چوتي،
چوپڻ، يار،
جوتٽي، جاڙي، تــُـڪ، توتا، تــِـڪي، تتي، پانگها، ميڙهہ، بار،
ڪپي، ڪوري، ڏاهن ڏاري ناهي، نوڪي، مــُـچي، ماري، ودي، واڏڪ يار،
ڪــُـپي، ڪاري، ڏوري، ڏنبي، ڏنڊ، ڳنڍين ڳاري ڪار،
ڳــَـز، ڳــُـرز، سهٽي، ساري، ڪٿولا، منجا، ڪٿ، ڪارا، ڪتا، چوڙ، چڙهي چوڏار،
ڪــُـهڙ، ڪمانيون، ڪئنچي، ڪهڙي، سائي، سڪي، آلي، آدوڪي،
اهڙي يار،

• چيل لعڻ خان لغاريءَ جو. سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو حاشيہ ص 84.

اُبتي، سبتي، آڏن جهڙي، بانٺا، ڏُڪا، پونڻ نہ پيڙي،
ترتان تالو، تاڪن تهڙي تار،
صاحب رب ستار، لاهہ لڪون تون، ”لعلڻ“ چئي.

مُتا، مُنا، سيرُون، سالم، بين، بيراڳڻ، بنسري بالم، مُهرا،
مڪڙا ڏار،
پيلنگهہ، پيانا، واسم ويساهان، ارڙيون عالم، نوڪ نڪيلي،
نڪا، ڪلا، ڪيرا، لُنڊٽا، لکَ هزار،
ڦرها، ڦوٽي، ڦاڪون، ڪچي، پڪي، پوري، سُر، سهاڳ، سوالڻ،
گوني، گوڏي يار،
گوري، بج، بينج، بيني، صندوق، صندل، ميس، تہ موري ڏار،
ڪيٽ، ڪاٺڪا، پاٿيون، پچر، ڪرها ڪباهيون ڏار،
چانٺ، چوٽايون، ڪامون، ڪيٽيون، چوڳا، چاري، تارا، ماڙا ڪار،
ٽيلهيون، ارٽيون، آري، چڪر، چيچڙا، چراغ چِٽ، پانڊا، هُرلا،
نار ٽيا نروار،
صاحب رب ستار لاهہ لڪون سپ ”لعلڻ“ چئي.

پيتيون، پچرا، سِڙهہ، سنوان، نَڙي رهندي نيهن، پنهون ڪي هٿڙا
هاڻ پڌي مان پير نوان،
ڪوها، تنيا، تِرتڪا، پيا نيزا ڪيا سي نينهن نوان،
پهلڪ، جهلڻ، پورا، پانهون، چپڙا چوري، ڪلمون محمد من چوان،
وَرو، وٽاڻي، انگڙو، ڍانگي، وَنگ، وجهي، مان ننگ چوان،
نٽڙي، بُولا، نينهن وجائي، دَر، پنهون جي دانهن چوان،
پلنگ، پينگها، هاڻ، هندورا، منگهن هيرا، نانگ چوان،
وَر وجايم، گهر ويهي، هرُ، هرهہ مان سانگ چوان،
اوڳڙي آيم نند الاهي، چو ڏوهي ڪيچن آ پڻ ماڻ چوان،
ڪارب، رِحلن روءِ منجهائي، مارا قسمت ڪاڻ چوان،
پونري، پرٽي، ڍيري ڦيري، ونوهڻ، لانون، وات چوان،
پير پهوڙي، ڦيٽا ڪرڪڻ، نويا نورا، وات وَراسي تات چوان،

ڏبلي، دوڳي، ڏور ڏنداري، ونگي، وينڊي، ننگڙي نات چوان،
سنگهر، سڌو، سوڌو، سهٽو، پاندا، نهڪڻ، پات چوان،
هرلا، هلڪا، تير تريا، چوڏول، چنبيلي، چڪ چوان،
بوڪر بندڙا، بيد بچايا، نينهن لڳايس نيٺ چوان،
ڇهبنڪُ، ڦرهي، ائٺ، اسم، پائڙ پٽا سي نار چوان،
سگي، ساڙي، ايسون، پهاڄ پانجاري، سيخَ سنبوهي سرخ چوان،
ليٿڻ، ليهون، لامون، پاڳا، پاوا، رول گول، رنگي، چوراس چوان،
پيڙا، جهاز، آڳبوٽ الاهي، پريا نهور سي ڪٽ ڪاٺ چوان،
لٽ، پاروني، ڪاڃڻ، ڪهڙي، اوبرا، اوپارا تہ چوان،
ڪهڄر، جانيا، ڪارا، ڪاڏل، ٿاڪڙ، ڪاري، چينين جا تہ چوان،
چونـي، چيڪل، ڪڙڪي، ڪوڙي، داٻلا، داٻڙا تہ چوان،
جانيا، جنڊي، ڪاف ڪوڏارا، سينگ بہ سهٽي، نئين پراڻي نات چوان،
هنيا، ڏقوتي، ڏنگ ڏلها، ڊگهي توٽي، ڪجاوا، ڪرسي ڪا تہ چوان،
ڳٽ ڪنواڻي، ڏولي، ڪائي، پاڪڙا، ٻگهڙات چوان،
ڏڪر پڙاڻي، نيسر پاڙچا، پيمر پري، ڪستي، ڪوڙي، ڪا تہ چوان،
بولا، پانهين پڪا پاٽا، اگهي سگهي، سرلي، سرائي، سلي سا تہ چوان،
ڳاڏا، گهاٽا، ائٺ، انگاسي، پسر، روڙي، ڊرمچي نمر تہ چوان،
چن، چيڪو، اورڙو، انگها، ڪُڪرا، پتلا گنجس، واءِ وهاڻي وات چوان،
ڪاف، ڪنڌاٽي، ڏڳ، ڏرا، سنڌَ، پچا، نپ، ڏوڙا، پيٽا، چپانڙي،
نڙانڊي، نار چوان،
ٻنجا، پيانا، هنا، پرٽا، ڪوچ، سليپر، ويلڻ، ٻگي، چاٺ ڦوٽي
جا تہ چوان،
تختي، چانگهي، ٿانگي، نڏر، نماٽي، ويٺا، گوشا، بانس، برهہ
جي ڪيڙ چوان،
چونتي، وٽي، ونجهہ، ولائي، لائين، پلي، لات چوان،
ڪولي، ڪنٺري، ڪومٺ، ڪبي، چبي، چبڙ، چات چوان،
اڪيون، انگهون، اٽائي، سٽائي، چپ، اٽي، پربت چوان،
اولي، سوڪي، سخت بہ سهنجي، ڳيل، ڪپاسي، ڪڙتال چوان،
آرا، ڪانا، تافا، ڪنٽاڻي، رول، گول، رنگي، چوراس چوان،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻهڻ، لوهيڙا، ساڳ، ڏيالي، سوري، سچي، سهنوريامي چيل، چوان،
ڏوڙا تخت ڏيارين مولي، ڪم ڪرين تون سائين سولا، ڪلمون
محمد من چوان،
ڪلي، ڪرائي، ڪٽا، ڪاري، تسبي، تلهڙ تات چوان،
ڍُهلَ، ڏُڪڙ، ڍولڪ، سُرندو، سارنگي، شيشمر، لوهيڙا لات چوان،
تڪڙ، پٽيلا، ڳوٺي، ڳاڏي، ڍينگر، ڍارا، ڍات چوان،
تُڙ، مُڇ، مُندي، مور، ٿاري، ٿلو، ساڳهه، سانگ سٽائو سات چوان،
هنيا، ٽياسي، ٻسُوءِ ٻهاري، ٻوٽي، ڪياڙي ٻانڊ چوان،
گورباسي، گهوٻا، گهاڙ ڪري، ڏاڪ، اڱر انصاف چوان،
رباب، سنبوهي، چپ، ڪُنداڪي، چاٻري، اُڪري، چا تہ چوان،
سُلفي، ڪاتر، مياڻ، گهوپاٽا، پهوڙا، پتلا، پٽ ويڙها پريات چوان،
سردرو، داسا، ڪوٽا، پوراپُنا، ڊينڊي ٺنگڙي، ٺات چوان،
دراز، ڇَٽي، جوٽا، اڪيلا، پارپائي، پڃڻ، ٻتيلا ٻات چوان،
ٻُٽ، پاليس، پانڪ، ڇڪا، چانگهي، سٽائيڻ، خط خلاصا خان چوان،
ڳوءِ، ڳُري، ڦرسا، ڦرٽي، ونگس وَرٽي وات چوان،
سرڪنڊ، ساٽو، چيت، نچيت، نڪيت، ڇڄهري، لڪڻ سندي لات چوان،
لاڪُڙ، لوڙهہ، لاڪي، لائون، علمُ، آفت، تُرهي واري تات چوان،
آر، اُنگاس، ڦٽي، ڦٽوٽو، ڦرٽي، ڏُڳري، ڪستي ڏات چوان،
ڍڪڻ، ڍٻري، ٻيڙي، ٻلهڻ، ٻانگوسري سا تہ چوان،
ڪانو، ڪوڙڪي، ويٺو، وڪ، وَڍي، ويچاري، ڪاٺو اتي ڪات چوان،
ٻونبو، ٻاري، لاسڙ، لاري، ننگ، نيشاني نات چوان،
پروَس، پريي، پَلڪ، پان، پهلو، هاڪي، ڏنبورو هات چوان،
چاڪ، چوپائي، نهور، ناڙي، ٽِنب، ٽپائي، جهلڪي، جهنبو جهات چوان،
چندن، چونڪ، پوڙي، پچري، چڪر، چنبلي، چاڙي چات چوان،
ڏاڪڻ، ڏونڪو، ڪوٽي، ڪبوٽي، پين پلي پريات چوان،
منگهو، مُني، مور، موسالي، بگهڙ، بيراڳي، ٻور، بادامي بات چوان،
ٻيڙا، جهاز، آڳبوٽ، الاهي، پريا، نهور، سي ڪَٽ ڪات چوان،
سوري، سچي، آڏ، اُماڙي، گرز، گلولي، ٻانڊ، ٻَلاسي ٻان چوان،
ڪانٽو، ڪنگي، قلمي، ڪٺهڙو، لِڪي ويلڻ، لِڪوان چوان،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانو، ڪنڍاڪي، ڏڪي، ڏنگي، ماهيچو مستان چوان،
ڏمڪ، ڏري، چرخو، چوني، چنبلي، چڙهه، چنڊن چوغان چوان،
چرخي، چاڙهي، چيست، نڪيتون، چانـ چوان،
آن، اڏاڻي، اسي، جهنڊو، جهوني، پروسي، پان چوان،
لطف ڪجان تون "لعلڻ" چئي، مان ڪلمون برزبان چوان.

ڪاريگر

1. ڪاريگر (ڪاريگرن جا قسم): ڪاريگر، سهڻو، سچيت، چاڻو، اُستو.
2. ڪاريگر جا: شاگرد، اوزار، چِٽ گل، ڏڪڻ، تانو، اَهتي، پهتي، ڊوئٽا، رڪب، وهنوار.
3. ڪاريگر جو: فن، چِٽ، ڪم، هنر، چاپو، رنگ، نالو، ڪُنپ.
4. ڪاريگر جون: ڪلون، آٽون، اٽڪلون، گهاريون، تاريخون، ڏهاڙيون، آويون، ڪوريون، ٻنيون، سنڌاٽون، اڏيون، پانيون، مانيون.
5. ڪاريگر جي: ڪَل، ڪلاچي، نهي، آٽ، آوي، سنڌاڻ، اڏي، پاني، رڏي، پڪي، سنوارت، سيبي، جنڊي.

ڪاسبي

1. ڪاسبي (ڪاسبين جا نالا): ڪنڀار، موچي، لوهار، واڍو، سونارو، حجام، کٽي، وگهامل، ڪاشيگر، بزگر، دٻگر، چوڙگر، ڏوٻي.
2. ڪاسبيءَ جا: وائڪا، اوزار، ڪُورا.
3. ڪاسبيءَ جو: ڪُن، اوزار، ڪُورو، هَٽ، دوڪان، رندو.
4. ڪاسبيءَ جون: ڪوريون، روهيون، پانيون.
5. ڪاسبيءَ جي: ڪوري، ڪرت، روهي، پاني، مار، متڪي، ڪوٺي.

ڪاغذ

1. ڪاغذ جو: حال، اکر، لکيو، ڪتاب، پَنو، ليکو، حساب.
2. ڪاغذ جي: وهي، بندي.

ڪانو

1. ڪانو (ڪانن جا قسم): سنهو، ڏگهو، ٿلهو، ننڍو، مِنو، ڦڪو، ڪڙو، ٿُري، ڪانگڙ، سائو، سڪو.

2. ڪاني جو: رَس، مناٺ، سنگ، ڳنڍو، قلم.

3. ڪاني جي: رَس، بيهڪ، ڊيگهه، نوڪ، ڇهنب.

ڪتاب

1. ڪتاب (ڪتابن جا نالا): گلستان، بياض، رسالو، قرآن، توريت، انجيل، زَبور.

2. ڪتاب جو: ورق، پنو، اکر، مهاڳ، ديباچو، لکيو، پڙهيو.

3. ڪتاب جي: ڇپائي، ٻولي، پڙهٽي، جهلٽي.

ڪتو

1. ڪتي جا قسم: پلنگ، ٽيپو، جاندر، وينديو، کهاڙو، مٺر، موتي، ٻهڙو، هيرو، راڳو.

2. ڪتي جا: پوُنڪاٽ، لُنڪا، ڪَن، ڇَڪَ.

3. ڪتي جو: پُونگڙو، جهٽ، پوُنڪڻ، رنگ.

4. ڪتي جون: اونائيون، ڇَڻيون، پونڪون.

5. ڪتي جي: لَڪر، ڇُهٽي، پوُنڪ، ڊوڙ، لَڪ لَڪ، اونائي، ڇَٽ، نُوس.

ڪَٽڪُ

1. ڪٽڪ جو: آواز، گوڙ، شور، تعداد، گهيرو، پُٽڪو.

2. ڪٽڪ جي: ڪاهه، هلان، ويڙهه، چَڙهي، جُلهه، رئي.

ڪپڙو (ڪپڙ)

1. ڪپڙو (ڪپڙن جا نالا): هرڪ، پٽيو، بافتو، ڪپڙ، ڪاڏي، ڪڏر، ريٿو، ڏوريو، ڇيڪ، وائلو، ڏماچ، ماهوت، ڪشميرو، قناوِيز، سٽين، پاپلين، ٽوئل، صوف، گيگمر، مونڙو، سوسي، گربي، چيرو، تارڪشي، ڪيمخاب، سنهون، تلهو، ٻلمل، سلڪ، زين، ٻگهه، شبنم، ريشم، پَٽُ، بوسڪي، تسر، چڪنو، مليچو، ڇيٽ، الپاڪ، ڪيسريو، ڪورو، ڏوتل، اُبتو، سبتو، لباتو، جهونو، لَسو، ٻاڙهو، ٻٽو، جگرناتي، جارجٽ، برفي، رٻڙي، هرمچو.

2. ڪپڙي جا: هٽ، کهنبا، پلاند، پڳونٿا، صافا، ڪُنڪا، شان، گوشا، ٿانَ، لَنڪا، روا، وڳا، ٿَن، ڳَرَ، ٻرَ، جورابَ.

3. ڪپڙي جو: مليس، پڙو، ڳچ، ٽوال، رومال، ڪتبو، چادر، چولو، پهراڻ،

ڪوٽ، گهاگهرو، گهگهو، وهاٽو، ٻانڊٽو، ٻانڊيو، انگرکو، ٽانُ، ٽاڪيو، چرٽو، پاجامون، پوتڙو، مرينو، ڪيس، اڳٺ، ڪڇو، واسڪوٽ، مفلر، ڪسابو، ٻوچڻ، پٽڪو، رَئو، فراڪ، پيشواز، پيشگير، پيٽي ڪوٽ، صافو، انگوچو، چاپو، پُٺيو، ڪوريو، چوسؤ، گُڏو، هٽُ، وَرُ، ٻرُ، ننگ، سرُ، گونگهٽ، تنگ، برقعو، ڪوٺو، ڦڙڪو، تُن، ڪنجرو، ڏوپُ، پيرت، ڪنڌڙو، ٻاڙو، گهنج، ٿَهو، سَتو، ڏرُ ابداٽو، گَلو، پان، ڪالر، ڇهڪَ، ڪَيسو، گيندو، پيڙو، ٻالو، نرماد، ڏِڪُ، پوش، طنبو، ٽئونر، پور، اجريو، اوجر، ڪنپُ، ٻجڪو، تنجڻ، ڪڙو، لٺڪ، ڦاٽو، چيريو، اڌيڙيو، پائو، پاتو، نئون، پراڻو، سفيد، اوڇڻ، اوڍڻ، ڪن، لُنگ، مولبند، پَن، ٻَڌُ، ڳنڍُ، ڪَلف، تُنڪو، تنگ، چاڪ، چِتُر، ٻُڪل، پلاند.

4. ڪپڙي جون: ٻوڪيون، رضايون، ڳوٿريون، ڏريون، جوڙيون، ٻوڪانيون، پٽيون، اوٺيون، سبيون، چوليون، پيٽيون، وٺيون، ڪنيون، زريون، لونگيون، تسرون، ڏوتيون، لانگون، ڪناريون.

5. ڪپڙي جي: اوٽي، آنڊي، ڪني، وِهٽَ، ڪُرڪَ، دامن، پليٽ، ربين، ڏوري، ٻُڌي، رتي، چاري، ڪوڙَ ليڙَ ڪورَ پٽي، ٽڪ، ڦلڙي، ليڪ، استري، گَلي، ڪُلي، جهلي، تِڦُلي، اڳڙي، ڪهي، انڊاري، اُبت سبت، ڏهي، رضائي، لانگ، ٻچي، ابيچٽي، چادري، ڪانجهي، ڳوٿري، چوپڻ، ڪوٽي، رلي، منهن رکي، ڪانڄَ، مچرداني، جوڙي، شالَ، مهاري، صدري، زري، ڏري، گندي، ليڙ، پيٽي، ڳنڍ، ڪڄ، ڪوٿري، ٻانڊٽي، ڪاري، سائي، هڙ، چِتري، تند، لوئي، سوڙ، ڏڙڪي، ڇُهَ، لنگي، فراسي، ٻوندي، پيٽي، چُني، ٻوچڻي، پوتي، گندي، گنجي، چانڊني، پتراٽي، طولَ ڳنڙي، ڳئونڪي، سٽڻ، سلوار، ڳوڏ، ڪٿي، ٻچانگي، ٽوپي، اَجرڪ، لاوِٽي، چادر، ٻُٽ، ڪَئون، چُرَ، ٻاڙي.

6. ڪپڙي جو بيت ●

ساراهيان سچو ڌڻي، جو صاحب ستار چوان،
اوٽي، اوڇڻ، علي باغ، آسماني استري ڏار چوان،
اَلفي، اَنگي، اندا، اَنگرکو، اَڪارو، انگوچو ڏار چوان،
اَجرڪ، اُجرو، آلو، اڳڙي، اِيرام، انڊاري ڏار چوان،
اڳٺ، اوڍيو، انبلٽ، اَندرين، اَطلس، اگهه، اڪياڙي ڏار چوان،

● چيل لعلڻ خان لغاري جو. سوانح عمري لاءِ ڏسو حاشيه ص 84.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَڏوبند، اوڙو، اُبتو، اُٽيو، اَيرو، اَڇو، اُبداٽو ڏار چوان،
بوچڻ، بافتو، بيرق، بوندي، بجاج، برقعو، ڏار چوان،
بُگ، بري، بکڙو، بور بوسکي، بخمل ڏار چوان،
بالو، بُشکو، بالي، بانٺو، بر ڏار چوان،
تاڪيو، تَٽو، تَنو، تَنگ، تَس، تُرهو، تريچو، طنبو ڏار چوان،
تَل، طوق، تُرو، تازو، تاجي، طُول، توبرو ڏار چوان،
تند، طوئي، تار تريزون، تختو، تهه، تاج، تصويرون ڏار چوان،
توڪل تُرهو، سندرو سالهو، سلڪ، سلاڙ، سالر ڏار چوان،
سوٽيو، صافي، سيرو، سهٽو، سگهو، صابڻ ڏار چوان،
سال، سبتو، صافو، سنو، سڳو، سُتڻ، سيبو ڏار چوان،
سادو، ساڙهي، سيتل، سڪو، سائو، سوڙهه، صدري ڏار چوان،
صوف، سرمائي، سڙيو، سهانگو، ستار سبائي ڏار چوان،
سينهون، سراٽو، سنهون، سالر، سيج سدار چوان،
جڏو، جوڙي، جوتو، جوراب، جورو، جُبو جمني ڏار چوان،
هرک، حاشو، هلڪو، هيٺو، هٽ، حُلواڻ، طَنبو تار چوان،
هَٽ، هَڙهي، هنديايو، هَنڌ، هلايو هار چوان،
کيسو، ڪفني، کيس، ڪتو، ڪرڙي، ڪاهي، ڪفن، کهنبو ڏار چوان،
زيرگادي، زبرو، زين، رئو، وَرتو، رگيو ڏار چوان،
ريڙ، رَضائي، رومال، رَبڙي، ريٿو ڏار چوان،
رَلي، رلڪو، ربين، ريشم شبلم سا سلوار چوان،
گهاگهر، گهگهرو، گندي، گلابي، گيڙو، گربي ڏار چوان،
گلگون، گزي، گنجي، گُڏي، گهرو، گج، گيگم ڏار چوان،
گلم، غاليچو، گُلي، غلاف غازي، قاتل، قتو ڏار چوان،
قورو، قلڪاري، قُلڙي، قُلي، قڪو ڏار چوان،
ڪُلو، ڪُڙتي، ڪارو، ڪمبل، ڪناري، ڪفن ڏار چوان،
ڪمر، قُلابو، ڪانپ، ڪتريو، ڪنڍڙيو ڏار چوان،
ڪَف، ڪلنگي، ڪپتان، قلمي، ڪور، ڪچري ڏار چوان،
ڪيمخاب، ڪالر، ڪنجرو، ڪانبو، ڪَلف، ڪُنڍي ڏار چوان،
ڪانچ، ڪپڙ، لون، ليڙون، لباتو، لُنگي ڏار چوان،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليٽَ لٽـو لنـگ، لنگوٽـو، لاوڻ لسـو، لائـون ڏارچـون،
لاڪ، لُڳِٽِ ليڙا، ليلم، لـهہ، لوئي، لانگ، لـتو، لڙيو ڏار چوان،
لانڙيـو، ليـر، لـويِـرُوَن، منـڻ، مـوڙ، مَلهـاتو ڏار چـوان،
ميـرو، ململ، مليـر، منگهـٽ، محمـودي، منجهلـو ڏار چـوان،
مُـصلو، مهـارو، منڊيـو، موئـو، مونـڙو، مـَـٿو ڏار چـوان،
ننـگ، نـَـڙو، نـرڳ، نپوڙيـو، ناسـي، نـاَئو، نئـون، نهـوار چـوان،
نقـاب، نـاڙي، نيـرو، وَهـٽ، وڳـو، وَٽ، وائلـو ڏار چـوان،
ور، وَجهـــــ، وَڙ، وڏو، واســـني، وَٽ ڏار چـــوان،
وال، وَٽـڙو، وِيٽـو، وهـاٽو، ٻيـو يڪتـاري ڏار چـوان،
ٻـٽ، ٻـانڊيَو ٻـَڌٽَو، ٻچـي، ٻـُـڪل، ٻوڪـي ڏار چـوان،
ٻـَـَڌ، ٻيڙو، پلـوَ پوتـي، پـڳ، پهـراڻ، پوتيـو، پٽڪـو ڏار چـوان،
پـاڪ، پليـد، پـَـٽ، پـالڪي، پٽـي، پـَـٽ پيٽـي ڏار چـوان،
پـال، پـُـرزو، پـُـٽي، پاسـو، پتلـون، پوپٽـي، پـانچو ڏار چـوان،
پيٽـو، پـائڻ، پـوش، پاسري، پـُـسيو، پراٽـو، پشـم ڏار چـوان،
پيشـگير، پيٽـو، پـاپلين، پـردو، پلـوَ، پـاند، پٽراٽـي ڏار چـوان،
پـَـڪو، پيـچ، پـاليس، پٽـي، پٽڪـو، پوشـاڪ پـاتي ڏار چـوان،
پـرت، پلـو، پڳـوو، پينـڊي، پـري، ٽـوپ، ٽـاڪو ڏار چـوان،
ٽـڪ، ٽُـڪ، ٽئـونر، ٽُـڪرو، ٽوپـو، ٽوپي، ٽَـڳو، ٽـڪو ڏار چـوان،
ڏَوريـو، ڏَڪـو، ڏوري، ڏَري، ڏور، ڏهـي، ڏاج ڏَنـو ڏار چـوان،
ٽـانُ، ٽڳـڙي، تقيـو، تـُلهو، تيلهـو، ڏاڳـو، ڏُڪـو ڏار چـوان،
ڊَڪ، ڊِلـو، ور وچـاٽو، چڪنـو، چـَـتي ڏار چـوان،
چوتـو، چـادر، چولـو، چـڊي، چوپـڻ، چيـرو ڏار چـوان،
ڇهـَڪ، ڇاڪ، ڇـَندي، ڇـهرو، ڇـَڪرو، ڇـُوڙي، ڇـُوڻ ڇوڏار چـوان،
ڇـُر، ڇتر، ڇوَ، ڇاپو، ڳلو، ڳـاٽي، ڳوڙهو، ڳـارو، ڳرو ڏار چـوان،
ڳنـڍ، ڳـِـڙڪي، ڳـانو، ڇيـڪ، ڇونـڙي، ڇـاري، ڇـار انـڌار چـوان،
جهـِـمي، جهـال، جهنـڊو، جهونـسو، جهلـي، ڏار چـوان،
جهـاَر جهـٽي، جهـُـل، جهـوڙو، جهولـي، جپـاني ڏار چـوان،
جهـُنڊ، جهلڪو، ڪـُنج، ڪـناري، گهنڊُ، گهـُـنڊي ڏار چـوان،
ٽپڙ، ٽـُوال، ٽـَپـُـر، گـَـرهہ، گـودڙي، گنجـي سـا گـلزار چـوان،
لطـف ڪجـان تـون ”لعلَـڻ“ ڇئـي، صـاحب رب سـتار چـوان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪپهہ

1. ڪپهہ جو: پهو، ڦُونڊو، ٽوئر، ڏينو، هنڊ.

2. ڪپهہ جي: تورَ تند، ڳنڙي، برڪي.

ڪڙمي

1. ڪڙمي جو (ڪڙمڪو): پڙ، پيس، ٻج، حال، هر، واهڙ، ڪي، لاهہ.

2. ڪڙمي جي (ڪڙمڪي): واهر، ڊِل، مٽڪي، مار، هلر، ٻني، ڪوڏر، ڪهاڙي، مهل، مند، پوک، جهار، واهپ.

ڪڪ

1. ڪڪ (ڪڪن جا نالا): وينجهل، سر، ڪانهن، آلا، سُڪا، تنهور.

2. ڪڪ جا: ٽنگڙا، ترُها، اوڏيا، مُچا، ٻُهارا، پکا، ٽُوئا، تڏا، سِڻ، چِڪا، چَها، چونرا.

3. ڪڪ جو: تڏو، جهوپڙو، ٻهارو، آکيرو، مَنَهُن، پيهو، پيڙهو، چونرو، پکو، چَنو، ترُهو، مَنڌ، چِڪو، مُچو، وِچٽو، چَپُر، جهڳو، چپو، ڪارو.

4. ڪڪ جون: ڏريون، ديڪيون، پترون، نُکون، چتريون، تيليون، لانديون، تَڏيون، چَپيون.

ڪڪ جي: ڏري، چپڙي، چبي، ڪاري، ديڪي، نُک، تونري، ڏلهي، چتري، مَنَ، پَتر، پلڻ، ڏٻلي، پيشَ لانڍي، ڪُڏي، چِت، ڏائي، مُئي، ٻهاري، تيلي، تَڏي، چيتِ، چهنب، نوڪَ.

ڪَمي

1. ڪمي (ڪمين جا نالا): ڪاسبي، ڪهارو، نفر، نوڪر، ٻيلي، ٻانهون، گولو، ٻجير.

ڪُن

1. ڪن (ڪنن جا قسم): اونهون، ويڪرو، موڪرو، تانگهو، تار.

2. ڪن جو: ڪنارو، ترو، وچ، گهيرو.

3. ڪن جي: گهير، ويڪر، موڪر، اونهائي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنبو

1. ڪنبي جو: وڻ، ٿُڙ، پُور، ڏار، ٽار، ٽڪ، سڱ، پُور، پن.
2. ڪنبي جي: ٽاري، سڱري، لام، ٽام ڇانوَ.

ڪُنو

1. ڪني جو: پوڙ، رڌو، ترو، ڏَڪُ، ڍڪڻ، ڪارو، ليهہ، پاسو، ڪَنو.
2. ڪني جي: ڪاراٺ، رڌي، ڪک، ڪاراڻ.

ڪوڙ

1. ڪوڙ جو: بهانو، مڪر، فريب، دولاب.
2. ڪوڙجي: دغا، ٺڳي، ڪپٽ.

ڪوهہ قاف

1. ڪوهہ قاف جو: راڪاس، ديوُ، ديهہ، جِنُ.
2. ڪوهہ قاف جي: پري، چوٽي، ديوي.

ڪاچ

1. ڪاچ (ڪاچ جا قسم): مکڻ، لڏون، چورمون، ڪوپرو، پَت، ڍاڪون، ڀُور، پوڙ، ڇانهہ، وهُہ، چربي، وڪُ، چوهارا، ڪتل، وِسناڻ، پڪو، ڪچو، ڪيرو، طعام، ڳُنڌڻ، آچار، صوف، پيهون، پاپڙ پيڙا، پت، منائي، ٻوٽيون، ترون، جليبيون، ٽڪيون، ريوڙيون، موٽيون، سانڌاٽو، تَرُ مصري، مهي، ماني، روٽ، روٽلوَ، ميوو، حلوو، مُستي، ڳُڙ، ڪباب، قورمون، پلاهہ، چاشني، چنگالي، ڪيرٽي، ڪارو، ڪٽو، ڦڪو، ڪڙو، ڪُٽي، ناريل، پلو، مچي، آني، ڪڙهي، ملائي، تَرِ پساهہ، دم پخت، تلوٽا، ليٽي، چمون، پُڳو، سَتُو، شربت، پوريون، پوڳاڙو، پڪوان، اوبارو، فالودو، ڪچوريون، ڪوفتا، يخني، زردو، ستربينيون، پلنگ ٽوڙ، پڳڙا، ڪاچا، پيٽارو، ڪيري، مربو، چٽڻي، عرق، شراب، مالپڙا، ڪيرپُڙا، تِر بوڙيندا، ڳُڙداڻي، اڪروٽ، مغزات، بادام، پِستا، نيزا، ڪشمش، ٻوهي ڇٽا، دال، ياچي، ڪمند، ڪريلو، نباتون، توشا، ٽاڏل، ميسوپاڪ، ڪجيون، ڪجور، بصر، ٿوم، دَمَ، گيهر، وڙو، نختي، مائو، توت، نارنگي، ناسپاتي، چڪون، چيڙ، گدرو، ڇانهين، انب، انجير، ليمون، سيتاڦل، گجر، موري، وَنگو، پالڪ، مريڙو، هَڪم، لوجريون، تازو، پارُوٽو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

2. ڪاڄ جو: سواد، مزو، ٿانءُ، برتن، گرهه، لُقمو، مصالحو، طباخ.
3. ڪاڄ جي: مهل، شيءِ، رڌ، ڦيلهي، ٿالهه.

ڪٽ

1. ڪٽ جو: هنڌ، وهاٽو، رَڪو، پائو، اوپرو، ٺوڪڻ، واٽڻ، چِڪڻ، پَهڻ، مُنو.
2. ڪٽ جي: ٽانگهه، واڍڻ، اِيسَ، چِڪي، ٽنگ، چني، واٽي.

ڪٽي

1. ڪٽيءَ جو: رنگ، ڪُن، ڏوپ، ننگ، ڪساٽو، ساڪُڙ، ڦَرهو.
2. ڪٽيءَ جي: چُرَ رَتي، بنڊي، پينڊي، چاچول، گِسي، ڪَٽَ، ڦُلي، ڪَڙ، مَنڻ، ڪوڙَ.

گار

1. گار (گار جا قسم): ٽَنوار، ڪُوار، رَنَ، حرامزادي، حرامخور، ميڇلي.

گاهه

1. گاهه (گاهن جا نالا): مڪٽي، لنب، للر، لاٽو، اَڪڙ، پچٽي، ڪانهن، لوسڻ، برسينگ، چبر، ڏنوهي، ڪانا، ساوڙي، ٻگرو، ٻَتَلُ، ٻَتَرُ، پُرٽ، ٻڪڙو، ڳمر، ڳنڊير، گرڙ، وڻ ويڙهي، ناڙو، مريڙو، ٻُڪن، بند، نڙ، ڳني، ڏنو، ٻرپن، چٽ، سڪو، سائو، گوار، ٻُنگ، چيهو، چل، ڪوڙي، ڪلوڙي، مانڊاٽو، ڪوتڪ، سيڻ، ڏائي، ڪَلَ، پيرڻ، چانهڪ، ڪهه، ڪول، مڇ، پڪو، ڪچو، رنجڪو، سيءَ، سَرَ ڪانئر.
2. گاهه جا: اوپڙ، ٽڪ، گَڏا، گُلَ، بند، مڏ، پوپا، چُوپا، اولڙ، ڪهچر، ڪڪ پن.
3. گاهه جو: بند، سانگ، گل، پن، پُور، گَڏو، سائو، سڪو.
4. گاهه جون: ڏنيون، پريون، تيليون، ڪُهڙيون، سٽريون، چونگيون، ڪتريون، سايون، سڪيون.
5. گاهه جي: ڏنِ، ڪالر، پري، چَٽ، پُوري، تُڳي، تيلي، ٻهاري، مُٺِ، ڪُهڙي، سٽري، ڪُتر، آهُر، لڏ، اور.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

6. ڳاهه جا بيت

(1)

ستي رات سٽيج، جو سهڻو لڌو هوم سومرا!
جيئن سمجهيم تيئن سٽاييئن، ڏيان رکي دل ڏيچ:
چان کر لتم بند "براهم" چئي، مهندان هن پڻ هيچ،
چان کر وُنا مينهن ملير تي، تيو رڻ جهڻ پٽن ريچ،
وڻ ٽڻ وليون قليا، تيو سائو سبز سريچ،
اڇو چونم سرتيون سنبهيو: هيکر ڏٿ هليچ،
پرٽ، پيکه، ڏنهين، کريو[1] خوب کٽيچ،
مرلي، منڌيئڙو، مکٽي، پايو پاند ڏريچ،
پرٽ، پونگر، قطر کامون، ميڙيو مُچ کريچ،
ڊپ، ڊامڻ، پٽ تتر، پوئي، وڻ وڻ کيو واريچ،
لنر، مليرو، لنب، لاٽي، لوهيءَ[2] منجهه لٽيچ،
سائون، که، ڳنڌير سين، دست مليو موڙيچ،
پرو، پاجهر، پانٽي، سانجر[3] سکائيچ،
پٽ بصر، کوڊير کٽيو[4]، ڏٽيو ڏار کريچ،
قرج قاروئن کي، ورچي کيم ورِيچ،
پکا، کونر کانڌ کي، ادي آٽيو ڏيچ،
ڏڏڙ ڏاجورن سين، نوان چوندبيو نيچ،
ڳاڱا، راڱا، ڳر، ليهاري، آٽيند کي آٽيچ،
گولون، چيڙ، ميها، مگها، کوڙيون[5] جوپ کريچ ،

---

(1) چيل شيخ ابراهيم پٽ شيخ حمد لسبيلي ۾ شيخن جي ڳوٺ جو رهاڪو هو. ڄام ميرخان اول (1776- 1818ع) جي دور حڪومت ۾ ٿي گذريو آهي. مختلف روايتن موجب سنه 1730ع ڌاري ڄائو. هن شاعر جي ڪري ئي لسبيلي جي شاعريءَ کي عروج حاصل ٿيو.

1 کريو= پٽيو.

2 لوهي= لوئي.

3 سانجر= ساجهر.

4 کٽيو= کوٽيو.

5 کوڙيون = پنهيري وڻ جو ڦر.

ڏونئـــرا، پيـــرون، ڏنگڻـــي، چيچـــن چـــت رکيـــج،
سنگ، سنگراريون[1] ، پيڻ ٻڙور، پونگرو پاند پايو پرڏيج ،
ڪـان پيـرون، ڪـل ڊڪـڻي، ٻـــڌ ڪـنيـو رچ رکيـج،
هئـي ٻـڙي! هنجيـرن[2] ڪـي، وَاهـــ ڄمـون ڄـاڻيج،
هڪ گهوگهيتـا، پرهـ پوتڪـون، لـوءِ ڪنيپـون لوڻيـج،
ڪـانهن ٻڪيـون ڦـرن ڊڪيـون، پـن ســـتا[3] پڻيـج ،
اڇـا ڦـانڦن[4] ڦلـــڙا، ٻـــر چونـــڊيو گهَـــر نيـــج ،
ســر ڪانــاري، ڳـل سـيليو[5] ، ڪليـو پيـه پسـيج ،
هـــٿ پـــڳ مينـــدڙي مـــوڙ ســجوڙ لالائـــي لائيـــج،
ڪيـــر، مڪـــڻ، ڪـــڙ ڪيـــت ســين، ڪـــائج ڪـــارائيج،
تـــڏا ڪتـــا پـــن ٿوهريـــن، اوءِ ٻـــه مـــزا مـــاڻيج،
پيــا ٻـــه ميــوا مـوڪ مليــر ۾، پيـنر پـاچي ڏيـج،
جــان جاڳـان تـان جيڪـي ٿيـو، موتـي پيـم مجيـج[6] ،
تـه ڪـٿ ساڻيهه، ڪـٿ سرتيون، ڪـٿ هينئڙو، ڪـٿ هيج،
ڪـٿ ملير، ڪـٿ مـارئي، ڪـٿ رڊون، ڪـٿ ريـج،
انهـــي ســـيل ســـفر ڪـــي ويهـــي ويچـــاريج،
ادا عمـــر! عـــادل آهيـــن، مـــون مبـــارڪ ڏيـــج،
تـــان ڪـــي تعبيريـــج، ســـهڻو منهنجـــو ســـومرا .

(2)

وٺـــو مينهــــن وس ٿـــي، موريـــا ٻـــج پيهـــر،
ڪانهـــ، ڪانـــديرا اتيـــا، ســـڻ موجـــار ســَـــر،
لـــَـــنب، لـــوت لڳـــي پيـــا، پٽيـــن ۾ پوتـــر

---

[1] سنگراريون= سگريون.

[2] هئي ٻڙي هنجيرن= آئي ٻڙي انجيرن.

[3] پن ستا= پن جا سنگ.

[4] ڦانڦن= پن جا سنگ جي اڇا ٿين.

[5] سيليو= ٻوٽو، جنهن جا پن ڪانئبا ۽ چپ ڳاڙها ڪرڻ لاءِ هٽبا .

[6] مجيج= سماءُ، خبر.

(2) چيل ولي محمد رونجهي جو، هي شيخ ابراهيم جو شاگرد هو ۽ لسپيلي جو وينل هو. پنهنجي استاد شيخ ابراهيم جي پران ڪافي ڏکيا بيت چيائين.

ميها، مگها، مزليون، چڳا ڪيا چاٻر،
ڏپ، ڏامڻ اتيو، ڪيا منڌيئڙي مڄر،
ڳمر، ڳانڊير، ساوَڪو، سنگيو، چيهي لاياچر،
ڪه، ڪنهڙيون[1] خوب ڪنهبيون، ڏنهون ڪيا ڏيهر،
پن پينج پچٽي، موڪ مريڙو، لاٽا، لوت لُلر،
ڪيرٽيءَ جا خوشيءَ سين تا چرن ٻُور ٻَڪر،
لال لاٿي ڦڳي، ٻي پوئي پٽ پٽر،
ڪڏي ڪوتڪ اتي، اجا زور ڦلي زهمر[2]،
ٿوپ، ڪلهوڙي، پنيون پڪيون، جوپ جهجها تت جر،
واهو، ويڪو، جوپ جوانسو، ڏامائو ڏڪسر[3]،
ڦانڦ، سڳوٽيون ڦليون، تا ڪن گولاڙن تي گذر،
نرو، هرڙو نگيا، ڦٽا چل چپر،
ريڪ، منڊيري، سنيار، سوايو، ڏٽين لاءِ دَنور[4]،
ڏڌر، ٽانڪاري، اٽڌانگي[5] پيو، پياوڙا گنجڪ منجهه گهر،
ڏيڏو، ڪڙمت، ٻيل، ٻريڙي، ڏاک جهنگين تي جر،
آءُ چل جوندبديس چٻ[6] ۾، ٻاٻاڻن سين ٻر،
چيڙ ميڙي، وليون ويڙهي، پريو ڪوڙي ڪانبا ڪر،
ميها آندم جوندي پاند ۾، ڪيم ڪاٺونبن سين ڪر،
ڏونئرا، پيرون پوچ پٽين ۾، لال پڪا ليهر،
درس ديڳوڙا[7] ديسين ۾، پيا ڦاروئڙن ڪيا ڦر،
لال ليسڙيون پڪيون، پيون ڪوڏيريون ڪٺر،
آٽيو ڳاڳا ڳوٺ ۾، پٽيون ڪن پنهور،

---

[1] ڪنهڙيون= ڪنڙا، پپون. ڏيهر= ڏيرگا.
[2] زهمر= پٽر جو پوٽو.
[3] ويڪو يعني وکو گاهه. جوانسو= ڪانڊيرو.
[4] دَنور= ڊِوُ.
[5] انگي پيو= ڦٽي پيو. گنجڪ= هرجاءِ.
[6] چٻ= ڪوچو، ڊورو.
[7] ديڳوڙا= گيدوڙا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوريون، ٻيريون، ڪڪريون، ٽرين ڦليا ٽوهر،
ٻيد، ڇميون ٻاغ ٿيون، ڪيا گهوگهيٽي، گگر[1]،
ٻرڙ، ٻانول، ٻيڪهين، پٽر پٽ ٻصر،
پِرٽ، پونگر، ڪرنگهر، ڪٽي پچ، حاجيئڙي هونگر،
اُست، ابٽيون، ٽيو ڳوهينديو، ٻي جا ٻيحد گهٽي بتر[2]،
ٻاجهہ ٻڪني، هنڌ هنڌ هيرڻ، پٽين پچونگر[3]،
خوب ڪيروليون، هار هسڳريون، چندني ڪيا چڪر،
ٽر- پنيون ٿهڪن، منگليون مرڪن، ڦٽيون ٻکر هاليون پيهر،
ٻڙ، انجير، سرنهہ ساڃو ٿيو، ويڙيون ويءَ ولر،
کهوءَ، مهوءَ وڻ ڪيترا، ٻيا ڦهٽيرا پڌر،
لڏي لوهيڙا نڳيا، پاٻوهيا پيپر،
ٻيل ٻهورين ٻور ٻڌا، آءٌ چونديان ساڪڙ ساڻ سڳر،
ڪورڻ، ميندِيون، چوندڻ ويندِيون، جٽي جهال جڳر[4]،
ڳرڙ، ڳاراني، ويڙ ورينگڻ، ڪاڏيم سونهاري سگر،
اڪ، ٻوهر ابانڻ اوڏڙا، نم ٽت نشانبر،
ٽانت، هشنگ، ڪار، ڪپون، ميشڪ ڪيا مجر،
ڦوڙ، گررڙ، خوب ڪرڪ ٿيو، ٽٽي وڻ ٽمر،
ٿنهنجا ڪم نہ اڇينم ڪيوڙا، آما، انب اپر،
ليمان، ڪويون، آمريون، ٽو وٽ نت پڪا نايڙ[5]،
سرڪن، ونجهہ ولاتي، پر قوت اسان جو ڪونر،
سرها سانبين سومرا، ڳام اسان جا گهر،
ڪٽوريءَ خوشبوءَ ڪئي، [چڻ] اوتيائون عطر،
ساريم وڻ وطن جا، ساڃا سڀ سڪر،

---

[1] گگر وڻ جي ڦل جو نالو گهوگهيٽو (جو سُرهو ٿئي، ماٺهو ڪائينس ۾ وڻ جي ٽڙ مان نڪتل رس ڪي گگر چون.
[2] ٻَتر= پتر.
[3] ٻاجهہ= گهاٽي.
[4] جهال جڳر= گهٽيون گهاٽيون.
[5] نايڙ= ناريل.

واحد جي وڏائيءَ جي ڪمي ناهي ڪر،
مون ڪي عقل ايترو، آيو منجهه اندر،
ڪي بنديائي بند مان الله لڳ عمر،
تہ مئي اتي مجيان، سندوءِ تورو تر،
ڪر پلائي پال وڏو، جان آءُ ويهان ساڻ وڳر،
البت اباڻن جا هوندا متم ڏک ڏمر،
سي سڀ لاهيان سومرا، ڳڏي گهر گوندر،
ڪر سٺايون سُک جون، تي مَ ظالم زوراور،
ڪنهن پر ڪين قبولينديس، هڪ ور متان بيو ور،
هاڻي ڦٽو ڪر هن هٽ ڪي، آهي ڪرڙي زور قبر،
اصل عزازيل ڪي هو تڙايو تڪبر،
ڪڻ هڙ سلامت هتهين، وڃاءِ ڪيم وڪر،
همراهي حضرت جي، شل ايندم ڪم قبر،
ڪا مَ ڪاٽياري تئي، مهندان ڏينهن محشر،
سندي دوستاڻي در، شل ويند يس "ولي محمد" چئي.

(3)

سدائين سهج ۾ منهنجا ويڙهيچا وطن،
ڪڪر ڪارونيار ڪيو اُت بادل تا پچن،
وَسن تا وڏڦڙا، بوندون بس نہ ڪن،
پريا تَل ترايـن جا اڇي اوهيرن،
تيا ڪيٽ ڪنيين جا، ڪيون گلزاريون گاهن،
موٺ انگوريا مونگهٽڙا، متي تن ماڳن،
گهيٽا پاس گهرن جي، آهن ڏالا ڏاجورن،
ڪيهہ، ڪلوريا، ڪيترا، چهر ساڻ چٽن،
ڪيهہ ڦٽي آهہ ڪاهڙ ۾، ڪٿي ساول ساوڙين،
بيا جي ٻگر، ڳنڍير تيا، ميٺو گاهہ منجهن،
مڪٽيون ۾ مانڌاٽا، ٻي ڪيرُل ساڻ خوشين،
ٻُڪن، ٻوڙي، بيڪهون ۾ لنب لنوارون ڪن،

(3) چيل جاڙي خان مري جو. سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو حاشيہ ص 122.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پُچَر گاهه پٽن تي، ٻي ڪوتڪ ساڻ ڪرن،
نيلهه ٽڙي ٽوپ ٿيا، پوچ ڪيا پٽرن،
سدائين سبزيءَ ۾ ڏاپوري ڏيَن،
ڪانو گاهه ڪوِيهه ٿيو، پيو جهلورو جهوڪن،
سسئي، سيارج، سونگڙو، پيو چوپو گاهه چون،
ڪتڻ گاهه ڪيترو، ٿيا ڦير ٻه ڦڙيهن،
ڦاڙهه ڦونهاري، ڦرَڦُل، سينڌو گاهه سندن،
جهل، آڏيري، جهوپٽ، لاٿو لس پٽن،
ڪانئل، ڪڪڙو، ڪينجهرو ڪيترو، پيو چيلڪُ گاهه چون،
آڳاري، ٻوٽي، ٻوهه گهٽا، پيا ڪانڊيرا کهڪن،
ڏير، ڏاتو، سنجُ ساماٽو، پيا لاٿيا لهريون ڪن،
ڪِپَ، گهمڻ، ڪالاچ ڪنڊين سان، للهڪارون لاٿين،
هزارداڻي ٻي جا ناڙِي، ۽ مٽري ٽٽٻي ماروٽڙن،
ڏنگٽي، ڪوري ڪيتري، پيا سونهڙا سونهن،
پُرٽ، پچٽي پاڻ ۾، ٿيو ڏامڻ گاهه ڏٻن،
ڪنڊين ڪراجُ ڪڪوريا، ٻي چانهڪ چوڙيلين،
ٻرٽُ گاهه ٻهون ٿيو، ٻي پنِ مٿي پوٺن،
ناڙا جي نانيون هٽيو، تا لوٽيءَ ساڻ لڳن،
چمڪ، چيهو، چوڪٽيِ، ٻي ڪانهين، ڪنگورن،
ڪَل، ڪنهر ڪارونيار ڪيا ۽ سوجهي تن سَرن،
مونوگاهه، منڊيريون، ٻي يتر پاس پٽُن،
اوئن گاه اَمبنگ ٿيو، پيو ڪرسو ڪَاراهن،
ڏراڙ ڪٿوري خوشبوءِ ڪئي، ٻي سٽئي سنگهارن،
جهنجهڻُ ٻه جهمڪا ڪيا، پيا سوڏا سالارن،
اڪڙ، اُبت ڪندِڙي، ۽ پيو واهو وَلهارن،
نَڏو ٻه نروار ٿيو، پيون ٿوهه وليون ٿهڪن،
سَڻ سيئي سرها ٿيا مٿي ٿاڪ ترن،
هڪَڙا ڦوڳ ڦلاريا، پيا جهليا گل ٻه گولاڙن،
سيوڙي سائي ٿي، آهه پيڙي پنگورن،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گـــوار گـــداڙي، گهونگهــٽــڙي، چيٽونيـــون چمڪـــن،
مـــاچنگ تيـــا "مـــري" چئـــي، ڦـــري ڦوٽهـــڙن،
وَڻَ ويڙهـــيءَ جـي ويـس ڪيـا، متـــي ملـــڪ مـــاڙيچن،
جـُــــوءِ انهـــيءَ ۾ "جـنـاڙو" چئـــي، مـــارن مـــال چـــرن،
ســـونهن تـــا ســـاٽيهه ۾، جهوپـــا جهـــانگيڙن،
پيـــا جـــي لـــس لهـــي پيـــا، ســـي ڏٽ ڏوتيـــڙن،
ميڙيـــو تـــن ميهـــن ڪـــي، چيـــڙ چوپـــا ڪـــن،
ريپـــڙ، رانهـــان ڪيتـــرا، چيهـــه ڪيـــا چـــانهن،
مانهن، مـوٽ، مـُـڱن سان، ڪيـئـون منجهـه ڪـانين،
پهريـــون آهـــن پيـــرُن لاءِ، پيـــون لڪيـــن ليـــارن،
ڦـــرن تيـون ڦوڳـيءَ لاءِ، پيـون پپـُــون منجهـه پٽـن،
چنيو اچـن تيـون چوهـه منجهـان، ڳـاٽ پريـو ڳـاڱين،
چاڙهيـــا اتـــن چاهـــه مـــان، ســـي ســـگر ســـرتين،
ويهـــو تيـــوُن ورهـــائين ســـي، ڏويـــون جـــي ڏوئـــرن،
لـُـلـُــر، مريـڙا، لوٽڪـــون، اهـــو مـــرڪ مـــاروئڙن،
ســـانئون، ڪرنگهـــه ســـاماٽو، تـِيـــا ســـڪ ســـانگيڙن،
نئيـــن ســـج جـــا نـــانگلي، ســـا چـــاٽين ســـاڻ ڇچـــن،
شـــاعر جـــو شمـــار ڪـــري، ڳـڻـــي چـــا ڳڻجـــن!
اهـــي ٻانهيـــاريون "ٻـروچ" چئـــي، اُتـــر ولـــر ڪيـــو وتـــن،
ســـي ســگر ســـاهيڙين، ڪيـئـــن وســـاري ويهـــي رهـــان.
(4)

ســـاراهيان ســـچو ڌڻـــي، جـــو صـــاحب رب ســـتار،
قـــادر جـــي قـــدرت جـــون جـــوڙون ۽ جنســـار،
منـڊي مـــڙن جـــو مصطفـــيٰ، جـــو تـــڪ لنگهـــائيندو تـــار،
ســـاريو ســـانگيڙن ڪـــي، نـــت تمايـــان نـــار،
ســـانوڻ ۾ ســـرهايون تيـــون، وڃـــون ڪـــن وســـڪار،
لتـــو ڏولائـــو ڏيهـــه تـــان، ســـرها تيـــا ســـنگهار،
پريـــو پـــٽ پـــاٽيءَ مـــان، هـــوءِ چـــِـڪون ڪـــن چـــوڏار،

(4) چيل حاجي حاميد خاصخيلي جو، سوانح عمري لاءِ ڏسو، ص 97

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوپڙ اُپريا، چاوا، ڦٽا، انگوريا، لٽو ڏوتين متئون ڏکار،
ڏٽ، ٽُپ، ٻهڙ، ٻوٽو، سُکن پئي سار،
سائو، سيهڙو، ساوڪ، سپاوڙي، ڪچو پاس کنار،
ڪِهه، ڪتر، ڳمر، ڳنڊيَر، تا پڪڙن منجهه پاتار،
چپ، چٽ، پن، پوٽو، تون نِدي پاس نهار،
ڊپ، ڊاڙيءَ، نڪ، ناڙي، اُت پٽر کن پهنوار،
ڪَل، ڪلورو، کُور، کاني، ناڙين پاس نهار،
مُنگها، مُرت، منڊيئڙا، مانڊاٽا، هنداٽا هزار،
مڃر، مَڪ، مريڙا، اتي سيڻ نه کن سنگهار،
لل، لنب، لاٽي، اتي ٻُکن ساڻ ٻُهار،
ٻيکهه، ٻرٽ، ٻيرڻ، اتي گولي کن گذار،
ڏم، ڏير، ڏنوني، ڏاکر، مُجڻ سان موڙ مهار،
ٽوپ، ٽوهو، ٽنگڙي، ڪٽڻ ڇگيءَ ڪار،
گاج، گاجيرو، ڊامڻ، ڊوري، مڪٽيون کن ملهار،
راضي، رنجڪي، رسامو، اوٺِن اولون، موئيءَ ناهه ميار،
چوپو، چندن، ڪوئيد، وڍي کنهن وٽجنار،
سيءُ، سنور، ڪانهه، قلم، لڪيو لکٽهار،
ڪُڪ، ڪڙپ، ڪس ڪانو، وس نه کنهن جي وار،
پلڪار، ٻيڻ، پواڙي پاٽي ٻر، نسريو تئي نروار،
پڙي، پٽ ڪنوار، پلاڻ، پاندر، لڳي تند تنوار،
ڇٻر، ڇوتو، ڪرڙ، ڪارئو پڇر جي پچار،
اڪڙ، سهل، سجاتو، ڏنگين کڍيا ڏار،
برسينگ، لوسڻ، سنجي، نڌي ڪر نهار،
ساڳ، مليرو، سنجڙو، ٻگڙو، گدڙول گينوار،
مُٽ، چڳ، ڪَڇ، ڪانبو، آڙينگن اُپار،
پري، پاکر، اڙ، لڌ، اتي ڇلي کن ڇوڏار،
ڪيچ، کُهڙي، سَتري، ٻُنارڪ، گڏي جي گذار،
بند، بنڊڻ، گٽند، گودر، چِنا چاڪ ڇوڏار،
ڪَنڌي، ڪوڙو، ٻُرٽ، پڇتي، ڇهتيو پوي ڇوڏار،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انبـــار، دڙ، ٿـــُـــل، دَنِ، ســـتي ڪنهـــن ســـينگار،
اجهـــو، اولـــو، منهـــ، مصلـــو، اهـــا پـــر پهنـــوار،
جهڳـــو، جهوپـــو، پونگـــا، پرتـــي پڪـــا اڏيـــن پهنـــوار،
ڇـــِـــت، ڇـــاڇو، ڇپـــري، اتـــي ڇنـــي ڪـــن ڇتڪـــار،
پتـــرَ، ڪنـــڌي، ڏري، ڏنگڻـــي، اتـــي لڙهـــي ڏيـــن لاچـــار،
تـــڏو، توئـــري، تـــَــرُ، ترهـــو، تـــون پيـــر اڪـــارج پـــار،
ســـــنب، ســـــوندو، گـــــاگڙو، ڇڇـــــن پئـــي ڇـــــار،
ٻي پـــاڙي، نـــوڙي، رســـي، ڦـــاهي، ڪـــاموهيءَ جـــي قطـــار،
ٻـــاري، ٻنـــي، پـــڙچ، پيڙهـــو، ســـپني ڪهـــڙي ســـار،
هڻي، ٿوڙهو، مڙهي، نت ناپو، گـُري، گوندر منجهہ گذار،
واڻ، ويڙهـــو، ڦرهـــ، چموٽـــي، ٻـــــِـــنڊي ڪـــن پوڪـــار،
مـــڱڻ، موڙيـــا، مهيڇـــا، اتـــي پـــاڙي پئـــي پڇـــار،
مـــوٽ ســـُـــرها، موتيريـــا، اُت ڪپيـــو ڪـــن ڪوڪـــار،
ڪرنگهـــ، ڪوتـــڪ، ســـر، ســـائون، تڪئـــي نـــاهي تنـــوار،
ڪورڙ، ڪرار، ڪـُماچ، ڪـِهري، ڪـي سائر لهن سنيار،
ٻيهـــ، ٻـــُـيڙ، اُڙد، آهـــر، آســـرو، هتـــي ڇيڇـــا ڪـــن ڇـــوڏار،
رس، رهـــاڻ، روازي، رپـــڙ، روڙيـــو پـــَـــتل آٽيـــن پنهـــوار،
ولواهـــــو، ويريـــــو، ڪـــــن گـــــولاڙا گـــــلزار،
پپـــون پـــوچ پٽـــن تـــي، اتـــي ســـڱر ڪيـــن ســـنگهار،
پنـــج ســـت مـــِـــڙيو پـــاڻ ۾، ات ڪليـــو ڪـــن ڪينڪـــار،
هـــيءَ نمـــاڻي نيـــرن ۾، جـــا پٽيـــو ڪـــدي پـــار،
ٽينـــدو ڏينهـــن قيـــام جـــو، ٽينـــدس دانهيـــن منجهہ دربـــار،
موڪـــل ڏي مليـــر وڃـــان، اتئـــي ڏاڍي رب ســـرڪار،
”حـــاميد“ انهـــيءَ احـــوال جـــو، تـــون واري ڪـــر ويچـــار،
تـــہ قـــادر جـــي قـــدرت جـــو، انـــت نـــہ ڪـــو شمـــار،
پـــوءِ ڪلمـــون جـــن قـــرار، هونـــدا ســـي ايمـــان ســـان.

لا اِلـــہ اِلا الله محمد رسول الله

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(5)

ساراهيان سچو ڏٽي، جو مالڪ آهي ملڪن،
آندي عمرڪوٽ ۾ نماٽي سان نعلن،
قادر جا قيد ڪٽي، سا ملي ماروئڙن،
ونڙا مينهن ملير تي، گاج ٻڌي گاهن،
ڦير ڦرهيا ڦوڳي تي، ڏيهه ونو ڏونرن،
پپون، پيرون پاند ۾، خوش پڌي ڪائن،
ڏڪڙي، ڊامڻ ديس تي، بڪڙو، پرٽ، پرانچ پٽن،
ڪهه، ڪراول، مڪ، مانڌاٽي، پور جهليو ٻوهن،
لنب، لانيو، سرهل، سين، ٽونگ پريا توهن،
چپري، پنگري، ڪڙوهه، ساوڙي، هلڙو حاضر ڪن،
سيٽهن ساماٽي هزار داٽي، ڳهلي ڳنديرن،
مجهه، منديري ملڪ تي، هيرڻ به گاهه چون،
ڪسڻ، ڪرسڻ، ٻرو، ٻاور، لهڙا لاڏ پرجن،
نه نناداول وٽي، نه چڙي چڳ ويڪر چورن،
مهڙا پيهن ماڳ تي، تا چيڙ چوپا ڪن،
اڪ، ڪبڙ عظيم تيا، ڪپ خوشحاليون ڪن،
”حاجي ميهر“ چئي ماڳن، هي ٻي تر تي ٽوڪ پچي پيا.

(6)

رٽن ۾ ’رمضان‘ چوي، هئي گاهن جي گلزار،
لوسڻ، ڳم، ڳنڊير، ڪهن جي ڪونڪار،
باد رنگ، بکڙو، لهر، لاش لاسي، لپاتي، اوئن آکيچار،
ڪلُ، ڪبهه، ڪيو ڪوتڪ، ڏاڍي رمهه جي رفتار،
ڏنهه، ڏيرُ، پٽ تير، پُئي، پپڻ، سالر ۾ سنسار،
لانَي، لوٽي، لمهه، ڪوٽي، پتر، پوٽي، پيو ڪونهن قطار،
ميٽو، مڪٽي، منديري، مانڌاٽو، ڏاڍي ڪيرل جي خنڪار،
بوبڪ، بربوٽي، بليڪو، پيو اپريو اکيچار،

---

(5) چيل حاجي ميهر جو. هيءَ روايت اُتر (تعلقي شهدادڪوٽ) مان عبدالحق ڪان ملي.
(6) چيل رمضان چانديي جو. هيءَ روايت اُتر (تعلقي ميروخان) مان غلام قادر ڪان ملي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مور، منگها، مورچل، چوڙ، ڊاماهو، ڪنسو ڪل پوار،
ڦوڳ، ڦتوڪڙ، ڪانول، ڪاري ٻوٽي، لوري، لاٽي، لوني،
آمهـ اڪيچار،
ڊپ،چپ، سڪمڙد، سَرَ، سينور، سَنا، ساوڙي، ڪامهہ ڪارونيار،
پيرٽ، پنگ،پنگرو، واهو، وڻ ويڙهي، اُبت ڪنڊڙي جي آر،
ٻي ڀاڙي، اڪڙَ ٻُڪن، آڏيري، ڪلويڙي، ڏس لاٽن جي للڪار،
نَڊو، نڙ، ناڙو، ڊاٺڻ، ٻاٽوٺو، سيمر، ولهہ منجهہ سنسار،
اسپنگر، اسپنگي، ڦودنو، ڦاڙ،ڇانيو،ڳوڻ، ڪوڏالو منجهہ ڪنار،
هزار داڻي، هگَتَ، هتمرُ، ٻيتڪَ، پرسان، شاهترو،شرشتو بيشمار،
حسين ٻوٽي، ڳل ڪاڪڙ، پريو، ڏس اڪيري جا آچار،
للر، لوٽڪ، ڏوٽڪ، مڪو، مريڙو، ڳاءِ زبان، ڳولاڙو، ڪستوري ڏار،
پيو نج، بنوشہ، زوفان، بخمل، تين بادل ساڻ ٻهار،
"چانديو" چوي چوڏار، ڳڻ ڳڻيندس ڪيترا.

(7)

ساراهيان سچو ڏڻي، جو صاحب رب ستار،
وتا مينهن ملير تي، پيا سهنج ڪيا سردار،
ڦهري پيون پٽن تي، پُڇ تہ ڏيئين پار،
پلي جائي پچتي، ڳنديري ڪييا ڳار،
کهہ نڪتي خوشيءَ مان [ڪينڻن] ڪري ڪينڪار،
ٻٽ ساماٽي ٻيري، ڏنوهي جهليا ڏار،
اوئن لڳي الاهي، ڪيراهي جي پنار،
پَٽ پڪا آهن پار جا، ڪرڙ ڪي ڪنڌار،
سُئا سَٽيا، يانيا جُوءِ جا، ونهين منجهہ ولهار،
لتيون سڪون ساهہ جون، پڳ ڏسي پڳدار،
پنجاهہ هٿَ پکي جو هو، ڪڙي ڪڙي ۾ ڪنار،
موڪ پڪو مريڙو، ڏس للر جي للڪار،
لس پڪي آهي لوٽڪ، ناهي مڪٽيءَ تي ميار،

(7) چيل مانجهي جو. هيءَ روايت وچولي (تعلقي ٽنڊي الهيار) مان ولي محمد طاهرزادي ڪان ملي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هــرڻ چريــو اچــن هزاريــن، متــس مينگهــ مــلار.
ڏاڪــا پچــي ڏول تيــا، تونــگ ٻــڌو تڪــرار،
گنــج گــڏيا آهــن گاهــ جــا، تــوپ ٻــ تنــديدار،
لکين ڪِروڙين لنب لڳو، جنهن جو انت نڪو شمار،
سيڻ، وڏا ســُــنَ موريــا، ڦــُـتي ڪيــائون ڦلهــار،
ٻهڪــي جــائو ٻوهـ ٻنيـن تـي، اوڏي ڪـل اوچــار،
ٽــُـٻين ٽــُٻين، ٽوهـر جــائو، ڪـري چـوڌاري چهڪــار،
ڪلــون، ڪــانهن ڪپــن تــي، پپــون انهــيءَ پــار،
گــڏجو ڪــائن گــِـــدرا، ڪــن ونــگن تــي ونگــار،
پرئيـن ڪــُـني پتـل جائي، ڪـري ٻيلـي ۾ ٻهڪـار،
ڪتــي ڪتــي ڪيـول جـائي، نئـي ٻــڏا اتــس نــار،
جائي مــُـنڍيري مينهـن تـي، ڏس ڪوتـڪ سندي ڪـار،
پلـــو جـــائو آهـــي پنـــگرو، گهـــوڙي ول واڌار،
دلئـون جـائي آهـي دڪـڙي، ڪـري ســاوڙي ســينگار،
پـــانڌُ رول پــن پکيڙيـــا، تـــي نانـــگرول نـــروار،
ميهــا پــاس ڍِبـن جــي، مــوٺ پڪــا [موچــار]،
گوئيج هٽي جا گوار نڪتي، ڪـري چندن تـي چٽڪـار،
مينگهـ ملهاري مينڊي جي، ڏس ڪاموهي جي ڪـار،
ٻوٻــڪ ٻــاغ بهاريــا، ڏس وٽــن جـــي وٽڪـــار،
وڻ وٽيا پنهنجي وطن جا، جن جي ٻَٽَ ٻـ ڪيـن پچار،
ڳوِيــن تــي ڳهــ پاتــا، ۽ حــُــورن پاتــا هــار،
مهـل انهـيءَ "مانجهي" چئي، ٻــُـڌ چيرن جا چمڪـار،
ٻي جـا ٻــُـڌ ٻيلـي ۾، هلـي پاڳين جـي پــُـٽڪار،
ڏس انهـن جـا پـار پچيـن تـو، پـورا ڏئيـن تـو پـار،
معلومــت مــُـلڪ جــي، ســڻ ڪــن ڏيئــي ڏاتــار،
پـوءِ ڪلمـي امـر قـرار، آهـي مولـيٰ ملڪ اسـان جـو.
لا الـٰـه اِلا الله محمد رسول الله

(8)

ادا ڙي عمر سومرا! اسان جي ذات نہ ڪيون زوريون،
ڪاڄ خوشنما ڪاڻڻ، اسان پهنوارين نہ آهن پريون،
جهڙا تو وٽ آم، عطر، عنبير، تيلن سنديون تريون،
تهڙيون اسان وٽ ڪٽيون ڪتاليون، خوشبوءِ ڪٿوريون،
ميڙي مڱاليون مليرا، اسين ڪوڊير ڪين وساريون،
ڳاڱا، ڳاگيون پهري، ڪن پلپل پنهواريون،
ماروئڙن سين مليرِ ۾، اسين ڏونئرا ڏٽ ڏوريون،
لڳا لسر، ليسوڙا، ليهار، پيا پاڪرن ۾ پريون،
پاڪوتين، بوڏين بحر لائيا، ڪاڄ بنا ڪوريون،
جونسدبينديس چيڙا، پيون پيرن ڳاڙهيون پيريون،
پنجين هتڙا پاياسين، ۽ پڙڇن ڪيون پاتاريون،
مٺا ميوا ماڪيون، اسين ڪٺورن منجهہ ڪريون،
ڏيئي گوهر گولاڙن ڪي، سنگرالين جون سريون،
سنڌيلون "سونهارو" فقير چئي، ڪين وسرن ڪي ڪونرون،
اهڙيون هاج جون هٿيڙيون، وجي ڏک ۽ ڏولا ڪنديون.

گل

1. گل (گلن جا نالا): سناسي، سورج مکي، گلاب، موتيو، چنبيلي.
2. گل جو: رنگ، پوتو، گلدستو، هار.
3. گل جي: خوشبوءِ، رنگت، سرهاڻ، تاري.

گَندِي

1. گندي (گندي جا قسم): اُبتي، سبتي، وڊيل، ٺُڪيل، پوڙ، پڙل.
2. گنديءَ جو: پلاند، پاسو، بر.
3. گنديءَ جي: ڪند، اُبت، سُب، ٺُڪ، ڊيگهہ.

ڳهہ

1. ڳهہ (ڳهن جا نالا): منڊي، دُر، هار، نٿ، پونچي، ڪڙي، مُرڪي، لعل،

(8) چيل سونهاري جوکيي جو." نئين زندگي" مارچ 1953ع تان ورتل.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مانگهہ، والي، ڪنريا، آلي، آلو لڪ، ورٽو، طوق، ڪيوٽي، چلي، ڏهري، نُورا، ڏانوٽي، پنڙا، بولو، بينسر.

2. ڳهہ جا: وَر، وَڪڙ، قيرا، قيٽ، موڙ.

2. ڳهہ جو: ور، ورٽو، مَٽُ، رُڇڙ، پٽار، ڏوڪو، پورو، نهرو، موتي، مٽيون، وزن، اوجر، ڳنڍُ.

4. ڳهہ جون: نيون، پراٽيون، ڪسوٽيون، واليون، ڏوريون، تندون، ميخون، لئون، ٽڪون، منڊيون، ڪُرڪون، سرون، گهنگهريون.

5. ڳهہ جي: ٽڪ، لڪ، پوئي، ڪَسي، لانجهي، اُجاري، گاٽ، تور، هلڪائي، سستائي، ڳرائي، مهانگائي.

6. ڳهہ جا بيت:

(1)

سوني ساهہ، تلاهہ تلڪي، تنهن سر موتي مڙهياس،
بئنسر، بولا، نٿ، نموريون، سينڌ ٽڪي سر جنهور جڙاياس،
جهڳ مڳ جهومڪ، جهالريون، ڳجر ڪاڻ گهڙاياس،
دُر، ڪُر، دهرا دُربچا، روپ ڳهين رنگ لاياس،
ڏيديون، ڪوڪيون، پاڪن، پنڙا، ڪنين تي ڪان جهلاياس،
مرڪيان، مهريان، اور منڙا، سر سوني ڏانوڻ ڏاياس،
ڏر، توڏر، چاڳ پتڪيون، مينديا ماٽڪ، موتي مُڪ ڳتياس،
نورا، پوئنرا[1]، نانگلا، پيا هار، هسين ڳر پاياس،
ڪنڊيان، پنڊيان، پارتا، سهجان ساهہ سيباياس،
پئنچان، سنگيان، واهہ ونگئڙا، پوچ پتهڙيون، تي چمڪلين سرچاياس،
ايڪ داٽي، ديڪو دُسري، توئسي طلسمي طوق بچاياس،
ڪنمالون قيمت ڳوريون، تن تي لعلون سر لٽڪاياس،
ٻانهي، ٻانهوٽيا، سونهن ٻانهيون، ٻازوبند بناياس،
ڪنگڻ، ڪڙولا، ڪنريا، تنهن وڌ واڊولا آياس،
جهرمر جهانجهہ، پيرن ڪڙيون، پَازيبان، گنگهرا، ڳجريون وچ تن وڄاياس،
نُنهڙا، وڇوٽا، بهوت منڊيان، ڳجر لئي گهاٽ گهڙاياس،

(1) چيل شيخ ابراهيم جو. سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو حاشيہ، ص 196

[1] پوئنرا: سهاڳ جي ڪنڊي يا هار ۾ سون يا چاندي جا پرٽا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بورينـــدا ”براهـــم“ چئـــي، جـــوڙ چڳـــني جهٽڪايـــاس،
مانگهـــ، قليـــان، چـــالي چـــلا، چـــوڙا چلڪـــي چٽڪايـــاس،
بيحـــــد بچايـــــاس، گلـــــم، غـــــلاف ۾ گـــــاديون.

(2)

وٺـــا مينهـــن ملـــڪ تـــي، جيئـــن انـــدر ويـــا جـــار ميـــان،
موريـــا ڪـــڪ مليـــر ۾، آهـــن ســـرها تيـــا ســـنگهار ميـــان،
ٻڪريـــون چـــاريو، ولـــر واريـــو، ٻـــي ڏڻ جـــي رڙڪـــار ميـــان،
جـــيءُ ســـاري تـــو جـــن ڪـــي منهنجـــو، آءٌ اُڪنـــديس تـــن اپـــار ميـــان،
پـــونم يـــاد، ڪريـــان فريـــاد، تـــو انـــدر ڏئـــي اوچنگـــار ميـــان،
ڪـــر ســـٽايون ســـومرا، هـــي بنـــدي ڪـــيُ بندڪـــار ميـــان،
ڪينديـــس اِچـــون، پينديـــس پڇـــون، ســـرتين ســـين ســـردار ميـــان،
تـــو جـــي رضـــا، مجيـــان نـــہ قضـــا، بـــت نـــہ باســـي بـــار ميـــان،
ڪيـــن پرهيـــان پـــٽ ۾ پـــاڻ ڪـــي، آهـــم لوئـــيءَ جـــي للڪـــار ميـــان،
ورڻ، ڪيرون، ونديون ويهي نـہ وجهندي، ماٺڪ ڪوڻ مروار ميان،
ڪنگڻ، ڪڙولا، ٻانهن ٻانهوٽا، تنهنجامان منوجهان[نہ]موچار ميان،
سڳيون تنهنجون سونيون گهوريان، نہ ڪريان گجرين سان گذار ميان،
ٻـارڪيون ٻـانهن ۾ ڪريـان، تنهنجـي پوئنچـن ڪيـن پچـار ميـان،
دستيون تنهنجون دل ۾ نہ پيئيون، نُـنهڙا وجهـان نـہ نـار ميـان،
ڪڙيون، وچونئڙا پيرن پيڙا، نہ ڪريان نُـورن سـان نـروار ميـان،
پـاءِ زيـب، ڪڙيـن ريـب، ڪـر گهنگهـر پنهنجـا غـار ميـان،
جهرمريا جهوڙي، وجهہ تون ٻوڙي، تن تي من نہ ڪري منـثار ميان،
آءٌ در نہ وجهان دولت تنهنجي، هس نہ هڪيءَ تي هار ميان،
چمڪليون چوڙي، جهانجهر جون نہ وجهان عطرداني اظهار ميان،
ڪنمـالون، وجهـان نـہ لعلـون، نـہ تنهنجـي تـائيتن تـار ميـان،
منـڙا آٽيـو ڪـَنديون پوئـن، سـرتين ڏاران سسـيءَ نـہ سـونهن،
جي ڪرين هت هزار ميان،
طـوق، دوسـري، چمـر، چپيتـي، سـي نـہ ڪريـان سـينگار ميـان،
نٿ گهڙائي، ڏانوڻ ڏائي، نہ وجهان تنهنجو ڪـُنيڙو منجهہ ڪپار ميان،

[2] چيل ولي محمد رونجهي جو، سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو حاشيہ، ص197

ميندين ڦل، پٽيون گل[1] ، تنهنجي بينين کوئن بيزار ميان،
ايڪ داڻي، وجهان نہ ڏاڻي، ڏر نہ تنهنجا ڏار ميان،
بازو بند، وجهان نہ ٻنڌ، جن منجهہ لالائي لڳار ميان،
ڪوڪيون، پتنگ، ڪنين ڏيڏا نہ وجهان تنهنجا ڊار ميان،
پيڪن پنڙا، ڪوڪيون ڪتائي، ڪريان ڏُر ٻيچ تنهنجا ڏار ميان،
واليونَ تنهنجون وير نہ وجهندس، نہ ڪريان ڇڳن سين چانگار ميان،
ماڙيون تنهنجون مون نہ قبوليون، تہ دي ناچي[2] نار ميان ،
وطن منجهہ "ولي محمد" چئي، ڪن سرتيون منهنجي سار ميان،
ڇڏ تون زورو، تيندو تورو، ڪندا ساهمي هٿ سنگهار ميان،
ساري وٺندا سومرا، حق سيئي حقدار ميان،
اهي پرس پروڙج پار ميان، تہ ڪونهي جڳ جيئڻ جو.

(3)

سسئيءَ جي شاديءَ جو، هئو ڪٿين منجهہ خُمار،
لڪئي ويل لائڻ جي، سسئيءَ ڪيو سينگار،
ڪنين پائي ڪيوٽيون، الِپاڪَ وجهي اُپارَ،
نٿَ، بولو، نسبي، ڏانوڻ جي ڏهڪارَ،
ڏئونرا سونهن ڏانوڻ ۾، اَلسيءَ جي آڌار،
زري، پوپٽ، زلف سين، ڪارا منجهہ ڪپارَ،
ماٽڪ موهيڙا منهن ۾، موتين جي مقدارَ،
ڪنمال، ڌُهري ڪنڌ ۾، دلِپاڪ وجهي دلدار،
نورَن اُتي ناٿَ ڪيا، جهرمر ڪري جهالارَ،
وجهي وڃون وينڊن ڪي، هلي تي هوشيارَ،
پَنڙا، ڪڙيون پريءَ سان، هيرا، مُڪو هزارَ،
ٻانهين هيٺ ٻانهن ۾، سُرلين جي سنوارَ

---

[1] پٽيون گل= مٽي جي پٽين ۾ گل پريل.

[2] ناچي= نہ اچي.

[(3)] چيل باغ محمد جوکيي جو. هي جنگشاهي اسٽيشن کان اُتر اولهہ 15 ميلن جي مفاصلي تي جوکين جي مشهور ڳوٺ مال ماڙي ۾ رهندڙ آهي، هن وقت سندس عمر اٽڪل پنجاهہ ورهيہ ٿيندي. جوانيءَ ۾ ئي دنيا جا لاڳاپا لاهي فقيري اختيار ڪيائين.

موريــون، دُرَ منگواليــون، منــدي هئــي موچــارَ
جهاپــا ســونهن جهــوڙن ســين، بــازوبند بهــارَ
ڪتريا، ڪڙولا قيمتي، ســو هــسَ ڪٽي هيڪارَ
پــانچ وڏا پيــرن ۾، ڪنگڻــن جــي ڪٽڪــارَ
تســبيح پڙهي تــائيث ڪــي، طوطــن جــي تنــوارَ
چــُنگل پاتــا چتــونءَ ســي، چــوڙا چنــدن هــارَ
مينــدي قــل موچــارا، جڙيــا ســان جنوهــارَ
وريلــي پنهنجــي واڍلــي ســين، ڪيــرول جــي خمــارَ
ڪــڙو، نيــائو قــرب مــان، حــُــور پــاتو هــارَ
ڪنجي، مــَنــَڻَ ڪونج وٽ، قلــڙيءَ ڪــي قلڪــارَ
ڪوڪــون، ڪــُـر قلــب ۾، ڪلمــي جــي قطــارَ
نرمــل وڏو نــُــوهڙو، چيــرن ڪئــي چمڪــارَ
چوتــيءَ ۾ چتــونءَ جــي، ســونهن ســڳيون صدبــارَ
عطر مکيــو اکيــن تــي، خوشــبوءِ ڪــري ڪنڪــارَ
سســئي ســينڌ ســنواري، آرســي مــُـنهن اُجــارَ
مينڌري رکــي مومــل تــي، ڪيچــيءَ سندي ڪنــوارَ
ٻــانهيون تنهــن ســان ٻيلهــه هيــون، چوطــرف چــوڌارَ
ســاراهيان تنهــن سبحان کــي، جــو ڏيهــه ڏٽــي ڏاتــار
جاني ڪاڻ "جوکيو" چئي، تون غــافل تــي نــه گذار،
لکئــي جــي لغــارَ پــرت مٺلــي پنهــل کــي.
(1)

ســاراهيان ســچو ڌڻــي، جــو صــاحب رب ســتار چــوان،
ابرنــگ، آگوٺــي، اڪــي، اوجــر، ٻئينســر بولــو ڏار چــوان،
ٻــازوٻند، بولــو ٻئينسر، طــوق تــَـس، تعويــذ طوئــي ڏار چوان،
سوني سنگهر، سانچو سرِي، سڳي، سرٻاهه، ســينڌُر يــار چوان،
چــوڙا، جــوڙي، هســي، هــار هلائــي، زر زيــوَر ڏار چــوان،
زنجيــر ظــاهر، ڪنگــڻ، ڪنٺــا، ڪــُـنديو ڪــار چــوان،
ڪنمــال، ڪــُرڪــُون، ڪــڙي، لڙهــي، لــُـڙڪا ڏار چــوان،

(1) چيل لعلڻ خان لغاري جو. سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو حاشيه، ص 84.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لئون لکون، لعل لاٿي، مين مُندي مهندار چوان،
مور، منگلي، موڙ، موراکي، مالها، مٽکو ڏار چوان،
مٽيو، موتي، مُهر، مُرکي، مانگهه وڏي موچار چوان،
رَچ، ريهه، نُورا، نسبي، نَٿ نمونو ويڙهه والي ڏار چوان،
والا، واڄي، دُر ديداري، ٻڙو، ٻانهين، ٻُندا، ٻانهوٽا ڏار چوان،
پَٽي، پُتلو، پَنڙو، پوڻچي، پيچ پوتل پارڙا پار چوان،
ٻانهن رکي، ٻوڙو، کسوٽي، کناري، کوکو کيوٽي ڏار چوان،
ڍولڻ، ڍارو، ڏاوٽي، ڏوري، گهَاڙ گهاٽ، گهنڊي ڏار چوان،
ڇَٽ، ڇُڳي، ڇمڪا، ڇڪ، ڇَلو ڇير، ڦُلي، جهالر جهومڪ ڏار چوان،
لطف ڪجان تون ”لعلڻ“ چئي، صاحب رب ستار چوان.

(5)

منٽ مڃ تون مارئي، ڏيئين پٽ پٽولا چار،
ڪنگڻ، ڪنمال، ڪڙيون، مُنديون ميگهه ملار،
پَٽي، پازيب، پنڙا، واڄيون ڏيئين وستار،
جهالر، جهومڪ، جهمٽيون، ڏس جهانجهر جا جنسار،
دلپاڪ، دولي، دستيون، واهه دُهريءَ جو ديدار،
ڪتريا، ڪُنديا، هٿ ڳُجريون، چرخيون، چندن هار،
ٽوڙها، وَرَ ويڇوها، مالها پائي مينَ موچار،
والا، واڍولا، ورٽا، اَٺ وَٽ ڪئين انبار،
مانگ، منگليون، مورنٿ ۽ هسي حسندار،
ٻانهين، ٻانهوٽا، ٻارڪيون، چوڙا ڏس چوڏار،
پٽي، پُتلي، پارڙا سڳيون سونهن وار،
ويندو، ويڙهه، واليون، مُرکي، دُر دينار،
نورا، آلي، نسبيون، سوٽڙيون سوَ هزار،
تند، پارڙا، پيرٽو، سوني لئون ستار،
لعل، ڪنٽڻ ڦُل، ڪارڪون، چونيڦُل چمڪار،
ٽڪلي، ڦلڙي، سنگهيون، ٽي چير ڪري چمڪار،
ڏانوَٽي ڏيئين ڏاج ۾، سا دلئون پاءِ دلدار،

(5) چيل اميد علي لغاريءَ جو، سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو حاشيه، ص 143.

ڳانا سونهن ڳچيءَ ۾، تعويذ تهدل تيار،
بئنسر، بولو بي بها، بازوبند بهار،
چنلا، پوپٽ، ڏورٽا، سونا سرٽ سچار،
ايرنگ ”اميدعلي“ چئي، کيوتيون کارونيار،
روپا سونا طوق جن ۾، تڪن جو جنسار،
سي پائي ڪر پسار، مارئي محل منهنجي ۾.

(6)

ساراهيان سچو ڏٽي، جو صاحب رب ستار،
مُنيد مڙن جو مصطفيٰ، جو تڪ لنگهائيندو تار،
هردم وسن هنئين ۾، پرين اهڙا پار،
منهن ۾ مٺيا محبوب ڪي، پيا وڇوڙا ويچار،
گُل ٻڏانس گهنگهريا، پيو جهرمريو جٽدار،
پيرن ۾ پدمٽيءَ ڪي، هيون ڪڙيون ڪرفدار،
چٽنس نورا چٽاٽ ڪيو، پيون جهانجهريون جنسار،
ٻڏائونس ٻانهيون، ٻانهن رکيون ٻانهن ۾، پيو دريس جوڙائي ڏار،
ڪنگڻ، ڪڙولا، ڪيو تيون، ٿهيون ڪنس تيون ٺار،
ويڙهه، واڏولا، ڪتريا، پي پاولڙن پچار،
مهريون منگليون، مادريا، پيا دستين ڪيا ديدار،
ڪنڌي ڏاٽي، انيڪ داڻي عجيب ڪي، متان لڪ لغار،
سڳا تيا سڳين ۾، پيا ڪئين چوتيقل چوڏار،
مڙهيا هٿا ڪي ميندين ۾، ڪي ميندي قل مٺهيار،
چلي، ورٽي چمڪو لاتو، پڌس ڪيروليِن ڪينڪار،
ميناڪاري مُنديون هئن هٿن ۾ هزار،
ڏيڍيون، جهمٽيون ڏک ڪري، لائي لٺون لغار،
پاڪ رکيائون پاپوڙا، پيا دُريچا ديدار،
نٿ ويندو نڪ ۾، هئس قلڙيون قيريدار،
ڪُرڪون، ڪنٺا، نسبيون نسبتُ جون، هئس ڪنڌو منجهه ڪپار،
ڏاٽيون، ڏانڊٽيون ڪيتريون، پي هئي بولن جي پلڪار،

---

(6) چيل حاميد خاصخيلي جو. سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو حاشيه، ص 97.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کرپـُـنـدا تنهـن کـامڻ کـي، کيـا والڙن واپـار،
سـيبي سـاجن کـي اتـي غوکـون غـم گـذار،
کٽـن تـا خوشـي سـان بيـگ ايـڏائي بـار،
بـدڪ واري، پونچـن واري، لعلـون لک هـزار،
مالها، کنديرو، منهن سچ طوق، تهڪ، ٻـي لڙکـن سندي لار،
هـٿ ڳجريـون تنهـن حـاڪم کـي، هئـي ڏولـڻ جـي ڏلڪـار،
نوسري، مانگ، پيڙو چانپ، ٽونٽيون، ٽـڪڙا: ٻيا چاڳ چندن کي چار،
اَلولڪ ويلهوجهل ڪري پاتائين قربَ مان، ڪيا سانوليءَ سينگار،
اَٽـوَٽ، اڳوٺـا، زيـور، زريـون، ٻيـا جـوڙن جـا جنسـار،
ٽوڙهـا، ٽيلهـڙ، ڏورٽـا، ٻـي بـازو بنـد بهـار،
رَتـي رانهـئي رٽڪـرا، ٻـي هئـس ڳلـن جـي ڳـلزار،
سونهان، سينڪلي، سورخيون، ٻيـون هئـس چرڪڙيـون چـوڏار،
امـل مـاڻڪ، موتـي مرجـان، ٻـي هئـس ايرنـگن اپـار،
ياقوت، زمرد، هيرو جواهر، جنهن جي هئس لنءَ لنءَ منجهہ لغار،
ڪلـي، ڪـوڙ، ڪـچ، ڪپـٽ، اوهيـن سـيهي لهجـو سـار،
پيـش پـارس پـارڙا پريـت مـان، هـُـني ڪلي ڪئـي ڪينڪـار،
دنيـا، دولـت، دمـڙي، پـر پـائي نـہ هلنـدي پـار،
قسـمت ڪـروڙ ڪسـوٽي، توهيـن ماسـا ڪجـو مـدار،
سـوين سـينگار سـورٺ کـي، ڏنـا هئـا ڏيهـہ ڏٽـي ڏاتـار،
هـٿن ٻـہ سـيئي سـاڙيا سـلڪٽي، ڏسـي ڏڙ سسـيءَ ڪـؤن ڏار،
ڪئيـن خان ڪپي ويا، جـن کـي هيـون ڪلنگيـون منجهہ ڪپار،
هميشـہ ”حـاميد“ چئـي، هونـدو خـالق خلقٽهـار،
پـوءِ ڪلمـون جـن قـرار، هونـدا سـي ايمـان سـان.

(7)

سـهٽو لهـي سـرڪيا، خمـاري خوابـن تـي،
چنـڊ چوڏهيـن چمڪيـو، جهليـو جهولـن تـي،

---

(7) چيل نالي چگي پالاري جو. هيءُ سگهڙ مڪان ٽڪ تپي علي گوهر محال ضلعي دادو جو ويٺل آهي. ان وقت سندس عمر اٽڪل 70 سال ٿيندي. جوانيءَ کان وٺي ڪلام چوڻ شروع ڪيائين. نهايت خوش طبع سگهڙ آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پــانچ پيـــرا، گهنگهـــرا، ويـــڊ وڇـــوڙن تـــي،
نـورا، ڪڙيـون، جهــانجهر، ڇــم ڇــم ڇيــرن تــي،
ور، ڪيروليــــون، ورڻـــا، ون ون واڏولــــن تــــي،
ڪنگـــڻ، گهنيـــون، ڪـــڙولا، بـــازوبندن تـــي،
ڇـــوڙا، بيـــڙا، پـــانهيون، اڇيـــون عـــاجن تـــي،
مـُــنڊيون مڙيـون، مينـا جڙيـون، ڇـلا ڇـاپن تـي،
ڪنـڊي، ڏهـري، ڪنمـال، هـس، هـار چنـدن تـي،
تـائث گهڙيـا، جوهـر جڙيـا، ڇـِـٽ ڇـاندين تـي،
ســـونا ڏُر ســـهٽا، پئنچـــون، پنـــڙن تـــي،
ڏيـــڍا، واريـــا، والڙيـــون، جهـــالر جهڪمـــن تـــي،
منگليـــون مرڪـــن پئڪـــڙا، پـــڏون پـــائڪن تـــي،
ڪــُـر، پوپٽيـــون، پتريـــون مقـــو منڊيئـــڙن تـــي،
ڪوڪيـون، نسـبيون، ڪتريـا، جهومـڪ جهـڙن تـي،
نمـــاٽي نـــت پـــائي، بينـــا بولـــن تـــي،
ڏاڻ، ڏاٽـــي، قلـــڙي، جنهـــن پيـــر پـــسرن تـــي،
ڏنگـــو ڏاڻ، زريءَ ســـاڻ، ڪنجـــيءَ ڪـــڙن تـــي،
ســوني رپــي ســپنڊپني، ڇــم ڇــم ڇيــرن تــي،
تجلـــو راٽـــيءَ جـــو جڙيـــو، جلســـو جلســـن تـــي،
املهـــ مـــاڻڪ، اشـــرفيون، قيمـــت ڪنـــڊن تـــي،
پـــايو پـــائي پدمڻـــي، قيـــرو ڏي قلڪـــن تـــي،
دهـــرا، دريچـــا، ســـريا ســـهٽا ســـيلين تـــي،
چوڙيـــون، چپڪليـــون، آلـــي تـــپ اڪيـــن تـــي،
سـيندڦل، سـڳي سـهٽي، واهـــ ويڙهيــل وارن تــي،
موتـــي مٽيـــا، زيـــور ڳٽيـــا، ليڪـــا لعلـــن تـــي،
تنن نمـاٽيءَ ڪي "نـالي ڇگـو" ڇئي، رهيـو روحـن تـي،
ڪلمـــون قـــائم تيـــو، راس رســـولن تـــي،
سـا وينـي لائـن تـي، گهـوٽ گهمـي گهـر آيـو.

(8)

سـاراهيان سـچو ڏٺـي، جـو صـاحب رب سـتار،
بادشـاهـ هـو بلـوچ جـو پاروچـاٽو پـار،
مـودي سـندس مـورت ڏٺـي، نـازڪ ۽ نـروار،
سـونهن تنهـن سسـئي کـي، ڏنـي هئـي ڏيٺهـار،
واٽيـو وري آئيـو، جنهـن ڏنـا پنهـون کـي پـار،
ڪيائين نيڪي نار جي، آهـي ڏوبيـاٽي ڏاڪـي دار،
سـٽي بـات بلـوچ اهـا، تيـو غـازي تـرت تيـار،
وجـي پڳيـن لڳـو پـيءُ کـي، پيـا پرجهـل هئـس يـار،
گهريـائين موڪل مـاءُ کـان، کـري آزيـون انتظـار،
سيٺ منهنجـي،سـودو ورتـو، آهـي واٽـي سـو واپـار،
پـٽ ويندس پـاپيهي سـان، هـاڻ هلـي آءُ هڪـوار،
راضـي ٿـي رخصـت ڏنـائين، ڪيـائون ڪوشش قـرار،
عطـر مشـڪ عمـدا ڪنيـائين، ڪٿـوري خوشـبودار،
لالـڻ ليـڙا پلاٽيـا، تـرت تيـو ات تيـار،
ورتـائين واٽ ونـدر جـي، لاٿئيـن پنيـور ۾ بـار،
پڇـائي در ڌوبـيءَ جـو، بيٺـو نوڪـرن سـان نـروار،
پڳهـار پڇيـائين ڪينڪـي، تـن کـي لڳـي هئـس تـار،
سسـئي سـاجن ڏٺـو، جنهـن کـي پـري آڳ انـدار،
جيـڏيون منهنجـو جـوڙ آهـي، مـن ڏيـاري ڏاتـار،
پـاڻ ڏٺـيءَ پريـت جـي، وت ورهـ انـدر وار،
ڪيـائين سـڱ سسـئي جـو، تيـو نـاٺي سـو نـروار،
پيئـي خبـر "خميسـو" چـوي، مـاٺهن ۾ موچـار،
مبارڪون مليون مرد کي، واڌايون ٿيـون گهـر گهـر وار،
ڪيـائين سـعيو شـاديءَ جـو، اهـو وري ويچـار،
گهرايائين سونارا شهر جا، جـي ڏاهـا هئـا وينجهـار،
آٽـي ڏيـو سـاهـ سسـئي لاءِ، مـون کـي عمـدي عجبـدار،
زر زيور ياقوت جا، آٽي ڪيـائون حـاضر هيـرا جنوهـار،

---

(8) چيل خميسي جو. هيءُ روايت لاڙ (تعلقي ٺٽي) مان عبدالله گندري کان ملي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سسئي اتي سونهن خاطر، پاتا ساز وڏا سينگار،
پائي ويني پيرن ۾، ور، وڇون، منڊيون ميناڪار،
ناز ڪريو تي نورا پائي، جهانجهر جهمڪي دار،
بازوبند پيرن ۾، ڪڙيون وڏيون ڪرفدار،
ميناڪاري ملمعو متبن هو چٽيو چٽڻهار،
گاذر پڌا گهنگهريا هيج منجهان هيڪار،
امل منڊي آ هيرو، آهن آڱر ۾ اسرار،
ڪيرول، ورٽو خوشيءَ مان، آهي سهراٽو ساچار،
ونئي پايون وچوڙيون، پيون باداميون بيشمار،
چوريءَ پايا ڇلا، مُنڊيءَ سان، چال ۽ جروار،
مرڪي پائي تي منگليون، چوڙا چمڪيدار،
ڪنگٽيون پاتائين قرب جون، ڪچ وڏي خمار،
ڏک بڌائين ڏونرڙا، جن تي رکيو هو سوناري سينگار،
ٽِپتو هو ٽڪن سان، چمڪيو تي چوڏار،
بڌائين بارڪيون بانهن ۾، جن ۾ گهنگهريون گلزار،
ٺوئنر ٺليا تي تن جا، جي جهابن تي جنسار،
لڪائي پاتئين ڇاتيءَ تي، ڪو هنئين متي هار،
دلپاڪ هئس دل تي، هس ڳچيءَ هيڪار،
ڪامڻ پڌي ڪنڌ ۾، دُهري وڏي ديدار،
عجب هئي ايڪ داٽي، جنهن ۾ گينيون لک هزار،
دانهر پڌي دُهري، جنهن ۾ جڳليون جوهردار،
ٽِڪا ڏنائين ٽداٽيءَ تي، ٻي ڪثمال قيمتدار،
طلب هئي تائت جي، جنهن جي چاندي چمڪيدار،
سسئي سريون پاتيون، پيا جوڙي متي جنسار،
ڪيڏا ڪم ڪنڍلي تي، جنهن ۾ هئي لونگن جي للڪار،
پري پاتائين پالڙيون، پيا ٻندا ڀهڪٽدار،
ڪُرپاتائين ڪنن ۾، پيا ايرنگ وڏا عجبدار،
ڏاهيءَ ڏيديون پاتيون ۽ پنڙا پوشدار،
جيڏين جوڙ جهرمر لاتي، ڪڙيا ڪنٺهار،

ڊيــل ڊيــديا پاتــا، ڪـــري ســـونهن وڏا ســـينگار،
نـــازڪ پـــاتو نـــڪ ۾ بولـــو بئنســـردار،
لـــڏن لعلـــون تنهـــن ۾، جـــي لهـــن لک هـــزار،
لڪيــاٽيءَ لونــگ پــاتو، ڦلڪــو فــي الحــال هــار،
نـــٿ نمـــاٽي پـــاتي، وينـــديو وڏي ويچـــار،
ڪنجيــون هيــس ڪلــف ســان، جــي پريــون بيشــمار،
ڦيـــردار ڦلـــڙي جنهـــن تـــي جـــڙا ۾ جنســـار،
مٽيــا موتــي تنهــن جــا، جنهــن ۾ هيــري جــي هبڪــار،
پوتــا هئــا پوئــڻ واري، ســاري ڪنهــن ســنگهار،
ڏانـــگ ڪڍيـــائين ڏاڻ، ڪنـــديو منجهـــ ڪپـــار،
حَسڻ، حامد، خاوند ڏنو، خليفو، خادم، خدابخش، خانو، خميسو، خاڪو، خوشحال، خواجہ خضر، خان محمد، خُوبو، خوبچند، خُدو، خيرو، خالق، خليل، دادُو، دائم، دولهہ، درياخان، دستگير، دودو، ديوان، دلير، دائود، دوست، دلبر، دوسو، دابود، داناءُ دوس محمد، داد، درگاهي، داس، دلوراءِ، ڏونرو، ڏمالي، ڏرمون، ڏنو، ڏٽي بخش، ڏرمداس، ڏيئُو، ڏيال، ڏيسرام، ڏتو، ڏاهر، ڏاتار ڏنو، ڏيئلداس، ڏنو، ڏيو، ڏهيسر، ڏهراج، ڏونگر، ڏاهو، ڏاتو. ڊينگو. ڊولڻ، ڊوليو، ڊول. ذاڪر، ذڪريو. ربو، رحيمڏنو، رحمان، رمضان، رجب، رئيس، ريڏنو، رحيم، رامو، رتو، ريٽو، راوڻ، راضي، راڻو، رستم، رکيو، راڪو، رمون، راڇو، رام، راجا، رسول، روشن، رانجهو، راوَل، رهندو، راءِ، رانوڙ، راوَت، رشيد، رفيق، راشد، روچو، رکيل، رسيو، رضا، روپچند، روپ بسنت. زوراور، زوار، زمان، زاهد. سامي، سيجُو، سُکيو، سانوڻ، ساماڻو، سنگهار، سفر، سومر، سانگي، سعيد، سچڻ، سچار، سچُو، سورهيہ، ساهُو، سلطان، ستابو، سپتيو، سالڪ، سومرو، سمن، ساڏُو، ساهڙ، سِوڊو، سورج، سليمان، سردار، سهراب، سرهو، سالار، ستار، سوجهر، سڪٽو، سِياڳو، سڪٽو، سڪندر، سرفراز، سيفل، سڪيلڏو، سيتل، سپاجهو، سونهارو، سلام، سومار، سُهندو، سونو، سلامت، سانول، سائينداد، سِجُو، سِلُو، سنيالو، سَرڪيو، ساجن، سوڏو، سبحان، سياڳو، سخي، سَرورَ، سِنهون، سَتو، سوائي. شمس، شهباز، شاهہ، شيرو، شفيع، شاهن، شاهوڪار، شامون، شيام، شمعون، شانُ، شفو، شهداد، شادي، شهمير، شرفو، شهزادو، شاڪر، شوڪت، شداد، شرف الدين، شاهہ پنجو، شمر. صادق، صالح، صحبت، صديق، صغير، صاحب، صلاح، صابو، صوف، صابر، صمد، صوبو، ضامن، ضمير. طالب، طاهر، طيب، طوطومل، طفيل. ظاهر شاهہ، ظهور، ظفر، ظهير. عباس، عاشق، عيسن، عارب، عارُو، عمران، عرض محمد، عارف، عثمان، عرس، عمر، عظيم، عامل، عالم، علاوالدين، عليم، علي، عيسو، عاقل، عبدالله، عيسي، عابد، عزيز، عنايت، عزرائيل. غفور، غازي، غلام، غريب. فائق، فقيرو، فهميدو، فنائي، فيضو، فقيرمحمد، فتح، فريد، فخرو. قوڳُ، قُل، قوتو، قيرُو. قادربخش، قربان، قائم، قنبر، قدوس، قطب، قلندر، قابل، قبول، قيصر، قادو، قاسم، قيس، قادن، قمر. ڪارو، ڪامل، ڪَمون، ڪانيو، ڪرڙ، ڪمال، ڪانديرو، ڪوڏُو، ڪيسرو، ڪرم، ڪريم

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بخش، ڪيول، ڪَڪُو، ڪرمون، ڪَلُو، ڪندو، ڪرارو، ڪوڙو، ڪشنو، ڪرمڻ، ڪوڏڻ، ڪبير. ڪمون، ڪنڊُو، ڪيڙ، ڪلندو، ڪيمون، ڪيمچند. گودڙ، گاگو، گوپال، گيان، گُلڻ، گُهرام، گانڌي، گَنپت، گامون، گلاب، گولو، گُلو، گاجي، گاهي، گل، گوهر. ڳاهو، ڳهٽو، ڳاڙهو. گهَنو، گهُريو، گهنشام، گهلُو، گهنور. لاکو، لهري، لالو لطيف، لطف، لالُ، ليار، لائق، لالڻ، لوط، لوڏي، لقمان، لکانو، ليمون، لڏو، لکي، لوڪچند، لجپت، لونگ، لکمڻ، لهٽو. محمد، مصطفيٰ، مالڪ، منان، ممون، ميهار، مگڻ، منگهڻ، مٺو، مولابخش، مستان، ملنگ، مراد، مارو، مريد، مَتو، ماڪوڙو، مَتر، مسافر، موسو، مولو، مستانو، مانجهي، مصري، مجنون، منصور، معذور، مکڻ، معشوق، ميرڻ، مورڙو، محرم، مرتضيٰ، مَتُو، موتي، مومن، ميرل، مور، مونڻ، ماهڙ، ملوڪ، مدد، ميوو، مونُو، مٺيو، ماڻڪ، مسو، محب، مينهون، مبارڪ، موهن، محبوب، ميڪائيل، مقيم، موسيٰ، محبت، مگيو، منگهو، موچارو، متارو، موريو، محسن، محمود، مينهن وسايو، مهراڻ، مَمن، مالهو، ماڪن، مينڌرو، منظور، منٺار. نورو، نظر، ناٿو، نورنبي، نهال، نذر، نماڻو، نصيبو، نامور، نواب، نانگو، نوري، نصرالله، نندو، نارُو، نظير، نانڪ، ننگر، نجف، نورنگ، نياز، نمرو، نصير، نَتُو، نيٽو، نالي چگو، نيڪ محمد، نندلال، نيڪو، نيامون. واحدبخش، وريام، ويرو، وڪيو، وڪرماجيت، وسايو، واحدُو، وسنت، وزير، وَرند، وڳڻ، واسُو، وشنو، ويڌل، وسريو، وَريل، واڌُو، وَرُو، ويرسي، وَقار، ولي، وارث، وَنهيون، وڪو، وساڻ. همايون، هوت، هيبت، هوتو، هوندو، همير، هاڪارو، هنومان، هيمون، هوتچند، هيرو، هارون، هابيل، هاشم، هيمن، هزاري، هَندل، هوشُو. يارو، يعقوب، يونس، يوسف، ياسين، يزيد، يامين، يحييٰ.

1. مرد جا: لوڏامان، ڪارناما، ڪم، سچڻ، دشمن، وڙهڻ، ويري، پورهيا، وعدا، پول، مقابلا.

2. مرد جو: لٽڪو، ڪڙڪو، دڙڪو، عقل، محابو، لحاظ، پٽڪو، زور، شهپر، اخلاق، ڏيان، تڏو، مان شان.

3. مرد جون: فَلڪون، مهلون، رهاڻيون، سخائون.

4. مرد جي: مهل، محبت، مڙسي، هيبت، ياري، ڪچهري، ماني، اوطاق، ڪمائي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

6. نرناني (مرد) جا بيت •

ساراهيان سچو ڏٺي، جو پاڪ ڏٺي پرور،
آدم بندا بسي بقا تون طالب توبه ڪر،
خالق، مالڪ، مُرسل، مولي، حامي پيو حيدر،
حَسن، حُسين، حبيب، حاڪم، عالم آجو ڪر،
احمد، محمد، علي آيو، تون شافي شفا ڪر،
رحمان، رحيم، رازق، راضي، تون قادر ڪرم ڪر،
رَب، رسول، رانجهن، ريِڏو، راجا، رانول تر،
سردار، سونهارو، سهڻو، سارو، نبي بخش، نظر،
سروَر، سخي، ثابت، سوڍو، صاحب پاڻ سڌر،
پاڪ ڏٺي پروَر، پُسڌجان پول ”پروچ“ جا.

ساراهيان سچو ڏٺي، خدا خاص آهي اڪبر،
ايسر، الهداد، عادل، عيسن، آيو، آمنون، آيوڙو، آذر،
اَلهرکيو، اوني، انب، انيراءُ، آديسي، اُداسي، عطر، اجمَل ۽ اصغر،
عشاق، آري، عاشق، عَدلو، عباس، علي، اڪبر
ارباب، عارف، عيسو، الاهي، عاصم، اسماعيل، آڌوتي، عمر،
افروز، آذر، اُويس، علڻ، آڍو ٿيو آنوَر،
اوڍر، اُوڌپ، آڏيو، آڏت، ابراهيم، اُميدو، آچر
عزرائيل، اميدن پريو، آسن، ابليس، عرس، اوڍر،
ابوبڪر، اسرافيل، ادريس، عالي، عارب، الله ڏنو، عثمان، اَجر،
آلو، آبيل، عابد، اڪو، آندل، عاقل، امين، عيدو، گهُرَ
عبدالرئوف، آمرنو، اَسد، عامل، ايوب، اُڏيرو، عاصي تر،
امير، آگينو، آفتاب، اگرو، اڪرم، ابڙو، اشرف، الياس پر،
عزت، آچر، عليم، عمرو، عزرائيل، اگاريو، اول سو اوڍر،
الله بخش، اُڪاسيو، اعتبار، عزيز، اسحاق، علو سو گُهرَ
عظيم، آلو، عيدو، عاصي، افلاطون، اگو، اويس قرني، ابو،
عزرائيل، آذر،
پاڪ ڏٺي پروَر، ڏجان پاند پناهه جو.

• چيل لعلڻ خان لغاري جو. سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو حاشيه، ص.84

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلاول، بادشاھ، بلند، بانکو باادل، برڪت، بشير، بُولا ڪر بهار،
بابو، بهارو، بخشِ، بلوچي، بختو، بيڪس، بُخاري، يار،
بنگل، بهاول، بازبهادر، برجو، بابل، باقر يار،
بيڪس، بهرام، بکو، برادي، بِلندو، بالو، بالم، بيوس بار،
بچو، بردو، بادو، بنو، بودا، بُردھ، بالاچ، بلُو، بردار،
بيگو، بگو، پنيو، بجر، بصر، باريچو، بنشو، بهار،
بهرام، بري، بهرير، بُسلو، بُرفت، بيدل، منجهہ بازار،
بهادر، برهمڻ، پوپو، آمسر، مُڪي، رام، رحمعلي يار،
بدر، بکر، باري لاهئين بار، لاھہ لُڪون سڀ ”لعلڻ“ جون.

بخش، بخاري، بلوچ، بختو، بلند، بيگ، بحر،
پُنيو، پونرو، پائو، پَٽا، پلو، پروَسو ڪر،
بخت نصر، باري، بردو، بهار، برووءِ بدر،
تَنُو، تماچي، تارو، طيب، طوطو، تولو پيو طاهر،
تان توڪلي، تاجو، طارق تمي، تسيو تونگر،
تابوت، تلسي، تُرسي، توڏو، تيرٿ، تقي، تجلو پيو تمر،
تلسي، تبريز تان، توڪلي، تاجو، طارق توبه ڪر،
تمي، تسينو، تبريز، توربيو، طعنو، تُنڪو، تاٿو، تَمر.

ساراهيان سچو ڏٺي، جو پاڪ ڏٺي پروَر،
سبب، ثابت، صفر، صالح، سورھ، سائو ٿيو سڪندر،
سيوو، صادق، ثعلب، سعدُو، سامن، صحت، سامري سَيَر،
ساڏو، صاحب، سلام، صابُو، سافو، صابر پيو سُومر،
سُرهو، سنگت، سنگهار، شرخي، ساجن، سوڍو، سام، سفر،
سانگي، سِڪُو، سيرُو، ساتي، سهٽو، ثمُود، سنجر،
سانوڻ، صوبو، سلطان، سبحاني، سونو، سڪايل، سڌر،
ساڏو، سيفل، ستار، سياڳو، سهجو، سنيُو، سجاول، سامت ڏر،
سليمان، ساماٽو، سعدُل، سُهليو، سالار، سڪارو ٿر،
سِيتل، سِڪُو، سمن، سهتو، سُرڪي، سدرو، سروَر،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـاهڙ، سـڳو، سـالڪ، سـندو، صوبـدار سـونهارا وَر،
سـهراب، سـوالي، صـادق، سـُڪـُـو، سـورج، سـج اُيـر،
صديـق، سـيباٽو، صـلاح، سـُـرخي، سـهاڳ، صوبـو تـر،
سَـپـَـڙ، سـخي، صـوف، سناسـي، سـامي، سـڪايل سـاٿر،
سـاقي، سـارنگ، سـونو، سـڳو، سـڳورو، صـابڻ ور،
سـومرو، سـوائي، صـالح، سالـُـو، سـاند، سـنديلو، سـڪر،
صـدر، صـابڙو، سـپاهي، سـتابو، صـاحب سـوجهرو ڪـر،
سَـچـُـو، سـعيدو، سـڌُو، صغيـر، سـو صوفـي سـير سـڪر،
پـاڪ ڏٺـي پـرور، لاهـ لڪـون تـون "لعلـڻ" چئـي.

سـاراهيان سـچو ڏٺـي، جـو رازق تيـو رهبـر،
جيئـرو، جيئنـدو، جوسـب، جـاڙو، جـاني پيـو جعفـر،
جبـل، جـُـڙيو، جـاهد، جمعـون، جوڳـي، جبيـر جهنـور،
جنگـو، جـلال، جـاڳڻ، جتيـم، جـندو، جيتـو سـو جـابر،
جيـوَت، جيـو، جـوان، جـادو، جـوڌَو، جـرار، جـانو جـاگر،
جـندو، جـالوط، جـُـبير، جـابر، جيسـن، جهـانگير، جوهـر،
جلـَوو، جمـال، جڳـت، جڳـُـو، جـاجڪ، جوتـو، جنـاح جـاتر،
جـت، جـُـنيد، جابـُـو، جيهـو، جـانب، جـري جـَشـَـنڪر،
جمجمـا، جوڪيـو، جليـل، جبارج، جـادين، جـاتي، جـوڙو تـر،
جـالوط، جوهـر، جـانڻ، جـَـتو، جويـو، جـاڙو سـو جعفـر،
جـاڳڻ، جونگـو، جـابو، جـندو، جبرائيـل، جـُـنيد، جوهـر،
جمشـيد، جبـار، جليـل، جـُـڙيو، جـُـنگ، جيلانـي جـَـبر،
پـاڪ ڏٺـي پـرور، ڏي تـون پـاند پناهـ جـو.

حـاڪم، هيسـب، هيبـت، هـرداس، هيمـن، هاشـم، حـاجي،
حاصل، هاسو، هادي ڪر،
حاڪو، حمل، هوتو، حارث، حبيب، هرمـل، هنسراج، هاڙهي وَر.
هارُوت، حسـو، هريـل، هرپـو، حـاتم،حـوران، حضـوري ڪـر،
هـُـود، هـَـنود، هـِـير، هنـُـومان، هـَـندل، هوش تـون هاشم ڪر،

ڳُـلڻ، غـازي، گـامون، گوهـر، گنگـُــو، گوگـو پيـو ڳهـَـنور،
ڳَنبو، گـرڏاري، غفـُور، گاهي، گولو، ڳـُر، گوسائين، گونـدر،
ڳـُـل، گـُلاب، گينـدو، گدو، گجـر، گـابر، گـوڙُو، گيـان، گبـَـر،
ڳـَنـُو، گيهي، گيلو، گجڻ، گـُهرام، گدائي، گـُلشن، گـدُو، گـُـر،
گاجي، گـُلـُـو، غريب، گـاروڙي، غـلام، گـُلشير سـو گوهـر،
گـاگن، گنـدرو، گاجڻ، گوپـال، گـنـُـو، گـُـرنو، گوبنـد، گـُـر،
گلزار، گـاهي، گنج بخش، گـولاڙو، گجـُــو، گلنـاز، گـورنـر،
پــاڪ ڏڻـــي پـــروَر، ڏي تـــون پـــاند پناهــــ جـــو.

لعلڻ، ليکو، لشـڪري، لهري، لالـڻ خـان، لـوڏي چـڏ لـَـهر،
لونـگ، لطيفي، لڪـُـو، ليکـُـو، لاکو، لـُـدڙو، لوڪـس لـُـر،
لقمـان، لکيـاري، لـدو، ليلـو، لهڻـو، لائـق لطـف ڪـر،
لکميـر، لکـانو، لکـي، لنگهـو، ليمـون، لوبـي لـَـر اُڏر،
لاڙي، لات، منـــات، لاتــــدر، لکيــــاري، لـــَـــڪدر،
لال شـهباز، لقمـان، لـُـقو، لاڏلـو، لـوڏڪ لـوڏ نـــ ڪــر،
لطيـف، لهـري، لغـڙي، لـُـــٽُ، لـَـــڙڪي، مـــلان مـــَــر،
لـــچمڻ، لـــدو، ليلـــو، لاڏڪـــو، پيـــو لهواڻـــي لوهـــر،
حڪيـم، حڪومـت، حڪمـت، هونـدو، هامـانَ، هريهـَـر،
هارون، هـَرجـي، هارُوت، حريف، حسيب، حميـد حيـاتي ڪر،
حاســد، هيمـــون، هوتـــي، هـــالا هتـــي هـــوڏ نــــ ڪـــر،
هَسـُو، حاجي، هاسو، هندل، حفيظ، هـمت ڪيئي جا حـُـر،
هاشـم، ڪـاڪو، حـاتم، حـارث، هدايــت هــاشمي ڪــر،
هـرداس، حمـالي، حـافظ، هيـرو، هــوت، هنومـان حشـر،
پــاڪ ڏڻـــي پـــروَر، ڏي تـــون پـــاند پناهــــ جـــو.

کـڙ، خميسـو، کـيو، خـانو، خوشـي، خليـل، خـاوند ڪـر،
کَنڻو، کنڻ، کيـڙو، خاکو، کـلڻ، خيرو، خاطي، خوبـو کهر،
خـُدُو، خـانڻ، کـُسرو، خوجـو، کيمـو، خـداداد پيـو خضـر،
کيـت، کهـڙو، خاشو، خـالق، خـاڪي، خـُـدُو کپـت ڪـر،

خورشيد، خليفو، خليل، خادم، ڪمون، ڪٽوريو، ڪاپڙ،
ڏورو، دولت، دولهه، دستگير، دوسو دايو، ٽيو دلبر،
درياخان، ڏرُو، دائريو، دودو، دوست، دائم دولهه در،
درگاهي، دقيانوس، دليل، دالو، ڏلو، دنياري داور،
دينو، دادلو، درس، دريانو، ديدار دوراني داتا در،
دلير، دائود، دلبر، ڏڪوراءِ، دلاور، دلو، دارا درڪ سڌر،
ظهور، ظالم، زنگي، زمان شاهه، ذاڪر، ذوق، ذوالقرنين ظاهر،
زربخت، زوالي، ظاهر، زُبير، ضعيف، ذڪر، زبرزاري ڪن،
پاڪ ڏٺي پرور، ڏي تون پاند پناهه جو.

راڻا، رقيب، راضي، رانول، روزي ڏي رهبر،
رتو، راوي، راهب، ريلو، ريڏو، راوت، رنجيت، راءِ ڪنگهر،
رام، رَبنو، رزاق، رازق، راڪاس، آدمخور اَپر،
رمضان، روچو، رمزو، ريجهو، رانجهو، راڏو، ريوو ٽر،
رانجهن، رُونجهو، رئيس، رامون، رهندو، راڇو گهر،
روحل، رندو، راهسو، رُوپو، راضي رَسول ڪن،
رُڪڻ رشيد، روشن، راحت، ريلو راءِڏياچ، رب رحيم ڪيا رنگ اپر،
رفاق، رُستم، رفيق، ريالي، رتنو، راڇڙ ٽر،
شراف، شيرخان، شاهو، شمس الدين، شهپال، شهيد، شڪر،
شونقو، شاهن، شمس، شهبازي، شهڪ، شڪور، شمر،
شنيو، شهداد، شهيد، شملو، شيرُو، شرم شيطاني شر،
شمعون، شيخ، شراف، شيروان، شربت، شڪاري، شڪر،
شهپال، شرابي، شيش، شنگور، شادي، شافي شفا ڪر،
شاڪر، شڪيم، شيخ، شندو، شادمان، شفيع شتابي ڪر،
شهلي، شوم، شاهنشاهه، شهمير، شهداد، شبير، شام شهر،
شڪر شاهي، شيراز، شڪور، شبگير، شتروان ۽ شمر،
شاهن، شهڪ، شربت، شمس تبريز ۽ شڪر،
پاڪ ڏٺي پرور، ڏي تون پاند پناهه جو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فيروز، فنائي، فولاد، فضل، فتح، فاروق، فقير فدائي ڪر،
فاضل، فارس، فريد، فوجو، فرعون، قادر ڪر مهر،
قطب، قهار، ڪامل، ڪانيو، ڪندو، قرار قمر،
قائم، ڪوڙو، ڪيهر، ڪلو، ڪالو، ڪيو قارون ڪفر،
ڪمال، قبو، ڪوڏو، قابل، ڪمن، ڪارو، ڪيسو ۽ قهر،
ڪان بجان، ڪڪو، قاضي، ڪرمون، قاسم پيو قيصر،
ڪريم بخش، قادو، قنڌاري، قيدو، قربان علي، ڪونڊر،
ڪرپال، ڪوهيارو، ڪيچي، ڪرم، ڪوٽو، قيمت گهر،
ڪوندو، قبول، ڪاتب، ڪسب، قباد، ڪلاچي قمبر،
ڪلتار، ڪسيرو، ڪمن، قلندر، ڪاپڙي، ڪرم ڪر،
قابيل، ڪندو، ڪوڙو، قادرنو، ڪرڙ، قيدو ڪر،
قليچ، قلبي، ڪشنو، ڪاتيار، ڪنعان، قريشي، ڪسمبر،
پاڪ ڏٺي پرور، ڏي تون پاند پناهه جو.

مرچو، ميرو، منگهن، مطلب، موتو، مرزو، محبت ڪر ملار،
ميهار، ماڌو، مستي، مڪو، ماڪوڙو، ميلهو، منٺار،
مسو، منگر، ماهي، ملڪ، مسافر، مگيو ٿيو مدار،
ممون، مينهل، مگر، منگهر، مينگهو، ملعون، موهن مار،
محرم، مدد، مدن، ماڪو، مانجهي، موسو، محسن يار،
مبارڪ، موتي، مدڪر، مهرو، مالهي مهڙ پار،
متو، متارو، ملڻ، متو، متل، ميوو، موذي ٿي نه مدار،
مارو، منگل، ملڪ، ميلڪ، محبوب، مٺر، ماڪي يار،
ماٺو، مراد، ملاح، موندر، مولجي، منسو، موالي ڏار،
مسڪين، مدني، منگتو، مولو، منظور، مجاور يار،
ممتاز، مقيم، ماندو، مجنون، مخدوم مناسب ڪار،
مينهون، مينڌرو، ماڪو، ميران، منشي، ميرل پار،
ماڻڪ، مچندو، محمود، محراب، منو، محب، مدار،
مکي، موڪي، ملاح، ماڪو، مظهر، محرم، منٺار،
ماوبو، منصري، ملوڪ، مصر، مٺيو ماهيءَ جو موچار،

ميرحسن، مانيٽو، مقصود، ملائُو، مسو، مومن پار،
مکڻ، مور، موسيٰ، مهاديو، محَراب، مَنُو، مولجي مار،
محسن، مانجهي، مگٽو، معافي، ميراٽي مهندار،
مارُو، موتي، مَتل، منگل، مالک آ مهندار،
مجنون، معروف، مورڙو، متارو مُنکر منشي مار،
ميرخان، ملوَندي، موِيي، يحييٰ، ذکريا يار،
مرحب، موذي، ماکن، ماچي، ماسلو، مظهر، ميران، مزار،
مانيٽو، مانگر، محتاج، مهاولي، مريد، متارو ملار،
صاحب رب ستار، ٻڌجان ٻول ”ٻروچ“ چئي.

نوح، نظارو، نصوحو، نرمل، نوري، نظر ساڻ نهار،
نيپو، نٿو، نائون، نِدو، نظام، نورالدين نماڻو پار،
نِدو، نهرو، ناٿو، نومڙيو، نيامون، نادر ٿيو نروار،
نورَنگ، نانگو، نارو، نظير، نيو، ناٿن، نوَل، نوراني کار،
نصير، نازو، نواز، نارو، ناظر، نوتو، پيو ننگر نوکر يار،
ناظم، نيائو، نيکو، نَبو، نصيبو، نوح نبي نروار،
نواب، نورو، نکير، نيٽو، ننگر، نادر، نکو ڏار،
ناکس، نمر، نماڻو، نمرو، نوناري، نوَل، نصر بَخت نهار،
نوشيروانَ، نور، ناٿو کار، ٻڌجان ٻول ”ٻروچ“ چئي.

وِلر، وڏل، ويٽو، وسايو، وشيلو وينجهار،
وارث، والي، ولڻ، واليو، ويرُو، وَرُو، ولر واڌو وار،
وريام، واتُو، وليو، واصل، وينگس، وليداد، وسڻ يار،
ورنو، واپاري، وسيلو، وٿيو، ورند، واحد سو وينجهار،
وِگر، وِکيو، ويڙهو، ورتو، بيربل، بنگو، وزير وار،
ويرڻ، ورٿو، وسندو، واسطو، وَڏيا، کر ويچار،
وَالُو، وچائت، وليداد، وَهريو، وسيلو ولهار،
وکيل، واندو، ورِيند، وسيو، ولو ٿيو وينجهار،
يارُو، يَاقي، يعقوب، يوسف، يامين، يزيدن يار،

ٻٻرُ، ٻيلو ٻانهون، ٻاجهيَ، ٻاجهہ ڪر ٻاٻيهل ٻاڪار،
ٻروچ، ٻيڙو، ٻاراڄ، ٻاڇو، ٻيو، ٻالو، ٻالڪ ٻار،
ڳورو، ڳهٽو، ڳهلو، ٻاراڄ، ٻاڇو، ٻاجهي، ٻاٻيهو ٻار،
ٻاڳو، ٻيرُو، ٻَٽ، ٻرڪيو، ٻونر، ٻٽائي، ٻرمون ٻار،
ٻنگر، ٻونگر، ٻرمون، ٻيرو، ٻلنو ٻاڪار،
ٻلو، ٻارُو، ٻائي خان، ٻولرو، ٻروَسو، ٻڙُ ٻتار،
ٻانَ، ٻلارو، ٻاڳيو، ٻوڙ، ٻليسو، ٻارس ٻار،
ٻورو، ٻڳت، ٻڳوان، ٻلينو، ٻاڳو، ٻرُو چڊ ٻُلڪار،
پدمُون، پارُو، پيرو، پناهہ، پريتم، پيسُو ڪرپوڪار،
پلنگر، پُرسُو، پيسُو، پانڌي، پُرڏن، پنجُو، پريُو، پار،
پروَس، پچيل، پهلوان، پيارو، پمن، پريل، پاهڙ پار،
پروَل، پنهون، پَلي، پليو، پٿورو، پر، پاڳارو پار،
پرتو، پارڪو، پڌرو، پارس، شاهہ پنجو ٻہ شمار،
پورن راءِ، پناڻ، پياسي، پسند، پهلاج، پيروز، پرڪار،
پونجو، پارس، پيرُون، پانهو، پوهو پڪوڙو يار،
پوپٽ، پتاشو، پنگريو، پٿولي، پوربي، پروَر پار اُڪار،
صاحب رب ستار، ٻُڌجان ٻول "ٻروچ" چئي.

ڏنُو، ڏيوو، ڏاندُو، ڏاڙهون، ڏانور، ڏاتُو، ڏتل ڏار،
ٿوهر، ٿڌو، ٿانوَر، ٿَر، ڏاسن، ڏوڏو، ڏاندو ڏار،
ڏمڻ، ڏاڙهون، ڏيال، ڏهراڄ، ڏونگر، ڏيوو، ڏتل هار،
ڏوٿي، ڏيرو، ڏيئُو، ڏيو، ڏياچ، ڏامون سر ڏاتار،
ٺاڪُو، ٺارو، ٺيڪُو، ٺالهو، ٺنڊڻ، ٺلُر، ٺوپڻ، ٺهل ڏار،
ٺونئر، ٺڪيو، ٻاپرو، ڳنيَر، ڳاهو ڪار،
ڳوئرو، ڳهيلو، ڳوڏو، ڳهٽو، ڳچلو، ڳاڳيو، ڳنڍڻ هار،
ڄام، ڄاريڪو، ڄٽ، ڄمونسي، ڄاجي سنڀ ڄمار،
چوئٽ، چئگو، چيلو، چندن، چنو، چاڪي، چوهڙ چار،
چڳيل، چٽو، چاچڪ، چُوچڪ، چيٽ، چاڪر، چوڪيدار،
چاڪ، چاري، چينچل، چاندُو، چوڌري، چيزل چوڏار،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاڪر، چغدو، چـيـنـُـو، چـاري، چـانگو، ڍولـڻ، ڍلـُـو ڍار،
ڏَسـُـو، ڏرمــُــون، ڏيـرڻ، ڏوبـي، ڏمـالي، ڏگـاٽو ڏڪـار،
ڇاڳو، ڇـَتن، ڇـُـٽو، ڇـَـتو، ڇلـڳري، ڇـورو، ڇڪـن هـار،
گمٽ، گهلـُو، گهـُـريو، گهُـربو، گهاتـُو، گهوٽاٽو، گهليـار،
فيـض، فنـائي، فـاروق، فضليـو، فرهـاد، فقيـرو ۽ فڪـار،
قـري، قـوڳ، قـُـلپوٽو، قـتـن، قرسـو، چنيسـر، ڇـوڏار،
صـاحب رَب سـتار، لاهـي لــُــڪون، سـپ "لعلـڻ" چئـي.

ننڊ

1. ننڊ جو: خواب، سجاڳ، آرام، سهڻو، آلوٽ، گهوگهرو، پاسو، سپنو، مٺو، ڇرڪ، ڪانهيلو اڇڻ، ڦٽڻ، جهوٽو.

2. ننڊ جي: پنڪي، ڳهر آئي، ڪاٽي، اڪپوري، سجاڳي، اوجهراٽي، اوٻاسي.

واڃو (واڄٽ)

1. واڄو (واڄي جا نالا): دهل، شرناءِ، قرناءِ، ڏڪڙ، ڪنجري، يڪتارو، ڪماچ، سرندو، سارنگي، ستار، طنبور، بگل، بين، مـُـتو، پڪواز، هارمونو، ڍولڪ، ڊيبڪي، دِلو، ٻئنڊ، جهانجهر، توتارو، مـُـرلي، نڙ، ڪـاني، بانسري، نغارو، پاوا، گهڙو، گهاگهر، ڪڙتالون، ٽليون، ڇيرون، گنهگهريا، مغرمان.

2. واڄي جا: ڏونڪا، ڏانديا، واڄٽ.

3. واڄي جو: ڏونڪو، تارُ رسُ، گـُـر، سرگم، پڙهو، ڏانديو، ڏڪ، ٺـِـڪو، پهلـُو، نوَ، مڙهيو، ڦاٽو، لاٿو، چاڙهيو، اٿو.

4. واڄي جون: ڏيلون، تانون، چوٽون، وڄتون.

5. واڄي جي: دَمَ، ڏِيل، تانَ، مُرڪ، لئي، ڪٽت، ڇڏٽي، چوٽ.

واڻيو

1. واڻيو (واڻين جا نـالا): ٻـائي، وڻجارو، مهتو، وڃائت، هندو، دڪـاندار، سيٺ، مودي.

2. واڻئي جو: وکر، هٽ، دڪان، ڏيڻ وٺڻ، رامر.

3. واڻئي جي: وَهي، بندي، هٽي، ڪپت سپت.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واهہ

1. واهہ (واهن جا نالا): نصير، سرفراز، گهلو، ساگرو، ٻگهياڙ، ڪيسانو، ڪلري، پوڻِياڙ، مولچند، الله ڪئي، ڳاهورو، گوني.

2. واهہ جا: ڪپَ، ترا، بند، گهيڙ، پـَڏا، ڪپرَ، پاسا، گز، وهڪرا.

3. واهہ جو: سنڌو، ڳنڍو، ڪپ، رستو، ترو، پڏو، ڏڙو، لٽ، ريٽ، ڪڌو، گهيڙ، پاٽي، پاسو، وهڪرو، لاهو، چاڙهہ، هرلو، مُنهن، چاٽو، لهڻ، ڦٽو، فصل، روءُ.

4. واهہ جون: ڪاٺيون، ماپون، سيرون، لاهيون، چاڙهيون، پوڪون، پنيون، موڪون، آباديون، چرخيون، ٻوڏون، اُٿلون، ڪڏون، چوليون، لهرون، سوڪون، ڪَرون، پلا پلايون.

5. واهہ جي: پوچڙي، ڪاٺي، ماپ، پوک، سُدسماءُ، چاڙهي، ليٽڻ، گپ، مٽي، ڪڏ، پـِڪَ، پيڙ، اُيڪيري، ڊيگهہ، اونهائي، ڪنڌي، ڪنڌي، ونجهي، بندي.

6. واهہ جو بيت •

ساراهيان سچو ڌڻي، پاڪ ڌڻي پرور،
مکي سندي ملڪ جي، ٻڌجانءِ خان خبر،
مرون انهيءَ ماڳ تي، ڪندا هئا هل حشر،
ٻگهڙ انهيءَ ٻرن ۾، ڪيو وتندا هئا ولر،
مرندا هئا ماڻهوءَ جي ماهہ لئي، ور وڙي هٽندا هئا ور،
قادر جي قدرت جي، ڪنهن ڪي نا هي خبر،
پاڻ لکيو تو پوريون ڪري، صاحب رب سٽر،
لکئي منجهان هڪ لک نتو لاهي، تل تنهن مان تر،
جنهن اُتران تي واهڙ آندو، 'نارو' سوئي نَر،
جنهن مان ڪئين واهہ وهي ويا، نالي نيشانبر،
جاني وهي تو 'جمڙائو'، جنهن بسيار وسايا ٻر،
'اڪرو' وهيو تي 'اُڏڪ' واهہ، ڪڙڪا ڪن ڪپر،
'سائو' ۽ 'سنهڙو' وهيا، ڏيو پٽن پاسي پر،
واڪا ڪيو 'واڊڪي' وهي، 'ٻگهياڙي' برابر،

• چيل عرس جمالي جو. هن بيت ۾ پکين ۽ گاهن جا نالا بہ آيل آهن.

’چتـڙي‘ ۽ ’ڇنـدڻ‘ وهيـون تـي، وٺ هنيـو سـي ور،
بيشـڪ وهيـو تـي ’بـان‘، موڙهـي انهـيءَ موهـر،
جنهـن پـاٽي ڪٽـي پٽـن تـي، جـام وهايـا جـر.
ڪميـون، ڪچـون، لـڏڙا، واڳـون، سـيڙهيون، سيسـر،
پلهڙيـون، ٻوڙيـون، واسينگن ويڙهيـون، ٻيا سوين منجهہ سر،
مچـي انهـي موهـر ۾، ٻـي حـال هلـي تـي جـر،
ڳنـدڻ، ڳوجـون، ڀـلا، پوپريـون، يـا چيـلرين جـا چچـر،
چارو، ڇرڪا، مـارڪ، مـُڪر، ٻيـا رڙا ڳهمـن تـا ريٽـن تـي،
سنها سينگارين جـا سر،
ڏاهـي مچـي ڏهـرن ۾، ٻيـا ڏنيـرا ۽ ڏيـڏر،
ٽيلهـہ جنهـن جـون ٽيلهيـون، موراڪيـون موهـر،
سـوين آهـن سـهٽيون، ٻيـا ڳـانگٽ سـي گوهـر.
چوقبلـي چـوڏاري، ٻـي پڪيـن جـي پوڪـر،
بدڪـون بيحـد بيشـمار، پٽڻـون ڪـن پچـر،
ڇيهـون، چنـوڙا، ڪيـترا، ٻيـون ٽوليـون ڏڳوشـن جـون ڪرڪيـو
ڪونجـون ڪٽـن ڪر،
ٻگهـا، ٻوٽيـون ٻيٺـن تـي، ڪيـو وتـن ولـر،
ڪڪڙيـون، ڪـانئيلا ڪيتـرا، ٻيـا آڙيـن جـا اڙگـر،
سوين سانهيون، نيلون نهايون، ڏڪٽيون، ڏيلون، پوڪارن پنهنجي پر،
منگهـہ، ملنـگ، متاهـہ، ٻيـا ڳهڳهـہ پکـي گوهـر،
نـازڪ نيرڳيـون، ٻيـون هنجهـرون سـاڻ هـنر،
رانديـون رتنبـا، دولاري متـي در،
ٻيا بہ ڏنڊ جا پکي آهن ڪيترا، تن کي ڪانهي خان خبر.
هـاٽي سـُڪَ جـا پکـي تـو ڳڻيـان، سـي دانهـہ ٻـڌ دلبـر،
هزاريـن آهـن هنجهـہ، ٻيـا ڳـرڙ پکـي گوهـر،
ٻوڙيـون، ٻيـر پيلانيـن ۾، ٻيـا روڏا سـي رهبـر،
ٽـُوها، ٽوپـا، ٽـاليون، ٻيـا ٻـُربلين جـا ولـر،
ڪـُرا، ڙُرا، ٻـُرا، پلـڪ پکـي سـي پهـر،
ڪبريـون، ڪٽچيـون، ڪـُرتون، ڪـارڙا، ڪوهيـس، ڪـانوڙا،
ٻيا پوئر يا پيٺي پر،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳجهون، ڳيرا، ڳڳا، ڳاڙهه ڳلا، پيا پرين سي پاريهر،
توريون، تلوريون، تاڙا، طالب سي تتر،
وهيا واريون، جهرڪيون جهاريون، ٽٽيهر ٽاريون، پيون ڦوسيون
منجهه فڪر،

ميٺا، مور، ملاليون، پيا لکين لغڙ ۾ بديهل ٻاز بحر،
سرٽيون، سانباها، سوراخ، هيڙها ساڻ هنر،
چيها، چمڙا، چوڪا چڪور، پيا چاپاڪا منجهه چپر،
هڪڙا چڪرا چڙين جا، پيا ڀهڳڻ ٻاتيهر،
چنڊ چڪور، ڪوئليون، باشا براٻر،
طوطا، چتون، پيون مينائون انهيءَ موهر،
سُڪ جا پکي ڪيترا، ٻي ڪانهي خان خبر.
هاڻي ڍنڊ جا گاهه تو ڳڻيان، سي دانهه سڻ دلبر،
وطن ۾ وسون تي، گاهن جا گودر،
ٻن، پاپڙو، پٻڻ، ناڙو، ٻي آهي ڇٻر،
چلڙ، چيهو،چانهڪو، ڪارا ڪانهن، پيا سهٽا ساوا سر،
ٻُڪن، پيکهه پيٽن تي، پَٻن هنيا پتر،
ڪيهه، ڪلورو، ڪڪڙو، ٻي ساوڙي منجهه سڌر،
ٻرٽ، ٻرڙو، سارنگ سهٽو، پيو مونو منجهه موهر،
ٽونر هنيا آهن ٽوپ، ٻي ڳاڙهه ڳني جهلي آ ڳر،
نيرڳ، ننڍا ڪيترا، ماڇاوا انهيءَ موهر،
ڍنڊ جا گاهه ڪيترا، جن جي آ خاوند خاص خبر.
هاڻ سُڪ جا گاهه تو ڳڻيان، تن جي ٻڌ خان خبر،
مالڪ ڪٽي مينهن وسايا، پٽن پاسي پر،
ڦٽا ڊپ، ڊامڻ،ڊاسوڙين ۾، ڪري ڪارا ڪونڊ ڪڪر،
پرٽ، پيچني، مُرٽ، مانڌاٽو، مارڪ، مريڙو ٻي لوٽڪ ۾ للر،
ڪِهه، ڪموءُ، ڳم، ڳنڊير، سَٽي سير ڪري پئي آهي، ڪُوري
پن جهلي پاندر،

ڏُڪٽي ڏنارڪٽوري، ڏاجورو، لکين آهي لَنب، ڏِنوهين سان ڏڏر،
ڪتڻ، ڪوتڪ، ڪوهيارو، ڪانگڙو، جهنجهڻ جال جوهر،

پوھـ، پـوڙو، ٻکـرو ٻلانيـن ۾، واھـو سـو ويراڳـي ويتـر،
کيھـــ، کتـــوري، کـــوڙ، منــــديري انھــــيءَ موھـــر،
ڪاٺونبـا، نـانگلي ۽ ڪـورڙ مـوري ھنيـا سـي واڇوٽـي ور،
اڃـا ٻـہ سـُـک جـا گاھـہ آھـن ڪيتـرا، اٿـم ڪانـہ خبـر.
سـانگي وينـا آھـن سـانگ تـي، ڏيئـي پٽـن پاسـي پـر،
سـانگين کٽـي سـھٽا اڏيـا، گھوٽـن پنھنجـا گھـر،
مـارن کٽـي مـَـنـَــھن اڏيـا، چانيـا سـي چپـر،
ھکـڙي ھـوءَ جـي ھبکـار، ٻـي کرکيـن جـي کيکـر،
ھکـڙا چرٽـات ھئـا چيـرن، ٻيـا سـرلا وڃـن سـانير،
مڇـي مـتـال متـارا تيـا، ڦرھـا تيـا سـي ڦـر،
پٽـاريون اڇـن ٿيـون پـاٽي تـي، ڪنـديون ڪنيـون ڪـر،
تـن کـي ٻيجـڙ ڏھـن پيئـون، پـہ گھمـرا پيھـر،
رکيـو سـاڙھا سـينڌن تـي، ھلـن ڪونجيليـون ڪنيـو ڪـر،
جـن کـي ٻيـڙا ٻـانھيون ٻـانھن ۾، ٻـولا ۽ ٻينسـر،
سـديون آھـن سـھٽيون، سـڏا سـندن سـر،
ھلـن کلـن ٽلـن ملـن، ويچـاريون ڪـن ولـر،
سـکيون گھمـن سـاڙيھہ ۾، سـاري سـب عمـر،
آزي ٻـدج "عـزس" جـي، پـاک ڏٽـي پـرور،
جـو کيـون اٿـم کيتريـون، ڪچـايون کھچـر،
معـاف ڪجـانءِ مـون کـي، توبھـہ تنھنجـي در،
"جمالي" آھيان ذات جو، گھوڙيءَ واريءَ تي، مکيءَ ۾ گھر،
اھـا ٿئـي خـان خبـر، مکـي سـندي ملـک جـي.

واءُ

1. واءُ: گرم، سرد، طوفان، تٿو، کوسو، اُتر، ڏکڻ، پورب، تکو، ڍرو.
2. واءُ جو: سٽائو، واچوڙو، اُڏايو، پوريو، چـُريو، ڏوڙيو، سنڪو، ڪڙڪو، سيءُ، جھولو، لڳو، کليو، بنديو، منگھہ، جھول، اُبتو، کـُنرو.
3. واءُ جي: سٽائي، ھير، تذڪار، واچ، جھک، لـُک، جھڙپ، سردي، گرمي، ڪنب، گھـُٽ.

وڪـر

1. وڪر (وڪرن جا نالا): شراب، ڪمرڪس، ڪار، ڪـنڙو، پاھ، مس، ڪوپرو، سرمو، صابڻ، مائو، ڪتيلو، تماڪ، ساڙ، ڏاٽا، هرتال، چوتـال، سنڪيو، ڪيس، ڪنبيرو، جاڻ، ڪڻ، سُتي، منديري، آڏيري، ڳڙ، سرهاڻ، سوپاري، ڪٿوري، سانتوڙي، ڪنڊڙي، چيڙي.

2. وڪر جا: ڪسيرا، ٿـها، ٿـپا، باردانا، ڍڳا، پـُڙيڪا، ڌُڪا، آنا، پات، پوٺيا، ڏنا، ورتا، اڳهہ پاڙ، ٽيلها، پورا، بوجها.

3. وڪر جو: وڪرو، سودو، واپار، هوڪو، سيرُ، پاءُ، مڻ، پوٺيو، چيتو، پات، ڍڳو، ڪارو، ٿالهہ، توريو، ڌُڪو، تولو، ٻـَڌو، چـُڙيو، ريزڪي، وٽج، وهائيو، دپو، دوڪان، هٽ.

4. وڪر جون: دمڙيون، ڳوٽيون، تورُون، ٽـوٽريون، ڪوڏيون، چيپون، دپيون.

5. وڪر جـي: گهورَ ڏيتي ليتي، اوڌر پاڌر، روڪڙ، رهت، رڪت، تور تـڪ، ٽـڪـري، ڪوٿ، ماٽي، ٿـپري، اُٿل، رُونگ، هار ويرَ، پـُڙي، پـِنڍي، پـُوري، هَڪ هَـٿي، ڪَس، اُپت.

6. وڪر جا بيت*

(1)

ســاراهيان ســچو ڌڻــي، جــو صــاحب رب ســتار چـوان،
آهوبيـــر، آنـــورَا، اُنڪچـــور، انجٽيـــون، آرا، آر چـــوان،
آلوبخـــارا، اندرجـــو، الســـي، آفيـــم، آچـــار چـــوان،
آهـــُــر، آلوچمــڙو، آڪــڙوٽ، انجيـــر، اُنــار چـــوان،
ايريـال، اَچـڙو، انگـور، آڪلوئـي، ايريـو، آريٺـا، آر چـوان،
اســـپنگر، اولاســـار، آمـــل، بڪـــڙو، بيضـــو بـــار چـــوان،
بـرف، بـصر، بـادام، بڪـر، بهمـڻ، بوتـل، بيهـي ڏار چـوان،
بســـڪوٽ، بـــِـهہ، بنفشـــو، طـــالب، توشـــو تـــار چـــوان،
تالمڪاڙو، ٽـسر، توتيو، تيل، تمـاڪ، تـاڪيو، تندتـار چوان،
تپاشير، تلونگڙي، تخم حيات، تخم ريحاڻ، ترڪاري تـوار چوان،
صوف، سِهـنو، سُرو، سـُرهو، سنگجراح، سنا، سپ سار چوان،
سُرخي، سوپاري سنڪيو، سـاڙ، سـون سڳا، سـُٽ ڏار چوان،

---

(1) چيل لعلڻ خان لغاريءَ جو. سوانح عمري لاءِ ڏسو حاشيہ، ص 84.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صحتڪندرو، ساڪُٽ، صندل، سنڌاڻو آچار چوان،
سُتي، سِپي، سمندڦيڻ، سالارو، صابڻ، ڪُل سنيار چوان،
سينڌو، سونچر، سيڙهي، سورجاڻ، سينڌر يار سنگهار چوان،
سَنڌ، سڳداسي، سُٽ، سفيدو، هَرمرو، هُرڀو هوشيار چوان،
هيڊ، هيراڪس، هرتال، هريڙ، حلوو، هڳَ سندا انبار چوان،
جاڻ، جليبي، جرقُل، جيرو، جُلابَ، جوهر، جوڪار چوان،
جعفر، جيسُو، دال، دارُون، رڳَ، رَتي، ريوَڙي رسيار چوان،
رَڇ، ريوَند، زَنگي، زَهر، زَنگال، زَري، ڪند، ڪار چوان،
ڪارڪ، خوشبوءِ، ڪٺمٺڙي، ڪوپرو، خسخاس، خُمار چوان،
ڪيرو، ڪٺوري، ڪهنبڙو، ڪاڇو، ڪوئر، ڪسي، چوڙسي چوڏار چوان،
چٽا، چوبچيني، چانورَ چونرا، چاڪليٽ، چندَن چوڏار چوان،
چُورو، چاٺو، چاس، چيرولي، چَرس، چيمڪ چوڏار چوان،
چيراتو، چڪنو، چٽي، ٺڪ، ٺقُلو، اِنجٽيون، عاقل قرهو ڪار چوان،
عطر، اَبَرق، شنگرفَ، شربَت، شَاهترو، شراب شمار چوان،
ڪَهُو، ڪيوڙو، ڪگور، ڪِنڙو، قيطُون، ڪتيلو ڪار چوان،
ڪتل، ڪيسر، ڪوڪڙ، ڪيسُو، ڪوهر، ڪبابچيني ڪل يار چوان،
ڪوڏيون، ڪچريون، ڪوپرو، ڪنيرو سار چوان،
ڪيڪ، ڪمند، ڪانڦُل، ڪاغذ، ڪريلو ڪمال، ڪاسني ڪار چوان،
قلميشورو، قلعي، ڪشميرو، ڪمرڪس، ڪورڙڪار چوان،
ڪوڪين، ڪِرمچي، ڪيسر، ڪنگٽي، ڪانگڙو، قند ڪلار چوان،
ليلافر، لونَگ، لوڻ، لڏون، لهو، لاک، ليار چوان،
ماکي، مُساڳ، مصري، ميندي، موري، ميٺ، مرچون مار چوان،
مُشڪ، موصلي، مهميرو، مرجان، مليرو، مصالَحو منٺار چوان،
مَس، موٺ، مُڳ، مٺ، معجون مَکُو، مسي، ميٿي مار چوان،
مٺيڪٺ، ميسو، مانهن، ماچيس، مُهُري، مڪئَي، مُنڊيري ڏار چوان،
مڪٽي، مانڊاٽي، مڪري، موتي، ماٽڪ، موتي مٽيادار چوان،
مُستي، مِٺائي، نيزا، ناپو، نَقُل، نمڪ، نازبو نار چوان،
نرگس، نموريَ، ناريل، نوشادر، نيلوفر، نِبات، نارنگي نارچوان،
نڪچڪٽي، نرڳنڊيو، نانختائي، ناسَ، نظارو نروار چوان،

واوڙنـــگَ، واولَ، وَرق، وارنـــــش، وڏف، واڱـــــڻ وار چـــوان،
پيهـُــون، پڪـوڙو، پـــپري، پـاپڙ، پـَـنير، پتاشـو پـار چـوان،
پپيتو، پانو، پـَـٽُ، پنو، پلاهجيري، پـِـتو، بـُـڪي ٻار چـوان،
ٻـُـورو، ٻهيڙا، ٻيڙو، ٻـِـج، ٻيرچـُـو، ٻـُـڙو سو ٻهڪار چـوان،
لاٽي، لوٽڪ، پارو، پشم، ڦٽڪي، ڦڪي، ياقوتي، يار چـوان،
ڦريـون، ڦوٽـو، ڦودنـو، ڦـل، ڦـاروو، گـل گلابـي، گلنـار چـوان،
گوگڙو، گـدرو، گوبـي، گازبـان، گجـر، گدامـري گـلزار چـوان،
گلقند، گوري، گجي، گندرف، گيهر، گيهي، گـُـگر گـار چـوان،
گندڪ، گوماندر، گيـدوڙو، گانجو، گهـُـبيت، گهوٽو گهار چوان،
ڳـڙ، ڳـاني، ڳنـيو، زنگـال، زوفـي، زَري، شـاهترو شمـار چـوان،
تـقلو. تــڪي، چوهارو، چپري، ڦيـڻ، ڦڪـي، عشبو آر چـوان،
پڳڙا، پيلاوڙو، پنـگ، پـُـرٽ، پتـر، پـَـچـُـٽي پـُـلڪار چوان،
پنگرو، پـَـتو، پٽپيـرون، پستو، پـُـست، پريـو، پـن پـار چـوان،
سيماب، ثعلـب، سـونف، سنيالو، سـتاوڙ، سـرمون ڏار چـوان،
سـهاڳو، سـنگترو، سـنکيو، سـاپا، سـتگلو، سـهنوار چـوان،
خطمـي، خبـازي، چٽـڪ، چنبيلـي، ڏوپ، ايلاچـي ڏار چـوان،
ريوندچينـي، ربســـوس، رتنجـوت، رســڪپور اظهـار چـوان،
زهر ڪـُـچلو، زُمـرُد، زهـر مـورو، تـُـرنج، تمـاڪي تـار چـوان،
زنگالا، زَرنـي، زَري، زهـر، زعفـران، زُوفـا، زنبـق، زنگـار چـوان،
سـون، سـهاڳو، سـونف، سـرهو، سـيمابي، سـهنوار چـــوان،
لطـف ڪجـاڻ تـون "لعلـــڻ" تـي، صـاحب رب سـتار چـوان.

(2)

ڪـــڪا! وچـي ڪـوڏ مـان، وٺـي اچ وڪـر،
ڪنـڍ، ڳـڙ نبـات، مـصري، پتاشـا، جوهـر،
ڪتل، ڪشـمش، ڪـارڪون، چونـرا، مـڱ، مٽر،
ڪجـور، پڳـڙا، ريوڙيـون، مــاکي ۽ گيهــر،
مـرچ، مصـالحو، مريـون، دالچينـي، جـافر،
ڪٽـڪ، ڪتيلـو، ڪـِـنڙو، اجـڙو، اسـپنگر،

(2) چيل اميدعلي لغاري جو. سوانح عمري لاءِ ڏسو حاشيه، ص 143.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لونـــگ، جيـــرو ۽ وڏف، ســـونف، صنوبـــر،
هيـڊ، هريـڙ، كـار، ڳـُـلي، سـائي تـوم، بـصر،
واوڙنــگ، تنــپ توٽيــون، ســوپاريون، ســنڌر،
يونـــان، پرســـان، گاوزبـــان، جرقـــل، نوشـــادر،
پـــان، پنيـــر، ميـــٿ، تيـــل، كٿـــوري خوشـــتر،
لــوڊ، رسـوڻ، چـوڙ، مينـدي، دال، ڳــُـگر،
گيهـــ، كاڇـــا، كوپـــرو، ڊاك، ڇٽـــا، چـــانور،
گدنـــا، گلقنـــد، گدامـــري، ميـــڙ، مجـــٿ، مـــر،
بســكوٽ، ڏاڙهـون، ســنا، كـانقل ۽ كيســر،
اٽنگـــڙي، ثعلـــب، موصلـــي، تالبخـــانو، تـــر،
صنـدل، ســـاڳ، مصطكـــي، لوبـــان، لونـــڊر،
هرتـــال، هيراكـــس، هرمـــڙو، اولاســـار، عطـــر،
هـــگڻ، هرڀـــو، گوگـــڙو، نيـــزا، نيلوفـــر،
تلســي، بــادام، پســتا، جــاڻ، توتيــو، تــر،
گــدرف، جيـــرو، ڇـــاڇرو، املـــداس، عنبـــر،
آيـــا ســـپ وكـــر، هيـــج منجهـــاران هـــٽ ڇـــا.

پـــر اجـــان وكـــر هـــٽ جـــو، وســـري ويـــم واپـــار،
تمـــاك، بـــاكس، بيڙيـــون، پـــوري نـــاس بهـــار،
سُـرهاڻ، سهاڳو، سُـنڊ، پـَـريو، شـنگرف شـاندار،
ڦوٽـــا، ڦودنـــو، ســـُـٽ، پشـــم، ليســـوڙا، ليـــار،
ايريـــو، عنـــاب، السـيي، زرشـــك، زنگـــار،
ڏوپ، زراونـــد، پـــان پـــاڙ، ســـنيالو ســـينگار،
ڳـــوڻ، مـــُـهرو، كاســـني، بنفشـــو بســـيار،
مـــُـستي، شـراب، شـورو، كـــُـڻ، جـــوَ ۽ انـــار،
كوئـــر، ڏوڏي، صـابڻ، ســُـتي، ٻـاجهري، جـوار،
ســرمون، ســوئيرو، كجـــل، جيـــري، جـــدوار،
چنـــك، چرياتـو، ترنـــج، گـــل سـهاڳ، ســـمرالفـار،
زهـــر كچلـــو، كـــُـچريون، كوكيـــن ۽ آچـــار،
"اميدعلـــي" ســـنيار، وكـــر پنهنجـــي وجـــود ۾.

(3)

ســــاراهيان ســـــچو ڌڻـــــي، صـــــاحب رب ســــتار،
منــڍ مڙيــن جـــو مصطفــيٰ، جـــو تـــــک لنگهـــائيندو تـــار،
ڏاتــــار تنهنجـــي ڏيهــــ ۾، ڪـــامل چڱـــي ڪـــار،
ســانگان ســيڪوئي ســُـڪيو، گهـــوٽ! گهرئيــن ئــي گهــار،
نظـــر ڪـــري نهـــار، بيهـــي منجهـــ بـــازار،
تہ ڳڙ ڳانا، ڳيهون، مکڻ، ميوو، ميها، مصري، جهجهي جال جوار،
چوئنــرو، چٽـــو، چيٽـــو، چيٽونـــي، مـــڱ موچـــاري ڪـــار،
ڪوڪـــڙ، ڪنگڻـــي، ڪـــاٽکي، منـــي مانهنـــ ملهـــار،
جوَ، جيرو، جاڻ، نمر، نيـر، پنيـر، نـاپو، نـانگلي، ناريهر نهـار،
ڪونجا، ڪارڪ، ڪنڊ، ڪرمچي، ڪپور، ڪچري، ڪوپرو پريان جي پار،
لونـــگ، لبـــاتي، جعفـــر، جرقـــل، نـــت نبـــاتن نهـــار،
سينڌر، سرمون، صابڻ، ساڪڻ، سَرهو، سُـنڊ، سوپاري سار،
الوچمـــڙو، الوبخـــارا، ڪمـــال پـــٽ، توتيـــو، تـــُـوت تنـــوار،
چوئـــو، چنـــدن، چاشـــني، چنبيلـــي، فـــرق قـُـــللين نهـــار،
ريجـــو، ريـــوڙي، رســـوَل، روپاهـــ روڳـــا ڪريـــو ڪمـــائي ڪـــار،
تـــــنجَ، ٻهيـــڙا، آنـــورا، هريـــڙ، ميـــٺ موچـــاري ڪـــار،
عـــاقر قرهـــو، ليمـــان، انـــب، ايلاچـــي، مـــر موچـــاري ڏار،
مهلو، ميٿي، مچٽ، ميندي، سوئا، پالڪ، چوکو سـپ سنيار،
پپـــر، پيـــرون، ڦودنـــو، ڦڪـــي، ڏاڙهـــون چڱـــي ڏار،
آهوبيـر، اهريـو، امـل، ايريـو، انجٽـي، سـنا، سـوئنف، سـنيار،
ســنبل، ســرخو، بهمـــن، بکـــرو، ڪتـــل، ڪيـــس نهـــار،
مغـــز، موصلـــي، تـــُـهي، تالبخـــالو، ڦڪـــي، ڦـــوڳ ڦلهـــار،
ڪمرڪس، ڪوتـــڪ، ڪنڙو، بـــادامي، ڀڳـڙو، ڪيســوڦل ڦـرار،
منـــي ڪـــٿ، ڪتيلـــو، ڪاســـني، ڪـــافور، پـــانهين پـــورو ڏار،
ڳـڳر، گومـــاندر، هريـــڙ، هرپـــو، هرمـــرو، ســـاٿر، سـيڻ ســـنيار،
اُنڪچـــور، ڳـــوڙ، گاؤزبـــان، صحتڪنـــدرو، مربـــو مـــاڳ موچـــار،
ڌوپ واس، لوبـــان، نوشـــادر، ڪتيلـــي ڪـــا ســـنيار،

(3) چيل حاجي حاميد خاصخيليءَ جو. سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو حاشيہ، ص 97.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ولڏاتورو، شاهُترو، زهر مهرو، جمال گهوٽو، ڪرياتو منجهن خميرو خمار،
عطر، عنبر، املداس، چاٺو، يعقوتي، خاڪو، تون جوهر جوڙ جنسار،
مشڪ، مائو، موتي، مرجان، تون سهسين ڏس سينگار،
ڳدو، ڪلٿوڙ، ڪانڊ، پيو گندرف، مهمائي منهن موچار،
چانهه، چموٽي، قلمي شورو، شنگرف، باڪس باهه بسيار،
مٺائي، مُستي، ماکي، مصري، موڪ مليدو، خوراڪ خوب خرار،
توشو، ٽڪي، لڏون، جليبي، ريوڙي، رس بسيار،
پڪوڙو پيچار، چاش چپن، پيڙو، بونديون باغ بهار،
مربا، ميسو، گيهر، ڪچوريون، گانٺيا، پتاتا بار،
ريال، رتنجوت، گوگرو، گاسليٽ، گلقند، وجي ڏس بيهي داٽا بازار،
موڙ، پيڙو، ڪَتو، چانهيو، سيلي سچو سالار،
ڏاک، ڏامڻ، آنورا، ڪجل ڪوڏ قرار،
ڳردل، ڪلٿوڙ، چانچرو، هرٽال حال هزار،
مهلب، مساڳ، چنڊ، چورو، چويچيني، چوڙ، ٻٽيهو سهانجو سارسنيار،
ناس، نيلوفر، نارنگي، ڦيڻ، ڏونگهين ڪديا ڏار،
تومر سري سائي، ڪيسر، ڦٽڪي، ٽڪي ڪاچ سنيار،
هڱ، هيراڪس، پُست، پواڙي، هُشبو حال هشيار،
ٽنجڪاڻي، پريم ڏنڊي، عاقل قرهو، چوڄلابي چوڏار،
واوَڙنگ، واپنبا، سورجاڻ، اُستو خدوس آتار،
روغن تلخ، تُهي، طالبخانو، محمودو موچار،
ڪاري جيري، گل بنفشو، ڏوڏي، ريول رس، ڏس عنابن آچار،
مستگيرومي، مٺي ڪاٺي، جٺوڪار جونجهار،
ڳجر، ڳاجرو، گوساٽو ۽ چوڪا چندن هار،
سوڊا، پِڙي، تاڏل، ڪڪڙو، برف، نموريون نهار،
ترسي، السي، ڪاچا، ليپ، لپري، ڏس اسپنگر جا آر،
سوپاريون، ڏاک، پڳڙا، بوهي مڱ، گدامڙي گينوار،
صندل، سفيدو، ڪيسر، مٺي ڪاٺي، مس، مِسي، چوڙ ڏس چوڏار،
گلاب پاٽي، قرمچي ڪاشڪ، مُوڙي مزيدار،
نبات، زعفران، بيضا، اطريفل، تپاشير، سنا، سرنهپتو سنيار،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زهـــر، زنـــگ، زرنـــي، پيرچـــو، ايلســـي وٽـــج واپـــار،
دارونءَ پـــَـــٽُ، پـــاٽلي شـــراب آهـــي، وزن جـــو ويچـــار،
چـرش، چنـدول، آفيـم، گـانجو، پنـگ جـوڳ، نشـو نـام نڪـار،
گجر، بصر، موري، مرچ، ڏاڻا، دالچيني، وڏف، ٿوٿا، هيڊ مصالحو موچار،
لـوڻ لاهـوري، منـائي، پٽاشـو، اسـپنگر، سـوڍا، صنـدل، ڪـار،
"حسامِيد" انهـيءَ احـوال جـو، تـون واري ڪـر ويچـار،
تـه ڳڻـي ڳڻنديـن ڪيتـرا، آهـن لکيـن لک هـزار،
پـوءِ ڪلمـون جـن قـرار، هونـدا سـي ايمـان سـان.

ول

1. وَل (ولين جا نالا): ڪانئل پيرون، هير، وڻ ويڙهي، بي پاڙي، چنبلي، ناڙو، گولاڙو.

2. وَل جو: وٽ، وڪڙ، تندو، رس، گـُل، ويڙهو، چڙهڻ، سـُڪڻ، تنبو، ڪدو، پن، ميهو، پـِتو، ونگو، گدرو، چيڙ، ڪرٽ، ٽڏو، پاٽي، چانهون، هنداڻو.

3. وَل جي: مـُرلي، ڳراهتي، چوٽي، تند، چانهين، توري، ميخ، تـُنبي، پاڙ.

ولايت

1. ولايت (ولايتن جا نالا): عربستان، آفريڪا، عراق، عرش عظيم، چين، روم، شام، ڪيچ، هرات، ارم، اورنگ آباد، مروبات، آخرون، بهشت، يونان، مصر، ڪربلا، قدوس، بيت المقدس، طوس.

وڻ

1. وڻ (وڻن جا نالا): جهـلَ، سـڻ، آمون، آڪ، تـانور، هيرڻ، سـرهل، سـرنهه، لاٽو، باوري، ڪنڊي، سوپاري، ڪيسن، پائر، چمون، ڪامون، ميندي، ڪندو، لئو، آسري لئو، رسـوَل، نيـٽ، سـاتار، تـار، ساڏور، ڪتـي، مـورو، راڙهـو، ڪيتڪي، توت، چار، ڪينجهو، جارو، ورهو، نم، ڪهيرو، سـُڪمرد، مروئـو، ليار، بيد، ڪنوارپوٽي.

2. وڻ جا: موڙَ، ڪپَ، پورَ، گوشا، مورَ، ڏنڊڻ، ڏار، پيرون، سگر، مـُچا، پاڇا، پاڇولا، پنَ، ڪيسَ، وڏَ، ٿارَ، گوشَ، ڏونرا، پڪا، ڏيلها، پلڙا، چـَها، ڪڪڙا، ڏڏڙا، ميوا، پالا، چـَها.

3. وڻ جو: سـُڪو، موريو، اُپريو، ڦـُٽو، لاهه، پور، چوڏو، ٿار، آڪارو، پڪو،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪچو، ڪوئر، ٻـور، مور، تـُـڙ پـتو، ڪندو، ڳـل، ڦـل، ٻج، ڳپ، جهونو، ٽـار، جوڙهو، جهڳٽو، سگر، پلڙو، ڪـپو، لـهـ، وڍيو، مـُچو، لـڪ، ڏنگو، سڌو، پن، ميوو، ڍليـاري، جاڙو. ڪپيو، سيلهه، پيلهه، چاڙهـو، چـهو، لڪڻ، ڏنـڊڻ، چابڪ، چوٽ، ڍنگهر، تڏو، ٻيجو، سائو، رس، گوش، اسريو، چانولو.

4. وڻ جون: چوٽيون، ڪامون، سوپاريون، پاڙون، لامون، ٽاريون، چانٺون.

5. وڻ جي: لاٽي، ٻـُسي، مـَڪ، سوپاري، چڙهي، ٽاري، اک، نموري، ڪـٽ، چانو، جهـول، جهـل، پاڙ، چانيءَ، تـڪي، لامَ، مـُکري، ٻاتي، لاک، ٻـوري، ڪـَل، ٽامر، ڏاري، چاتي، هـُڙي، جـُوهي، تلهڙ.

6. وڻ جا بيت *

(1)

ســاراهيان ســچو ڏڻــي، جــو صــاحب رب ســتار چــوان،
اکــروٽ، انــب، انجيــر، املــداس، اک، انــار چــوان،
آســري، ايريــال، آلوچمــڙو، آڏيــري، آگــر ڏار چــوان،
اسـڪاٽلي، انگـور، اڪـڙي، اڪـڙ، آنـورا، عـُـشبو ڏار چـوان،
ٻيـبد، ٻـانس، ٻهـڻ، ٻڪـڙو، ٻـادام، ٻـازي، ٻـڙ ڏار چـوان،
تـُـرنج، تـوت، تالمڪـاڙو، طوبـي، تـر تماشـو ڏار چـوان،
سهنوار، سجاتو، سـورج، سـنبل، سـڪمرد، سـنيالو ڏار چـوان،
سـاڳ، سوپاري، سـِٽي، سـالارو، صـوف، ســرنهه ڏار چـوان،
سوسـن، ســرهو، ســاٽر، ســـُٺانجڙو، سـنگتڙو، ڏار چــوان،
جمــال، جرقـبل، جــُـنگ جعفــر، هــگ، هيـرڻ ڏار چـوان،
ڪـارڙ، ڪيڙڪنـو، ڪنونبـڙو، ڪـارڪ، ڪجــي، ڪـاچو ڏار چـوان،
خــُـبازي، کهنبـڙو، ڪــپ، ڪسـي، ڪنـڙ ڪــُـليو ڏار چــوان،
ڏنبو درخت، ديـوي، ديـال، داڳيـو، زيتـون، زنگـي اسرار چـوان،
گوگـڙو، گدامــري، گوبــي، گــدڙي، گوننــو، گلابــي ڏار چــوان،
قاڙهـه، قــارُوهـو، قوتــو، قودنــو، قــوڳ قولاريــو ڏار چــوان،
گـرز، گـولاڙو، ڪـهـو، ڪنـدو، ڪــرڙ، ڪنـدي ڏار چـوان،
ڪامـُــون، ڪمــال پــٽ، ڪينــڪ، ڪنــولـي ڏار چــوان،
ڪـُــڙلو، ڪپــو، قنــداري، ڪشــمش، ڪــابولي ڏار چــوان،

[1] چيل لعلڻ خان لغاري جو. سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو حاشيه، ص 84.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لئي، لاٽو، لاسڙ، لَسو، ليسوڙو، لَيو، لَهـو ڏار چـوان،
لونگ، ليار، لُـلر، لالـي، ليمون، لوهيڙو ڏار چـوان،
ڪيس، ڪالر، ڪوڙو، ڪنگور، ڪنڙو، ڪيلو ڏار چـوان،
موئٽ، منجهاندڙو، مالتي، منڙي نارنگي، ناريل ڏار چـوان،
نم، نازبو، نيٽ، نِشان، نرگس، ناڙو ڏار چـوان،
مشڪ، موتيو، موسمي، مانجهلي، نيزا سي نروار چـوان،
ونئڻ، ووٽاني، واگڻ، وڻ ويڙهـي، پائر پٽون ڏار چـوان،
ٻُهڙ، ٻير، ٻبر، ٻٽالو، ٻُوهه، ٻوپَٽ، ٻاتلي ڏار چـوان،
پپر، پان، پڪو، پراٽو، پينبي، پڳو ڏار چـوان،
پنير، پال، ڪپوئي، ڪالر، نُنبو، ٻانڊڙ ڏار چـوان،
چار، چگر، چمون، چڪون، چنبيلي، چندن ڏار چـوان،
چـيل، چوڙ، چپو، چڪي، پيڻ، پوري ڏار چـوان،
توهَر، تلهو، تُڙ، تڏو، ساڳ، سنڌو سينگار چـوان،
اِڪڙ، ايريال، ڏاڙهون، ڏونگهي، سجاتو، سهنوار چـوان،
هَريڙ، هربو، ڪنڻ، خيرو، ڪونيٽ، ڪالر، ٻڙ بهار چـوان،
لطف ڪجاڻ تون ”لعلڻ“ چئي، صاحب رب ستار چـوان.

(2)

تنهنجا ميوا مون ڪي ڪين وٽن، ادا ڙي عمر!
جيئن تو وٽ نم، ناريل، نازبو، پيا سهٽا صنوبر،
تيئن اسان وٽ ڪانديرا، ڪندا، ڪرڙ تين ٻير، ٻبر،
جيئن تو وٽ ڪتل، ڪارڪون، ڪشمش، دارچيني، جافر،
تيئن اسان وٽ سڻ، سِرنهن، ساڏور تئي، لئي، لاٽو، توهر،
تو وٽ چانهن، چنڻ، چوبچيني، پُست، انگور، اگر،
اسان وٽ گرهو، گيدوڙي، گوار، تئي آڏيري اپر،
تو وٽ موتيا، گل گلاب جا، ڪن چٽائي چوڏر،
اسان وٽ مرچ، ڏاٽا، واگڻ تين، ڪن ڏاتورا ڏمچر،
املداس ”اميدعلي“ چوي، تو وٽ آمان تين اپر،
اسان وٽ سڪمرد، سئانجڙو، سِنجي ساڳ سڏر،

---

[2] چيل اميد علي لغاري جو. سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو حاشيه ص 143.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تـو وٽ سـورج، سـنبل سـونهن، تيـن بـادامين بحـر،
اسـان وٽ بـڙ، بـوهڙ، بهـڻ تئـي، سـاوا هيـرڻ، سـر،
تـو وٽ صنـدل، سـوپاري، صـوف تيـن، ليمـان، لوٽـڪ، ليـر،
اسـان وٽ ڄـار، ڄمـون، اڪ تيـن، پسـوهه، سـٽي، ٻونـگر،
تـو وٽ قـريون، قوتـا، قـاروا، ڏاڪ، زيتـون زبـر،
اسـان وٽ ڪـامون، ڪـهـو، ڪونيـٽ تيـن، ڳـاگيون ۽ ٿوهـر،
تـو وٽ سـونف، سـيتاقل، ڪاسـني، آبنـوس، اسـپنگر،
اسـان وٽ ڪـاريلا، ڪويـٽ، تيـن، سـاوا ونئـڻ سـبـر،
تـون وٽ پـان، پـاڙهون، شيشـم تئـي، چـيل، ديـالي دَر،
اسـان وٽ ڪـپ، ڪٻـڙ ۽ مـانجهلي، ٻـي مينـدي تئـي مـجر،
تـو وٽ زنگـي گـل، زردالـو، جرقـل، عنـاب تيـن اَپـر،
اسـان وٽ رتـاروڻ، ڏامـاهو تئـي، جيـرو ۽ سـاٿر،
تـو وٽ کهـي کـانو، کيتکـي، جـاءِ، ورهـہ مـورو ٻـاهر،
اسـان وٽ پيـرون تيـن پٽـن تـي، آڪـارا سـگر،
تـو وٽ ترنـج، توريـز تيـن، ڪـانهل، عڪـس اَگـر،
کري ڇاٽو ٻوهہ ٻونگر، اسان وٽ ايي ساوڪ سالاري سندي.

(3)

سـاراهيان سـچو ڌڻـي، جـو صـاحب رب سـتار چـوان،
اَنـار، اَهليـو، اَنبـڙي، اَڪـارو، اوٽ، اولـو ڏار چـوان،
اڪـڙوٽ، انگـور، اُپـو، اوڏ، آنـورا، آگـر ڏار چـوان،
ٻوڪـڙ، ٻـڪڙو، ٻنـد، ٻـارو، ٻـادام، توتـر، تلهـڙ ڏار چـوان،
سـگري، ساٿو، ساڪـڙ، سـونگڙي، سوئي، صفـائي ڏار چـوان،
سـاَڪ، سـري، ساڙ، سـکو، جوهـي، جـاڙا، جرقـل ڏار چـوان،
هـڙهي، هريـڙ، ڪنـو، ڪـارڪ، ڪـارڙ سـا ڪـت يـار چـوان،
روڙ، رڇـائي، گلـڙا، گومـاندر، گـز، گـوز، گوشـا ڏار چـوان،
قوتـو، قـاروهو، قـول، قريـون، قـلاريو، قـر ڏار چـوان،
کوکـڙ، کچـو، کپيـو، کيـر، کيرايـو، کـاتر ڏار چـوان،
ڪـتـل، ڪنـڊي، لاڙ، لامـون، ليـڙون، لـگ ڏار چـوان،

(3) چيل لعلڻ خان لغاري جو. سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو حاشيہ ص 84.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاڪُڙ، لئي، لوٽ، لڙيو، مُڇ، مينديءَ، مُنڊ ڏار چوان،
نيشان، نارنگي، ويڙهه، ولر، وَڏيو ڏار چوان،
پيلو، پچو، پور، ٻاتي، پيلهه، ٻوڪيو ڏار چوان،
ٻُهڙ، ٻِسانگ، پيجو، ٻوڙا، پلڙا، پاپڙ ڏار چوان،
پاڙ، پاسو، پالُر، پور، پورو، پَن ڏار چوان،
پڳو، پيور، پِلاوڙا، پاڪر، پَلا، نوڙها، ٿپ ڏار چوان،
ٽاڪُڙ، ٽارَي، ٽُڪيو، ٽُنٽو، ڍَنگر ڍار چوان،
چار، چارو، چڳ، چمون، جهُمٽا، جهُوڙا، جهنگل ڏار چوان،
موڙ، موئٽ، منگهه، مورو، مَچِر، ماڪي ڏار چوان،
چوڏا، چاٽو، چَڪي، چَلها، چُڳا، چانولا ڏار چوان،
گهاتا، گهيرا، گهُمرا، گهنيون، ٻانڏڙ، پيجا ڏار چوان،
چَهه، چولو، پاچو، پڪڙيل، پِتو، تُنبو تار چوان،
ڪَپا، ڪوئر، ڪوڙو، ڪاڏل، چِوڏي، ڏوڏي ڏار چوان،
اوڏ، آڏيري، چرهو، چُهاٽ، چُوهارو ڏار چوان،
اوٽ، اولو، گوئنچ، گيدُوڙو، ڪٺ، ڪار، قطار چوان،
ميوات، ميندي، مُڪري، مهلو، چانگيو، چَمَڪ ڏار چوان،
پاڙ، پُسي، پيرُون، پَڪو، ڏوئرو، ڏيلهو ڏار چوان،
چِنگا، چُلنگي، چانگيو، چَلَر، تارو، تاري، تار چوان،
چوٽِي، چَنبيل، ڪٽو، ڪارو، گُل، گُڏي، گُلزار چوان،
لطِف ڪجانءِ تون ”لعلڻ“ چئي، صاحب رب ستار چوان.

وهانءُ

1. وهانءَ جا: ڳيچ، ڳاچ، ڳيا، ڳيت، گل قل، موڙ، ويس، وڳا، رُساماڻ، مورا، کهنبا، ڏانديا، گولا، ڇنا، مَنَهن، مارڪا، ڳانٽا، ڏونڪا، باجا، چمڪا، دهل، ڇاڄي، سانگ، چوئنسا.

2. وهانءَ جو: نڪاح، شغل، گهوٽ، ٻَٽ، ٻهٽ، پوئو، سوڻ، ساٽ، مَنهُن، چنو، اکيو، ڳانو، سهرو، جاڳو، پلؤ، ڏانوڻ، ريتو، انهيرَ ڏينهن، موڙو، ناچ، مارڪو، تانر، اُوندَر، ڏيج، پلاند، رواج، سڌ، موقعو، ڇاڄي، ڪوٺو، پِڙو، سرگس، ڦڏو، پرچاءُ، ميڙ، ويلو، سيڌو سامان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

3. وشانءَ جون: لاٽئون، ٻِـٽون، گهورون، ڇيرون، ٻينون، ڳـاٽيون، نينـڍون، مبارڪون، واڌايون، دعوتون، گهڙيون، ٻجليون، ڪوٺون.
4. وهـانءَ جي: آس، اُميـد، خوشـي، ويـڏي، ڪنـوار، ڇـج، مينـدي، ٻـــٽَ، ڪوٺاري، گهـورَ، نينڊ، دعـوت، سَـاگهر، ڪـوٺ، مبـارڪ، واڌائـي، گهـڙي، نيڪيٽـي، رسائي، وهائي، ٻـُـڪي، ڍڪٽي، ڏونگهـي، ڪـارڪ، ڪـٽ، سـيج، لونگي، اجرڪ، لانءَ، ماني، نُـڪ، ديڳ، ڇرَ ٻني.

هـــاري

1. هاريءَ جو: هر، هارپو، وارو، ٻنو، قـرض، ليکو، جوڙو، سانئڻ، ڦار، ٻج، ميڙو، ڇونڊو.
2. هاريءَ جي: ٻني، پوک، ڪـوڏر، ڪهـاڙي، هـلر، جـوڳَ، ونگـار، ڪـاتي، اڳومت، ساڻِ، اوڙ، سيڄائي.

هــٿ

1. هٿ جو: ڏکو، ٺونشـو، هنيـو، ڏنـو، سخـي، ڇـُـوٽ، اشارو، ٺونگو، ڪپـو، سچو، ميرو، ڇنبو، ڇُـرون، ٻـُـڪ.
2. هٿ جي: ڇڪَ، تـري، آڱـر، مـُـڪ، ڇيـچ، ٻاچ، وچيـن، ليـڪَ، لپ، چپـٽي، تاڙي، هنئي، چپيٽ، چماٽ.

هٿيار

1. هٿيار (هٿيارن جا نالا): تير، ڪمان، گـز، بنـدوق، تمنچـو، گولـي، ڪـاتي، ڇري، ڪهاڙو، ڪهاڙي، ترار، توب، سـِـپر، ڍال، ڀالو، ٻٽـِـچي، سـاڌار، خنجـر، ڪٽاري، ٻاڻ، ڪمند، مـصري، ڪهيـڙو، نيزو، لـٺ، لوڙهـہ، لڪـڻ، نيـٽ، بيـد، ڇهبڪ، گرز، ڪان، بان، تير، ڪنو، شيخَ، دونالي، گهوباٽو، بانٺو.
2. هٿيار جو: ڇيرو، ميـاڻ، منيـو، ڪهـڻ، هنيـو، قربـان، تکـو، منـو، ڪٽيـو، ڪڙڪو، مٽڪو، سر.
3. هٿيار جي: ڪوٺي، ڏار، مـُـٺِ، نوڪَ، تکي، وهي، لڳي.

هــٽ

1. هـٽ جـو: ڏورو، وکـر، در، ڪليـو، پوريـو، آسـڻ، ڊِڪـو، دَخـلُ، اڳر، نوڪـر، ڀائيوار، مهاڳو، مـُـهاڙي، گراهڪ.
2. هٽ جي: مٺائي، آوت، ٻـُـڪي، اوڏر، گراهڪي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هـــڏو

1. هڏي جو: سنڌ، سنڌو، ڏند، ڊارو، چوڙو، پڳ، سچو، وڏڻ.
2. هڏي جي: نري، کيپراٽي، ڊڪٽي، پيڏي، مِک، وِهه.

هرلو

1. هرلي جو: چکر، ڦيرو، ميدان، ويساهون، پـٽو، چـُڙيو، وهيو، پانـڊو، پاڙچ، پـِڙ، اوپارو، لهوارو، پڙاڏو، تڏو، بُند، مکڙو، مـُهرو، ارو، کنڊاٽ.
2. هرلي جي: جوڳ، سرائي، نيسر، ڳاڏي، نـکَ، چکـر، آڏ، ارٽـي، لاٽ، کاچڻ، ڦرهي، ونگ، مالهه، کـِنگري، لوٽي، بـُندي، لٺ.

هڪل

1. هڪل (هڪل جا لفظ): کر، اڙي، او، اي، ها ها، هلا، هـُون هـُون، کلا ٽئي.
2. هڪل جو: سڏ، کڙڪو، دهمان، دڙڪو، واڪو، کـُوکريو، آواز، هوڪو، هـُلاچو.
3. هڪل جي: رڙِ، کوڪُ، ڪئي، تـِکي، ٻـُڏي، سُـئي، ٽي، پري، ويجهي.

هلڻ

1. هلڻ جو: سعيو، ارادو، پهه، ڊلو، تکڙو، موڳو، چوهو، تـِکو، ڊرو، سـهٺو، سٺو، پيِر، رند.
2. هلڻ جي: تياري، سنبت، وک، گام، ٽور، لوڏ، ٻانهن، رمز، چال، جهڙ، کـُڙي، ڊوڙ، پيچ، فلک.

هندو

1. هندو: مصر، عـامل، ديوان، برهمڻ، ويشـنو، ٻـُـڌ، سـک، واٽيـو، پيـل، مينگهـواڙ، کولهي، بـاگڙي، کوچڙو، سنياسي، جوڳـي، پنـڊت، گوسـائين، مرهٽو، راجپوت، مارواڙي، ماڙيچو، سوچي، موچي، پنگي.
2. هندوءَ جو (هندکو): رام، ليکو، حساب، واپار، هٽ، شـوالو، ٽکـاٽو، جٽيو، گـَـڏون، مندر، ڌرم، کريا کرم، اکو، مـارڳ، چونکـو، انگوچـو، لانگوٽو، انگرکو، پنت.

3. هندوءَ جي (هندڪي): وَهي، بندِي، هَــٽي، مڙهي، ڪُــٽيا، پوٽي، پوڇا، جاد، چوٽي، ڌوتي، پڳڙي.

هنڌ

1. هنڌ جو: وهاڻو، ويڙهيو، وڇايو، گاديلو، ٽوال، چن ڊيو، ڦوڪيو، ميرو، سبيو، سيج بند.
2. هنڌ جي: کٽ، ڇَپَر کٽ، چادر، طول، پٽراٽي، رلي، سوڙ، مهاري، ڇَهَـ، رضائي، کپھ، فراسي، صفائي، اڇائي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ياڳو ڀيو

سُرن وار ڳجهارتون

هن ڀاڱي ۾ جملي ڳجهارتون جداجدا ٻاٻن هيٺ ورڇي رکيون ويون آهن.. هرهڪ ڳجهارت 'ڏيٺي'، 'پيچٽي' ۽ 'پاون' سميت هيٺينءَ ترتيب موجب لکي ويئي آهي: پهريائين ڳجهارت جي 'ڏيٺي' نروار ڪري ان ۾ 'پاوا' چــٽا ڪيا ويا آهن، ان بعد پاوَن مان هرهڪ 'پائي' جي پيچٽي ۽ انهن پيچٽين مان نهندڙ لفظ ۽ انهن جون معنوي صورتون ڏنيون ويون آهن، ان ڪان پوءِ سڀني ڪيل ڳجهارتن يا سڀني پيچٽي ڏني ويئي آهي.

پهرئين باب ۾ قدرت جي ساراهه ۽ قدرت طرفان معجزن نبين، ولين ۽ درويشن بابت ڳجهارتون رکيون ويون آهن. اهي ڳجهارتون 'مٿين سُرن واريون' يا 'حقاني' جي عنوان سان مشهور آهن. ٻئي باب ۾ تاريخي واقعن متعلق ڳجهارتون ڏنل آهن. ٽئين باب ڪان پوءِ عشقيه قصن ۽ داستانن تي ٻڌل ڳجهارتون جداجدا ٻاٻن هيٺ ڏنيون ويون آهن. ان بعد رسالي جي سُرن، مجاز، سورهيائي، هدايت ۽ نصيحت واريون ڳجهارتون سلسليوار شامل ڪيون ويون آهن.

قدرت جي ساراهہ

باب پهريون

'متين سُرن' واريون يا 'حقاني' ڳجھارتون

[1]

ٻن نالن وچ ۾ **ڪاٺ** جي تئي ڪانہ ميان.

ٻہ نالا= هڪ عرش، ٻيو فرش. ڪاٺ جي= چاڙهي.

عرش فرش وچ ۾، چاڙهي تئي ڪانہ ميان.

[2]

تنهنجي **گهمئي** آءُ نہ پڇاڻ، جو تو **نالو** ڏين **نرنانءَ** ڪي.

گهمئي>گهمڻ=وڙڪڻ>وَڙڪيو>وڙ + ڪيو.

نالو= پِروز>روز. نرنان= خالق، خلق.

تنهنجي وَڙَ ڪئي آءُ نہ پڇان، جو تو روز ڏين خلق ڪي.

[3]

اها **پنهنجي** آهي **نرنانءَ** ڪي، جنهن **مال جن** ۾ **ڪاچ** وڌو.

پنهنجي= قدرت. نرنان= خاوند. مال جن=

ٿڻ>ٿڻن. ڪاچ= ڪير.

اها قدرت آهي خاوند ڪي، جنهن ٿڻن ۾ ڪير وڌو.

نـڪـتـ

[4]

ڪاٺ شهر جو نالو ٿيو، سو **جَـرَ جو** ٿيوئي ڪونہ.

ڪاٺ جو= ڪتبُ> قطب. شهر جو=

اوتارو>تارو. نالو=اِيريو>اُيريو. جر جو= لٿو.

قطب تارو اُيريو، سو لٿو ئي ڪونہ.

[5]

نالو پنهنجي جاءِ، **ڪاٺ راند جي** تنهن ڪي.

نالو= قطب. ڪاٺ جي= ڪٽ. راند جي=

قيري>قِـري.

قطب پنهنجي جاءِ، ڪَٽَ قِـري تنهن ڪي.

[6]

هڪ **نرنان نالي** مٿان، مون **ڪانيءَ جي** ڦرندي ڏٺي،
ٻي ٻہ **نرنان نالي** مٿان، مون **ڪانيءَ جي** ڦرندي ڏٺي،
ٽي **نار نالي** اڳيان، مون **ڪانيءَ جي** ڦرندي ڏٺي.

نرنان= قطب. نالو= تارو. ڪانيءَ جي= ڪَٽ.
نرنان= سمنڊ. نالو= دريا خان>درياءُ.
ڪانيءَ جي= ٻيڙي. نار= مسيت. نالو= دُرُو>
دَرو>در. ڪانيءَ جي= تسبيح.

هڪ قطب تاري مٿان مون ڪَٽ ڦرندي ڏٺي،
ٻي سمنڊ درياءُ مٿان مون ٻيڙي ڦرندي ڏٺي،
ٽي مسيت در اڳيان مون تسبيح ڦرندي ڏٺي.

[7]

جيئڏ سي ڄمار، **اَن جي** ڏٺي ڪانڪا.

جيئڏ= يَـٽُـون. اَن جي= ڪَـتي.
يَـٽُـونءَ سي ڄمار، ڪَـتي ڏٺي ڪانڪا.

[8]

جيت ڇٽي، الله! مون کي **مٽيءَ جي** ملاءِ.

جيت= وِڇون. مٽيءَ جي= ڪَـتي.
وڇون ڇٽي، الله! مون کي ڪَـتي مـِلاءِ.

عزازيل

[9]

نالي، **نالي** کي شهر نہ ڪيو، تڏهن **پوک جي** ٿي ويو.

نالو= عزازيل. نالو= آدم. شهر= جـِدو>سجدو.
پوک جي= ٽـَڙ>ٽڙجي.
عزازيل، آدم کي سجدو نہ ڪيو، تڏهن ٽڙجي ويو.

[10]

نرنان، **پوک ڪپڙ** جو ڪري، **مال جو** ٿي ويو.

نرنان= عزازيل. پوک جو= تڪ + ڪپڙ جو=
بر>تڪبر. مال جو= ٽڙيو>ٽڙجي.
عزازيل، تڪبر ڪري ٽڙجي ويو.

[11]

مرد نالي ساز هو، ڪپڙي جو ڪيائين تہ نرنان تي پيو.

مرد نالي= عزي + ساز= زيل. ڪپڙي جو=

بر>تڪبر. نرنان= شيطان.

عزازيل هو، تڪبر ڪيائين تہ شيطان تي پيو.

اسرافيل

[12]

نرنان، ذات ڪنئي، پر پنھنجي تہ نہ.

نرنان= اسرافيل. ذات= نفيل. پنھنجي= ڦُوڪ> ڦوڪي.

اسرافيل نفيل ڪنئي، پر ڦوڪي تہ نہ.

عزرائيل

[13]

ولايت- ٿون آيو نالو، جنھن اچي پوڪ جي ڪئي.

ولايت= عرش. نالو= عزرائيل. پوڪ جي= ڳھُٽ.

عرشئون آيو عزرائيل، جنھن اچي ڳھُٽ ڪئي.

حضرت آدم عليہ السلام

[14]

نالو ۽ نارنان، پوڪ، ان ۽ سٽ جي ڪري، شھر مان ذات تي ويا.

نالو= آدم. نارنان= حوا. پوڪ= ڪٽڪ.

اَن (جو)= داڻو. سٽ جي= ڪاھي>ڪائي.

شھر= بھشت. ذات= لوڏي>لوڏجي.

آدم ۽ حوا ڪٽڪ جو داڻو ڪائي، بھشت مان لوڏجي ويا.

[15]

نرنان، ملڪ تي علم جي ڪئي،

نرنان، نالو ڪري حاڪم جي ڏني.

نرنان= حضرت آدم. ملڪ= عرفات. علم جي= توبہ.

نرنان= قادر. نالو= قبول. حاڪم جي= معافي.

حضرت آدم عرفات تي توبہ ڪئي،

قـــادر قبول ڪـــري، معافي ڏني.

هابيل ۽ قابيل

[16]

نالو ۽ نرنان، شهرٿون اڳي هٿا.

نالو= هابيل. نرنان= قابيل. شهر= سال.

هابيل ۽ قابيل، (ڪئين) سال اڳي هٿا.

حضرت نوح عليه السلام

[17]

ڪاٺ، نالي ذاتؒ جي، نرنان، جرجن مان عورت ڪئي.

ڪاٺ جي= ڪشتي. نالو= نوح. ذات= نبي.

نرنان= قادر. جرجـِن= لهرين. عورت= بچائي.

ڪشتي، نوحؑ نبيءَ جي، قادر لهرين مان بچائي.

[18]

نالي هينئن ذات، نرنان قابو ڪئي.

نالو= ڦوٽو. ذات= ريدار. نرنان= قادر.

ڦوٽي هينئن ريدارِ قادر قابو ڪئي.

هاروت ۽ ماروت

[19]

نالو ۽ نرنان، ٻئي ولايت ويا.

نالو= هاروت. نرنان= ماروت. ولايت= **ڪنعان.**

هاروت ۽ ماروت، ٻئي ڪنعان ويا.

[20]

نالو ۽ نرنان، ڪپڙي جي ڪيئن ذات ٿيا؟

نالو= هاروت. نرنان= ماروت. ڪپڙيِ جي=

اُبت>اُبتا. ذات= تنگوڙي>تنگيا ڙي.

هاروت ۽ ماروت، اُبتا ڪيئن تنگيا ڙي؟

حضرت ابراهيم عليه السلام

[21]

نرنان گهڙيو جهنگ ۾، نار کي نرنان لڳو.

نرنان= حضرت ابراهيم. جهنگ= آڙاهہ. نار=

بيبي ساران. نرنان= نورنگ>نئون + رنگ.

حضرت ابراهيم گهڙيو آڙاهہ ۾، بيبي ساران کي نئون رنگ لڳو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[22]

نرنان ڪي **پنھنجو** آيو، تہ اُتي **نار نالي** ڪر.

نرنان= خليل. پنھنجو= آواز. نار نالي= قرباني.

خليل ڪي آواز آيو، تہ اُتي قرباني ڪر.

[23]

اي **نالا**! ڪر **پکي جو، نالي** ڪي تہ **ذات** تئين.

نالو= ابراھيم. پکي جو= ڪُھڻ>ڪُھہ.

نالو= اسماعيل. ذات= ڪسر>ڪٹر.

اي ابراھيم! ڪُھہ اسماعيل ڪي تہ ڪٹر تئين.

[24]

نالي ۽ **نرنان** ڪي، **نماز جيءَ** ۾ اچي **ڪاٺ جو** ڏنائون.

نالو= ابراھيم + نرنان= خليل. نماز جي= تڪبير.

ڪاٺ جو= دُنبو (پيچر).

ابراھيم خليل کي تڪبير ۾ اچي دنبو ڏنائون.

حضرت يوسف عليہ السلام ۽ بيبي زليخا

[25]

نالي ۽ **نرنان** ڪي، **پنھنجن تڙ** ۾ **ڪاچ جو** ڪيو،

پوءِ وجي **شھر** ۾ **عيبدار** ٿيو، جو **نار نان مال جو** ڪيو.

نالو= حضرت + نرنان= يوسف. پنھنجن= ڀائرن.

تڙ= کوھہ. ڪاچ جو= وڏيو>وِڌو. شھر= مصر.

عيبدار= ڪاٹو>وڪاٹو. نارنان= بيبي زليخا.

مال جو= خريدڻ>خريد.

حضرت يوسف کي، ڀائرن کوھہ ۾ وڌو،

پوءِ وجي مصر ۾ وڪاٹو، بيبي زليخا خريد ڪيو.

[26]

پکي ڏٺم، ڙي جيڏيون! تہ **نرنان، ولايت** ۾ آيو.

پکي= سرخاب>اسر + خواب. نرنان= يوسف.

ولايت = مصر.

اسُر خواب ڏٺم، ڙي جيڏيون! تہ يوسف مصر ۾ آيو.

[27]

نارنالي! پنهنجي ۾ **نرنان،** ڏنو هوءِ، تہ **پنهنجو** ڪرين ها.

نار نالو= زليخا. پنهنجو= خواب. نرنان= يوسف.

پنهنجو= هوش.

زليخا! خواب ۾ يوسف ڏنو هوءِ، تہ هوش ڪرين ها.

[28]

نار، نالي ڪاڻ، **متيءَ جي** تي پيئي.

نار= زليخا. نالو= يوسف. متيءَ جي= چَري.

زليخا، يوسف ڪاڻ، چري تي پيئي.

[29]

ڪامڻ، نرنان ڪي، **متيءَ جي** ۾ **ڪپڙي جو** ڏنو.

ڪامڻ= زليخا. نرنان= يوسف. متيءَ جي= ڪوٺي.

ڪپڙي جو= چاڪ.

زليخا، يوسف کي ڪوٺيءَ ۾ چاڪ ڏنو.

[30]

پنهنجي تہ **پنهنجو، پنهنجو نرنانءَ** جو هو،

پنهنجي= سنگهہ>سُنگهان. پنهنجو= سُرهو.

پنهنجو= پگهر. نرنان= يوسف.

سُنگهان تہ سُرهو، پگهر يوسف جو هو.

حضرت موسيٰ عليہ السلام

[31]

نالي تنهن نرنان ڪي، **پڪي جو، فقير جيءَ** تي **ولايت** مان **نالي ٻولي** ايندو هو.

نالو= موسيٰ. نرنان= دوست خدا. پڪيءَ جو= تور>طور + فقير جي=

سين>سينا= طور سينا. ولايت= الست. نالو= هاتف>هاتفي. ٻولي=آواز.

موسيٰ دوست خدا جي کي، طور سينا تي الست مان هاتفي آواز ايندو هو.

[32]

نرنـــان نـــالي جـــو پڪـــيءَ جـــي وڪر تي،

باهہ نالي، جو ڏسي، **ذات ڪاٺ جو** تي ويو.

نرنان= حضرت موسيٰ. نالو= دوست خدا.

پڪيءَ جو= تُور>طور +وڪر=سَنا>سينا=

طُور سينا . باهہ جو= تجلو. نالو= نور. ذات= فنا .

ڪاٺ جو= لاھ<في الله.

حضرت موسيٰ دوٌست خدا جو طورسينا تي،

تجلو نُـور جـــو ڏسي، فنا في الله تي ويـــو.

[33]

نرنالي متي پوڪ جي، ڪپڙي جي ڏني.

نالو= موسيٰ. پوڪ= توريو<تُـور<طور.

ڪپڙي جي= جهلي<تجلي.

موسيٰ متي طور جي تجلي ڏني.

[34]

نرنانءَ ڪي مرض ڏسي مال جو تيو، جو ولايت ۾ ويو.

نرنان= قارون. مرض= گنج. مال جو= مَـئو.

ولايت= تحت الثريٰ.

قارون کي گنج ڏسي مئو تيو، جو تحت الثريٰ ۾ ويو.

حضرت خضر عليہ السلام

[35]

نالي ۽ نرنان ڪي جر جون ڏنائين.

نالو=خواجہ +نرنان= خضر. جَـرَ جون= موجون.

خواجہ خضر کِي موجون ڏنائين.

[36]

نالي ۽ نرنان ڪي، پنهنجي پويئي ڪانہ.

نالو= خواجہ + نرنان= خضر. پنهنجي= ڪرَ.

خواجہ خضر کي ڪَـرَ پويئي ڪانہ.

[37]

اي نالي نرنان! ڪاٺ جو پريو **ڪپڙو** ڪرين.

نالو= خواجہ + نرنان= خضر. ڪاٺ جو= ٻيڙو<

ٻيڙا . ڪپڙو= غرقي<غرق.

اي خواجہ خضر! ٻيڙا پريو غرق ڪرين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حضرت دائود ۽ شداد

[38]

نرنان كي **جيت** نہ لڳي ها، تہ **نارنالي** ڏسي ها.

نرنان= شداد. جيت= ڪاريھر. نار نالي= جنت.

شداد كي ڪاريھر نانگ نہ ڪائي ها، تہ جنت ڏسي ها.

حضرت دائود ۽ بخت نصر

[39]

نرنان، شهر ۾ وجي، **ذات** سان **قرآن جا** ڪيا.

نرنان= بخت نصر. شهر= بيت المقدس. ذات=

بني اسرائيل. قرآن جا= مثقال.

بخت نصر بيت المقدس ۾ وجي، بني اسرائيلن سان مثقال (وعدا) ڪيا.

حضرت سڪندر ذوالقرنين عليہ السلام

[40]

نالي، ذات آٿائي، سا **ڪاٺ** تي پيئي.

نالو= سڪندر. ذات= سامٿيا>سا +مِـٽي.

ڪاٺ=پڙاٽي>ڪيپراٽي.

سڪندر، مٽي آٿائي سا ڪيپراٽي تي پيئي.

حضرت يونس عليہ السلام

[41]

نالي نرنان كي مڃي جھنگ جو.

نالو=حضرت +نرنان= يونس. مڃي= آسا.

جھنگ= ڳِـتو.

حضرت يونس كي آسا (مڃيءَ) ڳِـتو.

حضرت سليمان عليہ السلام

[42]

نالي نرنان اڇيَ **شهر** جوَ پيڙو ٿيو، **ذات** وارن اڇي **پنھنجو** ڪيو.

نالو= حضرت +نرنان= سليمان. شهر جو= تخت. ذات=

ديوَ پريون. پنھنجو= سلام.

حضرت سليمان اڇي تخت پيڙو ٿيو، تہ ديون پرين اڇي سلام ڪيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حضرت زڪريا عليہ السلام

[43]

نالي نرنان تي اوزار جر جو، تڏهن بہ شهر ٿيو.

نالي= حضرت +نرنان=زڪريا. اوزار= ڪرت.

جر جو= وهيو>وُڙهو. شهر= آراضي>راضي.

حضرت زڪريا تي ڪرت وُڙهو، تڏهن بہ راضي ٿيو.

حضرت لقمان

[44]

نالي ۽ نرنان، پنهنجي ۾ ڪو جر جو ڏنو.

نالو= لقمان + نرنان= حڪيم. پنهنجي= ڪوپري.

جر جو=ڏيڏر.

لقمان حڪيم، ڪوپريءَ ۾ ڪو ڏيڏر ڏٺو.

حضرت محمد ﷺ

[45]

جڏهن نرنان جو نالو پيدا ٿيو، تڏهن ذات هئائي ڪونہ.

نرنان= رسول الله. نالو= نورو>نور.

ذات= مَلڪ>ملائڪ.

جڏهن رسول الله جو نور پيدا ٿيو، تڏهن ملائڪ هئائي ڪونہ.

[46]

نالي نرنان جو، ڪاٺ جو اڪ جي ۾، ڪيئن ڪپڙو هو.

نالو= نورو>نور. نرنان= نبي ﷺ. ڪاٺ جو=

ڪتب= قطب + اڪ جو= تارو= قطب تارو.

ڪپڙو= شال>سال.

نور نبي ﷺ جو قطب تاري ۾ ڪئين سال هو.

[47]

جيڪو رڇ مان پيدا ٿيو، سو آهي نالو وڪر جو.

رڇ=تنور>نور. نالو= مرسل. وڪر= جاڻ>جهان.

جيڪو نور مان پيدا ٿيو، سو آهي مرسل جهان جو.

[48]

جڏهن نرنان شهر ۾ پوک جو، تڏهن ليڪي جا رڇ باھ ٿيا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نرنان= محمد ﷺ. شهر= مڪو. پوڪ جو=
ڄائو. ليکي جا= چوڏهن.رچ= طباخ>طباق>
طبق. باهہ= روشن.
جڏهن محمد ﷺ مڪي ۾ ڄائو، تڏهن چوڏهن ئي طبق روشن ٿيا.

[49]

جڏهن نرنان پيدا ٿيو، تڏهن **ذاتين** جا **عضوا ڪاني ڪاغذ** جا ٿيا.
نرنان= محمد رسول. ذاتين = ڪافرن. عضوا= بُتَ.
ڪاني= پڳي>پڇي. ڪاغذ جا = پرزا.
جڏهن محمد رسول پيدا ٿيو، تڏهن ڪافرن جا بت پڇي پرزا ٿيا.

[50]

جڏهن نر نالو آيو، تڏهن **ذات نار نالي** اُتي **اَن جي** ڏني.
نر نالو= محمد. ذات= دايا>دائي + نار نالي=
حليمان. اَن جي= واڌائي.
جڏهن محمد ﷺ ڄائو، تڏهن دائي حليمان اُتي واڌائي ڏني.

[51]

جڏهن وڻ جو پيدا ٿيو، تڏهن **اَن جي** لٿي عام تان.
وڻ جو= رس>رسول. ان جي= ڪاهي>اوڪائي.
جڏهن.رسول پيدا ٿيو، تڏهن اوڪائي لٿي عام تان.

[52]

شهر ڏي ڪيم **مال جي**، تہ **نرنان** پيو **باهہ جا ڪري**.
شهر= مڪو. مال جي= مُهاڙ. نرنان= نورو>
نور. باهہ جا= تجلا.
مڪي ڏي ڪيم مُهاڙ، تہ نور پيو تجلا ڪري.

[53]

شهر ۽ ولايت ۾، **نرنان** ٿو سُجهي.
شهر= مڪو. ولايت= مدينو. نرنان= محمد ﷺ.
مڪي ۽ مديني ۾، محمد ﷺ ٿو سُجهي.

[54]

نالي تنهن **نرنان** کي، **ليکي علم** جون سُٽايون،
تڏهن بہ **نرنان نالي** تي نہ آيو.

نالو= محمدﷺ. نرنان= ابوجهل. ليکي= هزارين.
علم جون= حديثون. نرنان= ابوجهل. نالو=
سلام<اسلام.
حضرت محمد ﷺ، ابوجهل کي هزارين حديثون سٽايون،
تڏهن بہ ابوجهل اسلام تي نہ آيو.

[55]

نرنانِ چيو **نرنان** کي، تہ **ولايت** هلنداسون.
نرنان= جبرائيل. نرنان= محمدﷺ. ولايت= معراج.
جبرائيل چيو محمد ﷺ کي، تہ معراج هلنداسون.

[56]

تاج جي رات هئي، **جانورن** ۾ لات هئي، **نرنان** تي **ولايت** ويو.
تاج جي= وڏائي<وڏي. جانورن= مرگهن (هرڻن).
نرنان= حضرت محمد ﷺ. ولايت = معراج.
وڏي رات هئي، مِرگهن ۾ لات هئي، محمد ﷺ تي معراج ويو.

[57]

جڏهن **نرنان، نالي** کي **نالي** گهرايو،
تڏهن **نالي** کي **نالو** کيائين.
نرنان= الله تعاليٰ. نالو= محمد. نالو=
مورچ<معراج. نالو= عرش. نالو= عظيم.
جڏهن الله تعالي، محمد ﷺ کي معراج گهرايو،
تڏهن عرش کي عظيم کيائين.

[58]

جڏهن **نرنان** تي **نالو** کيو، تڏهن **نالو** ٽيو **نرنائن** ۾.
نرنانءَ= محمد ﷺ. نالو= مورچ<معراج.
نالو= عيدو<عيدون. نرنائن= عرشن.
جڏهن محمد ﷺ تي معراج کيو، تڏهن عيدون ٽيون عرشن ۾.

[59]

پڇو **نالي** ۾ **نرنان** کان، تہ کيڏي هئي **نار نالي نرنان** جي.
نالو= عرش + نرنان= عظيم. نار نالي= عزت.
نرنان= رسول الله.
پڇو عرش عظيم کان، کيڏي هئي عزت رسول الله جي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[60]

نرنان، ولايت ۾ ڪي گهوڙي جا هو.

نرنان= محمدﷺ. ولايت= معراج. گهوڙي جا= سال.

محمد ﷺ، معراج ۾ ڪي سال هو.

[61]

عورت نالي تہ پاڻيءَ جو چاڙهيو، نالي پر نالو ئي نہ.

عورت نالي= ڪينا. پاڻيءَ جو= ڪُن>ڪُنو.

نالو= راڌو>رڌو.

ڪينا تہ ڪُنو چاڙهيو، پر رڌوئي نہ.

[62]

نرنان پئي حاڪيماڻي ڪئي، مال عضوي جي ڪاڻ.

نرنان= عڪاس. حاڪيماڻي= دعويٰ. مال جي=

مهر. عضوي جي= چُمي>چمڻ.

عڪاس پئي دعويٰ ڪئي، مُهر نبوت جي چمڻ ڪاڻ.

[63]

نرنان پنهنجيءَ سان، حاڪم جي ڏني.

نرنان= عڪاس. پنهنجي= حرفت. حاڪم جي=

مهر (نبوت).

عڪاس حرفت سان مهر نبوت ڏني.

[64]

نار هئي نرنان جي، نر نالي ڏسي پنهنجون ڏنيون.

نار= مِهر>مُهر. نرنان= محمدﷺ. نر نالو=

عڪاس. پنهنجون= چميون.

مُهر هئي محمد ﷺ جي، عڪاس ڏسي چميون ڏنيون.

[65]

ڏِس فاقيري نرنانءَ جي، جو نار لاءِ نرنان ڪئي،

حاڪم جي ڪندو ويو.

فاقيري= پاجهہ. نرنان= محمدﷺ. نار= آمنت>

اُمت. نرنان= عزرائيل. حاڪم جي= پارت.

ڏس پاجهہ محمد ﷺ جي، جو اُمت لاءِ،

عزرائيل کي پارت ڪندو ويو.

[66]

ڪپڙي ۾ ڪاٺ جو، ٻئي مرد متان.

ڪپڙي جو= چؤسو>چؤسا>چيو + اسان.

ڪاٺ جو= قلم>ڪلمون. مرد= محمد.

چئو سو ڪلمون محمد ﷺ متان.

[67]

ولايت ۾ نرنان ايندو، جو اچي حاڪم جي ڪرائيندو.

ولايت= محشر. نرنان= محمد ﷺ.

حاڪم جي= معافي.

محشر ۾ محمدﷺ ايندو، جو اچي معافي ڪرائيندو.

[68]

ذات ڪي زحمت لڳي، نرنانءَ تي شهر جي ڪئي.

ذات= مانڪ>مون ڪي. زحمت= ماندڪائي.

نرنان= محمدﷺ. شهر جي = ماڙي>ماڙ.

مون ڪي ماندڪائي لڳي، محمد اچي ماڙ ڪئي.

[69]

پڙهه علم ذات تي، تہ فقير جو ٿيئي.

علم جي= صلوات. ذات= سروري>سرور.

فقير جو= ثواب.

پڙهہ صلوات سرور تي تہ ثواب ٿيئي.

[70]

نالي ۾ ٻــن نانون جـــي، لوهہ جـــي ٿينديـاس،
نار نالي نرنانءُ چوي، پڪي مـئي جو پيئنديـاس،
اتاهــون **لوهہ جــا** ونديــاس، جتي عالم آسرو.

نالو= سهٽو. ٻہ نانوَ= هڪ مرسل ٻيو مير. لوهہ
جي= گولي. نار نالي= رحمت. نرنان= رمضان،
پڪيءَ جو= پر>پُر + مئي جو= پيالو>پيالا.
لوهہ جا= وَٽ.

ســهٽي مرسـل ميــر جـــي، گولـــي آن ٿينديـــاس،
رحمت مـان "رمضـان" چوي، پيـالا پـــُر پينديـاس،
اتـــاهون وٽَ ونديـــاس، جتـــي عـــالم آســـرو.

[71]

نالـــو تـــي **نرنان، مـــرض** اتـــم تنهنجو.

نالو= مدد. نرنان= مصطفيٰ. مرض= ڏي.

مـــدد تـــيءَ مصطفيٰ، ڏي اتـــم تنهنجو.

[72]

الله ڪج **نالو** مون ڪي، **شهر** جي **نرنانءَ** جو.

نالو= پانڌي. شهر= مڪو. نالو= محمد.

الله ڪج پانڌي مون ڪي، مڪي جي محمدﷺ جو.

[73]

مٽيو آهي جيڏيون! **ڪاٺ جو نرنان** ڏي.

مٽيو = دل پاڪ. ڪاٺ جو = سل > مرسل.

نرنان= محمد ﷺ.

دل پاڪ آهي جيڏيون! مرسل محمد ڏي.

[74]

مال جي، نرنان جي مون ڪي **نالو** ڏيڪاري.

مال جي= ماٽڪي. نرنان= محمد ﷺ. نالو= ڏاتر.

ماٽڪي محمد ﷺ جي، مون ڪي ڏاتر ڏيڪاري.

[75]

شهر ڇڏي **شهر** ۾، وڃي **مال جي** ڏنائون.

شهر= مڪو. شهر= مدينو. مال جي= ماٽڪي.

مڪو ڇڏي، مديني ۾ وڃي ماٽڪي ڏنائون.

[76]

شـــهر منجهـــ وينديـــاس، وڃـــي **نارنـــان** ٽينديـــاس،

مال نرنانءَ نالي جي، **عضون** سين **ٻار جي** ڪندياس.

شهر= مدينو. نارنان= حاجاٽي. مال= ماٽڪي.

نرنان= محمدﷺ. نالي= مير. عضون= چشمن.

ٻار جي= چمي.

مدينـــي منجهـــ وينديـــاس، وڃـــي حاجـــاٽي ٽينديـــاس،

مـــاٽڪي محمـــد ميـــر جـــي، چشـــمن ســـين چمنديـــاس.

[77]

جڏهن جبل ڏنو هئي، تڏهن **ڪپڙي** جو پڏين ها.

جبل= لم لم. ڪپڙي جو= احرام.

جڏهن لم لم ڏنو هئي، تڏهن احرام پڏين ها.

[78]

شهرئون نڪتي **شهر** ويئي، **نالو** ڏسي موٽي آئي.

شهر= مڪو. شهر= مدينو. نالو= محمدﷺ.

مڪي مان نڪتي، مديني ويئي، محمدﷺ ڏسي موٽي آئي.

[79]

نـــالا گـڏيا **نـــالن** ڪـــي، وجـــي **نـــالو** ڏنـــائون،

پنهنجـــو مجيـــائون، **مـــڙد** مڙئـــي **نـــالا** تيـــا.

نالا= حاجي. نالا=حاجي>حاجين. نالو= رضا>

روضو. پنهنجو= مرشد. مڙد= حق. نالو= حاصل.

حـــاجي گـڏيا حـــاجين ڪـــي، وجـــي روضـــو ڏنـــائون،

مرشـــد مجيـــائون، حـــق مڙئـــي حـــاصل تيـــا.

حضرت علي ڪرم الله وجه

[80]

نالي جي مال جيءَ سان، **پوڪ جيٰ** تي ويا.

نالو= حيدر. مال جي= هڪل. پوڪ جي=

ڏيڏڪي>ڏيهہ + ڏڪي.

حيدر جي هڪل سان، ڏيهہ ڏڪي تي ويا.

[81]

ذات نـــــالي جهـــــڙو تيوئـــــي ڪونـــــہ،

جنهـــن ڪـــان **فقيـــر ســـاز** جـــو ويـــو ڪونـــہ ميـــان!

ذات= سخي. نالو= علي. فقير= سوالي. ساز= خالي.

ســـــخي علـــــي جهـــــڙو تيوئـــــي ڪونـــــہ،

جنهـــن ڪـــان ســـوالي خـــالي ويـــو ڪونـــہ ميـــان!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[82]

ڪاٺ جو نرنان جو، نالو وڻ جو ڪندو هو.

ڪاٺ جو= هندورو. نرنان= امام حسين. نالو=

جبرائيل. وڻ جو= جهولو>جهوليندو.

هندورو امام حسين جو، جبرائيل جهوليندو هو.

[83]

پنهنجا، نارنان جا، وڻ جي نالو ٿيا.

پنهنجا= پٽ. نارنان= خاتونِ جنت. وڻ جي=

ڇاٺپ>ڇاپندي. نالو= چام.

پُٽَ، خاتونِ جنت جا، ڇاپندي چام ٿيا.

[84]

نالي ۽ نرنانءَ ڪي، نارنان ٿي وڻ جا ڏنا.

نالو= امام حسن. نرنان= امام حسين. نارنان=

بيبي فاطمہ. وڻ جا= لاٺا>اولاٺا.

امام حسن ۽ حسين ڪي، بيبي فاطمہ ٿي اولاٺا ڏنا.

[85]

پنهنجا، پير ڪپڙ جي ذات جا نالا ٿيا،

سي نارنان ڪي ڳهہ جو ڪري ويا.

پنهنجا= پٽ. پير= پاڪ + ڪپڙ جي= دامن>

پاڪدامن. ذات= سوريا>سورهيہ. نالا= ساماٺا.

نارنان= آمنت>اُمت. ڳهہ جو= اُجار.

پٽ پاڪدامن جا سورهيہ ساماٺا، سي اُمت ڪي اُجاري ويا.

[86]

نالي ۽ نرنان جي، ڪا جاءِ ڪاني ڙي!

نالو= حسن. نالو= حسين. جاءِ= عرش.

ڪاني= آڏي.

حسن ۽ حسين جي، ڪا عرشئون آڏي ڙي!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[87]

نرنان ولايت ويو، نارنالي ڪٽي عضوو ڪيو.

نرنان= حسين. ولايت= ڪربلا. نارنالي= حور.

عضوو= هنج.

امام حسين ڪربلا ويو، جنهن کي حورن ڪٽي هنج ۾ ڪيو.

[88]

جڏهن شهر ۾ چمر جو ٿيو، تڏهن عورتن ڳهہ مال جا ڪيا،
جر جن ۾ ماٿهوءَ جون پيون، ذات مُلڪ ويا.

شهر= ڪربلا. چمر جو= ڪوس. عورتن= حورن.

ڳهہ جا= هار. مال جا= چنا>چنا. جر جا=

ين>اُين. ماٿهو جون= اوچنگارون. ذات=

اوڏڪي>او + ڏکي. مُلڪ= ڏيهہ.

جڏهن ڪربلا ۾ ڪوس ٿيو، تڏهن حورن هار چنا،
اُين اوچنگارون پيون، او! ڏکي ڏيهہ ويا.

[89]

پاٽي جيڏ ۾ جيڏيون! ذاتين نالا مال جا.

پاٽيءَ جي= ڪرَ. جيڏ= بلا>ڪربلا.

ذات= ڪوفي>ڪوفين. نالا= امام. مال جا= ڪُٺا.

ڪربلا ۾ جيڏيون! ڪوفين امام ڪُٺا.

[90]

نرنانءَ کي لوهہ جن ڪاٺ جو ڪري ڇڏيو،
تڏهن بہ شهر گهوڙي جي ۾، نالو مال جوئي ڪين.

نرنان= امام حسين. لوهہ جن= تيرن. ڪاٺ جو=

تريجو>تريجي. شهر= ڪربلا. گهوڙي جو= ميدان.

نالو= ڪوڏڻ>ڪوڏيو. مال جو= ڪٽڪيو.

امام حسين کي تيرن تريجي ڇڏيو،
تڏهن بہ ڪربلا ميدان ۾، ڪوڏيو ڪٽڪيوئي ڪين.

[91]

جڏهن نرنان شهر ۾ پڪي ٿيو، تڏهن ذاتين بيني ڪاڄ جا ڪيا.

نرنان= امام حسين. شهر= ڪربلا. پڪي= شهيد.

ذاتيون= مَلڪ>ملائڪ. ڪاڄ جا= طعام>ماتام.

جڏهن امام حسين ڪربلا ۾ شهيد ٿيو،

تڏهن ملائڪن بيٺي ماتام ڪيا.

[92]

نرنان ولايت ويو، وري راند جو نہ.

نرنان= امام حسين. ولايت= ڪربلا. راند جو=

موٽو (جُڳ)> موٽيو.

امام حسين ڪربلا ويو، وري موٽيوئي نہ.

[93]

نرنانءَ نالي جي پڪيءَ ۾ ڪاڄ جو ڏنو.

نرنان= حضرت عباس. نالو= امام حسين.

پڪي= هنج. ڪاڄ= پساھ.

حضرت عباس، امام حسين جي هنج ۾ پساھ ڏنو.

[94]

نالو ۽ نرنانءَ شهر ۾ شهر ٿيا، پر نالي مال جي ڪيائون ڪين.

نالو= قاسم. نرنان= علي اڪبر. شهر= ڪربلا. شهر= شهد>

شهيد. نالو= ڪونڌر. مال جي= ڪُٽڪ>ڪٽڪيا.

امام قاسم ۽ علي اڪبر ڪربلا ۾ شهيد ٿيا،

پر ڪونڌر ڪُٽڪيا ڪين.

[95]

نرنانءَ سُت جا مال جا ۽ نالي راند جي پڪي ٿيو.

نرنان= امام قاسم. سُت جا= ڳانا. مال جا=ٻَڌا.

نالُو= شادي. راند جي= ويل. پڪي= شهيد.

امام قاسم ڳانا ٻڌا ۽ شاديءَ ويل شهيد ٿيو.

[96]

نالي نرنانءَ ڪي **مال جي** لڳي، **زناور جر جو** ڪونہ ڏنو،

مرڳو **لوھ جو** هٽي **پڪي** ڪيو، **نرنان** اهو **مرض جو** سَنو،

ڏسي **جر** ڏڪ **جو، نرنان** پنهنجو ڪيو.

نالو= علي + نرنان= اصغر. مال جي= اُج. زناور=
پليت. جر جو= پاڻي. لوھ جو= تير. پکي= شهيد.
نرنان= امام حسين. مرض جو= سُور. جر جو= ريلو.
ڏڪ جو= رت. نرنان= صابر>صابرين. پنهنجو= صبر.
علي اصغر کي اُج لڳي، پليتن پاڻي کونہ ڏنو،
مرڳو تير هڻي شهيد ڪيو، امام حسين اهو سور سٺو،
ڏسي ريلو رت جو، صابرين صبر ڪيو.

[97]

نرنانءَ جي پنهنجي **نالو حاڪم جي** ۾ ٿي **پنڌ** جو ڪاٽيو،
تڏهن بہ **وڪر علم** جو ڪندو ويو.

نرنان= امام حسين. پنهنجو= پُٽ. نالو=
زين العابدين. حاڪم جو= قيد. پنڌ جو=
ڪشالو. وڪر= شڪر>شُڪر. علم جو= الحمدلله.

امام حسين جي پٽ زين العابدين، قيد ۾ ٿي ڪشالو ڪاٽيو،
تڏهن بہ 'شڪر الحمدلله' ڪندو ويو.

[98]

شهر ۾ **مرض** جا، **نارنان** ٿي **مال جا**.

شهر= ڪربلا. مرض جا= ڪڪرا.
نارنان= مادر. مال جا= ميڙيا.
ڪربلا ۾ ڪَڪرا، مادر ٿي ميڙيا.

[99]

پنهنجي هجي **نرنانءَ** کي، جنهن **نالي** کي **پکي** ڪيو.

پنهنجي= لعنت. نرنان= شمر. نالو= امام حسين.
پکي= شهيد.
لعنت هجي شمر کي، جنهن امام حسين کي شهيد ڪيو.

[100]

شهر ۾ **چم جو** ٿيو، **مال جا** تن **نرنائن** لاءِ!

شهر= ڪربلا. چم جو= ڪوس. مال جا=
گهوڙا. نرنائن= گهوٽن.
ڪربلا ۾ ڪوس ٿيو، گهوڙا تن گهوٽن لاءِ!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[101]

ولايـت شـهر اي نرنـان! وکـر کـي عضـوو کيئـي،
جنهـن لاءِ نـالي ڪـانيءَ جـي پئـي ٻولـيءَ جـا ڪيـا.

ولايت= ڪين. شهر=سرو>سرئي. نرنان= پليت.
وکر= ڪوئـنِ>ڪوهہ + اُن. عضوو= ران>حيران.
نالو= عرس>عرش. ڪانيءَ جي= ڪرسي. ٻوليءَ
جا= ماتام.

ڪيـنَ سـريئي اي پليـت! ڪوهہ اُن کـي حيـران ڪيئـي،
جنهــن لاءِ عــرش ڪــُرسيءَ پئــي ماتــام ڪيــا.

جُـبير اصحابي رحہ

[102]

نرنان ڪُـڙمڪو هو، جنهن پنهنجي راند جي ڪئي.

نرنان= جُـبير (اصحابي). ڪڙمڪو= جُـنگ.
پنهنجي = جنگ. راند جي= خاصي.
جُـبير اصحابي تہ جُـنگ هو، جنهن جَـنگ خاصي ڪئي.

تميم انصاري رحہ

[103]

نرنانءَ ذاتين مان نڪري، ولايت ويو ڙي!

نرنان= تميم. ذات= انصاري. ولايت=تنگها.
تميم، انصارين مان نڪري، تنگها وِيو ڙي!

بيبي رابعہ بصري رحہ

[104]

نــار نــالي کــي نرنــانءَ ولايــت ۾ گــڏيو.

نار= بيبي رابعہ(بصري). نرنان= ڪعبو. ولايت= مصر.

بيبــي رابعــہ بــصريءَ کــي ڪعبــو مــصر ۾ گــڏيو.

شيخ سُنيان رحہ

[105]

ڪامڻ نرنان کي ڪپڙي جو پئي ڪيو.

ڪامڻ= نيٽي. نرنان= سنيان. ڪپڙي جو= پليت.
نيٽين، سُنيان کي پليت پئي ڪيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فريدالدين عطار رحہ

[106]

نــــرنـــانءَ ولايـــت ۾ بينو پنهنجي كـــري.

نرنان= عطار. ولايت= فلسطين. پنهنجي=نصيحت.

عـــطـــار فلسطين ۾ بينو نصيحت كـــري.

بادشاهہ پير جيلاني رحہ

[107]

اي نرنالا! كا نالن كي اڇي نالي كَر.

نرنالو= داتا دستگير. نالو= مريد. نالو= مَدد.

اي داتا دستگير! كا مريدن جي اَچي مدد كر.

[108]

اي نالا ۽ اي نرنان! پاٽيءَ واريون پرتيون اٿئي.

نالو= پير. نرنان= دستگير. پاٽيءَ واريون=

واهيون<بيواهيون.

اي پير دستگير! بيواهيون پرتيون اٿئي.

[109]

آءُ فقير! تيءُ گهر جو، مان درياءَ جي تيان.

فقير= دستگير. گهر جو= اڃهو. درياءَ جي= كنڌي.

آءُ دستگير! تيءُ اڃهو، تہ مان كنڌيءَ تيان.

[110]

ڏسو فقير نرنان جو، جنهن كاٺ عورت جو،

لـــوهـــ جـــي منجهان، اَن جـــو كـــري ڇڏيو.

فقيرجو=معجزو. نرنان=محيالدين. كاٺ جو=

پيڙو. عورت= پيڙي. لوهہ جي= تار. اَن جو=

تارڻ<تاري.

ڏسو معجزو محي الدين جو، جنهن پيڙو پيڙيءَ جو،

تار منجهان تاري ڇڏيو.

[111]

تـيءُ نـالو نرنـانءَ جـو، تـہ ڳهـــ مـــال جـــو كـرئـي،

جيئـــن ولايـــت ۾ پنهنجـــو تيئـــي كونـــہ.

نالو=مريد. نرنان= محي الدين. ڳهه= والي. مال جو=
وَڙُ. ولايت= آخرت. پنهنجو= پيولو.

تـيءَ مريـد محـي الديـن جـو، تـہ والـي وَڙُ ڪرئـي،
جيئـــن آخـــرت ۾ پيولـــو تيئـــي ڪونـــہ.

[112]

عـــورت ريچ جـــر جـــي ۾ ڪـــري نـــالو ڪـــاچ،
مٿيءَ جي ڏيئي مال جي تي، لاٿائين نرنان تان پنهنجي.

عورت= سهٽي. ريچ= گهڙي>گهـڙي. جَـر جي=
سير. نالو= الله +ڪاچ= تُـهہ>تهِار= الله تهار.
مٿيءَ جي= سِر. مال جي= سرهي. نرنان=
مرد. پنهنجي= ميار.

ســـهٽي گهـــڙي ســـير ۾، ڪـــري الله تهـــار،
سـِـر ڏيئـي سـرهي تـي، لاٿـائين مـرد تـان ميـار.

[113]

تـــون وئيـــن شـــهر ۾، نـــر نـــالو ڏنئـــي،
پـــوءِ ڪپـــڙي جـــي چـــو نـــہ ورتئـــي.

شهر= بغداد. نرنالو= دستگير. ڪپڙي جي= داوَن.
تون وئين بغداد ۾، دستگير ڏنئي، پوءِ داوَن چو نہ ورتءِ.

منصور حلاج رحہ

[114]

نالو چڙهي حاڪيماٽي تي، نالو نالو پيو چوي.

نالو= منصور. حاڪيماٽي= سوري. نالو= آئل+
نالو= حق>أناالحق.

منصور چڙهي سوريءَ تي، 'اناالحق' پيو چوي.

[115]

جڏهن نُرنان پولي چيائين، تڏهن مٽيو جر جو تي پيو.

نرنان= آئل+پولي= حق>اناالحق. مٽيو= پارس.
جر جو= پلٽيو>پلٽجي.

جڏهن 'اناالحق' چيائين، تڏهن پارس پلٽجي پيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شمس تبريز رحہ

[116]

نرنان نالو ڪيو، جنھن لاٿي **مال جي پنھنجن** تان.

نرنان= شمس. نالو= شاھي. مال جي= ڪل.

پنھنجن= لڱن.

شمس شاھي ڪئي، جنھن لاٿي ڪَل لڱن تان.

[117]

نالي نرنان ذات قبولي، **پنھنجي** ڏنائين.

نالو= شمس+ نرنان= تبريز. ذات= شر>

شرع. پنھنجي= ڪَل>کلڙي.

شمس تبريز شرع قبولي، ڪَلڙي ڏنائين.

[118]

نالي نرنانءَ جي **وڻ** متي ٿي **ڪاڄ جي** پڪي.

نالو= شمس+ نرنان= تبريز>شمس تبريز.

وڻ= سورج. ڪاڄ جي= بوٽي.

شمس تبريز جي سورج متي ٿي بوٽي پڪي.

قلندر شهباز رحہ

[119]

نرنان آيو **ولايت** مان، **شھر** ۾ اچي **راند جو** ڪيائين.

نرنان= قلندر شهباز. ولايت= مروَند.

شھر= سيوھڻ. راند جو= غوغاءُ.

قلندر شهباز آيو مروَند مان، سيوھڻ ۾ اچي غوغاءُ ڪيائين.

[120]

ڪپڙ جو وجھي **ڪانيءَ** ۾، **فقير** ماريائون،

وجي ڏيکاريائون، **نالي** ۽ **نرنانءَ** کي.

ڪپڙ جو= گز. ڪاني= ڪمان. فقير= ملنگ.

نالو= قلندر. نرنان= شهباز.

گز وجھي ڪمان ۾، ملنگ ماريائون،

وجي ڏيکاريائون، قلندر شهباز کي.

ساجن سوائي رحہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[121]

نـــــالو نرنـــــان آهـــــي ٻنـــــيءَ ۾.

نالو= ساجن+نرنان=سوائي>ساجن سوائي.

ٻنيءَ جو= ڪوئنچو.

ســـــاجن ســـــوائي آهـــــي ڪوئنچـــــي ۾.

شاهه قادري رحہ

[122]

نرنـــان ڳهـــہ ڪـــاٽ وارو شـــهر ۾ آهـــي.

نرنان= شاهه قادري. ڳهہ= روپيو. ڪاٽ= در.

شهر= بدين.

شـــاهه قـــادري روپـــن درن وارو بديـــن ۾ آهـــي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ٻيو

تاريخي ڳجهارتون

ڪاڻ سُڄاڻ

[123]

نار نالي! جهل پنهنجي نالي نرنانءَ کي،
جو هال جن ۾ تو ڪاٺ جون وني.

نار نالي= ڳنگل راڻي. نالو= ڪاڻَ+
نرنان= سُڄاڻ. مال جون= گهٽيون.
ڪاٺ جون= ڪرايون.

ڳنگل راڻي! جهل پنهنجي ڪاڻ سڄاڻ کي،
جو گهٽين ۾ تو ڪرايون وني.

[124]

ليڪي ڪي سمجهاءِ، جو **شهر جن** تي ٻيهي، **ڪاٺ جون** تو وني.

ليڪو= ٻه ۽ ٽي>ٻٽي>ٻيٽي. شهر جا= در>
درن، ڪاٺ جون= ٻانهون.

ٻيٽي ڪي سمجهاءِ، جو درن تي ٻيهي ٻانهون تو وني.

[125]

نالي نرنان! پنهنجيءَ کي هٿ نه لاءِ.

نالو= ڪان + نرنان= سُڄان>ڪان سڄان.
پنهنجي= ٻانهن.

ڪانَ سڄان! ٻانهن کي هٿ نه لاءِ.

[126]

نالا ۽ نرنان چوڙ، **پکي** رات **مال جي**.

نالا= رڪان>ڪانَ. نرنان= سُڄان. پکي= مئنا>
مين + نُون. مال جي= گُجر>گُجري>گذري.

ڪانَ سڄان چوڙ، مينون رات گذري.

[127]

اي ميان **نرنانءَ**! تون **نرنان** جهلين نه **پنهنجو** پلين،
هو **نارنان پنهنجي** سکيو، **نرنان** چنيو، **نرنان** ڪري،
تنهن کي **نرنان**، **پنهنجو** ڪيئن ڪندو!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نرنان= سجي ڪارياٽي. نرنان= ڪان سُجان.
پنهنجو= پٽ. نارنان= چڱي. پنهنجي= ڪار.
نرنان= هار. نرنان= گلزار<گل + ڏار.
نرنان= خاوند. پنهنجو= ڪمڻ<ڪمندو.

اي ميان سجي ڪارياٽي! تون ڪان سجان جهلين، نہ پٽ پلين،
هو چڱي ڪار سکيو، هار چنيو، گل ڏار ڪري،
تنهن ڪي خاوند ڪيئن ڪمندو!

رام سيتا

[128]

ستُ جو لڳو نرنانءَ ڪي ولايت ڏنائين،
مرض جي ڪري نار ڪٽي، ليڪي جي نيائين.

سُتُ جو= واجهہ<وجهہ. نرنان= ڏهيسر.
ولايت= سورت<صورت. مرض جي= ستَ.
نار= سيتا. ليڪي جي= ساڍڪي<سا +ڍَڪي.

وجهہ لڳو ڏهيسر ڪي، صورت ڏنائين،
ستَ ڪري سيتا ڪٽي، سا ڍَڪيءَ نيائين.

[129]

نالي چيو نرنانءَ ڪي، نار رات ٻولي!

نالو= رام. نرنان= لڇمڻ. نار= سيتا.
ٻولي =گئڙي<گئي + ڙي.

رام چيو لڇمڻ ڪي، سيتا رات گئي ڙي!

[130]

نر نالي جيت هٽائي، ڪامڻ تنهنجي ڪاڻ.

نر نالو= سڌاونت. جيت= سيرنگ<سرنگهہ.
ڪامڻ= شوَلنڪا.

سڌاوَنت سرنگهہ هٽائي، شوَلنڪا تنهنجي ڪاڻ.

[131]

نرنان، ٻولي ڪئي، شهر لُٽيو ڙي!

نرنان= هنومانُ. ٻولي= هاءِ. شهر= لنڪا.

هنومان هاءِ ڪئي، لَنڪا لُٽيوڙي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

افلاطون

[132]

پنهنجيءَ ڪان پوءِ، **نرنان ٻولي** ڪئي.

پنهنجي= تڪبير. نرنان= افلاطون. ٻولي=ڏال ڏال.

تڪبير ڪان پوءِ، افلاطون "ڏال ڏال" ڪئي.

نصوحو

[133]

نئين سج **نالو** جنهن جو، **ذات ۾ ڪپڙ** ڪاءِ،
هٽي **جر ڪاٺ جي** ڪي، ڏجي نہ ڪنهن جي ڏاءِ،
رب اهڙو مالڪ آءِ، جو **جاءِ انڌو** ڪيائين اُن ڪي.

نالو= نصوحو. ذات=ڪوسا<ڪوسيو. ڪپڙ=
ڪفن. جر جو= ڪاٺ. ڪاٺ جي= ساهمي<سامين.
جاءِ جو= طبقو<طبق. اَنڌو= بي روشن<روشن.

نصوحو نالو جنهن جو، ڪوسيو ڪفن ڪاءِ،
هٽي ڪاٺ سامين جا، ڏجي نہ ڪنهن جي ڏاءِ،
رب اهڙو مالڪ آءِ، جو چوڏهن طبق روشن ڪيائين ان ڪي.

[134]

نرنان جنهن جو نانءُ، **جر جا جوڳين** ڪي هٽي.

نرنان=نصوحو. جر جا= ڪاٺ.
جوڳي= سامي<سامين.

نصوحو جنهن جو نانءُ، سو ڪاٺ سامين ڪي هٽي.

[135]

اي نالا! **نرنانءُ** وني، **نار نالي گهر**، وري اڇي **گهر جو** ڏنئي!

نالو= نصوحو. نرنان= ليڪو<ليڪو. نار نالي=
رکي. گهر جو= مارنگ<رنگ.

اي نصوحا! ليڪو وَني گهر رکي، وري اڇي رنگ ڏنئي!

[136]

نر نالي ڪي **نار** ملي، پوءِ وجي **نرنان** ٿيو.

نر نالو= نصوحو. نار= صحت<نصيحت.
نرنان= حاصل<واصل.

نصوحي ڪي نصيحت ملي، پوءِ وجي واصل ٿيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[137]

لوهہ جي کي عورت نالي ڇا ڪندي.

لوهہ جو= سوئو<نسوئو<نصوحو.

عورت نالي= هدايت

نصوحي کي هدايت ڇا ڪندي.

سڪندر بادشاهہ

[138]

نالي جهڙو ذات تيوئي ڪونہ،

نرنانءَ سان حاڪم جي ڪري، جنهن ملڪ نالي ڪيو.

نالو= سڪندر. ذات جا= سورهيہ. نرنان= دارا.

حاڪم جي= لڙائي. مُلڪ= سنڌ. نالو= فتح.

سڪندر جهڙو سورهيہ تيوئي ڪونہ،

دارا سان لڙائي ڪري، جنهن سنڌ فتح ڪئي.

نوشيروان

[139]

نالو ماري نالي کي، سو تہ نالو ڙي.

نالو= شتم. نالو= برشم. نالو= نوشيروان.

شتم ماري برشم کي، سو تہ نوشيروان ڙي.

چچ

[140]

نرنان آيو، نار ڪٽي ولايت ويو.

نرنان= چچ. نار= ڏيپ. ولايت= وَنئڪ.

چچ آيو، ڏيپ ڪٽي وَنئڪ ويو.

هنود ڪاسائي

[141]

نالي ذات ولهہ مال جا ڪريو، تي ڪاڄ جا ڪيا.

نالو= هنود. ذات= ڪاسائي. ولهہ=دَمي>

آدمي. مال جو= ڪُهيو. ڪاڄ جا= پاپڙ>پاپ.

هنود ڪاسائيءَ آدمي ڪُهيو تي پاپ ڪيا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[142]

نرنان وڏيءَ **ذات** جو، **پوڪ جون** ڪري، ڪٽيو **پوڪ جا** ڪري.

نرنان= هنود. ذات= ڪاسائي. پوڪ جون=
دميون>آدمي. پوڪ جا= پاڳا.
هنود وڏو ڪاسائي، جو آدمي ڪُهي ڪٽيو پاڳا ڪري.

دلوراءِ

[143]

نالي جي **نرنان** ۾، ڪنهن جي **نالي** رهي تي ڪانہ ميان!

نالو= دلوراءِ. نرنان= ڏُورو>دور. نالو= عزت.
دلوراءِ جي دور ۾، ڪنهن جي عزت رهي تي ڪانہ ميان!

[144]

ڪاني پڪين متان، تڏهن **نرنانءَ** ڪٽي ڦٽي ڪئي.

ڪاني= مُهري>موري (حڪومت). پڪين=
مورن (ماڻهن). نرنان= دلوراءِ
موري مورن متان، تڏهن دلوراءِ ڪٽي ڦٽي ڪئي.

ڄام سمو سلطان

[145]

نالا اي **نرنانءَ**! **نالن نانءَ** ڦٽا ڪيا.

نالو= سمو> سما. نرنان= سلطان. نالو= باغ>
باغن. نان= گُل.
اي سما سلطان! باغن گل ڦٽا ڪيا.

پُنرو بداماڻي

[146]

جڏهن تون ٿئين **نرنان**، تڏهن **شهر ملڪ** ٿيو.

نرنان= پُنرو. شهر= پانُ> پانُ. ملڪ= ڪاچو.
جڏهن تون ٿئين پُنرا، تڏهن ڪاچو پانُ ٿيو.

لاکو ڦلاڻي

[147]

پير مرد نڙ جا ڏٺي توڏي اڇن راند **جون** ڪٽي،
ڪاني، **مال جا** تن ڪي ڏي.

پيرمرد= لاکو. نڙ جو= لهرو<لهر. راند جون=
کيڏون. ڪاٺي= ترت<تُرتئون. مال جا=
ڏاوڻ<ڏاڻ.

لاکـا لهـر جـا ڏٺـي! تـوڏي اچـن کيـڏون ڪٺـي،
تـــــــــرتئون تــــن ڪــــي ڏاڻ ڏي.

پـريو گاروڙي

[148]

هـُـو جـو **نرنـانءَ** آيـو، سـو **مٺـيءَ جـو** ڙي،
جيئـڏ کـي **واءَ جـون** ڏي، سـو تـہ ڏسـو ڙي!

نرنان= پـريو + مٺيءَ جو= گارو<گاروڙي.
جيئڏ= نانگ. واءَ جون= واچون.

هـو جـو پــريو آيـو، سـو تـہ گــاروڙي،
نــانگن کــي واچـون ڏي، سـو تـہ ڏسـو ڙي!

ڪملاءِ پُـورن

[149]

اي **نارنان! نرنان** چوڙ، اجهو **نرنان** آيو.

نارنان= ڪملا. نرنان= مدگر. نرنان= پورن.
اي ڪملا! مدگر چوڙ، اجهو پُـورن آيو.

گوگو چهواڻ

[150]

نرنـــالــو آيو **شهر** پر، اچـي **مال جا** ڏنائين.

نرنالو= گوگو. شهر= گرنار. مالَ جا= داغ.
گــوگــو آيو گــرنـــار پر، اچي داغ ڏنائين.

[151]

نرنان ولايتون اچي مون کي **مال جو** ڏنو.

نرنان= گوگو. ولايت= اروڙ<اروڙئون.
مال جو= هـُدو.
گوگي اروڙئون اچي مون کي هُدو ڏنو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[152]

جتي بار بلا جا اَتڪيا، اُتي نرنان ڪاٺي ڪٽي ويو.

بار جو= آڙو + بَلا جو= منبد>اڙمنبد. نرنان=

گوگو. ڪاٺي= گوءِ.

جتي اڙمنبد اتڪيا، اُتي گوگو گوءِ ڪٽي ويو.

دودو چنيسر

[153]

نرنان ذات ڪان مال جو، تڏهن نرنان ڪاٺ راند جي.

نرنان= چنيسر. ذات= مُئا>مـاءُ. مال جو= پُـڇ>

پڇيو. نرنانءُ= دودو. ڪـــاٺ جو= پڳَ> پڳَ.

راند جي= ٻڌي.

چنيسر ماءُ ڪان پڇيو، تڏهن دودي پڳَ ٻڌي.

[154]

نـــرنـــان مچي چـــاڙهـــي نـــالـــو آيـــو.

نرنانءُ=چنيسر. مچي=چلي. نالو=عالادين.

چنيسر چـــلـــي چاڙهي عـــالاديـــن آيـــو.

[155]

چـــوري چـــوري ڪـــڪ، وجـــي مسيت وارو اُتاريو.

ڪڪ= سر>چنيسر. مسيت وارو= دين>عالادين.

چـــوري چـــوري چنيسر، وجـــي عـــالادين اُتاريو.

[156]

نالي چيو نرنانءَ کي، ڏيئي مال جو شهر کي پوءِ راند عضوي ايندا سين.

نالو= ننگر. نرنانءُ= پونگر. مال جو= داغ.

شهر= دلي. راند= وري. عضوو= تن>وطن.

ننگر چيو پونگر کي، ڏيئي داغ دلـــيءَ کي وري وطن ايندا سين.

[157]

نالي چيو نرنان کي، پنهنجي عضون ۾ پکي ٿيندا سين.

نالو= ننگر. نرنانءُ= پونگر. پنهنجو= پيءُ.

عضوا= هٿ>هٿن. پکي= شهيد.

ننگر چيو پونگر کي، پيءُ جي هٿن ۾ شهيد ٿيندا سين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[158]

نـــالو ۽ نرنــــان، پنهنجــــي لاءِ ويــــا،
پنهنجـــو تيـــن ڪينڪـــي، مرڳـــو ذات تيــا.

نـالـو= ننگر. نرنانءَ= پونگر. پنهنجو=پرچاءُ.
ذات= ماريجي>مارجي.

ننـــــگر ۽ پونـــــگر پرچــــــاءَ لاءِ ويــــــا،
پرچـــاءُ تيـــن ڪينڪـــي مرڳـــو مـــارجي ويـــا.

[159]

نـــالـــو ۽ نـــرنـــانءَ، ٻئي ذاتـــــي ذات تيا.

نـالـو= ننگر. نرنان= پونگر. ذات= معصوم.
ذات= ماريجيٰ>مارجي.

نينگر ۽ پـــونـــگـــر، ٻئي معصوم مارجي ويا.

[160]

ڪـــاٺ مُلـــي جـــو، تو ڪـــاڄ جـــون گهُري.

ڪاٺ= آلوَ> آلا>عالا + مُلي جو= دين>عالادين.
ڪاڄ جون= مـِريون>سومريون.

عـــالاديـــن تـــو ســـومـــريـــون گـــهـــريٰ.

[161]

عورت چيو مرد کي، ڏي مال جو تہ منهنجو نَري جهيڙو وجي.

عورت= ٻاگهي. مرد= دودو. مال جو= سـگـَ> سگـَـُ.

ٻاگهيءَ چيو دودي کي، ڏي سگـَ منهنجو تہ نَـري جهيڙو وجي.

[162]

رونشي جـــي چيو ذات کـــي، وڻ جي جهيڙي کـــي.

رونشـي جي= ٻاگهي. ذات= پاتيو>پائـٽيو. وڻ
جو= ٽار.

ٻاگهيءَ چيو پائـٽيي کي، ٽار جهيڙي کي.

[163]

نـــرنـــانءَ ايندو، رانـــد جي نہ ڏيندو،

نرنانءَ= دودو. راند جي=ٻاگهي.

دودو ايـــنـــدو، ٻاگهي نـــہ ڏيندو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[164]

چوري چوري ڪڪ، آندو مرد سيد جو،
توٽي مڙن لک، ذات نہ ڏيان ھڪڙي.

ڪڪ= سر> چنيسر. مرد = علو> علاؤل +
سيد جو=دين=علاوالدين. ذات=سومرو>سومري.

چوري چنيسر، آندو علاوالدين ڪي،
توڙي مڙن لک، سومري نہ ڏيانءِ ھڪڙي.

[165]

نالي چيو نرنانءَ کي، تہ پوڪ جي نہ ڏيندوسئين ھڪڙي.

نالو= دودو. نرنانءَ= عالادين. پوک جي=
مري>سومري.

دودي چيو عالادين کي، تہ سومري نہ ڏيندوسئين ھڪڙي.

[166]

ستَ جون عالادين تي، ڳھہ کيون دودي.

ست جون=اُچلون. ڳھہ=جامڪي>جام +کيون.

اُچلون عالادين تي، جام کيون دودي.

[167]

نرنانءَ تي حاڪيماٽين ۾ ڪاڄ جون ھنيون.

نرنانءَ= دودو. حاڪيماٽو= ھنباريون.
ڪاڄ جون= مصريون.

دودي تي ھنبارين ۾ مصريون (تلوارون) ھنيون.

[168]

حاڪم ذات جي لڳي، تي اوزارن باھہ جا ڪيا.

حاڪم جي= جنگ. ذات جا= جونجھار. اوزار=
تراريون. باھہ جا= تجلا.

جنگ جھونجھارن جي لڳي، اتي ترارين تجلا ڪيا.

[169]

مال جن ۾ نرنانءَ، سو منھنجو ڏاند ڙي.

مال جون= ديميون. نرنانءَ= دودو. ڏاند=سوڙھو.

ديمين ۾ دودو، سو تہ سرھو ڙي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[170]

نرنانءَ چيو **ذات** وارن کي، کٿو **ڪاٺ جون**، هلو **ڪپڙجن** تي،
مون کي **نرناءُ** ڏسي تو **گاهـ** تئي.

نرنانءُ= عالادين. ذات= مغل. ڪاٺ جون=
ڪرسيون. ڪپڙ جا= طنبو. نرنان= دودو.
گاهـ= سيءُ.

عالادين چيو مغلن کي، کٿو ڪرسيون هلو طنبن تي،
مون کي دودو ڏسي تو سيءُ تئي.

[171]

ڪئين مال جنگ جا آيا، پر **نرنانءُ لوهـ جا** تيائي ڪين.

مال جي= ڪاهـ>ڪاهي. جنگ جا= ڪٽڪ.
نرنان= مانجهي. لوهـ جا= مُڙيا.

ڪئين ڪاهي ڪٽڪ آيا، پر مانجهي مڙيائي ڪين.

[172]

نرنانءُ، ذات مال جا ڪري، پوءِ **پولي** ٿيو.

نرنانءُ= چنيسر. ذات جا= ڪونڌر. مال جا=
ڪُهاڻ>ڪهائڻ>ڪهائي. پولي= پشيمان.

چنيسر، ڪونڌر ڪهائي، پوءِ پشيمان ٿيو.

[173]

شهر ملڪ ٿيو، **نرنانءُ مال** جيئن ويا.

شهر= وِڳهـ. ملڪ= ويران. نرنان=
ڪونڌرَ. مال جو= ڪسڻ>ڪُسي.

وِڳهـ ويران ٿيو، ڪونڌر ڪُسي ويا.

[174]

عورتون مال جون ٿيون، جن جا **نالا ۽ نرنان مال جيئن** ويا.

عورتون= رَنڙيون. مال جون= رُليون. نالا=
ڪيهر. نرنانءُ= گهوٽَ. مال جو=ڪسڻ>ڪسي.

رنڙيون رُلي ويون، جن جا ڪيهر گهوٽ ڪُسي ويا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[175]

نالا! نالن جهل، ته پوک اَن جون ڏيانءِ.

نالن= سمو>سما . ذات نارين= سميون>
سامون. پوک جون= چليون. اَن جون= چاٽيون>چاٽي.

سما! سامون جهل، ته چَليون چاٽي ڏيانءِ.

[176]

اهو نار نانءَ راند جو ڪيو، نه ته شهر ملڪ نه ٿئي ها.

نارنانءَ = ٻاگهي. راند جو= ٻائيتال. شهر= وڳهه.
ملڪ= ويران.

اهو ٻاگهيءَ ٻائيتال ڪيو، نه ته وڳهه ويران نه ٿئي ها.

[177]

نارنانءَ ليکي جو ڪيو، تڏهن نرنائن کي ڏڪ جا لڳا.

نارنانءَ= ٻاگهي. ليکي جو= ٻائيتال. نرنائن=
گهوٽن. ڏڪ جا= گهاءَ.

ٻاگهيءَ ٻائيتال ڪيو، تڏهن گهوٽن کي گهاءَ لڳا.

[178]

نار نڪتي شهر مان، پوک جي ڪندي ويئي،
نرنانءَ ڳڏيس ڪونڪو، تڏهن وجي ڪپڙي پيئي.

نار=ٻاگهي. شهر=وڳهه. پوک جي=موڪي>
موڪلائيندي. نرنانءَ=دودو. ڪپڙو=سامر.

ٻاگهي نڪتي وڳهه مان، موڪلائيندي ويئي،
دودو ڳڏيس ڪونڪو، تڏهن وجي سامر پيئي.

[179]

شهرٿون نڪتي نارنان، نالو ڪندي ويئي،
نالو ڳڏيس ڪونه، وجي ذات ڪپڙي پيئي.

شهر=وڳهه ڪوٽ. نارنان=ٻاگهي. نالو=دودو.
ذات=ابڙا>ابڙو. ڪپڙو= سامرَ.

وڳهه ڪوٽان نڪتي ٻاگهي، دودو دودو ڪندي ويئي،
دودو ڳڏيس ڪونه، وجي ابڙي سامرَ پيئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[180]

ذاتــــيــــون ۽ ڪامٽيــــون، نــــر نــــالي حاڪيماٽيون.

ذات= سما. ڪامٽيون= سومريون. نر نالو=

ابڙو. حاڪيماٽي= سنيال.

ســـمـيـــون ۽ ســـومـــريـــون، ابـــڙي سنياليون.

[181]

ذاتيــــون ۽ ذاتيــــون نــــالي ڪـــاٺ جـــــون.

ذات=سما>سميون. ذات=سومرا>سومريون.

نالو=اَبڙو. ڪاٺ جون = پالڪيون>پويان +لڪيون.

سميـــون ۽ ســـومريون، اَبـــڙي پويـــان لڪيـــون.

[182]

ٻــولــي هجي ذات ڪي، نالي اوزار ڪپڙي جون.

ٻولي= شاباس. ذات= اَبڙا>ابڙن. نالو=

سومرو> سومـــرن. اوزار جـــون= سامون.

ڪپڙي جون= جهليون.

شاباس هجي اَبڙن ڪي، جن سومرن جون سامون جهليون.

[183]

رچ جي ڏيئي پنهنجي، سگّ مارايائين پنهنجو.

رچ جي= دِلي>دهلي. پنهنجي= دانهن.

سگّ= پاءُ.

دهَليءَ ڏيئي دانهن، پاءُ مارايائين پنهنجو.

[184]

نــــالي گاهـــــ جــــا، ڪپـــــڙي تــــــي ذات.

نالو=ڏونگر. گاهہ جا= پوتا. ڪپڙو= ننگ.

ذات= نهڙيا>نهوڙيا.

ڏونــــــگر پوتـــــــا، نـنـــــگَ نهوڙيـــــــا.

[185]

نـــالو شـــهر جـــي تـــوچـــوي ميـــار جـــي، چنيســـر!

نالو=راڄو>راڄ. شهر جي=مهاڄڻ. ميارجي=حيف.

اڄ مهـــــاڄڻ تــــو چـــوي 'حيـــــف چنيســــــر'!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[186]

ٻـــ نرنـــانءَ کپـــڙ تـــوئن وڙهيـــا،
شـــهر ســـڏي، وجـــي پـــوک تـــي تيـــا.

ٻہ نرنان= دودو ۽ چنيسر. کپڙ= پڳَ. شهر=
دلِي. پوک جو= ڳاهہ.

دودو چنيســـــــر پـــــــڳ تـــــــوئن وڙهيـــــــا،
دلـــــــي ســـــــڏي وجـــــــي ڳاهـــــــہ تيـــــــا.

[187]

نـــالو ۽ نرنـــان، ٻئـــي نرنـــان هئـــا،
پـــروڻ ۾ پئـــي، پورهئـــي جـــي ۾ پنهنجـــا تيـــا.

نالو= دودو. نرنانءَ= چنيسر. نرنان= دلبر.
وڻ جي=پاڙ>پاڻ. پورهئي ۾=خفا. پنهنجا=خون.

دودو ۽ چنيســـــــر دلبـــــــر هئـــــــا،
پـــر پـــاڻ ۾ پيـــن تـــہ خفـــا خـــون تيـــا.

حمير سومرو ۽ گنگل راڻي

[188]

ٻـــن نـــالن جـــو کـــانڌ، ٻـــن نـــالن جـــي جـــوءِ،
پکـــي تـــي نـــالو هـــو، ميـــي تنهـــن کـــان پـــوءِ.

ٻن نالن= حمير سومرو. ٻن نالن= گنگل راڻي
پکي= پيڻ. نالو= پوڙهي. ميي= رَڙي.

حميـــر ســـومري کـــانڌ جـــي هئـــي، گنگـــل راڻـــي جـــوءِ،
پيـــڻ کـــان پوڙهـــي تـــي، رَڙي تنهـــن کـــان پـــوءِ.

اڪبر بادشاهہ

[189]

نـــالي جهـــڙو نـــالو تيـــو ئـــي کونـــہ،
جـــو شـــهر ۾ کپـــڙي جـــون کـــري ويـــو.

نالو= اڪبر. نالو= حاڪم. شهر= دهلي.
کپڙي جون= لوڏون.

اڪبـــر جهـــڙو حـــاڪم ٿيوئـــي کونـــہ،
جـــو دهلـــيءَ ۾ لـــوڏون کـــري ويـــو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[190]

نرنـــان نـــار تـــي نـــالو تـــي پيـــو.

نرنان= اڪبر. نار=گانوَري. نالو=عاشق.

اڪبـــر گـــانوريءَ تـــي عاشـــق تـــي پيـــو.

[191]

ساز وڃي نرنانءَ سُٽي، تہ منهنجي نارنان ڪٽي؟

ساز=اُپنگ. نرنان=اڪبر. نارنان=گانوَري.

اُپنگ وڃي، اڪبر سُٽي، تہ منهنجي گانوَري ڪٽي؟

پيمجي جاڙيجو

[192]

نرنان ذاتين سين، مال جن تي پوڪ جا ڪيا.

نرنان= پيمجي. ذات=جاڙيجا. مال جن=ٺڪرن.

پوڪ جا= ڳاهہ.

پيمجي جاڙيجن سين، ٺڪرن تي ڳاهہ ڪيا.

مدد خان پناڻ

[193]

نرنـانءَ جـي مـرض ۾، مـال جـي تـي هئـي.

نرنان= مدد. مرض= وارو>واري. مال جو=

قَر>قُر.

مـــدد جـــي واري ۾ قـــُـــر تـــي هئـــي.

ميربجر

[194]

نـالي ۽ نرنـانءَ ڪي، وڻ جي ولايـت ۾ لڳي.

نالو=مير. نرنان= بجر. وڻ جي= ٽاري>ڪٽاري.

ولايت= ڪَڇ.

ميـــر بجـــر ڪـــي ڪٽـــارِي ڪـــڇ ۾ لڳـــي.

گامون سچار

[195]

نرنان چيو نرنانءَ ڪي، انگ جن ڪان مون راند جا جر نالي ڪان عورت جا ڪيا.

نرنان= گامڻ. نرنان= غازي. انگ جا= ڳٽڻ>اڳ ڳٽتي.

راند جا= ٽپا>ٽپڙ. جر نالو= ڪٽور واهہ. عورت جا=پار.

گامڻ چيو غازيءَ کي تہ اڳ ڳٽتيءَ ڪان مون ٽپڙ ڪٽور واهہ ڪان پار ڪيا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

میاڻيءَ جي جنگ

[196]

نار چيو **نرنانءَ** کي، تہ **باھہ چمر جن** تي چڙھي، وجي **ذات متيءَ** جا ڪر!

نار= راڻي (وڪٽوريا). نرنان=جرنيل. باھہ= آگ. چمر جن=

بوٽن>آگبوٽن. ذات= ٽالپور. متيءَ جا= بند.

راڻيءَ وڪٽوريا چيو جرنيل کي تہ آگبوٽن تي چڙھي، وجي ٽالپور بند ڪر!

[197]

جي **ينگ جا** هٿن، سي **پوک جون** وجن، **مال جن** ڪوئن ڪين ڏجن.

ينگ جا= ترا>ترار: پوک جون= ڪانهيون>ڪاهيو.

مال جن= گونرن>گورن (انگريزن)

جي ترار هٿن سي ڪاهيو وجن، گورن ڪوئن ڪين ڏجن.

ڏبي جي جنگ

[198]

نرنانءَ جي من ۾ اڇي **راند جو** پيو،

عورت ماري **ڳھہ جو** ڪري، آٿي مون کي ڏيو،

تہ **ڪپڙ جي** لکي ڏيانوَ وجي **ذاتين** سان ويھو.

نرنان= شيرمحمد. راند جو=شوق.. عورت=فلنگي.

ڳھہ جو=فتو>فتح. ڪپڙ جي=ڪڇ>ڪُڇھہ.

ذاتين=چانگن>چانگن.

شير محمد جي من ۾ اڇي شوق پيو،

تہ فلنگي ماري فتح ڪري، آٿي مون کي ڏيو،

تہ ڪڇھہ لکي ڏيانوَ وجي چانگن سان ويھو.

نڪرن ۽ انگريزن جي جنگ

[199]

لوھہ جا لڳا، اُت **پکي** ڇپيا، **اُن جن** مان کي **مال جا** پڳا،

سي اَڏ **پنڌ** لنگھي ويا، **وڻ** نہ ڏٺئون **نرنائن** بنان.

لوھہ جا= ڪانَ. پکي= ڪانئر. اُن جن= پاندن.

مال جا= گونرا>گورا. وڻ=هيرڻ>هيءَ + رڻ.

نرنائن= جھونجھارن.

ڪانَ لڳا اُت ڪانئر ڇپيا، پاندن مان کي گورا پڳا،

سي اَڏ لنگھي ويا، هيءَ رڻ نہ ڏٺئون جھونجھارن بنان.

حُر تحريڪ

[200]

مـال جـن جـي نـار نـالي ۾، نـالا نـالا ٿيـا،
نـالو جـن وڪـر ۽ نـالو تنهـن جـو حـاڪم جـو.

مال جن= گونرن>گورن. نار نالو= صاحبان>
صاحبي. نالا= حُرَ. نالا= ساماڻا. نالو= بچو.
وڪر= بادشاهڻ (مصري)> بادشاهہ. نالو=پيرو.
حاڪم جو= وزير.

گـــورن جـــي صـــاحبيءَ ۾ حـــر ســـاماڻا،
بچـو جـن جـو بادشـاهہ ۽ پيـرو تنهـن جـو وزيـر.

[201]

نـــالو ۽ نرنـــانءَ وجـــي ذات ٿيـــا.

نالو= بچو. نرنان= پيرو. ذات= پيلا>پلا.

بچـــو ۽ پيـــرو وجـــي پـــلا ٿيـــا.

[202]

ولايت مان نرنان آيو، جنهن اچي ڪير جا بند ڪيا.

ولايت= ڪلڪتو. نرنان=جرنيل. ڪير جا=
ڏوها>بي ڏوها.

ڪلڪتي مان جرنيل آيو، جنهن اچي بي ڏوها بند ڪيا.

لانبٽ صاحب

[203]

ولايتوُن نرنان آيو، جنهن اچي حاڪم جي چالو ڪئي.

ولايت= لندن. نرنان= لانبٽ. حاڪم جي=بيگر.

لندَن ئون لانبٽ آيـــو، جنهن اچي بيگر چالو ڪئي.

پير صاحب پاڳاري جي گادي نشيني

[204]

ذات نـــالو آيـــو، پـــوڪ جـــا لهـــي ويـــا.

ذات= پير. نالو= پاڳارو. پوڪ جا= لوڙها.

پير پاڳارو آيو، لوڙها لهي ويا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ٽيون

سُرائٽيون ڳجهارتون: پاهريان عشقيه قصا

بانڪو شاهه بهرام

[205]

نرناڻ ڪتابن جو، ذات ڏين مون،
نرناڻ متي پُون، پيا نالا ذات تيا.

نرنان= محسن. ڪتابن جو= مذڪور. ذات=
معلم>معلومت. نرنان= پِريو. نالو= دانهه.
ذات= دوڙيا>ڊوڙيا.

مُحسن، هن مذڪور جي، معلومت ڏين مون،
پِريو متي پُون، پيا بس دانهه ڊوڙيا.

[206]

ولايت ڪان نرناڻ آيو، جنهن اچي مُئي جا ۽ گهوڙن جا ڏنا.

ولايت= چين. نرنان= بهرام. مُئي جا= پار.
گهوڙن جا= چٽا.

چين ڪان بهرام آيو، جنهن اچي پار چٽا ڏنا.

[207]

ان نالي نرناڻ، ڏاريو رچ ولايت ۾.

نالو=بانڪو + نرنان= شاهه بهرام. رچ=
چونري. ولايت= چين.

اِن بانڪي شاهه بهرام، ڏاري چونري چينَ ۾.

[208]

نرناڻ مرون جيءَ ۾ ويو، اُتي ڪامڻ سان ڏڏ جو ٿيو.

نرنان= شاهه بهرام. مرونءَ جي= چين>ڇين.
ڪامڻ= گل اندام. ڏڏ جو=گڏڻ>گڏيو.

شاهه بهرام چين ويو، اُتي گل اندام سان گڏيو.

[209]

رچ، اِها ڪاچ جي اٿئي، نرناڻ جي مرض جي.

رچ=ڀهڳڻ. ڪاچ جي=ٻاڦ. نرنان= ويرم ديوَ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرض جي=وات (ٻِراڙي).
ڀھڳڻ، اھا ٻاڦ اٿئي، ويرم ديوَ جي وات جي.

[210]

نـــالـــي نـــرنـــانءَ کـــي ڏيھہ ۾ لـــڌائون.
نالو=بانکو + نرنان=بھرام. ڏيھہ=مصر.
بانکـــي بھـــرام کـــي، مصر ۾ لـــڌائون.

تاج الملوڪ

[211]

نرنانءَ توڪل ڪري، ڪاھي پيو مچيءَ جيءَ ۾.
نرنان=تاج الملوڪ. توڪل= الله توھار.
مچيءَ جي= ڍنڍ.
تاج الملوڪ الله توھار ڪري، ڪاھي پيو ڍنڍ ۾.

ممتاز دمساز

[212]

جڏھن نارنان اَن جي ٿي، تڏھن نرنانءَ تي پنھنجو پيو.
نارنان=مھاسندر. اَن جي=ڪري. نرنان=ممتاز.
پنھنجو=ڪشالو.
جڏھن مھاسندر ڪري ٿي، ممتاز کي ڪشالو پيو.

[213]

نالو نالي کي پنھنجو نہ ڏئي ھا، تہ چو مـرون ٿئي ھا؟
نالو=ممتاز. نالو= دمساز. پنھنجو=علم.
مرون=باندر.
ممتاز، دمساز کي علم نہ ڏئي ھا، تہ چو باندر ٿئي ھا؟

[214]

ســـاز وڃـــي، نـــرنـــانءَ جاڳي، نارنانءَ ڪاٿي؟
ساز=پـرتنگ. نرنان=ممتاز. نارنان=ماھہ طلعت.
پـرتنگ وڃـــي، ممتاز جـــاڳي، ماھہ طلعت ڪاٿي؟

ليليٰ مجنون

[215]

ذات ننڊ جـــي ۾ نـــالو، نرنـــانءَ ٻولـــي نـــالو ٿيـــو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذات=ڪيس> قيس. ننڊ جو=سهڻو (=خواب)

نالو=لڏو. نارنان= ليليٰ. ٻولي=ڏسي.

نالو= مست.

قيس سهڻو لڏو، ليليٰ ڏسي مست ٿيو.

[216]

مجنون فقير ٿيو، لڳس ليليٰ جي ذات.

فقير= مست. ذات=لغاري>لغار.

مجنون مست ٿيو، لڳس ليليٰ جي لغارَ.

[217]

نرنانءَ پنهنجي ڪاٺ جي ڪان، جروڻ جي ڪري، عضوي ڪان ٻولي ٿيو.

نرنان= مجنون. پنهنجي=ماءُ. ڪاٺ جو=در>

مادر. جر جي= موڪ +وڻ=لاٽي>موڪلاٽي.

عضوو=تن>وطن. ٻولي=دُور

مجنون مُادَر ڪان موڪلاٽي ڪري، وطن ڪان دُور ٿيو.

[218]

وڪر مال جو ڪري، اِجهو نرنانءَ آيو!

وڪر= ڪاٺو>ڪاٺئون. مال جو=پنڌ. نرنان=قيس.

ڪاٺئون پنڌ ڪري، اِجهو قيس آيو!

[219]

وڪر ڪري آيو هو، هُو ڪاريگر، ڙي عورت!

وڪر=ڪوپرو>ڪو +پرو. ڪاريگر=سُڄيت.

عورت= ليليٰ.

ڪو پَرو ڪري آيو هو، هُو سُڄيت، ڙي ليليٰ!

[220]

ٿي نرنانءَ ٿي، ٿي ڏينهن، ڪاٺ جي ۾ جر جو ٿيو،

نارنانءَ آئي، جنهن ٻولي ڪئي، تڏهن نرنانءَ ڪاٺي جيءَ مان نالو ٿيو.

ٿي نرنان= محب، مجنون، مست. ڪاٺ جو=

هُرلو. جر جو=وَهيو. نارنان= ليليٰ. ٻولي=

بَس. نَرنان=مجنون. ڪاٺي جي=ڳاڏي.

نالو= چِٽو.

محب مجنون مست تي، تي ڏينهن هرلي ۾ وهيو،
ليليٰ آئي، جنهن بس ڪئي، تڏهن مجنون ڳاڏيءَ مان ڇُٽو.

[221]

نرنانءَ عضوو مرون جو چميو، چياڻونس ته اي **نرنانءَ** تو چا ڪيو؟
چئي: هيءُ **مرون نارنانءَ** جي **متيءَ جي** ۾ **پولي پولڻ** ويندو هو.

نرنان= مجنون. عضوو= پير. مرون= ڪُتو.
نرنان= مجنون. نارنان= ليليٰ. متيءَ جي=
حويلي. پولي پولڻ= ڪڏهن ڪڏهن.

مجني پير ڪُتي جو چميو، چياڻونس ته مجنا تو چا ڪيو؟
چئي: هيءُ ڪتو ليليٰ جي حويليءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن ويندو هو.

[222]

نرنانءَ منهنجي **نرنانءَ** ڪي، **نرنانءَ** چوين ڪيئن،
چيري وڻ واٽئي جو، تنهن کي **گاهہ جون** هٽين ڪيئن!

نرنان= محب. نرنان= مجنون. نرنان= چريو.
چيري جو= ڪُل> عاقل. وڻ جو= پورُ.
واٽئي جو=اڪر>اڪرين. گاهہ جون=ڪامون.

محب منهنجي مجني کي، تون چريو چوين ڪيئن،
عاقل پوري اڪرين، تنهن کي ڪامون هٽين ڪيئن!

[223]

پنهنجو ته ڪونهي، **مال جو** چئين ته ڏيان!

پنهنجو=رت. مال جو= ماس.
رت ته ڪونهي، ماس چئين ته ڏيانءِ!

[224]

جيئن **نرنانءَ فقير** ٿيو، تيئن **نارنانءَ** ڪي به **ذات** هئي.

نرنان= مجنون. فقير=داس>اُداسي. نارنان=
ليليٰ. ذات= پيسڪ>به + سڪ.

جيئن مجنون اُداسي ٿيو، تيئن ليليٰ کي به سڪَ هئي.

[225]

نالي جو لڪائي ڏنئون، **وڪر** ويچاري کي.

نالو=لوڪو>لوڪئون. وڪر=وِهہ.
لوڪئون لڪائي، ڏنئون وِهہ ويچاري کي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[226]

وکر پنهنجو ذات ٿيو، اجان پيو چمر جي ڪري.

وکر=وهه. پنهنجو=پيءُ>پيي. ذات=خشڪ>
خوش. چمر جي = گهرڪڻ>گهرَ+ڪرڻ.

وِهه پـــي خــــوش ٿيو، اجان پيو گهرَ ڪري.

[227]

توڙي اوزار هجي، تہ بہ آءُ راند جي وڃان.

اوزار=وهڪرو (سونارڪو اوزار، جنهن سان
ٽپو لڳي)> وِهه +ڪڙو. راند جو=پينگهوڙو>
پيي + گهڙو.

توڙي وِهه ڪـــڙو هجي، تہ بہ آءُ پـــي گهڙو وڃان.

[228]

شـــــــهر ۾ نرنــــــــانءَ نــــــــالو ٿيـــــــو،
جنهن وکر ۾ ماڻهو ذات ٿين، تنهن مان هن مال جو ڪيو.

شهر= مصر. نرنان=مجنون. نالو= مست.
وکر= زهر. ذات=مري. مال جو= ڏوُ.

مـــــــصر ۾ مجنـــــــــون مســــــــت ٿيـــــــو،
جنهـن زهـر ۾ مـاڻهو مـري وڃـن، تنهـن مـان هــن ڏوُ ڪيــو.

[229]

مثيـــون پيتـــم جـــن ســان، ڪـــڙو تـــن پيـــان،
تهـــان پـــوءِ ٿيـــان، نـــالو تنهـــن نارنـــانءَ جـــو.

مـثيون= مصريون. ڪڙو= زهر. نالو=
مجنون. نارنان= ليليٰ.

مـــصريون پيتـــم جـــن ســـان، زهـــر تـــن پيـــان،
تـــِـهان پـوءِ ٿيـــان، مجنـــون تنهـــن ليلـــيٰ جـــو.

[230]

اي ميـــان نرنـــانءَ! مـــــلڪ بيٺـــو ســـڌ،
آءُ نارنــــــانءَ پـــــوک جــــــي ٿـــــي اُچــــان.

نرنان= مجنون. مُلڪ= اُيو. سڌ=هو>هُج.
نارنان= وَسنديِ>وَسَ. پوک جي= چَري.

اي ميان مجنا! اُيـــو بيٺو هُـج، آءُ وَسَ چري ٿي اچان.

[231]

وَهتَ ٻوليءَ لاءِ نرنانءَ سُڪي حاڪيماٽو تي پيو.

وهتَ ٻولي= لئي لئي<ليليٰ. نرنان= مجنون.
حاڪيماٽو= ڪاٺ.

ليليٰ لاءِ مجنون سُڪي ڪاٺ تي پيو.

[232]

نرنان ڪاٺ تيو، پوک جن جهيڙا ڪيا.

نرنان=مجنون. ڪاٺ= ٻُنڊ. پوک جن=
وَلهين. جهيڙو=ويڙهه.

مجنون ٻُنڊ تيو، ولهين ويڙهه ڪيا.

[233]

ڏس نالو نرنانءَ جو، جو شهر ٿون وِيڙو آهي.
پرجي شهر ٿون ويڙو آهي، تہ ٻہ ڪپڙي جي ۾ بيٺو آهي.

نالو= مستي. نرنان= مجنون. شهر= هالا<
هالئون<حالئون. ڪپڙي جو= ٻرُ.

ڏس مستي مجني جي، جو حالئون وِيڙو آهي،
پر جي حالئون وِيڙو آهي، تہ ٻہ ٻر ۾ بيٺو آهي.

[234]

نالو چڙهيو نالي تيٰ، تنهن کان پيو نار نالو گهري!

نالو=نندو(وَل). نالو=مجنون. نار نالو=ليليٰ.

نندو چڙهيو مجني تي، تنهن کان پيو ليليٰ گهري!

[235]

نالو چڙهيو نالن تي، وڻ جن اچي مِرونءَ جو ڪيو،
تڏهن هن تي مرد نالي اچي عيب جو ڏريو،
۽ نالي ذات اچي محنت جو هنيو،
تڏهن نرنانءَ ڪٺي نار نار ڪيو.

نالو= نندو. نالا= مير ۽ مجنون. وڻ جن= وَلين.
مرونءَ جو=ويڙهہ. مرد نالي= شهباز.
عيب=ڪيرو<آڪيرو. نالو=مير. ذات=دايو.
محنت جو= کهاڙو. نرنان= مجنون.
نارنار= ليليٰ ليليٰ.

ننڊو چڙهيو مير مجني تي، وڪين اڃي ويڙهه ڪيو،
تڏهن هن تي شهباز اڃي آڪيرو ڪيو،
۽ مير ڏائي اڃي کهاڙو هنيو،
تڏهن مجني ڪڇي 'ليليٰ ليليٰ' ڪيو.

[236]

پکي نرنان متان وجي ڏڪ جو ڪيو.

پکي=شهباز. نرنان= مجنون. ڏڪ جو=
ڪيرو>آڪيرو.

شهباز مجني متان وجي آڪيرو ڪيو.

[237]

نالي ذات لوهه جو هنيو، پر نرنان ۽ پوڪ جي ٻه ڪانَ ڪئي.

نالو= باغائي. ذات= ٻنارو. لوهه جو= کهاڙو.
نرنان= مجنون. پوڪ جي= ڪورڙ>ڪا +رڙ.

باغائي ٻناري کهاڙو هنيو، پر مجني ڪا رڙ ٻه ڪانَ ڪئي.

[238]

لڳو ڪُتو ڪاٺ ڪي، نرنان ڪئي، راڳ جي.

ڪُتو=کهاڙو(نالو ڪُتي جو). ڪاٺ= ٻُند.
نرنان= مجنون. راڳ جي= لئي>ليليٰ.

لڳو کهاڙو ٻُند ۾، مجني ڪئي، 'ليليٰ'!

[239]

نالي نرنان جڏيئي متي تہ ڏِس!

نالو=جتو>جتي. نرنان= مجنون. متي=اُتي.

جتي مجنون جڏيئي، اُتي تہ ڏس.

[240]

نارنان ۽ چيو تہ نرنان ۽ مال ڏيکار، نہ تہ نرنان جي تي ماري.

نارنان= ليليٰ. نرنان=مجنون. مال=مينهن>
مُنهن. نرنان=سڪندر>سڪَ +اندر.

ليليٰ چيو تہ 'مجنا' منهن ڏيکار، نہ تہ سڪ اندر جي تي ماري.

[241]

نرنان ۽ ذات پنهنجيءَ ڪي، حاڪم جي ڪئي،
پر نارنان ۽ نرنان ۽ تان عضوي جي نہ ڪئي.

نرنان= قمـــر. ذات=قاضي. پنهنجي=ڏيءَ.
حاڪم جي=نصيحت. نارنان=ليليٰ. نرنان=
مجنون. عضوي جي=دل.

قمـــر قـــاضي ڏيءَ ڪـــي نصيحـــت ڪئـــي،
پـــر ليلـــيٰ مجنـــي تـــان دل ٿـــي نـــہ ڪنئـــي.

[242]

جر جي لڳي نارنانءَ ڪي، تڏهن نرنانءَ لاءِ گهرَ جي تي.

جرَ جي= لهر. نارنان=ليليٰ. نرنان= مجنون.
گهرَ جي= چَري.

لهر لڳي ليليٰ ڪـــي، تـــڏهـــن مجني لاءِ چرِي ٿي.

شيرين فرهاد

[243]

پولي پنهنجو، هليو ڪٽي نالو نرنانءَ ڏي.

پولي= وٺي. پنهنجو=قول. نالو= تيڪم.
نرنان= جبل.

وٺي قول، هليو ڪٽي تيڪم جبل ڏي.

[244]

ڪري پنهنجي نرنانءَ جي، ذات ڏانهن ڪـــُتي،
نـالي ڳاريو ڪـاڄ جـو، توريـون ڪنـدي ڳاهـ ڪـي.

پنهنجي=آس. نرنان= الله. ذات=هـلايو>هليو.
ڪُتو= جبل (نالو ڪتي جو). نالو= مرد.
ڪاڄ جو= ماهـ. توريون= پـِتون. ڳاهـ=پٿر.

ڪـــري آس الله جـــي، هليـــو ڏانهـــن جبـــل،
مـــرد ڳـــاريو ماهـــ، پـــتون ڪنـدي پٿـــر ڪـــي.

[245]

تنهن نالي ڪي پنهنجي، جو ٻار جو ڪين رڇ ڪان.

نالو=فرهاد. پنهنجي=شاباس. ٻار جو=ڏڪڻ>
ڏڪيو. رَڇ=ڏونگهو>ڏونگر.

تنهن فرهاد ڪي شاباس، جو ڏڪيو ڪين ڏونگر ڪان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[246]

مال ڪپڙي جا وير، نالي تنهن نار لاءِ.

مال جا=ٽڪر. ڪپڙي جا=ٽانڪا>

ٽاڪيا. نالو=فرهاد. نار=شيرين.

ٽڪر ٽاڪيا وير، فرهاد تنهن شيرين لاءِ.

[247]

عاشق نرنانءَ ڪاٺ جو، ڪاڄ جي پنهنجي ۾.

نرنان=ڏونگر. ڪاٺ جو= ڏاريو. ڪاڄ جو=

شيرين. پنهنجو=شوق.

عاشق ڏونگر ڏاريو، شيرين جي شوق ۾.

[248]

نارنانءَ شهر جي مان نڪري نرنانءَ ڏي ٿي ويئي.

نارنان= شيرين. شهر جي=سرحد. نرنان=فرهاد.

شيرين سرحد مان نڪري، فرهاد ڏي ٿي ويئي.

[249]

ڳالهه پنهنجي نار ڪي، پڪيءَ جي مٿان نرنانءَ جي.

ڳالهه= سچي. پنهنجي=سِڪ. نار=شيرين.

پڪيءَ جو=ڦٽڪو>ڦٽڪيَ. نرنان=فرهاد.

سچي سڪ شيرين ڪي، ڦٽڪي مٿان فرهاد جي.

[250]

مرض جو ڪيائونْ پنهنجو، فقير جو آچار ڪري هليا.

مرض جو=صدقو. پنهنجو=ساهه. فقير جو=نينهن.

آچار=نبيرو.

صــدقــو ڪيائــون ســاهـــ، نينهن نبيري هليا.

ملڪ محمود ۽ مهرنگار

[251]

ولايـــت مـــان نــــرنـــانءَ آيو، جنهن شهر ٻاهران حاڪم جو ڪيو.

ولايت= مڪو. نرنان=ملڪ محمود. شهر=

نيرون ڪوٽ. حاڪم جو=شڪار.

مڪي مان ملڪ محمود آيو، جنهن نيرون ڪوٽ ٻاهران شڪار ڪيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[252]

مال جون ڏسي، پنهنجو ڪيائين نرنانءُ تي.

مال جون=ڏاريون<ڏاريو. پنهنجو=
دهمان. نرنان=مل محمود.

ڏاريو ڏسي، دهمان ڪيائين مل محمود تي.

[253]

ڳـَـهه جي لڳي نار کي، جڏهن ڏنائين جبل جي نرنانءُ ۾.

ڳهه جي= لـَنءَ. نار=مهرنگار. جبل جي=
مومياڻي<منهن مهانءِ. نرنان=مل محمود.

لَنءَ لڳي مهرنگار کي، جڏهن ڏنائين منهن مهانءِ مل محمود کي.

[254]

پڪـــي وڃ پـــر جـــُــوءِ، جنهـــن هنــڊ نــــالا هـــونِ،
وڃي چئُو نالي روبروءِ ته ڪا شيءِ پنهنجو ڪاٺ تي ڪڏهن ڪين رکيوءِ.

پکي= ڪاهو. پرجُوءِ= ڪهي. نالا=مل + محمود.
نالو=مل محمود. شيءِ=نگار. پنهنجو=پاسو.
ڪاٺ جو=پلنگ.

ڪاهـــا! وڃ ڪهـــي، جنهـــن هنــڊ مـــل محمـــود هـــوءِ،
وڃـــــي چئـــو مـــل محمـــــود کـــــي روبـــــروءِ،
تـــہ نگـــار پاســو پلنـــگ تـــي ڪـــڏهن ڪيـــن رکيـــوءِ.

[255]

ونءُ نــــالا وَنءُ نرنـــــانءُ، وڃـــي نرنــــانءُ کـــي چئجـــو،
ته هيءَ جا نارنالي تنهنجي لاءِ تڙ تي بيني، سا ڪپڙي جو نہ ڏري.

نالا=رتو ۽ راڏو. نرنان=مرد. نرنان=مل محمود. نارنالي=
مهرنگار. ڪپڙي جو= پاسو.

ونءُ رتـــا ۽ راڏا مـــرد، وڃـــي مـــل محمـــود کـــي چئجـــو،
ته هيءَ جا مهرنگار تنهنجي لاءِ تڙ تي بيٺي، سا پاسو نــہ ڏري.

[256]

نار سـُـٽ جو پنهنجي ۾ ڪپڙي جي سان نرنانءُ کي.

نار=نگار. سُٽ جو= نيو. پنهنجو=گهر. ڪپڙي
جو= برقعو. نرنان= مل محمود.

نگار نيو گهر ۾ برقعي سان مل محمود کي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[257]

نالو وڏائون جر جي ۾، تڏهن نارنالي جو پنهنجوءِ شهر ٿيو.

نالو=خان. جر جو= کوهه. نار= مهرنگار. پنهنجو=

سُک. شهر= ڦِٽو.

خــان وڏائــــون کوهه ۾، تڏهن مهرنگار جـــو ســـک ڦٽو.

[258]

علمر جي ڪٺي مرد جي جڏهن عضوو ڏنائين مرونءَ جي ۾.

علمر جي= زير. مرد جو= زور. عضو= چنبو.

مرونءَ جو= چنبو.

زيــر ڪــٺــي زور، تـــڏهـــن چنبو ڏنائين چنبي ۾.

[259]

عيب ڏسي عضوو، چورجو تنهن نرنانءَ کي.

عيب= انڌو. عضوو=هٿ. چور جو=

پڪڙيو. نرنان=بهادر.

آنڌي ڏسي هٿ، پڪڙيو تنهن بهادر کي.

سيف الملوڪ

[260]

پکي آيو ڪاٺ جو ڪنيئين، نرنانءَ نالو ٿيو.

پکي= گرڙ. ڪاٺ جو=پاندو. نرنان=

سيفل. نالو=جو (سب> جو +سبب.

گرڙ آيو پاندو ڪينئين، سيفل سبب ٿيو.)

[261]

هندڪو ڪاسبڪي تي، زحمت پيو ڪائي.

هندڪو=ساڏ>سعد. ڪاسبڪو=بٺو>

بـَٺُ. زحمت=ڦُلا (اکين جا).

ســـعـــد بَـــٺَ تـــي، ڦلا پيو ڪائي.

[262]

جـــر جـــون جـــر جـــي تـــي آيـــون هيـــون جـــڏهن،

پنهنجيـــون پنهنجـــون نرنـــان ليڪـــي لڳيـــون هيـــون تـــڏهن،

هـــاٽي شـــهر ڪاريـــگر شـــهر ۾ ايندين جـــڏهن،

پنهنجـــو نـــالي جـــو ٿينـــدو تـــڏهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جر جون= اُپڄرُون (اُپڄرَ=ڄـَرَ جو تانگهو
پاسو)> اُپڄرائون. جر جو=تلاءُ. پنهنجيون=
دلڙيون. نرنان= سيف الملوڪ. ليکي جو=
گڏيو>گڏيون. ڪاريگر شهر= روغان.
ناٽي جو= ميڙائو.

اُپڄرائون تلاءُ تي آيون هيون جڏهن،
پنهنجون دلڙيون سيفل گڏيون هيون تڏهن،
هاٽي شهر روغان ۾ ايندين جڏهنُ،
پنهنجو ميڙائو تيندو تڏهن.

[263]

جڏهن **جر جرن** تي اچين، تـڏهن **ڏڻ مال جون** پسين،
نرنائن ڪان متي، جڏهن **شهر** وجين، **نارنان** ملئي تڏهينُ.

جر جرن= تڙن، تلائن. ڏڻ مال جو=پڄڙوُن>
اپڄرائون. نرنائن=ديوَن. شهر=روغان.
نارنان= بديعل.

جڏهن تڙن، تلائن تي اچين، تڏهن اُپڄرائون پسين،
ديون ڪان متي جڏهن روغان وڃين، بديعل ملئي تڏهين.

[264]

نالو چوي **نرنان** کي، ڪا **نار نالي** هئي **نرنانءَ** ۾.
نالو=سيفل. نرنان=سعد. نارنالي= بديع الجمال.
نرنان=باغ.
'سيفل چوي سعيد کي تہ 'ڪا بديعل هئي باغ ۾.'

[265]

نرنانءَ تيڏي باغ ۾، اِڪ **نرنانءُ** آيا،
ڪامٽي وس ڪري، **مال جيئن** سُور ويا.

نارنان= بديعل. نرنان=سوالي. ڪامٽي=چوڙيلي.
وَس=چِت. مال جي=ساندِ (ڏاچي)> سانڊي.
بديعل تيَڏي بَاغ ۾ اِڪ سوالي آيا،
چوڙيلي چِت ڪري، سَانڊي سُور ويا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[266]

ذات چڱي، نـــالــي مدي، ڪپڙ جن سان گڏي.

ذات چڱي= پري. مدي=بدي>بديعل.

ڪپڙجن= ديون.

پــري نـــالـــي بديعل، ديـــوَن ســـــان گڏي.

[267]

هنن مُـلڪ جن ۽ ذاتين ڪان، نارنانءَ چيري جي پلي.

مُلڪ جن=ديهن>ديون. ذاتين= پرين.

نارنان=بديعل. چيري جي=جوت.

هنن ديون ۽ پرين ڪـــــان، بديعل جي جوت پلي.

[268]

هن ذات ۽ ذاتين ڪان، نارنانءَ چيري جي ڪٺر.

ذات= چنڊ. ذاتين=تيورا>تارن. نارنان=

بديعل. چيري جي= جوت.

هن چنڊ ۽ تارن ڪان بديعل جـــوت ڪٺر.

[269]

اي نـــــار نـــــرنــــــانءَ! شهـــــر تنهنجي شهر تي.

نار=بديعل +نرنان=جمال>بديع الجمال.

شهر=دلي. شهر=ڪچ.

اي بديع الَجمال! دِلـــــي تنهنجيءَ ڪچ تي.

ڪامسين ۽ ڪامروپ

[270]

نرنانءَ پنهنجيءَ نارنانءَ لاءِ، ڪاسبڪي ٻولي ڪئي.

نرنان=ڪامسين. نارنان=ڪامروپ. ڪاسبڪي=

ڪـٿ. ٻولي=اُونڌي.

ڪامسين پنهنجيءَ ڪامروپ لاءِ، ڪٿ اُونڌي ڪئي.

هير رانجهو

[271]

واءَ جو ڪم ڪاڻ سان، نـــالــي مـتي ڙي.

واءَ=هير. ڪم=لُڏڻ>لُڏي. ڪاڻ=

هندورن. نالو=رانجهو. متي=واري.

هير لُڏي هـــنـدورن ۾، رانجهوءَ واري ڙي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[272]

واءَ ڏڻ جن منجهہ هئي، نرنانءَ تي ٻولي ڪئي.

واءَ=هير. ڏڻ جن=پينگهن. نرنان=رانجهو.

ٻولي=والار.

هير پينگهن منجهہ هئي، رانجهو تي والار ڪئي.

[273]

وڪردا انگين وچ پيا نانءَ سڏائيندا ها.

وڪردا=رانجهن. انگ=هزار<هِـزارو.

نان=خانُـو<خان.

رانجهن هزاري وچ پيا خان سڏائيندا ها.

[274]

واه وو نــرنــانءَ! مـــال دي ڪـــانـــي دا نانءَ.

نرنان=رانجهو. مال دي= چوڙي<چوڙيئي.

ڪاني دا=تختا<تخت. نان=هزاريٌ<هزارو.

واه وو رانجها! چــوڙيــئــي تـــخـــت هـــزارا.

[275]

نرنانءَ حاڪيماٽي ڪئي، نار نالي ڪاڻ.

نرنان=رانجهو. حاڪيماٽي= چڙهائي.

نار=هير. نالو=سيال.

رانجهن چڙهائي ڪئي، هير سيالڻ ڪاڻ.

[276]

نــرنـــانءَ! نـــارنـــانءَ جهنگ جو.

نرنان=الله سائين. نارنان=هير.

جهنگ جو=لاهہ<لاءِ<ملاءِ.

الله ســائــيــن! هــيــر مــلاءِ.

[277]

نـــار ڪي نـــرنـــانءَ ولايـــت ۾ گـــڏيـــو.

نار=هير. نرنان=رانجهو. ولايت=باغ.

هـــيـــر ڪـــي رانـــجهو بـــاغ ۾ گـــڏيـــو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[278]

نرنانءُ پـِـت زمين جي، پنهنجيون! نـــالـــو ذات آ.

نرنان=رانجهن. پـِـت جي=بنا. زمين جي=رڄَ.

پنهنجيون=جيڏيون. نالو=جهنگلي>جهنگ.

ذات=سيال.

رانجهن بـــنـــا رڄَ، جيڏيون! جهنگ سـيال آ.

[279]

اي ذات نرنـــانءُ! حاڪيماٽـــا نـــہ ڪـــر،

آءُ عضـــوي نـــہ نارنـــانءُ ڪـــاٺ جـــي.

ذات=قاضي. نَرنان=صاحب. حاڪيماٽا=قصا.

عضوو=هـڪي>هڪ. نارنان=مجيدي>مجينِدي.

ڪاٺ جي=سنئين.

اي قاضي صاحب! قصا نہ ڪر، آءُ هڪ بہ نہ مجينِدي سنئين.

[280]

ذات جا تارين ڪُهسين، تہ نرنانءُ ميڏي ڪاٺ وڄون وڻ دي نہ ويسين.

ذات= قاضي. تارا=ڪتيون>ڪاتئين. نرنان=ماهي.

ڪاٺ دي=منِ. وڻ دي=مول (مُـور).

قاضي! چا ڪاتئين نال ڪهسين، تہ بہ ماهي ميڏي من وڄون مول نہ ويسين.

[281]

نـــانءُ مـــرون، تَيـــن ڪـيـــها رب دا ڪـِـيتا!

نان= ڪيدُو. مرون= ڪُتو. رب دا=قهر.

ڪَيـدوُ ڪـُتا! تَـيـن ڪـيـها قـهـر ڪـِـيتا!

[282]

عورت مرض وڃئي، ڪيون نانءُ ڪيتا هئي ذاتيان ڪُون!

عورت= هير. مرض=اُپي ساهي>ساهہ. نانءُ=

ڪالـُو>ڪالا. ذاتيان=سيالان.

هيرِ! ساهہ وڃيئي، ڪيُون ڪالا ڪيتا هئي سياليان ڪون!

[283]

ذات والا مـــــال دا، تيـــــڪون نـــــہ هـــنـــدوُ؟

ذات=ڪيڙا. مال دا=سـِـڪ>سَـڱ. هندو=

واٽيا>وٽيا.

ڪـــيـــڙي والا سَـــڱ، تـــيـــڪــون نـــہ وٽـــيـــا؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[284]

نالو مَ نالي، نرنانءَ رچ ۾.

نالُو=ڪيڙو. نالو=مومن>مون +من.

نرنان=رانجهن. رَچُ=دلو>دل.

ڪيڙو مَ مون من، رانجهن دِل ۾.

[285]

ڪاچ ڪون وڻ دي گهتان، ميڪون ڏڏ دي ملي.

ڪاچ=ڪيٽيون>ڪيڙو. وڻ دي=ڪوئنر>

ڪُوهر>ڪوهہ. ڏُڏ دي=مهي>ماهي.

ڪيڙي ڪون ڪوهہ گهتان، ميڪون ماهي ملي.

[286]

اي **نالا ذاتيون** آچ نہ مُئيءَ ڪي، **ڪپڙي جا** آچين چو نہ ميان؟

نالو= چوچڪ. ذات=ڪيڙا. ڪپڙي جا=

چاڪ> چاڪر.

اي چوچڪ! ڪيڙا آچ نہ مئيءَ ڪي، چاڪر آچين چو نہ ميان؟

[287]

جيت نہ تيوين ها، رچ ڪپندا هئا **نرنانءَ** ميڏا.

جيت=ماڪوڙي>ماءُ +ڪُ +وڙي. رَچ=

ڍِڪڻ. نرنان=ايوب>عيب.

ماءُ ڪوڙي نہ تيوين ها، ڍِڪڻ ڪپندا هئا عيب ميڏا.

[288]

اول تہ **جند جي، ذات هتيارَ** آهن پوءِ.

جند جي=رانجهہ>رانجهو. ذات=ڪيڙا.

هتيار=ڪنو>ڪنا.

اول تہ رانجهو، ڪيڙا ڪنا آهن پوءِ.

[289]

نر نالي ڪپڙي جو ڪيو، پر نار نالي تہ نہ.

نرنالو=چوچڪ. ڪپڙي جو=چاڪ>چاڪر.

نارنالي=لالي>حلالي.

چوچڪ چاڪر بيهاريو، پر حلالي تہ نہ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[290]

نالي مين نون ڪاني ماري، مٽي مٽي عورت نہ.

نالو=رانجهو. ڪاني=چمڪ. مٽي مٽي=
چيڪي چيڪي<چڪي چڪي. عورت=چُٽي.

رانجهي مين نون چمڪ ماري، چڪي چڪي چُٽي نہ.

[291]

آٽي وڪر ڏي، توڪي فقير! ڳنهہ ڏيان.

وڪر=رانجهن. فقير=جوڳي. ڳهہ=ڪنڍلَ.

آٽي رانجهن ڏي، توڪي جوڳي! ڪنڍلَ ڏيان.

[292]

هڏڙي سامي ءَ من پر، جو اڇيو ڪاٺ جي پني.

هڏڙي=مڻ<ڪامڻ. ڪاٺ جي=ڏوئي<اوڏوئي.

ڪامڻ سامي ءَ من پر، جو اڇيو اوڏوئي پني.

[293]

آيس آس رکي ڪري، تنهنجي نالي تي،
توڪي شل نرنالو ملي! مون کي ميوي جو ڏي.

نالو=اڱڻ. نرنالو=مراد. ميوي جو=رَسڻ<ترسڻ.

آيس آس رکي ڪري، تنهنجي اڱڻ تي،
توڪي شل مراد ملي، مون کي ترسڻ ڏي.

[294]

تيڪون ملي آپٽي، ميڪون نانءُ ملاءِ.

اپٽي=مراد. نان=رانجهو.

تيڪون ملي مراد، ميڪون رانجهو ملاءِ ● .

[295]

وڻ نالو تون، لاهہ عضوي جي حاڪيماٽي.

وڻ=ليار<مل +يار. نالو= ماهي. عضوو=
هينئون. حاڪيماٽي=دائي<ماندائي.

مل يار ماهي تون! لاهہ هينئين جي ماندائي.

● هير پنهنجي نٽان 'سهتي' کي چئي ٿي تہ: توکي مراد ملي، مون کي رانجهو ملاءِ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[296]

ذات ميڏا ڳهہ، مين سودي دي ۽ راند دِي هان تيڏي.

ذات=عامل>آءُ + مل. ڳهہ=والي.

سودي دي= ٻولي. راند دِي= ٻڌِي.

آءُ مل ميڏا والي! مين ٻولين ٻڌي هان تيڏي.

[297]

هين تہ نرنانءُ، پر مرض نانءُ کيتوئي.

نرنان=شهزادو. مرض=عشق. نان=فقيرو>فقير.

هين تہ شهزادا، پر عشق فقير کيتوئي.

[298]

نرنانءَ! تيڏي ڪاٺ، نارنانءَ ڪاني تي.

نرنان=رانجهو. ڪاٺ=ڪان>ڪاڻ. نارنان=

هير. ڪاني=بيراڳڻ.

رانجهو! تيڏي ڪاڻ، هير بيراڳڻ تي.

[299]

اي ميان نرنانءَ! شهر وسئي، مين ڪاني تي هان.

نرنان=رانجهو. شهر=جهوڪ. ڪاني=بيراڳڻ.

اي ميان رانجها! جهوڪ وسئي، مين بيراڳڻ تي هان.

[300]

آءُ جيت وارا، ڪد ڪپڙي جي، ٻہ- تي وات جون ڏي.

جيت=سَپ>سپيرا. ڪپڙي جي=رکي>مُرلي.

وات جون=ڦوڪون.

آءُ سپيرا ڪد مرلي، ٻہ- تي ڦوڪون ڏي.

[301]

ذات تيڏي فقيري دي، ذات نرنانءُ.

ذات=جوڳي. فقير دي=منڊ. ذات=سيالڻ.

نرنان=موسي>مسائي.

جوڳي، تيڏي، مَنڊ، سيالڻ مُسائي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[302]

مال جي ٻـُـڌي، ڪاٺ تي پئي، جر جي وکر ڪاڻ.

مال جي=ڦوڪ. ڪاٺ=بيراڳڻ. جرجي=هير.

وکر=رانجهن.

ڦـُوڪ ٻـُـڌي بيراڳڻ تي پئي، هير رانجهن ڪاڻ.

[303]

جيت نہ ڪاڏي هون، مين **فقير ڪا** بنايا هي.

جيت=نانگ. فقيرڪا= بيڪُ.

نانگ نہ ڪاڏي هـُون، مين بيڪُ بنايا هي.

[304]

گهوڙي جي زمين جيءَ ۾ نرنانءَ بيٺو نار گهري.

گهوڙي جي=اُنڌاري. زمين جي=قبر.

نرنان= رانجهو. نار=هير.

اُنـــڌاري قـــبـــر ۾، رانجهـــو بيٺو هير گهُري.

بلند بخاري

[305]

نـــالـــي ذات لاءِ وڻ تـــي ويـــنـــي آهيان.

نالو=بلند. ذات=بخاري. وڻ=ڪيسن<

ڪي +سن.

بلند بـــخـــاريءَ لاءِ ڪـــي سن وينٺي آهيان.

روپ بسنت

[306]

اٿي نار پيرو جو ڪر، ڪي هندو آيئي ڙي!

نار=گوري. پرجو=ويس. هندو=روپ، بسنت

اٿـــي گـــوري ويس ڪـــر، روپ بسنت آيئي ڙي!

بروو ۽ باني

[307]

ولايـــت ۾ نـــرنـــانءَ تـــي پنهنجي ڪئي.

ولايت=باني. نرنان=بروو. پنهنجي=اُلٽي.

بـــانـــيءَ ۾ بـــروي تـــي اُلـــٽـــي ڪئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاندو ۽ گنگراج

[308]

انهيءَ وڻ ۾ نــرنـــانءُ آهـــي، سو راند جوئي نہ.

وڻ= ڪيتڪي. نرنان=پوئر. راند جو=ڪُليو.

انهيءَ ڪيتڪيءَ ۾ پوئـــر آهي، سو ڪُليو ئي نہ.

انسا بنسا

[309]

اُڏر پـــڪـــي لهہ ولايت، جتي ٻـــولـــي ڙي.

پڪي=آتاهہ. ولايت=ستارا. ٻولي=بنسو.

اُڏر آتاهہ، وڃ ســـتـــارا، جـــتـــي بنسو ڙي.

[310]

نارنانءَ چوي تي نرنانءَ ڪي، تہ چئو پنهنجي نرنانءَ ڪي، تہ ولايت مان وڻ آٽي ڏي.

نارنان= انسا. نرنان= بنسا. نرنان=گروڪاس. ولايت=تيمور. وڻ= توريت.

اُنسا چوي تي بنسا ڪي، تہ چئو پنهنجي گروڪاس ڪي، تہ تيمور مان توريت آٽي ڏي.

[311]

ولايتئون پـــڪـــي آيو، جنهن اڇي ٻولي ڪئي.

ولايت=بنات. پڪي=بنسو. ٻولي=بيروني.

بناتئون بنسو آئيو، جنهن اڇـي بيروني ڪئي.

باب چوٿون

سُرائتيون ڳجهارتون: موکي متارا

[312]

آءُ نارنانءَ، پر ڳهه، اجهي نــــالا آيــا.

نارنان=موکي. ڳهه=ڪيوٽي>وَٽي.

نالا=متارا.

آءُ موکي، پر وَٽي، اجهي مــتـــارا آيا.

[313]

پــــ نـــالا آئيــا، تـــن آب بـــلا جـــون کيـــون،

ذات اتئـــون پتـــڻ واري، مقـــام جـــي وڍي ڏيـــون.

پـ نالا=موکي. متارا. آب جون=واهيون>وايون.

بلا=پيئڻ. ذات=مڏئي>مڏي. پتڻ جو=

ڪان>ڪا نہ ڪا. مقام جي= سر (نالي لکيل).

موکـي! متــارا آئيــا، تــن پيئـڻ جـــون وايـــون کيـــون،

مـــَــڏي اُتئـــون ڪانـــ ڪـــا ســـِـــر وڍي ڏِيـــون.

[314]

نـــارنـــانءَ! نـــالـــن کـــي، ذات جـــي تہ ڏي.

نارنانءَ= موکي. نالا= متارا. ذات=

سَرڪي>سُرڪي.

مــوکــي! مــتـــارن کـــي سُرڪي تہ ڏي.

[315]

عـــلـــم جي زحمت جيت، ڏنئي، تہ ڪـــٽـــي ذات ڪر.

علم جي=شرع>شرا + زحمت=بمي (ڦوڪيل)>

ٻ + ۾. جيت=سپ. ذات= دَٻڪر>دٻ +ڪر.

شـــراب ۾ ســـپ ڏنئي، تہ ڪٽي دٻ (مـــاٽ) ڪر.

[316]

اولت علم جي ۾ ڏنو هئي، تڏهن ٻولي ڪرين ها.

اَولت=سپني>سپ +ني. علم جي=شرع>

شراب. ٻولي=وَم (ماٺ).

سپُ ني شراب ۾ ڏنو هئي، تڏهن وَم (ماٺ) ڪرين ها.

[317]

اهي نـــالا نـــرنـــانءَ، رچ ائٹ جي وجي ذات ٿيا.

نالا=متارا. نرنان=ملوڪ. رچ=وٺي. ائٹ جي=ڪاٺ. ذات=مويا>مئا.

اهي مـــتـــارا ملوڪ، وٺـــيءَ ڪـــاٺ وجي مُـئا.

[318]

ڳــهـــ جـــو ســـت جـــيءَ ۾ ذات ڙي.

ڳهہ جو=سُپڙو>سَپڙو. ست جو=مٺاڻ>مٺُ. ذات=مسرق>مَ +سُرڪ.

ســـپـــڙو مـــٺ ۾، مَ سُـــرڪ ڙي.

[319]

سودي مان سودي جـو ڪري، ڳهہ جون پرياڻون،
گاهہ جي نہ پئي فقيرن ڪـي، جـڏهن نـالو ڏنـاڻون.

سودو=سٺو. سودي جو=وَٺو. ڳهہ جون= ڪيوٺيون>ڪي +وٺيون. گاهہ=ڪلَ. نالو= آدم>دم.

سـَـٺي مـــان وَٺـــو ڪـــري، ڪـــي وٺيـــون پريـــاڻون،
ڪـــل نـــہ پئـــي فقيـــرن ڪـــي، جـــڏهن دم ڏنـــاڻون.

[320]

نرنانءَ تا رچ بلا ڪن، چون تہ پنٹ وارو اسان کي ڪونهي،
پوءِ بہ مقامن جي ڏينداسون.

نرنان=متارا. رَچ=بتيون. بلاِ=پيٺ. پنٹ وارو=آهو (آسرو). مقامن جي=سِر. (نالي لکيل سر).

متارا تا بيتونَ پين، چون تہ آهو اسان کي ڪونهي،
پوءِ بہ سرَ ڏينداسون.

[321]

آيا مال جي ڪري، ڏنئون تہ جر جي، پر پوءِ نر نالائي جر جي.

مال جي=آسَ. جر جي=ڪينَ. (سمنڊ جو نالو) نرنالا=وَريا. جر جي=ڪين. (سمنڊ جو نالو).

آيـــا آس ڪـــري، ڏنئون تہ ڪين، پر پوءِ وريا ٿي ڪين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب پنجون

سُرائتيون ڳجهارتون: مري ۽ 'مگّ ٽر'

[322]

نـــــارنـــــانءَ مرد مارايو، ڪيائين ڪکن منجهه.

نارنان=مري. مرد=مُگّ ٽر. ڪک=آڙا

(گاهه جا)> اڙانگن.

مـــــري، مـــــگّ ٽـــــر مارايو، اڙانگن منجهه اَچي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ڇهون

سُرائتيون ڳجهارتون: 'قُل وَڏُوو ۽ پورِي'

[323]

نرنانءَ ڪامڻ ڪاڻ پوڪ جي تي پيو.

نرنان=قل وڏوو. ڪامڻ=پوري. پوڪ جي=
قولر>قولارجي.

قل وڏوو پوريءَ ڪاڻ قولارجي پيو.

[324]

ڪانيءَ جي پائي ڪاٺ جي ۾، ڪاٺ بہ ڪنيائون،
اوڏا آيا شهر ڪي، نارنانءَ پڇيائون.

ڪانيءَ جي=منڊي. ڪاٺ جي=من. ڪاني=
من. شهر=اُونچل. نارنان=پوري.

منڊي پائي من ۾، من بہ ڪنيائون،
اوڏا آيا اُونچل ڪي، پوري پڇيائون.

[325]

پڪي ٻولي ڪن، ڪو جو نرنانءَ آئيو.

پڪيٰ=تاڙا. ٻوليءَ=تنوار. نرنان=جوڳي.

تاڙا تنوارين، ڪو جو جوڳي آئيو.

[326]

هندڪار ۾ هياس، تہ ڪاٺ جي وڳي ڙي،
جان ذات تياس، تہ نرنانءَ پيو ان جي گهُري.

هندڪار=رام>آرام. ڪاٺ جي=مُرلي. ذات=
جوڳي>جاڳان. نرنان=بابو. اَن جي=بکيا.

آرام ۾ هياس تہ مرلي وڳي ڙي،
جان جاڳان تہ بابُو پيو بکيا گهُري.

[327]

هو جو نالو آئيو، تنهن کي سُٽ جا ڏي.

نالو=بابو. سُٽ جا=بخيا>بکيا.

هو جو بابو آئيو، تنهن کي بِکيا ڏي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[328]

مَـــدنـــي ڏَن ڪـــي ڏي نـــرنـــانءُ ڪي.

مدني=پري. ڏَن ڪي=ڪيونٿي>ڪا +
وَٿي. نرنان=فقير.

پـــري ڪـــا وَٿـــي ڏي فـــقـــيـــر ڪي.

[329]

چــڏ جر جا، وٺ سـُـٽ جا، ڪپڙي جو چئين تہ ڪپڙي جو ڏيئن.

جر جا=گهمرا. سُٽ جا=بخيا>بِڪيا. ڪپڙي
جو=جامون>جو +مون. ڪپڙي جو=چوُسو>
چئين + سو.

چـــڏ گُهمرا، وٺ بِڪيـــا، جـــو مـــون چئين تـــہ ســـو ڏيئين.

[330]

ذاتيون! ذلت مرَ ڏي، تہ ڪنهن ڪوڙ تي پڪي ڏسان.

ذاتيون=دايا>دائي. ذات=دائيداٽا>داٽا.
ڪوڙ=بهانو. پڪي=پوري.

دائي! داٽا مرَ ڏي، تہ ڪنهن بهاني پوري ڏسان.

[331]

ڏئـــي تہ شاهوڪاري ڏئـــي، نہ تہ ذات نہ ڏي.

شاهوڪاري=توراٽي>تو +راٽي. ذات=
دائيداٽا>دائي +داٽا.

ڏئـي تہ تو راٽي ڏئـــي، نہ تہ دائي! داٽا نہ ڏي.

[332]

چـــَـر جـــا فـــقـــيـــرا هـــيءُ ڪـــاٺَ جو اٿئي.

چر جا=بڪر> بڪ +مرَ. ڪاٺ جو=سوڳارو
(شڪنجو)> ڳارو. (ان جي لپ).

بَـــڪُ مرَ فـــقـــيـــرا هـــيءُ ڳـــارو اٿـــئـــي.

[333]

توڙ ڪاٺ ٻڌين، تہ بہ نرنانءُ ريجهي ڪينڪي.

ڪاٺ=وٺوهڙ>وٺو +هڙَ. نرنان= سامي.

توڙي وٺو هڙَ ٻڌين، تہ بہ سامي ريجهي ڪينڪي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[334]

هـــوءَ پيئي نـــالا ڏئـــي، تہ بہ نـــالـــو نالي ڪين ميان!

نالا=سونو ۽ ڳهٽو. نالو=سامي. نالو=سرتو(سرچيو)

هوءَ پيئي ســونــو ڳهٽو ڏئي، تہ بہ سامي سرتو ڪين ميان!

[335]

جيئن ذات ٻولي ڪنس، تيئن رسو پاٽي جي وجي.

ذات=دايون. ٻولي=دور. رَسو=مرڪَ<

مرڪَ< مرڪيو. پاٽيءَ جو= منجهہ.

جيئن دايون دور ڪنس، تيئن مرڪيو منجهہ وجي.

[336]

نارنانءَ! بينو ڪاٽ جي تي، ان جـي نتـو وئـي،

اُتـي نارنـانءَ، تـون ٻولـيءَ جـا ڪرينـس.

نارنان=درسياٽي<دُرس. ڪاٽ جو=در، ان

جي=بِـڪيا. نارنان=ڏجاٽي. ٻولي جا=

سرچائڻ<سرچائينس.

دُرس بيٺـو در تـي، بِـــڪيا نتـــو وئـــي،

اُتـــي ڏجـــاٽي، تـــون ســـرچائينس.

[337]

رڇ ڪـاٽ تـيـو، ڪـاڄ جــي جنگ جو!

رڇ=برتن. ڪاٽ=بيراڳڻ. ڪاڄ جي=پوري

(ڪُـٽي، چُـوري). جنگ جو=پڳو.

بـــرتـــن بـيـــراڳـــڻ جـــو پوري تو پڳو!

[338]

رڇ ڪـــري پيو جيئڏ تـــي، عضوو پکي توتي.

رَڇ=برتن. جيئڏ=پوپٽ<پَـٽ. عضوو=

پاپڙي<پاپ +ڙي. پکي=پوري.

برتن ڪِري پيو پَـٽ تي، پاپُ ڙي پوري! توتي.

[339]

آءُ فقير! وڻ ڪپڙي جي، تـوڪـي مـــال جـــي ڏيان.

فقير=سامي. وڻ=جهـل<جهَـل، ڪپڙي جي=

جهولي. مال جي=ڏهاڙي.

آءُ سامي! جهَـل جهولي، تـوڪـي ڏهـاڙي ڏيان.

[340]

لوهہ جي ان جا ڪري، منهنجي پنهنجي مرض جيئن ڪيئي.

لوهہ جي=ساهمي>سامي. ان جا=اسم، پنهنجي=
دل. مرض جو=ڪسي.

سامي! اسم ڪري، منهنجي دل ڪسيئي.

[341]

ذات عضون سان پنهنجي گهوڙو جو بہ!

ذات=سامي. عضون=چشمن. گهوڙو=ڪسي.

سامي چشمن سان دل ڪسيئي بہ!

[342]

ڪاٺ جيئن جوڳي آئيا، ڳهہ جي بہ ٻوٽي تن.

ڪاٺ جو=آڙو>اڙي! جوڳي=اداسي. ڳهہ جي=
لئون. ٻوٽي= لاٽي>لائي.

اڙي! اُداسي آئيا، لئون بہ لائي تن.

[343]

ڪپڙي مال پوک جي اَتئي، تڏهن ڪا رڃ ترس.

ڪپڙي جي=بوند. مال جي=ٻري>ٻرهہ. پوک
جي=لائي. رَڃ=گهوڙي.

بوند ٻِرهہ جي لائي اتئي، تڏهن ڪا گهڙي تَرس.

[344]

ڏس ڪانيءَ جي جنهن ڪي زمين جي ڪيڏي!
رانـد اَن جي منهنجو، ڪڪن جو هو تہ وجي.

ڪانيءَ جي=ساهمي>سامي. زمين جي=ڪلا.
راند جي=ٻڌي>ٻڌيو. اَن جو=جيءُ. ڪڪن
جو=چِڪو>چڪيو.

ڏس سامي جنهن ڪي ڪلا ڪيڏي!
ٻڌيو جيءُ منهنجو، چڪيو هو تہ وجي.

[345]

اي ذات عورت! پنهنجو لايو، وري پنهنجون ڪرين.

ذات=غافل. عورت= گولي. پنهنجو=نينهن.
پنهنجون=ننڊون.

اي غافل گولي! نينهن لايو، وري ننڊون ڪرين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[346]

مچي آءُ ٽياس، نہ تہ مچيون پيون ٺي گهٽيون.

مچي=مشڪي>شڪي. مچي=گولي>گوليون.

شڪي آءُ ٽياس، نہ تہ گوليون پيون ٺي گهٽيون.

[347]

اُتي نار! ٻولي ڪر، پنهنجي وَٽن جا ڪي ڪپڙ جا لڳا.

نار=دائي. ٻولي=ڏيان. وٽن جا=مورڙيا>
مورن. ڪپڙ جا=گَز.

اُتي دائي! ڏيان ڪر، پنهنجي مورن ڪي گَز لڳا.

[348]

پڪي هن شهر ۾ اڃي راند جي پيئي،
نرنانءَ هو ڪونڪو، جو ٻولي ڪري.

پڪي=پوري. شهر=ڦِٽو. راند جي=دوڪيبازي.
نرنان=ساڏُو. ٻولي=سچي.

پوري هن ڦِٽي ۾، اڃي دوڪيبازي پيئي،
ساڏو هو ڪونڪو، جو سچي ڪري.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ستون

سُرائتيون ڳجهارتون: سسئي

سسئي جو جمر ۽ نندپڻ

[349]

ذات راند جو پٽيو، پوءِ نار نالي تي ويو.

ذات=ٻانيڻ. راند جو=ٽِپو>ٽِپڙو. نارنالي=نري.

ٻانيڻ ٽِپڙو پَٽيو، پوءِ نري ويو.

[350]

رسو ڏنو هو ماءُ، تہ شهر نہ ويهندي سسئي.

رسو=طالع (ٻيڙيءَ جو) شهر=نري.

طالع ڏنو هو ماءُ تہ 'نري نہ ويهندي سسئي.'

[351]

ذات ڪپڙي جيءَ ڪي، نہ مال جو نہ نانءُ جو.

ذات=ٻانيٽياڻي. ڪپڙي جي=ٻچي. مال جو=
تَڻُ (تَج) نان=ڏنو.

ٻانيياڻيءَ ٻچيءَ ڪي، تَڻ نہ ڏنو.

[352]

جڏهن راند جي منجهہ هياس، تڏهن گاهہ نہ ڏنو ڪنهن.

راند جي=پينگهہ>پينگهو. گاهہ=لاٽو>اولاٽو.

جڏهن پينگهي منجهہ هياس، تڏهن اولاٽو نہ ڏنو ڪنهن.

[353]

نہ ڪاٺ جي ۾ وڌائون، نہ نرنانءُ ٿي ڏنائون.

ڪاٺ جو=پينگهو. نرنان=راٽو> اوراٽو.

نہ پينگهي ۾ وڌائون، نہ اوراٽوئي ڏنائون.

[354]

نالو نالي هيٺ، ڪين مال جي سسئي.

نالو=مائو>ماءُ. نالو=ڪوڙو>ڪوڙي.

مال جي=نپائي.

ماءُ ڪوڙي هيٺ، ڪين نپائي سسئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[355]

جيٽ هيٺ نہ پاليو، ڪـــاچ جـــــو چــــوان ڪنهن ڪي!

جيٽ= ماڪوڙي<ماءُ+ڪوڙي. ڪاچ جو=

پيرو<پيو +روئي.

ماءُ ڪوڙي هيٺ نہ پاليو، پيو روئي چوان ڪنهن ڪي!

[356]

ڪکن جي ٻولي ڪئي، تہ پنهنجيءَ ڪوئن نارنالي وجون.

ڪکن جي=ٻني<ٻنهي. ٻولي=صلاح.

پنهنجي=گِلا. نارنالي=ٻچي.

ٻنهـــي صـــلاح ڪئـــي، تہ گـــلا ڪـــوئن ٻـــچـــي وجون.

[357]

مرض ڏسيو تي رُنو، جو پنهنجو عيب سسئي.

مرض=ماتا. پنهنجو=پيءُ. عيب=ٻوڙي.

ماتا ڏسيو تـــي رُنو، جو پيءَ ٻوڙي سسئي.

[358]

پنهنجـــو پنهنجـــي ڪـــي پـــوڪ جـــو ڇـــڏيائون.

پنهنجو=وِياءُ. پوڪ جو=لوڙهو<لوڙهي.

ويـــاءَ پنهنجـــي ڪـــي لوڙهـــي ڇـــڏيائون.

[359]

جڏهن اڪ مرض هئينءَ سسئي، تڏهن پنهنجن اُجهي ڇڏيئي.

اڪ مرض= چمڻ<ڇائي. پنهنجن= مائٽن.

اُجهو=لوڙهو.

جڏهن ڇائي هئينءَ سسئي، تڏهن مائٽن لوڙهي ڇڏيئي.

[360]

پـــوڪ وهـــت جـــي جيـــڏيون! نرنـــانءُ هئـــي،
عضـــوي ۽ مـــرونءَ پـــر نـــالو ونيـــو ويئـــي،
پـــوءِ تـــڙ جـــا ڪيـــائين، ذات رچ هئـــي نارنـــانءُ.

پـــوڪ جـــي=هنداٺـــي<هندواٺـــي. وهـــت جـــي=

ساڇائي<سا +ڇائي. نرنـــان=صـــادق<صنـــدوق.

عضـــوو=ڪـــن +مـــرون=هاتـــار<ڪنهـــا + تـــار

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنان تار، نالو=نصير>نہ + سير. تڙ جو=وارو.

ذات= ڏوٻي. رڄ=ٻاري>پالي. نارنان=سسئي.

هندواڻي سا ڇائي جيڏيون! صندوق ۾ ڪنان تار جي تار

پر ۾ نہ سير وٺيو ويئي،

پوءِ واري ڏوٻن ڪٽي اڇي پاري (پالي) سسئي.

[361]

لوهئون نڪتي، وڃي ڪاٺيءَ جيءَ ۾ پيئي،

نڏٽڪي نار، وڃي پڪين ۾ پيئي.

لوهہ جو=سانير. (وڏو ٺلو). ڪاٺيءَ جي=صندوق.

نار= سسئي. پڪين=ڪنياٽين>ڪٽين.

سانيرئون نڪتي، وڃي صندوقن ۾ پيئي

نڏٽڪي سسئي، وڃي ڪٽين ۾ پيئي.

[362]

مرونءَ ڪان اڳي رڍ ڪاٺ جي ۾.

مرون=سامبر>سانير. رڍ=سسئي.

ڪاٺ جي=صندوق.

سانير ڪان اڳي سسئي صندوق ۾.

[363]

ڪير جي ڪان پوءِ، تي ذات سسئي.

ڪير جو=ڇائو. ذات=مسلمان.

ڇائي ڪان پوءِ، تي مسلمان سسئي.

ساماڻجڻ ۽ پنهون سان عشق

[364]

اول پوڪ جي، پوءِ راند جي، پوءِ نار نالي سسئي.

پوڪ جي=لُڙهي. راند جي=جهٽي.

نارنالي=ساماڻي.

اول لُڙهي، پوءِ جهٽي، پوءِ ساماڻي سسئي.

[365]

نار ڪي نرنانءُ ولايت ۾ گڏيو.

نار=سسئي. نرنان=پنهل. ولايت=پنيور.

سسئيءَ ڪي پنهل پنيور ۾ گڏيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[366]

ولايت ڪان **نرنانءُ** آيو، تنهن اچي **رِڃَ جي** ڪسي.

ولايت=ڪيچ. نرنان=پنهون. رڃ جي=

دلي>دلڙي.

ڪيچ ڪان پنهون آيو، تنهن اچي دلڙي ڪسي.

[367]

جرجن ماري **مڙس** ڪياس **آزار** چرندي،

ڏئي **باهہ** **شهر** ڪي سا **مال جا** ڪندي،

تنهن ڪان پوءِ چوندي، آيم **پنهنجا ڏُڪر جا**.

جرجن=چشمن. مڙس=چور> چُور. آزار=سور.

باهہ=آگ. شهر=پنيور. مال جا=رَند.

پنهنجا=ڏُک. ڏُڪر جا=ڏولاوا.

چشمن ماري چُور ڪياس، سور چرندي،

ڏئي آگ پنيور ڪي، رندن تي رڙندي،

تنهن ڪان پوءِ چوندي، آيم ڏک ڏولاوا.

[368]

پنهون **پوڪ پار** جو هو، تڏهن ڪان مون ڪي **نالي** ۾ هو.

پوڪ جو=سَلو. پار جو=سرجيو. نالو=ڪرم.

پنهون سلي ڪان سِرجيو هو، تڏهن ڪان مونکي ڪرم ۾ هو.

[369]

ليڪي جو اڳيئي لکيل هو، تڏهن پاتم **مرضِ جو** پنهل سان.

ليڪي جو=انگ. مرض جو=پيچ.

انگ اڳيئي لکيل هو، تڏهن پاتم پيچ پنهل سان.

[370]

جي **اکر جا** لکيل، سي **وکر** ئي ڪين.

اکر جا=انگ. وکر=ميٽ>ميٽيا.

جي انگ لکيا، سي ميٽيا ئي ڪين.

[371]

پنهون **نار نالي**، سسئي **نرنانءُ** پيچي.

نار نالي=جيوائي>جي +وائي.

نرنان=پيروز>پئي +روز.

پنهونءَ جي وائي، سسئي پئي روز پيچي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[372]

مونکي نيهن **ڪاتي جي** لڳي، اچي ڪا **عضوو** ڏي!

ڪاتيءَ جي=ناوَڪَ. عضوو=لت<مصلحت.

مون کي نيهن ناوَڪَ لڳي، اچي ڪا مصلحت ڏي!

[373]

اُتي **پکي نرنالو** آٽي ڏي، توکي **مچيءَ جون** ڏيان.

پکي=ٻاٻيهو. نرنالو=پنهون. مچيءَ جون=

گهورون (وڪرو ڪرڻ).

اُتي ٻاٻيها! پنهون آٽي ڏي، توکي گهورون ڏيان.

[374]

پکي ٻولي تنهنجي **ذات** ڪو **رچ** نہ پانيان.

پکي=ٻاٻيهو. ذات=آري. رچ=مٽ.

ٻاٻيها! ٻولي تنهنجي، پر آريءَ ڪو مٽ نہ پانيان.

[375]

پکي سوداگر جو، **ذات** ڪو **رچ** آٽيان.

پکي=ٻاٻيهو. سوداگر جو=ٻول<ٻولايو.

ذات=توسي<توسين. رچ=مٽ.

ٻاٻيهي ٻولايو، توسين ڪو مٽ آٽيان.

[376]

ذات پنهون، سي **ذات** مون کي.

ذات=جيپر<جيپار<جي +پار. ذات=ڏيپر<

ڏيپار<ڏي + پار.

جي پار پنهونءَ، سي ڏي پار مون کي.

[377]

اهي ٻہ **نالا** سي ٻہ سونهن، چارِ پنهونءَ جي اُٺ کي،

اهي **ٽرءِ جر جو**، سي ٻہ سونهن چارِ پنهون جي اُٺ کي،

اهي ٻہ **نارن نالا**، سي ٻہ سونهن چارِ پنهون جي اُٺ کي.

ٻہ نالا=جهوڙو ۽ ٻيڙو. ٽرجو=سَرُ. جر جو=

واڳون. ٻہ نارن نالا=سوني<سونَ، سيائي<سيئي.

اهي جهوڙا ۽ ٻيڙا، سي ٻہ سونهن چارِ پنهونءَ جي اُٺ کي،

اهي سرَ واڳون سي ٻہ سونهن، چارِ پنهونءَ جي اُٺ کي،

اهي سونَ سيئي سي ٻہ سونهن، چارِ پنهونءَ جي اُٺ کي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[378]

نرنانءَ جي **ذاتين** سان، **پنهنجي اَن اوزار** جي ڪرائي،
تـــڏهن **عـــــورت** جـــو، **مـــــال** جـــو تيـــو.

نرنان=پنهون. ذاتين=ڏوپين. پنهنجي=قسمت.
اَن جا=مُنان>مُلا + اوزار جو=ڪات>ملاقات.
عورت=سسئي. مال جو=سڳڻ>سَڳڻ.

پنهونءَ جي ڏوپين سان قسمت ملاقات ڪرائي،
تـــڏهن سســـــئيءَ جـــو ســـڳڻ تيـــو.

[379]

پنهون اڳيئي **ننڊ جو** هو، تنهن ويتر **ڪپڙ جا** ڪيا،
تنهن ڪي اوهين ڪا **نالي** ڏيو ڙي جيڏيون!

ننڊ جو=سهٹو. ڪپڙ جا=ڪهنبا. نالو=مبارڪ.

پنهون اڳيئي سهٹو هو، تنهن ويتر ڪهنبا ڪيا،
تنهن ڪي اوهين ڪا، مبارڪ ڏيو ڙي جيڏيون!

[380]

اديون! منهنجي پنهونءَ تي چو تيون **رچ** ڪريو،
ولايت ڏنيس الله، اوهين چو تيون **وڪر** پئو.

رچ=حُقو>هوڪو (هوسَ ڪريو). ولايت=
سُورت>صورت. وڪر=ڪار>خارين.

اديون! منهنجي پنهونءَ تي اوهين چو تيون هوس ڪريو،
صورت ڏنيس الله، اوهين چو تيون خارين پئو.

[381]

اتي سسئي! ڍڪ **ڪپڙ جو**، اڳيان اها **مال جي** اتئي.

ڪپڙ جو=گهگهو. مال جي=چال (رسم).

اتي سسئي! ڍڪ گهگهو، اڳيان اها چال اتئي.

[382]

سسئي **مــــاءُ**، پـــر پنهونءَ **ڪپڙ جـــا** ڏيـــو.

ماءُ=آيل>آئي. ڪپڙ جا=ڪيسَ> ڪي +سَ.

سسئي تـــ آئـــي، پـــر پنهونءَ ڪـــي ســـڏيـــو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[383]

جڏهن ست جي هڪل نہ ڪو ڪيس، تڏهن بہ شهر ڪئي آئون،
ٺلهي نڪر جون ذاتيون ڪٺام، تہ بہ ذات پنهونءَ سان زال جون،
اهي آهن رب جون رضائون، جو تو نالي ڪان نرنانءُ ڪري.

سُت جو=پيٽو>پيٽئون. هڪل=ڪڙڪو>
ڪُڙم + ڪو. شهر=سورت>صورت. ٺلهي
نڪر جو=سو سو>سوَ سوَ. ذاتيون= هڪ ذات.
سڪَ> سُڪَ + بي ذات لڏا> لڏيم.زال جون =لاٿئون
نالو= اول. نرنان=اڳرو.

جڏهن پيٽئون ڪڙم نہ ڪو ڪيس، تڏهن بہ صورت ڪئي آئون،
سوَ سوَ سُڪَ ڪٺام، لڏيم پنهونءَ سان لاٿئون،
اهي آهن رب جون رضائون، جو تو اول ڪان اڳرو ڪري.

[384]

ڪپڙ جي ڄائي، ڪپڙ جن وٽ آئي، ڪپڙ جي ڪم آئي.
ڪپڙَ جي=ڪَني (=وَٽِ).
ڪني جي ڄائي، ڪني وٽ آئي، ڪني جي ڪم آئي.

[385]

واٽ جو وٺيو ويندياس، جنهن سان منهنجي ڪانيءَ جو.
واٽ جو=وَرُ. ڪانيءَ جو=اَنگهہ>انگ.
وَرُ وٺيو ويندياس، جنهن سان منهنجو انگ.

[386]

رڇ منجهہ وڪر، مرض پنهونءَ ڪي.
رڇ=دانگي>ڏُنگي. وڪر=دارون.
مرض=ڏپا>ڏي +پائي.
ڏُنگيءَ منجهہ دارُون، ڏي پائي پنهونءَ ڪي.

[387]

سسئي رڇ ڪٺي، پنهونءَ ڪي چوي ابا!
رَڇ=گلاس. ابو=پيءُ.
سسئي گلاس ڪٺي، پنهونءَ ڪي چوي پيءُ!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[388]

نرنانءَ پنهنجي مان رچ جو، پر ذاتين مال جي نارنانءَ.

نرنان=پنهون. پنهنجو=پيار. رچ=پرُڻ>پرٽيو.

ذاتين=ڏيرا>ڏيرن. مال جي=ڏڪاري.

نارنان=سسئي.

پنهون پيار مـــان پرٽيو، پر ڏيـــرن ڏڪاري سسئي.

ڏيرن جو اچڻ ۽ پنهون کي کڻي وڃڻ

[389]

کڏ جي ڏيئي آيا اٿئي ڏيں، اُٿي ساز جي ڪر سسئي!

کڏ جي=ياڏ>ياءَ +ڏي. ساز جي=

سوگهائي>سوگها.

يــــاءَ ڏي آيا اٿئي ڏيں، اُٿي سوگها ڪر سسئي!

[390]

نــــالــــي يانئي مرَ گـــاهه، شهر هٽي ويندءِ سسئي!

نالو=ساڏو>ساڏ. گاهه=سِڻ>سيڻ. شهر=

سيڪاٽ>سي +ڪاٽ.

ساڏ يانئي مرَ سيڻ، سي ڪاٽ هٽي ويندءِ سسئي!

[391]

اهي مـرون ڏي سسئي، توڪـي پنـڌ جـو ڏينـدا،

انهـيءَ پيـري توڪـان، نارنـانءَ جـو نينـدا.

مرون=لڏڙو>لوڏ +ڙي. پنڌ جو=اُڏڪو.

نارنان جو=سهاڳ.

اهــي لــوڏ ڙي سســئي، توڪـــي اُڏڪـــو ڏينـــدا،

انهـــيءَ پيـــري توڪـــان ســـهاڳ نينـــدا.

[392]

قيمـت ڏيـر سسـئي جـا، قيمـت رهنـدا ڪيـن،

آءُ قيمـت انهـيءَ جـي، مـن قيمـت نيـن.

قيمت=مايا>مرَ + آيا. قيمت=دَمڙي>دم +

گهڙي. قيمت=ڪوڏي>ڪوڏيلي. قيمت=

ساٽسي (سونارن جو اوزار)> ساڻ +سي.

مَ آيا ڏير سسئي جا، دَم گهڙي رهندا ڪين،
آءُ ڪوڏيلي اُنهن جي، من ساڻ سي نين.

[393]

اَن جيءَ مان **گهوڙي جو ڪن،** آءُ **نالو** **پانيان** تن جو.

اَن جي=تِڪي. گهوڙي جو=پوَن (سُنب).
نالو=پتورو>ٻہ +تورو.
تِڪي مانَ پون، آءُ ٻہ تورو پانيان تن جو.

[394]

مالن متان تي ويهہ، متان **ذات** نہ وجئي ڙي سسئي!

مالن=گهٽن. ذات= لنگهي.
گهٽن متان تي ويهہ، متان لنگهي نہ وجئي ڙي سسئي!

[395]

نارنان جرجي، نرنانءَ حاڪم جو تيو.

نارنان=سسئي. جر جي=سُتي (سِپي). نرنان=
پنهون. حاڪم جو=قيد.
سسئي سُتي، پنهون قيد تيو.

[396]

ڪپڙ جيءَ تي جر جي، تڏهن **ذات مال جي** ويا.

ڪپڙ جي=سيج. جر جي=سُتي(سِپي).
ذات=ڪچي>ڪيچي. مال جي=قطاري.
سيج تي سُتي، تڏهن ڪيچي قطاري ويا.

[397]

سسئي **ٻاراٽي، حقي جيءَ** هوت ويا.

ٻاراٽي=سُتي(دوا). حقي جي=اُتڙي=اُتي +ڙي:
سسئي، ستي، اُتي ڙي هوت ويا.

[398]

وڻ جا ٻَڌي پنهل نيائون، **جيٽ ميجيءَ جي** سسئي ڪيائون.

وَڻ جا=ڏئونرا. جيٽ=ڏُڪٽي +ميجيءَ جي=
هاري>ڏڪٽهاري.
ڏئونرا ٻڌي پنهل نيائون، ڏڪٽهاري سسئي ڪيائون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[399]

اصـــل آريجن جي، هئي عضوي ۾ ذات.

عضوو=دل. ذات=دائي>مدائي.

اصـــل آريجن جـــي هئي دل ۾ مدائي.

[400]

شـــهر ڏيـــرن مـــن ۾، ڪـپـڙ جـــي مـــور نـــہ ڪـــن.

شهر=بچيري>بچڙي. ڪپڙ جي=مهاري>مهر.

بچـــڙي ڏيـــرن مـــن ۾، مهـــر مـــور نـــہ ڪـــن.

[401]

لوهـــہ جـــا آيـــا ڏيـــر، پـــر هـــو نـــالائي نـــہ.

لوهہ جا=ڪڙا>تڪڙا. نالا=تڪيو>تڪيا.

تڪـــڙا آيـــا ڏيـــر، پـــر هـــو تڪيـــا ئـــي نـــہ.

[402]

رانـــد جـــا نـــہ رانـــد جـــا، رانـــد جـــا ويـــا جـــت.

راند جا=ڏڪا>تـڪيا. راند جا=ستا>سُتا.

راند جا=يَڪا.

تڪيـــا نـــہ سُـــتا، يَـــڪا ويـــا جـــت.

[403]

عضوو ڏئي، ڪاٺ جي هـــوت ڪري ويا.

عضوو=ڪَنُ. ڪاٺ جي=گسڪڻ>ڪسڪي.

ڪَـــنُ ڏيئـــي، ڪســـڪي هـــوت ويا.

[404]

رڪـــي ڪـــاٺ جو مـــال جن تي، ذات ڪپڙو تيا.

ڪاٺ جو=بار. مال جن=بغدين (اُٺن) ذات=

ڪچي>ڪيچي. ڪپڙو=لسو>لس.

رڪـــي بـــار بُغديـــن تـــي، ڪيچي لَس تيا.

[405]

ڪـــاٺ ئـــون ڏيـــر آيـــا، ڪـــو جـــو ڪـــاٺ ڪٺـــي،

ڪـــاٺ ڏنـــائون ڪـــاٺ ۾، وڏو ڪـــاٺ ڪٺـــي،

ايءَ نہ ڪاٺ تني، جو ڪاٺ ڪيائون مرَ ڪاٺ ۾.

ڪاٺ=مڪڙو>مڪرو>مڪران. ڪاٺ=

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مَدن>مدي. ڪاٺ=ڏاڪو. ڪاٺ=مَن.

ڪاٺ=ويساهون>ويساهه. ڪاٺ=مُنا>مناسب.

ڪاٺ=نشان(جهنڊو). ڪاٺ=پوئري>پنيور.

مڪران ٿون ڏير آيا، مَدي ساڻ ڪٺي،
ڏاڪو ڏناٺون من ڪي، وڏو ويساهه ڪٺي،
ايءُ نه مناسب تني، جو نشان ڪياٺون مَ پنيور ۾.

[406]

مال جون مِرن ۾، حقي جا هوت ويا.

مال جون=مهارون. مرون=ڪچوُن>ڪچن.

حُقي جا=چڪڻ>چڪيندا.

مهارون ڪچن ۾، چڪيندا هوت ويا.

[407]

نرناڻ آيا نرناڻ جا، نرناڻ ڪٺي ويا،
نرناڻ ذات ڏسي، عورت چڏي ويا.

نرنان=اوٺي. نرنان=آري. نرنان=پنهون.

نرنان=ڄام. ذات=ڏوهياٽي. عورت=سسئي.

اوٺي آيا آريءَ جا، پنهون ڪٺي ويا،
ڄامَ ڏوهياٽي ڏسي، سسئي ڇڏي ويا.

[408]

ٻني هٿي جن لاءِ، ٻني سي نه تيا،
ٻني ڇڏي سپرين، ٻني هوت ويا.

ٻني=سنيوري. ٻني=پيلي>پيلي. ٻني=سُتي.

ٻني=ڍَڪي.

سنيوڙي هٿي جن لاءِ، پيلي سي نه تيا،
سُتي ڇڏي سپرين، ڍڪيءَ هوت ويا.

[409]

سسئي **پوڪ جي** تي ڇڏي ويا، **ڪاني جو** ني نه جتن،
توڙي **ڪاچ جي شهر** ۾، ته به ٻاجهه نه پئي ٻاروچن.

پوڪ جو=ٿڌو. ڪانيءَ جو=نول>نال.

ڪاچ جي=ٽڪي>ٽڪيا. شهر=پنيور.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سسئي تڏي تي چڏي ويا، نال نہ ني جتن،
توڙي تِڪيا پنيور ۾، تہ بہ ٻاجھہ نہ پئي ٻاروچن.

[410]

ڪاٺ تہ ڪاٺي، اُنن کي **اڏ ڪاٺيءَ** ڏير چڏي ويا.
ڪاٺ= ٿوبو> تيئون(هڪليئون). ڪاٺي=
پاٺي>پوءِ +تي. اڏ ڪاٺي=اڌپاٺي>آڌي +پوءِ تي.
تيئون پوءِ تہ تي اُنن کي، آڌي پوءِ تي تہ ڏير چڏي ويا.

[411]

زحمت ذات جن، لوهہ راند جي سسئي.
زحمت= سِلهہ> اصل. ذاتين= آريجا> آريجن.
لوهہ جو=نالَ.راندجو=نچڪو>نہ +چائي +ڪنهن ٿي.
اصل آريجن، نال نہ چائي ڪنهن ٿي سسئي.

[412]

نہ **اُچي ڪٿي** ڏيرن، هٿا مڙئي **پوڪ** جا.
اُچي ڪٿي=چاڙهي. پوڪ=پُوڪ بصر.
نہ چاڙهي ڏيرن، هٿا مڙئي پوڪ بصر جا.

[413]

آنن متي **پڪي**، چورائي ويا چور.
آنن=موهرن>مهرين. پڪي=مور.
مهرين متي مورُ، چورائي ويا چور.

[414]

پُونءَ جا ڏيئي سسئي کي، پنهون تان نيائون،
سٽ جي ڪيچين کي، تڏهن سسئي چڏيائون.
پُونءِ جا=جريب>ريب. سُٽ جي=ناڙي>
ناٽي>نا +وٽي.
. ريب ڏيئي سسئي کي، پنهون تان نيائون،
نا وٽي ڪيچين کي، تڏهن سسئي چڏيائون.

[415]

سسئي کي **پوڪ** تي ڪانہ، نہ تہ **پٽر** ڪيئن لنگهي ها.
پوڪ=سار(ساريال). پٽر=لعل>لعلڻ.
سسئي کي سار تي ڪانہ، نہ تہ لعلڻ ڪيئن لنگهي ها.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[416]

گـــاهہ بـــلا اُٺَ، سسئيءَ ڪـــي **ڪـــپـــڙا ڏيـــو**.

گاهہ=ڪانهين +بلا=ديو>دي=ڪاهيندي.

ڪپڙا=ڪيس>ڪي +سَ.

ڪـــاهينـدي اُٺَ، ســـســـئـــيءَ ڪـــي ســـڏيـــو!

[417]

ڪانيءَ آيئي ڏين، **پڪي واٺ جو** ويئي ڙي سسئي!

ڪاني=سهنجو>سِنجهو. پڪي=کهنبو.

(ڪڪڙ)> ڪنيي. واٺ جو=ور.

سنجهي آيئي ڏيـــن، ڪنيـــي وَرُ وِيئي ڙي سسئي!

[418]

اک پوک جي تي سسئي! جو هو **حاڪيماٺي** ويا.

اک جي=اُتي. پوک جي=ڪڙهي>ڪڙي.

حاڪيماٺي=چڙهي.

اُتـــي ڪـــڙي تـــي سسئي! جـــو هـــو چڙهي ويا.

[419]

شهرئون شهر وجـــن، تون **ذات** ڦـــٽي ڪـــر سسئي.

شهر=اگهام (اگهاماٺو)> او +گام. شهر=

اگهم>گُم. ذات=ڳهرا>ڳهرُ.

اُو گـــامـــئون گُـم وجـــن، تون ڳهر ڦٽي ڪر سسئي.

[420]

هو تہ **ڪاٺ جا** ڪندا ويا، تون **لوهر جي** ڦٽي ڪر سسئي.

ڪاٺ جا=رحل>رَهلا. لوهر جي=ڏَنوڻ>

ڏُونڻ (ڪنڌ ڏُونڻ).

هـــو تہ رهـــلا ڪندا ويا، تـــون ڏُونـــڻ ڦٽي ڪر سسئي.

[421]

هو تا **شهر** وجن، تون **ذات** ڦٽي ڪر سسئي!

شهر=لس(لسپيلو). ذات=اوڍر>ڍر.

هو تا لس وجن، تون ڍَر ڦٽي ڪر سسئي!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[422]

جيت چڙهي ڏسي سسئي، تہ **ذاتين** چا ڪيو.

جيت=پوپٽ>پوءِ +پٽ. ذاتين=ڏيرن.

پوءِ پٽ چڙهي ڏسي سسئي، تہ ڏيرن چا ڪيو.

[423]

شهر هٽي وِيئي ڏيس، هاٽي **ڪاٺي** ڪر سسئي.

شهر=ٻوڙڪ(ٻانيٽاهر)> ٻہ +ڏڪ. ڪاٺي=
سرڪنڊ>سر +ڪَنُهہ.

ٻہ ڏڪ هٽي وِيئي ڏيس، هاٽي سِرڪَنُهہ سسئي.

[424]

ذات جا لڳا، **لوهہ جي** سسئي ڪني.

ذات جا=ٻوڏَڪ>ٻہ +ڏَڪَ. لوهہ جي=ٻاري
(لوهہ جي تلهي ڍِڳهي لٺ واري رنبي، جنهن سان
ڪجين جون چڪيون ڪڍجن، ريلن ۾ ٻہ ڪم
اچي)> ياري.

ٻہ ڏَڪَ لڳا يـاري، سسئيءَ ڪـي.

[425]

پنهون تہ **نارنانءُ**، سسئيءَ **مال جو**.

نارنان=چاڳان>چا +ڳئي. مال جو=ٻوسو>
پوءِ +سُئو.

پنهون تہ چا ڳئي، سسئيءَ پوءِ سُئو.

[426]

ڪتو ڪاريءَ رات، **مال** ڏنو سسئيءَ.

ڪتو=پلنگُ(ڪُتي جو نالو). مال=سُجو.

پلنگ ڪاريءَ رات، سُجو ڏنو سسئيءَ.

[427]

پنهل ريءَ **جبل جي** تي **عورت** ڪين سمهي.

جبل جي=پٽري>پٽراٽي. عورت=سسئي.

پنهل ريءَ پٽراٽيءَ تي، سسئي ڪين سمهي.

[428]

ڪتو پَتي پنهنجو، تہ **نر نالو** نہ ڪپڙ جيءَ ۾.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتو=جاندار<جان +در. نر نالو=محب.

ڪپڙ جي=مُهاري.

جان دَرُ پٽي پنهنجو، تہ محب نہ مُهاريءَ ۾.

[429]

سسئيءَ اڄ ڪتو پاراتو ڪيو، پر هو گاهہ جيئن هليا ويا.

ڪتو=جاندار<جان +در. پاراتو=پٽيو<پٽيو.

گاهہ جي=هتي<هتيڪا.

سسئيءَ جان در پٽيو، تہ هو هتيڪا هليا ويا.

[430]

ٻولي پهڻ جو نهار، تنهنجو پنهون ذاتين نيو.

ٻولي=نئين<نيئي(نمي). پهڻ جو=مگهڙ<

مَ +گهر. ذاتين=ڪاهوڙين<ڪائو +ڙين. (پينوڙي).

نيئي مَ گهرُ نهار، تنهنجو پنهون ڪائوڙين نيو.

[431]

نرنانءَ تنهنجي نرنانءَ لاءِ مون، ڏاڍا پنڌ جا ڪيا،

پر نرنانءُ ڪٽيو پاڻ سان، ولايت ويندا رهيا.

نرنان=پنهون. نرنان=پريتو<پريت. پنڌ جا=

ڪشالا. نرنان=پنهون. ولايت=ڪيچ.

پنهون تنهنجي پريت لاءِ، مون ڏاڍا ڪشالا ڪيا،

پر پنهون ڪنيون پاڻ سان، ڪيچ ويندا رهيا.

[432]

ذاتين مال جون ڏنائين، نرنانءُ ڪوئن پوءِ.

ذاتين=چانگن(اُٺن). مال جون=ڇيڙهون.

نرنان=سِجو<سِجُ. نرنان=پِريو<اُپريو.

چانگن جون ڇيڙهيون ڏنائين، سج اُپرئي ڪئون پوءِ.

[433]

نالي نرنانءُ ڪان، پوءِ پوڪ ويئي سسئي.

نالو=سِجو<سِج. نرنان=پِريو<اُپريو.

پوڪ=ڪوماٽي.

سج اُپرئي ڪان پوءِ، ڪوماٽي سسئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[434]

ڪاٺ جي تي مال جا، اجا ئي ڪي ڪاڄ جا.

ڪاٺ جي=ليٿڙ>ليٿُن. مال جا=ليڏوٽا.

ڪاڄ جا=تازا.

ليٿُن تي ليڏوٽا، اجا ئي ڪي تازا.

[435]

ذاتيون نيس ڪينڪي، ڇڏي ويس ذاتيون،

جي نينس ها ذاتيون، ته ڇو پڇي ها ذاتيون.

ذاتيون= سونهان.

سونهن نيس ڪينڪي، ڇڏي ويس اَسونهون،

جي نينس ها سونهان، ته ڇو پُڇي ها سونهون.

[436]

ٻولي سسئي، ٻولي پنهون، ٻولي ڏير ڪري ويا!

ٻولي = ڇا.

ڇا سسئي، ڇا پنهون، ڇا ڏير ڪري ويا!

[437]

متيءَ جي ڪدي، ۽ ذاتين ڪاٺ جو ڏنو.

متيءَ جي=ماپي>ماءُ +پيءُ. ذاتين=هوتن.

ڪاٺ جو=رُولُ> رولو.

ماءُ پيءُ ڪدي، ۽ هوتن رولبو ڏنو.

[438]

پنهونءَ ڪي ٻ ڏانڊ ٻڌائون!

ڏاند=هڪ نيهي>نيئي. ٻيو ڇاهڙ>ڇا +هڙ.

پنهونءَ ڪي نيئي، ڇا هَڙ ٻڌائون!

سسئيءَ جا ورلاپ

[439]

ڪاٺ جي ڏنم ڪاٺ جن تي، سي نار نالي نه.

ڪاٺ جي=مُهري>مهري. ڪاٺ جن=دَرِن.

نارنالي=خيري.

اُتَ ڏِنم دَرَن تي، سي خيري نه.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[440]

ڪـڪ ڪاٺ جي تي چڙهي، مون جي مال جا ڏٺا، سي نار نالو نہ.

ڪڪ=سر + ڪاٺ جو=در>دري>سر دري.

مال جا=مهري. نار نالو=خيري.

سَر دري تي چڙهي، مـون جي مهري ڏٺا، سي خيري نہ.

[441]

نالا اهـي ئـي، ذات نہ ڏسـان جهنگ جي ۾.

نالا=اگَڻ. ذات=جت. جهنگ جي=جُوء.

اگـڻ اهـي ئـي، جَـتَ نہ ڏسـان جُـوءِ ۾.

[442]

نالي تي ڪين ڏسان تي، **مال جا** محبوبن جا.

نالو=اگڻ. مال جا=ميڙا.

اگڻ تي ڪين ڏسان تي، ميڙا محبوبن جا.

[443]

انهن **ذاتين** مون کي **شهر** بہ نہ ڀڏايو.

ذاتين=ڇانگن. شهر=رڙي.

انهن ڇانگن مون کي رَڙي بہ نہ ڀڏايو.

[444]

ڪـاڏائـون ڪين، **رانـد جيءَ** هليا ويا.

ڪاڏائون=رڙڪيائون>رڙ +ڪيائون.

راند جي=اُتي.

رڙِ ڪيائـون ڪين، اُتـي هـلـيـا ويا.

[445]

ڪـالهونڪر منهنجـا پريـن، **ڪـاچ ڪـاچ جـا** ڪـن،

وجهيو **وڻ جون مال** **جن** تي، **ست گاهہ جيئن** وجـن.

ڪاچ جا=لڏون>لڏيون. وڻ=جهـلَ> جهـُلون.

مال جا=اُٺَ. سُـتَ جا=سڳا. گاهہ=سڻ>سيڻ.

ڪـالهونڪر منهنجـا پريـن، لـڏيون لـڏيون ڪـن،

وجهيـو جهـُـلون اُٺـن تـي، سـڳا سـيڻ وجـن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[446]

مان چوان **ڪاچ ڪاچ جو**، پرين چون **ڪاچ ڪاچ جو**، پر هو **ڪاٺ جي** ويا.

ڪاچ جو=رَهو. ڪاچ جو=لڏون<لڏيون.

ڪاٺ جو=ڏورٺو<ڏور +وٺئون.

مان چوان رهو رهو، پرين چون لڏيون لڏيون، پر هو ڏور وٺئون ويا.

[447]

نڪا **پڪين وڻ**، نڪي مـــون **وهـــٽ جو** سنياليو، نڪي **شهر** ورتم **گاهن** ڪان.

پڪين=روڏن. وڻ=ڪـرڙ<ڪي +رڙ. وهٽ جو= سنج<سنجهو. شهر=ساڪو<ساڪ. گاهن=سـڻ<سيٽن.

نڪا روڏن ڪي رڙ، نڪي مون سنجهي سنياليو، نڪي ساڪ ورتم سيٽن ڪان.

[448]

هٽي **ڪـاٺ جـون مـال** ڪـي، اتـي **مـرون** واريـائون،

جيڪس آءُ **نـار** تـي، ونـي **ڪـاسـبڪي** ڪنيـائون.

ڪاٺ جون=ناڪيليون. مال=اُٺ. مرون=واڳون.

نار=ڳوري. ڪاسبڪي=ياني<ياءُ +ني.

هٽـي نـاڪيليون اُٺـن ڪـي، اُتـي واڳـون واريـائون،

جيڪـس آءُ ڳـوري تـي، ونـي يـاءُ نـي ڪنيـائون.

[449]

ڪـاٺ ئـون اُٺ پيـدا تيـا، هنيـون **ڪـاٺ** وجـن،

پچـان تـن اُنـن، تـہ وجهـان **ڪـاٺ جـو** اُنـن ڪـي.

ڪاٺ=ڏرو<ڏرئون. ڪاٺ=لوڙهہ.

ڪاٺ جو=ونگ.

ڏرئـــون اُٺ پيــدا تيـــا، هنيـــو لوڙهـــہ وجـــن،

پچـان تــن اُنــن، تــہ وجهــان ونــگ انهــن ڪـــي.

[450]

شهر منجهہ مون جا **ذات** ڏني، سا تان **نرنالو**.

شهر=جهوڪ. ذات=گيسري<گيسر<گِسر (اُٺ جي گسي). نرنالو=عالي<آلي.

جهوڪ متي مونِ گِسر ڏني، سا تان آلي.

[451]

نہ نـــالا ۽ نہ نـــرنـــانءَ، گاھہ نـــہ منھنجا سپرين.

نالا=تڪيا. نرنان=جـَـتيا. گاھہ=اوٺن> اُوءِ +نہ.

نـــہ تڪيا نہ جـــتيـــا، اُوءِ نـــہ منھنـــجـــا سپرين.

[452]

مون کي ڪپڙ جا پون، هو نرنالائي نہ.

ڪپڙ جا=ڇهڪ. نرنالا=تـَـڪيا.

مون کي ڇهڪ پون، هو تڪيائي نہ.

[453]

ڪـــائـــيءَ رات ٻار جو، ذاتين مان ســان ڪونہ ڪيو.

ڪائي=ٻـِـني. ٻار جو=ٻڍڪو. ذاتين=ڪيچين.

ٻنـــيءَ رات ٻڍڪو، ڪيچين مـــان ســان ڪونہ ڪيو.

[454]

جـــي نـــنـــديءَ ڪيائون، ســـي نالي نہ پيا.

نندي=پهرات>پهہ +رات. نالو=ماڪن>

مان +ڪن.

جي پهہ رات ڪيائون، سي مون ڪـــن نہ پيا.

[455]

جا تـُـڪي رات جتن، سا نہ پولي مون.

ٿُڪي=ڪٽي. پولي=پروڙي.

جا ڪٽي رات جتن، سا نہ پروڙي مون.

[456]

ڪکن لوھہ جو رات ٿيو، اھو مان سان ٿيو فقير جو.

ڪکن جو=جهـُـڳو. لوھہ جو=تالو>تالان.

فقير (جي پـِـٽ) جو=جَـرجـَـلو.

جهڳو تالان رات ٿيو، اھو مان سان ٿيو جـَـر جـَـلو.

[457]

جڏھن اُٺ ميجي گاھہ جا ٿيا، تڏھن آءُ مال جي.

اُٺَ=مـَـيا. ميجي=مودري>مون +دران.

گاھہ جا=لڏا>لڏيا. مال جي=اوجهري.

جڏھن ميا مون دَران لڏيا، تڏھن آءُ اوجهري.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[458]

پنهنجن ۾ هياس، تڏهن مرون جي ڪيائون،
پنهنجي ڪري، مون کي مال جي ڪيائون،
هاٺي اَن جي مانَ ڪن.

پنهنجن=آرامن. مرونءَ جي=چوري. پنهنجي=
صلاح. مال جي=چني<چنڻ. اَن جي=پيڙي.

آرامن ۾ هياس، تڏهن چوري ڪيائون،
صلاح ڪري پوءِ مون کي چنائون،
هاٺي پيڙي مانَ ڪن.

[459]

ڏڪ مان پنهون چورائي ويا.

ڏڪ=ڪَڇَ (سوئر ڪي).

ڪَڇ مان پنهون چورائي ويا.

[460]

اکيون گوشت لڳيون، تڏهن پنهون پکي ٿيو.

گوشت=اوجهري<اوجهرڻ. پکي=وهيو<ويو.

اکيون اوجهرڻ لڳيون، تڏهن پنهون ويو.

[461]

سُتي هُيس وڻ تي، هو نار مان پئي ويا،
اتي راند وارو ڪونه هو، هو ڏٿ جي ڪيو ويا.

وڻ= سئانجو> سيج. نار=وسندي. راند
وارو=وانگي. ڏٿ=مُهين<مون +موهيو.

سُتي هيس سيج تي، هو وسنديءَ مان پئي ويا،
اتي وانگي ڪونه هو، هُو (مون کي) موهيو ويا.

[462]

رات سُتي هيس وڻ تي، نار موڻ پئي ويا،
راند جو ڳڏين ڪونڪو، لوهہ جي ڪيون ويا.

وڻ=هيرڻ>هي +رڻ. نار=وسندي.

راند جو=جهالو. لوهہ جي=بيلچي>بي +لچي.

رات سُتي هيس، هي رڻُ ڪيو وسندي موڻ پئي ويا،
جهالو ڳڏين ڪونڪو، بي لچي ڪيون ويا.

[463]

شهر جي آءُ نہ هياس، تڏهن **جرجي** هوت ويا.

شهر جي=چونڪي. جرجي=سُرڪي>سِرڪي.

چونڪيءَ آءُ نہ هياس، تڏهن سِرڪي هوت ويا.

[464]

پيڙيءَ جن منجهہ هياس، پنهون **پڪي** تي ويو.

پيڙيءَ جن=پُورن. پڪي=سِري.

پورن منجهہ هياس، پنهون سِري ويو.

[465]

مرونءَ جي آءُ نہ هياس، مون کي **ڪاني** ڏير ڪري ويا.

مرونءَ جي=سجاڳي. ڪاني(جي)=ڏوئي>ڏوهي.

سجاڳ آءُ نہ هياس، مون کي ڏوهي ڏير ڪري ويا.

[466]

آيم **واءَ جو** ويا **رات، نرنانءَ** نيائون پنهنجو،

ويم متان **اُپ** ڪٽي، ڏاڍي حساب سان **ڏڪ** هٽي.

واءَ جو=جهونٽو. رات=وهاٽي. نرنان=پنهون.

اُپ(جو)=نڪٽ>ڪٽ. ڏڪ=گهاءُ.

آيم جهونٽو ويا وهاٽيءَ، پنهون نيائون پنهنجو،

متان ڪٽ ڪٽي، ڏاڍي حساب سان ويم گهاءُ هٽي.

[467]

ذات پاراٽي ڪيام، سا بہ **نار** نہ وٺي **نرنانءُ** ڪي.

ذات=ڪاسائي>ڪا+ساعت. پاراٽي=لوڏ.

نار=سيباٽي. نرنان=صاحب.

ڪا ساعت لوڏ ڪيام، سا بہ سيباٽي نہ صاحب ڪي.

[468]

وڻ تہ گهٽو هئم، پر **ذات** ڪيم.

وڻ=اَڪ>عقل. ذات=ڪاسائي>ڪسائي.

عقل تہ گهٽو هئم، پر ڪسائي ڪيم.

[469]

رڇ جرجي تورڙي، ڪيچي **ڪپڙ** تيام،

ڪاسبڪي نيندا پنهنجو، مون کي ڪندا **پوڪ جي؟**

رڇ=گهڙي. جر جي=سُتي (سِپي). ڪپڙو=
گاسڙ>گس. ڪاسبڪي=ياني>ياءُ +ني.
پوڪ جي=ڪُهڙي>ڪوهہ +ڙي.
گهڙي سُتيس تورڙي، ڪيچي گس تيام،
ياءُ ني نيندا پنهنجو، مون ڪي ڪندا ڪوهہ ڙي؟

[470]

ذات آءُ هياس، **ذات** جا ڏير ڪري ويا.
ذات=سهتا>سُتي. ذات جا=چورتا>چوري.
سُتي آءُ هياس، چوري ڏير ڪري ويا.

[471]

ناٹي شهر جي تيان ها، تہ **ڪاڇ پنهنجو** تئي ڪونہ ها!
ناٹو=دمڙي>دمر هڪڙو. شهر جي=جاڳهہ>
جاڳ>جاڳان. ڪاڇ=هڏو>هيڏو.
پنهنجو=هاجو.
دَمرُ هڪڙو جاڳان ها، تہ هيڏو هاجو تئي ڪونہ ها!

[472]

رڇئون پهرين رات ويا، **ڪڪ جون** ڪنهن کي ڏيان.
رڇ=وَنو>وتئون (مان وتئون) ڪڪ جون=
ڏانئيون>دانهون.
مان وَتئون پهرين رات ويا، دانهون ڪنهن کي ڏيان.

[473]

وٹ ئون اُٿ پيدا تيا، هنيو **وٹ** وچن،
پڇي تن اُنن، وجهان **وٹ** تني کي.
وٹ= سورج>سور.
سورئون اُٿ پيدا تيا، هنيو سور وچن،
پوءِ پڇي تن اُنن، وجهان سور تني کي.

[474]

پنهنجو ڪاريگر جو عضوي پوي ها تہ ڪيان ها **نار نالي** اُنن کي.
پنهنجو=تورو. ڪاريگر جو=سانچو>سئونچو.
عضوو=ڪن. نارنالي=جاڙي>جڙ.
تورو سئونچو ڪن پوي ها، تہ ڪيان ها جَڙ اُنن کي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[475]

اُهي **آن** مون نه وٽن، جي **ذات** جدا ڪيا.

آن=مُهري>مَهري. ذات=جت.

اُهي مهري مون نه وٽن، جني جَت جدا ڪيا.

[476]

مال جن تي **اُپ جون** ڪيون، تڏهن مون کي **وڻ جا** نه پيا.

مال جن=ڏاگهن. اُپ جون=گوڙيون. وڻ جا=

پـَڙلا (= پلڙا) پڙلاءَ.

ڏاگهن جڏهن تي گوڙيون ڪيون، تڏهن مون کي پڙلاءَ نه پيا.

[477]

شهر سان مون **مال جا** ڪيا، پر هو **دوا جي** ويا،

جي **دوا جي** نه وجن ها، تہ **واٽڪا** وجهان ها!

شهر=جاڳڻ. مال جا=پوڪٽ. دوا جي=

ڪِري>نڪري. واٽڪا=گوگها.

جاڳڻ سانَ مون پوڪٽَ ڪيا، پر هو نڪري ويا،

جي نڪري نه وجن ها، تہ **گوگها** وجهانِ ها!

[478]

جي خبر پوي ها تہ **ذات** پـِذان ها **ڪاني ڪانيءَ** سان.

ذات=پٽيوال>پٽي +وار. ڪانيءَ(جي)=نَٽ.

ڪاني=ناڪيلي.

جي خبر پوي ها تہ پٽي وارَ پڌان ها، نَٽ ناڪيليءَ سان!

[479]

جي مون **وڻ گاهہ** تئي ها، تہ هوند **ذاتيون ذاتين** کي ڏيان ها.

وڻ=ڪامون>ڪا +مون. گاهہ=ڪَلَ.

ذاتيون= چاري. ذاتين=چانگن.

جي مون ڪل تئي ها، تہ هوند چاري چانگن کي ڏيان ها.

[480]

وهٽَ چوڙي چڏيائون، **مرون** نہ منهنجي وس.

وهٽَ=گونرا. مرون=واڳون.

گونرا چوڙي چڏيائون، واڳون نہ منهنجي وس.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[481]

مِـرون هُـونِ مون وَس، تـہ وجهان ڪاني اُنن ڪي.

مِـرون=واڳون. ڪاني(جو)=وَنگ.

واڳون هُـونِ مون وَس تہ وجهان وَنگ اُنن ڪي.

[482]

پنهون هلـــڻ مـــون نہ پڇڻ، نـــار نـــالـــي شهر نيو.

هلڻ=وڙڪڻ<ووڙ=ڪرڻ. نار=پانا<پائن.

نالو=پائي خان<پاءُ. شهر=پُنگو.

پنهون ووڙ ڪرڻ، مـــون نہ پڇڻ، پائن پاءُ پونگي نيو.

[483]

جـــر جـــي ڪيچين ڪاڻ، شهر هوت ڪري ويا!

جرجي=ٻريجي<ٻري +جيءُ. شهر=ڪيهي.

ٻري جيءُ ڪيچين ڪاڻ، ڪيهي هوت ڪري ويا!

[484]

مان جيت سان ايـــڏو درياءَ جو ڪيئن ڪيائون!

جيت=اُڏوهي<ٻي ڏوهي. درياءَ جو=طوفان.

مان ٻي ڏوهيءَ سـان ايڏو طوفان ڪيئن ڪيائون!

[485]

وڻ ڪنهـــن نـــہ ڏنـــو، وڻ مـــون ڏنـــو،

وڻ مـــون ســـان ڏيـــر ڪـــري ويـــا.

وَڻ=هيرڻ<هيءُ +رڻ.

هـــيءُ رڻ ڪنهـن نـہ ڏنـو، هـيءُ رڻ مـون ڏنـو،

هـــيءُ رڻ مـــون ســـان ڏيـــر ڪـــري ويـــا.

[486]

ڪپڙو ڏيـــرن مـــن ۾، ڪپڙو ڏيـــر نہ ڪن.

ڪپڙو=اُبت<اُبتي. ڪپڙو=سبت<سبتي.

اُبتي ڏيـــرن مـــن ۾، سُبتي ڏيـــر نہ ڪن.

[487]

جِـتڪي ڏيـــرن مـــن ۾، هندڪي ڏيـــر ڪري ويا.

جتڪي=جاتي<جا +تہ +هـُئي. هندڪي=

سائي<سا +ئي.

جا تہ هئي ڏيـــرن مـــن ۾، سا ئي ڏيـــر ڪري ويا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[488]

شهر آءُ نه هياس، **گاهه** ڏير ڪري ويا.

شهر=آراضي>راضي. گاهه=ڪورج>ڪوهه +رنج.

راضي آءُ نه هياس، ڪوهه رنج ڏير ڪري ويا!

[489]

اَن جي آءُ نه هياس، **مٽيءَ جي** ڏير ڪري ويا.

اَن جي=ڪچي. مٽيءَ جي=چري.

ڪچي آءُ نه هياس، چري ڏير ڪري ويا.

[490]

اَن جو نالو هئم جنهن سان، **چمڙ جي** هوت ڪٽي ويا.

اَن جو=جيءُ. نالو=سڪيو. چمڙ جي=سيبي>

سو +پيي.

جيءُ سڪيو هئم جنهن سان، سو پيي هوت ڪٽي ويا.

[491]

هيس **نار نالي پنهنجي** واري، پر **پنهنجي شهر** ڪياس.

نارنالي=سياٽي. پنهنجو=سَتُر. پنهنجو=عشق.

شهر=بگهاڙ>اگهاڙي.

هيس سياٽي سَتُر واري، پر عشق اگهاڙي ڪياس.

[492]

باهه جي ڏيئي، **ڪپڙي جو** وني ويا.

باهه جي=باني(رڪَ)> بهانو. ڪپڙي جو =وَرُ.

بهانو ڏيئي وَر وني ويا.

[493]

رَڇ نه ٿيا مُئيءَ جا، وني **ڪاٺ** ويا.

رَڇ=مت>مـتَ. ڪاٺ جو=وَرو>وَرُ.

مِتَ نه ٿيا مُئيءَ جا، وني وَرُ ويا.

[494]

وڻ گاهه پوي ها، **ڳهه جي** نه لايان ها **نرنانءَ** سان.

وڻ=ڪامون>ڪا +مون. گاهه=ڪل.

ڳهه جي=لنئون. نرنان=پنهون.

ڪا مون ڪل پوي ها، ته لنئن نه لايان ها پنهون سان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[495]

لوهه جي پوي ها، تہ كٽي **ذات** كيان ها.

لوهہ جي=ڪل. ذات=ڏُنگا>ڏنگ.

ڪَل پوي ها، تہ ڪٽي ڏَنگ ڪيان ها.

[496]

لوهہ جي نہ مون پئي، **نالو** ڏير ڪري ويا.

لوهہ جي=ڪلَ. نالو=شهبازي>بازي.

ڪلَ نہ مون پيئي، بازي ڏير ڪري ويا.

[497]

باب جو ڏيئي من **هتيار جو**، مون سان **راند جي** ڏير ڪري ويا.

باب جو=حرف. هتيار جو=ڇيرو>ڇيري.

راند جي=بازي.

حَـــرف ڏيئي، مـــن ڇيري، مـــون ســـان بـــازي ڏير ڪري ويا.

[498]

پنهل تہ **پوڪ جو** هو، پر **راند جي** ڏير ڪري ويا.

پوڪ جو=جيءُ. راند جي=بازي.

پنهل تہ جـــيءُ هـــو، پـــر بـــازي ڏير ڪري ويا.

[499]

پنهون تہ منهنجو **پهڻ** هـــو، پر ڪن **ذاتين** نيو.

پهڻ=پارس. ذاتين=بازيگرن.

پنهون تہ منهنجو پارس هو، پر ڪن بازيگرن نيو.

[500]

پنهل تہ منهنجو **ڳهہ** هـــو، پر ڪن **جاءِ جو** نِـيو.

ڳهہ=ڇـَٽ. جاءِ جو=بازيگر>بازي +ڪري.

پنهل تہ منهنجو ڇـَٽ هو، پر ڪن بازي ڪري نيو.

[501]

مـــان تہ **مـــال جي**، پنهل **پـــوڪ جو**.

مال جي=ڦولڙي>ڳولڙي.

پوڪ جو=ڏاٽو>سڏاٽو.

مان تہ ڳـــولـــڙي، پنهل سِڏاٽـــو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[502]

پنھون تان مون وٽ **ڪانئي** ھو، پر **ڪيڙي جيئن** ويو.

ڪانئي(جي)=تاڪي>اوطاقي. ڪيڙي جو=
وھاٽو>وھاٽي.

پنھون تـــان مـــون وٽ اوطـــاقي ھو، پر وھاٽيءَ ويو.

[503]

پنھل تہ **مـــتيءَ جي** هـــو، پـــوءِ وجي **ذات** ٿيو.

متيءَ جي=تاڪي>اوطاقي. ذات=جوڳي.

پنھل تہ اوطاقي هـــو، پـــوءِ وجي جوڳي ٿيو.

[504]

شھر ڏيئي، **نـــرنـــانءَ** نيائـــون پاڻ سان.

شھر=ماتيلو>مان +تيلھو.

نرنانءَ=سويا>سو +پاءُ.

مان تيلھو ڏيئي، سو پاءُ نيائون پاڻ سان.

[505]

پنھل تہ منھنجو **واپاري** ھو، پر **ذاتين** چا ڪيو!

واپاري=گھورڙيو>گھورو. ذاتين=ڏيرن.

پنھل تہ منھنجو گھورو هـــو، پر ڏيرن چا ڪيو!

[506]

ڪپـــڙو ڏيـــرن مـــن ۾، **ڪپـــڙو** ڪنھـــن نـــہ اُتـــونِ،
ڪپـــڙو مـــان انـــدر ٻـــر، **ڪپـــڙو** ملـــڪ ســـندونِ.

ڪپڙو=چُـني>ڪچُ +ني. ڪپڙو=چُـني>
سچُ +ني. ڪپڙو=چُـني>مچ +ني. ڪپڙو=
چُـني>ڪيچ +ني.

ڪـچ نـي ڏيـرن مـن ۾، سـچ نـي ڪنھـن نـہ اُتـونِ،
مـچ نـي مـان انـدر ٻـري، ڪيـچ نـي ملـڪ سـندون.

[507]

ڪـــــانٺ جـــــي ڪـــري ويـــا، **گاھ** جي مون سان.

ڪانٺ جي=ٻياني>ٻيائي. گاھ=سِڻ>سيڻَ.

ٻـيـــائـــي ڪـــري ويـــا ســـيـــڻ مـــون ســـان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[508]

فقيري منجهه هياس، تڏهن **پوک جي** ڏير ڪري ويا.

فقيري=عاشقي. پوک جي=گهنڊي.

عاشقي منجهه هياس، تڏهن گهنڊي ڏير ڪري ويا.

[509]

عضوي جدائي مون کي **شهر** ڏيئي ويا.

عضوو=جيرو>جيئري. شهر=ڏيرا>ڏير.

جيئري جدائي مون کي ڏيرَ ڏيئي وِيا.

[510]

مون کي **چمر جي** ڏيئي، **چمر جي** ڏير ڪٽي ويا.

چمر جي=چڙهي>چڙهه +ني. چمر جي=پالي>

پاءُ +ني.

مون کي چڙهٽي ڏيئي، پاءُ ني ڏير ڪٽي ويا.

[511]

مون سان **مٽي ذات** ڪئي، **مال جي** ڏير ڪري ويا.

مِٽي=ماپي>ماءُ +پيءُ. ذات=هڪڙا>هڪڙي.

مالَ جي=بيهر.

مون سان ماءُ پيءُ هڪڙي ڪئي، بيهر ڏير ڪري ويا.

[512]

ملان جي مون نہ چئي، تہ بہ **گهوڙي جو** هوت ڪري ويا.

ملان جي=الف- بي. گهوڙي جو=بدنام.

”الفوُن بي“ مون نہ چيو، تہ بہ بدنام هوت ڪري ويا.

[513]

ڪپڙي جو نالي ويا، **ڪپڙيَ جو** ني مان ڪي.

ڪپڙي جو=پچاڙڻ>پچاڙيون. نالو=پنهون.

ڪپڙي جو=سٽڻ>سٽيون.

پچاڙيون پنهون ويا، سَٽيون نِي مان ڪي.

[514]

هاءِ **نالي وارن** ڪاڻ، مون **ذاتين** ڏاڍو ڪيو.

نالي وارن=هوتن. ذاتين=جت>ڄتن.

هاءِ! هوتن ڪاڻ، مون سان جتن ڏاڍو ڪيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[515]

شهر جيءَ ڪري ويا، سا **نالو** نہ مون، تڏهن **راند جي** تياس.

شهرجي=هوتل<هُو +تَل. نالو=لکي.

راند جي=کُلي<کلي<هيڪلي.

هُوتَل ڪري ويا، سا لکي نہ مون، تڏهن هيڪلي تياس.

[516]

نہ **پنهنجا**، نہ **ڳهہ جا**، نہ **ڪاٺ جا** هئا،

جڏهن **ذاتين** تي **ڪپڙ جا** ڪيا، تڏهن **مال جا**.

پنهنجا=وارث. ڳهہ جا=والا<والي. ڪاٺ جا= وانگي. ذاتين=جتن. ڪپڙ جا=جورا.

مال جا=گهوڙا.

نہ وارث نہ والي، نہ وانگي هئا،

جڏهن جتن تي جورا ڪيا، تڏهن گهوڙا ڙي گهوڙا.

[517]

مسخري پيئي، تڏهن **راڳ جو** ونئي ويا.

مسخري=نقل<نہ +ڪَلَ. راڳ جو=پاروچو(ڳيچ).

نہ ڪل پيئي، تڏهن پاروچو ونئي ويا.

[518]

لوهہ هئا منهنجا پرين، **لوهہ ٺون** مون نہ اُتو،

ڪو جو **لوهہ** پيو، تہ **لوهہ ٺون** ويا منهنجا پرين.

لوهہ(جو)=ڪُل. لوهہ(جو)=زبانو. لوهہ (جو)=ڪرٺ. لوهہ(جو)=برمو<بر +مُنهن.

ڪُل ٿي هئا منهنجا پرين، زبانئون مون نہ اُتو،

ڪو جو ڪرٺ پيو، تہ بر منهن ويا منهنجا پرين.

[519]

آءٌ **ڪاٺ ٺون** معذور، **ڪپڙو** ڪيچين لاءِ ڪيم.

ڪاٺ(جا)=ڏُرا<ڏرٺون. ڪپڙو=ڪارو<ڪارُون.

آءٌ ڏرَٺون معذور، ڪارون ڪيچين لاءِ ڪيم.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[520]

مون وٽ منهنجا پرين، پارنهن ڪاچ هئا،
جر جاءِ جبل جا، مون ساٿن ڪين ڪيا،
پولي واڇٽ ڏڻ جو، راند جي تي هوت ويا.

ڪاچ(جا)=ماهه. جر جا=ٻُڏا. جبل جا=ڪارا.
پوليءَ جي =لڳي>لڳن. واڇٽ جو=ڏونڪو.
ڏڻ جو=ڏيل. راند جي=رَئي.

مون وٽ منهنجا پرين، پارنهن ماهه هئا،
ٻڏا ۽ ڪارا، مون ساٿن ڪين ڪيا،
لڳن ڏونڪو ڏيل ۾، رَئي تي هوت ويا.

[521]

وڪر هئڙم جن سين، سي ويا ڪاڻيءَ ڪوهيارا،
ڏنم ڪپڙي اولارا، تہ رڇ نہ پئڙم ان جو.

وڪر=ڪنرس>ڪن +رس. ڪاڻي(جي)=
ڪڙڪي>ڪسڪي. ڪپڙي(جي)=لينگهہ>
لَنگهہ. رڇ=طباق>تہ +باڪ.

ڪن رَس هئڙم جن سين، سي ويا ڪسڪي ڪوهيارا،
جان ڏنم لنگهن اولارا، تہ باڪ نہ پئڙم ان جي.

[522]

نرنانءَ ڪهي ملڪ ويو، مون کي عورت ورتو.

نرنان=پنهل. ملڪ=ڪيچ. عورت=
دائي>ماندائي.

پنهل ڪهي ڪيچ ويو، مون کي ماندائي ورتو.

[523]

ڪپڙو منهنجو ڪانڌ، سو پڻ پڪي ويو.

ڪپڙو=جوڙي>جو +ڙي. پڪي=وهيو>ويو.

جو ڙي منهنجو ڪانڌ، سو پڻ ويو هليو.

[524]

پنهون تہ منهنجو مرض هو، پر ڪن ليکي وارن نيو.

مرض=ڏڌ. ليکي وارن=ڪُپتين.

پنهون تہ منهنجو ڏڌ هو، پر ڪن ڪُپتين نيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[525]

پنهون مـان وٽ گـاهـ ويـو، پر **مـرون** نيائون.

گاهہ=نَپ=نہ +پٽي. مرون=ڪُمي>حڪمي.

پنهون مان وٽان نہ پٽي ويو، پـر حُڪمي نيائون.

[526]

پنهون مـان وٽ رَڇُ هـو، پر ڪن **ذاتين** نيو.

رَڇُ=ڏيئو>ڪوڏئو. ذاتين=زونرن>زوري.

پنهون مان وٽ ڪوڏئو هو، پر ڪن زوريءَ نيو.

[527]

پنهون تہ منهنجو **مٽيءَ جو** هو، پر ڪن **ماس جيءَ** نيو.

مٽيءَ جو=ڏَڪڻ>ڏِڪُ. ماس جي=ٻندي>ٻَدي.

پنهون تہ منهنجو ڏِڪ هـو، پـر ڪـن ٻـدي نيو.

[528]

نـالي ڪـي **حاڪيمـاٽي ڪـاني**، هـو **ولايـت** ويـا.

نالو=پنهون.حاڪيماٽي ڪاني=ٻڌي.ولايت=ڪيچ.

پنهـون ڪـي ٻـدي، هـو ڪيـچ ويـا.

[529]

نـاٽي پنهـل نيـنِ، هـو جـي **نـاٽو** هـوءِ!

ناٽو=ٻڌو>ٻڌيو. ناٽو=ڇُڙيو.

ٻڌيـو پنهـل نيـنِ، هـُو جـي ڇـُڙيو هـوءِ!

[530]

تپ اَن جي آءُ نہ هياس، تيلاهون هوت هٽي ويا.

تپ=ٻرو +اَن جي=چاٽي>ٻروچاٽي.

ٻروَچاٽي آءُ نہ هياس، تيلاهون هوت هٽي ويا.

[531]

جهنگ جي آءُ نہ هياس، تڏهن **تڙ جي** هوت ڪري ويا.

جهنگ جي=وٽي. تڙ جي=ڦَٽي.

وٽـي آءُ نہ هـيـاس، تڏهن ڦٽي هـوت ڪري ويا.

[532]

نار نالي آءُ نہ هياس، **نالي** نہ نيائون پاڻ سان.

نار نالو=گهرٻي. نالو=پرتو>پرتي.

گهرٻي آءُ نہ هياس، پرتي نہ نيائون پاڻ سان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[533]

آءُ نار هيس نرنانءَ جي، پر گھوڙي جي ڪري راند جي ويا.

نار=ٻانهي. نرنان=ٻاروچو. گھوڙي جي=
انڌاري<ڏاري. راند جي=ڏڪي.

آءُ ٻانهي هيس ٻاروچي جي، پر ڏاري ڪري ڏڪي ويا.

[534]

هن پوک جي پوک، تڏهن ذات ڪري ويا پوک.

پوک=ڦتي. ذات=ڏيرا<ڏير.

هن ڦتيءَ جي ڦتي، تڏهن ڏير ڪري ويا ڦتي.

[535]

ڪوهه ميچي ڏير، ميچي رات چڏي ويا

ميچي =سياڪوه. ميچي= حڪم> حق + بہ.

ڪوهه سياڪو ڏير، حق بہ رات ڇڏي ويا.

[536]

اَن سُت جو هئم جن سان، سي شهرئون هوت ويا.

اَن جو=جيءَ. سُتَ جو=جٹيو>جڙيو شهر = چني.

جيءَ جڙيو هئم جن سان، سي چني هوت ويا.

[537]

پڪي مون منجهہ هو، تڏهن حُقي جي هوت ڪري ويا.

پڪي=ڪوئل>ڪو +وَل. حُقي جي=
ڪَلي>هيڪلي.

ڪو وَل مون منجهہ هو، تڏهن هيڪلي هوت ڪري ويا.

[538]

ذاتين مون سان ذات ڪئي، ڪاچ ڇڏي پھرڻ ويا،
جن ذاتين تي نرنانءَ، سي ٻولي ڇڪي ويا.

ذاتين=جتن. ذات=جوهي>جا +هيءَ. ڪاچ=
طعام>تانَ +مون. پھرڻ(جي)=چولي>چوري.
ذاتين=ڏيرن. نرنان=اعتبار. ٻولي=ويساهي.

جتن مون سان جا هيءَ ڪئي، تان مون ڇڏي چوريءَ ويا،
جن ڏيرن تي اعتبار هو، سي ويساهي ويا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[539]

اوزار نہ هيس مان، اوزار مون نہ پيو،
اوزار نہ چيائون، اوزار ۾ وجهي ويا.

اوزار=ڪرني>ڪا +رَني. اوزار=پتو.
اوزار=شاهلَ>چاهل. اوزار=مانجهولو>
مان +جهول.

ڪا رَني نہ هيس مان، پتو مون نہ پيو،
چا هلُ نہ چيائون، مان جهور ۾ وجهي ويا.

[540]

ڪاٺ ڏسي ڇڏي ويا، ڪئي قرآن جي ڏيرن،
ائين پيا چون، تہ ذات نہ تي سسئي!

ڪاٺ(جو)=وَنجهہ>وَجهہ. قرآن جي=پڇاٽي.
ذات=چنبڙ.

وجهہ ڏسي ڇڏي ويا، ڪئي پڇاٽي ڏيرن،
ائين پيا چون، تہ چنبڙ نہ سسئي!

[541]

بنيءَ جي هيس جن سان، بنيءَ جا سي نہ تيا،
بنيءَ جي منهنجا سپرين، بنيءَ جي ڪري ويا.

بنيءَ جي=سنيائي>سنيوڙي. بنيءَ جا=ساٿي.
بنيءَ جي=ڏڪي. بنيءَ جي=ڦِٽي.

سنيوڙي هيس جن سان، ساٿي سي نہ تيا،
ڏڪيءَ منهنجا سپرين، ڦٽي ڪري ويا.

[542]

جان ائين هياس، جو نرنانءُ ڏوتم سٺ جا،
جان ائين تياس، جو ذات نہ نينم پاڻ سين.

نرنان=پنهل. سُٺَ جا=ڪپڙا. ذات=جت.

جان ائين هياس، جو پنهل ڏوتم ڪپڙا،
جان ائين تياس، جو جت نہ نينم پاڻ سين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[543]

اَن تي چڙهي **مرون** ورتائون، ائين نہ چيائون تہ **پڪي ڙي**!

اَن=مُـهري>مهرين. مِرون=واڳون.

پڪي=آڙي>آءُ +ڙي.

مهرين تي چڙهي واڳون ورتائون، ائين نہ چيائون تہ آءُ ڙي!

[544]

ڪاني جي وني **راند جي** ويا، پر **ڪاڏئون** ڪين.

ڪاني جيِ=اڪ. راند جي=ويلَ. ڪاڏڻ=

رَڙڪڻ>رَڙِ +ڪرڻ.

اڪ وني انهيءَ ويل ويا، رَڙِ ڪيائون ڪين.

[545]

مـــــون پانيو ڏير **پنيءَ جـــــي** ڪندا، پر **نالو** هوت ڪري ويا.

پنيءَ جي=معافي. نالو=قادو>قيدياٺي. ڪيِ +آئٺي.

مـــــون پانيو ڏير معـــــافـــي ڪندا، پـــر قيدياٺي ڪري ويا.

[546]

وڻ جـــــي آءُ هياس، تڏهن **ڪـــاني** ڏير ڪري ويا.

وڻ جي=نوڙي>نہ +وٺي. ڪاني=روجهڪي>

رُوءِ +جهڪي.

نہ وٺي آءُ هياس، تڏهن روءِ جهڪي ڏير ڪري ويا.

[547]

ڪپڙي جي آءُ نہ هـــيـــاس، **پوڪ جي** ڏير ڪٺي ويا.

ڪپڙي جيِ=رلي>رُلي. پوڪ جي=ڪس>ڪسي.

رُلـــــي آءُ نہ هـــيـــاس، ڪـــســـي ڏيـــر ڪٺي ويا.

[548]

ڪاٺ جي آءُ نہ هياس، **مال جي** ڏير ڪري ويا.

ڪاٺ جي=ڪرسي>ڪُ +رسي. مال جي= مستي.

ڪُ رَسي آءُ نہ هياس، مستي ڏير ڪري ويا.

[549]

ڪاني آءُ نہ هياس، **مال جي** هوت ڪري ويا.

ڪاني=واتوري. مال جي=مستي.

واتوري آءُ نہ هياس، مستي هوت ڪري ويا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[550]

اَن جي آءُ نہ هياس، **ڪپهہ جي** ڏير ڪري ويا.

اَن جي=سڳي. ڪپهہ جي=پڳي(پوٽي).

سڳي آءُ نہ هياس، پڳي ڏير ڪري ويا.

[551]

ڪاني آءُ نہ هياس، پر **ڪاني** ڏير ڪري ويا.

ڪاني=ڏنگي.

ڏنگي آءُ نہ هياس، پر ڏَنگي ڏير ڪري ويا.

[552]

ڪاني آءُ نہ هياس، **ڪاني** ڏير ڪري ويا.

ڪاني=ڪِني.

ڪِني آءُ نہ هياس، ڪِني ڏيرڪري ويا.

[553]

ڪاني آءُ نہ هيابس، **ڪاني** ڏير ڪري ويا.

ڪاني=پَڳي. ڪاني=ڪاري.

پڳي آءُ نہ هياس، ڪاري ڏير ڪري ويا.

[554]

ڪاني آءُ نہ هياس، پر **ڪاني** هوت ڪري ويا،
ڪاني نہ رهندياس، **نرنانءُ** اڳيؤن وجي **ڪاني** تيندياس.

ڪاني=لائي. ڪاني=ڦِني. ڪاني=ڪتب>
تہ بہ. نرنان=پنهل. ڪَاني=سُرهي.

لائي آءُ نہ هياس، پر ڦِني هو تہ ڪري ويا،
تہ بہ نہ رهندياس، پنهل اڳيَان وجي سُرهي تيندياس.

[555]

نرنائن تي مون ڪي وڏا **نرنانءَ** هٿا، پر **ڪپڙي جي** ڪري ويا.

نرنائن=ڏيرن. نرنان=اعتبار. ڪپڙي جي=
چولي<چوري.

ڏيرن تي مون ڪي وڏا اعتبار هٿا، پر چوري ڪري ويا.

[556]

نالن ۽ نانوَن، مون سان **ليکي هٿ جي** ڪانہ ڪئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نالن=هوتن. نانون=جتن. ليکي جي=آسي<
اصي. هٿ جي=لپ.
هوتن ۽ جتن، مون سان اصيلپ ڪانہ ڪئي.

[557]

بازار جي اڳ هياس، پر **واپار جي** ڏير ڪري ويا.
بازار جي=ڇاپ<ڇاپيل(نالي ڇڙهيل). واپار
جي=نروار.
ڇاپيل اڳ هياس، پر نروار ڏير ڪري ويا.

[558]

آءُ تہ **اَن** ڪيچين جي، پر ڪيچين **ڪاٺي** ڪانہ.
اَن=ساريون<ساري. ڪاٺي=ٻاري.
آءُ تہ ساري ڪيچين جي، پر ڪيچين ٻاري ڪانہ.

[559]

آءُ تہ **راند** ڪوهيارل جي، پر ڪوهيارل **ٻاھ جي** ڪانہ.
راند(جي)=ساري. ٻاھ جي=ٻاري.
آءُ تہ ساري ڪوهيارل جي، پر ڪوهيارل ٻاري ڪانہ.

[560]

آءُ نہ **ڪانيءَ جي**، **ڪکن جا** نہ ڏير.
ڪانيءَ جي=چيت<سچيت. ڪکن جا=پيڙها<
پيڙهائتا.
آءُ نہ سُچيت، پيڙهائتا نہ ڏير.

[561]

شڪار جي ڪيچين ڪئي، **مال جي** مون ڪان نہ ٿي.
شڪار جي=جهُڙي<جهڙي. مال جي=تڙي<تهڙي.
جهڙي ڪيچين ڪئي، تهڙي مون ڪان نہ ٿي.

[562]

ڪاٺ عضوي جي مون سان ڪانہ.
ڪاٺ جو=ڪچُ< ڪيچين. عضوو=ڪرائي<
ڪا +رَهائي.
ڪيچين، ڪا رَهائي مون سان ڪانہ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[563]

عورت نالي نہ ذات، اهي جهنگ زحمت جا.

عورت نالي=ڇڳي. ذات=جت. جهنگ جا=ڪَچا.

زحمت=ڪوئليون>قولن.

ڇڳي ذات نہ جت، اهي ڪچا قولن جا.

[564]

زحمت پٽر ذات تي نالو ئي نہ.

زحمت=پرو +پٽر=ڇڪي>پروچڪي.نالو =اعتبار

پروچڪي ذات تي اعتبار ئي نہ.

[565]

جروڻ جي مون سان ڪري ڪانہ ويا.

جرَجي=موڪ +لڻ=لاٽي>موڪلاٽي.

موڪلاٽي مون سان ڪري ڪانہ ويا.

[566]

ڪو وڪر جو ويهي، ذاتين مون سان ڪين ڪيو،

ڏاند جو ڏيئي، ويو نرنانءَ نڪري.

وڪر جو=ڳُڙ>ڳُڻ. ذاتين=ڪيچين.ڏاند جو=

ڏورٽو>هيڏو +رڻ. نرنان=پاروچو.

ڪو ڳُڻ ويهي، ڪيچين مون سان ڪونہ ڪيو،

هيڏو رِڻ ڏيئي، ويو پاروچو نڪري.

[567]

عورت ڪنديس ڳالهڙيون، عورت ذاتيون،

پڇو هنن ذاتين ڪان، تہ عورت تيس ڇاموئن.

عورت=حليمان>هلي مان. عورت=رحيمان>

رهي مان. ذاتين=جتن. عورت=ڪوڙي>ڪڙي.

هلي مان ڪنديس ڳالهڙيون، رهي مان راتيون،

پڇو هنن جتن ڪان، تہ ڪڙي تيس ڇاموئن.

[568]

آءُ اڳئي هڏ متي، مون کي پيڙيءَ جا چو تا ڏيو.

متي=چوري. پيڙي جا=ڏڪا.

آءُ اڳئي هڏ چوري، مون کي ڏکا چو تا ڏيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[569]

الله! جتن جي، ڪا لڳي نه چَـڙي جي،
پوک ڪي ماري، وڻ جي ويا منهنجا پرين.

چَـڙي جي=لار>لاري. پوک=موٺ>مُـٺي
وڻ جو=اُسرڻ>اُسري.

الله! جتن جي ڪا لڳي نه لاري،
مُـٺيءَ ڪي ماري، اُسري ويا منهنجا پرين.

[570]

لوهه جي نه هئي ته ڪو پڪي مال جا ڏيندا.

لوهه جي=ڪل. پڪي=ڪيچي. مال جا=
ڏها>ڏهاڳ.

ڪَـل نه هئي ته ڪو ڪيچي ڏهاڳ ڏيندا.

[571]

پنهونءَ جي وجڻ جو، ذات مون سان ڪن،
ته نالي ويهان تن، پنهنجو ڏيانِ ڪينڪي.

ذات=چِـتايا>اڳ چتاءُ. نالو=پرمون> پر+ ۾.
پنهنجو=اُتڻ.

پنهونءَ جي وجڻ جو، جي اڳ چتاءُ ڪن،
ته پَـر ۾ ويهان تن، (هوند) اتڻ ڏيانِ ڪينڪي.

[572]

وڻ هجيم ها ته نرنانءَ عضوي مان شهر ڏيان ڪانه ها.

وڻ=سنيالو>سنيال. نرنان=پنهون. عضوو=پاسو.
شهر=ڪيڻ.

سنيال هجيم ها ته پنهون پاسي مان ڪيڻ ڏيان ڪانه ها.

[573]

مال جي ڪيائون، مون ڪي عورت نه تي،
نه ته ست جن ۾، پار جي تيان ها.

مال جي=پهريات>پهر+رات. عورت>سُهند>
سُڌ. سُـٽ جي=مهار. پار جي=لُـڙڪي>لڙڪي.

پهر رات ڪيائون، مون ڪي سُـڌ نه تي،
نه ته مهارن ۾ لـَـڙڪي پوان ها.

[574]

جي **نارنالي** هجان ها تہ پڇي پنهل کي **راند جا** وجهان ها.

نار نالي=سياڻي. راند جا=جوتا.

جي سياڻي هجان ها، تہ پڇي پنهل کي جوتا وجهان ها.

[575]

نرنانءَ جي **ذات** جي خبر هجي ها، تہ **عضوو** ئي نہ ڏيانس ها.

نرنان=پنهون. ذات=واجاڻا>وجڻ. عضوو=

تَـڻُ> اُتڻ.

پنهون جي وجڻ جي خبر هجي ها، تہ اتڻ ئي نہ ڏيانس ها.

[576]

جي **مال** هجان ها تہ پنهون **عورت لوهہ جي** ڏيان.

مال=منجهي. عورت=هوند. لوهہ جي=

کَهي.

جي منجهہ هجان ها تہ پنهون هوند کهي ڏيان.

[577]

جي پنهون جي **نار نالي** هجان ها، تہ کريان ها **عضوي پوک جي** تن سان.

نارنالي=شانا>ٿاني. عضوو=سينو. پوک جي=کسي>کشي.

جي پنهون جي ٿاني هجان ها، تہ کريان ها سيناکشي تن سان.

[578]

پنهون تہ **پکي** ٿيو، مان **پيڙيءَ واري** هياس.

پکي=کينو>کين +رهيو. پيڙيءَ واري=ڏاري.

پنهون تہ کين رهيو، جو مان ڏاري هياس.

[579]

پنڌ جي هوتن کي هئي، تڏهن **عضوو** هياس.

پنڌ جي=وڇوٽي. عضوو=مُرهي>مان +رهي.

وڇوٽي هوتن کي هئي، تڏهن مان رهي هياس.

[580]

مشڪري ڪِري، نہ تہ **راند جو** ڪنهن کي ڏيان.

مَشڪري=تاڙي. ڪِري=پڳي. راند جو=ٻاروچو.

تاڙي پڳي، نہ تہ ٻاروچو ڪنهن کي ڏيان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[581]

ذات مال جا پون، پنهل جا گاهن ۾.

ذات=آچا<اچيو. مال جا=پُور. گاهن=

نيندي<نِندن.

اچيو پور پون پنهل جا نندن ۾.

[582]

نار نالي پنهون، نرنانءَ نہ مون.

نار نالو=جيئري. نرنان=ويسر<وِسري.

جيئري پنهون وسري نہ مون.

[583]

پنهل تہ منهنجو ڪاني هو، پر نرنالو نہ ڪيائين.

ڪاني=مصري (ٻيڙيءَ جي ڪپيءَ جي سرائي).

نر نالو=نيباهو.

پنهل تہ منهنجو مصري هو، پر نيباهو نہ ڪيائين.

[584]

پنهل تہ منهنجو ذات هو، پر ذات ڪري ويو.

ذات=وينجهر<وينجهار. ذات=ڪاسائي<ڪسائي.

پنهل تہ منهنجو وينجهار هو، پر ڪسائي ڪري ويو.

[585]

پنهون وڏي ذات هو، پر ڪپڙي جو ڇڏي وڃي ڪاٺ ٿيو.

ذات=وينجهر<وينجهار. ڪپڙي جو=ننگ.

ڪاٺ=هلڪو.

پنهون وڏو وينجهار هو، پر ننگ ڇڏي وڃي هلڪو ٿيو.

[586]

پنهون تہ شهر هو، پر ڏير ذات ٿي ويا.

شهر=سکر. ذات=ڪلال<ڪُلال.

پنهون تہ سکر هو، پر ڏير ڪُلال ٿي ويا.

[587]

آءُ پنهل جو پير مڃان، جي ولايت وڃي.

پير=پٽورو<پوءِ+ٽورو. ولايت=ڪين.

آءُ پنهل جو پوءِ ٽورو مڃان، جي ڪين وڃي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[588]

ٻولي ڪانءُ ڪندياس، ٻولي هوت پنهون سان.

ٻولي=اگر. ٻولي=مگر.

اگر ڪانءُ ڪنديا‎س، مگر هوت پنهون سان.

[589]

آءُ تہ هڪڙي زمين جي، ٻي درد جي،

ٽي ڪپڙي جي، چوٿين راند جي ٿيس،

هاٿي بہ گهوڙي جا ڪانڌ تي رکي، چوان تہ نالو ڪيو.

زمين جي=چري. درد جي=سُتي. ڪپڙي جي=

گندي. راند جي=بدَ> بدنام. گهوڙي جا=

ٽَڙا>هٽڙا. ڪانڌ=پيرن. نالو=بخش.

آءُ تہ هڪڙي چري، ٻي سُتي، ٽي گندي، چوٿين بدنام ٿيس،

هاٿي بہ هٽڙا پيرن تي رکي چوانِ تہ بخش ڪيو.

[590]

تپ، جنڊ، هٿيار، ڪوهہ ڪاف جي.

تپ=ٻرو. جنڊُ=چڪي. هٿيار=ڪانُ> ڪانءُ.

ڪوهہ ڪاف جي=پري.

ٻروچڪي ڪانَ پَري.

[591]

پنهل ڪوئن پوءِ پوڪ جا تيا.

پوڪ جا=وهراج>وِهہ +راڄ.

پنهل ڪوئن پوءِ وهہ راڄ تيا.

[592]

نار نالي سان ڪريو، تہ ڪکن جي ڪي ڪيچ نيو.

نارنالي=حڪيمان>حقي +مان. ڪکن جي=

ٻِني>ٻنهي.

حقِي مان سان ڪريو، تہ ٻنهي ڪي ڪيچ نيو.

[593]

ڪا ڪُتي جي آئي ڪانءُ ڪا، جا ڪکن جي نئي ها ڪيچ ڏي.

ڪتي جي=ڏاڙهہ>ڏاڙهي. ڪکن جي=ٻِني>ٻنهي.

ڪا ڏاڙهي آئي ڪانءُ ڪا، جا ٻنهي کي نئي ها ڪيچ ڏي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[594]

پکين ۾ ٻولي پوي، مُئيءَ جو لوهہ ڪاٽ جي ويا.

پکي=روڏو. ٻولي=رڙ. لوهہ جو=مارو>ماري.
ڪاٽ جي=مَن.

روڏن ۾ رڙ پوي، مئيءَ جو ماڙي من ويا.

[595]

ڪاٽن ڪي جيئڏ، پون شال عضون ۾.

ڪاٽ(جو)=ڪرهو. جيئڏ=ڪيئان. عضون=پيرن.

ڪرهن کي ڪيئان، پون شال پيرن ۾.

[596]

اُهي فقير جي نہ هوندا شال، جن مون سان هٿن جيٰ ڪئي.

فقير جي=سينَ> سنئين. هٿن جي=چاٽَ(چماٽ)
>اُچاٽ.

اُهي سنئين نہ هوندا شال، جن مون سان اُچاٽ ڪئي.

[597]

جن منهنجو ڳهہ نيو، سي ذات ٿيندا شال.

ڳهہ=ڪنيلو>ڪُنيل. ذات=مشوري>مشهور.

جن منهنجو ڪُنيل نيو، سي مشهور ٿيندا شال.

[598]

وڻ جو ڪنهن کي ڏيان، نالي ڪان نرنانءَ ويو.

وڻ جو=چوڏو>چو +ڏوهہ. نالو=ڪرمون>
ڪرمن. نرنانءَ=ڪيچي.

چو ڏوهہ ڪنهن کي ڏيان، ڪرمن ڪان ڪيچي ويو.

[599]

اَن جن ناهي ڏوهہ، مان سان ڪاٽ جي ڪئي.

اَن جا=تُهہ>تو. ڪاٽ جو=ڪارب>ڪا +رب.

تو ۾ ناهي ڏوهہ، مان سان ڪا رب ڪئي.

[600]

نالي نرنانءَ جو ڪوبہ مرون ناهي،
سي مرون مون ڏي، جي نرنانءَ ملي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نالو=هوت. نرنان=بلوچ. مرون=ڏوهيو>ڏوهہ.

نرنان=پنهون.

هــوت بلـــوچ جـــو ڪوبـــہ ڏوهـــہ نـــاهي،

ســـپ ڏوهــہ مــون ڏي، جـــي پنهـــون ملـــي.

[601]

ذاتين ڪونهي ڏوهہ، **اڪر** منهنجو ايئن هو.

ذات=ڏيرا>ڏيرن. اڪر=انگ.

ڏيرن ڪونهي ڏوهہ، انگ منهنجو ايئن هو.

[602]

ڪاٽ جو آءُ ڪنهن کي ڏيان، لِکيو **نرنانءُ** جو.

ڪاٽ جو=چوڏو>چو +ڏوهہ. نرنان=قلم.

چــو ڏوهہ آءُ ڪنهن کــي ڏيان، لکيو قلم جو.

[603]

نارنــانءَ جــو **ڪپــڙو**، آهــي چــام پنهــون ســان،

تـــڙ ۽ **وهـــٽ** جـــو، آهـــي چـــام پنهـــون ســـان،

مـــال ۽ **ســـٽ** جـــو، آهـــي چـــام پنهـــون ســـان،

فقيـــر ۽ **پـــوڪ** جـــو، آهـــي چـــام پنهـــون ســـان،

ڪـاغذ ۽ **ڪـاٽ** جـو، تـہ بہ آهـي چـام پنهـون سـان.

نارنـان=نمـاڻي. ڪپـڙي جـو=ننـگ. تـڙ جـو=وارو> واري. وهـٽ جـو=ونـگ. مـال=تـوڏو. سـُـٽ جـو= تنـگ. فقيـر جـي=سنگت. پـوک جو=سنگ. ڪـاغذ جو=ليکو. ڪاٽ جي=انگهہ>انگ.

نمـــاڻيءَ جـــو ننـــگ، آهـــي چـــام پنهـــون ســـان،

واري وجهـــڻ جـــو ونـــگ، آهـــي چـــام پنهـــون ســـان،

تـــوڏي چڪـــڻ جـــو تنـــگ، آهـــي چـــام پنهـــون ســـان،

ســـنگت وارو ســـنگ، آهـــي چـــام پنهـــون ســـان،

لکيـــو منهنجـــو انـــگ، تـــہ بـــہ آهـــي چـــام پنهـــون ســـان.

[604]

پنهل تہ منهنجو **ڪاٽ جو**، آءُ پنهل جو **ڪاٽ**.

ڪاٽ جو=انگهو>انگ.

پنهل تہ منهنجو انـــگ، آءُ پنهل جـــو انـــگ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[605]

هو جـــي جيت پروچ آلا، ولايـــت بہ تن ســان.

جيت=لُنڊَ> لُنڊو. ولايت=نئنگ>انگ.

هو جي لُنڊا پــروچ، آلا، انگ بہ تن ســان.

[606]

پنهـــون، نــالا آيـــا، پــر نـــالا تـــ نــ.

نالو=تولو>تو +لاءِ. نالو=مُولو>مون +لاءِ.

پنهــون، (ڏيــر) تــو لاءِ آيــا، پــر مــون لاءِ تــ نــ.

[607]

نرنانءَ تنهنجي **مال** جي **سٽ جي** ٿيان ها.

نرنان=پنهل. مال=اُٺ. سُٽ جي=مهار.

پنهل، تنهنجي اُٺ جـــي مهـــار ٿيان ها.

[608]

پنهون! جي **پورهئي جي** هيئي تہ **شهر** نہ ڇڏين ها.

پورهئي جي=لائي. شهر=چني.

پنهــون! جـــي لاءِ هـِيئي تـــ چـنـــي نہ ڇڏين ها.

[609]

سنج ٺون ڇڏ نہ هتڙي، **پاهڻ جا** پاڻ سين.

سنج=پرُڙ>پرٿي. پاهڻ جا=نينگهر

(جنڊ جو پويون اٽو)> ني +گهر.

پرٿي ڇڏ نہ هتڙ، نـــي گهرِ پاڻ سين.

[610]

عضوي اک جي لڳي، **جنگ جا** ڪر منهنجا پرين.

عضوو=ڳچي. اک جي=نرچ. جنگ جا=مَ ڇڏ.

ڳچــيءَ ـــحَ لــڳـــي، مَ ڇــڏ منهنجا پرين.

[611]

يءَ **اک جي** پئي **عضوي** ۾، سا **شهر** نہ ڪجي.

اک جي=نِچَ. عضوو=ڳچي. شهر=قـتو>قـتي.

هـــيءَ لـــنچ پئي ڳچيءَ ۾، ســا قـتي نہ ڪجي.

[612]

وڻ وڻ، ۾ ٿي ناهہ، **ذاتيون** ڇڏڻ پانهنجون.

وڻ=اَک>عقل: ذات=جوريا>جويون.

عقل ۾ ٿـــي ناهہ، جويون ڇڏڻ پانهنجون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[613]

ڪاريگر جي وچ نہ پنهون، توکي **نشي جو** چوندو ڪونہ.

ڪاريگر جو=رِجائي>ري +جوءِ. نشي جو=خاشو.

ري جوءِ وچ نہ پنهون، توکي خاشو چوندو ڪونہ.

[614]

هـــٿ جـــو نہ وچ پنهون! هوءَ **ڪاٺي** پاڻ سان.

هٿ جو=ريجو>ري +جوءِ. ڪاٺي=نيزو>
نيجو>ني +جوءِ.

ري جـــوءِ نہ وچ پنهون! هوءَ نـــي جوءِ پاڻ سان.

[615]

تنهنجي دل مون سان **گاهہ جو** هئي، پر ڏيرن ڪو **جانور** وڌو.

گاهہ جو=گڏو>گڏيل. جانور=پولو.

تنهنجي دل مون سان گڏيل هئي، پر ڏيرن ڪو پولو وڌو.

[616]

ڪپڙي جي هوت ڪري ويا، **جُـتيءَ جي** تون نہ ڪرين ها.

ڪپڙي جي=ڪاري. جُـتيءَ جي=ڏاري.

ڪـــاري هـــوت ڪـــري ويـــا، ڏاري تون نہ ڪرين ها.

[617]

درياءَ جو ڏنوَ دوست پرين، تـڏهن رانـول **رڃ** ٿيو،
آءُ اوهان سان **مال جي**، تـڏهن **ملڪ** مون کي ڏيو.

درياءَ جو= ڪڇو>ڪُڇ. رَڃ=ڍَڪڻ. مال
جي=هِري. ملڪ=سرو>آسرو.

ڪُـڇ ڏنوَ دوست پرين، تـڏهن رانـول ڍڪڻ ٿيو،
آءُ اوهان سان هِـري، تـڏهن آسرو مـون کـي ڏيـو.

[618]

ذات ٻولي منهنجا پرين، آءُ نہ **جر جـــي** هياس.

ذات=شر>سرِ. ٻولي=پوش. جر جي=
گهڙي>اگهاڙي.

سرپوش منهنجا پـريـن، آءُ نہ اگهاڙي هياس.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[619]

ڪـــاچ جو مُـئـــيءَ متان، **نـــالـــي** پنهنجا **عضوا.**

ڪاچ=ڦڪڻ>مَ +ڪَڻ. نالو=هوت. عضوا= هٿ>هٿڙا.

مَ ڪـــڻ مـُـئـــيءَ مـــتـــان، هـــوت پنهنجا هٿڙا.

[620]

پنهنجـــــا پنهـــون، **پنهنجـــــي** آهيــــان.

پنهنجا=آرس>آءُ +رس. پنهنجي=بيوس.

آءُ رس پنهـــــــون، بيـــــــوس آهيـــــــان.

[621]

مـــرض چـــامر پنهـــون، آءُ **عضـــوي جـــي** آهيـــان.

مرض=آرس>آءُ +رَس. عضوي جي=نس>نہ + سونهين.

آءُ رس چـــامر پنهـــون، آءُ نـــ ســـونهين آهيـــان.

[622]

عورت وٺ هوت آءُ، **وڻ اکر جي نالي** هاٺي آهيان.

عورت=حليمان>هلي +مان. وڻ=نِـمر + اکر جي=آٺي>نماٺي. نالو=آبن>عيبن.

هلي مان وٺ هوت آءُ، (آءُ) نماٺي عيبن هاٺي آهيان.

[623]

باهـــ ڏيئيـــن پنهـــون، **اکيـيـــن** نـــ ڏســـئين.

باهہ=ساڙي>ساهہ +ڙي. اکيين=پري.

ســـاهہ ڙي ڏيئيـــن پنهـــون! پـــري نـــ ڏســـئين.

[624]

پنهـــون **مـــال جـــي** ڏيـــانءِ، **نـــالي** تـــ نـــ ڏســـانءِ.

مال جي=آسَ> آءُ +سڏيانءِ. نالو=پروُ> پري.

پنهـــون آءُ ســـڏيانءِ، پـــري تـــ نـــ ڏســـانءِ.

[625]

اي **نـــالا!** تـــيءُ نـــ **نـــالي، ڪـــاٺ جـــي** آءُ **نـــالا!**

نالو=پنهل. نالو=پريل>پري. ڪاٺ جو=

وِرو>وري. نالو=ولهو.

اي پنهـــل! تـــيءُ نـــہ پـــري، وري آءُ وَلهـــا!

[626]

ذات ڙي منهنجا پرين، نہ تہ ذات ويندِيسانءِ.

ذات=عامل>آءُ +مـِل. ذات=مري.

آءُ مِـل منهنجا پرين، نہ تہ مري ويندِيسانءِ.

[627]

تـون شـاهاٽو، آءُ ڏونـري جـي تـي ملنديسـانءِ.

شاهاٽو=ترسُ. ڏونري جو=دِڳُ> دڳُ.

تـــون تـــرس، مـــان دڳ تـــي ملنديســـانءِ.

[628]

اکـــر اچـــن ســـپرين، تـــہ اکـــر تـــي پـــوان،

نـالي سنديون ڳـالهڙيون، شـهرئون ويهـي کريـان.

اکر=اوري. اکر=گهوري. نالو=هيمن>

هيءُ +منُ. شهر=دلي.

اوري اچـــن ســـپرين، تـــہ گهـــوري تـــي پـــوان،

هـي مـن سـنديون ڳـالهڙيون، دليـوُن ويهـي کريـان.

[629]

اَن جـي شـــال اچن، آءُ عـورت جـرَ جـي آهيـان.

اَن جي=سيئي>سي ئي. عورت=جني.

جرَ جي=ڪوڏي.

ســي ئـــي شـــال اچـــن، آءُ جنـــي ڪـــوڏي آهيـــان.

[630]

سسـئي پنهـون جـي اَمـا، پـر اَبـو اچـي شـال.

اَما=جيجڙي>جيءَ +جڙي. اَبو=بابو>باب.

سسـئي پنهـون جـي جيءَ جڙي، پـر بـاب اچـي شـال.

[631]

پنهل تہ منهنجو پيءُ هـــو، شل ماءُ تي اچي!

پيءُ=بابو>باب. ماءُ=مادر>مان +دَر.

پنهل تہ منهنجي باب هو، شل پر مان دَر اچي!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[632]

شهرئون ويا، سي ذات ملنم شال!

شهر=مودر>مون +در. ذات=جانوري>
جان +وري.

مون دَرَئون ويا، سي جان وري ملنم شال!

[633]

نرنانءَ شكار جي، عضوي تي ڳهہ ڙي.

نرنان=پنهون. شكار جي=اَڇي اَڇي. عضوو=
چشم. ڳهہ=هلكو.

پنهون اڇي اڇي، چشمن تي هلكو ڙي.

[634]

پاٽي جي پٽَ وَلِ اوهان نہ كئي، شل عورت كاڄ جوا

پاٽيءَ جي=موڪ. پَٽَ وَلَ=لاٽي. عورت=
سُكي. كاڄ جو=رهو.

موكلاٽي اوهان نہ كئي، شل سُكي رهو!

[635]

پنهون مان سان **پوڪ پٽ جي** كئي كانہ كا.

پوڪ=موڪَ +پَٽ جي=لاٽي>موكلاٽي.

پنهون مان سان موكلاٽي كئي كانہ كا.

[636]

گاهہ ڙي ويندياس، **نرنانءَ علم جيءَ** ۾.

گاهہ=مريڙو>مري +ڙي. نرنان=ساجن.
علم جي=سورة>سور.

مري ڙي ويندياس، ساجن، انهيءَ سور ۾.

سرتين كي دانهن

[637]

حقي جي هوت ويا، **لوهہ جون** ٻاروچا.

حقي جي=اُتهڙي>اُتو +ڙي. لوهہ جون=
ميخون>مان +كوئن.

اُتو ڙي هوب ويا، مان كوئن ٻاروچا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[638]

اديون! مان سان **ڪاڄ** ئون **ڪاڄ** ڪري ويا.

ڪاڄُ=ڃاهين>ڃا +هوئن. ڪاڄُ=ڪرٿُ>
ڪرٿَ.

اديون! مان سان ڇا هوئن ڪرَٿ ڪري ويا؟

[639]

هتيار منجهه **عضوي**، جيڏيون **ذات** هٽي ويا.

هتيار=ڪُنڊو. عضوو=ڪاپار. ذات=جت.

ڪنڊو منجهه ڪاپار، جيڏيون! جت هٽي ويا.

[640]

ڪُتي جو ساري رات، **ڪاٺ جو** ڏنم ڙي جيڏيون!

ڪُتي جو=پٽو>پٽيو. ڪاٺ جو=در.

پَٽيو ساري رات، در ڏنم ڙي جيڏيون!

[641]

هتئون **اوزار** ڙي اديون، **چنڊ جو** ڪو پنهون.

اوزار=رَندو>نڪرندو. چنڊ جو=ڏنو.

هتئون نڪرندو ڙي اَديون، ڏنو ڪو پنهون؟

[642]

شهر آيا ڙي جيڏيون! **شهر** نه ڏنائون؟

شهر=ماڏو>مان ڏي.

مان ڏي آيا ڙي جيڏيون! مان ڏي نه ڏنائون.

[643]

حاڪيماڻي نه هئم ڙي جيڏيون، ته مون کي **فاقيرو** هوٿ ڪندا.

حاڪيماڻي=ڇاڻَ. فاقيرو=حلقو>هلڪو.

ڇاڻ نه هئم ڙي جيڏيون، ته مون کي هلڪو هوت ڪندا.

[644]

گاهه جيءَ تي **جاءِ جا** هئم، پر **ڪانيءَ** ويا ڙي جيڏيون!

گاهه جي=دن>ايندن. جاءِ جا=بار>اعتبار.

ڪاني=ويساهن>ويساهي.

ايندن تي اعتبار هئم، پر ويساهي ويا ڙي جيڏيون!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[645]

ڪـــاڄ ٿون ڪيـــن چيو، تہ ذات ڪـريـــن سسئي!

ڪاڄ=آني>آهان +ني. ذات=سونگها>سوگها.

آهـــان نـــي ڪين چيو، تہ ســوگها ڪرين سسئي!

[646]

منهنجو گـــاهہ جـــو نـــرنــانءُ ســـان، سگيٽيون ذات.

گاهہ جو=بندُ. نرنان=بلوچ. سگيٽيون=اديون.

ذات=آهيڙي>اهي +ڙي.

منهنجـــو بـــنـدُ بـــلـــوچ ســـان اديـــون آهـــي ڙي!

[647]

اڪيـــون ڪـــاڄ ٿيـــون، رچ ٿـــون هـــوت ويـــا،

ڪڪن جون ڪنهن کي ڏيان، مون نرنـالا ڪـاٺ پيا.

ڪاڄ=ٻوٽيون. رَچُ=وٺو. ڪڪن جون=ڏايون>

دانهون. نرنالا=ڏونگر. ڪاٺ(جا)=ڏورٽا.

اڪيـــون مـــون ٻوٽيـــون، وٺئـــون هـــوت ويـــا،

دانهـون ڪنهـن کـي ڏيـان، مـون ڏونـگر ڏورٽـا پيـا.

[648]

اڪيـــون ڪٽـــي مـــاس ڪيـــمر، رچ پريـــن رات ويـــا،

ڪڪن جون ڪنهن کي ڏيان، ڪـاٺ پهڻ جا پيا.

ماس=ٻوٽي>ٻوٽيمر. رچَ=وَٺا>وٺان.

ڪڪن جون=ڏايون>دانهون. ڪاٺ جا=

ڏورٽا. پهڻ جا=ڏونگر.

اڪيـون ڪٽـي ٻوٽيـمر، مـون وٺـان پريـن رات ويـا،

دانهـــون ڪنهـــن کـــي ڏيـــان، ڏورٽـــا ڏونـــگر پيـــا.

[649]

ولايت وجان ها جيڏيون، تہ ست جـي هوند پوان ها،

ڪـري ڪـاٺ پنهـون کـي، آءُ جـر جـو وجهـان هـا.

ولايت=هرات>هي +رات. سُتَ جي=رَسي.

ڪاٺ(جو)=نهيرو>حيلو. جر جو=وارو>واري.

هي، رات وجان ها جيڏيون، تـہ رَسي هوند پـوان هـا،

ڪـري حيلـو پنهـون کـي، آءُ واري وجهـان هـا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[650]

عورت نالي چا ڪريان، ويا مرد نالو چڏي،
هنن تان هڏو ڪيو، آءٌ نہ رهندي هڏي،
ڳهہ منهنجو ولايت ويو، متي لوهہ جن لڏي،
دعا ڪريو ڙي جيڏيون! من عورت نالو ڳڏي.

عورت=حليمان>هلي +مان. مرد نالو=بيگ>
بي ڳُرا. هڏو=سَنڌ>سنڌو. ڳهہ=وَرُ.
ولايت=ڪيچ. لوهہ جن=گهوڙن>ڳوئرن.
عورت=سسئي. نالو=پنهون.

هلي مان چا ڪريان، ويا بي ڳُرا چڏي،
هنن تان سنڌو ڪيو، آءٌ نہ رهندي هڏي،
وَرُ منهنجو ڪيچ ويو، متي ڳوئرن لڏي،
دعا ڪريو ڙي جيڏيون! مانَ سسئي پنهون ڳڏي.

[651]

امڙ اتي آڳيني ءَ جو ڪر، واڇٽ نالا وجن،
هٽيو نڪر جا پتر جن تي، مال جا ڪن،
اديون، ائين چون، نہ ولايت ۾ وڻ ٿيو.

آڳيني ءَ جو=اُهاءَ(سوجهرو). واڇٽ=ڏُمر>دَمُ.
نالا=هوت. نڪر جا=هٿيا>هٽ. پِتر جي=سِرَ.
مال جا=گهوڙا. ولايت=هَرات>رات. وڻ=
هيرڻ>هيءَ +رِڻ.

امڙ اتي اُهاءَ ڪس، جنهن دم هوت وجن،
هٽيون هٽ سِرن تي، گهوڙا گهوڙا ڪن،
اديون، ائين چون، تہ رات ۾ هيءَ رڻ ٿيو.

[652]

ٻہ وٽيون نرنانءَ ناهي عضوي ۾، تڏهن زمين جا ڙي،
ڏراڙ ڏڻ جو ڪري ويا، تڏهن مال جا ڙي!

ٻہ وٽيون=ٻهلاٽيون>ٻيلياٽيون. نرنان=پنهون.
عضوو=ڪيچَ. زمين جا=ڪامان. ڏراڙ=اوٺار.
ڏڻ جو=ڏاڙو. مال جا=گهوڙا.

پيليـاٽيون! پنهـون نـاهي ڪـيچ ۾، تـڏهن ڪامـان ڙي!
اونـار ڏاڙو هٽـي ويـا، تـڏهن گهـوڙا گهـوڙا ڙي!

[653]

جڏهن تي پنهون ذات تيو، تـڏهن عـورت نـه جيـڏيون!
ڪاٺ پڪيءَ جو نـه ڪيو، نـه تـه عورت تيم ڙي جيڏيون!

ذات=پانهان>پانهان. عورت=مُئي ڪاٺ جن=
پلاٽن. پڪيءَ جو=چيچٽ. عورت=سجاڳان>سجاڳي.

جڏهن تـي پنهـون پانهـان تيـو، تـڏهن ميـس نـه جيـڏيون!
پلاٽن چيچٽ نـه ڪيـو، نـه تـه سجاڳي تيم ڙي جيڏيون!

[654]

آيـا ڏيـر ڏڪـيءَ جـا، ڪـري ڪپـڙي جـي مـن،
راڳ ۾ نارنـانءَ جـو، چـو نـه لاتـائون ڪـنِ،
اديـون ڙي هوتـن، نيـو رانـد جـيءَ بـاروچو.

ڪپڙي جي=ڪوٺي. راڳ جي=زاري. نارنان
عورت=ذائفان>ضعيف. راند جي=آڳيني>
آ +گهٽي.

آيـا ڏيـر ڏڪـيءَ جـا، ڪـري ڪوٺـي مـن،
زاري هـن ضعيـف جـي، چـو نـه لاتـائون ڪـن،
اديـون ڙي هوتـن، نيـو آ گهـُـٽي بـاروچو.

[655]

سڏ ٻـُڏي جي چڏيائون، ڪوريٺڪو ورڪ نه ڪيائون،
نـالي ڏنـائون، پنهنجـا بـُـڪين ڪينڪـي.

سڏ=چو. ٻـُڏي جي=ڙي. ڪوريٺڪو=پنجو>
پنهنجو. ورڪ=وڻ>وڙ. نالو=موسو>مون +
سي. پنهنجا=لڪَ. ٻـُڪئي جو=لنگهڻ.

چـوڙي چـڏيائون، پنهنجـو وڙ نـه ڪيـائون،
مـون سـي ڏنـائون، جـي لـڪَ لنگهـڻ جـا ڪينڪـي.

[656]

مـرد ۾ مـال جـا سـرتيون، شـهرئون ڏيـر ويـا،
اَن جـي ڪونـه هٿـا، مـان رچ ڙي جيـڏيون!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرد=تازا. مال جا=سور. شهر=ڏيهي>ڏيئي.
ان جي=ڪرهي(سنگن جي حفاظت لاءِ هاري
ٺاهين)> ڪرَ+هي. رڇ=وَٿو>وٿ.
تـــازا ســـُـــور ســـرتيون، ڏيئـــي ڏيـــر ويـــا،
ڪــرَ هـــي ڪونـــ هٿـــا، مـــان وٿ ڙي جيـــڏيون!

[657]

ڪـــاٺي جنهـــن لاءِ تيـــاس، ڪـــاٺي ســـي نـــ تيـــا،
اَديـــون ٻاروچـــا، مـــون ڪـــي ڪـــاٺي ڪـــري ويـــا.
ڪاٺي=پڳي. ڪاٺي=ٻسانگي>سانگي.
ڪاٺي=ڪاري.
پڳـــي جنهـــن لاءِ تيـــاس، ســـانگي ســـي نـــ تيـــا،
اديـــون ٻاروچـــا، مـــون ڪـــي ڪـــاري ڪـــري ويـــا.

[658]

ولايت ٺون ويا ڙي جيڏيون، پر شهرٺون شل مرَ وجن،
جيت ڏسيو انهن جا، مون کي پڪي جهل نہ ڏين.
ولايت=هرات>هي +رات. شهر=دلي>دلٺون.
جيت=جاٺون>جايون. پکي=هنجهہ>هنجهون.
هـــي رات ويـــا ڙي جيـــڏيون، پـــر دلٺـــون شـــل مرَ وجـــن!
جايون ڏسيو انهن جون، مون کي هنجهون جهل نہ ڏين.

[659]

لوهـہ بنـان ڙي جيـڏيون، وڏيـون مـال جـون پـُـونِ،
سي جـي نـالو هـونِ، تـہ وڪـر جـي ڪيـر ڪـري.
لوهہ(جو)وَرُ> ورن. مال جون=گهٽيون.
نالو=حيات. وڪر جي=پـُڙي>اُپڙي.
وَرَن بنـــا ڙي جيـــڏيون، وڏيـــون گهٽيـــون پـــُـــونِ،
ســي جــي حيــات هــونِ، تـــہ اُپــڙي ڪيــر ســگهي.

[660]

جتن نـــانءُ تيان، جـــي مون ڪـــي ذات ڪن.
نان=نهال>نال. ذات=سهاڳا>سهاڳڻ.
جتن نال تيان، جـــي مون ڪـــي سهاڳڻ ڪن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[661]

هـن ولايـت كـان جيـڏيون! نـالا نـانءَ وجـن،
اَن جـي رڏي كـن، عـورت ذات آهيـان.

ولايت=سورت>سور. نالو=وَريام>وريا
نان=ويچ. اَن جي=سيئي>سي +ئي.
رڏي=سڄي. عورت=جنت>جني. ذات=ماري.

هـن سـور كـان جيـڏيون، وريـو ويـچ وجـن،
سـي ئـي سـڄي كـن، جنـي مـاري آهيـان.

[662]

اديـون ڙي آءُ ذات، نـالن نرنـانءُ كيـن،
مَـن جر جا تين، تـہ مئي جو تئيم سُـتَ سان.

ذات=كانهل>كاهلي. نالن=سيٽن. نرنان=
سنيو>سنيس. جر جا=تڏا. مُئي جو=وصال. سُتَ
(جو)=وَر.

اديـون ڙي آءُ كـاهلي، سـيٽن سـنيس كيـن،
مـن تـڏا تيـن، تـہ وصـال تئيـم وَرَ سـان.

[663]

جـر جـون وذم جـانب كـي، وڻ جـي وذم كانـہ،
وكـر ڏيـو ڙي جيـڏيون، نرنـانءُ پسـان مـان.

جر جون=جهلون. وڻ جي=ڳيراڻي>ڳرهاڻي.
وكر=كوپرو>كو +پرو. نرنان=پنهون.

جهلـون وذم جـانب كـي، ڳرهـاڻي وذم كانـہ،
كـو پـرو ڏيـو ڙي جيـڏيون، پنهـون پسـان مـان!

[664]

منهنجا گاهہ پروچ، كاڻي كنديس كينكي.

گاهہ=سِڻ>سيڻ. كاڻي=پيانو>پيا.

منهنجا سيڻ پروچ، پيا كنديس كينكي.

[665]

نـاهي كـاڻي نـالي ري پيـن نـانونَ جـي.

كاڻي=لوڙهہ>لوڙَ. نالو=جانب. نانوَن=جتن.

نـاهي لـوڙ جـانب ري پيـن جتـن جـي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[666]

وڻ تہ گهٽو اتم جيڏيون، پر ذات ماري آهيان.

وڻ=آک>عقل. ذات=جهجهڻ. ماري= جهوري.

عقل تہ گهٽو اتم جيڏيون، پر جهجهڻ جهوري آهيان.

[667]

مِرون وئڙم نڪري، مان مرون ڪوهہ ڪندياس.

مرون=ڪيڇئون>ڪيڇ +ئون. مرون=پلنگ (ڪتو).

ڪيڇ ئون وئڙم نڪري، مان پلنگ ڪوهہ ڪندياس.

[668]

نار نالي ڪان هوت ويا، هت نار نالي ڇا ڪندياس.

نارنالي=حليمان>هلي +مان. نار نالي=رحيمان> رهي +مان.

هلي مان ڪان هوت ويا، هت رهي مان ڇا ڪندياس.

[669]

نالي بنان هاڻ، هت نار نالي ڇا ڪريان.

نالو=سڄڻ. نارنان=رحيمان>رهي +مان.

سڄڻ بنان هاڻ، هت رهي مان ڇا ڪريان.

[670]

نار نانءَ ڪيئن تڪي، جنهن جو واڻيو ذات وني ويا.

نارنان=جادل>جا +دل. واڻيو=هيمن>هيءَ + من. ذات=هوت.

جا دل ڪيئن تڪي، جنهن جو هيءَ من هوت وني ويا.

[671]

نالي پڇاڻا جيڏيون! هاڻي چيرو نالي ڪي.

نالو=جانب. چيرو=باهہ. نالو=پنيو>پنيور.

جانب پڇاڻا جيڏيون، هاڻي باهہ پنيور ڪي!

[672]

نرنانءَ بنا ڙي جيڏيون، سمهڻ وڻ تيو،

هبي مال جا، مون رچ ئون هوت ويو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نرنان=پنهون. وڻ=اُڪڙو>ڪڙو. مال جا =
گھوڙا. رچ=وَتو>وتئون.

پنهـون بنـان ڙي جيـڏيون، سمهـڻ ڪـڙو ٿيـو،
هـي گھـوڙا! مـون وتئـون هـوت ويـو.

[673]

لوهــ جـڻ جـون ڳـالهيون، کهڙيـون ڪنديسـانِ،
لوهہ جـو هـوت ونـي ويـا، عضـوو ڙي ڏسنديسانِ.

لوهہ جي=بيل>بي +لچن. لوهہ جو=کھاڙو>
ڪوهيارو. عضوو=آندو>آءُ +ڏوڙي.

بـي لچـن جـون ڳـالهيون، کهڙيـون ڪنديسـانِ،
ڪوهيـارو هـوت ونـي ويـا، آءُ ڏوڙي ڏسنديسـانِ.

[674]

پنهنجون هن شهر ۾، لڏيون مون شـاديءَ جـون،
نرنانءَ ناهي حاڪيماٽو، سو تہ رانـد جـي نيائون،
تنـــي ڪـــي آءٌ، وجـــي ولايـــت ڳوليـــان.

پنهنجـون=پيـنر. شـهر=پنيـور. شـاديءَ جـون=-
لائئـون. نرنـان=پريـن. حاڪيمـاٽو=پلنـگ.
راند جي=ٻڏي. ولايت=وَندر. ڳوليان=ووڙيان.

پيـنر هـن پنيـور ۾ لَڏيـون مـون لائئـون،
پريـن نـاهي پلنـگ تـي، سـو تـہ ٻـڏي نيـائون،
تنـــي ڪـــي آءٌ، وجـــي ونـــدر ووڙيـــان.

[675]

عضوي ڪائينديا‌س، عضوي ويندي‌س هوت جي.

عضوو=پـِني. عضوو=پـُني.

پـِنـي ڪـائينديا‌س، پـُنيءَ ويندي‌س هوت جي.

[676]

راند جي هوت ويا، آءٌ ڪتي جيءَ ملندياس تن ڪي.

راند جي=لڪَ> لـڪي. ڪُـتي جي=لَـڪ.

لـِڪي هـوت ويـا، آءُ لَـڪ ۾ ملنديس تـن ڪي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[677]

ولايت ويڙا جيڏيون، مون کان پير کري،

نرنانءَ نيائون پاڻ سان، هت مال جي کير کري.

ولايت=هرات>هي +رات. پير=هادي>هيڏي.

نرنان=پنهون. مال جي=نَهَر.

هَي رات ويڙا جيڏيون، مون سان هيڏي کري،

پنهل نيائون پاڻ سان، هاڻ هت نَهَر کير کري.

[678]

ولايت وياڙي جيڏيون، تن نالا نانءَ کري،

نالو نيائون پاڻ سان، تن نالا کا مَ کري.

ولايت=هرات>هي +رات. نالو=خدابخش>خدا.

نان=خيرو>خير. نالو=جيئندو>جِند. نالا=

نندو>ندا.

هَي رات ويا ڙي جيڏيون، تن خدا خير کري،

جِند نيائون پاڻ سان، تن ندا کا مَ کري.

[679]

جنهن کاڻ لڳو ڙي جيڏيون، نار نالي ڏيندي کيئن نه ميان!

کاڻ=تير. نار نالو=صابُلَ> سا +بُل.

جنهن تير لڳو ڙي جيڏيون! سابُل ڏيندي کيئن نه ميان!

[680]

اَن جي سا کاريگر جي، مون کي پوک جو ارمان ڙي..

اَن جي=رهي. کاريگر جي=نهي. پوک جو=

سنگ>سنگت.

آءُ رهي سا نهي، مون کي سنگت جو ارمان ڙي.

[681]

کاڻ پَناري پيومر، پر رچ ناهيان ڙي جيڏيون!

کاڻ=پلڪ. رچ=جَمن>جمر.

پلڪ(وڇوڙي جو) پناري پيومر، پر جمر ناهيان ڙي جيڏيون!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[682]

پاٽيءَ منجهہ پياس، ڪاٽ لڳو ڙي جيڏيون!

پاٽي (جا) =پور>پورن. ڪاٽ (جو) =چرخو>چرخ.

پورن منجهہ پياس، چرخ لڳو ڙي جيڏيون!

[683]

پنڌ جو نرنانءُ ويو شهر ڏي، مان منٽيءَ جا جيڏيون!

پنڌ جو=ڪوهہ. نرنان=يارل. شهر=ڪيچ.

منٽيءَ جا =ڪامان.

ڪوهيارل ويو ڪيچ ڏي، مان ڪامان جيڏيون!

[684]

آءُ زمين جا ڙي جيڏيون، ڏاتين هوت وڄن.

زمين جا =ڪامان. ذات=مهندا>مهندان.

آءُ ڪامان ڙي جيڏيون، مهندان هوت وڄن.

[685]

ڪاڃ پرين جو پوءِ، تہ شهر وڃان ڙي جيڏيون!

ڪاڃ=ڪوپرو>ڪو +پرو. شهر=ڏُڪ.

ڪو پرو پرين جو پوءِ، تہ ڏُڪ وڃان ڙي جيڏيون!

[686]

ڪڪ ڪريو ڙي جيڏيون، جبل منهنجي جو.

ڪڪ=ڏيُ. جبل=سورجاڻ>سور.

ڏَيُ ڪريو ڙي جيڏيون، سُور منهنجي جو.

[687]

سازين هوت گڏيو، ڪنهن نرنانءَ سان جيڏيون!

ساز=مُرلي>مون +رُلِيَ. نرنان=ثوابو>سبب.

مون رُليءَ هوت گڏيو، ڪنهن سبب سان جيڏيون!

[688]

نرنانءَ وني ويا مرض ۾، مون کي مرض ڏيئي ويا.

نرنان=پنهون. مرض=نهند>ننڊ. مرض=سور.

پنهون وني ويا ننڊ ۾، مون کي سور ڏيئي ويا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[689]

پنهنجو تيم جيڏيون! **گاهه پکي** ڪيو، پر **جر وڻ جي** جي ڪانہ ڪيائون.

پنهنجو=ارمان. گاهن=سڻ>سيٽن. پکي=سانباهو. جر جي= موڪ. وڻ=لاٽي.

ارمان تيم جيڏيون، سيٽن سانباهو ڪيو، پر موڪلاٽي ڪانہ ڪيائون.

[690].

هڪ هجن ها **وڻ جي**، پيو **نالا ۽ نرنان**ءَ،

تن ۾ **ڪاني جو** هو ڪونڪو، سي **زر بلا جي** ڪيئن ڪندا؟

وڻ جي= ماٽَ> مائٽ. نالو=چگو> چگا.

نرنان=جوان. ڪانيءَ جو=هڏو>هڏ ڏوڪي.

زر جي=ڳڻ. بلا جي=مڻ.

هڪ هجن ها مائٽ، پيو چگا جوان،

تن ۾ هڏ ڏوڪي هو ڪونڪو، سي ڳڻ مڻ ڪيئن ڪندا؟

[691]

چمر جي ساريان **عورت**، جي رهي ويا **عضوو**.

چمر جي=سيبڻ>سي +بڻ. عورت=سڄڻ.

عضوو=رتڙي>راتڙ.

سي پڻ ساريان سڄڻ، جي رهي ويا رَاتڙي.

[692]

ولايت ويا ڙي جيڏيون، **شهر** شال اچن!

ولايت=ونگو ولاسو>ونگي. شهر=موندر> مون +دَرُ.

ونگي ويا ڙي جيڏيون، مون در شال اچن!

[693]

اڪ جن ڙي اُديون، مان سين **ان جا** ڪيا.

اڪ جو=جَتو>جتن. ان جا=اَڏ>اَڏن>ويڏن.

جتن ڙي اُديون، مان سين ويڏن ڪيا.

[694]

ڪانيءَ جي نرنان ڪانہ ڪيائون، **شهر** وني ويا ڙي جيڏيون!

ڪانيءَ جي=رَسَ. نرنان=محبت. شهر=چِني.

رس محبت ڪانہ ڪيائون، چني ويا ڙي جيڏيون!

[695]

ولايــت ويــا ڙي جيــڏيون، **شـــهر** ملائـــي شـــال!

ولايت=ارم>ور +ہر. شهر=يثرب>سي +رب.

وَرَ ہر ويــا ڙي جيــڏيون، ســي رب ملائـــي شـــال!

[696]

ڪـاتي جــن سـان هيـاس، اُهـي **ڪـاتي** ڪـري ويـا،

اديـــون ڀـــاروچو، **ڪـــاتي** مـــون ڪـــري ويـــو.

ڪاتي=لڳي. ڪاتي=قِـتي. ڪاتي=ڪاري.

لڳــي جــن ســان هيــاس، اُهــي قِـــتي ڪـري ويــا،

اديـــون ڀـــاروچو، ڪـــاري مـــون ڪـــري ويـــو.

[697]

ذات نــہ هــيــس ڙي جيڏيون! تڏهن **ذات** ڏيئي ويام.

ذات=سِيا. ذات=سيلر>سي +لُرَ.

سياءُ نہ هيس جيڏيون! تڏهن سي لُرَ ڏيئي ويام.

[698]

نـــرنـــانءَ وئـــي ڪان پوءِ، **شهر ڙي**.

نرنان=پنهل. شهر=بغداد.

پنهل وئـــي ڪـــان پـــوءِ، بغداد ڙي.

[699]

نـار چيــو **نــار** ڪــي، مــون ڪــي **نــالو** آٿــي ڏي.

نار=سسئي. نار=سڪي. نالو=پنهون.

سسئي چيــو سڪيءَ ڪــي، مــون ڪــي پنهـون آٿـي ڏي.

[700]

ســازيــن هـــوت ڏنـــا، **نـــالـــي** سان ڙي جيڏيون!

ساز=مُرلي>مون +رلي. نالو=فضل.

مـــون رلـــي هـــوت ڏنـــا، فضل ســان ڙي جيڏيون!

[701]

دعـــا ڪريو ڙي جيڏيون، مـــان **جُـتيءَ جيئڻ** تــيــان.

دعا (جا) =ٻُڪَ. جُـتيءَ جي=رُوءِ >روبرو.

ٻُـڪ ڪـــٽـــو ڙي جيڏيون، مـــان روبـــرو ٿـيـــان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[702]

مان سان لڳي جنگ جي، اوهين وجي ڪا وکر عضوي جي ڪريو.

جنگ جي=چَڪري. وکر=مس +عضوي

جي=لت>مصلحت.

مان سان لڳي چڪري، اوهين وجـي ڪا مصلحت ڪريو.

[703]

ڪاڄ جو ڪنهن کي چوان، من ڪو فقيراٽو ٿئي.

ڪاڄ جو=پيرو>پيو +روئي. فقيراٽو=ميلو.

پيو روئي ڪنهن کي چوان، من ڪو ميلو ٿئي.

[704]

ڪـائـئين ويـا سـڄڻا، مـان پـي ڪـائـئين ويـنديسـانِ،

ڪـائين سنديون ڳـالهيون، وجـي ڪـائـئين چونديسـانِ.

ڪائي=ڪنواتي>ڪنواتين. ڪائي=ڪنواتي>

ڪنهن +واتين. ڪائي=ڪنواتي>ڪن +واتن.

ڪائي=ڪنواتي>ڪنهن +واتين.

ڪنواتين ويا سڄڻا، مان پي ڪنهن واتين وينديسانِ،

ڪن واتن سنديون ڳالهيون، ڪنهين واتين چونديسانِ.

[705]

جنهن ڪاٺ ويا ڙي جيڏيون، آءُ تنهن ڪاٺ وينديسانِ،

ڪـاٺ سـنديون ڳـالهڙيون، آءُ ڪـاٺ چونديسـانِ.

ڪاٺ=در. ڪاٺ=در>اندر.

جنهن در ويـا ڙي جيـڏيون! آءُ تنهن در وينديسانِ،

انـدر سـنديون ڳـالهڙيون، آءُ انـدر چونديسانِ.

[706]

پنهنجي ويا ڙي جيـڏيون! آءُ پنهنجي وينديسـانِ،

پنهنجيءَ سنديون ڳالهڙيون، وجي پنهنجي چونديسانِ.

پنهنجو=دَم>هڪدم.

هڪـدم ويـا ڙي جيـڏيون! آءُ هڪـدم وينديسـانِ،

هڪ دم سنديون ڳالهڙيون، وجي هڪدم چونديسانِ.

[707]

ڪـاٺين ويـا اتـم جيـڏيون، آءُ **ڪـاٺين** ويـنديسـان،
ڪـاٺين سـنديون ڳـالهڙيون، آءُ **ڪـاٺين** چـونديسـان.

ڪاٺي=پيڻ> هو +پـڻ(آءُ پڻ، جي پڻ،
سي پڻ)

هـو پـڻ ويـا اتـم جيـڏيون، آءُ پـڻ ويـنديسـان،
جـي پـڻ اتـم ڳـالهڙيون، سـي پـڻ چـونديسـان.

[708]

ولايـت ويـم جيـڏيون، مـان **ولايـت** ويـنديسـان،
ولايـت سـنديون ڳـالهيون، **ولايـت** چـونديسـان.

ولايت=جاوا>جاءِ.

جـاءِ آيـم جيـڏيون، تنهـن جـاءِ ويـنديسـان،
جـاءِ سـنديون ڳـالهيون، جـاءِ اتـي چـونديسـان.

[709]

جنهن **عضوي** ويا اتم سپرين، تنهن **عضوي** وينديسان،
عضوي سنديون ڳالهڙيون، وجي **عضوي** چونديسان.

عضوو=منهن.

جنهـن منهـن ويـا اتـم سـپرين، تنهـن منهـن ويـنديسـان،
منهـن سنديون ڳالهڙيون، وجي منهـن سان چونديسان.

[710]

ڪڪيـن آيـا ڏيـر، **ڪڪيـن** ويـنديسـان،
ڪڪين سنديون ڳالهڙيون، وجي **ڪڪين** چونديسان.

ڪڪين=تڏي.

تـڏي آيـا ڏيـر، تـڏي ويـنديسـان،
تـڏي سـنديون ڳـالهڙيون، وجـي تـڏي چـونديسـان.

[711]

عضوي ويا ڙي جيڏيون، مان بـه **عضوي** وينديسان،
عضوي سنديون ڳالهيون، وجي **عضوي** ڪنديسان.

عضوو=ڇـڏو>ڇـڏي>ڪيچ +ڏي.عضوو=

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏو>ڇڏي>ڪيچ +ڏي. عضوو=ڇڏو>ڇڏي>.

ڪيچ +ڏي. عضوو=ڇڏو>ڇڏي>ڪيچ +ڏي.

ڪيچ ڏي ويا ڙي جيڏيون، مان بہ ڪيچ ڏي وينديسانِ،
ڪيچ ڏيهہ سنديون ڳالهيون، وڃي ڪيچ ڏي چونديسانِ.

[712]

عضوي جي وينداس، جو اک جي ڪامڻ آهيان.

عضوي جي=نـڙي>(ڇو) +نہ +ڙي. اک جو=
نينهن. ڪامڻ=نوازي.

ڇو نہ ڙي وينداس، جو نينهن نوازي آهيان.

[713]

پکي درياءَ جو چاڙهيو، هو ڪاڄ بہ منهنجو جن،
آءُ بہ مهندان تن، جر جو ڪنديس ڪينڪي.

پکي جو=ڪُهڻ>ڪُهي. درياءَ جو=ڪن. ڪاڄ
جو=ماهہ. جر جو=ٻاڙو.

ڪُهي ڪُني چاڙهيو، هو ماهہ بہ منهنجو جن،
آءُ بہ مهندان تن، ٻاڙو ٻوليندس ڪينڪي.

[714]

ڪپڙو پنهون ڪي شل، مچي نہ لڳي جيڏيون!

ڪپڙو=ميرو>مير. مچي=موُس>مرَ +اُس.

مير پنهون ڪي شل، اُس مرَ لڳي جيڏيون.

[715]

ٻولي پنهل اڇي، ٻولي ڪيان ڪيئن؟

ٻولي=جيتر. ٻولي=تيتر.

جيتر پنهل اڇي، تيتر ڪيان ڪيئن؟

سسئيءَ ڪي سرتين جو چوڻ

[716]

جر واري جي ڪامٽي، جيت جي ڏير ويئي.

جر واري جي=آني>آءُ +ني. ڪامٽي=سسئي.
جيت جي=تاني>تان +ني.

آءُ ني جاڳيس سسئي، تان ني ڏير ويئي.

[717]

نرنانءَ چيو **نارنانءَ** ڪي، هي نہ پرين پر،
هٽي **وڻ ذاتين** ڪي، ڏير ويا ڏونگر،
نالي نرنانءَ ڪينڪي، **رڇ** تنهنجي گهر.

نرنان=صالح>صلح. نارنان=سسئي. وڻ=
ڪامون. ذات=چانگ>چانگن. نالو=تولو>
تو +لئي. نرنان=تڪيو>تڪيا. رَڇ=گهڙي.

صلحَ چيو سسئي کي، هي نہ پرين پر،
هٽي ڪامون چانگن ڪي، ڏير ويا ڏونگر،
تو لئي تڪيا ڪينڪي، گهڙي تنهنجي گهر.

[718]

نارنانءَ چيو **نارنانءَ** ڪي، ادي! اها نہ پرين پر،
هٽي **وڻ ذاتين** تي، ڏير چڙهيا ڏونگر،
نالن ۽ نرنائن جا ڪينڪي، **رڇ نرنانءَ** جي گهر.

نارنان=سُکي. نارنان=سسئي. وڻ=ڪاموئي>
ڪام.ذاتين=چانگ>چانگن. نالا=تولا>تو +
لاءِ. نرنان=تڪيا. رڇ=گهڙي. نرنان=پنهون.

سکيَ چيو سسئي کي، ادي اها نہ پرين پر،
هٽي ڪامون چانگن تي، ڏير چڙهيا ڏونگر،
تولاءِ تڪيا ڪينڪي، گهڙي پنهونءَ جي گهر.

[719]

جن جو **مرض نالي** سين، تن کي **عورت** نہ نياءِ.

مرض=عشق. نالو=آري. عورت=ننڊ.

جن جو عشق آريءَ سين، تن کي ننڊ نہ نياءِ.

[720]

عورت پنهنجو اڙايو، **پنهنجون** ڪرين!

عورت=ڳهلي. پنهنجو=نينهن. پنهنجون=ننڊون.

ڳهلي، نينهن اڙايو ننڊون ڪرين!

[721]

جڏهن جيئڏ پولي آيا، تڏهن چو ڪاچ هئين ۽ سسئي؟

جيئڏ=سيانتو>سيا +تو. پولي=وٽ

ڪاچ=ليٽي.

جڏهن سيا تو وٽ آيا، تڏهن چو ليٽي هيئن ۽ سسئي؟

[722]

نالا ڏنا هيئي رات، تڏهن چوٽي ڪامڻ چو سُتين ۽؟

نالا=ميا. چوٽي=سوڙهي>سوڙ. ڪامڻ=

اُڊي>اوڊي.

ميا ڏنا هيئي رات، تڏهن سوڙ اوڊي چو سُتين ۽؟

[723]

جر ول جي تو ڪئي، پنهنجو مرون ڏري،

ولايت ويا سسئي، جن جو پنڌ پري.

جر جي= اک. ول جي= پوٽي> پوٽ.

پنهنجو=پاسو. مرون=پلنگ (ڪتو). ولايت=

هرات>هو +رات.

اک پوٽ تو ڪئي، پاسو پلنگ ڏري،

هي رات ويا سسئي، جن جو پنڌ پري.

[724]

عيبدار سسئي، جڏهن ڪانڌ ويئي ڪوهيار،

پنهنجي ويو وٽڪار، تڏهن جر جي لتي جيڏيون!

عيبدار=نڪ لتي>نہ +ڪل +تيئي، پنهنجي =

وَهي جر جي=ماڪ>مان +ڪل +تي.

نہ ڪل تيئي سسئي، جڏهن ڪانڌ ويئي ڪوهيار،

وهي ويو وٽڪار، تڏهن مان ڪل تي جيڏيون!

[725]

لوهہ جي پنهنجي نہ ڪرين ها، تہ ڪاٺ جا چو پيچين ها؟

لوهہ جي=سُئي>سسئي. پنهنجي=ننڊ.

ڪاٺ جا=دَر>وِندر.

سسئي! ننڊ نہ ڪرين ها، تہ وندر چو پُڇين ها!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[726]

ذات جا ڏنا هيئي ڏير، تہ **جر جو** ٿئين ها سسئي!

ذات جا=شورا. جر جو=ڪُم>محڪم.

شورا ڏنا هيئي ڏير، تہ محڪم ٿئين ها سسئي!

[727]

هڪڙو بہ **راند جو**، بيو بہ **راند جو**، ٽيون بہ **راند جو** نہ ٿيو،

تنهان پوءِ ويو، **راند جو** پنهون ڙي سسئي!

راند جو=نولو. راند جو=ڍَهلو>ڍهلئين.

راند جو=پَتو. راند جو=يَڪو.

نَولا ڏسي ڍهلئين، پر پَتو ڪونہ پيو،

تنهان پوءِ ويو، يَڪو پنهون ڙي سسئي!

[728]

جڏهن **ڪاٺ جا** ڏنئي **گهر جي** تي، تڏهن تون **مال جو** ڙي سسئي!

ڪاٺ جا=اوپرا. گهر جو=اڱڻ.

مال جو=پُڇُ.

جڏهن اوپرا ڏنئي اڱڻ تي، تڏهن تون پڇ ڙي سسئي!

[729]

ڪاٺي آيئي ڏيرَ تڏهن **راند جيئَن** ڪڍين ها سسئي!

ڪاٺي=ناقص. راند جي=هڪل>هڪالي.

ناقص آيئي ڏيرَ تڏهن هڪالي ڪڍين ها سسئي!

[730]

تو **ڪاغذ جي** آيا هئا ڏير، تڏهن **ناٽي جا** ڪرين ها سسئي!

ڪاغذ جي= پاس. ناٽي جا=ٿيلها>ٿيلهي.

تو پاس آيا هئا ڏير، تڏهن ٿيلهي چڏين ها سسئي!

[731]

جڏهن **اکر مال جو** ڏنئي، تڏهن **وڻ جو** ڪرين ها!

اکر=ڦِٽو. مال جو=ياڳيو>ياڳ. وڻ جو=

ڪوئيلو>ڪو +حيلو.

جڏهن ڦِٽو ياڳ ڏنئي، تڏهن ڪو حيلو ڪرين ها!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[732]

جڏهن تي پنهل ويو، تڏهن ڪانئيون ڪاٺ پوڪ جو ڪرين ها.

ڪانئيءَ جون=دريون. ڪاٺ جو=دَر.

پوڪ جو=بَند.

جڏهن پنهل تي ويو، تڏهن دريون در بند ڪرين ها.

[733]

جڏهن مال تي مڃي ٿيو، تڏهن پڪي نہ ٿئين ها سسئي!

مال=اُٺ. مڃي=رَڙي>رڙيو. پڪي=ٻوڙي.

جڏهن اُٺن تي رڙيو، تڏهن ٻوڙي نہ ٿئين ها سسئي!

[734]

سٽي پرِيت پڪي جي، پنهنجو تو نہ جڳائي،
ذات ڪرڻ وس تنهنجو ڪم، پوءِ نالو ڪري خدا.

پڪي=سانباهو. پنهنجو=سُمهڻ. ذات=مَنٿڻ.

نالو=ميڙائو.

سٽي سانباهو سڄڻ جو، سمهڻ تو نہ جڳائي،
مَنٿڻ وس تنهنجو ڪم، پوءِ ميڙائو ڪري خدا.

[735]

پڪي تن سيٹن جو، پڪي تو نہ سُئي،
پڪي ڏير چڙهي ويا، پڪي تو نہ ٻڌو،
پڪي هل پنهون سان، توکي پڪي ڇا ڪندو.

پڪي=سانباهو. پڪي=آڙي>اڙي. پڪي=چڙي.

پڪي= ٻوڙي. پڪي= پاريهر> پاري + هلَ.

پڪي=ڇاپاڪو>ڇير.

سانباهو تن سيٹن جو، اڙي تو نہ سُئي،
چڙي ڏير چڙهي ويا، ٻوڙي تو نہ ٻڌو،
پارَي هل پنهون سان، توکي ڇپر ڇا ڪندو.

[736]

پنهون ڪاٺ پر ڏنو هوءِ، تڏهن ذات ڇو نہ وئين؟

ڪاٺ جو=پاڪڙو. ذات=ڇنبڙَ.

پنهون پاڪڙي پر ڏنو هوءِ، تڏهن ڇنبڙي ڇو نہ وئين؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[737]

رات ڪپــڙ جـــيءَ ۾ ڇوڪـــر ڇونـــ پئيـــن.

ڪپڙ جي=مهار. ڇوڪر=لڙڪي.

رات مهـــارن ۾ لڙڪـــي ڇـــو نـــ پئيـــن؟

[738]

پنهــون تنهنجــي شـــهرئون ويــو، نـــالن ۽ نرنـــائن ۾،

پـــوءِ مروئـــن ۾ نينـــگر پويـــن هـــا سســـئي!

شهر=ڪيچ>ڪيچئون. نالو=ٻيڙو>ٻيڙن.

نرنانءُ=جهُـوڙو. مـِرُون=واڳو>واڳن.

نينگر=لڙڪي.

پنهــون تنهنجــي ڪيچئـــون ويـــو، ٻيـــڙن ۽ جهـــوڙن ۾،

پـــوءِ واڳـــن ۾ لڙڪـــي پويـــن هـــا سســـئي!

[739]

جـڏهن زر جـا ڏنـا هيئـي، تـڏهن مـال جـا ڪريـن هـا!

زر جا=رَند. مال جا=راهڙ.

جـــڏهن رنـــد ڏنـــا هيئـــي، تـــڏهن راهـــڙ ڪريـــن هـــا!

[740]

دونـــالي ڪـــامٽي، ڪـــاڇن ڪـــي ڪنديـــنءَ ڇـــا؟

دونالا=هــڪ نالو'جنت'>جن +تنهنجي. ٻيو

نالو=رکي>نہ +رکي. ڪامٽي=سسئي. ڪاڇ=

تـُوت>توتن>تون +تن.

جـن تنهنجـي نـہ رکـي سسئي، تـون تـن کـي ڪنديـنءَ ڇـا؟

[741]

نـــار نـــالي رڇ ســـئي، وٽ جـــن ڪنديـــنءَ ڪوهـــ؟

نارنالي=جـِني. رڇ=پاري. وٽ جا=تـُوت>

تـُوتن>تـُون +تن.

جنـــي نـــہ پـــاري ســـئي، تـــون تـــن ڪنديـــنءَ ڪوهـــ؟

[742]

پنهنجي ڪنيرڪي تو نہ ڪئي، تـڏهن توڪان هوت ويا.

پنهنجي=اک +ڪُنيرڪي=چـِتي.

اک چـِـتي تــو نـــ ڪئـي، تـڏهن توڪـان هـوت ويـا.

[743]

ڪاني ڪپڙي جي تو نہ ڪئي، تڏهن توکان هوت ويا،
جر رڇ جي تو نہ ڪپڙجي ڪئي، تڏهن توکان هوت ويا،
وڏي چمر جي تو نہ سڪئي، تڏهن توکان هوت ويا،
هاٺي تنهنجو شهر هئي، توکان هوت ويا.

ڪانيءَ جو=ٽانڊو. ڪپڙي جي=ٽوپي. جر=پاٽي.
رڇ=پيالي. چمر جي= ڳِلي. ڪپڙ جي= جهلي.
شهر=ٻريجي>ٻري + جيءُ.

ٽانڊي ٽوپيءَ جي تو نہ ڪئي، تڏهن توکان هوت ويا،
پاٽي پيالي جي تو نہ ڪئي، تڏهن توکان هوت ويا،
وڏي ڳِلي تو نہ جهلي، تڏهن توکان هوت ويا،
هاٺي تنهنجو ٻري جيءُ، توکان هوت ويا.

[744]

مکڻ ماني جي تو نہ ڪئي، تڏهن توکان هوت ويا،
واڙ گاهہ جي تو نہ ڪئي، تڏهن توکان هوت ويا،
هندو درياءَ جي تو نہ ڪئي، تڏهن توکان هوت ويا،
حقي گهوڙي جي تو نہ ڪئي، تڏهن توکان هوت ويا.

مکڻ جي=ڏهاڙي. مانيءَ جي=صلاح. واڙ جي=
ڪڙهہ. گاهہ جي= پُوري. هندو جي= آهر.
درياءَ جو= پور> پوري. حُقي جو= دم.
گهوڙي جو=قدم.

ڏهاڙي صلاح تو نہ ڪئي، تڏهن توکان هوت ويا،
ڪڙهہ پوري تو نہ ڪئي، تڏهن توکان هوت ويا،
آهر پوري تو نہ ڪئي، تڏهن توکان هوت ويا،
دم قدم تو نہ ڪئي، تڏهن توکان هوت ويا.

[745]

واءَ جي تو نہ ڪئي، تڏهن توکان هوت ويا،
مينگهواڙ ڪي تو نہ ڪئي، تڏهن توکان هوت ويا،
ڪنيار ڪي تو نہ ڪئي، تڏهن توکان هوت ويا،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنڊ جــي تــو نــ ڪئـي، تــڏهن توڪــان هــوت ويــا،
گهوڙي نغاري جي تو نہ ڪئي، تڏهن توڪان هوت ويا،

واءَ جـــي= گهــٽ. مينگواڙڪي= ڳَـلي ۽ جهلي.
ڪنيارڪي=ڪَري ۽ پاري. جنڊ جي=ڊوڙ ۽ ڳاري.
گهوڙي جي=ٿَـهل. نغاري جي=ٽڪور.

گهــُــٽَ تــو نــ ڪئـي، تــڏهن توڪــان هــوت ويــا،
ڳَــلي تــو نــ جهلـي، تــڏهن توڪــان هــوت ويــا،
ڪــري تــو نــ پــاري، تــڏهن توڪــان هــوت ويــا،
ڊوڙي نــ ڏنــي توڳــاري، تــڏهن توڪــان هــوت ويــا،
ٿهــل ٽڪــور تــو نــ ڪئـي، تــڏهن توڪــان هــوت ويــا.

[746]

اها واڍڪي تو نہ جر جي، تڏهن توڪان هوت ويا.

واڍڪي=گهَـڙي. جر جي=گهاري.

اهــا گهــڙي تــو نــ گهــاري، تــڏهن توڪــان هــوت ويــا.

[747]

پکــي نــار نــالي تــو ۾، ذات ويئـي ڙي سســئي!

پکي=اَلِ. نارنالي=رکي. ذات=ماري.

اَلَ رکـــي تـــو ۾، مـــاري ويئـــي ڙي سســـئي!

[748]

نــالي آيئــي ڏيــرَ شــهر هٽــي ويئــي سســئيٰ!

نالو=اڳڻ. شهر=سيڪاٽ>سي +ڪاٽ.

اڳــڻ آيئــي ڏيــر، ســي ڪــاٽ هٽــي ويئــي سســئي!

[749]

نــ لقـــب سســئي، تنهنجــا لقـــب ڏيــر ويــا.

لقب=جل(جل جلاله). لقب=ڪپ>ڪپي>خفي.

نـــ جـــل سســـئي، تنهنجـــا خفـــي ڏيـــر ويـــا.

[750]

مـرون مـار ڪـري، ڪـي پکــي ويــا ڙي سسئي!

مرون=تازي. مار=جُـٽ. پکي=طوطا>تو +تان.

تـــازي جـــُــٽ ڪـــري، توتـــان ويـــا ڙي سســـئي!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[751]

جي هو ذات ڏينئي، تہ تون پنھنجا ڏيئي ڳنھہ.

ذات=وڳڻ>اوڳڻ. پنھنجا=ڳُڻ.

جي هو اوڳڻ ڏينئي، تہ تون ڳُڻ ڏيئي ڳنھہ.

[752]

جيئڏ کيچين کاڻ، مال جو هوت پلي ويا.

جيئڏ=مڪڙ>مَ +ڪڙهہ. مال جو= آهو.

مڪڙهہ کيچين کاڻ، هو آهو هوت پلي ويا.

[753]

شهر ذات ئون ذاتٰ ويا، تون ڪيئن ڪاڄ جو سسئي؟

شهر=هاڙهو. ذات=هوت. ذات=لنگها.

ڪاڄ جو=رهو>رهي.

هاڙهو هوت لنگهي ويا، تون ڪيئن رهينءَ سسئي؟

[754]

جيڪي ڪک لکيو، سو ذات ڙي سسئي!

ڪک=قلم. ذات=پوڳڙي>پوڳ +ڙي.

جيڪي قلم لکيو، سو پوڳ ڙي سسئي!

[755]

ڪاٺيون ڪر نہ سسئي! تنھنجو ڪاٺ ڪانڌ نيو.

ڪاٺيون=ايرٺيون>رڙيون. ڪاٺ=ڪرهن.

رڙيون ڪر نہ سسئي! تنھنجو ڪرهن ڪانڌ نيو.

[756]

هندڪي ڪر ڪامٺي، مال جو کيچين ڪاڻ.

هندڪي=سمجهہ. ڪامٺي=سياٺي. مال جو=

نهيرو>نہ +روءُ.

سمجهہ ڪر سياٺي، نہ روءُ کيچين ڪاڻ.

[757]

پکي تي نہ سسئي، جيتر گاهہ پوي.

پکي=ڳيرو>اڳي +روءُ. گاهہ=ڪَلَ.

اڳي روءُ نہ سسئي، جيتر ڪَلَ پوي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[758]

سسئي مال جو، هو جيئڏ نہ.

مال جو=نرو>نہ +روءِ. جيئڏ=سيانتو>

سيا +تو.

سسئي نہ روءِ، هو سيا تو نہ.

[759]

شهر جي ويا، جر جو نہ تن کي،

شهر=لَڪي>لِڪي. جر جو=پوئرو>

پوءِ +روءِ.

لِڪي جي ويا، پوءِ روءِ نہ تن کي.

[760]

ذات تي نہ سسئي! پنهون تہ وڻ جي تي.

ذات=وئونرا>ونءِ +رو. وڻ جي=جهڙ>ويجهڙ.

ونءِ، رو نہ سسئي! پنهون تہ ويجهڙ تي.

[761]

ڪاٺ جو سسئي، اجهو هو نالو ڏس.

ڪاٺ جو=مَنرو(مانڌاٽيءَ جو حصو)> مرَ +روءِ.

نالو=گُلو>گَلو.

مرَ روءِ سسئي، اِجهو هو گلو ڏس.

[762]

گاهہ ٻولي ڪر سسئي! هو اڳهين پنڌ وجن،

پنهنجن ڳهن تان ڪيئن رچ ڪچن!

گاهہ=مروُئو>مرَ +روءِ. ٻولي=ماٺ. پنڌ=

ڪوهہ. ڳهہ=وَرَڪ ورن. رچ=دلي>دليون.

مرَ روءِ. ماٺ ڪر سسئي، هو اڳهين ڪوهہ وجن،

پنهنجن ورن تان، ڪيئن دليون ڪچن!

[763]

مٽيءَ جي تي نہ سسئي! اڳيئون ڪپڙ جا تي.

مٽيءَ جي=چري. ڪپڙ جي=ليڙ>ليڙا.

چري تي نہ سسئي! اڳيئون ليڙا تي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[764]

گهرَ جي نہ تي سسئي، اڳيئون **نرنانءُ** اتئي.

گهر جي=ڀهاري>اُپاهري. نرنان=پنهل.

اُپاهري نہ تي سسئي، اڳيئن پنهل اتئي.

[765]

متيءَ جا ڳهہ نہ سسئي! اڳيئن **پکي** تي.

متيءَ جا=ڳوڙها. ڳهہ=هار. پکي=ڪيچي.

ڳوڙها هار نہ سسئي! اڳيئن ڪيچي تي.

[766]

جيئڏ نہ ڙي سسئي، اڳيئن **ذاتيون** وڃن.

جيئڏ=پونئرو>پوءِ +نہ +روءُ. ذات=اوڏ>اوڏا ۽ جت.

پوءِ نہ روءُ ڙي سسئي، اوڏا جت وڃن.

[767]

جر جن جوين ڪان، هو **وڻ** واريون تا نين،

ساز نہ ڪر ڙي سسئي! ڪارڻ ڪوهيارن،

پڇاڻا پرين، گهر **پوڪ چلم** ڙي سسئي!

جر جي=سُتي>سُتين. وڻ جون=چڙهيون.

ساز=ڪينرو>ڪين +روءُ. پوڪ جا=سلا.

چلم=مَتي.

سُتين جوين ڪان چڙهيون هو تا نين،

ڪين روءُ ڙي سسئي! ڪارڻ ڪوهيارن،

پڇاڻا پرين، گهر سلامتي ڙي سسئي!

[768]

سسئي! **غم جا** نہ ڪر، من ڪو **نالو** ٿيئي.

غم جا=ڳوڙها. نالو=صابو>سبب.

سسئي! ڳوڙها نہ ڳاڙ، من ڪو سبب ٿيئي.

[769]

نالا عضون تان، **مال جي** سسئي!

نالو=ڳوهو>ڳوڙها. عضوا=ڳل. مال جي= مهار>مَ +هار.

ڳوڙها ڳلن تان مَ هار سسئي!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[770]

پنهنجا پنهنجن تي، هاٺي **ڳهه** نه سسئي!

پنهنجا=ڳوڙها. پنهنجن=ڳلن. ڳهه=هار.

ڳوڙها ڳلن تي، هاٺي هار نه سسئي!

[771]

ملڪ چڏ هتي، وڃي **نالي** روءِ پنهون جي.

ملڪ=حبش>هنبس. نالو=منگهو.

هنبس چڏ هتي، وڃي منگهي روءِ پنهون جي.

[772]

شهر ڪر نه اتي، وڃي **نالي** روءِ پنهون جي.

شهر=مانجهند>مانجهاندا. نالو=اڱڻ.

مانجهاندا ڪر نه اتي، وڃي اڱڻ روءِ پنهون جي.

[773]

دل جا چڏ ڙي سسئي، ڪجهه ته **عورت** تي.

دل جا=اوتار. عورت=سياٽي.

اوتار چڏ ڙي سسئي، ڪجهه ته سياٽي تي.

[774]

تڙجي ڪنديءَ ڪوهه، هو ته **راڳ** لنگهي ويا.

تڙ جي=رُوڻ>روئي. راڳ=ڪيڏارو>
ڪيڏا +روهه.

روئي ڪنديءَ ڪوهه، هو ته ڪيڏا روهه لنگهي ويا.

[775]

ڏڻ ٻولي وجهه نه سسئي، **نارنالي** تيءُ،
ڪڙمڪي لائق نه ذاتين.

ڏڻ ٻولي=ٻيڪ>ٻئي +ڪنُ. نارنالي=سياٽي.
ڪڙمڪي=ڪڏ(=نار جي ڳاڌيءَ ڪي پاجاريءَ
سان ڳنڍڻ وارو رسو). ذات=جويا>جوين.

ٻئي ڪن وجهه نه سسئي، سياٽي تيءُ،
ڪَڏَ پوڻ لائق نه جوين.

[776]

ڪپڙي مرون جي، اهو وڙ نہ ذاتين.

ڪپڙي جي=پُني. مرون جي=پوڻ. ذات=
جويا>جوين.

پُنيءَ پوڻ، اهو وڙ نہ جوين.

[778]

ڪانيءَ جي وچ سسئي، هو نالو اتئي.

ڪانيءَ جي=ناڪيلي>نہ +آڪيلي. نالو=
پرتو>پرتي.

نہ آڪيلي وچ سسئي، هو پرتي اتيئي.

[778]

عضوين چڙهہ نہ سسئي، متان موچڪا تئين.

عضوا=چپر>چپرين. موچڪا=پرزا.

چپرين چڙهہ نہ سسئي، متان پرزا تئين.

[779]

هندِونالي ڪامٽي، پنهنجين ۾ بلائون اتئي.

هندو=سڪُ. نالو=سياٽي. ڪامٽي=سسئي.
پنهنجي=چُر.

سِڪُ سياٽي سسئي، چُرن ۾ بلائون اتئي.

[780]

فقير تا چون، ڪاني جبل ۾.

فقير=نيڪ>آ +نيڪ. ڪاني=پاهوڙي>پوءُ +ڙي.

آنيڪ تا چون، پوءُ ڙي جبل ۾.

[781]

عضون ۾ اتيئي نار نالي ڙي سسئي!

عضوو=چُرون>چُرن. نارنالي=فتان>آفتون.

چُرن ۾ اتيئي، آفتون ڙي سسئي!

[782]

اڳيان هٿيار اتئي، رچ لڳندئي، نارنالي هٿيار اتئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿيار=تبر>تہ +بر. رڇ=تاس>ڙي. نارنالو=
وسندي. هٿيار=ڪانُ> ڪا +نہ.
اڳيان تہ بَرُ اٿئي، تاس لڳنديءِ، وَسندي ڪانہ اٿئي.

[783]

پير جون ڪر، ڏي **ڪاريگر جو نرنانءُ** ڪي.
پير جون=مداحون>مرَ +دانهون. ڪاريگر جو=
آهوڙو. نرنانءُ=پنيو>پنيور.
مرَ دانهون ڪر، ڏي آهوڙو پنيور ڪي.

[784]

تون ٿي هٿ **نالا** پچين، ڏي **ڪاريگر جي نالي** ڪي،
تہ اڳيئن **نرنالا** تينئي.
نالو= ويڙهو> ويڙها. ڪاريگر جي= آهوڙ.
نالو=پنيو>پنيور.نرنالا=هڪ نالونيڪ، بيو روشن.
تون ٿي هٿ ويڙها پچين، ڏي آهوڙ پنيور ڪي،
تہ اڳيئن نيڪروشن تينئي.

[785]

نرنانءُ ڪيچين ڪاڻ، **ذات** ٿينديئن ڙي سسئي!
نرنان=هوندو>هوند. ذات=زبوني>زبون.
هوند ڪيچين ڪاڻ، زبون ٿينديئن ڙي سسئي!

[786]

زمين جي نرنانءُ ڪي، تان تہ توتان **وڻ جا** لاهي.
زمين جي=چوبندي>چوُ +بندي. نرنان=صاحب.
وڻ جا=پورَ.
چوُ بندِي، صاحب ڪي تہ توتان هي پورَ لاهي.

[787]

اُتي **درياءَ جا** جانچ ڙي سسئي، اجهي **مال جا** آيا.
درياءَ جا=لنگهہ. مال جا=سات.
اُتي لنگهہ جانچ ڙي سسئي، اجهي سات آيا.

[788]

رچ ويهہ سسئي! توکي پوڪ جي نہ ڪندا هوت.

رچ=اڪلي>آءُ+ڪلي. پوڪ جي=
وڪهہ>ولهو.

آءُ ڪلي ويهہ سسئي! توکي ولهو نہ ڪندا هوت.

[789]

وڻ نہ تي سسئي، عورت نالي ايندا ڙي!

وڻ=تُرنج>تون +رنج. عورت نالو=ورائي>وري.

تون رنج نہ تي سسئي، (تو وٽ) وري ايندا ڙي!

[790]

پنڌ جو ڙي نارنانءَ، رچ تو نہ ٿيندو،
نرنان هوندو نالي ۾، تان پاڻهي نالو ايندو.

پنڌ جو=ڪشالو. نارنانءَ=سسئي. رَچ=وٿو>
وٿان. نرنان=ليڪو>لڪيل. نالو=ڪرم.
نالو=پنهل.

ڪشالو ڙي سسئي، وٿان تو نہ ٿيندو،
جي لڪيل هوندو ڪرم ۾، تان پاڻهي پنهل ايندو.

[791]

جيئڏن سين توکي نالي نيندا سسئي!

جيئڏن=ڪپ> ڪَپُ +نہ.نالو=نوازيو>نوازي.

ڪَپُ نہ، توکي نوازي نيندا سسئي!

سسئيءَ جو سرتين کي جواب

[792]

جيت پسان ڙي جيڏيون، شهرئون هوت وڃن،
نالو منَ ڪري پهچان ڏانهن پرين.

جيت=جانو>جاني. شهر=ڇن>ڇنيو. نالو=الله.

جاني پسان ڙي جيڏيون، ڇنيو هوت وڃن،
الله منَ ڪري، پهچان ڏانهن پرين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[793]

هو پنهون جا ڪپڙا آيا، تني اڇي ڪپڙو ڪيو،
ڪپڙو ڪيائون، ڪپڙو نيائون، آءُ بہ اني جي ڪپڙي وينديس.

ڪپڙو=ڪونو>ڪونيا. ڪپڙو=جورو>زورو
ڪپڙو=ڇگو. ڪپڙو=پلو>پلي. ڪپڙو=
پُنيو>پنيان.

هو پنهونءَ جا ڪونيا آيا، تني اڇي زورو ڪيو،
ڇگو ڪيائون، پلي نيائون، آءُ بہ اُني جي پنيان وينديس.

[794]

ٻيڙيءَ واري پنهنجي ور لاءِ، جبل جون ڳوليندياس،

ٻيڙيءَ واري=واڳي.جبل جون=ڪوپون>
ڪا +پونءِ.

واڳي پنهنجي وَر لاءِ، ڪا پونءِ ڳوليندياس.

[795]

اَن جا اوڪا آهن ڙي جيڏيون، وجي ست جو ڏسنديسان.

ان جو=آڏارڻ>آڏا +رڻ. سُت جو=ڏورو>ڏوري.

آڏا رڻ اوڪا آهن ڙي جيڏيون، وجي ڏوري ڏسنديسان.

[796]

عضون ۾ ويندياس، مان آڏو ذات نرنانءَ جي.

عضوو=لُڪي>لَڪن. ذات=آري. نرنانءَ=ڄام.

لَڪن ۾ ويندياس، مان آڏو آري ڄام جي.

[797]

ڳهن ۾ ڪندياس، وڻ ڄام پنهون لاءِ.

ڳهہ=اَلولَڪ>الو +لڪ>لَڪن. وڻ=
لاٽا>اولاٽا.

الو، لڪن ۾ ڪندياس، اولاٽا ڄام پنهون لاءِ.

[798]

ڪاني ٽڪنديس ڪانہ ڪا، ڪاني آءُ ويندياسِ،
ڪانيءَ جي نرنانءُ وٽ، ڪاني آءُ ٽيندياسِ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاني=هتي. ڪاني=تُر>تُرت. ڪاني=
ڪاهلي>ڪاهي +هلي. نرنان=هوت پنهون.
ڪاني=سُرهي.

هتي تڪنديس ڪانـ ڪا، تسُرت آءُ ويندياسِ،
ڪاهي هلي هوت پنهون وٽ، سُرهي آءُ تيندياسِ.

[799]

نالي تيس سرتيون، **نالو** ڪونـ تيوم،
نالو پوءِ تيوم، اُديون تـن **ذاتيـن** سان.

نالو=ساماٽو>ساماڻي. نالو=جشن. نالو=صفر>
سفر. ذات=اوتار>اوتارن.

مون ساماڻي سرتيون، جشن ڪونـ تيوم،
سفر پوءِ تيوم، اديون تـن اوتارن سان.

[800]

وڪرَ ڪيچين ڪاڻ، **جر جا** پيم جيڏيون!

وڪر=پٽُ> پٽَ. جر جا=جُهاڳڻ.

هي پٽَ ڪيچين ڪاڻ، جهاڳڻ پيم جيڏيون!

[801]

جي **دوالوه جا** مون، سي **ڪاٺ جا** پيم جيڏيون!

دوا جا=حبُ. لوهـ جا=سُئا. ڪاٺ جا=ڏورٺا.

جي حب سُئا مون، سي ڏورٺا پيم جيڏيون!

[802]

ولايت ويندياسانِ، آهن **هتيارن** ۾ منهنجا پرين.

ولايت=هرات>هي +رات. هتيار=تبر>تبرن
تہ +بَرن.

هي رات ويندياسانِ، آهن تہ بَرن ۾ منهنجا پرين.

[803]

راند جي نہ رهندياس، هو جيءُ **ولايت** ويا.

راند جي=پَتي. ولايت=ونگو>ونگي.

پَتيءَ نہ رهندياس، هو جيءُ ونگي ويا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[804]

لوهہ ٿون آءُ ويندياس، ان جو هوت پنهون سان.

لوهہ جو=ڪانٽو>ڪاتي. ان جو=ڏمڻ>ڏم.

ڪاتي آءُ ويندياس، ڪو ڏم هوت پنهون سان.

[805]

ڪپڙي جي ويندياس، ڪاٺيءَ جي نرنانءَ ڏي.

ڪپڙي جي=ڪهي. ڪاٺ جي=موڙڪي> مُنهن +رڪي. نرنانءُ=پنهون.

ڪَهي ويندياس، منهن رڪي پنهون ڏي.

[806]

ڪاني لڳ خداءِ، ڏيون جهنگ جو چام پنهون کي.

ڪاني=هٿوڙي>اُٿو +ڙي. جهنگ جو=وَلو.

اُٿوڙي لڳ خداءِ، ڏيون ولو چام پنهون کي.

[807]

پنهل تہ پيرَ جي ويو، اُٺوڙي اَديون، تہ پنڌ جي ڪريون.

پيرَ جو=غيب>غائب. پنڌ جي=ڊوڙ.

پنهل تہ غائب ٿيو، اُٺوڙي اَديون! تہ ڊوڙ ڪريون.

[808]

ٽيهہ، پنجاهہ ٽيويهہ مٿي ناهي ميار،

پيرو رڱيو نرنانءُ ڪٺو تہ ويجهيون ٿيون وٽڪار ڪي.

ٽيهہ + پنجاهہ +ٽيويهہ=سؤ ٽي(103)سوٽن.

پيرو=اويس>او +س. رڱيون=رتيون. نرنان= گامون>گام (وک).

مٿي سوٽن ناهي ميار،

او سرتيون، گام ڪٺو تہ ويجهيون ٿيون وٽڪار ڪي.

[809]

ادي! جي ڪا پنهون جي مٽيي جو ڏس ڏئي،

تہ ان کي ليڪي پوک جو ڏيان.

مٽيو=وائو>وائي(= لنگهہ، پيچري). ليڪي جو= ڪانيو>ڪاتي. پوک جو=جيءُ.

ادي! جي ڪا پنهون جي وائي جو ڏس ڏئي، تہ ان کي ڪاتي جيءُ ڏيان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[810]

نار نالي پنهنجو نہ ڪر، آءُ تي ڪاريگر جي ڏسان.

نارنالي=سڪي. پنهنجو=سڏ. ڪاريگر جي=آهوڙي.

سُڪي! سڏ نہ ڪر، آءُ تي آهوڙ ڏسان.

[811]

اوهين نہ سرتيون **ساز جون**، منهنجو **وڻ** ونئي ٿيا واٽ،

جر چڪ جيڪي ڪيو، تنهن ڪان ڳوڙهن پريو ڳاٽ،

جر جي پيچو نہ جيڏيون! آءُ ويندي پنهونءَ واٽ.

سازَ=ڍولڪ>ڍول. وڻ=وينگس. جر چڪ=

وَرتَ> وَرُ +تہ. جرَ جي=چاڙهي>چاهہ +ڙي.

اوهين نہ سرتيون ڍول جون، منهنجو وينگس ونئي ٿيا واٽ،

ان ور تہ جيڪي ڪيوَ تنهن ڪان ڳوڙهن پريو ڳاٽ،

چاهہ ڙي پيچو نہ جيڏيون، آءُ ويندي پنهونءَ واٽ.

[812]

نالي ماريس **نالو** آهي، **نالي** ڪي تو **نالو** نئي.

نالو=محبت. نالو=صحبت. نالو=سڪندر>سڪ +

اندر. نالو=ساٿي>سا +ٿي.

محبت ماريس صحبت آهي، سڪ اندر جا، سا ٿي نئي.

[813]

پنهون تہ وجي **پڪي جو** ٿيو، پر آءُ **اَن جي** ٿيان.

پڪي جو=پَر>پر. اَن جو=پري>اڳ پري.

پنهون تہ وجي پرجو ٿيو، پر آءُ اڳيري ٿيان.

[814]

پنهون تہ **پنهنجيءَ** ويو، آءُ ڪا **پورهئي جي** ٿيان.

پنهنجي=قسمت. پورهئي جي=پري>اڳ پري.

پنهون تہ قسمت سان ويو، آءُ اڳ پري ٿيان.

[815]

اديون! **ڪُٽ** باسيون، بي **زحمت** باسي.

ڪُٽ=مارڻ>مان +رڻ. زحمت=ڪارڻ=

(ڪارڻ ڪرڻ=پڙهيا ڪرڻ)> ڪا +رڻ.

اديون! مون رڻ باسيو، بي ڪا رڻ باسي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[816]

اوهين ڇو ٿيون وڻ ٿيو، مان کي مٿيءَ جو ناهي.

وڻ=کَپَ> کَپَ> کَپو. مٿيءَ جي=کوپ>
کو +پوءُ.

اوهين ڇوٿيون کپو، مون کي کو پوءُ ناهي.

[817]

ڪاٺ وڻ جو ڪريو مَ جيڏيون، سُٽَ جي مان سان
ولايت هلندي ڪانہ.

ڪاٺ جو=ڪپو. وڻ=ڪجي>ڪِجو. سُٽ جي=
کهي. ولايت=ڪيچ.

ڪپو ڪِجو مَ جيڏيون، کهي مان سان ڪيچ هلندي ڪانہ.

[818]

هٿيار جو لڳو شهر منهنجي کي،
نالوُن جا هلندي، مان نہ جهليان تنهن کي.

هٿيار جو=چڪر. شهر=مديجي>ماندو +جيءُ.
نالو=خوشي.

چڪر لڳو منهنجي ماندي جسيءَ کي،
خوشيئون جا هلندي، مان نہ جهليان تنهن کي.

[819]

هلي تہ مون سان ذات هلي، پولي هلي ڪانہ.

ذات=خوشا>خوشي. پولي=پُڇي.

هلي تہ مون سان خوشيءَ هلي، پُڇي هلي ڪانہ.

[820]

هلي تہ مان سان ذات هلي، پر نارنالي ڪا مَ هلي،
حاڪم جو ڏسي، متان وڪر جو تي پوي.

ذات=ڪاڪا. نار نالي=سدوري>سڌ +واري. حاڪم
جو=ڪارائو>رائو. وڪر=ڪنبيرو>ڪنبي روئي.

هلي تہ مان سان ڪا هلي، پر سڌ واري ڪا مَ هلي،
اڳيان ڏسي رائو، متان ڪنبي روئي پوي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[821]

اوهيــن **كــاڇ جــو** اِتــي ڙي! آءُ **شـــهر** هلنديــاس.

ڪاڇ جو=رَهو. شهر=حب.

اوهيـــن رهـــو اِتـــي ڙي! آءُ حـــب هلنديـــاس.

[822]

اوهين **حقـي جـي** جيڏيون! **نـالو جـر جـي** ويندياس.

حقي جي=اُتو ڙي>اُتو +ڙي. نالو=جبل.

جرَ جي=جهاڳ.

اوهيــن اُتــو ڙي جيـــڏيون! آءُ جبــل جهاڳينديـــاس.

[823]

دليئـون جـي **گهــوڙن**، سـي **نارنـالي** ڇـا كنديـون!

گهوڙو=نُقرو>نہ +گهُرن. نارنالي=

حليمان>هلي +مان.

دليئون جي نہ گهرن، سي هلي مـان سـان ڇـا كنديـون!

[824]

كــاٺ هلـي، **كــاٺ** ڇلـي، **كــاٺ** كـُــتي پـارَ،

كــاٺ هلــي كيـــچ تـــي، **كـــاٺ** كـــدي پـــارَ.

كاٺَ=كامَ> كا +مَ.

كـا مَ هلـي، كـا مَ ڇلـي، كـا مَ كـُــتي پـار،

كـــا مَ هلـــي كيـــچ تـــي، كـــا مَ كـــدي پـــار.

[825]

متيءَ جون مون گهٽيون، پر **عورت نالي** كانہ ميان!

متيءَ جون=كوئيون. عورت نالو=حليمان>

هلي +مان.

كوئيون مون گهٽيون، پر هلي مان سان كانہ ميان!

[826]

كـاٺن واريـون وري وڃـو، آءُ **نارنـالي** رهيـس كانـہ،

نـــالو وري ملـــڪ تـــي، **چـــر جـــي** نـــہ عاشـــقن.

ڪاٺ=وَرو>وَرن. نار نالي=سهاڳڻ. نالو=

مونڻ. چر جي=اَڌوڙ>اَدي +وڙ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ورن واريــون وري وجـو، آءٌ ســهاڳڻ رهيــس ڪانــ،
موتــڻ وري ملــڪ تــي، آدي! وڙ نــ عاشــقن.

[827]

ڪُــتو پــاراتو، اوهيــن تــ **ڪــانئي** ڙي!

ڪُتو=جبل (ڪتي جو نالو). پاراتو=تَتو. ڪانئيءَ جو=وِرو.

جبــل تتــو، اوهيــن تــ ورو ڙي!

[828]

ول سڏون ڪري، جنهن جي **عضوي** منجهہ **نرنانءَ** ڙي!

وَل=سائي. عضوو=هينئون. نرنانءِ=هيبت.

سائي سَڏون ڪري، جنهن جي هينئين منجهہ هيبت ڙي!

[829]

ڪپــڙ منهنجــي ڪـا مرَ هلــي، مــان **ذات** ويندیــاس،
پوڪ پوڪ جون خبرون، وجي **نرنـاءَ** ڪي چونديـاس.

ڪپڙي جو=پُنيو>پنيان. ذات=ساڏ ور>سا + ڏور. پوڪ=تـرَ. نرنانءِ=پنهون.

پنيـان منهنجي ڪَـا مرَ هلــي، مــان سـا ڏور ويندیــاس،
تـر تــر جــون خبــرون، وجــي پنهــون ڪــي چونديــاس.

[830]

ان جــي اُتــر جيــڏيون، **ڪــڪ جــي** هلنـدي ڪانـ،
آءٌ يــي **ذات** پنهــل جــي، **جــر جــي** وينـدي ســان.

ان جي=ماني>مان +ني. ڪڪ جي=ڪاني> ڪا +ني. ذات=سدائي>سدايل. جر جو=سارو> سا +روهہ.

مــان نــي اُتــر جيــڏيون، ڪــا نــي هلنــدي ڪانــ،
آءٌ يــي سَـدايل پنهــل جــي، ســا روهــ وينــدي ســان.

[831]

مــون ســان اُهــا هلــي، جــا **واٽڪــي** ڪــري.

واٽڪي=چوٽي.

مــون ســان اُهــا هلــي، جــا چوٽــي ڪــري.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[832]

نالن بنان جيڏيون، ڪري وڏيون **مال جون** تين،
نہ تہ **پسارڪي** ڪير ڪري!

نالو=وريو>وَرن. مال جون=ڳهٽيون. پسارڪي=
پـُڙي>پڙي.

ورن بنان جيڏيون، ڪي وڏيون ڳهٽيون تين،
نہ تہ پڙي ڪير ڪري!

[833]

اوهين تہ **جر جون**، آءٌ نہ **جر جي**، مان ڪي **واءُ جا** وڻنديس.

جر جون=ڪـُهيون. جر جي=ڪـُهي. واءُ جا=
ڳهوڳهٽ>ڳهٽ.

اوهين تہ ڪـُهيون، آءٌ نہ ڪـُهي، مان ڪي ڳهٽ وڻنديس.

[834]

عورت ٿي مان چا ڪريان، **عورت** ٿي مان سان ڪانہ،
عورت پنهنجو **نرنانءُ** نيو، تڏهن ماس **ڪاچ جو** ٿيو.

عورت=رحيما>رهي +مان. عورت=حليما>
هلي +مان. عورت=عدن>آدَن. نرنان=پنهون.
ماس=هينئون. ڪاچ جو=ٽـُڪر.

رهي مان چا ڪريان، هلي مان سان ڪانہ،
آدن پنهنجو پنهون نيو، تڏهن هينئون ٽـُڪر ٿيو.

[835]

زمين نہ هٿو ڙي جيڏيون! مون سان **ڪپڙي جي** هلندي ڪا؟

زمين=ٽاڪ>ٽاڪ. ڪپڙي جي=ڪـَهي.

ٽاڪ نہ هٿو ڙي جيڏيون! مون سان ڪـَهي هلندي ڪا؟

[836]

پنهنجي هوت پنهون سان، **منڊ** هلندي ڪانہ،
ڪاڳر جهليو جيڏيون! آءٌ تہ **پنهنجي** ڏينديسانِ.

پنهنجي=ڪاوڙ. مُند=برسات>بَر +سات.
ڪاڳر(جو)=مـُڳهٽ>مَ +ڳهٽ. پنهنجي=
نـِچ>نہ +چ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاوڙ هوت پنهون سان، ٻَرُ سات هلندي ڪانہ،
مَ ڳهڻ جهليو جيڏيون! آءٌ تہ نہ ڇڏينديسانِ.

[837]

اوهين **گهوڙن** واريون، مون سان نہ هلو، اڳيان
زالن جون اتَو زور،
متان نہ پهچو توڙ، ۽ **مال جون** تي پئو.

گهوڙي جا=اَيال>عيال. زالن جون=پَتيون.
مال جون=وانڍيون.

اوهين عيال واريون، مون سان نہ هلو، اڳيان پتيون
اتو زور،
متان نہ پهچو توڙ، ۽ وانڍيون تي پئو.

[838]

نارنالي سين ڪوهہ ڪنديون، **ڳهہ** پنهنجو ڪا مَ ڇڏي،
پيِر منهنجا پرڏيهہ ويا، متي **لوهہ** لڏي،
هوتن **هڏو** ڇڏيو، آءٌ نہ ڇڏيندي هڏي،
وڪر ۽ **پوڪ** جو، من الله مان سين ڳڏي!

نارنالي=حليمان>هلي +مان. ڳهہ=ورٿو>ور.
پير=وارث. لوهہ(جا)=گورا>گورن. هڏو=
تنگ>ننگ. وڪر=سرهو. پوڪ جو=پارو.

هلي مان سين ڪوهہ ڪنديون، ور پنهنجو ڪا مَ ڇڏي،
وارث منهنجا پرڏيهہ ويا، متي گورن لڏي،
هوتن ننگ ڇڏيو، آءٌ نہ ڇڏيندي هڏي،
منهنجو سرهو پاروچو، من الله مان سين ڳڏي.

[839]

پوڪ جي وڄو متان **پهڻ** تي پئو، اڳيان **حاڪيماڻي** اتو.

پوڪ جي= ول. پهڻ= لڪجڻ(= پنڊ پهڻ تيڻ جي
بيماري)> لڪجي. حاڪيماڻي=پٽواري>پَٽ +واري.

ول وڄو، متان لڪجي پوءُ، اڳيان پَٽُ، واري اتو.

[840]

وڻ جي نہ هلي ڙي جيڏيون! **زالن واري** سُـچي زور،
متـان **ڪـا ول تئـي**.

وڻ جي=ڪامڙ. زالن واري=پَٽي>پَٽ. وَل=
ڪانئل>ڪانئر.

ڪـا مڙ هلـي ڙي جيـڏيون! پـَـٽ سـُــچي زور، متــان
ڪا ڪانئر تئي.

[841]

پهڻ پوي سا **پوڪ** تئي، اڳيان **مال جن نرنانءُ** سُـجهي،
حاڪيماٽو پسي متان **وڪر** تئي.

پهڻ= چوڪ. پوڪ جـي= وَل. مال جن= برن.
نرنان=هيبت. حاڪيماٽو=ڪارائو>ڪا +رائو.
وڪر=ڪنبيرو>ڪنبي.

چوڪ پوي سا وَل وَجي، اڳيان بَـرن ۾ هيبت سُـجهي،
ڪا رائو پسِي متان ڪنبي.

[842]

رنـگ مڙ رنگيـون ڙي جيـڏيون، **وڻ** تيـنـدي ڪانـہ،
مـال جـن تـي چڙهـي، **ڪـا ملـڪ** پسـندي ڪانـہ.

رنگ=بڪر>بڪ +مڙ. وڻ=آمون>آن +
مؤن. مال جو=تڪر>تڪرن. ملڪ=روهہ.

بــڪ مڙ بڪــو ڙي جيــڏيون، آن مــؤن هلنــدي ڪانــہ،
تڪــرن تـــي چڙهـــي، ڪـــا روهـــہ پســـندي ڪانـــہ.

[843]

وڻ واريــــون، **نــــالي** بنــــان **ٻولــــي** هلـــــي!

وڻ=بيدُ> بيدليون. نالو=عشق. ٻولي=ڪانہ.

بيدليـــــون، عشـــــق بنـــــان ڪـــــا نـــــہ هلـــــي!

[844]

اوهيــن **وڻ** رڏيــون، **مــون** ڪــي چٽــو **مــال جــو**.

وڻ=بيد +رڏيون>بيدرديون. مال جو=مَرو>
مڙ +روءُ.

اوهيــن بيدرديــون، مــون ڪــي چٽــو تيــون مڙ روءُ.

[845]

اوهين سيئي **اَن** واريون، پر جيڪي آهي سو منهنجي **پوڪ** ساڻ.

اَن=ڪِلڻ. پوڪ (جو)=جيءُ.

اوهين سيئي ڪِلڻ وَاريون، پر جيڪي آهي سو منهنجي جيءَ ساڻ.

[846]

اوهان جو ڙي **نالو، نالو** تي، مان **مال جي** ڪنديس.

نالو=معاويو>مرَ +ويو. نالو=موسيٰ>مون + سان. مال جي=وڙَ.

اوهان جو ڙي مرَ ويو، مون سان تي، مان وڙ ڪنديس.

[847]

رچ نہ چڱو پرين ڪي، اوهين سيئي **پوڪ** واريون،
شهر منهنجو، اوهان جو چا ڙي!

رچ=بدنو>بد +نہ. پوڪ=ڪِلڻ. شهر=
ٻريجي>ٻري +جيءُ.

بَد نہ چڱو پرين ڪي، اوهين سيئي ڪلڻ واريون،
ٻري جيءُ منهنجو، اوهان جو چا ڙي!

[848]

ٻولي ٻي **ٻولي** ڪريو، **پکي** اڳي ائين ڪن.

ٻولي=مَرو. ٻولي=ماٺ. پکي=پرديسي.

مَرو اوهين ماٺ ڪريو، پرديسي اڳي ائين ڪن.

[849]

هٿ جون مون ڪي **شهر** نہ ڪريو، مان ڪا **پکي واٽئي جي** ڪريان.

هٿ جون=مُنيون. شهر=جهَل. پکي جا=پَر.
واٽئي جي=گهور.

مُنيون! مون ڪي جهَل نہ ڪريو، مان ڪا پرگهور ڪريان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[850]

پنهنجون پنهنجي مرَ چئو، مون کي تا **وڻ** جا مارين.

پنهنجون=مـنيون. پنهنجي=ماٺ. وڻ=سُک مرد.

مـِنيون ماٺ مرَ چئو، مون کي تا سُکَ مرد جا مارين.

[851]

پنهنجون مون کي، **پنهنجا** نہ ڏيو، **نرنان** تو نـِـئي.

پنهنجون=مـِنيون. پنهنجا=طعنا. نرنان=سڪندر

>سڪ +اندر.

منيون، مون کي طعنا نہ ڏيو، سڪ اندر جي تي نـِـئي.

[852]

وڻ جيئن هوت ويام، آءٌ **مال جي** آهيان جن لئي.

وڻ=ساڏور>سي +ڏور. مال جي=ويڳاڻي.

سي ڏور هوت ويام، آءٌ ويڳاڻي آهيان جن لئي.

[853]

مون کي **پنهنجا** پيا، **ڪاسبڪا ذاتين** ڏي.

پنهنجا=قدم. ڪاسبڪا=پرٽا. ذات=آريچا

>آريچن.

مون کي قدم پـَرٽا پيا، اصل آريچن ڏي.

[854]

پنهون مان سان **پنهنجي** ڪي، مون کي **ولايت**

ڪڪن جو پيو.

پنهنجي=حدَ. ولايت=آخر. ڪڪن جو=

وجٽو>وَجٽو.

پنهون مان سان حد ڪي، مون کي آخر وجٽو پيو.

[855]

ذاتيون ني ڏيندياس، **وٽجارا** ڏسان **ڪيچ جا**.

ذات=روهـلا>روهـ +لتان. وٽجارا=مـُندر

(ڪير وڪٽڻ وارا) مـَنَ +دَرَ.

روهـ لتان ڏيندياس، مـن! در ڏسان ڪيچ جا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[856]

ڪپڙي اندر ڳالهہ، سا **شهر جو** چونديسانِ.

ڪپڙو=جامون>جا +مون. شهر جو=جهلو>جهلي.

جا مون اندر ڳالهہ، سا جهلي چونديسانِ.

[857]

آءُ **ڪڪ جي** گهورياس، پنهل مر **پوڪ** هجي.

ڪڪ جي=مُئي. پوڪ=جيئري>جيئرو.

آءُ مُئي گهورياس، پنهل مر جيئرو هجي.

[858]

اوهين تہ **اَن جون**، اديون! منهنجو **نرنانءَ ڪير جو**.

اَن جون=تڪيون. نرنان=رام>آرام. ڪير جو= قٺڻ>قٺو.

اوهين تہ تڪيون، اديون! منهنجو آرام قٺو.

[859]

ٻہ **نالا** ڪيندياس، پر وينديس **پوڪ** پنهون جي.

ٻہ نالا=هڪ نالو مگيو، ٻيو نالو پنيو. پوڪ=ساڻ.

مگيو پنيو ڪيندياس، پر وينديس ساڻ پنهون جي.

[860]

وڻ تي وينديَاس، وجي **نالي** ۾ پونديَاس،

جڏهن **نرنانءَ** ۾ ايندياس، تڏهن ملندم وَرَ"وزير"چئي.

وڻ=ڪَنڊي>اُڪنڊي. نالو=ڏونگر. نرنانءَ= جبل.

اُڪنڊي تي وينديَاس، وجي ڏونگر ۾ پونديَاس،

جڏهن جبل ۾ ايندياس، تڏهن ملندم ور"وزير" چئي.

[861]

وڏن منجهہ **ننڍي** آءُ **ننڍن** جا **وَڏا** ڏسان!

وڏا=قاف(جبل)> قافن. ننڍي=ڪوهي>ڪهي. ننڍن=گونرن. وڏا=گس.

قافن منجهہ ڪهي آءُ گونرن جا گس ڏسان!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[862]

آءُ تان واٽ ڏي تي وجان، جنهن سان اٿم **ڪاٺ** ڙي.

واٽ(جو)=وَرُ. ڪاٺ جي=انگهہ>انگ.

آءُ تان وَرَ ڏي تي وجان، جنهن سان اٿم انگ ڙي.

[863]

ڪاني ڳوليندياس، **عضوي** هوت پنهون ڪي.

ڪاني=پوٽي>پُٽي. عضوو=ڪَلي>هيڪلي.

پُٽي ڳوليندياس، هيڪلي هوت پنهون ڪي.

[864]

توڙي **اَن جا** آهن، تہ بہ **سُٽ جي** ڏسندي سان.

اَن جا=آڏارڻ>آڏا +رڻ. سُٽ جي=ڏور>
ڏوري.

توڙي آڏا رِڻ آهن، تہ بہ ڏوري ڏسندي سان.

[865]

مون تان **نالو** ڇڏيو، ڪا **نالو** ڇڏيندي،
نالي جي **نالي** سان، ڪا **نالو** جهاڳيندي،
نالو ڳڏيندي، ڪا **نالي** جي **نالي** سان.

نالو=حال. نالو=مال. نالو=آڳو. نالو=احسان.
نالو= جبل. نالو= هيمن> هيءُ + من. نالو=
هوت. نالو=پنهون.

مون تان حال ڇڏيو، ڪا مال ڇڏيندي،
آڳي جي احسان سان، ڪا جبل جهاڳيندي،
هيءُ من ڳڏيندي، ڪا هوت پنهونءَ سان.

[866]

پنهون **پوک** نہ ڻڪيو، پوءِ آءُ **ڪپڙي جي** ڙي!

پوک=تر. ڪپڙي جي=رلي>رلي.

پنهون تِر نہ ڻڪيو، پوءِ آءُ رلي ڙي!

[867]

آءُ **ڪاني** ويندياس، **ڪاني** مون سان ڪانہ هلي.

ڪاني=موراهي>مورانهين. ڪاني=هيٺي.

آءُ مورانهين ويندياس، هيٺي مون سان ڪانہ هلي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[868]

ڪجهہ **ڪاٺ** جو تہ ڪڻ، چئي ادي! **ڪاٺ** جو ڇا
ڪٽان، جيئن **وڪر**.

ڪاٺ جو=ٻل. وڪر=آمري>امر.

ڪجهہ ٻَل تہ ڪڻ، چئي ادي! ٻل ڪيئن ڪٽان
جيئن اَمر.

[869]

مون کي **اَڏ نانءُ** جي **ڪاني** لڳي، اوهين ڇئو **نرنانءُ**.

اڏ نانءُ=نينهن. ڪاني=نائڪَ. نرنان=موٺُو.
>موٺ.

مون کي نينهن جي نائڪَ لڳي، اوهين ڇئو تہ موٺ.

[870]

ڳهہ جي ڪنديس ڪينڪي، **نالو نالو** ڙي،
نالي منهنجا سپرين، آءُ **نالي** وڃان ڙي.

ڳهہ جي=ٽِڪَ> ٽڪنديس. نالو=ممون>مرَ +مون.
نالو= پَليو. نالو= پر مون> پري مرَ. نالو=
پَلُو>پَلي.

هاڻي ٽڪنديس ڪينڪي، آ مون پليو ڙي،
پري مرَ منهنجا سپرين، آءُ پلي وڃان ڙي!

[871]

اُوهين چو **نالي** تيون آهيو، مر **نار نالي** آئون،
مرض حاڪيماٽا مون پيا، سي ڀي رب جون رضائون.

نارنالي=جَلي>جُليون>جَليُون. نار نالي=
جُلي>جُلان>جَلان. مرض=ڏُنڌ. حاڪيماٽو
=ڳولڻ.

اوهين چو جليون آهيو، مر جَلان آئون،
ڏنڌ ڳولڻ مون پيا، سي ڀي رب جون رضائون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[872]

اوهين سپ **متيءَ جون**، مون کي **جهنگ** نہ چئو،
ويندیس **وڻ** پنهل ڏي.

متيءَ جون=چريون. جهنگ جو=جهالو>جهليو.
وَڻ(جي)=ويڙهہ.

اوهين سپ چريون مون کي نہ جهليو، ويندیس ويڙهہ پنهل ڏي.

[873]

پنهون جهڙا **پکي جا راڳ** کيئن آيا ويا، نتي **بيڙيءَ جي** گهرين!
چئي: پنهون **مال جيئن** آن نہ ڏٺو، تڏهن مون کي چئو **پونءِ جي**.

پکيءَ جا=پر. راڳ=ديسي. بيڙي جي=سلامتي.
مال جي=پرک>پرکي. پُونءِ جي=چَري.

پنهون جهڙا پرديسي کيئن آيا ويا، نتي سلامتي گهرين!
چئي: پنهون پرکي آن نہ ڏٺو، تڏهن مون کي چئو چري.

[874]

کات نہ پايو جيڏيون، **جيت** نہ رهندياس،
نار نانءَ کاچ چونڊياس، **ڳهہ مال نرنانءَ** کي.

کاتَ= جهل. جيت= پنيوري> پنيور. نارنان=
چڳي. کاچ=پتُ. ڳهہ=ڏورا. مال=پاڏا. نرنان=
آڍو>آڍن.

جهل نہ پايو جيڏيون، پنيور نہ رهندياس،
چڳيءَ پتَ چونڊياس، ڏوراپا ڏاڍن کي.

[875]

اَن جن آءٌ نہ پائيان، مون سان **کات جن** کئي.

اَن جا=تُهہ>توهان. کات جو=کارب>
کا +رب.

توهان کان آءٌ نہ پائيان، مون سان کا رب کئي.

[876]

تـڙ منهنجـو نرنـانءُ، تـڏهن مـون مـرض پرائيـا .

تڙ=ڦـتو. نرنان=ڪرم. مرض=سُورَ.

ڦـِـتو منهنجـو ڪـرم، تـڏهن مـون سـورَ پرائيـا .

[877]

وڪـر نـالن هـوت، پـر نـالن نيـو ڙي اديـون!

وڪر=ڳُوڻ>ڳُـڻَ. نالو=مـِنو. نالو=نصيبو> نصيب.

ڳُـڻ مـِـنو هـوت، پـر نصيـب نيـو ڙي اديـون!

[878]

نـالا منهنجي نـانءُ ويا، وڻ جـو ہيـن ڪي ڏيـان!

نالا=ڪيچي. نانءُ=ڪرمون>ڪرمئن. وڻ جو= ڄوڏو>ڄو +ڏوھہ.

ڪيچي منهنجي ڪرمئن ويا، ڄو ڏوھہ ہين ڪي ڏيان!

[879]

هٽيـو ڪـاٺ جـو ڪـاٺ تـي، ڳهـہ پـايو روءِ،
هـَـي هـَـي مال جـا ڙي، پـوڪ نـالي ڪي نـہ ڇـوءِ.

ڪاٺ جو=هٽيو>هٽ. ڪاٺ جي=منُ> مونن.
ڳهہ=مـُنديون>مـُنديون. مال جا=گهوڙا. پوڪ جو=پارو>پاڙو. نالو=پنهون.

هٽيـو هـٽ مونـن تـي، منـديون پـايو روءِ،
هـي هـي گهـوڙا ڙي، پـاڙو پنهـون ڪـي نـہ ڇـوءِ.

[880]

اَن جيئـن تيـو، مـَـن ڪـا پئيـوَ رات.

ان جي=مـُٺ>مـُنيون. رات=قدر.

مـُنيون! مـون جيئـن ٿيـو، مـَـن ڪـو پئيـو قـدر.

[881]

وڻ هئـوڙي جيـڏيون، ڪـاٺ بـہ منهنجـي ڪـي،
مـال جـوڙي جيـڏيون، جنهـن ڪـي مـال جـو پيـو؟

وڻ=لاٽو>هالاٽو. ڪاٺ=من. مال جو=هيتُ
(=پيار). مال جو=چوڙو>وڇوڙو.

هالاٽو هئو ڙي جيڏيون، من ٻـ منهنجي ڪـي،
هيت هوءِ ڙي جيڏيون، جنهن ڪـي وڇوڙو پيو؟

[882]

اديون! انهن ذاتين جو، مون سان شايد اڳي نالو هو،
ڪري ٻوليون پاڻ ۾، هنن تي نالي هوت نيو،
سُڌ نـ پيم سرتيون، نـ تـ مون پڻ وڻ ڪيو،
پوڪ بنان تي پانهنجي، مون کي ڏير آن چو نـ ڏيو،
اهڙو ڪونـ ٿيو، جنهن کي ڳهه جي خان پنهون کي.

ذات=جت>جتن. نالو=وِٽو. ٻولي=پاريسي>
پاريسيون. نالو=ٻانهو>ٻانهيو. وڻ=هيرڻ>
رڻ. پوڪ= چانور> چان(= چوان) + ور.
ڳهه جي=نٽ>منٿ.

اديون! انهن جتن جو، مون سان اڳي وِٽو هو،
ڪري پاريسيون پاڻ ۾، هنن تي ٻانهيو هوت نيو،
سڌ نـ پيم سرتيون، نـ تـ مون پڻ رڻ ڪيو،
چان، ور پنان تي پانهنجو، مون کي ڏير آن چو نـ ڏيو،
اهڙو ڪو نـ ٿيو، جنهن کي منٿ خان پنهون کي.

[883]

ڏڪار پاروٺو پيءَ مئو؟

ڏڪار=قحط. پاروٺو=باسي>باسيو. پيءَ مئو=
چورو>چو +روئو.

قحط تـ باسيو (مون، اوهين) چو روئو؟

[884]

جبل جهليو ڙي جيڏيون، مان مال جي ٿيان.

جبل=روٺو روئڻ. مال جي=رواني.

روئڻ جهليو ڙي جيڏيون، آءٌ رواني ٿيان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سسئي جو ماءُ کي جواب

[885]

ڪاٺ مرض تيام، **نرنانءَ** تن **ذاتين** جا.

ڪاٺ(جو) =سنجو>سنجهو. مرض=ساڙ. نرنان=

آئل>آيل. ذات=آريچا>آريچن.

سنجهي ساڙ تيام، آيل، تن آريچن جا.

[886]

ٻار جيئن لڳوم، **نالو** تنهن **نرنانءَ** جو.

ٻار جيئن=چوٽيءَ وارو ڏڪ. نالو=آئل>آيل.

نرنانءَ=ٻاروچو.

چوٽيءَ ڏڪ لڳوم، آيل ٻاروچي جو.

[887]

اُنِ جي **لوهہ جا**، **ڪاٺ جي شڪاري** آهيان.

لوهہ جا=ڪيرَ> اُڪير. ڪاٺ جو=در>مادر.

شڪاري=ماري.

اُتنَ جي اُڪير، مادر ماري آهيان.

[888]

ري **هٿيار جي** ويندياس، **شهر جي** هوت پنهونءَ ڏي.

هٿيار جي=ڪوٺي. شهر جي ماڙي>ماءُ +ڙي.

ري ڪوٺي ويندياس، ماءُ ڙي هوت پنهون ڏي.

سسئيءَ کي سرتين جو دلاسو

[889]

هت **ڏڻ جو** سسئي، اسان جا **پکي** تا ڪرن،

پاٽي وڻ جي ڪري، وجي **پکي** تج تون.

ڏڻ جو=نرو>نہ +روءُ. پکي=هنجهہ.پاٽي جي=

موڪ. وڻ=لاٽي. پکي=ڳيرو>اڳي +روءُ.

هت نہ روءُ سسئي، اسان جا هنجهہ تا ڪرن،

موڪلاٽي ڪري، وجي اڳي روءُ تون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[890]

چـنڌ ڪـــاٺ ڙي سســئي، وجـــي ذات تـــي.

ڪاٺ=راهو>راهون. ذات=اُتيرو>اُتي +روءِ.

چــنڌ راهـــون ڙي ســســئي، وجـــي اُتـــي روءِ.

[891]

تـون تـان پکـــي ڏونـگرين، فـــاقيرا چـــو ڪريـــن.

پکي=پهوڙي>پٿو +ڙي. فاقيرا>سانگا.

تون تان (نڪري) پٿو ڙي ڏونگرين، سانگا چو ڪرين!

[892]

پنهنجـــا ءِ مـــال جـــا، چـنڌ پنهنجـــون سســئي!

پنهنجا=آسانگا. مال جا=وڳر. پنهنجون=سهيليون.

آســـانگا ءِ وڳـــر، چـــنڌ ســـهيليون ســـئي!

[893]

حاڪيماٽي ويهہ سسئي، ڳهہ ڪي ڪنديـنءَ ڪوهـہ،

اتـــي ٿـي رهنديـٺـن تـہ توڪـي نرنـــانءَ ڏيـنـدو ڏوهــہ.

حاڪيماٽي=مَتَڪي>مرَ +تڪي. ڳهہ=ڪُرڪي.

نرنان=عالم.

مرَ تَـڪي ويهہ سسـئي! ڪــُرڪي ڪنديـنءَ ڪوهـہ،

اتـــي ٿـــي رهنديـنءَ تـہ توڪـــي عـــالم ڏينـــدو ڏوهـــہ.

[894]

حاڪيمــــاٽي ويهــــہ، نرنــــالو ڪيـــچ ڏي.

حاڪيماٽي=مَتڪي>مرَ +تڪي. نر نالو=

روحل>رئي +هلُ.

مرَ تڪـــي ويهـــہ، روئـــي هـــَـــل ڪيـــچ ڏي.

[895]

ويهہ حاڪيماٽي، وڄ ذات سان اڳيوَن نرنانءَ اٿـي.

حاڪيماٽي=مٽڪي>مرَ +تڪي. ذات=

رِندَ=رَند. نرنان=محبوب.

ويهہ مرَ تَڪي، وڄ رَنـد سـان، اڳيـوَن محبـوب اٿـي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[896]

ليکي پکياٽي سسئي، تنهنجا ڏير ويا ڏونگر،
ذاتين متي **ڪپڙو** ڏي، وڃي **رنگ راند جا** ڪر.

ليکي جي=نوي>نـ. پکي=وهيو>ويهہ. ذات= راهو> راهـُن. ڪپڙو= پڳ> پڳڙا. رنگ = ڪيسُ. راند جا=ڏڙها>ڏڙا.

نـ ويهـ ڙي سسئي، تنهنجا ڏير ويا ڏونگر،
راهـن متي پڳڙا ڏي، وڃي ڪي سڏڙا ڪر.

[897]

ڪڻ **پنهنجا**، لنگهہ **مال جا**، اڳيان **اَن جا** اٿئي.

پنهنجا=چپر. مال جا=ٽـَڪر. اَن جا=آڏارڻ> آڏا +رڻ.

ڪڻ چـَپر، لنگهہ ٽـَڪر، اڳيان آڏا رڻ اٿئي.

[898]

ڪڻ **ڪک جا**، ڏس **مال جا**، اڳيان **نرنانءُ** اٿئي.

ڪک جا=چپر. مال جا=ٽَڪر. نرنان=فتح.

ڪڻ چپر، ڏس ٽڪر، اڳيان فتح اٿئي.

[899]

ڪو بہ **نشي جو** نہ ڪر سسئي! اڳيان **نالو** اٿئي.

نشي جو=مونجهارو. نالو=فتح.

ڪوبہ مونجهارو نہ ڪر سسئي، اڳيان فتح اٿئي!

[900]

هو **قرآن جي** ڪٽي ويا، تون بي **قرآن جي** ڪر سسئي!

قرآن جي=تبار>تہ +بار. قرآن جي=منزل.

هو تہ بار ڪٽي ويا، تون بي منزل ڪر سسئي!

[901]

اچ **نرنانءُ** سان، وڃ **نرنانءُ** سان، چڙهہ **نرنانءُ** تي،
پيچ **نرنانءُ** ڪان، تہ ڪو **نرنانءُ** ڏنئي.

نرنان=محبت. نرنان=جبل. نرنان=ڏونگر. نرنان=پنهل.

اڇ محبت سان، وچ محبت سان، چڙهہ جبل تي،
پيچ ڏونگر ڪان، تہ ڪو پنهل ڏنئي.

[902]

زمين راند جو لڳئي، تہ پوڙهي ڪيچن ڪاڻ.

زمين جي=وَسَ. راند جو=واڪو. پوڙهي=
ڪُراڙي>ڪر +ڙي.

وس واڪو لڳئي تہ ڪرڙي ڪيچن ڪاڻ.

[903]

عضوو ڪيچين ڪاڻ، ڪاٺ پوندئي ڙي سسئي!

عضوو=ڇپر. ڪاٺ(جو)=ڏورڻو.

ڇپر ڪيچين ڪاڻ، ڏورڻو پوندئي ڙي سسئي!

[904]

سسئي! شهر اتئي، وچ ڪپڙ جي ڪيچ ڏي.

شهر=ياڳناڙي>ياڳ +اُناڙي. ڪَپڙ جي=
ڏُپ چَتي>ڏُپَ +چتيندي.

سسئي! ياڳ اناڙي اتئي، وچ ڏُپَ چتيندي ڪيچ ڏي.

[905]

پنهون ڪپڙجيئن ويو، تون اَن جيئن سسئي!

ڪپڙ جي=پَتي.اَن = مَتَرُ> مَ +تُر.

پنهون پتيءَ ويو، تون مَتَرُ سسئي.

[906]

ڪپڙو تنهنجو ڪانڌ هو، اوڪيءَ ڳولح تون،
پنهنجو نرنانءَ ڪري، پهچ نرنانءَ ڪي تون.

ڪپڙو=جوڙي>جو +ڙي. اوڪي=سوڙهي>
سو +ڙي. پنهنجو=نفس. نرنان=پليو>پلي.
نرنان=پنهون.

جو ڙي! تنهنجو ڪانڌ هو، سو ڙي! ڳولح تون،
نفس کي پَلي ڪري، پهچ پنهونءَ کي تون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[907]

لوهه جو ڪيچين ڪاڻ، **جر جو** آيئي سسئي!

لوهه جو=بَرمون>برُ +مُنهن. جَرجو=جهاڳڻ.

بر مُنهن ڪيچين ڪاڻ، جهاڳڻ آيئي سسئي!

[908]

جيئڏ ڪيچين ڪاڻ، **باز جو** ڙي سسئي!

جيئڏ=ڪهه (ماڪڙ). باز جو=ڇاپو>ڇا +پوءِ.

ڪاهي ڪيچين ڪاڻ، ڇا پوءِ ڪندينءَ ڙي سسئي؟

[909]

ڪپڙ جي ڪيچين ڪاڻ، **ڪپڙ جو** ڪندينءَ سسئي!

ڪپڙ جي=ڪَهي>ڪَهه. ڪپڙ جو=ڇاپو>
ڇا +پوءِ.

ڪَهه ڪيچين ڪاڻ، ڇا پوءِ ڪندينءَ سسئي!

[910]

ڪانئيءَ ڪوهيارو ويو، **ڪانئي** ڳول پنهون ڪي.

ڪانيءَ=ڪڙڪي>ڪسڪي. ڪانئي=تاڪي>
تان +ڪي.

ڪسڪي ڪوهيارو ويو، تان ڪي ڳول پنهون ڪي.

[911]

ڳاهه پنيان ڪر ڪاهه، **ڳهه** ۾ ڳول پنهل ڪي.

ڳاهه=ڇاهڪ>ڇا +حق. ڳهه=دڙُ> وندر.

ڇا حق پنيان ڪر ڪاهه، وندر ۾ ڳول پنهل ڪي.

[912]

هو تا **مرد جي** وجن، تون **وڪر جي** ڙي سسئي!

مرد جي=هڪلَ>هڪليو. وڪر جي=ڪمرڪس
>ڪمرڪش.

هو تا هڪليو وجن، تون ڪمر ڪش ڙي سسئي!

[913]

ٻولي ٻڌي هُئي جن جي، ڇڏ مَ **ذات** تن جي.

ٻولي=ٻهڪَ. ذات=منگسي>مَ +گيسي.

ٻهڪ ٻڌي هئي جن جي، ڇڏ مَ گيسي تن جي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[914]

اُتـــي ســـنير ســـــئي، هـــوت وينـــــدءِ ڙي.
وڻ چـڏي گاهــ پيــا تــ هــٿ نــ اينــدءِ ڙي.

وڻ=هيرڻ>هي +رڻ. گاهہ=پيرڻ>
ٻئي +رِڻ.

اُتـــي ســـنير ســـــئي، هـــوت وينـــــدءِ ڙي،
هــيءُ رِڻ چـڏي ٻئـي رِڻ پيــا تــ هــٿ نــ اينــدءِ ڙي.

[915]

اتــي ســئي اوزار تـي، ٻـي اوزار تينـدي ڪانــ،
ذاتيـن ۾ نرنـان چئـي تــ نرنــانءُ مليئـي شــال!

اوزار=سيراهي>راهي. اوزار=ڪارائي>راهي.
ذات=رِند>رَندن. نرنان=رمضان. نرنان=محب.

اتـي سـئي راهي تي، ٻـي ڪـا راهـي تينـدي ڪانـ،
رَنـدَن ۾ "رمضـان" چئـي تــ محـب مليئــي شــال!

[916]

نرنــانءُ تــان مــرون، زحمــت ڪــاڄ ســـئي!

نرنان=راهو>رهڻ. مرون=دلاهہ>دل +لاهي.
زحمت=اُٿي. ڪاڄ=وانڪڙي(سوپاري)>
وانڪ +ڙي.

رهــڻ تــان دل لاهــي، اُٿـــي وانــڪ ڙي ســـئي!

[917]

زحمــت ڪــر ڙي ســئي، ڪــاڄ جــي مليــن مــانَ.

زحمت=ستَ. ڪاڄ جي=اوبر>برين.

ســٿ ڪــر ڙي ســـئي، هـــو بريــن مليــن مــانَ.

[918]

ڪر مَ سرائڪي، وج مَ فقير، ڪيڙي جي هوت وجن.

سرائڪي=ڪڙو>ڪڙمَ. فقير=سامي>وِسامي.
ڪيڙي جي=اڳڙي>اڳڙيئون.

ڪـڙ مَ اتـاهون، وج مَ وِسـامي، اڳڙيئـون هـوت وجـن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[919]

عضوو ڪڻ سسئي، ڙي **ڪپڙي** جيئن هوت ويا.

عضوو=ڪُڙي. ڪپڙي جي=اڳڙي>اڳيون +ڙي.

ڪُڙي ڪڻ ڙي سسئي، اڳيوُن ڙي هوت ويا.

[920]

ناٽي جا ڪٺي، وجي **ڪاچ** پنهون ڪي.

ناٽي جو=رند. ڪاچ جو=رس.

رند ڪٺي وجي رس پنهون ڪي سسئي!

[921]

نالي پنهون، **متي** نهار.

نالو=جَتو>جِتي. متي=اُتي.

جتي پنهون، اُتي نهار.

[922]

وهتين ويو ٻاروچو، وچ **ولهارين** سسئي!

وهٽ=جاڏو>جاڏي. ولهار=تاڏو>تاڏي.

جاڏي ويو ٻاروچو، تاڏي وچ سسئي!

[923]

اُتي **نالي ڪاني** ڪر، متان **نالي** هوت اچئي.

نالو=ڪالو. ڪاني=چڪر. نالو=نظر.

اُتي ڪا لوچ ڪر، متان نظر هوت اچئي.

[924]

ڪاني ڪيچين ڪاڻ، وجهه **مال جا ملڪ** ۾.

ڪانيءَ جي=پوڙي>پوءِ ڙي. مال جو=وڙهوُ>
وڙهول. ملڪ=ولهار.

پوءِ ڙي ڪيچين ڪاڻ، وجهه وڙهول ولهار ۾.

[925]

ڪاغذ جو نہ هجئي، تہ وجي **مال جا** ڪر.

ڪاغذ جو=پتو. مال جا=گهوڙا.

پتو نہ هجئي، تہ وجي گهوڙا گهوڙا ڪر.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[926]

ڇا ڪنديءَ ٻيڙي وارن کي، تون ذات وني وڄ سسئي!

ٻيڙيءَ وارا=سونهان>سونهن. ذات=رِند>رَندَ.

ڇا ڪنديءَ سونهنِ کي، تون رَند وني وڄ سسئي!

[927]

ڪپڙي جي وِيڙئي ڏيہ، وڄ ڪاسبڪي سسئي!

ڪپڙي جي=ڪهي. ڪاسبڪي=ڏَنوڻ>
ڏَنوندي.

ڪَهي وِيڙئي ڏيہ، وڄ ڏنوندي سسئي!

[928]

ان جو اتئي سسئي، ان جي واٽ وٺيج.

ان جو=کَهڻو. ان جي=رَڙي>رِڙهي.

کهڻو اتئي سسئي، رڙهي واٽ وٺيج.

[929]

ڪڻ ڪاني کيچن ڪاڻ، ڏينهن تو تئي سسئي!

ڪاني=ڏانگ. ڏينهن=سهائي.

ڪڻ ڏانگ کيچن ڪاڻ، سهائي اتئي سسئي!

[930]

پنهون تہ پوڪ جو، پر سسئي وجي مال جي.

پوڪ جو=داڻو>سڏاڻو. مال جي=ڦولهڙي>
ڦولهہ +ڙي.

پنهون تہ سڏاڻو، پر سسئي وجي ڦولهہ ڙي!

[931]

هٿيارئون هوت ويا، تن کي اُتي مال جي.

هٿيار=تبر>تہ +بَرن. مال جي=ڦولهڙي>
ڦولهہ +ڙي.

(اهي) تہ برن ۾ هوت ويا، تن کي اتي ڦولهہ ڙي.

[932]

وٺين نالن کان نکري، هاٽي ذات پنهون ڏڻ جو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نالو=خان>خانن. ذات=پٽپار>پٽي +پار.

ڏڻ جو=پڇ.

وئين خانن کان نکري، هاٽي پٽي پار پنهون جو پڇ.

[933]

ذات مال لوهہ جي ڪري ويئي، تون **تڙ حاڪم**
مال جي سسئي!

ذات=ڪيچي. مال=اُٺ. لوهہ جي=تار>قطار.

تڙجي=پُوٽي>پُٽي. حاڪم جي=پارت>پارَ.

مال جي=پُچڙي>پڇ +ڙي.

ڪيچي اُٺ قطاري وَيئي، تون پُٽي پارَ پڇ ڙي سسئي!

سسئيءَ جو پنهون پنيان وڃڻ

[934]

جنهن جو هو **واٽيو** رات ويئڙو، سا **عورت ڪندي**
چو نہ ميان!

واٽيو=تُرسي. عورت=ساهُل>سا +هُل.

جنهنَ جو هوت رسي رات ويڙو، ساهُل ڪندي چونہ ميان!

[935]

سٽيو **مال جا، نار نالي** سسئي!

مال جا=چوٻول. نار نالو=صابل>سا>ٻُل.

سٽيو چوٻول، سا ٻُل ڪائي سسئي!

[936]

وڪر وهاءِ نہ سسئي، ڪري **پوڪ جي** پنهل ڪاڻ.

وڪر=سرمون. پوڪ جي=سوءَ>سُوءَ.

سرمون پائي نہ سسئي، ڪري سُوءَ پنهل ڪاڻ.

[937]

جنهن جو **ڳهہ** وٺي ويا ڏير، سو **نالو نرنان** ئي نہ تئي.

ڳهہ=ور. نالو=مورنيو>مُور. نرنان=
تڪيو>تڪي.

جنهن جو ور وٺي ويا ڏير، سا مور نہ تڪي سسئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[938]

ڪـــاٺ ئـــون هلنـــدي، ڪـــاٺ نـــہ رهنـــدي،
ڪـــاٺ ئـــون ڪنيـــو ٻئـــي ڪـــاٺين هٽنـــدي،
وئـــي ائيـــن چونـــدي، ڪـــاٺ ڙي جيـــڏيون ڪـــاٺ.

ڪــاٺ= ڏرو (گاڏيءَ جو پويون تختو) > ڏرئون.
ڪاٺ=مُول (لاهہ). ڪاٺ=ٻانهون (جهلار جي
ڪوهاڏي ۾ اُهي ٻہ ڪاٺيون جن تي جهلڻ رکجي).
ڪاٺ=مُنو>مونو>مونين. ڪاٺ=ورو.

ڏرئـــون هلنـــدي، مـــُـــول نـــہ رهنـــدي،
ٻـــانهون ڪنيـــو ٻئـــي مونيـــن هٽنـــدي،
وئـــي ائيـــن چونـــدي، ورو ڙي جيـــڏيون ورو.

[939]

هـوءَ اتـي ڪـاٺ ٻـڌي، الله! عـــورت تـــون ڪريـــن.

ڪاٺ=وٺوهڙ>وٺو +هڙَ. عورت=سونهين.

هـوءَ اتـي وٺـو هـڙَ ٻـڌي، الله! سـونهين تـون ڪريـن.

[940]

شـــهر ســـارو لوهـــہ تيـــو، نـــالو هوئـــي ڪونـــہ.

لوهہ (جو)=مارو. نالو=سچڻ.

شـــهر ســـارو مـــارو تيـــو، ســـچڻ هوئـــي ڪونـــہ.

[941]

ويهڻ هنـڌ تيـوس، تڏهن تـي پٽـي چـامر پنهـون ڪـي.

ويهڻ هنڌ=ڪٺولو>ڪٺو +لوڪ. پٽڻ=
اوسارڻ>اوساري.

ڪٺـو لـوڪ تيـوس، تڏهن تـي اوساري چـامر پنهـون ڪـي.

[942]

جـڏهن پنهـــون هـــو هتـــي، سمهـــڻ هنـــڌ نـــہ هـــو،
جـڏهن پنهـــون هـــُـت ويـــو، تـــڏهن سمهـــڻ هنـــڌ تيـــو.

سمهڻ هنڌ=ڪٺولو>ڪٺو +لوڪ.

جـــڏهن پنهـــون هـــو هـــتي، ڪٺـــو لـــوڪ نـــہ هـــو،
جـڏهن پنهـــون هـــُـت ويـَـو، تـــڏهن ڪٺـــو لـــوڪ تيـــو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[943]

آءٌ تان **ڪاني** ڪيچين لئي، سي ويا **ڪاني** ڪوهيارا،
هاٽي ڏي **ڪاني** اُليرا، تہ رچ پوي روهہ ۾.

ڪاني=ڪَرِڪي. ڪاني=سرڪي. ڪاني=سڏي.
رچ=طباڪ>تہ +باڪ.

آءٌ تان ڪڙڪي ڪيچين لاءِ، سي ويا سرڪي ڪوهيارا،
هاٽي ڏي سِڏي اُليرا، تہ باڪ ڦٽي روهہ ۾.

[944]

پنهون ڪان پوءِ سسئيءَ سان **ذات پنهنجو** ڪونہ ٿيو.

ذات=سورو>سُورن. پنهنجو=پيائي.

پنهون ڪان پوءِ سسئيءَ سان سورن پيائي ڪونہ ٿيو.

[945]

باهہ جي ڪيچين ڪاڻ، **پنهنجون** ڪري سسئي.

باهہ جي=بَني>بيني. پنهنجون = اَرداسُون.

بيني ڪيچين ڪاڻ، ارداسون ڪري سسئي.

[946]

هوءَ جا **ڪاني** ڪوهيارل، تنهن کي **علم جُر جا** چا ڪندا.

ڪاني=ڪپي. علم جا=ڦيٽا. جر جا=چندا.

هوءَ جا ڪپي ڪوهيارل، تنهن کي چندا ڦيٽا چا ڪندا.

[947]

ولايت ئون آئي **ڪامٽي**، ڪري ڪلهي تي **وڻ**،
پاريندي پنهل سان، وجي **وڻ** جو **وڻ**.

ولائت=پار>پارئون. ڪامٽي=سسئي. وڻ=
اَڪ>حق.

پارئون آئي سسئي، ڪري ڪلهي تي حق،
پاريندي پنهل سان، وجي حق جو حق.

[948]

ڪُتي واري ڪيچين مان ڪانہ آئي، نہ تہ پاڻ سان
وني وجي ها.

ڪُتي واري=ڪا ڏاڙهيل>ڪا +ڏاڙهي.

ڪا ڏاڙهي ڪيچين مان ڪانہ آئي، نہ تہ پاڻ سان وٺي وڃي ها.

[949]

جاءِ جي نہ ڏيرن، پوءِ **عضوي** ويندي سسئي؟

جاءِ جي=ڪوني. عضوو=ڇاتي>ڇا +تي.

ڪوني نہ ڏيرن، پوءِ ڇا تي ويندي سسئي؟

[950]

پنهنجو هو ئي ڪونہ، نہ ڪنهن **زمين جي** سسئي.

پنهنجو=وارث. زمين جي=واري.

وارث هوئي ڪونہ، نہ ڪنهن واري سسئي.

[951]

نار نالي تہ **ذات** هئي، پر **پڪي فقيراڻو** ڪري ويس.

نار نالي=سسئي. ذات وينجهر>وينجهار. پڪي= ڪيچي. فقيراڻو=منڊ.

سسئي تہ وينجهار هئي، پر ڪيچي منڊ ڪري ويس.

[952]

جر جي جت ڪري ويا، ڇڏي **جيت جيتن** ۾.

جر جي=ذار>ذاري. جيت=ڏڪڻهار. جيت= ڏونگر>ڏونگرن.

ذاري جت ڪري ويا، ڇڏي ڏڪڻهار ڏونگرن ۾.

[953]

آءُ تي **بيماري** پوان، تون ڪي **گلن جا** ڪريج.

بيماري=ڪَڌ. گلن جا=موڙَ.

آءُ تي ڪَڌَ پوان، تون ڪا موڙَ ڪرين.

[954]

ٻن نالن ڪان پوءِ، سسئي **مال جا** ڪندي ويئي.

ٻہ نالا=هڪ نالو سجُو>سجُ، ٻيو نالوپِريو> اُپِريو. مال جا=ڏُوڙيا.

سج اُپرئي ڪان پوءِ، سسئي ڏوڙيا ڪندي ويئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[955]

ســازين چڙهــي سســئي، **ان جـنا** ڪنــدي ويئـــي.

ساز=ڍولڪ>لَـڪ>لڪين. ان جا=ڏوڙيا.

لڪيــن چڙهـــي ســـــئي، ڏوڙيــا ڪنــدي ويئـــي.

[956]

مال جو ڪري **متـيءَ** سان، **وڻ عضوي** وئي سسئي.

مال جو=سودو. متيءَ(جي)=سِر. وڻ=مَڪ.

عضوو=رانَ.

سـودو ڪـري ســـرَ ســان، مڪــران وئــي سســئي.

[957]

پنهنجــو ڪنيـائين سـاڻ، **شـهر جــو ڪپــڙو** ڪـري.

پنهنجو=سُور. شهر جو=ويڙهڻ>ويڙهي.

ڪپڙي جو=وِهاٽو.

ســُـور ڪنيــائين ســاڻ، ويڙهـــي وهــاٽو ڪـــري.

[958]

هـيءَ جا **جبـل مـال جـي**، تنهـن جـو **نـالو نرنـانءُ** تئـي.

جبل=وندر. مال جي=وڪاٽي. نالو=موتڻ.

نالو=مَـسُـو>مس.

هـيءَ جـا ونـدر وڪـاٽي، تنهـن جـو موتــڻ مــس تئـي.

[959]

نــالي مــاري سســئي، ســا **نــالو** ڪنــدي ڪيئــن!

نالو=محبت. نالو=موتڻ.

محبـت مــاري سســئي، ســا موتــڻ ڪنــدي ڪيئــن!

[960]

سســئي ڪنهــن نــه **هنــڌ**، **مــاءُ** واٽ پنهــون جـــي.

هنڌ=ڪوني. ماءُ=آئي.

ســئي ڪنهــن نــه ڪونــي، آئـــي واٽ پنهــون جـــي.

[961]

پنهون! آءُ تنهنجي لاءِ **ماءُ**، متـان تـون **ذات** سمجهيـن.

ماءُ=آئي. ذات=نائي>نہ +آئي.

پنهون! آءُ تنهنجي لاءِ آئـي، متـان تـون نـه آئـي سمجهيـن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[962]

شهرئون نڪتي سسئي، شهر ڏسي پٺي روءِ،
قسمت ڪٺي پوءِ، نہ تہ مينهن سان تي آئي.

شهر=رڙي. شهر=روهہ. مينهن=اوٺ>اوٺين.

رڙي نڪتي سسئي، روهہ ڏسيو پٺي روءِ،
قسمت ڪٺي پوءِ، نہ تہ اونين سان تي آئي.

[963]

شهرئون نڪتي سسئي، سا ڪڏ تي پيئي،
اڳيان گڏيس ڪونہ ڪو، تڏهن واڻيو وٺيو ويئي.

شهر=هالا. ڪڏ=چري. واڻيو=هيمن>هَي +من.

حالئون نڪتي سسئي، سا چري تي پيئي،
اڳيان گڏيس ڪونہ ڪو، تڏهن هَي من وٺيو ويئي.

[964]

شهرئون نڪتي سسئي، ڪاٺ جو گڏيس ڪونہ،
پوءِ وڃي پوڪ جن ۾ پيئي.

شهر=پنيور. ڪاٺ جو=وانگي(=لانون).
پوڪ جي=راهہ>راهُن.

پنيورئون نڪتي سسئي، وانگي گڏيس ڪونہ،
پوءِ وڃي راهُن ۾ پيئي.

[965]

ڪاٺ جن هلي سسئي، نالي ملي مانَ!

ڪاٺ جو=تختو. نالو=بختو.

تختوئن هلي سسئي، بختوئن ملي مانَ!

[966]

نالو نالي هيٺ، ڪين پوڪ جي سسئي.

نالو=ڪارو. نالو=ڏونگر. پوڪ جي=ڏري.

ڪاري ڏونگر هيٺ ڪين ڏري سسئي.

[967]

ذاتين ماري سسئي، ڪاني تي پيئي.

ذات=ڏيرا>ڏيرن. ڪاني=ساٽي.

ڏيرن ماري سسئي، ساٽي تي پيئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[968]

مچي ڪيچين ڪاڻ، سا ولايت ويندي سسئي.

مچي=ڪَهي. ولايت=ڏور.

ڪهي ڪيچين ڪاڻ، ڏور ويندي سسئي.

[969]

پوڪ ٿون ويئي سسئي، وڃي راند جن ۾ پيئي.

پوڪ=ترَ. راند جو=مَڇ> مڇن.

ترِئون (ڳُسي) وئي سسئي، وڃي مڇن ۾ پيئي.

[970]

نالا نانءَ ڇڏي ويا، نالا تون مَ ڇڏ،

وني مرون روهه مان، وڃي عورت ڳاهين ڳڏ.

نالو=والي. نانءُ=وارث. نالو=وسيلو>وسيلا.

مرون=واڳون. عورت=سسئي. ڳاهه=سِڻ>

سيڻ>سيڻين.

والي وارث ڇڏي ويا، وسيلا! تون مَ ڇڏ،

وني واڳون روهه مان، سسئي سيڻين ڳڏ.

[971]

الله! انهيءَ پار جا، وهٽ ٿي ڏيکار،

رڃن ڪوڻ رکي، مون کي وارن سين مار.

وهٽ=توڏا. رڃ=ڏوهو>ڏوهن. وار=ڪلمون.

الله! انهيءَ پار جا، توڏائي ڏيکار،

ڏوهن ڪوڻ رکي، مون کي ڪلمن سين مار.

[972]

ذات نماڻيءَ جا، ڪاغذ جو ڪائي ويو.

ذات=ٻپيرا>ٻئي +پير. ڪاغذ جو=ڪرڙو.

ٻئي پير نماڻيءَ جا ڪرڙو ڪائي ويو.

[973]

عضوا مرض ڪيا، نار نالي عضوي ۾.

عضوا=پير. مرض=پٽُون. نارنالي=حليمان>

هلي +مان. عضوو=پَبُ.

پير پِٽون ڪيا، هلي مان پَبَ ۾.

[974]

وڻ ٿون پير ٿيام، تڏهن نالن ماري آهيان.

وڻ=چُوڙ>چور. نالو=ميو>مين.

چُور پير ٿيام، تڏهن مينِ ماري آهيان.

[975]

پير جن متي، سي ياڳا واٽ پنڌ کان.

پير=مدار. ياڳا=چُڪا. واٽ پنڌ=پير چَلَڻ.

مدار جن متي، سي چُڪا پير چلڻ کان.

[976]

ننڍا عضوا ٿيام، ڳاهه ڏيندي ملڪ ۾.

ننڍا=پِتُون>پِتُون. عضوا=پير. ڳاهه= واهو>واهون. ملڪ=وڻڪار.

پِتُون پير ٿيام، واهون ڏيندي وڻڪار ۾.

[977]

نالو ڏيندي نالي ۾، من نالو مون اڇي!

نالو=جيتو>جهوتون. نالو=جهنگلي>جهنگل. نالو=نظر.

جهوتون ڏيندي جهنگل ۾، من نظر مون اڇي!

[978]

نرنانءَ جا عضوا ذات ڙي!

نرنان=پنهون، عضوا=پيرڙا. ذات=واڍا> واءَ+ڍَڪيا.

پنهون جا پيرڙا، واءُ ڍڪيا ڙي!

[979]

پکي جا ڪريو حاڪم جا ڏسي، جي لوهه ڪپڙ جا چڏيا.

پکي=ڪرناءِ>ڪَرَ+نايو. حاڪم جا=پيرا. لوهه جا=وَرَڪ> واري. ڪپڙ جا = ڍڪ>ڍڪي.

ڪَرَ نايو پيرا ڏسي، جي واريءَ ڍڪي چڏيا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[980]

جَــر جــوُن نهاريان، مــن ڪــو ســُـتَ جــو پــوي.

جر جون=نَيُون>نَيو. ست جو=پتو.

نـــَـيو نهاريـــان، مـــَـــن ڪـــو پتـــو پـــوي.

[981]

ڪـــڏ ڪنيـــو تـــي ســــڏ ڪريـــان، مـــن ذات اچـــن.

ڪڏ=چيهه. سَڏ=ريهه. ذات=اوڏ>اوڏڙا.

چيهہ ڪنيـــو تـــي ريهـــہ ڪريـــان، مـــن اوڏڙا اچـــن.

[982]

ڪـــاٺ جـــو معـــذور، مثـــيءَ ســان ڪپـڙو ڪيـــو.

ڪاٺ=مُهرو>منهن +روئي. مثيءَ جا=ڳوڙها> ڳوڙهن. ڪپڙو=ڳاڙهو.

روئـــي منهـــن معـــذور، ڳوڙهـــن ســـان ڳـــاڙهو ڪيـــو.

[983]

ڪـــاٺي ڪيچيـــن ڪـــاٺ، ڪـــاڄ ڪـــري تـــي سســـئي.

ڪاٺي=روهيڙو>رويو. ڪاڄ=طعام>ماتام.

رويـــو ڪيچيـــن ڪـــاڻ، ماتـــام ڪـــري تـــي سســـئي.

[984]

مثـــيءَ جـــا عضـــوي تـــان، پڪـــي تـــا وجـــن.

مثيءَ جا=ڳوڙها. عضوو=ڳل. پڪي=وهيو.

ڳوڙهـــا ڳـــل تـــان وهيـــو تـــا وجـــن.

[985]

ذاتيـــن بيئـــي چـــوءِ، تـــہ وڻ ســـُـتَ جـــي آهيـــان.

ذات=جهجهڻ. وڻ=ورهہ. سُتَ جي=ويڙهي.

جهجيـــو بيئـــي چـــوءِ، تـــہ ورُهـــہ ويڙهـــي آهيـــان.

[986]

ذاتيـــن پنهنجـــي ڪـــئي، تـــڏهن مـــال جـــن تـــي ڪـــــاٺ جـــــي ڪـــــري.

ذات=ڪيچي. پنهنجي=ڪُپت. مال جو= رَند>رَندن. ڪاٺ جي=رَندي>روئندي.

ڪيچيـن ڪـُپت ڪئي، تڏهن رَندن تـي روئنـدي وتـي.

[987]

تــي روئــي **آنـــن** تــي، چئــي **مـــال ڙي مـــال!**

آن جون=راهون>راهن. مال=گهوڙا.

تــي روئــي راهــن تــي، چئــي: گهــوڙا ڙي گهــوڙا!

[988]

وڻـــن تــي روئــي، **نـــالي** متــي سســئي.

وڻ=ڪيهرو>ڪهي. نالو=واٽُو>واٽن.

ڪـَــهي ۾ روئــي، واٽــن متــي سســئي.

[989]

ذات جـــا، **مـــال** جـــا، پنهـــل جـــا، **گاهـــ** ۾.

ذات=آنچي>اچي. مال جا=پُورَ. گاهه=پِندُ (گَڏو)> پِندو (جسم).

اچــي پــُــور پــون، پنهـــل جـــا پـــِــندي ۾.

[990]

ڪـــاني بيـــڙيءَ جـــن، نرنـــانءَ جـــا **عضـــوي** ۾.

ڪاني=آنچي>اچي. بيڙيءَ جا=پُور. نرنان= پنهل. عضوو=پِندو (=جسم).

اچــي پــور پــون، پنهـــل جـــا پـــِــندي ۾.

[991]

آءُ **تــي** توڪــي **عضــون** ۾ ڳوليــان، پــر تــون ليبــن نتــو،

هـــاٽي وري **عضـــون** ڪـــان پيچـــان.

عضوا=چپر>چپرن. عضوا=تارا>تارن.

آءُ تــي توڪــي چپــرن ۾ ڳوليــان، پــر تــون ليبــن نتــو،

هـــاٽي وري تـــارن ڪـــان پيچـــان.

[992]

ڪاسبڪي آهيان منهنجا پرين، **ڪڙمڪي** مون سان ڪر.

ڪاسبڪي=مَتَڪي>مان +تَڪي.

ڪُڙمڪي=واهر.

مـان تڪي آهيـان منهنجا پريــن، واهــر مــون ســان ڪــر.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[993]

ڪوهيارا! تون ڪاڻ، ڪٺي ڪنيوسين ڪاٺ،
پيچن ڏس پرين جو، سي ماٺهو آهن ڪاٺ،
لايان تي لڱن ڪي سنڌءِ پيرن ڪاٺ،
ور ڪوهيارا سپرين! هٺي ڪاٺ متي ڪاٺ.

ڪاٺ=برتن. ڪاٺ=پياني. ڪاٺ(جي)پٽي.
ڪاٺ=ڪرهو. ڪاٺ=ڪام.

ڪوهيارا! تو ڪاڻ ڪٺي ڪنيوسين برتن ني،
پُچن ڏس پرينءَ جو، سي ماٺهو آهن پياني،
لايان تي لڱن ڪي، سنڌءِ پيرن پٽي،
ور ڪوهيارا سپرين، ڪَرهن متي ڪام هٺي.

[994]

ذات ٻولي الله ڪندو، آءُ تہ جر جي آهيان.

ذات=شر>سر. ٻولي=پوش. جر جي=
گهاري>اُگهاڙي.

سِر پوش الله ڪندو، آءُ تہ اُگهاڙي آهيان.

[995]

راند جا سڻ نرنانءَ، تہ نالو ڏسان شهر ۾.

راند جا= سڏ. نرنان=سردار. نالو=پنهون.
شهر=پَب.

سَڏ سڻ سردار، تہ پنهون ڏسان پَبَ ۾.

[996]

آءُ نرنانءَ!ڏي مال جا، وڻ جن ۾ ڏڻ جي آهيان.

نرنان=آري. مال جا=اڏوڙ>آڏر. وڻ جا =
تار>تارن. ڏڻ جي=اُج>اُجي.

آءُ آري! ڏي آڏر، تارن ۾ اُجي آهيان.

[997]

الله ٻہ نالا ڪر، مان واٽڪي وجان.

ٻہ نالا=هڪ نالو'ميگهہ'، ٻيو نالو'ملهار'.
واٽڪي=تڏڙي.

الله! ميگهہ ملهار ڪر تہ مان تڏڙيءَ وجان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[998]

نارنانءُ سور نہ **پوک جي**، هن کي **ڪپڙي** سُور پيا.

نارنان=سسئي. پوڪ جي=ڪرتي. ڪپڙي جا=چرٽا.

سسئي سور نہ ڪَرتي، هن کي چَرٽا سُور پيا.

[999]

قرب جي ويجهي ڪئي، جا **تَبڪي** ڪيائين،

قرب جي=وِڪَ. تَبڪي=ڪُهي.

وِڪَ تنهن ويجهي ڪئي، جان ڪُهي ڪنيائين.

[1000]

نالي ماريس جيڏيون، **وَل** متي سورن،

ڪپڙو تي **نالو** ڪري، اهو **نرناءُ** نہ پاروچن.

نالو=هيبت. ول=ڪانئل>ڪاهل. ڪپڙو=ڪورو>

ڪو +روئي. نالو=عرض. نرنان=لائق.

هيبت ماريس جيڏيون! ڪاهل ڪيس سورن،

ڪو روئي تي عرض ڪري، اهو لائق نہ پاروچن.

[1001]

سسئي! سورن **وڪر** ڪيئي، پر **وڪر** چڏيئي ڪين.

وڪر=پاهہ. وڪر=ڪِنڙو>ڪنارو.

سسئي! سورن پاهہ ڪيئي، پر ڪنارو چڏيئي ڪين.

[1002]

عيبدار نالي ڪئي، تڏهن تي **مرون جون** ڪائي سسئي.

عيبدار=بُري>برائي. نالو=بخت. مرون

جون=سَٿُون.

برائي بخت ڪئي، تڏهن تي سٿون ڪائي سسئي.

[1003]

ذات لاءِ تي **ذاتيون** تيان، پر پنهنجون **ذاتيون**

ڪنهن کي ڏيان!

ذات=پنهور>وَر. ذات=پَٽ>پَٽُون. ذات=

گندرا>گوندر.

وَرَ لاءِ تي پِٽون تيان، پر پنهنجو گوندر

ڪنهن کي ڏيان!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1004]

نـــالو وڏو بـــلا، تـــي مـــرض پانيـــان.

نالو=ڏونگر. بلا=ڏکو. مرض=وِرهه.

ڏونــــگر وڏو ڏکـــو، تـــي وِرهـــه پانيـــان.

[1005]

جبــل مــان جــو وهـــٽ اچــي، **نـــالو** مــون وٽــي.

وهٽ=جابـُو>جا +بوءِ. نالو=صابو>سا +بـُوءِ.

جبـل مـان جـا بـُـوءِ اچـي، سـا بـُـوءِ مـون وٽــي.

[1006]

ذات نـ ڏنو ڪاٿ جو، مون کي **عضوي** ٿيو نـار.

ذات=سهاڳ. ڪاٿ جا=ڏها>ڏهاڳ عضوو= ڇپر ، نار =نصيبان > نصيب.

سـهاڳ نـ، ڏنـو ڏهـاڳ، مـون کـي ڇپـر ٿيـو نصيـب.

[1007]

نـالي ۾ نرنـانءَ بـُـڌي، وهـــٽ جـــي ڏنــائين.

نالو=هاڙهو. نرنان=هيبت. وهٽ جي=هڪل>
هڪلي.

هـــاڙهي ۾ هيبـــت بـُــــڌي، هڪلـــي ڏنـــائين.

[1008]

ڏونـگر منجهـ تـي **ڪــاڇ** ڪيـا، تـڏهن بـ **عضــوي**
ٻولـــي هـــوت ويـــا .

ڪاڇ=ماسَ> مان +سڌ. عضوو=ڪَن>ڪَنين
ٻولي=سـُٽيو.

ڏونـگر منجهـ تـي مـان سڌ ڪيـا، تـڏهن بـ ڪـَنين
سـُــٽيو پئـــي هــوت ويــا .

[1009]

ڪـُتي تي چڙهي، **عضوي جون** ڪٽي **مرون جون** ڪيام،
مـــن **اُٿ عضـــوي** جـــو ڏيـــن.

ڪـُتو=جبل(جو نالو) . عضوي جونَ=ٻانهون.

مرون جون=ڪيهون. اُٿ=ڪِجي>ڪِيچي. عضوو=ڪن، ڪـَنرو

جبـل تـي چڙهـي، ٻـانهون ڪٽـــي، ڪيهـــون ڪيـــام،
مـن ڪيـچـي ڪـَـنرو ڏيـنِ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1010]

ڏاند چڙهيو تي روئي، **اَن جي** ڪارڻ سسئي.

ڏاند=رائو(رنگ)> رائي. ان جو=سنگ>
سنگت.

رائي چڙهيو تي روئي، سنگت ڪارڻ سسئي.

[1011]

لوهه جا ڏسيو تي روئي، **پوک** ڪارڻ سسئي.

لوهه جا=رَندا>رَند. پوک جو=سنگ>سنگت.

رند ڏسيو تي روئي، سنگت ڪارڻ سسئي.

[1012]

پِٽَ جي ڪنيو تي روئي، **اَن جي** ڪارڻ سسئي.

پِٽَ جي=ڳاٽَ. ان جو=سنگُ> سنگت.

ڳاٽ ڪنيو تي روئِي، سنگت ڪارڻ سسئي.

[1013]

اُٺ **ڪاٺ جيئن** وڃن، **زمين جي** ڪريان،
تہ **ڪپڙي جيئن** وڃن.

ڪاٺ جو=ڪَنُو(مياڻ)> ڪنيو. زمين جي=نگاهہ.
ڪپڙي جي=پِٽَ.

اُٺ ڪنيو وڃن، نگاهہ ڪريان تہ پِٽَ پيا وڃن.

[1014]

روپئي جا ڪٽي، **ڪامڻ** ڪيئي **پنهنجا** ڪيا.

روپئي جا=رَند. ڪامڻ=سسئي. پنهنجا=سڏ.

رَند ڪٽي سسئي، ڪيئي سڏ ڪيا.

[1015]

نرنانءُ جيڪي ڪالهہ هئا، سي **پنهنجو** اڄ نہ ڏين،
مون سان **ڪاٺي** تين، من **نرنانءُ** پنهنجو ڪن.

نرنان=ساٽي. پنهنجو=سڏ. ڪاٺي=ساٽي.
نرنان=ڪرم.

ساٽي جيڪي ڪالهہ هئا، سي سڏ اڄ نہ ڏين،
مون سان ساٽي تينِ، من ڪرم پنهنجو ڪن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1016]

جي مون وٽ مٿي ڪانيءَ جي هجي ها، تہ پنهل
ڪي راند جا نہ ڏيان ها.

مٿي=چيني. ڪانيءَ جي=گهوڙي. راند جا=پَٽُن.

جي مون وٽ چيني گهوڙي هجي ها، تہ پنهل ڪي پَٽُن
پٽڻ نہ ڏيان ها.

[1017]

جيت ويچاري سسئي، تي قِري منجهہ جيتن.

جيت=ڏکٽهاري. جيتن=ڏونگر.

ڏکٽهاري سسئي، تي قِري منجهہ ڏونگرن.

[1018]

عضون ۾ اُتن جا، آيا پن نالن لئي.

عضوو=ڪن>لڪن. اُتن جا=لوڏا. ٻہ نالا=
هڪ نالو'خان' ٻيو نالو'پنهون'.

لڪن ۾ لوڏا، آيا خان پنهون لئي.

[1019]

ڪاٺ ۾ پئي ڪاڄَ ڪيان، وڪر منهنجا پرين!

ڪاٺ=ڏونگري>ڏونگر. ڪاڄ=ماس>مان +
سڏ. وڪر=آمل>آءُ +مل.

ڏونگر ۾ پئي مان سڏ ڪيان، آءُ مل منهنجا پرين!

[1020]

وڏيون ڪيم ڏڻ جون، موٽ نالا! آءُ ٻہ ڪا وڻ جي؟

ڏڻ جون=ليلڙيون. نالو=ڪامل. وڻ جي=مُئي.

وڏيون ڪيم ليلڙيون، موٽ ڪامل! آءُ ٻہ ڪا مُئي؟

[1021]

مال جون لوڏينداس، جهنگ جون چام پنهون سان.

مال جون=نونهيون>نہ +هينئون. جهنگ جون=
جوهيون>جو +هينئون.

نہ هينئون لوڏينداس، جو هينئون چام پنهون سان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1022]

هــورنِ هــاڙھو لنگھيــو، ڳوُريــون پاســي ڳــوٺ،
ڪيچ تنين کي ڪوٺِ، **جا ڪپڙي جي** ڪين ڪٽـي.

ڪپڙي جي=ڪَـهي.

هــورنِ هــاڙھو لنگھيــو، ڳوُريــون پاســي ڳــوٺ،
ڪيـچ تنيـن کـي ڪـوٺ، ڪـَـهي جـا ڪيـن ڪٽـي.

[1023]

ٻــ **پڪــي** تــي مرَ سســئي، توســان **نرنــانءَ** ڪنــدو.

ٻہ پڪي=هڪ ڪانءُ ٻيو>ڪانهل. نرنان= سائينداد>سائين +داد.

ڪــانهل تــي مرَ سســئي ، توســان ســائين داد ڪنــدو.

[1024]

مــال جــي شــهرن ۾، نــ تــ **ذات** تيندـيــنءَ سسـئي!

مال جي=پولڙي>پٺو +لڙي. شهر=گام> گامن. ذات=اَجڙ>اُجڙ.

پٺــو لڙي گــامن ۾، نــ تــ اُجــڙ تيندـيــنءَ ســســئي!

[1025]

ٻــاراٽي ۾ هيــاس، مــون **پنهنجــو** ڏنــو ئــي ڪونــ.

ٻاراٽي=ونڊر. پنهنجو=فڪر.

ونــڊر ۾ هيــاس، مــون فڪــر ڏنوئــي ڪونــ.

[1026]

جنگ جو لنگھي سسئي، **ڪاسبکي** ڪيچين ڪاڻ.

جنگ جو=ڪيڏارو>ڪيڏا +روهہ. ڪاسبکي= مَـتَـڪي>مرَ +تَـڪ.

ڪيـڏا روهــ لنگهـي سسـئي، مرَ تـڪ ڪيچيــن ڪــاڻ.

[1027]

هي **رَچ حاڪيماٽا** ڏسجن، سـي هــونِ من **ولايت** جا.

رَچ=دَرَ(ڪاٺ جا پيالا). حاڪيماٽا=خط>خت. ولايت=هاڙهو.

هــي درخــت ڏســجن، ســي هـُـونِ مــن هــاڙهي جــا.

[1028]

نالو نالي هيٺ، مون مال جو ڏنو ڙي!

نالو=چنڊ. نالو=تارو. مال جو=گس.

چنڊ تاري هيٺ، مون گس ڏنو ڙي!

[1029]

پکي ڳهه وجي، چڙهي عضوين سسئي.

پکي=ڪرگس>گس. ڳهه=بينا>بنان. عضوو

=چوٽي>چوٽئين.

گس بنان وجي، چڙهي چوٽئين سسئي.

[1030]

جبل جا چڙهي، پوءِ پکي تي پلٽياٿين،

وجي ائين چياٿين، ته **جر جي** آهيان جيڏيون!

جبل جا=لڪ. پکي=هنجهه>هنجهون.

پلٽياٿين=هارياٿين. جر جي=چُڪي.

لَڪن تي چڙهي، پوءِ هنجهون هارياٿين،

وجي ائين چياٿين، ته چُڪي آهيان جيڏيون!

[1031]

وڻ جا ڪائي ڪتي جن ۾، عضوا ڪٽي نرنانءَ

ڪي آءُ **شهر** ۾ ڏسنڌياس.

وڻ جا=لوڏا. ڪُتي جي=لَڪ>لَڪن

عضوا=پير>پيرا. نرنان=پنهل. شهر=ڪيچ.

لوڏا ڪائي لَڪن ۾، پيرا ڪٽي پنهل جا،

آءُ ڪيچ ۾ ڏسنڌياس.

[1032]

مال جن ۾ سسئي، ڪاڄ جي ڪيچن ڪاڻ.

مال جن=لَڪَن. ڪاڄ جي=ڪَڙهي>ڪڙهي.

لڪن ۾ سسئي، ڪڙهي ڪيچين ڪاڻ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1033]

مـرون ۾ مـال جـي، مـَـنَ کـو کـاچ جــو پويـئـي.

مـِرون جي=لـَـڪ لـَـڪ>لـَـڪُ لـَـڪُ. مال جي=
ڦولـڙي> ڦولهہ + ڙي. ڪـاچ جو= ڪوپرو>
ڪو +پـَرو.

لـَـڪُ لـَـڪُ ڪري ڦولهہ ڙي! مـَـنَ ڪـو پـَـرو پويـئـي.

[1034]

ڪـاني ڪيچيـن ڪـاڻ، سـتَ جـي ڍهـاڙي سسـئي.

ڪاني=لڪڙي>لـَـڪ +ڙي. سُـتَ جي=ڏور.

لـَـڪَ ڙي ڪيچيـن ڪـاڻ، ڏور ڍهـاڙي سسـئي!

[1035]

مــال جــن تــان چڙهــي، وجــي پکيــن ۾ پيئــي.

مال جا=گهٽ>گهـَـٽـَـن. پکي=گهـُـگهـُـ.

گهـَـٽن تـان چڙهي، وجـي گهـُـگهـَـن(گهـاٽن جهنـگن)
۾ پيئـي.

[1036]

پنهون منهنجو **جبل** هـو، **جبـل** ڳوليـان ڇـو نــہ ميـان!

جبل=جاڏو>جاڏهون. جبل=تاڏو(ڏنگو)
>تاڏهون.

پنهون منهنجو جاڏهون هـو، تـاڏهون ڳوليـان ڇـو نــہ ميـان!

[1037]

ذاتيــــون ڳولينديـــاس، نــــالو نــاهي مـــن ۾.

ذاتيون=رِند>رَند ۾ راهوما>راهون +مان. نالو = مونڻ.

رَنـد ۾ راهـون مـان ڳولينديـاس، مونـڻ نـہ آهـي مـن ۾.

[1038]

نــالي ذات وينديـاس، مـان مـرض جــي نـہ ڪـڏهن.

نالو=صابو>سا +پـُون. ذات=پاتيا>پيٽيندياس.
مرض=ڏُني>ڏِني.

سـا پـُـون پيٽيندپـاس، جـا مـون نـہ ڏنـي ڪـڏهن.

[1039]

ذات پنهنجـــي، عـــورت تنهـــن نـــالي كـــي.

ذات=مالهي>مانَ +لهي. پنهنجي=سڌ سماءُ.

عورت=پُڇان. نالو=پرين.

مـــانَ لهـــي ســـڌ سمـــاءُ، پڇـــان تنهـــن پريـــنءَ كـــي.

[1040]

پنڌ جـــي هوتـــن كـــي هئـــي، تـــڏهن آءُ عضـــوو هيـــاس.

پنڌ جي=وڇوتي. عضوو=مَرهي>مان +رهي.

وِڇوتـــي هوتـــن كـــي هئـــي، تـــڏهن مـــان رهـــي هيـــاس.

[1041]

كـــاٺ كٽيو تـــي هكلون كري، وڻ ڏسيو تـــي روئـــي،

هـــاٿي كيئـــن وري، جنهـــن جـــو كـــاڄ اڳـــي تيـــو.

كاٺ=پاهو>ٻانهون. وڻ=هيرڻ>هيءُ +رڻ.

كاڄ=چانور>ور.

ٻـــانهون كٽيـــو تـــي هكلـــون كـــري، هـــيءُ رڻ ڏســـيو

تـــــــي روئـــــــــي،

هـــاٿي كيئـــن وري، جنهـــن جـــو وَرُ اڳـــي تيـــو.

[1042]

وڻ كـــان پاســـي تـــي، مـــرون ڏســـيو پيئـــي روءِ،

كيچيـــن پچاڻـــا پـــوءِ، نـــہ نارنـــانءُ سســـئي.

وڻ=تهنور>تنهن +وَر. مرون=راگو>راڳا>

پيراڳا. نارنان=جيئندي.

تنهـــن وَرُ كـــان پاســـي تـــي، پيراڳـــا ڏســـيو پيئـــي روءِ،

كيچيـــن پچاڻـــا پـــوءِ، نـــہ جيئنـــدي سســـئي.

[1043]

تنهن كي پوك رچن تي ناهي، جنهن جا نالا پرڏيهي،

سان نالي بنان نارنانءُ، مال جي سگهي نہ ويهي.

پـــوك= آرڻ> آرام. رچ= تنور> تـــن. نالو=

رفيق. نالو=جانب. نارنان=جيئري. مال جي=

=بري>بـَرنِ.

تنهن کي آرام تن ۾ ناهي، جنهن جا رفيق پرڏيهي،
سا جانب بنان جيئري، ٻرنِ ۾ سگهي نه ويهي.

[1044]

وڻ نه نهار، وجي **ڳهه** نهار سسئي!

وڻ=هيرڻ>هيءُ+رڻ. ڳهه=دُر>ڏُر.

هيءُ رڻ نه نهار، وجي ڏُر نهار سسئي!

[1045]

وڻ چڙهيو تي **وڻ** چڙهان، مون کي **وڻ** ۾ پيئي رات،
پرهه ڦٽيءَ پريات، **عضوي** پوان **پکي** کي.

وڻ=هيرڻ>رڻ. عضوو=پير. پکي=کيچي.

رڻ چڙهيو تي رڻ چڙهان، مون کي رڻ ۾ پيئي رات،
پرهه ڦٽيءَ پريات، پيرين پوان کيچي کي.

[1046]

ڪاٺ چڙهيو **ڪاٺ** چڙهان، **ڳهه** پايو **مال جا** ڪريان،
پوک جي ڪري، **نرناڻ**ءُ کي چوي ته تو بنان
منهنجو **نرناڻ**ءَ ناهي.

ڪاٺ(جا)=آرٽ>آرٽن. ڪاٺ(جا)=پَٽ>پَٽن.

ڳهه=منديون. مال جا=گهوڙا. پوک=ڪوڙ.

نرناڻءُ=پنهون. نرناڻءَ=جيئڻ.

آرٽن چڙهيو پٽن چڙهان، منديون پايو گهوڙا گهوڙا ڪريان،
ڪو رڙ ڪري پنهون کي چوي، ته تو بنان منهنجو
جيئڻ ناهي.

[1047]

وڪر تي آيس **وڪر** نه کيائون،
مرون جيئن من ڪري، **پوک جي** ڏنائون،
مچي ۽ **پاٽي جي**، مون سان نه کيائون،
تنهين سان آءٌ، **سور** سلي چا ڪريان!

وڪر=سچي (جيري وغيره). وڪر=سچي>سچ.

مرون جي=ويهڪ>ويهاري>ويا ڙي. پوک

جي=ڏنگي. مڇي=ڪاٺڻ. پاڻي جي=پيئڻ.
سُور سلڻ= ڳوڙها ڳاڙڻ.

سچي تي آيس، سچ نه ڪيائون،
ويا ڙي وٽ ڪار ڏي، ڏنگي ڏنائون،
ڪاٺڻ ۽ پيئڻ جي، مون سان نه ڪيائون،
تنهين سان آءُ، ڳوڙها ڳاڙي ڇا ڪريان!

[1048]

آءُ مال جن لاءِ ڪاچ جي ڪاني تياس،
پر مال جن ڏينهن ڪيو ڪون.

مال جا=ڪيچي. ڪاڇ جي=ڪڙهي. ڪاني=ڪاري.
مال جا=ڪيچي. ڏينهن=قدر.

آءُ ڪيچين لاءِ ڪڙهي ڪاري تياس، پر ڪيچين
قدر ڪيو ڪون.

[1049]

وٺيو لوهه جو وڄو، اي مال وارا!

لوهه جو=نعل>نال. مال=ڏاگها>ڏاگهن.

وٺيو نال وڄو، اي ڏاگهن وارا!

[1050]

جن پوک جي، تن نه ڪپڙي جي، پوءِ وڄي
مال جي تي.

پوک جي=پَلي. ڪپڙي جي=جهلي. مال
جي=هيڪلي.

جن پَلي تن نه جهَلي، پوءِ وڄي هيڪلي تي.

[1051]

نار نالي نه سسئي! چڱو پار جو ڪيچين ڪاڻ.

نار نالي=سمي>سُمهه. پار جو=رُسڻ>رَسڻ

سمهه نه سسئي! چڱو رَسڻ ڪيچين ڪاڻ.

[1052]

جر جي گاهه مرَ ڪوڙ، جيسٽ مٿيءَ جي سسئي.

جر جي=کُهي. گاهه=مونو. جيت=ڪڻ. منٺيءَ
جي=هڻ.

ڪُهي مونو مڱ ڪوڙ، هڻ ڪڻ ڙي سسئي.

[1053]

ذات جا چنڌ سسئي! اُتي مال جا ڪر.

ذات=ٻهڻ>ٻيهڻ. مال جا=ڪشالا.

ٻيهڻ چنڌ سسئي! اُتي ڪشالا ڪر.

[1054]

سُٽ ذات جون سسئي، هٿين جهلج تون،
هتي نہ ويهنديءَ تون، ولايت ڳولح سسئي.

سُٽ جون=مهارون. ذات=مَيا. هٿن جون
=چڪيون>چڪي. ولايت=ڪيچ.

مهارون مَين جون، چِڪي جهلج تون،
هتي نہ ويهنديءَ تون، ڪيچ ڳولح سسئي.

[1055]

هندو نالي سسئي! اڳُون مال جون.

هندو نالو=نَول>نہ +ول. مال جي=مِلس>
مِلسُون.

نَہ وَل سسئي! اڳُون مِلسون.

[1056]

وٹن تان پئي ويئي، ڪنهن نالي ساڻ ِسسئي.

وڻ=نانگ ڦڻ. نالو=آمانُ.

نانگ ڦٹن تان پئي ويئي، ڪنهن امان ساڻ سسئي.

[1057]

چم جي ڪيچين ڪاڻ، هو مال جا تيا سسئي!

چم جي=چوڳر>چو +ڳرين. مال جا=لانگها>
لانگهائو.

چو ڳرين ڪيچين ڪاڻ، هو لانگهائو تيا سسئي!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1058]

ٻـــن لوهـــــن وچ ۾، ســــئي ويــــائي،
مــوٽ پنهــل پــائي، پيــڻ مرئــي تــي پــانهنجي.

لوهہ(جا) =وَٽَ>وَٽن>واٽن. ويائي=پير لڌا.
پائي(هندو) =جُڳير. پيڻ=آدي>پيادي.

ٻـــن واٽـــن وچ ۾ ســـــئي، لـــذا پيـــرَ
مــون پنهــل جُـــڳيں پيــادي مرئــي تــي پــانهنجي.

[1059]

وڻ پيـــر تـــام، تــڏهن نـــالن مـــاري آهيـــان.

وڻ=چوڙَ>چور. نالو=مـيون>مَين.

چـُــورَ پيــر تيــام، تــڏهن مـُـين مــاري آهيــان.

[1060]

مــون پنهنجــا عضــوي، گهــر جـــا نرنـــالن كــي.

پنهنجا= سڏ. عضوو= كياڙي> كيا + ڙي.
گهر جا=جارا>جاڙا. نرنالن=جيتو>جت>جتن.

مــون ســڏ كيــا ڙي، جـــاڙا (ٻـــتا) جتــن كــي.

[1061]

كـاغذ جـي هلـي كـپـڙي ۾ سا شــهر پيــر پڇـاءِ.

كاغذ جي=بندي. كپڙي(جو)ٻـَرُ. شهر=
كيچ. پير=قادر.

بنـدي هلــي بـَـرَ ۾، ســا قــادر! كيــچ رســاءِ.

[1062]

هيكــــر وڻكـــار ۾، نـــالو كـــائي تـــيءُ،
پيهـــر وڻكـــار ۾، نـــالو كـــائي تـــيءُ،
ٽيهـــر وڻكـــار ۾، نـــالو كـــائي تـــيءُ.

نالو=صاحب. كائي=ساٿي. نالو=كامل.
كائي= كـولـُون (گهاٽو). نالو= ڊوليو.
كائي=ڊكڻ.

هيكـــر وڻكـــار ۾، صـــاحب ســـاٿي تـــيءُ،
پيهـــر وڻكـــار ۾، كـــامل كولـــُـون تـــيءُ،
ٽيهـــر وڻكـــار ۾، ڊوليـــا ڊكـــڻ تـــيءُ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1063]

ذات اُتي مال جو نہ هجي، تہ جيڪر نار نالي وجان.

ذات=راهوجا>راهہ. مال جو=قُرُ>قُرَ

نار نالي=آسودي.

راهہ اُتي قُر نہ هجي، تہ جيڪر آسودي هلي وجان.

سسئيءَ ڪي ايلپهنوار گڏجڻ

[1064]

سسئي مال جن ۾ ذات ڪپڙي جي.

مال جا=برا>برن. ذات=پنهور. ڪپڙي جي=

جهلي.

سسئي بسَرن ۾ پهنوار جهلي.

[1065]

ڪُتي تي چڙهي ڪاٺ جو ڪٽي، من ڏنار ڏڻ جو ڪري!

ڪتو=جبل(جو نالو). ڪاٺ جو=هٿيو>هٿ.

ڏنار=ٻڪرار. ڏڻ جو=ڪُوڪرو.

جبل تي چڙهي هٿ ڪٽي، من ٻڪرار ڪُوڪِرو ڪري!

[1066]

عورت نڪتي شهر مان، نالو پچندي ويئي،

نالو گڏيس ڪونڪو، وجي ذات تي پيئي.

عورت=سسئي. شهر=ڀنيور. نالو=پنهون.

ذات=پهنوار.

سسئي نڪتي ڀنيوز مان، پنهون پڇندي ويئي،

پنهون گڏيس ڪونڪو، وجي پهنوار تي پيئي.

[1067]

ڪَڏن مون ڪي نالو ڏنو، ماڻ ڪڏن پهچان،

ادا ڙي مال وارا! تون نہ ڪانيءَ جي، مان نالن ڪي رسان.

ڪڏ=گور>گوئرن. نالو=موسيٖ>مُسايو.

ڪڏ=گور>گوئرن. مال وارو=ٻڪرار.

ڪانيءَ جي=جهَل. نالو=جت>جتن.

گوئرن مون ڪي مُسايو، ماڻ گوئرن پهچان،

ادا ڙي ٻڪرار! تون نہ جهل، مان جتن ڪي رسان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1068]

ذات ڪاريگر جي، نرنالو آزار جي نار نالي مون.

ذات=دايا>دائي>مدائي. ڪاريگرجي=مَنڻ>
من +۾. نرنالو=امانُ>اما +نہ. آزار جي=سُتي.
نار نالي=ڏِني.

مدائيءَ جي من ۾، اما، نہ سُتي ڏني مون.

[1069]

هندو نالي مرون، ذات هئي وڪر جي،
پڪي ماڪيءَ جي، وجي نر نالي سان رسي،
نالن ڪئي جر جي، جو هٿ آئي ذات واري ڪي.

هندو نالو= نائون. مِرون= چاهي> چائي.
ذات= ڪتي. وڪر= پالي (ناس جو قسم).
پڪي=باپيهو. ماڪيءَ جي=لار>لاري. نرنالو=
پنهون. نالو=هوت>هوتن. جَر جي=ڪَسي.
ذات وارو=پڪرار.

نائُونءَ جي چائي، ڪتي هئي پالي،
باپيهي جي لاري، وجي پنهون سان رسي،
هوتن ڪئي ڪسي، جو هٿ آئي پڪرار ڪي.

[1070]

ڪپڙي ۾ مرض ڏنائين، تڏهن ساز ڪان نرنانءُ گهريائين.

ڪپڙي(جو)=بَر. مرض=پهار>پهنوار. ساز=
ستار. نرنان=پناھ.

بَر ۾ پهنوار ڏنائين، تڏهين ستار ڪان پناھ گهريائين.

[1071]

رچن ڪان رکين، نرنانءَ! مال جي ڏيکار مون.

رچ=بدنو> بدنن> بدوئن. نرنان=محبوب.
مال جي=واٺ.

بَدوئُن ڪان رکين، محبوب! ڪا واٺ ڏيکار مون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1072]

ڪـِني آدم كان **عورت**، وجي **پنهنجن** ۾ **كــاچ** تيان.

ڪـِنو آدم=بـَدُو. عورت=ٻچي. پنهنجا=لڪ>

لڪَن. ڪاچ=لوڙهہ.

بــَـدُوءَ كــان ٻچــي، وجــي لڪــن ۾ لوڙهــ تيــان.

[1073]

هيءَ **نڪــر جـــي نرنــانءَ** تــان، **باهــ جــو ڪــر**.

نڪر جي=سـِر. نرنان=پنهل. باهہ جو=ڪـُل

قلبان>(قربان).

هـــيءُ ســـِـــُر پنهـــل تـــان قربـــان ڪـــر.

[1074]

هنــدو نـــالي جيـــت، تــ آءُ **گهـــر جـــي** وجـــان:

هندو نالو=ڏرمون>ڏَرَ>آڏر +مـُون. جيت=

ڏيڏري>ڏي +ڏري. گهرَ جي=پيهي.

آڏر مـُـــون ڏي ڏري، تـــــ آءُ پيهـــــي وجــــان.

[1075]

جيــت چڱـِـي جــو، آءُ **ذات** كـــان **نـــار نـــالي** وجـــان.

جيت=ڏينيو>ڏي +يـُونءِ. چڱي=جاءِ. ذات=

پهنوار. نار نالي=ٻچي.

ڏي يـــون جـــاءِ تـــ، آءُ پهنـــوار كـــان ٻچـــي وجـــان.

[1076]

مـــون تـــي **نـــالا** جـــن ركيـــا، **كـــاچ** بـــ ركنديـــن تـــن جـــو.

نالو=ايوب>عيب. كاچ=پـَت.

مـــون تـــي عيـــب جـــن ركيـــا، پـــت بـــ ركنديـــس تـــن جـــي.

[1077]

جڏهن ڏنائين **مال مرض**، تڏهن **جر جبل جـــي** تـــي سسـئي.

مال=ٻاڪر. مرض=راڙ>رار. جر جي=ٿٻي.

جبل جي=گار.

جڏهن ٻكرار ڏنائين، تڏهن ٿبي (هٽـي)گـار تـي سسـئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1078]

زمين ڪپڙي ڪاٺ جي ٿي، تنهن ۾ زمين جي ٿي نارنانءِ

ڪپڙي جي=ڦاٽي. ڪاٺ جا=ٻُڪا. زمين جي=
غار. نارنان=سسئي.

زمين ڦاٽي ٻُڪا ٿي، تنهن ۾ غار ٿي سسئي.

[1079]

ذات ڪپڙو، هو نالو ئي نہ.

ذات=قزاق>قضا. ڪپڙو=گوئنڪي>گوُن +
ڪئي. نالو=ڦبيو.

قضا وڃي گئون ڪيئي، هو ڦبيوئي نہ.

[1080]

گهوڙو نرنانءَ ڪيائين، تہ بہ شهر نہ پُڳي سسئي.

گهوڙو=هزاري>هزارين. نرنان=حيلو. شهر=ڪيچ.

هزارين حيلا ڪيائين، تہ بہ ڪيچ نہ پُڳي سسئي.

پنهون جو ڪيچ ڪان موٽڻ

[1081]

ناٽي مرض جا سسئيءَ ڪي هئا، پر پاٽي جو
پنهون بہ نہ هو.

ناٽي جا=سَوَ. مرض جا=سُورَ. پاٽي جو=خالي.

سَوَ سور سسئي ڪي هئا، پر خالي پنهون بہ نہ هو.

[1082]

پنهنجي ذات ڪي زحمت مال جو، تڏهن جر وڪر
جو ٿيس.

پنهنجو=عشق. ذات=آرائين>آري. زحمت=آزار.
مال جو=مچايو. جر جو=وَهڻ>ويهڻ.وڪر=وهُہ

عشق آريءَ ڪي آزار مچايو، تڏهن ويهڻ وهِہ ٿيس.

[1083]

نرنانءَ ننڊ جو نالو، تڏهن شهر مان مال جو ٿيو.

نرنان=پنهون. ننڊ جو=خواب. نالو=لڌو.
شهر=ڪيچ. مال جو=روانو.

پنهونءَ خواب لڌو، تڏهن ڪيچ مان روانو ٿيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1084]

اک جـي، جا عضوي لڳي، سا جنـگ جـي تہ نہ!

اک جي=لچ. عضوو=ڳچي. جنگ جو=
چڏڻ>چڏبي.

لـچ، جـا ڳچـيءَ لڳـي، سـا چـڏبي تـہ نـہ !

[1085]

ذات، جهـل ان جـو، كريـان فقيـر كـاچ جـي.

ذات=جت. ان جو=ميو. فقير جي = زيارت.
كاچ جي=لوڙهہ.

جـت، جهـل مـَيو، كريـان زيـارت لوڙهـہ جـي.

[1086]

كپـڙي سندي رچ جـي، نـالي كـي دل جـو وڏو.

كپڙو=چُني. رچ جو=چِٽُ. نالو=پنهون.
دل جو=شڪ.

چـُـنيءَ سـندي چـِـٽَ، پنهـون كـي شـڪ وڏو.

[1087]

ســــئي ۽ پنهـــل، ٻئـــي جتـــيءَ ۾.

جُتيءَ جا=لَڪَ.

ســـئي ۽ پنهـل، ٻئـــي لـــَكـــَن ۾.

[1088]

نـالو نـالي ناهہ، نـالي مـاري سسـئي.

نالو=يارُو> يار. نالو=بيگن>بيگناهہ. نالو=محبت.

يـارو! بيگناهـہ محبـت مـاري سسـئي.

باب اٺون

سُرائتيون ڳجهارتون: مورڙو

[1089]

نالو ۽ نرنانءُ وڏي ذات هئا.

نالو=بانڪو. نرنانءُ=بهرام. ذات=ٻهليم.

بانڪو ۽ بهرام وڏا ٻهليم هئا.

[1090]

ڪاني نرنانءُ متان نالي نام ڦٽي ڪئي.

ڪاني=مُهري>مُهر. نرنانءُ=مور.

نالو نام=دلوراءِ.

مُهر مور متان (گهوري)، دلوراءِ ڦٽي ڪئي.

[1091]

هليا شهر ولايت جرجا ڪاتي.

شهر=ڪمرڪش. ولايت=جولان>جوان.

جر جا=غرق.

هليا ڪمر ڪشي جوان، غرق ٿيا ڪاتيءِ.

[1092]

پنهنجا ڪين ڪاٺ، جي مال جا جرجن.

پنهنجا=وياءَ>ويا. ڪاٺ جا=وَرا>ورن.

مال جا=نيا. جر جا=نڪونج.

ويا ڪين ورن، جي نيا نڪونج.

[1093]

پَٽَ نرنانءَ جا، ذات جانور گهر جا.

نرنان=الله اويايو. ذات=مانگَ>مانگر.

جانور=مڇ. گهر جا=ڳتا>ڳتا.

پَٽَ الله اويايي جا مانگر مڇ ڳِتا.

[1094]

نالا تہ گهٽئي بهادر هئا، پر ڪيائين منهن جو هڪڙو.

نالو=مانجهي. بهادر=مَل. مُنهن جو=چڪ.

مانجهي تہ گهٽئي مَل هئا، پر ڪيائين چڪ هڪڙو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1095]

نالي ۾ نرناءَ کي، ساري ڏج سلام،

تہ اوهان کئي **مال جي، ککن جي** کئي کامَ.

نالو=مورڙو. نرناءُ=ملاح. مال جي=تَڪ.

ککن جي=ڏَنَ>اَدن.

مورڙي ملاح کي، ساري ڏج سلام،

تہ اوهان کئي تَڪن جي، ادن جي کئي کامَ.

[1096]

جهنگ جا! اُتي **شهر جي** کر، هو **نرنالا** ئي نہ.

جهنگ جا=مور. شهر جي=پيڙ>پيٽن. نرنالو=

وريو>وريا.

مورڙا! اُتي پيٽن جي کر، هو وريائي نہ.

[1097]

ادا! **پانهنجون** تو **عضوي**، ونءُ **جر جي**.

پانهنجون=لڇون. عضوو=ڳل>ڳلي. جر جي=

مَڇ>مَ +ڇڏي.

ادا! هي لڇون تو ڳَلي، ونءُ مَ ڇڏي.

[1098]

نالا تہ اڳئي ويا، پر **آن جو** بہ اوڏانهون.

نالو=ڇتو>ڇتا>ڇهہ +تان. ان جو=ستون.

ڇهہ تان اڳئي ويا، پر ستون بہ اوڏانهون.

[1099]

وچ نہ **وڏي** سامهون، هو **ڏيهون آپکي**، تو،

مال رچ کري.

وڏو=ويري. ڏيهہ=کيچ. آپکي=آهہ.

مال=منجهي>منجهہ. رچ=خونچو>خون.

وچ نہ ويريءَ سامهون، هو کيچون آهہ کري،

تو منجهہ خون کري.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1100]

نـــالو اتـــر هيـــٺ مـــن ذات ڏســـان.

نالو=لهٽو. ذات=ڪمانگر>ڪي +مانگر.

لهٽــو اتــر هيــٺ، مــن ڪــي مانــگر ڏســـان.

[1101]

گاهہ ٻـڌي هتيــار ڪٺــي، وجــي مــرون مــاريندس.

گاهہ=ڪَل. هٿيار=ڪات. مـِرُون=مانگر.

ڪـَـل ٻــڌي ڪــات ڪٺــي، وجــي مانــگر مــاريندس.

[1102]

پنهنجـــيءَ ڪـــان پـــوءِ تـــي ذات نٿيـــن ڪـــي.

پنهنجي=ٿُبي. ذات=ڪيبر>خبر. نٿين=مورَ (ٻُور جي).

ٿـــبيءَ ڪـــان پـــوءِ تـــي خبـــر مـــور ڪـــي.

[1103]

ڏيئـي ذات عضـوي ۾، وجـي ڪـو ڪـاٺ جـو ڏنـائين.

ذات=ڪاتيار>ڪات. عضوو=ڪليون.

ڪاٺ جو=پاندو.

ڏيئــي ڪــات ڪليــن ۾، وجــي ڪــو پانــدو ڏنــائين.

[1104]

نرنــانءُ مــرون ســان، تــو جــر جـــن منجهـــ وڙهــي.

نرنانءُ=مورڙو. مرون=مانگر. جر جون=وِيرِيون.

مــورڙو مانــگر ســان، تــو ويريـــن منجهـــ وڙهـــي.

[1105]

آجهـــي جـــيءُ جڙيـــو، وڻ جـــي ڪـــُـــتي ســـان.

اَجهي(جي)=وِيري(اها پـَتر جا ڪوٺيءَ جي وچان ڏجي)>وِيرين. جڙيو=ويڙهيو>وڙهيو.

وڻ جي=موري>موريو>مورڙيو. ڪـُتو=مانگر.

وِيريـــن منجهـــ وڙهيـــو، مورڙيـــو مانـــگر ســـان.

[1106]

ٻه ٻوليـــون ڪـــري وجـــي نرنــــانءُ وڪـــر ٿيـــو.

ٻه ٻوليون=هاءُ ۽ هوءَ. نرنان=موريو>مورڙو.

وڪر=زهر>ظاهر.

هـــاءُ هـــوءُ ڪـــري وجـــي مــــورڙو ظـــاهر ٿيـــو.

[1107]

وَمون منجهه پکـو، نرنـانءُ ئـي جنـگ جـو ڪيـو.

وَمون=ڪَڇون. پکو=تَريو. نرنانءُ=مورڙو.

جنگ جو=مات.

ڪڇـــون منجهه تــَــريو، مـــورڙي مـــات ڪيـــو.

[1108]

ڪاريـگر جي ڪـم ۾، ڪـو مـــرون مســـت هئـو،

پکـــي اچـــي پيـــو، جـــو مـــرون ڪـــي مـــاري ويـــو.

ڪاريگر=ڪُلاچي. ڪم (جو)=ڪُنو>ڪُن.

مرون=مانگر. پکي=مور>مورڙو. مرون=مڇ.

ڪُـــلاچيءَ جي ڪُـــن ۾، ڪـو مانـگر مســت هئـو،

مـــورڙو اچـــي پيـــو، جـــو مـــَـــڇَ ڪـــي مـــاري ويـــو.

---

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب نائون

سُرائتيون ڳجهارتون: ليلان ۽ چنيسر

[1109]

ڪاٺيون پيچي ڪاٺ، عورت پٺي آن جا ڪيا.

ڪاٺي(جي)=تاڙي>تاڙيون. ڪاٺ(جو)>طاق.

عورت=ليلان. آن جا=آڪا>لِياڪا>(لياڪا).

تاڙيون پيچي طاق، ليلان پٺي لياڪا ڪيا.

[1110]

مال جي ليلان، ڪڙمڪي چنيسر.

مال جي>مين(آواز)> اڳ ۾. ڪڙمڪي>ڪَدَ.

(ڳاڏيءَ واري نوڙي).

اڳ ۾ ليلان، ڪد (هُيو) چنيسر.

[1111]

ڪدي رڱ جِيوڙ مان ڪاٺي چنيسر.

رڱ= بور. جِيوڙ=پونئرو>ٻُهرو. ڪاٺي=

چاڙهي.

ڪدي بور ٻُهري مان، چاڙهي چنيسر.

[1112]

ليلان هڏ فقير، چنيسر تہ پولي ڙي.

فقير=گسائين>گُسائي. پولي=ڏني.

ليلان هڏ گَسائي، چنيسر تہ ڏني ڙي.

[1113]

جڏهن لوهہ جي ليلان، تڏهن ڪاٺ جو چنيسر.

لوهہ جي=ڏنگي. ڪاٺ جو=نہ پَنو>پُنو.

جڏهن ڏنگي تي ليلان، تڏهن نہ پُنو چنيسر.

[1114]

ليلان لوهہ، چنيسر ڪپڙو.

لوهہ(جو)=نعل>نال. ڪپڙو=پوچو.

ليلان نال، چنيسر پوچو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1115]

ڪُتي والي، چرخي والي، ڪَڪُ ڳوليندي وتي.

ڪُتي والي=ڪَٿُون. چرخي والي=رٿُون.

ڪَڪُ=سَر>چنيسر.

ڪوئٽرو چنيسر ڳوليندي وتي.

[1116]

ليلان تہ ذات پر نار نان عورت اَن جو ڪندي.

ذات=سولنگي>سوڙنگي. نارنان=ڪوئٽرو.

عورت=جيني>جي +پُني. اَن جو=اگهہ.

ليلان تہ سوڙنگي، پر ڪوئٽرو جي پُني تہ اگهہ ڪندي.

[1117]

ليلان جهل جبل جون، مال واريون تيون اچنئي.

جبل جون=چَڪيون. مال واريون=بُڪاريو.

ليلان جهل چڪيون، (جو) بڪاريون تيون اچنئي.

[1118]

ڪاچ جي ذات ڪريو تي ذات پاڻ.

ڪاچ جي=سنگائڻ(مصري)>سانگائڻ. ذات=

گَلال>گلا. ذات=سُها>سُهائي.

سانگائڻ گَلا ڪريو تي سُهائي پاڻ.

[1119]

آءُ واٽڪي ڪرتہ مال جي ڏيانءِ..

واٽڪي=ڏوتي>ڏُوتي. مال جا=وڳ>وڳا.

مال جي=ڏهاڙي.

آءُ ڏُوتي، ڪر وڳا تہ ڏهاڙي ڏيانءِ.

[1120]

توکي بيڙيءَ ۾ راند جي، مون کي ڪپڙوگاهہ چڱو.

بيڙيءَ(جي)=ڪَپي>ڪپي، راند جي=هار.

ڪپڙو=چُني. گاهہ=سَر.

توکي ڪپي هار، مون کي چنيسر چڱو.

[1121]

عورت مرد ڳِهه تي نرنانءُ.

عورت=ليلان. مرد=چنيسر. ڳِهه=هار.

نرنانءُ=ڏنو.

ليلان، چنيسر هار تي ڏنو.

[1122]

ليلان وڻ لُڏي، راند جي تي پئي.

وڻ=اَڪ. لُڏي= لَمي. راند جي=ڪَچي.

ليلان عقلَ ۾ ڪَچي تي پئي.

[1123]

راند جي نہ هئي ليلان، پر واٽئي جي لوڏي وڌي.

راند جي=پل>پُلٽي. واٽئي جي=لالچ.

پُلٽي نہ هئي ليلان، پر لالچ لوڏي وڌي.

[1124]

ليلان شهر نہ ڳالهہ، تہ ڪوئرو ست جي ڪندي.

شهر=لَڪي. سُت جا=هَڪَ>نا +حق.

ليلان لَڪي نہ ڳالهہ، تہ ڪوئرو ناحق ڪندي.

[1125]

ليلان تہ جنڊ جي، ڪوئرو حاڪيماٽي.

جنڊ جي=ويسوڙي. حاڪيماٽي=ڊوهي.

ليلان تہ ويسوڙي، ڪوئرو ڊوهي.

[1126]

ڪپڙ نالي گاهہ، عورت وڏو ملڪ ۾.

ڪپڙ=چور>چور>چوري. نالو=چنيسر. گاهہ=

سَرُ. عورت=ڪوئرو. ملڪ=ڪَڇ.

چوري چنيسر، ڪوئروءَ وڏو ڪڇ ۾.

[1127]

وڻ جي ساري رات، نالو هڪ گهڙي.

وڻ جي=سمي. نالو=پسند.

سِمي ساري راتَ، پسند هڪ گهڙي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1128]

ليلان، چنيسر ذات ويٺي، پر ڪوئرو ڪڪن جو
ڪري ويئي.

ذات=ڪٺي. ڪڪن جو=ٻُهارو>ٻُهاري.

ليلان، چنيسر ڪٺي ويٺي، پر ڪوئرو ٻُهاري
ڪٺي ويٺي.

[1129]

ليلان لوهه لڳو تہ ڪوئرو وڻ تي پئي.

لوهہ=هول. وڻ=ڪنوار ٻوٽي>ڪنوار.

ليلان هول لڳو تہ ڪوئرو ڪنوار تي پئي.

[1130]

هو نالو، تہ پڪيءَ جو پيو.

نالو=وکيو. پڪيءَ جو=ڪُوڪريو.

هُو وکيو، تہ ڪُوڪرو پيو.

ليلان جو پڇتائڻ

[1132]

تن نالن کي مان باهہ ڏيان، جن ڪپڙي هار ورتو.

نالو=گامن(وکن). ڪپڙو=پريل>پري.

تن گامن کي مان باهہ ڏيان، جن پري هار ورتو.

[1133]

مِرون ڪاٺ پيو، تڏهن مون کان نالو ويو.

مرون=پولو. ڪاٺ(جو)=مَن. نالو=سڄڻ.

پولو مَن پيو، تڏهن مون کان سڄڻ ويو.

[1134]

ڪاٺي تڏهن ٿيس، جڏهن ڪاٺ جو وٺي نالو ڏنم.

ڪاٺي=هَلڪي. ڪاٺ جو=هر>هارُ. نالو=
يارو>يارُ.

هلڪي تڏهن ٿيس، جڏهن هار وٺي يار ڏنم.

[1135]

رچ راند جي ڪري، مون کان ذات گاهہ نيو.

رچ=ڪوئرو. راند جي=ڪپت. ذات=چنا.

گاھ=سَرُ.

ڪوئروءَ ڪپت ڪري، مون ڪان چنيسر نيو.

[1136]

شهرجو، گهٽئي **شهر** هو، پر **عورت** ڪٽي **وکر** جو ڪيو.

شهر جو=گهر. شهر=پريل. عورت=نانگي.

وکر=ناس.

گهر گهٽئي پريل هو، پر نانگيءَ ڪٽي ناس ڪيو.

[1137]

پنهنجي تي سودو ڪيوسين، تہ **نر نالو** ئي ويو.

پنهنجو=لَبُ. نر نالو=تيمور>مُورُ.

لب تي سودو ڪيوسين، تہ مُورئي ويو.

[1138]

ذات پاراٽي ڪيام، نار نہ وٺي **نرنانءَ** ڪي.

ذات=ڪاسائي>ڪاساعت. پاراٽي=لوڌ

نار=سيباٽي. نرنانءَ=صاحب.

ڪاساعت لوڌ ڪيام، سا نہ سيباٽي صاحب ڪي.

[1139]

مان تہ چيو **نرنانءَ** ٿيندو، پر هُو **ذات** ٿون ويو.

نرنانءَ=نهال. ذات=هالا>حال.

مان تہ چيو نهال ٿيندو، پر هُو حالئون ويو.

[1140]

نالو پائي **حاڪيماٽو** ٿينداس، پر **پوڪ جائي** نہ.

نالو=بهار>هار. حاڪيماٽو=سينگار.

پوڪ جا=رنگ.

هارپائي سينگار ڪنداس، پر اهي رنگ ئي نہ.

[1141]

مون پانيو **شهر** ٿيندو، پر مان ڪوئن **پيڙيءَ جو** ئي ويو.

شهر=نؤرنگ>نئون +رنگ. پيڙيءَ جو=ساز.

مون پانيو نئون رنگ ٿيندو، پر مان ڪوئن سازئي ويو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1142]

مون ليکي تہ نرنانءُ تيندو، پر ذات ئي ويو.

نرنانءُ=نورنگ>نئون +رنگ. ذات=سهاڳ.

مون ليکي تہ نئون رنگ تيندو، پر سهاڳ ئي ويو.

[1143]

اهڙو ڪو ذات هار وتم، جنهن ۾ مال جو ڏيئي وينيس.

ذات=پڙهيار>پڙهيل. مال جو=وَرُ.

اهڙو ڪو پڙهيل هار ورتم، جنهن ۾ وَرُ ڏيئي وينيس.

[1144]

وکر سپ چمار، پر راند جي ساعت هڪڙي.

وکر=سنکيو>سکيس. راند جي=ٺَڳي>ٺڳيس.

سکيس سپ چمار، پر ٺَڳيس ساعت هڪڙي.

[1145]

ڪاٺ آيم هيءُ، تہ نالو ڪندو هار.

ڪاٺ=نهيلو>نہ +حيلو. نالو=مُورڻ>
مُئو +رڻِ.

نہ حيلو آيم هيءُ، تہ مُئو رڻ ڪندو هار.

[1146]

اَن جي بولي ڳهہ ذات ڪري.

اَن جي=قيمت>قسمت. بولي=بگڙي. ڳهہ=
پياجڙي>پهياج(پهاچ). ذات=جُلاه> جلهہ.

(جڏهن)قسمت بگڙي، (تڏهن)پهياج تي جُلهہ ڪري.

[1147]

ڪاريگر جي، نرنالو مون ڪئي، نالو نہ.

ڪاريگر جي=جاڪ>جا +خ. نر نالو=طائي.
نالو=پيلو>پٺي +لوڙي.

جا خطا ئي مون ڪئي، پٺي لوڙي نہ.

[1148]

ولايت ڪان ليکي علم جو، تڏهن آيم مال عورت جو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ولايت=الست. ليکي جو=انگ. علم جو=لکيو.

مال جو=ڏنب. عورت جو=ڏهاڳ.

الست کان لکيو انگ، تڏهن آيم ڏنب ڏهاڳ جو.

[1149]

نار مال جي اڳي هئي، پر هاڻ **ٻولي** ڪري ويئي.

نار=ڪوئرو. مال جي=ڏندي> هو ڏندي.

ٻولي=ويساهه گهاتي.

ڪوئرو، هوڏندي اڳي هئي، پر هاڻ ته ويساهه گهاتي ڪري ويئي.

[1150]

مال جون ڄام چنيسر ڪي، **نالو** تنهنجي در،

انهيءَ **متيءَ جون ليکي** ۾، تون تان **نالو** ڪر.

مال جي=چوڙي>چئو +ڙي. نالو=دائي.

متيءَ جون=ڪچايون. ليکي(جي)=بندي.

نالو=بخش.

چئو ڙي ڄام چنيسر ڪي، دائي تنهنجي در،

اهي ڪچايون بنديءَ ڪي، تون تان بخش ڪر.

ليلان جون چنيسر کي منتون ۽ ميارون

[1151]

ذاتين ۾ جا **ذات** هئي، سا **ذات** ويهاري تو،

توکي ڪو هو، **نالو** منهنجي شهر جو.

ذات = ڀاڙها>ڀاڙي. ذات=پهياج. ذات=ڪانڌڙا

>ڪانڌ. نالو=منصوبو. شهر=ڪيڻ.

ڀاڙي ۾ جا پهياج هئي، سا ڪانڌ ويهاري تو،

توکي ڪو هو، منصوبو منهنجي ڪيڻ جو:

[1152]

اُنن جا ڏسي ڳهن ۾، تو ڪاٺ ئون جرجون ڪاٺ.

اُنن جا=لوڏا. ڳهہ=لڪَ>لڪيو. ڪاٺ=در.

جر جو=تَڙُ>تڙيو. ڪاٺَ=داسو>داسڙا.

لوڏا ڏسي لڪئي ۾، تو دَرَ تان تڙيو داسڙا!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1153]

نرنانءَ جي نارنانءَ ۾، **نار نالي** هياس،
هاٺي **نرنانءَ**، تون ٿو رچ ڪرين!

نرنانءَ=دوست. نرنانءَ=ديدار. نارنالو=دادلي.
نرنانءَ=موسو>مون +سُئو. رچ=ٿوبي>ٿو +ٻي.

دوست جي ديدار ۾، دادلي هياس،
هاڻي مون سُئو، تہ تون ٿو ٻي ڪرين!

[1154]

مان **نار نالا**، مون ڪي **عضوي** جي نہ ڏي.

نارنالا=هڪ نالو سُڪي. ٻيو سُهج>سهنجي.
عضوو=پُني.

مان سُڪي سهنجي، مون ڪي پني نہ ڏي.

[1155]

جڏهن آءُ اوهان جي **وڻ جي**، تڏهن **وڻ جي** ڏيو،
دوست ڏسي **درياهہ جا**، مون سان راوَل **رچ** ٿيو.

وڻ جي= هَري> هِري. وڻ= آسري> آسرو.
درياهہ جو=ڪَچو>ڪَچا. رچ=ڊِڪڻ>ڊَڪُ.

جڏهن آءُ اوهان تي هري، تڏهن آسرو ڏيو،
دوست ڏسي منهنجا ڪچا، مون تي راول ڊڪ ٿيو.

[1156]

وڻ جن ۾ **نالو** هئاسون، تون **پنهنجو** ڪيم وسار،
عورت توسان ڪانہ ڪئي، تون تان ڏينهن سنيار.

وڻ=واڏُڙ>وو ڏاڙن. نالو=شامل. پنهنجو=
مسح>م +سَهو. عورت=مُولي>مون +لائي.

وو، ڏاڙن ۾ شامل هئاسون، تون مَ سهو وسار،
مون لائي توسان ڪانہ ڪئي، تون تان ڏينهن سنيار.

[1157]

مرون راند جي ذات! علم جو پوئي ها تہ **نالو**
ڪرين ڪين ها.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرون=سهو. راند جي=ويل. ذات=داسڙا.
علم جو=ياد. نالو=لوڏي>لوڏين.
سَـهي ويل داسڙا! ياد پوئـي هـا تـہ لوڏيـن كيـن هـا.

[1158]

ماڻهو جـي آءُ نـہ كندياس، **كـتـي جـي** تـون نـہ ڇڏ.
ماڻهو جي=رِيسَ. كُـتي جي=لوڏ>لوڏي.
ريـــس آءُ نـــہ كنديــاس، لـــوڏي تـــون نـــہ ڇـــڏ.

[1159]

پنهنجون مـون ڇڏيون، هاڻي **كـتـن جـون** تون بہ ڇڏ.
پنهنجون=حجتون. كُـتن جون=لوڏون.
حجتـون مـون ڇڏيون، هـاڻي لوڏون(لـوڏڻ) تـون بـہ ڇـڏ.

[1160]

اي ميـان چنيسر! **كـاڄ** سان **مـال جـو** كـر، نـہ تـہ تـي
نـــانءِ ۾ **ٻـــار جــــي** تيـــان.
كاڄ=ريوڙي>ري +وڙي. مال جو=وڙ.
نانءِ=فاروق>فراق. ٻار جي=ڇـَٽ.
اي ميـان چنيســر! ري وڙيءَ ســان وڙ كــر، نــہ تــہ تــي
فـــراق ۾ ڇـــــٽ تيـــان.

[1161]

كــاٺ ئـون پئـي اتـم، تـڏهن كـٺـي **نـــالو** كــر.
كاٺ(جو)=هتيو>هتئون. نالو=بخشڻ>بخش.
هتئـــون پيئـــي اتـــم، تـــڏهن كـٺـــي بخـــش كـــر.

[1162]

وڻ گهـــوڙيَ جـــا وَلهـــا! **ڏي پيــــڙيءَ جـــو** مـــون،
جـــي **مـڃـــي** تيـــان آءُ، مـــن **ٻــــہ نـــالا** تيـــن تـــون.
وڻ=اَڪ. گهوڙي جو=لـَونَد. پيڙيءَ جو=سـُهاڳ.
مڃي=ڏاهي. ٻہ نالا=هڪ نالو صاحب. ٻيو راضي.
عقلـــــوَنـــــد ولهـــــا! ڏي ســـــهاڳ مـــــون،
ڏاهـــي تيـــان آءُ، مـــن صـــاحب! راضـــي تيـــن تـــون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1163]

چيــــــائين، مــــون هتـــان جهنـــگ جـــــي.

جهنگ جي=پـئي.

چيــــــائين، مـــــون هتــــان پئـــــي.

[1164]

نـالو نـہ هـو ڪپـڙي جـي ڪـي، منهنجـي شـهر جـو.

نالو=مناسب. ڪپڙي جو=ور. شهر=ڪيڻ.

مناسـب نــہ هــو ورَ ڪــي، منهنجــي ڪــيڻ جـــو.

[1165]

ڪڏهن وڻ جيئـن هيـاس، پـوءِ ڦـري ڪـڏ جـي تيـاس.

وڻ جي=ماڪي. ڪڏ جي=ڪـَڙي.

ڪڏهن مــاڪيءَ جيئـن هيـاس، پـوءِ ڦـري ڪـڙي تيـاس.

[1166]

ڳهـــ مــــال جـــو ڪـــر، تـــ وري نـــالو مـــون،

چيري وجي هار سو، جنهن مرض جـي وڏي آهيـان.

ڳهر=والي. مال جو=وڙ. نالو=بخت. چيري جو=

سڙيو. مرض جي=جهوري.

والــــي! وڙ ڪــــر تـــــ وري بخـــت مــــون،

سـڙيو وجـي هــار سـو، جنهــن جهـوريءَ وڏي آهيـــان.

[1167]

نار چئي نرنانءَ کي، تہ اها پنهنجي نالو مون کي.

نار=ليلان. نرنانءَ=چنيسر. پنهنجي=خطا .

نالو=بخش.

ليلان چئي چنيسر کـي، تـہ اهـا خطـا بخـش مـون کـي.

[1168]

مرض پئي، مون ڪامڻ ڪئي، هاٺي ڪـاٺ جو ڪـر!

مرض=چـُڪَ. ڪامڻ=آزي. ڪاٺ جو=

محافو>معاف.

چـُــــڪَ پئـي، مـون آزي ڪئـي، هـاٺي معــاف ڪـــر!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1169]

نـالا مـَـين نـُـون، نـالا مـَـين نـہ ڪريسـان.

نالو=بخش. نالو=بهاول>بها +ول.

بخـش ميـن نـُـون، بـَـها وَل ميـن نـہ ڪريسـان.

[1170]

ذات چنيسـر، ذات ليـلان.

ذات=ڏيکل>ڏي +ڪل. ذات=ڪِترا>

ڪٿ +رَهي.

ڏي ڪـَـلَ چنيسـر، تـہ ڪـٿ رهـي ليـلان؟

چنيسر جو ليلان کي جواب

[1171]

مـون توکـي چيـو هـو تـہ، اهـا **ذات نـالو** نـہ ڪـر.

ذات=درزي>در +جي. نالو=محرم.

مـون توکـي چيـو هـو تـہ، اهـا درجـي محـرم نـہ ڪـر.

[1172]

ذاتيـون ذات آڻ، **نـالو نـالا** نـہ اتئـي.

ذات=درس. ذات=ڏومَر. نالو=پرمو>پَر +مون. نالو = چڳي، چڳيون.

دَرِ سـي ڏوُن مَر آڻ، پـَـر ۾ چڳيـون نـہ اتئـي.

[1173]

نـالو نـالي سـان ليـلان، تـون **ذات** ونـڻ چـو وئيـن؟

نالو=هوندو. نالو=سُوندرو>سوندو.

ذات=مگٿهار.

هونـدي سـوندي ليـلان، تـون مگـڻ هـار چـو وئيـن؟

[1174]

نـالو نـالو تـو، هـاڻي **پـاهڻ جـو** ڪـو پيـو.

نالو=چنيسر. نالو=وِڪيو. پاهڻ جو=

گـهر>گُهر.

چنيسـر وڪيـو تـو، هـاڻي گهـرُ ڪـو پيـو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1175]

ڪڪن جي ڪامٽي، مال جو، پڪيءَ جو پيو.

ڪڪن جي=تونري>تون +ڙي. ڪامٽي=سَمي.

مال جو=ور. پِڪيءَ جو=ڪَرڪو.

تون ڙي سمي! ور ڪر ڪو پيو.

[1176]

ڪُڙمڪي ذات ڪيئي، ڪو مال جو هو ڇا؟

ڪڙمڪو=ڇڪو. ذات=ڀَهائي>ڀها.

مال جو=ڏڳو.

ڇِڪي ڀها ڪيئي، ڪو ڏڳو هو ڇا؟

[1177]

نالو اتئي ڙي ليلان! وڃي نالو ڪر.

نالو=لوڪُو>لوڪ. نالو=پسند.

لوڪ اتئي ڙي ليلان! وڃي پسند ڪر.

[1178]

ليلان! اڳ ڪاٺ تي نہ ڪر، شهر پونديءَ.

ڪاٺ(جا)=پيرَ>پيرَن.

شهر=ڪلڪتو>ڪَل +ڪتئي.

ليلان! اڳ پيرن تي نہ ڪر، ڪَل ڪَتئي پونديءَ.

[1179]

وڃ اڏ نالو ڪٽي، خبر شهر پوندئي،

شهر جر جن تي نارنان! ڪار نہ اتئي.

اڏ نالو=هار>مڱٽهار. شهر=ڪلڪتو>ڪَلَ +

ڪتئي. شهر=پوڪرڻ>پوءِ +ڪِرڻ. جر جا=

پيرا. نارنان=ليلان.

وڃ هار ڪٽي، ڪل ڪَتئي پوندئي،

پوءِ ڪِرڻ هتي، ليلان! ڪار نہ اتئي.

[1180]

ڪيڙ جو ڪري آئين ليلان! هاٽي پئي پار جي ڪرين تہ ڪو نالو ڪريو.

ڪپڙ جو=هٿ. ٻار جي=گيسي. نالو=
پٽورو>ٽورو.
هٿئون ڪري آئيءَ ليلان! هاٺي پٽي گيسي ڪرين،
تہ ڪو ٽورو ڪريو.

[1181]

شهر ڙي ليلان، تو نہ نالو.
شهر=دو آبو>آب. نالو=لڏو.
آب ڙي ليلان! تو نہ لڏو.

[1182]

توڙي شهر ڏين تہ بہ نالو نہ ڪريان آءٌ.
شهر=لکپت. نالو=اعتبار.
توڙي لک پت ڏين، تہ بہ اعتبار نہ ڪريان آءٌ.

[1183]

انهن ٻچڙن هٿيارن ڪَنَون مين ليلان مال دي.
هٿيار=ڪان>اَرڪان. مال دي=چوڙي.
انهن ٻچڙن اَرڪانن ڪنون مين ليلان چوڙي.

[1184]

ٻولي اٿئي ليلان! هاٺي وينٺي ٻولي ڪر، پنهنجو
ٿيندوئي ڪونہ ڪو.
ٻولي=جواب. ٻولي=سوال. پنهنجو=نفعو.
جواب اٿئي ليلان! هاٺي وينٺي سوال ڪر، نفعو
ٿيندئي ڪونہ ڪو.

[1185]

هُرلي جي هجئي ليلان، جو مال جا تي ڪرين!
هرلي جي=جوڳ. مال جا=سودا.
جوڳ هجئي ليلان، جو سودا تي ڪرين!

[1186]

ايٿ جا اٿئي ليلان، اجان تي راند جا ڪرين،
ايٿ جا=جوڳ. راند جا=سعيا.
جوڳ اٿئي ليلان، اجان تي سعيا ڪرين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1187]

ڪــاٺ مــُـنيءَ ڙي ليــلان! هــاٺي فقيـــر جـــو اتئــي.

ڪاٺ(جو) =نشان>شان. فقير جو=جوڳ.

شـــانُ منيـــءَ ڙي ليـــلان! هـــاٺي جـــوڳ اتئـــي.

[1188]

ليـــــــلان! لوهـــــــــــــه جـــــــــــا نـــــــــــالو.

لوهہ جا=ماشا. نالو= خدا.

ليـــــــلان! ماشـــــــا خـــــــدا.

ليلان جا ڪوئرو ڪي طعنا ۽ پاراتا

[1189]

هو جي ٻہ ڪاٺيون آيون، تن اَڇي راند جي ڪئي.

ڪاٺ جون=پـُتليون. راند جي=بازي.

هــو جــي ٻــہ پــُـتليون آيــون، تــن اَڇــي بــازي ڪئــي.

[1190]

مــال واريـون جي آيون، سي مٿــيءَ جا ڪـري ويـون.

مال واريون=خچريون. مٿيءَ جا=ڪُورا.

خچريـــون جـــي آيـــون، ســـي ڪـــُورا ڪـــري ويـــون.

[1191]

هـــو نـــالي واريـــون آيـــون، جنـــي ذات جـــو ڏنـــو،

تنـــي ڪـــي آءُ، ڏيئـــي مـــال جـــو وينـــي آهيـــان.

نالو=نصير>نہ +سي +رنون. ذات=پڙهيار>

پڙهي +هار. مال جو=وَرُ.

هـــو نـــہ ســـي رنـــون آيـــون، جنـــي پڙهـــي هـــار ڏنـــو،

تنــــي ڪــــي آءُ، ڏيئـــــي وَرُ وينـــــي آهيـــــان.

[1192]

ذاتيـــون آيـــون، پـــر ڪـــي ڏاڍيـــون ذاتيـــون،

جـــن اڇـــي ڪاســـبڪو ڪيـــو ۽ چنيســـر ٻـــہ نيـــائون.

ذات=سانگي>سانگياٽيون. ذات=بازيگر>

بازيگرٽيون. ڪاسبڪو=ڪُورو.

ســانگياٽيون آيــون، پــر ڪــي ڏاڍيــون بازيـــگرٽيون،

جـــن اڇـــي ڪـــُورو ڪيـــو ۽ چنيســـر ٻـــہ نيـــائون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1193]

اوهين وڏيون **ذاتيون** آهيو، **پوک** نہ پچندي سانوَ.

ذات=واڳهہ>واڳهيون. پوک=تڏي.

اوهين وڏيون واڳهيون آهيو، تڏي نہ پچندي سانوَ.

[1194]

اُٺ ٻولي جنڊ جي، هيءَ **نارنان** ڪتان آئي؟

اُٺ جي=ٻُري. ٻولي=ٻيحيا. جنڊ جي=ٻيراهہ.

نارنان=ڏائڻ.

هيءَ ٻُري، ٻيحيا، ٻيراهہ، ڏائڻ ڪتان آئي؟

[1195]

ڪوئڙو! مان وٺ **پکي، ٻاراٽا** ڪري **ڪاڄ جا** نيئي،

تهان پوءِ ٻہ تي **حاڪيماٽا** هلين!

پکي=وَهيو>ويهي. ٻاراٽا=ڏوتپا>ڏوتُپا.

ڪاڄ=يَت>يتار. حاڪيماٽا=وَرَ.

ڪوئڙو! مان وٺ ويهي، ڏُوتپا ڪري يتار نيئي،

تهان پوءِ ٻہ تي وَر هلين.

[1196]

عضوي منجهہ ويهي، **ٻار جو** ڪيوئي،

نالو نيوئي، هاڻ تي **پنهنجون** ڪرين!

عضوو=پاسو. ٻار جو=ڏُتپو. نالو=يوتار>

يتار. پنهنجون=چٽرون.

پاسي منجهہ ويهي، ڏتپو ڪيوئي،

يتار نيوئي، هاڻ تي چٽرون ڪرين.

[1197]

نار نان! تون تي **راند جا** ڪرين، آءٌ **ولايت** ۾ **رڃ جي** ڪنديسئين.

نارنان=رَنَ. راند جا=دولاب. ولايت=قيامت.

رڃ جي=هاري>ڏوهاري.

رَنَ! تون تي دولاب ڪرين، آءٌ قيامت ۾ ڏوهاري ڪنديسئين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1198]

تڙ مال جي ڪوئرو! تہ **ان جو** ڪنديسئين.

تڙ جي=ڪَرَ>جيڪر. مال جي=ڳڏي(ڳڏجاڻي).

ان جو=اڳهہ.

جيڪر ڳڏيسئين ڪوئرو! تہ اڳهہ ڪنديسئين.

[1199]

حاڪيماڻي ڪوئرو! **دنيا** ڪي خدا،

يلا ڙي **فقير**، تو بہ ڪين ڳهٽايو.

حاڪيماڻي=آنڪي>اَنڪي(بيجڙي). دنيا=ماسا>

مان سان. فقير=اُڏوتي>ڏوتي.

آنڪي ڪوئرو! مان سان ڪي خدا،

يلا ڙي ڏوتي! تو بہ ڪين ڳهٽايو.

[1200]

نارنان! **ڪکن جي** ڪنهن ڪانہ ڪئي، تون تڏهن

تي **نالا** ڪرين.

نارنان=ڪوئرو. ڪکن جي=جهَل. نالو=

ڏامون>ڏامان>لوڏامان.

ڪوئرو! مون ڪي جهل ڪنهن ڪانہ ڪئي، تون تڏهن

تي لوڏامان ڪرين.

[1201]

ڪوئرو! **پڪي** پُونئي، منهنجو **ڳاهہ** نيوئي.

پڪي=ڪارڪٽيچي. ڳاهہ=سرُ>چنيسر.

ڪوئرو! ڪارَڪٽيچيون پونئي، منهنجو چنيسر نيوئي.

[1202]

لوهہ جون هٽي **نرنانءَ** نيئي، اجان بہ چوين تي **ذات** ڙي.

لوهہ جون = ڳزيون. نرنان=چنيسر. ذات=ڪسر.

ڳزيون هٽي چنيسر نيئي، اجان بہ چوين تي ڪسر ڙي!

[1203]

مٺيءَ جو هار تنهنجو، **چيري** توئي ساڻ،

جنهن سان روح بنداڻ، سو ڏينم مچي ڪاند ڙي!

مٺيءَ جو=ڪامون>ڪامي. ڇيري جو=سڙيو.
مڃي=پلو>پَلئي.

ڪامي هار تنهنجو، سڙي توئي ساڻ،
جنهن سان روح پنڌاڻ، سو ڏينم پلئي ڪانڌ ڙي!

[1204]

نالو مون جي ڪانڌ، تہ نالو توئي ساڻ،
جنهن سان روح پنڌاڻ، سو ڏي نالي ۾ ڪانڌ ڙي!

نالو=وڪيو. نالو=ٽڪيو. نالو=ورايو.

وڪيو مون جي ڪانڌ، تہ ٽڪيو توئي ساڻ،
جنهن سان روح پنڌاڻ، سو ڏي ورائي ڪانڌ ڙي!

[1205]

مٺيءَ جي ڪوئنرو! مون ڪان تي، مون ڪپهہ جو توئي ساڻ،
جنهن سان روح پنڌاڻ، سو ڏي نالي ۾ ڪانڌ ڙي!

مٺيءَ جي = ڪچي. ڪپهہ جو=مَٺڻ>مٺيو.
نالو=جانُو>جانو.

ڪَچي ڪوئنرو! مون ڪان تي، جو مون مٺيو توئي ساڻ،
جنهن سان روح پنڌاڻ، سو ڏي جاني ۾ ڪانڌ ڙي!

[1206]

جنڊ جي ليلان تي، حاڪيماٺي ڪوئنرو!

جنڊ جي=پِني. حاڪيماٺي=ڏي.

پني ليلان تي، ڏي تون ڪوئنرو!

[1207]

نالو پريو تي نالو وٺان، سو نالو نہ ڏينديسانِ،
راند جي ۽ ڪُڙمڪي، اُتي چونديسانِ.

نالو=جانُو>جانو. نالو=جاني. نالو=گهُريو.
راند جي=پاهٺي>پاٺهي. ڪڙمڪو=پير>پيرائتي.

جانو پريو تي جاني وٺان، سو گهريو نہ ڏينديسانِ،
(اها) پاٺيهي اتي، پيرائتي چونديسانِ.

كونروءَ جو ليلان کي جواب

[1208]

ليڪو ڙي ليڪو، ليلان ليڪو ڇا؟

ليڪو=ڏنو. ليڪو=ورتو. ليڪو=لھٽو.

(تو) ڏنو (مون) ورتو، ليلان لھٽين ڇا؟

[1209]

لڪڙيءَ جي تو، چور جو مون، جيت وانگي آزار ڪيون؟

لڪڙيءَ جو=بينچ>بيچا. چور جو=لِيو.

جيت=پتنگ. آزار=پچڙ،

بيچا تو، لِيا مون، وري پتنگ وانگي پچڙ ڪيون؟

[1210]

نالو تو، نالو مون، اجان تي ڪاٺ جا ڪرين!

نالو=وڪيو. نالو=ڳڌو. ڪاٺ جا=رينگا.

وڪيو تو، ڳڌو مون، اجان تي رينگا ڪرين!

[1211]

نام پريو تي نام چئين، ھي نام نہ ڏينديسانءِ،

راند جون ڪاٺ جون، توکي ٻولايون تي چوان.

نام=جانُو>جانو. نام=جانب. نام=جاني.

راند جي=پڙي. ڪاٺ جي=پَٽي.

جانو پريو تي جانب چئين، ھي جاني نہ ڏينديسانءِ،

پِڙيئون پٽيئون توکي، ٻولايو تي چوان.

[1212]

ٻولي! پاراتو، ھاٺي ڪاٺي نہ ڪر!

ٻولي=وج. پاراتو=پينگي. ڪاٺي=اوڏ>ھوڏ.

وج پينگي، ھاٺي ھوڏ نہ ڪر!

[1213]

ڪاٺ ٺون ونيو ڳھہ، پوءِ تي ليکي جا ڪرين.

ڪاٺ(جو)=ھٿيو>ھٿئون. ڳھہ=ھارَ.

ليکي جا=چوچا.

ھٿئون ونيو ھار، پوءِ تي چوچا ڪرين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1214]

عضـــوو عضـــوي تـــي رکـــي، پـــوءِ شـــهر ڙي!

عضوو=ڪنڌ>ڪانڌ. عضوو=مٺڪو>مٺيو.

شهر=گهرڙي>گهُـرين +ڙي.

ڪـــانڌ ميٺـــي تـــي رکـــي، پـــوءِ تـــي گهُـــرين ڙي!

[1215]

ڏينهن جو ليلان مون نہ ڪيئي، هو پنهنجو توئي ساڻ،
جنهن سان روح ہنداڻ، سو ڪيئن ڏيان نالي ۾ ڪانڌڙي!

ڏينهن جو=ظلم. پنهنجو=عقل. نالو=موتيو>موتائي.

ظلـم ليـلان مـون نـہ ڪيـئي، هـو عقـل توئـي سـاڻ،
جنهن سان روح ہنداڻ، سو ڪيئن ڏيان موتائي ڪـانڌڙي!

[1216]

مـون تـہ وڪـر توسـان ڪونـہ ڪيـو، تـو ڪيـو وڪـر نرنـــــــان ســــــان،
جـو مـال جـــن مـان ڪـدي، مـون ڪـي ذات ڏنئـي.

وڪـر= ڏوپ> ڏوپڻ> ڏُتپڻ. وڪـر= ڪس ڪس> خاص. نرنان=خوشي. مال جا=ڪچي>ڪچئون. ذات=ڪانڌڙا>ڪانڌ.

مـون تـہ ڏُتپـڻ توسـان ڪونـہ ڪيـو، تـو ڪيـو خـاص خوشـــــــيءَ ســـــــان،
جـو ڪچئـون ڪـدي، مـون ڪـي ڪـانڌ ڏنئـي.

[1217]

مـرض لڳئـي ليـلان! چـم جـا مـون ڪـي نـہ ڏي.

مرض=سرسام. چم جو=خام.

سرسـام لڳئـي ليـلان! خـام مـون ڪـي نـہ ڏي.

[1218]

نـالو ويـو اٿئـي نڪـري، تـڏهن نـالو ٻوليـن ڇـو؟
ذات بـہ پنهنجـي تـو ڪئـي، ٻئـي جـو ڪونهـي ڏوهـہ.

نالو=بختاور>بخت. نالو=ڪوڙو. ذات= ڀَهائي>ڀها.

بخت ويو اٿئي نڪري، تڏهن ڪوڙو پولين ڇو؟
ٻها ٻـ پنهنجي تو ڪئي، ٻئي جو ڪونهي ڏوهـ.
[1219]
مهتي تـ ڪين هئينءَ، پر تو **مهتي جو** ڪيئن ڏنو؟
مهتي=ڏڙوائڻ>ڏاڙيلڻ. مهتي جو=توڙڻ>تو +رڻ.
ڏاڙيلڻ تـ ڪين هئين، پر تو رڻ ڪيئن ڏنو؟
[1220]
ليلان! **نالو** تنهنجو ويو، هاڻي **نالو** نـ ڪر.
نالو=اوستو>واسطو. نالو=مامليو>معاملو.
ليلان! واسطو تنهنجو ويو، هاڻي معاملو نـ ڪر.
[1221]
ليلان! ڇڏ **ذات**، ڪر مَ **ذات**، هاڻ تنهنجي
ذات ئي ناهي.
ذات=لاڙي>لُڙ. ذات=گيڙا>گوڙ. ذات جا=
اُستا>واسطو.
ليلان! ڇڏ لُڙ ڪر مَ گوڙ، هاڻ تنهنجو واسطوئي ناهي.
[1222]
ملڪ ماڳ ليلان **گاهـ گاهـ**، تي **پکي** ڪرين.
ملڪ=جهـَل. ماڳ=جهل. گاهـ=وَل. پکي=
بُلبُل>بـَل بـَل.
جهول جهل ليلان! ول ول ڪري، تي بـَل بـَل ڪرين.
[1223]
ليلان! جڏهن **مرد نانءُ** تيو، تڏهن ڇو اجان **شهر** ڪرين!
مرد=چنيسر. نانءُ=نيامون>نيو +مون. شهر=
مانجهند>مانجهاندا.
ليلان! جڏهن چنيسر نيو مون، تڏهن ڇو اجا
مانجهاندا ڪرين!
[1224]
مٽيءَ جي تيءُ نـ ليلان! تون اجا تي **مال جا** ڪرين.
مٽيءَ جي=چـَري. مال جا=پنڌ.
چـري تي نـ ليلان! تون اجا تي پنڌ ڪرين.

[1225]

وکر تي ليلان، اجان تي پوڪ جا ڪرين.

وکر=ناس>بي +ناسي. پوڪ جون=ميڙون.

بي ناسي تي ليلان، اجان تي ميڙون ڪرين.

[1226]

پوڪ جي ليلان، اجان پيئي گهوڙي جا ڪري.

پوڪ جي=پَتي>بي پِتي. گهوڙي جا=بانا>بهانا.

بي پِتي ليلان، اجان پئي بهانا ڪرين.

[1227]

عضوي جي ليلان، اجان پئي مال جون ڪرين

عضوو=پتو>بي پِتي. مال جي = ميڙي.

بي پِتي ليلان، اجان پئي ميڙون ڪرين.

[1228]

اڙي ليلان! تو ۾ وکر پوڪ جو ناهي، اجان تي مال جا ڪرين.

وکر=ناس. پوڪ جو=پِتو. مال جا=اوڳارا>ڳارا.

اڙي ليلان! تو ۾ ناس پتو ناهي، اجان تي ڳارا ڪرين!

[1229]

لوهہ جي ليلان! اجان پئي وڻ جا ڪرين.

لوهہ جي=بيلَ>بي +لجي. وڻ=آسري(لئو)>آسرا.

بي لجي ليلان! اجان پئي آسرا ڪرين.

[1230]

لوهہ جي ليلان! اجان پئي مال جو ڪرين.

لوهہ جي=بيلَ>بي لجي. مال جو=پنهنجو.

بي لجي ليلان! اجان پئي پنهنجو ڪرين.

[1231]

لوهہ جي ليلان، اجان تي راند جون ڪرين.

لوهہ جي=بيلَ>بي +لجي. راند جون=چڙهيون.

بي لجي ليلان، اجان تي چڙهيون ڪرين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1232]

لوهہ جـي ليـلان! اجـان تـي **منـي مـال جـا** ڪريـن.

لوهہ جي=بيلَ>بي لڄي. منيءَ جا=تَـڪ.

مال جا=بَـرا>بَـر.

بـي لڄـي ليــلان! اجــان تـــي تڪبــر ڪريـــن.

[1233]

جـر جـي ليـلان، **ڪپـڙي جـا** ڪريـو، هـاٺي تـي

گهـــــوڙي جـــــا ڪريــــن!

جر جي=چري. ڪپڙي جا=اگهہ. گهوڙي جا=نخرا.

چـري ليـــلان! اگهــ ڪريـو، هـاٺي تـي نخـرا ڪريـن.

[1234]

لوهــ جــي ليـلان، اجـان پيئـي **مـال جـا** ڪريـن.

لوهہ جي=دُري>دور. مال جا=آسرا.

دُور تيئـن ليـــلان، اجـــان پيئـــي آســرا ڪريــــن.

[1235]

اوزار ليـــلان! اجـــان پيئــي **اُپ جـــا** ڪريـــن.

اوزار=ريهہ>رهہ. اُپ جا=لُڙَ.

رهـــ ليـــلان، اجـــان پيئـــي لــُـــڙ ڪريـــن.

[1236]

باهــ جـا لڳنـئي ليـلان، اجـان تـي **مـال جـا** ڪريـن.

باهہ جا= ساڙ. مال جا=تاهر.

ســاڙ لڳنـئـي ليــلان! اجــان تــي تــاهر ڪريـــن.

[1237]

وڻ وجئـي ليـلان، اجـان تـي **مـــال جـــا** ڪريـــن.

وڻ=اَڪ>عقل. مال جا=ڦيرا.

عقـــل وجئـي ليـــلان، اجـــان تـــي ڦيــرا ڪريـــن.

[1238]

وڻ رانـد جـي ليـلان، اجـان تـي **رانـد جـون** ڪريـن.

وڻ=اَڪ>عقل. راند جي=ڳُـتي. راند جون= گيسيون.

عقلئـون ڳـُــتي ليـلان، اجـان تـي گيسـيون ڪريـن.

[1239]

ليڪي جي ڪيئي ليلان! هاڻ تي **ليڪي جي** ڪرين.

ليڪي جي=پُل. ليڪي جي=ڪُپت.

پُل ڪيئي ليلان! هاڻ تي ڪپت ڪرين.

[1240]

لوهہ جا پونئي ليلان! اجان **ڪپڙي جا** چو ڪرين؟

لوهہ جا=گهوڙا. ڪپڙي جا=اوڇا>اوڇاڳا.

گهوڙا پونئي ليلان! اجان اوڇاڳا چو ڪرين؟

[1241]

اُپ ۾ آئي ليلان، تون اجان پئي **راند جا** ڪرين.

اُپ ۾=پيچ پني. راند جا=پوڳ.

پيچ پني آئي ليلان، تون اجان پئي پوڳ ڪرين.

[1242]

لوهہ جون لڳنئي ليلان، وجي **ڪپڙي** جون ڪر.

لوهہ جون=ڪِرڪيون. ڪپڙو=ڪفن.

ڪرڪيون لڳنئي ليلان، وجي ڪفن جون ڪر.

[1243]

پوک جو اٿئي ليلان! **جنگ جي** نہ.

پوک جو=اسم. جنگ جي=جهِٽڪ.

اِسم اٿئي ليلان! جهِٽڪ نہ.

[1244]

ٻولي ٻولي نہ چئو، **مال جي** ڏنئي پاڻ.

ٻولي=ٻار. مال جي=چوڙي>چو+ڙي.

ٻار ٻار نہ چئو، چو ڙي ڏنئي پاڻ؟

[1245]

نالو اٿئي ليلان **ذات گاهہ** ڪي، هاٿي **راند جا** مَر ڪر.

نالو=مٺيو. ذات=چنا>چني. گاهہ=سر.

راند جا=هَل.

مٺيو اٿئي ليلان چنيسر ڪي، هاٿي هَلَ مَر ڪر.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1246]

مـال جــي ليــلان! اجــان تــي رانــد جــون كريــن؟

مال جي=اوڳر>اوڳي ڙي. راند جون=اٽڪلون.

اوڳــي ڙي ليــلان! اجــان تــي اٽڪلــون كريــن؟

[1247]

هـــت مـــــال جـــــا نـــــ ڏي، وچ ذات تـــي.

مال جا = ڳارا ذات. اُتيرا>اُتيرو>اُتي +روءُ.

هـــت ڳـــــارا نـــــ ڏي، وچـــي اُتـــي روءُ.

[1248]

پهـــڻ جـــي كـــا تـــان كـــان ڏي، عيبـــدار ڏي،

ڏسو ليلان نالو كيو ٻـ پاڻهي، تـ ٻـ وكـر آيس كانـ.

پهڻ جي=عينڪ>اي +نڪ. عيبدار=نڪ وڍي.

نالو=سوڍو>سودو. وكر=كيسر>كسر.

اي نـــڪ واري كـــا تـــان كانـــ ڏي، نـــڪ وڍي ڏي،

ڏسو ليلان سودو كيو ٻـ پاڻهي، تـ ٻـ كسر آيس كانـ.

ليلان جي سرتين كي منٿ

[1249]

مـال جـون! كـاٺ وكـر جـي كـري نرنـانءُ وٺ هلـو،

جو تو شهر مان نالو كري، سو مونكي هندكي كري ڏيو.

مال جون=رتيون>سرتيون. كاٺ جي=ميڙ.

وكر جا=ماسا>مان +سان. نرنانءُ=چنيسر.

شهر=لهور. نالو=لوڏي. هندكي=پرچي.

سـرتيون! ميــڙ كـــري مـــان ســان چنيســر وٺ هلـــو،

جـو تـو لهـور مـان كـڍي، سـو مونكـي پرچـائي ڏيـو.

[1250]

پنهنجون اوهيـن عضـوو، مـون كـي وڻ جـو تـو مـاري.

پنهنجون=مُنيون. عضوو=نرو>نـ +رو.

وڻ=سكمرد.

مُنيون! اوهين نـ رُو، مون كي سُك مرد جو تـو ماري.

[1251]

وکر هُياس جيڏيون، وکر سپ ويا.

وکر=هڙتال. وکر=چوٽال>چيتا.

هڙتال هيس جيڏيون، چيتا سپ ويا.

[1252]

مٽئي جي مون جيڏيون، توهين کپڙ جون چو

تيون تيو.

مٽئي جي=لَکَ>لِکيو. کپڙ جون=چَتيُون>

چِتيون.

لکيو مون جيڏيون، توهين چِتيون چو تيون تيو.

[1253]

هيس نارنالي نرنانءَ سان، پر مرونءَ پاٽي جي کيس.

نارنالي=عاقلان>عاقل. نرنانءَ=عقل. مِرون جي=

کِي>هلکي. پاٽيءَ جي=هار وير>هار.

هيس عاقل عقل سان، پر هلکي هار کيس.

[1254]

اوهين آن واريون، پر منهنجو تہ آن ڏسو.

ان=کلڻ. آن (جو) = جيءُ.

اوهين کلڻ واريون، پر منهنجو تہ جيءُ ڏسو.

[1255]

ذات پلايس جيڏيون، کاچ خدا خلقيا،

کنهن نالي چيم کونہ کو، تہ ڏڻ جي هٿ مَر لاءِ.

ذات=لوهار. کاچ=چوهارو>چو +هار. نالو=

سچڻ. ڏڻ جي=مهار>مَر +هار.

هار پُلايس جيڏيون، چو هارَ خدا خلقيا،

کنهن سچڻ چيم کونہ کو، تہ مَر هارَ هٿ لاءِ.

[1256]

ذاتيون ۽ ذاتيون، ڏي کاچ جون نرنانءَ کي،

ڏي ککن جي عورت کي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذات=هنيا>هنيي. ذات=پَنيا>پَني.
ڪاڄ=چوڙي>چوءُ +ڙي. نرنانءُ=چنيسر.
ڪکن جي=پُنگي. عورت=رن.
هنيي نہ پنيي، اوهين چوءُ ڙي چنيسر کي تہ ڏي
پُنگي رن کي.

[1257]

هوءَ جي **مال جي** آئي، **متيءَ جي** مون ڪان نہ تي،
ادي! مون **عضوي جي** ڪئي، تڏهن **ڳهہ مال جي**
تي پئي.

مال جي= اُسري. متي= واري، عضوي جي=
چُڪ(چيلهہ جو مرض). ڳهہ=مالها. مال جي=تُني.
هوءَ اُسري آئي، واري مون کان نہ تي،
ادي! چُڪ مون ڪئي، تڏهن مالها تُني پئي.

سرتين جو ليلان کي جواب

[1258]

اي ليلان! ڪوئنروءَ کي **ذات نالو** نہ ڪرين ها،
جي **ذات نالو** ڪيئي، تہ ڏي **ڪپڙي جي** ڪوئنروءَ کي.

ذات=درزي>در +جي. نالو=محرم. ذات=
درزي>در +جي. نالو=محرم. ڪپڙي جي=هڙ.
اي ليلان! ڪوئنروءَ کي در جي محرم نہ ڪرين ها،
جي در جي محرم ڪيئي تہ ڏي هَڙَ ڪوئنروءَ کي.

[1259]

لوهہ جا ليلان، **ڪپڙي جا** ڪيئن ڪيئي؟

لوهہ جا=گهوڙا. ڪپڙي جا=ڪلورا>ڪلور.
گهڙا ڙي ليلان، ايڏا ڪَلُور ڪيئن ڪيئي؟

[1260]

جڏهن **حقي جا** ڏٺا هيئي ملڪ ۾، تڏهن **مال جا**
چو ڪيئي؟

حقي جا=چغل. مال جا=واپار.
جڏهن چغل ڏٺا هيئي ملڪ ۾، تڏهن واپار چو ڪيئي.

[1262]

ليلان! شهر شهرن ڳالهہ، تہ ڪوئرو ڪندي ڪي اَنِ جا.

شهر=سچا. ڳالهہ=سُئي. ان جا=ڏُتپا.

ليلان! سچن شهرن سُئي، تہ ڪوئرو ڪندي ڪي ڏُتپا.

[1263]

ليلان! ڪوئرو تي هار آندو، تڏهن ٻولي ڳاهہ ڪرين ها.

ٻولي= چِني. ڳاهہ=مُچَ.

ليلان! ڪوئرو تي هار آندو، تڏهن چِني مُچ ڪرين ها.

[1264]

پنڌ جي هار ورتئي؟ اهڙا نالا نہ ڪجن.

پنڌ جي=چُهي<چو +هيءَ. نالو=ڪمن<ڪم.

چو هيءَ هار ورتئي؟ اهڙا ڪم نہ ڪجن.

[1265]

وڻ وجئي نارنانءَ، تو مال جو چو ڪيو؟

وڻ=آڪ<عقل. نارنانءَ=ليلان. مال جو=
مَٺُ (سودو)

عقل وجيئي ليلان، تو مَٺُ چو ڪيو؟

[1266]

لوهہ جي ليلان، رچ چنيسر؟

لوهہ جي=ڪينچي<ڪنهن +چيئي. رچ=مَٺ.

ڪنهن چيئي ليلان، (تہ) مَٺ چنيسر؟

[1267]

لوهہ جي ليلان، تو ني اَن جا ڪيا.

لوهہ جا=گهوڙا. اَن جا=اگهہ.

گهوڙا ليلان! تو وجي (مڙس جا) اگهہ ڪيا.

[1268]

عضوو وني جبل تو ڪيو حرام ڙي ليلان!

عضوو=لب. جبل=ياقوت. حرام=رمايو.

لب وني ياقوت تو رمايو ڙي ليلان!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1269]

ليـــلان، چنيســـر كـــي عـــورت نـــ كرٽـــو هـــو،
پـوءِ نـانءُ نـ كجـن اهـڙا، ذات هـار ونٺـو هـو.

عورت=مَمُلَ>مَ +مُلهہ. نانءُ=كَمَنُ>
كَمَ +نہ. ذات=كوسا.

ليـــلان، چنيســـر كـــي مَ مـــُـلهہ كرٽـــو هـــو،
كـم نـــ كجـــن اهـــڙا، كســـي هـسار ونٺـــو هـــو.

[1270]

عضـوي ۽ كـــاٺ تـــي، نرنـــانءُ وجـي ذات ٿيـو.

عضوو=مٽكو. كاٺ=چندن>چندن هار.
نرنانءُ=چنيسر. ذات=وِكيا>وكيو.

مٽكـــي چنـــدن هـــار تـــي، چنيســـر تـــو وِكيـــو.

[1271]

ذات كنهيـــن نـــ ذات كيـــا، تـــوڙي ذات هجـــن،
نرنـــانءُ تـــ نرنـــان هـــو، تـــو چـــو رچ كيـــو؟

ذات=كانڌڙا>كانڌ. ذات=وِكيا. ذات=
كارڙا. نرنان=چنيسر. نرنان=ملوڪ. رچ=
ڏيو>چڏيو.

كـانڌ كنهيـن نـــ كيـــا، تـــوڙي كـــارڙا هجـــن،
چنيســـر تـــ ملـــوڪ هـــو، تـــو چـــو چـــڏيو؟

[1272]

تـوڙي هجـن ذاتيـون، تـ بـ اهـڙي ذات تـ كنهـن نـ.

ذاتيون=ورڏنگ>ور +ڏنگا. ذات=وكيا.

تـوڙي هجـــن وَر ڏُنگـا، تـ بـ وكيـا تـ كنهـن نـ.

[1273]

نارنانءُ! جن سان كيڙ جون كجن، سي شهر نـ ڏجـن.

نارنانءُ=ليلان. كيڙ جي=لوڏ>لوڏون.
شهر=ملتان>ملهہ +تان.

ليلان! جن سان لوڏون كجن، سي ملهـ تـان نـ ڏجـن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1274]

ذاتیون کنهن نہ **ذاتیون**، تنهنجو تہ **نرنانءُ** هو!

ذاتیون=ڪارڙا ۽ ڪوجهڙا. ذات=وِڪيا.

نرنانءُ=ملوڪ.

ڪارڙا ۽ ڪوجهڙا ڪنهن نہ وِڪيا، تنهنجوتہ سهڻو هو!

[1275]

نالو نالو ڪنهن نہ چڏيو، تنهنجو تہ **نرناءُ** هو!

نالو=ڪاٹو. نالو=ڪوجهو. نرنانءُ=ملوڪ.

ڪاٹو ڪوجهو ڪنهن نہ چڏيو، تنهنجوتہ ملوڪ هو!

[1276]

ذاتیون نہ ڪي، جو **نالو** ڪيو تي ڪانڌ ڪي،

مرض نہ ايندءِ هٿ.

ذات=اَگهيمر>اَگهہ +مرَ. نالو=ڪارو. مرض=

موڪو>موقعو.

اَگهہ مرَ ڪي، جو ڪارو ڪيو تي ڪانڌ ڪي،

موقعو نہ ايندءِ هٿ.

[1277]

ليلان! **ليڪو** لاهہ، چنيسر **ڪپڙو** تو ڪيو.

ليڪو=پولو. ڪپڙو=ڪارو.

ليلان! پولو لاهہ، چنيسر ڪارو تو ڪيو.

[1278]

مَرُ **ڪاٹ جو** تي ليلان، جو **عضوين نانءُ** پيئي.

ڪاٹ جو=ڏَڪُ>سُڏَڪ. عضوو=هٿ>هٿين.

نانءُ=هر جو.

مَرُ سُڏَڪ ڙي ليلان، جو هٿين هرج پيئي.

[1279]

جڏهن **ڪپڙي جو** ڏنئي، تڏهن **مجيءَ جو** پريئي.

ڪپڙي جو=زيب. مجيءَ جو=يَنُ.

جڏهن زيب ڏنئي، تڏهن يَنُ (چَتي) پريئي.

[1280]

نارنان! توکي ڳهہ مليو، تہ ويئي ذات چڏي.

نارنان=ليلان. ڳهہ=هار. ذات جا=مَتيا>مَت.

ليلان! توکي هار مليو، تہ ويئي مت چڏي.

[1281]

مر مٺي هجين ليلان، وڻ جا وڏا هُيئي.

مِٺي=چوري. وڻ=سکمڙد>سک +مڙد.

مر چوري هجين ليلان، سُکَ مڙدَ جا وڏا هُيئي.

[1282]

ڳهہ مٺي ڙي ليلان! نہ تہ وڏا هئا وڻ جا.

ڳهہ=طوق>تو ڪئي. مٺي=ڪچي. وڻ=سُکمڙد.

توِ ڪئي ڪچي ڙي ليلان! نہ تہ وڏا هئا سُکَ مڙد جا.

[1283]

وڻ ڪِي، ڏن ڪِي، پهر ڪهيتي ڪِي ڪيون؟

وڻ=سَکمڙد. ڏن ڪي=مٺا. کهيتي ڪي=

روت>روتي.

سکهہ مرد مَبتا، پهر روتي ڪيون؟

[1284]

ليلان! توکي ذات چڏيو، يا ڪنهن سان نالو هئينءَ.

ذات=ياڳت>ياڳ. نالو=ذوقي.

ليلان! توکي ياڳ چڏيو، يا ڪنهن سان ذوقي هئينءَ.

[1285]

سُٿ جي ليلان، هوءَ پورهيت هار ڪٽي ويئي.

سُٿ جي=پڙائي>پڙهايئي. پورهيت=ڪُويلي>

ڪويلي.

ڪنهن پڙهايئي ليلان، هوءَ ڪويلي هار ڪٽي ويئي.

[1286]

نالو ذات ڪري، ڪوهہ مچي تي ليلان.

نالو=مِنو. ذات=مگٽهار>هار. مچي=

رڙي>رڙين.

مِنو هار ڪري، (پوءِ) ڪوهہ رڙين تي ليلان!

[1287]

هٿيار پوک جي ذات ڪيئي، چو مرونءَ جي ليلان!

هٿيار=وڏاڻ. پوک جي=رک. ذات=واپاري>
واپار. مرونءَ جي=لُڇ>لُڇين.

وڏاڻ رکي واپار ڪيئي، (پوءِ) چو لُڇين ليلان!

[1288]

نالي ڪاٺ جو بہ تنهنجو، وري راند جي بہ تون!

نالو=قائم. ڪاٺ جو=ڪِلو. راند جي=گُٽي.

قائم ڪِلو بہ تنهنجو، وري گٽينءَ بہ تون!

[1289]

اڙي ليلان! نالو تنهنجو شهر هو، پر توکان نالو ٿي نہ ٿيو.

نالو=خانو>خانو(گهر). شهر=آباد. نالو=وَسايو.

اڙي ليلان! خانو تنهنجو آباد هو، پر توکان وَسايو نہ ٿيو.

[1290]

چنيسر تہ ذات هو، تو شهر ڪيو ڙي.

ذات=سنگتراش>سنگت +راس. شهر=ڪرڪُوڪ
>ڪرتُوت

چنيسر تہ سُنگت راس هو، تو ڪَرتُوت ڪيو ڙي.

[1291]

ڪوڙ ڪيو اٿئي ليلان، مرون ڪَٽيو تو.

ڪوڙ=اعمال. مِرون=ڪَلب>قلب.

اِعمال (لڇڻ) ڪِيو اٿئي ليلان، قلب ڪَٽيو تو.

[1292]

ڪاچ جي توکي نارنان، نارنان تو نہ ڪئي.

ڪاچ جي=ٻَرهي>ٻَر +هو. نارنان=ليلان.
نارنان=سُرهي.

ٻَرهئو توکي ليلان، سُرهي تو نہ ڪئي.

[1293]

ٻہ ڪاٺيون توتي ليلان! تڏهن پوڪ جو توکي ٿيو.

ڪاٺي=ٻيج. ڪاٺي=ڳُلي. پوڪ جو=وهراڄ>
وِهہ +راڄ.

ٻہ چغليون توتي ليلان! تڏهن وِهہ راڄ توکي ٿيو.

[1294]

ليلان! ڳهہ ٿيئي، ڪاٺ جو نہ ٿيو تو.

ڳهہ=هار. ڪاٺ جو=وَرو>وَرُ.

ليلان! هار ٿيئي، وَر نہ ٿيو تو.

[1295]

ليلان! نالو تہ ڪيئي، پر ٻولي نہ.

نالو=ڏيرڻ>آڏيءَ +رڻ. ٻولي=نهيو.

ليلان! آڏيءَ رِڻ ڪيئي، پر نهيو تہ نہ.

[1296]

ليلان! ست جو ڏنو پاڻ کي، هاٿي وَت راند جي.

ست جو=توبرو>توٻرو> تو +ٻَرو. راند جي=
ڊوڙ>ڊوڙندي.

ليلان! تو ٻَرو ڏنو پاڻ کي، هاٿي وت ڊوڙندي.

[1297]

راند ڏڻ تنهنجو، زحمت مرون ليلان!

راند جو=حڪم. ڏڻ=چڪو. زحمت=اُتي.
مرون=روباهہ>روءِ +باهہ.

حڪم چڪو تنهنجو، اُتي روءِ باهہ (۾) ليلان!

[1298]

نارنالي لوهہ جي لڳئي، تڏهن ٻہ تي مال جا ڪرين!

نار نالي=ليلان. لوهہ جي=ڪَسُ. مال جا=
سوداءِ>سوداءِ.

ليلان! ڪس لڳئي، تڏهن ٻہ تي سوداءِ ڪرين!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1299]

اڙي ليلان! شهر تہ ڪيئي، پر نالو تہ ڪر.

شهر=قصور. نالو=منظور.

اڙي ليلان! قصور تہ ڪيئي، پر منظور تہ ڪر.

[1300]

پنهنجي ڪري ليلان، پوءِ تي پکي ڪرين.

پنهنجي=سونهن>سونهان. پکي=شتاب>تاب.

سونهان ڪري ليلان! پوءِ تي تاب ڪرين.

[1301]

مرض تنهنجا ليلان! ڪپڙ جا سهيو، ويئي مرد جا ڪرين.

مرض=برهال>بَرَ+حال. ڪپڙ جا=تُنڪا.

مرد جا=لُنڪا.

بَرَحال تنهنجا ليلان! تُنڪا سهيو ويئي لُنڪا ڪرين.

[1302]

ڪپڙ جا چڏي، تون ڪُتي جا ڪر.

ڪپڙ جا=ڪُنڪا (ٽُڪريون). ڪُتي جا=

لُنڪا (پچ لُنڪائڻ).

ڪُنڪا چڏي، تون لُنڪا ڪر.

[1303]

نالو اتئي ڙي ليلان! هاٽي ذات نہ ڪر.

نالو =روشن. ذات ڪراڙ > تڪرار.

روشن اتئي ڙي ليلان! هاٽي تڪرار نہ ڪر.

[1304]

ڪاٹ جي آهين ليلان، مال جو چنيسر.

ڪاٹ جي=چيت>چِتي. مال جو=پُچ.

چِتي تي آهين ليلان، پُچ چنيسر.

[1305]

لوهہ جي تي هئين ليلان! تڏهن پکي جو چنيسر.

لوهہ جي=چيت>چِتي. پکيءَ جو=پُچ>پُچن.

چِتي تي هئين ليلان! تڏهن پچين ها چنيسر.

[1306]

لِيلان! تون لوهہ جي ٿئينءَ، چنيسر مال جو ٿيو.

لوهہ جي = دور. مال جو=مست.

ليلان! دور ٿئينءَ، چنيسر مست ٿيو.

[1307]

ليلان! تو ۾ هار جو هو، تڏهن توکي وئي ذات ڇڏي.

هار جو=ڪَجُ. ذات=سمجهہ.

ليلان! تو ۾ ڪَجُ هو، تڏهن توکي وئي سمجهہ ڇڏي.

[1308]

نالو وڃائي پانهنجو، تڙ وينئينءَ تون،

مرون جي هن بہ ڪانہ ڪي، پوءِ عضوي پئينءَ تون.

نالو=هالو>حال. تَڙ=تالهو>طالبو. مرون جي=

اونائي. عضوو=مُٺ>مُٺينءَ.

حال وڃائي پانهنجو، طالب ٿئينءَ تون،

اونائي هن بہ ڪانہ ڪا، پوءِ مُٺينءَ تون.

[1309]

ليلان! اسان لوهہ جي تہ چنيسر مٿيءَ جي ڪري.

لوهہ جي=سُئي. مِٿيءَ جي=توبِي>تو+بِي.

ليلان، اسان سُئي تہ چنيسر تو بِي ڪري.

[1310]

ذات نالي پر، جو عورتان پولي ڪري.

ذات=ڦنبراٺي>ڪنبُ+راٺي. نالو=قهار.

عورت=دادلي>دادليون. پولي=دُور.

ڪَنبُ راٺي، قهار پَر، جو دادليون دور ڪري.

[1311]

مرض سهي ڪٺي ڪاٺ جي ڪر، نالي ۾ فقير

جو اٿئي.

مرض=سور. ڪاٺ جي=ماٺ. نالو=نصيبو>

نصيب. فقير جو=لکيو.

سُور سهي ڪٺي ماٺ ڪر، نصيب ۾ لکيو اٿئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1312]

ڪَــڪُ ڪــري پيــو **نــالي** تــي، هــاڻ ڪــا **ذات**.

ڪک=قلم. نالو=ڪرم. ذات=پوڳڙي>

پوڳ +ڙي.

قلــم آئيئــي ڪــرم تـــي، هـــاڻ پـــوڳ ڙي.

[1313]

ويــو ڪـَــڪُ وَهــي، هــاٿي ليــلان! وينــي **ذات**.

ڪک=قلم. ذات=لوڙها>لوڙُ.

ويـــو قلـــم وهـــي، هـــاٿي ليـــلان! وينـــي لـــوڙ.

[1314]

لوهــــ جـــي ليـــلان، **اڪـــر جـــو** چنيســـر،

ڪـــاٺ ٺـــون پئـــي، هـــاٿي **نـــالو** ڪـــر.

لوهـ جي=روات>روءِ +اُت. اڪر جو=وَٿُ.

ڪاٺ جو=هٿيو>هٿ. نالو=بخشڻ>بخش.

روءِ اُت ليـــــــــــلان، وَٿ چنيســــــــــــــر،

هٿئـــــون پئـــــي، هـنـــاٿي بخـــــش ڪـــــر.

[1315]

ذات ليلان **ســـٿَ جـــي**، چنيسـر مـن **نـانءُ** ڪريئـي!

ذات=وونرا>وڻن +روءِ. سٿ جي=وَٿِ.

نانءُ=سائينداد>سائين +داد.

وڻن روءِ ليـلان! وَٿ چنيسـر، مـــن ســائين داد ڪريئـــي.

[1316]

مـــال جـــو ليـــلان، توســـان **اللّٰه** **نـــانءُ** ڪنـــدو.

مال جو=نرو>نـ +روءِ. اللّٰه=سائين. نانءُ=داد.

نـــ روءِ ليـــلان، توســـان ســـائين داد ڪنـــدو.

[1317]

پــر ڙي ليــلان **ڪــاني**، اڳيــان **ذاتيـــن** ۾ وينديـــنءَ.

ڪاني=قلمي>ڪلمون. ذات=ملائڪ>ملائڪن.

پــر ڙي ليــلان ڪلمــون، اڳيــان ملائڪــن ۾ وينديـــنءَ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1318]

ليـلان! ويهـ نـ مـال جـن ۾، وچ تـون ذات ڪٽـي.

مال جا=اَجها>اَجهن. ذات=ساڏور>ڏور.

ليـلان! ويهـ نـ اَجهـن ۾، وچ تـون ڏور ڪٽـي.

ليلان جو وڇڻ

[1319]

هئيـنءَ ڪڪـن جـي ڪـامٽي، نرنـانءَ ويوئـي ڇـڏي،

هـاٿي ليلان وچ لڌي، متـان مرضو مرض مـري وڃـي.

ڪڪن جي=تونري>توڙي. ڪامٽي=سومري.

نرنانءَ=سياڳو>سو +ياڳ. مرض=رنجو رُنج.

هئيـنءَ تـوڙي سـومري، سـو يـاڳ ويوئـي ڇـڏي،

هـاٿي ليـلان وچ لـڌي، متـان رنجـو رنـج مـري وڃـي.

[1320]

اي ليلان! گاهـ جـي هتئـون، ڪوئـرو ڪـپڙو ڪيـو.

گاهـ جي=لَڌَ. ڪپڙو=چوڙو (ڪفن متان ڪپڙو)

>وڇوڙو.

اي ليـلان! لـڌ هـتئون، ڪوئـرو وڇـوڙو ڪيـو.

[1321]

هتـي واٽـڪـي ڪريـان ڪوهـ، چنيسـر ذات تيـو.

واٽڪي=وَهي>ويهي. ذات=سامتيا>ساءُ +متيو.

هتي ويهي ڪريان ڪوهـ، (جڏهن) چنيسر ساءُ متيو.

[1322]

حاڪيماٽـا هـت ڇـڏيو، ليـلان ولايـت وڃـي.

حاڪيماٽا = قلعا. ولايت=ڏورُ.

قلعـا هـت ڇـڏيو، ليـلان ڏور وڃـي.

[1323]

جڏهن ليلان تـي گاهـ جـي، تـڏهن ڪـائڻ جـو ڪـير

چويـس ئـي ڪونـ.

گاهـ جي=لَڌَ>لڌي. ڪائڻ جو=وِهـ>ويهڻ.

جڏهن ليلان تي لڌي، تڏهن ويهڻ جو ڪير چويس ئي نـ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1324]

ليلان پئي **گاھ جا** کيا، تہ **هندو نالي** ڪنهن نہ چيو.

گاھ جا=لڏڻ>لاڏاٽا. هندو نالو=تڪيو>ٽڪ.

ليلان پئي لاڏاٽا ڪيا، تہ 'ٽڪ' ڪنهن نہ چيو.

[1325]

حاڪيماٽي ليلان، چنيسر تو **ذات** ڪري، متان **ڪاسبڪي** ڏي.

حاڪيماٽي=پَچ. ذات=وڳڻ. ڪاسبڪي=مار.

پچ ليلان، چنيسر تو وڳڻ ڪري، متان مار ڏي.

[1326]

ڪپڙي جي اٿئي ليلان، وڃ **نالو** ڪٽي.

ڪپڙي جي=هَڙَ. نالو=ساھڙ>سا +هَڙَ.

(جا) هَڙ اٿئي ليلان، وڃ ساهَڙَ ڪٽي.

[1327]

اي ليلان! **فقير جو** نہ، **ڪپڙي جو** آ.

فقير جو=گيڙُ (هارڻ). ڪپڙي جو=پَريو.

اي ليلان! گيڙُ نہ، پَريو آ.

[1328]

هٿيار جي ليلان، نہ **پولي** چنيسر.

هٿيار جي=جامڪي>جا +مُڪي. پولي=مجي.

جا مُڪي ليلان، نہ مجي چنيسر.

[1329]

پنهنجو جيت چنيسر، ليلان **ان جو** نہ.

پنهنجو=نياپو. جيت=مُڪو. ان جو=چُنو> اچ +نہ.

نياپو مڪو چنيسر، ليلان اچ نہ.

[1330]

ايندي‌س **گاھ عضوي**، پي **ڪاٺ جا عضوي** کهڙي؟

گاھ=سَرُ>چنيسر. ڪاٺ جا=هَرُ. عضوو= ڳرو (ڳچي). عضوو=نڪ.

ايندي‌س چنيسر ڳري، پيهر نَڪ کهڙي؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1331]

ليلان اڳي **ذات** هئي، پر ڪوئنرو ڪٺي **پاٺي** ڪئي.

ذات=مشوري>مشهور. پاٺي=پڏرو>پڌري.

ليلان اڳي مشهور هئي، پر ڪوئنرو ڪٺي پڌري ڪئي.

[1332]

ذاتيون اڳئي **ذاتيون**، پر **ذات** پڏاسين ڪين ميان!

ذات=ڪانڌڙا>ڪانڌ. ذات=ڳهلڙا. ذات=وڪيا.

ڪانڌ اڳئي ڳهلڙا، پر وڪيا پڏاسين ڪين ميان!

[1333]

ليلان **ڪپڙي** جو سودو ڪيو، **ذات** بہ آيس ڪانہ،
پر **نالو** ئي ويو.

ڪپڙي جو=لَبادو>لَبائتو. ذات=ڪَسَر>ڪٺر.
نالو=مورُ>مُور.

ليلان لَبائتو سودو ڪيو، ڪٺر آيس ڪانہ، پر
مُور ئي ويو.

[1334]

ليلان تہ **ڪاڻي** هئي، پر ڪوئنرو **جرجا** ڪري،
حاڪيماڻي ڏني.

ڪاڻي=ڪاڻي>مالڪياڻي. جر جا=جهڳڙا.
حاڪيماڻي=طلاق.

ليلان تہ مالڪياڻي هئي، پر ڪوئنرو جهڳڙا ڪري،
طلاق ڏني.

[1335]

ليلان **پوڪ جو** ڪيو، ڪوئنرو **نالو** ڪندي.

پوڪُ جو=ڇيهہ. نالو=قرب.

ليلان ڇيهہ ڪيو، ڪوئنرو قرب ڪندي.

[1336]

ڪوئنرو تہ **پوڪ جا** ڪيا، پر ليلان **نرناڻ**ءُ ڪندي.

پوڪ جا=دنگ. نرناڻءُ=نياز.

ڪوئنرو تہ دنگ ڪيا، پر ليلان نياز ڪندي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1337]

جـي اکــر جـا لکبـا، سـي وکــر ئــي کيــن.

اکر=انگ. وکر=ميٺ>ميٺيا.

جـــي اُنـــگ لکيـــا، ســـي ميٺيـــائي کيـــن.

[1338]

کاسبکي ذات کئي، نہ تہ کامڻ هئي نرنانءَ سان.

کاسبکي=پَهي>پَهو. ذات=نائي>پِنائي.

کامڻ=اربيلي. نرنانءَ=ارباب.

پــَهي پـِــنائي، نــہ تــہ اربيلــي هئــي اربــاب ســان.

[1339]

عـورت تـي کوئـرو، جنهـن اَچـي ئکـــر جـو هنيــو،

نـہ عـورت تـي ليـلان، جنهـن سـان جنڊ جـــي تـــي.

عورت=ياڳي (ياڳ واري). ئکر جو=نارو.

نہ عورت=نِـياڳي. جنڊ جي=سوڙهي.

يـــاڳي تـــي کوئـــرو، جنهـــن اچـــي نعـــرو هنيـــو،

نيـــاڳي تـــي ليـــلان، جنهـــن ســـان ســـُـــوڙهي تـــي.

[1340]

لوهـــــــ جــــــــي ليـــــــلان، رڄ چنيســــــــر.

لوهہ جي=کَنڊي>کُنڊي. رڄ=مَٺُ>مَٺيئين.

کـــُـــنڊي تـــــي ليـــــلان، مٺيئيـــــن چنيســـــر.

[1341]

کـــاڄ جـــو ڏنـــائون، وکـــر ويچـــاريءَ کـــي.

کاڄ جو=کريلو>کري +لوءِ. وکر=وهہ.

کـــري لـــوءِ ڏنـــائون وهـــہ ويچـــاريءَ کـــي.

[1342]

هئي نالي وٺ نارنانءَ، اها تلوار جي کنهن کئي.

نالو=دوس>دوست. نارنانءَ=دادلي.

تلوار جي=ڏار.

هئـــي دوســـت وٺ دادلـــي، اهـــا ڏار کنهـــن کئـــي.

[1343]

عـــورت ويئـــي، نـــالو كيـــائين، نرنـــانءُ تـــي.

عورت=قوُلان. نالو=مدگر>مَـد +گهـَر.

نرنانءُ=پـُورن>پوءِ +رن.

قـــولا ويئـــي مـــَـــدِ گهـــر كيـنـائين، پـــوءِ رن تـــي.

[1344]

لوهـــ لڳـــي ليـــلان، متـــيءَ جـــي تـئـــي كيـئـــن؟

لوهہ=داغ. متي =اچي.

داغ لڳـــــي ليـــــلان، اچـــــي تـئـــــي كيـئـــــن؟.

[1345]

متـــيءَ جـــي ليـــلان، لوهـــ جـــو چنيســـر.

متيءَ جي=چـَري. لوهہ جو=ڪـَڙو.

چـــري ليـــــلان، (تيـــــو) ڪـــــڙو چنيســـــر.

[1346]

پـــوڪ ڏڪ جـــي ليڪـــي رانـــد جـــون كـــائي.

پوڪ=تـِر. ڏڪ جي=گـُـتـِـي. ليڪي جو=سوءُ.

راند جون=چوٽون.

تـــِــــر جـــي گـــُــــتي، ســـو چوٽـــُــــون كـــائي.

[1347]

ليـــلان مـــال جـــــي، ڪوئـــرو تـــان ميجـــي.

مال جي=ولوڙي>ويني لوڙي. ميجي=ڪـَـئي.

ليلان ويني لوڙي، (جنهن سان) ڪوئـروءَ تان ڪئي.

باب ڏهون

سُر مارئي: گجھارتون

عمر جو ڪوهہ تان مارئي ڪڍڻ

[1348]

پوڪ هئي جَـرَجي تي، تـڏهن نرنـان ڏنـائين.

پوڪ(جي)=ڪڙهي(زمين تيار ڪرڻ)>ڪڙي.

جر جو=ڪوهہ. نرنان=عمر.

ڪـڙي هئـي ڪوهـہ تـي، تـڏهن عمـر ڏنـائين.

[1349]

ادا! توڪي منهنجي ولايت جو ڪنهن نالو ڪيو؟

ولايت=سورت>صورت. نالو=معلوم.

ادا! توڪي منهنجي صورت جو ڪنهن معلوم ڪيو؟

[1350]

اَنـب جـا عضـوون مـان، نـالو اُٺ ڏنـي.

انب جا=پوڪڻ. عضوو=هٿ. نالو=چِٺو.

اُٺ=توڏي.

پوڪـو هٿـن مـان چِٺـو، تـو ڏي ڏِنـي.

[1351]

عمـر! عـورت نـالي ذات گهـر جـو نـہ.

عورت نالي=حُمي>همہ. ذات=دستي.

گهر جو=ڪُڻ (چِت جو)>ڪَڻ.

عمـر! همـہ دسـتي ڪـري ڪـَـڻُ نـہ.

[1352]

عمـر! هـَـذئون زحمـت نـہ.

هذي(جو)=دارو>ريدار. زحمت=چِڻ.

عمـر! ريـدارئون چِـڻُ نـہ.

[1353]

عمر! شـهر نـہ چـڏ، مـان ذات نـالو ڪنديسـانءِ.

شهر=چِني. ذات=آهين>آهہ +پُني. نالو=ڪارو.

عمر! چنـي نـہ چـڏ، آهـہ پـُني تـہ ڪـارو ڪنديسـانءِ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1354]

مرض عمر، ڪڪن جي مارئي.

مرض=سَٽ. ڪڪن جي=دٻڪي.

سَٽ (ڪئي) عمر، (تہ) دَٻڪي مارئي.

[1355]

جر ان جي ذات، نرنان ڪاٺ جي مال تي.

جر=پاڻي. ان جي=پَرٽي>پريندي. ذات=
پنهوار. نرنان=عمر. ڪاٺ جي=چاڙهي.
مال=اُٺ.

پاڻي پريندي پنهوار، عمر چاڙهي اُٺ تي.

[1356]

ذات ڪي ذات ڪيو، ڪاڻيءَ ڪي مال ۾.

ذات=سومرو. ذات=ٻِيسڪ. ڪاڻي=بيراڳڻ.
مال=ٻَرُ.

سومري وني سُڪَ ڪيو، بيراڳڻ ڪي ٻَرَ ۾.

[1357]

ڪاچ مچي ماري، نہ تہ عمر پوڪ ٿي نہ هو.

ڪاچ=جُونو. مچي=جَڪ. پوڪ=چَٽو>اچٽو.

جوني (ڦوڳ) جَڪ ماري، نہ تہ عمر اچٽوئي نہ هو.

[1358]

عمر نہ ذات هو، پر ڪاڻي تي پيو.

ذات=امير. ڪاڻي=ناڙي>اَناڙي.

عمر تہ امير هو، پر اَناڙي تي پيو.

مارئيءَ جي ماءُ جي مارئيءَ لاءِ پڇا

[1359]

نالي متي نہ باهہ جي، الاٽي ڪنهن راند جي؟

نالو=اڳڻ. باهہ جي=تِمڪَ>تمڪي.
راند جي=چائِي.

اڳڻ متي نہ تمڪي، الاٽي ڪنهن چائي؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1360]

هوءَ جا **نالا** ونـي **ذات** وئي، سا **ڪاڻ** توُن ئي **ذات**.

نالو=جعفر>جا +قُر. ذات=چارڻ. ڪاٺ=

ڪُوهو>ڪوهہ. ذات=نائي>نہ +آئي.

هوءَ جا قُرَ وني چارڻ وئي، سان ڪوهہ توُن ئي نہ آئي.

[1361]

منهنجي **جيت** جو، **ڪاٺ جو** عمر سان.

جيت=ڄاهو>ڄائي. ڪاٺ جو=سَلُ>سليو.

منهنجي ڄائيءَ جو، ڪنهن سليو عمر سان.

[1362]

ذاتين آئين سومرا! **ذات** ڪري وئين مارئي.

ذات=غيبي>ازغيبي. ذات=غيب>غائب.

ازغيبي آئين سومرا! غائب ڪري وئين مارئي.

مارئي عمر جي قيد ۾

[1363]

نرنان نالو پانيان ها، تہ **پيلي ذات** نہ وڃان ها.

نرناڻ=عمر. نالو=آيو. پيلي>نَفر>نہ +قُر.

ذات=چارڻ.

عمر آيو پانيان ها، تہ نہ قُرَ چارڻ وڃان ها.

[1364]

پنهنجي حاڪم جو ڪيو، تڏهن **ڪاٺ جي** تان

گاهہ جو تياس.

پنهنجي=قسمت. حاڪم جو=قهر. ڪاٺ جو=

ڪُوهو>ڪوهہ. گاهہ جو=بند.

قسمت قهر ڪيو، تڏهن ڪوهہ تان بند تياس.

[1365]

نارنان حاڪيماٽا، ڪاٺ جي ڏسان ڪانہ ميان!

نارنان=جافران>جان +قران. حاڪيماٽا=ڪوٽ.

ڪاٺ جي=ڏاڪڻ.

جان قران ڪوٽ ڪي، تہ ڏاڪڻ ڏسان ڪانہ ميان!

[1366]

مــارو چــڏي مــارئي، تــي مــال جـــا نهـــاري.

مال جا=اوٺـر>ٺـر.

مـــاروُ چـــڏي مـــارئي، تـــي ٺـــر ڏي نهـــاري.

[1367]

نـــالو ذات راڳ، ســا پنـــڌ جـــا ڪپـــڙي ۾.

نالو=جعفر>جا +ڦر. ذات=چارڻ. راڳ=

جوڳ>جوڳي. پنڌ جا=ڪوهه. ڪپڙو=ڪوٽ.

جـا ڦـر چـارڻ جوڳـي، سـا ڪوهـہ (آهـي) ڪـوٽ ۾.

[1368]

مــارئي انـــدران باهـــہ جـــي، پئـــي مـــال نهـــاري.

باهہ جي=اُماڙي>ماڙي. مال=هرڻ>رڻ.

مــارئي انـــدران مـــاڙيءَ جـــي، پئـــي رڻ نهـــاري.

[1369]

مرضـــن چڙهيـــو مـــارئي، بيٺـــي پـــوک جـــا نهـــاري.

مرض=مهلو>محلين. پوک جا=چوُنرا.

محليـــن چڙهيـــو مـــارئي، بيٺـــي چوُنـــرا نهـــاري.

[1370]

مـــاڙيءَ چڙهيـــو مـــارئي، بيٺـــي ڏڻ جـــا نهـــاري،

پـــوک اَبـــاڻي پـــارَ جـــي، مـــن ڏاتـــر ڏيڪـــاري،

آءٌ تـہ گهٽـئـي ڳهـــہ جـــي، پـــر جـــي عمـــر اُمـــاڻي.

ڏڻ جا=اوڳر>ڳهر. پوک جا=چوُنرا

ڳهہ جي=ڪَنڊلي>اُڪنڊي.

مـــاڙيءَ چڙهيـــو مـــارئي، بيٺـــي ڳهـــر نهـــاري،

چوُنـــرا ابـــاڻي پـــارَ جـــا، مـــن ڏاتـــر ڏيڪـــاري،

آءٌ تـہ گهٽـئـي اُڪنـڊي آهيـان، پـر جـي عمـر اُمـاڻي.

[1371]

وڻ چڙهيـــو مـــارئي، بيٺـــي جيـــت نهـــاري.

وڻ(جو)=منگهو. جيت=پوپٽ>پَٽ.

منگهـــي چڙهيـــو مـــارئي، بيٺـــي پـَـــٽَ نهـــاري.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1372]

ماڙيءَ چڙهيو مارئي، **مال ڪاٺ جي** لائي روئي،
ائين بيٺي چوئي، **مرض مال جي** آهيان.

ماڙيءَ (جو) =ڇاڇو. مال جي=رَتي>رَت.
ڪاٺ جو= وَرو>ورن. مرض= وِرهه.
مال جي=وڪوڙي.

ڇاڇين چڙهيو مارئي، رَتَ وَرَنو روئي،
ائين بيٺي چوئي، ورهه وڪوڙي آهيان.

[1373]

ڪاڇ نه ڪائي مارئي، **نالو** اتس مَن ۾.

ڪاڇ=ٽڪي (ماني). نالو=مونڻ.

ٽِڪي نه ڪائي مارئي، مونڻ اتس مَن ۾.

مارئيءَ جون عمر کي منٿون

[1374]

هڪ **نالو**، ٻيو **نالو**، ٽيون **نالو**، توکي چوٿون **نالو** نه هو.

نالو=عمر. نالو=ميرو>مير. نالو=امير.
نالو=لائق.

عمر مير اميرا! توکي (ائين) لائق نه هو.

[1375]

لوهه **ڪاٺ** نه اتئي ميان سومرا، هي **نالو** نه تو.

لوهه جي=جهَلَ>جهَلَڻُ. ڪاٺ (جو) =مُنو
(نار جو عضوو)>مناسب. نالو=لائق.

جهلڻ مناسب نه اتئي ميان سومرا، هي لائق نه تو.

[1376]

جيت نالي ڪيئي ميان سومرا! سو **شهر** بہ تئين تون،
تو **پنهنجي پوڪ جي** ڪئي، پوءِ **ڪاٺ پنهنجو** مون.

جيت= ڪَڻ>ڪٿي. نالو= آندو>آندئي. شهر=
جهَلو>جهلي. پنهنجي=پت. پوڪ جي=پيوري>
پوري. ڪاٺ (جي) =ڪَٽ>ڪٽي. پنهنجو=نصيب.

ڪٿي آندئي ميان سومرا! سا جهلي وينئين تون،
تو پنهنجي پوري ڪئي، هاڻي ڪَٽي نصيب مون.

[1377]

مٽئــي نـــالي نـــار، شـــهرئون آنديـــي ڪيئـــن ميـــان!

مٽيو=ياقوت>قوت. نار=مڪڙ>مڪڙيون.

شهر=ساماروِ>سا +ماري.

قـوت جنهـن جـو مڪڙيـون، سـا مـاري آنديـي ڪيـن ميـان!

[1378]

اولت نالي شـهر مـوُن، تـو ڪـاڻي آنـدي ڪيئـن ميـان!

اولت(عورت)=بيگم>بي +غمي. شهر=گام.

ڪاڻي=ڳني>ڳنهي.

بـي غمـي گـام مـوُن، تـو ڳنهـي آنـدي ڪيئـن ميـان!

[1379]

نـالو ڪـر ڙي سـومرا! ڏي پنهنجـو نارنـانءَ ڪـي تـہ

حـــاڪم جـــي ٿئـــي.

نالو=ترس. پنهنجو=دلاسو. نارنانءَ=دلگير.

حاڪم جي=دلجاءِ.

ترس ڪر ڙي سومرا!ڏي دلاسو دلگير ڪي تہ دلجاءِ ٿئي.

[1380]

اَتئـــي نـــانءُ الله جـــو، ذات نـــہ ڪـــر مـــون،

نرنـــالي حاڪيمـــاٽي پر، جيـــت ٿينديـــن تـــون.

ذات= ڪارا> ڪاري. نر نالو= صاحب.

حاڪيماٽي=سرڪار. جيت=ڏوهو>ڏوهي.

اتئـي نـانءُ الله جـو، ڪـاري ڪـَـر نـہ مـون،

صـاحب جـي سـرڪار پر، ڏوهـي ٿينديـن تـون.

[1381]

ذات آهيــان ميــان ســومرا! نــہ ڏي ڳهٽــو اَبــاڻن.

ذات=ماڇي>مان اُڇي. ڳهٽو=ٽڪڙو.

مـان اُڇـي آهيـان ميـان سـومرا! نـہ ڏي ٽـِـڪو اَبـاڻن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1382]

پڪـــي ڪيئـي مـون کــي، عمـــر! **پکيـــن** ۾.

پکي=بَدڪ>بَد. پکي=هيڙهو>هيڙين>

ساهيڙين.

بـــَـد ڪيئـي مـون کـــي، عمـــر! ســاهيڙين ۾.

[1383]

نـــالا تنهنجـا ســومرا، **نـــالي** کـــي نـــ وٽــن.

نالو=حڪيم>جي +ڪَمرَ. نالو=واحد.

جــي ڪــم تنهنجـا ســومرا، واحــد کــي نـــ وٽــن.

[1384]

اي عمــر ســومرا! توکـي **زال جـــي**، نـــ **مـــال** جـــو.

زال جي=ناس. مال جو=پِتو.

اي عمـــر ســـومرا! توکـــي نـــاس نـــ پـــِـــتو.

[1385]

وٽــن منجهـ هُـياس، جـي تـون نـ ڪٽيـن هـا سـومرا!

وَٽ=اَنب>اَنبن +اَبن (عزتن).

اَبـن منجهـ هيـاس، جــي تــون نـــ ڪٽيــن هــا ســومرا!

[1386]

ڪـــاٺين آندئـــي مـــارئي، **ڪـــاٺي** ڪيـــن چـــڏيج،

نـــالو اٺئـي ميـان سـومرا! وجـي **مـــال جـــن کـــي** ڏيــج.

ڪاٺ(جو)=ڪُوهو>ڪوهين. ڪاٺي=رُول>

رولي. نالو=راضي. مال جا=ساڳا>ساڳين.

ڪوهيـــن آندئـــي مـــارئي، رولـــي ڪيـــن چـــڏيج،

راضـــي ٿـيءُ ميـان سـومرا! وجـي ســاڳين کـي ڏيــج.

[1387]

ڪاٺ تان ذات آندءِ سومرا!وڌئي **ڪـاٺن** منجهـ **پڪــي**،

سا هٿ ڪيئن گذاري، جنهن جا **شــهر** ۾ **پـوڪ** رڃ ٿيا.

ڪاٺ=ڪوهو>ڪوهـ. ذات=ڪونيڙيا>ڪنيي.

ڪاٺ=طاق>طاقن. پکي=تاڙو. شهر=ڪاهڙ.

پوڪ=ڪيٺ. رڃَ=پڪا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوهہ تان ڪنيي آنديءَ سومرا! وڏئي طاقن منجهہ تاڙي،
هٿ ڪيئن ڳذاري، جنهن جا ڪاهڙ ۾ ڪيٿ پڪا.

[1388]

ذاتيون ڪنهن نہ ڪنيون **ذات**، عمر! تو ڪا **ذات** ڪئي.

ذاتيون=نياٽيون. ذات=تَڙت>تڙ تان.

ذات=توري.

نياٽيون ڪنهن نہ ڪنيون تَڙ تان، عمر! تو ڪا توري ڪئي.

[1389]

جيت متان **جر جو**، توکي رحم نہ پيو هڪ رتي.

جيت=ڪَڻ>ڪٹي. جر جو=ڪوهہ.

ڪٹي متان ڪوهہ، توکي رحم نہ پيو هڪ رتي.

[1390]

نالو نالي ۾، **چو راند جي** ڪيئي؟

نالو=بيگ. نالو=بنگل. راند جي=پوري.

بيگناهہ بنگلن ۾، چو پُوري اٿئي؟

[1391]

ڪپڙي آنڌئي مارئي، **ڪپڙي** نہ ٽڪاءِ،
هن **ڪپڙي** مان ڪڍي، **ڪپڙي** ۾ ملاءِ.

ڪپڙو=زري>زوري. ڪپڙي(جو)=ڪوٽ.

ڪپڙو=ملير.

زوريءَ آنڌئي مارئيٰ، زوريءَ نہ ٽڪاءِ،
هن ڪوٽ مان ڪڍي، ملير ۾ ملاءِ.

[1392]

اداڙي عمر!اسان جي ملڪ ۾، **عضوي ڳهوڙي** ٿئي ڪانہ.

عضوو=هٿ. ڳهوڙو=ڪسي>ڪس.

ادا ڙي عمر! اسان جي ملڪ ۾ هٿ ڪس ٿئي ڪانہ.

[1393]

عمر! اسان جي ڏيهہ ڏي، **نالن** تي **قرآن**.

نالو=واڻُو>واڻن. قرآن=فرقان>قر+ڪانہ.

عمر! اسان جي ڏيهہ ڏي، واڻن تي قُر(ٿئي)ڪانہ.

[1394]

عضوو مون حاڪيماٽي تيو، عورت آندياس ڪپڙي ۾.

عضوو=تن>وطن. حاڪيماٽي=ويڙهہ.

عو رت=قسمت. ڪپڙي جو=ڪوٽ.

وطن مون ويڙهہ تيو، (پر) قسمت آندياس ڪوٽ ۾.

[1395]

عرض اچين سومرا! نالو نالن سان،

ڪڏهن سُئاسون ڪينڪي، اُپ جا مارن سان.

عرض=صدا>سدا. نالوَ=رهندو. نالو=راڄو>راڄن.

اُپ جا=ڪس>عڪس.

سدا اچين سومرا! رهندو راڄن سان،

ڪڏهن سُئاسون ڪينڪي، عڪس مارن سان.

[1396]

نالو ڪر ڙي سومرا! ذاتين راند نہ ڦٽاءِ.

نالو=نظر. ذات=سانگي. راند=سانگ.

نظر ڪر ڙي سومرا! سانگين سانگ نہ ڦٽاءِ.

[1397]

ذاتئين آندئي مارئي، سا ذاتئين تون پهچاءِ.

ذات=ڪيبر>بَرين. ذات=راڄپر>راڄين.

بَرين آندئي مارئي، سا راڄين تون پهچاءِ.

[1398]

ڪکين آندءِ ميان سومرا! ڪکن ۾ پهچاءِ.

ڪکن جو=ٻهارو. ڪکن(جون)=جهوپڙيون.

ٻهاري آندءِ ميان سومرا! (سا) جهوپڙين ۾ پهچاءِ.

[1399]

ڪکان آندءِ ميان سومرا! تڙئون موڪل ڏي.

ڪکن(جو)=ٻُهارو. تڙ (جو)=وارو.

ٻُهاري آندءِ ميان سومرا! (تنهن کي) واري موڪل ڏي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1400]

عمر! گاهہ جو کيئي، هاڻ نارنانءَ کيجانءِ.

گاهہ جو=بند. نارنان=عزت.

عمر! بند کيئي، هاڻ عزت سان کيجانءِ.

[1401]

اي پکي عمر سومرا! مون کي کڏ لوهن مان.

پکي=پرمار. لوهہ=کَڙو>کَڙن.

ايٰ پرمار عمر سومرا! مون کي کڏ کَڙن مان.

[1402]

پنهنجيءَ کونہ آيس، پکيءَ جو کٽي آئين.

پنهنجي=خوشي. پکيءَ جو=کنپ>کنيي.

خوشيءَ کونہ آيس، کنيي کٽي آئين.

[1403]

ڪاني ادا سومرا! نہ تہ آءٌ ميچيءَ جي کنديسانءِ.

ڪاني=نيگهر>ني +گهر. ميچيءَ جي=هاري>
ڏوهاري.

ني گهر ادا سومرا! نہ تہ ڏوهاري کنديسانءِ.

[1404]

کپڙي مرون آيا، پر کاچ جي کنهن نہ کئي!

کپڙو=چِندو>چِندين. مرون=چنچل>چئنچل.

کاچ جي=هَڏي>هيڏي.

چِندين چئنچل آيا، پر هيڏي کنهن نہ کئي!

[1405]

هِت هندکا اڳ بہ هئا، جر جو جون فقيراڻيون
تو کيون.

هندکا=راجا. جر جون=نيون. فقيراڻيون=ريتيون.

هت راجا اڳ بہ هئا، پر نيون ريتيون تو کيون.

[1406]

ادا ڙي عمر! تو نالي اهڙا ڪاٺ جا کنهن نہ کيا.

نالو=ساماٺو. ڪاٺ جا=گز>غضب.

ادا ڙي عمر، تو ساماٺي اهڙا غضب کنهن نہ کيا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1407]

سٽيپ ان جون ڪري، **نرنانءُ** تيو ڪونہ ڪو.

سٽيپ جي=چُوري>چوريون. ان جون=رَيون.

نرنانءُ=وَنهيون.

چوريون ڪري، وَنهيون تيو ڪونہ ڪو.

[1408]

نالا نانءُ نہ ڪن، **ڪانيون** هٽن نہ سومرا!

نالو=چڱو>چڱا. نانءُ=چُوريو>چوريون.

ڪانيون=سڌيون>سَنڌيون(ڪاٽ).

چڱا چوريون نہ ڪَن، سَنڌيون هٽن نہ سومرا!

[1409]

مٽيا پوڪ نہ ڪن، **پوڪ** پلي **پورهيت** ڪن.

مٽيو=سالڪ. پوڪ=ڪَس. پورهيت=

ڪمي>ڪميٽا.

سالڪ ڪَس نہ ڪن، ڪَس پلي ڪميٽا ڪن.

[1410]

اهو **مال جو** نہ هُيئي سومرا، جو لڄايئي **ذاتيون.**

مال جو=وڙ. ذات=

پنهوار>پنهواريون.

اهو وَڙُ نہ هيئي سومرا، جو لڄايئي پنهواريون.

[1411]

پڪي مار نہ سومرا! **نالو پوڪ** نہ تون.

پڪي=آپرا. نالو=رعايا. پوڪ(جو)=تڪ.

آپرا مار نہ سومرا! رعايا تَڪ نہ تون.

[1412]

پڪي مار مَ سومرا! مَرُ **پڪي** مارُو هونِ،

پڪي جهلڻ جهنگ مان، اها ريت نہ راجائنِ.

پڪي=آپرو>آپرا. پڪي=سيرو>سيرا. پڪي=

بار ڏتارو.

آپرا مار مَ سومرا! مر سيرا مارُو هونِ،

بار ڏتاري جهلڻ جهنگ مان، اها ريت نہ راجائنِ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1413]

ذات نہ ڪر ميان سومرا، توکي **نرنانءُ نالو** ڪندو.

ذات=تُرڪ>روڪ. نرنانءُ=مالڪ.

نالو=موچارو.

روڪ نہ ڪر ميان سومرا، توکي مالڪ موچارو ڪندو.

[1414]

تڙ قتا ڪر سومرا! نيئي ڏي **ڳهہ** مارن کي.

تڙ=ڏنگُ. ڳهہ=مانگهہ>مان گڏ.

ڏنگ قتو ڪر سِومرا! نيئي مون گڏ مارن کي.

[1415]

عمرا! اسان جي ڏيهہ ۾، **ول پوک** تئي ئي ڪانہ.

ول=ويساهي>ويساهہ. پوک=ڪَٽي>گهاتي.

عمرا! اسان جي ڏيهہ ۾، ويساهہ-گهاتي تئي ئي ڪانہ.

[1416]

ذات آنديس سومرا! **وٽن** ڪونهي ڏوهہ.

ذات=اَمر. وٽن=مٽن>مائٽ.

اَمر آنديس سومرا! مائٽن ڪونهي ڏوهہ.

[1417]

مارئي مري تي **نرنانءُ** لاءِ، آءُ **نرنانءُ** کي پهچاءِ؛

نالي نرنائن ۾، تو جو **ڪاچ جي** ڪئي؟

نرنانءُ=ننگ. نرنانءُ=ساهُو>سا +هن. نالو=

بيگ> بيگناهہ. نرنانءُ= بَنگُل> بنگلن.

ڪاچ جي=پُوري.

مارئي مري تي ننگ لاءِ، آءُ سان هُن کي پهچاءِ،

بيگناهہ بنگلن ۾، تو جو پُوري آهہ؟

عمر جو مارئيءَ کي شاديءَ لاءِ چوڻ

[1418]

مال جي تي نہ مارئي، تنهنجا **نالا** نالا آهن.

مال جي=مادي>ماندي. نالو= سکيو>سکيا.

ماندي تيءُ نہ مارئي، تنهنجا سانگي سُکيا آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1 419]

چلم جي نہ ٿيءِ مارئي! تون **نارنان** ٿي ويھہ.

چلم جي=ڪنبي. نارنان=سُرهي.

ڪِنبي نہ ٿيءِ مارئي! تون سُرهي ٿي ويھہ.

[1420]

نالو ٿي جي رچ ڪرين، تہ ڏيان **وڪر** مارن ڪي.

نالو=روچي>پرچي. رچ=پرڻ>پرٽو. وڪر=
زهر>زر.

پرچي جي پرٽو ڪرين، تہ ڏيان زر مارن ڪي.

[1421]

وڻ تون **ملڪ** وسار، **پنهنجو** ڏي **نرنان** ڪي.

وڻ=وينگس. ملڪ=ويڙهہ. پنهنجو=جهجڻ.
نرنان=جهانگي.

وينگس تون ويڙهہ وسار، جهجڻ جهانگيئڙن ڪي.

[1422]

نالي ۾ ٿي ويھہ، ڇڏ **مرون** مارئي.

نالو=نظر. مرون=ويڙهو>ويڙها.

نظر ۾ ٿي ويھہ، ڇڏ ويڙها مارئي.

[1423]

توکي **نالي** آندم مارئي، تون **نالي** ۾ ٿي ويھہ،
هي بہ تنهنجو ڏيھہ، **نالي** ڪندوسانءِ مارئي!

نالو=دلو>دليئون. نالو=بيگم>بي +غمي.
نالو=بَخشو>بخش.

توکي دليئون آندم مارئي، تون بي غمي ٿي ويھہ،
هي بہ تنهنجو ڏيھہ، بخش ڪندوسانءِ مارئي!

[1424]

نالي ۾ آندومانءِ مارئي! **نالي** ۾ ٿي ويھہ،
هي بہ تنهنجو ڏيھہ، **نالي** ۾ ڪندوسانءِ مارئي!

نالو=محبت. نالو=صحبت. نالو=سُکيو.

محبت ۾ آندومانءِ مارئي! صحبت ۾ ٿي ويھہ،
هي بہ تنهنجو ڏيھہ، سکيو ڪندوسانءِ مارئي!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1425]

ڪاٺ ڪر، ٻولي شهر جن ۾ فقير جون ڪر مارئي.

ڪاٺ(جي)=ماٺِ. ٻولي=هلي. شهر جا=محلات.

فقير جون=موجون.

ماٺ ڪر، هلي محلاتن ۾ موجون ڪر مارئي.

[1426]

ڪر **پنهنجو،** تيءَ **نارنان، ٻوليون** ڪيم ڪر،

تہ **نرنان** ڪريئين مارئي.

پنهنجو=صبر. نارنان=سياٽي. ٻوليون=دانهون.

نرنان=راضي.

ڪر صبر، تيءَ سياٽي، دانهون ڪيم ڪر،

تہ راضي ڪريئين مارئي.

[1427]

ڪاڄ نہ ڪائين ڙي مارئي! **نالا نامن جا.**

ڪاڄ=صوف. نالو=تاجو>تازو. نام=باغ.

صوف نہ ڪائين ڙي مارئي! تازا باغن جا.

[1428]

مڇي تي **ڳهہ** پاءِ، **ڪڙمڪا** نہ هار.

مڇي=ڏاهي. ڳهہ=چلا. ڪڙمڪا=ڳوڙها.

ڏاهي تي، چلا پاءِ، ڳوڙها نہ هار.

[1429]

ان جا آٽيو ڏينِ، تہ **مال جا** ڪر مارئي!

انءَ جا=وساڻ>ويس+نوان. مال جا=چوندِ.

ويس نوان آٽيو ڏينِ، تہ چوندِ ڪر مارئي!

مارئيءَ جو عمر کي جواب

[1430]

وات جا آچ نہ مون، **راند جا** پلي هڻ.

وات جا=ويڻ. راند جا=هاڙهي>کهاڙي.

ويڻ آچ نہ مون، کُهاڙي پلي هڻ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1431]

حاڪم جون نہ ڪر عمر ادا، بلائون ڪينئي.

حاڪم جون=آڇون. بلائون=ارموش(وڏي بلا).

آڇون نہ ڪر عمر ادا، ارموش ڪينئي.

[1432]

عمر! تون چوين نرنان، مون ڪي مال جي.

نرنان=پرچو>پرچ. مال جي=اُڪي>اوڪي.

عمر! تون چوين پرچ، مون ڪي اوڪي.

[1433]

ڪپڙو نہ ڪر ميان سومرا! هيءُ ڪپڙو چڱو هناهہ.

جو نالو تون چوين، سو نالو مون وٽ ناهہ.

ڪپڙو=ڪارو. ڪپڙو=اَنڌاري>انڌير. نالو=

ڪلڻ. نالو=خوشي.

ڪارو نہ ڪر ميان سومرا! هيءُ انڌير چڱو ناهہ.

جو ڪلڻ تون چوين، سا خوشي مون وٽ ناهہ.

[1434]

ذات ڪاسبڪي ڪار، نرنالي آزار جي نارنالي.

ذات=دائي>مدائي. ڪاسبڪي ڪار=مَنڻ>

من +ٻر. نرنالو=اُمان>اما +نہ. آزار جي=سُتي.

نار نالو=ڏني.

مدائيءَ جي من ٻر، اما نہ سُتي ڏني.

[1435]

عضوي تي ويهي، عضوو ڏيندي سانءِ ڪين ميان!

عضوو=سَنڌ>سَڌَ. عضوو=گوش.

سَڌُن تي ويهي، گوش ڏيندي سانءِ ڪين ميان!

[1436]

عورت تنهنجي سومرا، مرونءَ جي وٽي مَ مون.

عورت=هرچي>هر چيز. مرونءَ جي=ڪائين>

ڪائي.

هر چيز تنهنجي سومرا، ڪائي وٽي مَ مون.

[1437]

عمر چئي سُت جي، آءُ نار نالي نه هڪڙي.

ستَ جي=ڪاهي>ڪاءِ +هي. نار نالو=زليخان>
ذَري +ڪان.

عمر چئي ڪاءِ هي، آءُ ذري ڪان نه هڪڙي.

[1438]

ڪڻ پنهنجا عضوا، مان ذات جي نه آهيان.

عضوا=ڏاڪون. ذات=بخاري>بڪاري.

ڪڻ پنهنجا ڏاڪون، مان بُڪاري نه آهيان.

[1439]

نالو ڪر نه سومرا، ته ويهي عورت تون.

نالو=صلاح. عورت=خاتُون>ڪاءِ +تون.

صلاح ڪر نه سومرا، 'ته ويهي ڪاءُ تون.'

[1440]

ڪاڄ نه ڪائيندس سومرا، مون ڪي مٿيءَ جون آٽي ڏي.

ڪاڄ=حلوو>حلوا. مٿيءَ جون=ڪنيپون.

حلوا نه ڪائيندس سومرا، مون ڪي ڪنيپون آٽي ڏي.

[1441]

ڪاڄ ڪائيندس ڪينڪي، نار نالي تنهنجو.

ڪاڄ=آڪو>آءُ +ڪو. نار نالو=داني> اڌا +ني.

آءُ ڪو ڪائيندس ڪينڪي، ادا ني تنهنجو.

[1442]

مٿيءَ جي ڪائينديس، ذات ڪنديس ڪينڪي.

مٿيءَ جي=پِني. ذات=شاهه>شاهي.

پِني ڪائينديس، شاهي ڪنديس ڪينڪي.

[1443]

مُئي جوڪائيندس ڪينڪي، وڃ نالو نانوَ ڪٽي.

مئي جو=ماتام>مان +طعام. نالو=خانا>ڪانا.
نانءُ=خان.

مان طعام ڪائيندس ڪينڪي، وڃ ڪانا خانَ ڪٽي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1444]

تنهنجي ذاتين ڪريان ڪوهه، منهنجي **پڪين شهر**
جا ڪيا.

ذات=خشڪ>خشڪن. پڪي=ڍوليرُ. شهر جا=ڍير.

تنهنجي خشڪن ڪريان ڪوهه، منهنجي ڍوليرن ڍير ڪيا.

[1445]

سُٽ جا آچ مَ سومرا! مان **گاهه جي** هيراڪ.

سٽ جا=وَٽيا>وَٽا. گاهه=ٻُڪن.

وَٽا آچ مَ سومرا! مان ٻُڪن جي هيراڪ.

[1446]

اَن جا آٽي ڏينِ، تہ ٻہ **وڻ جا** نہ ڪائي مارئي.

اَن جو=ميدو>ميدا. وڻ جا=مور (گونچ)>مُور.

ميدا آٽي ڏينِ، تہ ٻہ مُور نہ ڪائي مارئي.

[1447]

نار نالي آچ نہ سومرا، **نار نالي** پنهنجون پاڻ،
جي **نارنالي** ڪاوان، تہ مارن ۾ **متي** تيان.

نار نالو=مليُ>مليدا. نار نالو=خاتون>ڪاٺ +
تون. نار نالو=زرينا>ذري. متي=ڪاري.

مليدا آچ نہ سومرا، ڪاٺ تون پنهنجا پاڻ،
جي ذري ڪاوان، تہ مارن ۾ ڪاري تيان.

[1448]

تنهنجي جر جن ڪريان ڪوهه، منهنجي **جيتن**
عضوا ڪيا.

جر جو=ڪندُ. جيت=ڪارڙو>ڪرڙن. عضوا = ڏوئرا.

تنهنجي ڪندن ڪريان ڪوهه، منهنجي ڪرڙن ڏوئرا ڪيا.

[1449]

وڻ جي عمر سومرا، **نالي مرض** نہ.

وڻ جي=چوڏي>چو +ڏين. نالو=مصري.
مرض=ڪامَ>ڪان +مان.

چو ڏين عمر سومرا، مصري ڪان مان نہ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1450]

ادا ڙي عمر! اسان جو ڪاڻ تي گذران، ڇا ڪنديس شهر کي.

ڪاڻ=ساڳُ. شهر=مصر>مصري.

ادا ڙي عمر! اسان جو ساڳن تي گذران، ڇا ڪنديس مصريءَ کي.

[1451]

پوک مُلڪ ميان سومرا! وڻ کائي.

پوک=ڪَتي>ڪَتيون. ملڪ=سال. وڻ=ڪاتونبا.

ڪَتيون سال ميان سومرا! ڪاتونبا کائي.

[1452]

نالن ۽ نالن تي، آءٌ ڪائي.

نالو=لونگ>لونگن. نالو=ڦوٽو>ڦوٽن.

ڪائي=نهري>نہ +هِري.

لونگن ۽ ڦوٽن تي، آءٌ نہ هِري.

[1453]

نالو کائي نہ مارئي، اهو نالو نالن جو.

نالو=مِٺو. نالو=ميوو. نالو=باغ>باغن.

مِٺو کائي نہ مارئي، اهو ميوو باغن جو.

[1454]

ٻن نالن مان عورت آءٌ نہ، متان حاڪيماٽي تي پوان.

ٻہ نالا=هڪ نالو توت، ٻيو نالو صوف. عورت=
زليخا>ذَري کان. حاڪيماٽي=گنهگار.

توتن ۽ صوفن مان آءٌ ذري نہ کان، متان گنهگار ٿي پوان.

[1455]

نرنانءَ! نار نالي پنهنجو نہ، اسان وٽ نالن ۾ ڪاٿ.

نارَ=گلابي. نالو=گل. نرنانءَ=عمرَ. پنهنجو=
سونگهڻ> سونگهيان. نالو= ڪپڙ> ڪپڙن.
ڪاٿ=بانس.

عمر!گلابي گل سونگهيان نہ، اسان وٽ ڪپڙن ۾ بانس.

[1456]

ڏڏ وڻ جــي آچ مَر ســومرا! اســان ڏي ريــت رچــن.

ڏڏ جي=جهــو (ڦيڻ). وڻ جي=مَـڪ. رَچ=
وَٿو>وَٿين (ڪنن ۾ پائڻ جو ڳهه).

جهومـــڪ آچ مَر ســـومرا! اســـان ڏي ريـــت وَٿيـــن.

[1457]

عمر! تون شهرئون ڏئين، آءُ ڪـاٺي بـه ڪانـه ڏيـان.

شهر=سَڳيون. ڪاٺ(جي)=ڦٽي.

عمــر! تــون سـڳيون ڏئيـن، آءُ تـه ڦٽـي بـه ڪانـه ڏيـان.

[1458]

اڏ شهر ۾ ساز جو وٽي نـه مـون، مـون کي پنهنجــن
جـــا پنهنجــــا ٺـــي چڱـــا.

شهر=چوٽي (چوٽياريون مان اڏ شهر). ساز جو=
ڇمڪو. پنهنجن=ٻاٻاٽا. پنهنجا=ٻچڙا.

چوٽيءَ ۾ڇمڪو وٽي نـه مون، مونکي ٻاٻاٽا ٻچڙائي چڱا.

[1459]

ڪـاٺ ٺـون ڪـاني، ڪـانهي ريـت رچـن جـي.

ڪـاٺ(جـي) =ٻـانهين > ٻـانهيون، ڪـاني = ٻنـدو
رچ= وٿو> وٿن.

ٻـانهيون ٻـُـندا ناهــه، ڪـانهي ريـت وٿـنُ جـي.

[1460]

عمـر اسـان جي ڏيهـه ۾، ڪـاٺ ٺـون ڪـاني ڪانـه.

ڪاٺ=ٻانهين. ڪاني=پائو>پائي.

عمــر اســان جــي ڏيهــه ۾، ٻــانهين پــائي ڪانــه.

[1461]

ڪـپـڙي آنـدءِ سـومرا! ســُـــت پــائيندي ڪيــن.

ڪپڙو=ٻانڊٽي>بندياٽي. سُٽ جي=سانٽ>سا +نَت.

بندياٽي آنـدءِ سـومرا! سـا نـَـت پـائيندي ڪيـن.

[1462]

عمرا! اسان جي ڏيهہ تي، **ڪاٺيون** ڪنهن نہ **ڏاتيون.**

ڪاٺ(جي)=نٽ>نٽون. ڏات=پاٽي، پاتا>پاتيون.

عمرا! اسان جي ڏيهہ تي، نَٽون ڪنهن نہ پاتيون.

[1463]

ڪتا آچ مرَ سومرا! آءُ **مرون** نہ پايان،
جيت اباٽي پار جا، مڙيئي ملهايان،
پوءِ گاهہ لڳين لايان، آءُ **ڏات** تيندِيس ميان سومرا!

ڪُتو=ويندو. مرونءِ جو=چلو. جيت=اُڏوهي>
اوڏانهين. گاهہ=چاهڪ. ڏات=ماڃي>آڃي.

ويندا آچ مرَ سومرا! آءُ چلو نہ پايان،
اوڏانهين اباٽي پار جا مڙيئي ملهايان،
چاهڪ لڳين لايان، مان آڃي تيندِيس ميان سومرا!

[1464]

ڪاٺئين راندِيون ڪن، سي سيباٽا ساهہ ڪي،
نالا نرنان تنهنجا، ڀهڳڻ وجهان ڀن،
عمرا! اسان جي ملڪ تي، **ڪپڙوئي** نہ ڪن.

ڪاٺ= ڪوهو> ڪوهين. راند= ڪيل> ڪيلون.
نالو=سونو. نرنان=ڳهٽو. ڪپڙو=شال>شالون.

ڪُوهين ڪيلون ڪن، سي سيباٽا ساهہ ڪي،
سونا ڳهٽا تنهنجا، ڀهڳڻ وجهان ڀن،
عمر اسان جي ملڪ تي، شالون ڪونہ ڪن.

[1465]

فقير جي پائي، **باهہ جا** وني آءُ.

فقير جي=جاڳهہ>جا +ڳهہ. باهہ جا=اُهاءِ>اُها.

جا ڳهہ پائي، اُها وني آءُ.

[1466]

اوطاق پائي سومرا! **ڪپڙي** آڇ جوءِ،
اسان ۾ ريت **ڪاٺين** جي، **نرنان** ڪن نہ هوءِ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوطاق=جاڳهہ>جا +ڳهہ. ڪپڙو=سائو>سائي.
ڪاني=ٻُندو. نرنان=حَسن>هس.
جا ڳهہ پائي سومرا! سائي آڇ جوءِ،
اسان ۾ ريت ٻُندن(پائڻ) جي، هَسَ ڪن نہ هوءِ.

[1467]

مٿيءَ جي آچ نہ سومرا، مون **ڪاٺ جا** ٿي ناهن.
مٿيءَ جي=جاڳهہ>ڳهہ. ڪاٺ جا=پاٺا (لڪڻ).
ڳهہ آچ نہ سومرا! مون پاٺائي ناهن.

[1468]

تنهنجن **نرنامن** کي ڇا ڪريان، هي **مال جائي** مون بس،
راند جن بنان ڙي سومرا! منهنجي روح نہ اچي رس.
نرنالا=سونو ۽ ڳهڻو. مال جا=وڳ>وڳا.
راند جا=ڍارا>ريدار.
تنهنجن سونن ڳهڻن کي ڇا ڪريان، هي وڳائي مون بس،
ريدارن بنان ڙي سومرا! منهنجي روح نہ اچي رس.

[1469]

تنهنجي **نالن** ڪان، مون کي **سُت جا** چڱا.
نالو=سونو. ست جا=وَٽا.
تنهنجي سونن ڪان، مون کي وَٽا چڱا.

[1470]

ٻہ **وٽيون** اَباڻن جون، سي ڇڏينديس ڪين ميان!
تو ٿي آڇيا **نالا ۽ نرنان**، سي وٺنديس ڪين ميان!
تو ٿي گهڙيا **رڇ راند جا**، سي رڇ ڏينديس ڪين ميان!
وٽي= ڪرڙي> ڪرڙيون. نالو= هيرو.
نرنان=جواهر. رڇ=پرُڙ>پرٽو. راند جو=پاسو.
رڇ=دلو>دلئون.
ٻڪرڙيون اَباڻن جون، سي ڇڏينديس ڪين ميان!
تو ٿي آڇيا هيرا جواهر، سي وٺنديس ڪين ميان!
تو ٿي گهريا پرٽي لاءِ پاسا، دلئون ڏينديس ڪين ميان!

[1471]

ڳهہ پائيندیس سومرا، لوهہ جا تنهنجا.

ڳهہ=نسبي>نہ +سِبي. لوهہ جا=رَوات>
رَوا +تہ.

نہ سِبي پائيندیس سومرا، رَوا تہ تنهنجا.

[1472]

لوهہ جون آچ مَ سومرا! آءٌ وکر ئي کنديس.

لوهہ جون=رواتيون>روا +تون. وکر=
کَتيلو>کتي +لو.

روا تون آچ مَ سومرا! آءٌ کَتي لوئي کنديس.

[1473]

ادا عمر! اهو وکر کنديس کين، جو وکر اتم مارن جو.

وکر=تِج>تاج. وکر=کُهنبو.

ادا عمر! اهو تاج کنديس کين، جوکُهنبو اتم مارن جو.

[1474]

کپڙو آچ نہ سومرا! اهو کپڙو تئي منهنجي من،
مارو ملک ملير تي، اهو پيا کپڙو کن.

کپڙو=گيگم. کپڙو=گيگم>غم.

گيگم آچ نہ سومرا! اهو غم تئي منهنجي من،
مارو ملک ملير تي، اهو پيا غم کن.

[1475]

هي پورهيو وٽ نہ مارئي، چي، وجي نالي نار پهچاءِ.

پورهيو=پَرت. وٽ=بانس>باسي. نالو=پَٽ.
نار=راٺي.

هي پَرت نہ باسي مارئي، چي، وجي پٽ راٺيءَ پهچاءِ.

[1476]

فقير جي آندءِ سومرا، فقير جا آچ مَ تون،
جَر جي تينديس کينکي، جي شهر ڏئين تو مون،
جيئن سَڏجي اتئي مون، تيئن پنهنجون سڏيندءِ سومرا!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فقير جي=ڳاٽي>آڳاٽي. فقير جو=پَٽو>پَٽ.
جَرَ جي=چري. شهر=گامر. سَڏجي=رڙ.
آڳاٽي آندءِ سومرا، پَٽَ آچ مَ تون،
چري ٽيندِيس ڪينڪي، جي گامر ڏئين توٗ مون،
جيئن رڙايو اٿئي مون، تيئن پنهنجون رڙندءِ سومرا!

[1477]

ڪاريگر جا ڪنديس ڪينڪي، مون کي **مال جائي** بس.
ڪاريگر(جا)=پٽ. ڪنديس=پهرينديس.
مال(جا)=ليڙا.
پٽ پهرينديس ڪينڪي، مون کي ليڙا (اباڻا) ئي بس.

[1478]

ادا عمر! **باهہ جا** نہ ڏي، مون کي **ڪپڙو**ئي چڱو.
باهہ(جا)=شَمر>ريشمر. ڪپڙو=ليڙو.
ادا عمر! ريشمر نہ ڏي، مون کي ليڙوئي چڱو.

[1479]

ڪپڙو آچ مَ سومرا! مون **اُن پهڻ جي** وٽي.
ڪپڙو=ڪيمخواب.اُن(جي)=لوئي.پهڻ جي=لال.
ڪيمخواب آچ مَ سومرا! مون لوئي لال وٽي.

[1480]

ذات ڇڏينديس ڪينڪي، **ذات** نہ مون کي آچ.
ذات=ڪلوئي>لوئي. ذات=وِينس>ويس.
لوئي ڇڏينديس ڪينڪي، ويس نَہ مون کي آچ.

[1481]

مال جا مون وٽ هُون، تہ **پوک** ڪري **ذات** ڪريان.
مال(جا)=چُنڊا. پوک=ڪَتي>ڪَتي.ذات=
ڪلوئي>ڪا +لوئي.
چُنڊا(اُن)مون وٽ هُون، تہ ڪَتي ڪا لوئي ڪريان.

[1482]

تنهنجن **جر جن** ڪريان ڪوهہ، منهنجا **ذات** جائي چڱا.
جرجا=نوان(لَٽَ)>نَون. ذات=ٽِڳڙ>ٽِڳڙ.
تنهنجن نَون ڪريان ڪوهہ، منهنجا ٽِڳڙئي چڱا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1483]

ذات اتم ڪپڙا، **پوڪ جا** تان نہ ڪندياس.

ذات=مڱٽيجا>مڱٽي +جا. پوڪ(جا)=پيجا>
پيجا (پيا) .

مڱٽي جا اتم ڪپڙا، پيجا تان نہ ڪندياس.

[1484]

شل **باھ جا** تنهنجا **ڪپڙي جا،عضوي ليڪي جا** ڏي،
تہ وجي ڪريان **پنهنجن** سان **معشوقن جا**.

باھ جا=ڪامڻ>ڪامَن. ڪپڙي جا=طول وهاڻا.
عضوو=رُخُ. ليڪي جا=سَتَ. پنهنجا=مائٽ>
مائٽن. معشوقن جا=ماٽا.

شل ڪامن تنهنجا طول وهاڻا، رخصت ڏي تہ وجي
ڪريان مائٽن سان ماٽا.

[1485]

تنهنجي **ذاتين** ڪان ميان سومرا! منهنجي **ذات** متي.

ذات=فراش>فراشين. ذات=ڪَرڙ.

تنهنجي فراشين ڪان ميان سومرا! منهنجا ڪرڙ متي.

[1486]

ذاتيون آچ نہ سومرا، تنهنجي **ذاتين** ڏيان ٻـَن،
راڳ جي منهنجي مَن، **اوزار** آباٽي پار جا.

ذات=ٽِڱڙ>ڊِڱڙ. ذات=فراش>فراسين. راڳ
جي=صدا>سدا. اوزار=سونهڻ>سونهان.

ڊِڱڙ آچ نہ سومرا، تنهنجي فراسين ڏيان ٻـَن،
سدا منهنجي مَن، سُونهان آباٽي پار جو.

[1487]

ذات عورت سومرا، مُندون **اوزارن**،
سي ڪيئن **نانءُ** رهن، جن **جون توريون وڻ** مان سومرا.

ذات=ڪَرڙ. عورت=اوڍي.مُند=سيارو.اوزار=
سونهن>سونهن. نانءُ=رتو>رتولين. توري=
سوڙهي>سوڙيون. وڻ=سِڻ.

ڪَــرڙ اوديـــون ميـان ســومرا، جـي سياري ســـونهن،
سي ڪيئن رتولين رهن، جن جون سوڙيون سـڻ مان سومرا.

[1488]

حاڪيماٽا نہ وٽن مون، آءٌ تہ وجي **مرض** واريون ڏسان.

حاڪيماٽا=طنبو. مرض=مليريا>مليں.

طنبـو نـہ وٽـن مـون، آءٌ تـہ وجـي مليـر واريـون ڏســان.

[1489]

اُپ جـــن تـــي ويهنديــاس، **رچ جـــي** تـــو وٽ.

اُپ جا=نَـڪـٽ>نہ +ڪٽ. رچ جي=گهڙي.

نـــہ ڪـــٽ تـــي ويهنديـــاس، هـــڪ گهــڙي تـــو وٽ.

[1490]

تنهنجي **ڪاڄ گاهہ** ڪان بس، **حاڪيماٽا** مون نہ قبوليا.

ڪاڄ=سڄ>سيڄ. گاهہ(جا)=بند. حاڪيماٽا=
پلنگ.

تنهنجي سـيج بنـدن ڪـان بـس، پلنـگ مـون نـہ قبوليـا.

[1491]

مِـٽي جن ۾ ويهار نہ ميان سومرا، **اي نالو** مون نـہ آهـہ.

مٽيءَ جي=ماڙي>ماڙين. نالو=لائق.

مـاڙين ۾ ويهـار نـہ ميـان سـومرا، اي لائـق مـون نـہ آهـہ.

[1492]

ڪـاريون آڇ مَ سومرا، مـان **مـال جـون** ڪائينديـاس.

ڪاريون=اُماڙيون>ماڙيون. مال جون=گوريون.

مـــاڙيون آڇ مَ ســـومرا، مـــان گوريـــون ڪائينديـــاس.

[1493]

پـوڪ جـو مـون نـہ وٽـي، اهـو **نـالو** ڏي پنهنجـن ڪـي.

پوڪَ جو=مهلو>محلو. نالو=بنگل>بنگلو.

محلـو مـون نـــہ وٽـــي، اهـــو بنگلـو ڏي پنهجـــن ڪـــي.

[1494]

آءٌ **مرض** ڏيان تنهنجي **شـهر جن** ڪي، مـون ڪـي وٽـن
مال ۽ جر جـون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرض=باھ. شهر جا=بنگلا. مال(جا)=ڇيلا.

جر جون=ڇٽڪارون.

آءُ باھ ڏيان تنهنجي بنگلن کي، مون کي وٽن ڇيلن
جون ڇٽڪارون.

[1495]

عمر! اسان جي ڏيهه تي، ڪاني ٿئي ٿي ڪان.

ڪانيءَ جي=اُماڙي>ماڙي.

عمر! اسان جي ڏيهه تي، ماڙي ٿئي ٿي ڪان:

[1496]

ادا عمر! اسان وٽ نڪي علم جو، نڪي مال جو،
ڪريون ڪاڇن تي گذران.

علم جو=صفحو>صفو. مال جو=ماڙي(پاڏو).

ڪاڇ=پيهون>پيهين.

ادا عمر! اسان وٽ نڪي صفو، نڪا ماڙي، ڪريون
پيهين تي گذران.

[1497]

باھ جن تنهنجن باھ جون ڏيان، آءُ ڪکن ۾ ويهنديس.

باھ جون=اُماڙيون>ماڙين. باھ جون=
اُماڙيون. ڪکن (جا)=جهوپڙا>جهوپڙن.

ماڙين تنهنجن اُماڙيون ڏيان، آءُ جهوپڙن ۾ ويهنديس.

[1498]

ڪاٺ جا سمجهان ذات، ڪک جون ڪپڙي رڇ.

ڪاٺ جا=مول(لاه). ذات=سومرا. ڪک جون=
ڪنڌيون. ڪپڙو=ڪوٽ>ڪوٽن. رڇ=مٿ.

مُول نہ سمجهان سومرا! ڪنڌيون ڪوٽن مٿ.

[1499]

عمر! ڪاٺ جو ۾ پنهنجي، وڻ جي ڪپڙي ڪي.

ڪاٺ جو=در>اندر. پنهنجي=آھ. وڻ جو=
ڪيرو>ڪيرائي. ڪپڙو=ڪوٽ.

عمر! اندر جي آھ، ڪيرائي (تنهنجي) ڪوٽ ڪي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1500]

نالا نانءُ تہ تنهنجا، **نالا نانءُ** تہ تو،
نالا نالي ڪينڪي، تن ڪي **نالا** وجهين ڇو.

نالو=نوڪر. نانءُ=چاڪر. نالو=سانگي. نانءُ=
پرتو> پرتا. نالو= مارو. نالو> محسن> مئاس.
نالو=هيبت.

نوڪر چاڪر تنهنجا، سانگي پُرتا تو،
مارو تہ مئاس ڪينڪي، تن ڪي هيبت وجهين ڇو.

[1501]

نرنان آچ نہ سومرا، آهي **مرض** مارن ڪي.

نرنان=دولت. مرض=گنج.

دولت آچ نہ سومرا، آهي گنجُ مارن ڪي.

[1502]

نالو تو وٽ سومرا، **ٻولي** اسان مارن ڪي.

نالو=ڏَنو>ڏَنُ. ٻولي=مسڪيني.

ڏنُ تو وٽ سومرا، مِسڪيني اسان مارن ڪي.

[1503]

مارئي عمر سان، **وڻ جو ئي** نہ ڪري.

وڻ جو=آڪارو>هاڪارو>هائوڪار.

مارئي عمر سان، هائوڪارئي نہ ڪري.

[1504]

ادا عمر! جيڪو مون سان **عضوو** لائي، **ذات** تنهن
ڪي ڪائي.

عضوو= لوٹو> لنوُ. ذات= نانگا> نانگ.

ادا عمر! جيڪو مون سان لنؤلائي، نانگ تنهن ڪي ڪائي.

[1505]

مون **گاهہ** اڳيئي ڪيا، **ڪاني** ڪين ڪندياس،
ذاتيون تي ويندياس، **ڪاٺ** پريندیس ڪينڪي.

گاهہ= سيڻُ. ڪاني=ٻياني. ذات=مري. ڪاٺ=
بانس>باس.

مــون سـيڻَ اڳيئـي ڪيـا، پيــاني ڪيــن ڪنديــاس،
مـري جـي ويـنـديـاس، تـہ بـہ بـاس پرينديـس ڪينـڪـي.

[1506]

نـــالو ذات تيــو، ســو نـــہ **مـــرض** ميـــان!

نالو=جڳسو>جڳ +سُئو. ذات=سنگراس>
سگ +راس. مرض=چِـنُ.

جـڳ سـُـئو سـگ راس تيـو، سـو نـہ چِـــنُ ميـان!

[1507]

نـالو منهنجـو **نـالي** سـان، **نـالن** مجهـہ تيـو،
وڪـر هونديـس **ڪـامڻي**، **پنهنجـو** نـہ ڪنديـس پيـو.

نالو=مڱيو>مڱڻو. نالو=ڪيت. نالو=چِـتو>
چـِتڙن. وڪر=تـِر>جيتر. ڪامڻي=جيئري.
پنهنجو=حق.

مڱڻـو منهنجـو ڪيـت سـان، چِـتڙن منجهـہ تيـو،
جيتـر هونديـس جيئـري، حـق نـــہ ڪنديـس پيـو.

[1508]

ذات وجيــن ميـــان ســومرا، تــون تــو **ذات** ڪريــن،
آءُ **نـــالو** ناهيـــان، تـــون **ذات** نـــہ تـــيءُ.

ذات=مري. ذات=مڱڻا>مڱڻو. نالو=راضي.
ذات=ڪهيري>قهري.

مـري وجيـن ميـان سـومرا، تـون تـو مڱڻـو ڪريـن،
آءُ راضـي ناهيـان، تـون قهـري نـہ تـيءُ.

[1509]

مـرض اتـم هـڪڙو، **رانـد جـو** جيئنديـس ڪيـن،
شـهر ڪـاچ ابـاڻن جـو، **عيـب** لائينديـس ڪيـن.

مرض=دم. راند جو=جُـڳ>ست جڳ. شهر=
لڪپت>لک پت. ڪاچ=رهو>رهي. عيب=تِـڪو.

دم اتـم هڪـڙو، سـت جـڳ جيئنديـس ڪيـن،
لک پت رهـي ابـاڻن جـي، آءُ تِــڪو لائينديـس ڪيـن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1510]

مون ۾ **مرون** هڪڙو، ٻـ **راند جا** آءُ نـ ڪندياس،
هي **شهر** مارن جو، **پڪي** تان نـ ڪندياس.

مرون=سهو>ساهه. راند جا=جُڳ. شهر=لڪپت.
پڪي=ميري.

مون ۾ ساهه هڪڙو، ٻـ جُـڳَ آءُ نـ جئندياس،
هيءَ لک پت مارن جي، ميري تان نـ ڪندياس.

[1511]

گاهه مان ويندياس، **ڪاني** ڪنديس ڪينڪي.

گاهه=مريڙو>مري +ڙي. ڪاني=بانس +باس.
مري ڙي ويندياس، باس باسينديس ڪينڪي.

[1512]

عمر تو **گاهه** ڪري، مان **وڻ** چوان تـ وات سڙي.

گاهه=وَس. وڻ=بانس>باسيان.
عمر تو وَسَ ڪري، مان باسيان تـ وات سڙي.

[1513]

ڪُهي **ڪاچ** ڪرين، تـ ٻـ **نالو** نـ **نالي** وٺانءِ.

ڪاچ=ڪباب. نالو=عمر. نالو=قبول>قبوليانءِ.
ڪُهي ڪباب ڪرين، تـ ٻـ عمر نـ قبوليانءِ.

[1514]

لوهه جون آءُ نـ ٿينديس،توڙي مون کي **ڪاٺ جا** وجهين.

لوهه جون=ساهميون>سامهون. ڪاٺ جا=وَڏَ.
سامهون آءُ نـ ٿينديس، توڙي مون کي وَڏَ وجهين.

[1515]

نرنانءُ آچ مَ سومرا، **نرنان** آءُ مَ ڪنديَاس،
ذات ٿينديَاس، تـ ٻـ **ڪاٺ** ڪمائينديس ڪانـ.

نرنان=بخشو>بخششون. نرنان=قبول. ذات=
مري. ڪاٺ=بانس>باس.

بخششون آچ مَ سومرا، قبول آءُ مَ ڪندياس،
مري ويندياس، تـ ٻـ باس باسينديس ڪانـ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1516]

آءُ نالا، وٺ نالو، تنهنجي نالي ڏيان ٻن،
ماروئڙا مليس ۾، اهو ڪپڙو تا ڪن.

نالو=عمر.نالو=محبت. نالو=صحبت. ڪپڙو= گيگمر>غم.

آءُ عمر، وٺ محبت، پر تنهنجي صحبت ڏيان ٻن،
ماروئڙا مليس ۾، اهو غم تا ڪن.

[1517]

هندو منهنجو ماءُ پيءُ، هندو سِر سندون،
عمر اسان جي ڏيهہ ڏي، هندو ڪري ٿي ڪونہ.

هندو=جيسو>جئي +سو. هندو=لکي. هندو= هاسو>هاٿو.

جئي سو منهنجو ماءُ پيءُ، لکي سِر سندون،
عمر اسان جي ڏيهہ ڏي، هاٿو ڪري ٿي ڪونہ.

[1518]

آءُ مِتي جن جي، شل ذات ملان تن ڪي.

متي=والاريل، ذات=ڪوري.

آءُ والاريل جن جي، شل ڪوري ملان تن ڪي.

[1519]

نالو ڪر تہ شهر تيئي، اسان جو نالو ٿي نہ.

نالو=ٻيجلو>ٻي جوءِ. شهر=گهارو. نالو=شيوو.

ٻي جوءِ ڪر تہ (تو وٽ) گهاري، اسان جو شيوئي نہ.

[1520]

مين نہ لوهہ دي تيڏي، تون چا لوهہ دي ڪر.

لوهہ دي=ٽجوڙي>جوڙ. لوهہ دي=چاٻي> چا +ٻي.

مين نہ جوڙ تيڏي، تون چا ٻي ڪر.

[1521]

مان هِت درياءَ جو ڪريان، متان مارو هُت ڪپڙا تينِ.

درياءَ جو=ورَ. ڪپڙا=ڪارا.

مان هِت وَر ڪريان، متان مارُو هُت ڪارا تينِ.

[1522]

اَن جـي آڻ ميـان سـومرا! جـا **جـر جـي** تـو سـاڻ.

اَن جي=ڪاسڳي>ڪا +سڳي. جر جي= گهاري>گهاري.

ڪـا سـڳي آڻ مَيـان سـومرا! جـا گهـاري تـو سـاڻ.

[1523]

آءُ ڪپـڙي جــي ســومرا! تــون حاڪيمـــاڻي آڻ.

ڪپڙي جي = انڌاري> ڌاري، حاڪيماڻي = ڪاسڳي> ڪا + سڳي.

آءُ ڌاري سومرا! تون ڪا سڳي آڻ.

[1524]

گهــوڙي جــي ذات ۾ آڻ، توڪــي آهــي **ڏُٿ جــي** ميــان ســومرا!

گهوڙي جي=ڏُوڻ>ڌوڻي. ذات=ڪاٻي> ڪا +ٻي. ڏُٿ=لَوڙهہ.

ڌُوڻي ڪا ٻي آڻ، (جي) توڪي آهي لوڙهہ ميان سومرا!

[1525]

ڪـامڻ ڪا آڻ، جيڪـا **شـهر** تـو سـاڻ، **نـالو** نــ مـان.

ڪامڻ=ميري>مير>امير. شهر=گهارو> گهاري. نالو=سيئو>سيوو.

امير ڪا آڻ، جيڪـا گهـاري تـو سـاڻ، سـيوو نــ مـان.

[1526]

ذات مـوُن **ڪـاني** آڻ، مـان آهيـان **حاڪيَمـاڻي**.

ذات=اُچ>اُچن. ڪاني=ڪانواني>ڪا +وني.

حاڪيماڻي=دَڙي (دنگ تي لڳل)>گنڌڙي.

اُچـن (پـاڙن) مـوُن ڪـا ونـي آڻ، مـان آهيـان گنـڌڙي.

[1527]

نـار نـالي نــ آءُ، **نـار نـالي** سـا **جـر جــي**.

نار نالي=طوطل>تو +تـُل. نار نالي=جادُل> جا +تـُل. جر جي=آڻ.

تــو تـُــلَ نــــ آءُ، جـــا تـــُـــــل، ســـا آڻ.

[1528]

اُٺ جيئـن اسـان وٺ ڪريئـي ڪانـ، اوهـان وٺ ڪـا **اُٺ جيئـــن** ڪـــري!

اُٺ جي=ٻهڪ>ٻہ حق.

ٻـ حـق اسـان وٺ ڪريئـي ڪانـ، اوهـان وٺ ڪـُا ٻـ حـــق ڪـــري!

[1529]

هندونالي لنگهيا ميان سومرا! ڳڏ وڻ ڪنهن نـ ڪيـا.

هندو نالو=ڪيسن>ڪي +سنـ. وَڻ=ٻائر> ٻہ +وَر.

ڪي سنـ لنگهيا ميان سومرا! ڳڏ ٻـ وَر ڪنهـن نـ ڪيـا.

[1530]

نرنـــانءُ وينـــدءِ ســـومرا، **ذات** ڪريـــن ٿـــو تـــون.

نرنانءُ=هوشيار>حشر +محشر. ذات=ماسسَ> ماءُ +سسُ.

محشر ويندئي سومرا، ماءُ سسُ ڪرين ٿو تون.

[1531]

آءُ تہ **ڪـانيءَ جـي** تنهنجي، تـون تـہ **ڪـانئي نـالو** ڪـر.

ڪانيءَ(جي)=پيتي>پيئتي(پيءُجي). ڪانئي= ڏِگهي. نالو=نظر.

آءُ تـہ پئيتـــي تنهنجـــي، تـــون تـــہ ڏِگهـــي نظـــر ڪـــر.

[1532]

ميان عمرا! آءُ **راند جي** تنهنجي، تون ڪيئن ٿو **ذات** ڪرين؟

راند جي=پيٽي>پيٽ. ذات=جويا>جوءِ.

ميان عمرا! آءُ پيٽ تنهنجـي، تـون ڪيئـن ٿـو جـوءِ ڪريـن؟

[1533]

جي **ســُٽ شهر جون** سومرا! سي ڪيئـن **ذاتيـون** ٿيـن؟

ســُٽ جون=سڳيون. شهر جون=پيٽيون>پيٽون. ذات=جويا>جويون.

جـي سـڳيون پيٽـون سـومرا! سـي ڪيئـن جويـون ٿيـنِ؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1534]

ادا عمر! مرض، توکي چور جو چا؟

مرض=ماشرا (موت جي وقت نرڙ جو پگھر "ماشرات ٿيندي") > شرع. چور جو=جائز.

ادا عمر! مان شرع ۾ توکي جائز چا؟

[1535]

ڪَن جو لڄايان ڪيئن پلا، جو اٿم ٻنيءَ جو وَر،
پنهنجو پري ڪيئن ڪري قبوليان مان پَرُ.

ڪن جو=ڪُر، ٻنيءَ جو=ڪيٽ>ڪيت. پنهنجو= سيلُ. پَر=ڏاريو (عمر).

ڪُر لڄايان ڪيئن پلا، جو اٿم ڪيت وَر،
سيلُ پري ڪيئن ڪري، قبوليان مان عمر.

[1536]

سِڪ جو نہ لڄاءِ پنهنجو، ڪوڙ جو لڄاءِ مون،
ڏينهن دنيا آهي ڏون، ذات وڃاءِ پنهنجي.

سڪ جو=ياڪر>ياءُ+ڪُر. ڪوڙ جو=مڪر> مرَ+ڪُر. ذات=مشائخ>مرَ+ساڪَ.

ياءُ! ڪُر نہ لڄاءِ پنهنجو، مرَ ڪُر لڄاءِ مون،
ڏينهن دنيا آهي ڏوُن، مرَ ساڪ وڃاءِ پنهنجي.

[1537]

عمر! تنهنجو حُقي جوءِ منهنجو حُقي جو آهي تہ ذات.

حقي جو=پيڻ>پيءُ. ذات=هڪڙا>هڪڙو.

عمر! تنهنجو پيءُ ۽ منهنجو پيءُ آهي تہ هڪڙو.

[1538]

تنهنجي انهن ذاتين ڪان، مون ڪي مال جا چڱا.

ذات=سوُنهان>سهاڳن. مال جا=ڏوها>ڏهاڳ.

تنهنجي انهن سهاڳن ڪان، مون ڪي ڏهاڳ چڱا.

[1539]

نالو هيئن ڙي سومرا، هاٿي نالو ٿئين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نالو=عزيز. نالو=يزيد.

عزيز هئين ڙي سومرا، هاٺي يزيد ٿئين.

[1540]

ڪاني هت مَ لاءِ، نہ تہ مال جون ڪيان تي.

ڪاني=مُني>مون +ني. مال جون=گوريون.

مون ني هت مَ لاءِ، نہ تہ گوريون ڪيان تي.

[1541]

ڪامڻ پنهنجي سومرا، ماڪوڻ ٻولي ڪر، مان ڪي
نار نالي وٺي.

ڪامڻ=شڪيل>شڪل. ٻولي=دُوراني>دُور.

نار نالي=نٽي>نہ +ٽي.

شڪل پنهنجي سومرا، ماڪوڻ دور ڪر، مان ڪي نہ
تي وٺي.

[1542]

مقام جا آچ نہ ميان سومرا، ڏڻ جا آءُ نہ ڪندياس،
شهر ۾ نرناڻ ٻُجهي، تنهن ڏي آءُ ويندياس.

مقام جا=ڊپ. ڏڻ جا=سانگ>سانگا. شهر=
ملير. نرناڻ=ڪيت.

ڊپ آچ نہ ميان سومرا، سانگا آءُ نہ ڪندياس،
ملير ۾ ڪيت ٻُجهي، تنهن ڏي آءُ ويندياس.

[1543]

تون نالو نہ رکندين سومرا! تہ منهنجو نالو بہ ٿيندو ڪين،
اڌ نالي ۾ زحمت ٿيندين، نالو بہ ٿيندئي ڪين.

نالو=سيل. نالو=جيئڻ. اڌ نالو=عالم. زحمت=
بدنام. نالو=حاصل.

تون سيلُنہ رکندين سومرا! تہ منهنجو جيئڻ بہ ٿيندو ڪين،
عالم ۾ بدنام ٿيندين، حاصل بہ ٿيندئي ڪين.

[1544]

نارنالي ميان سومرا! توکي وکر ڪندا.

نار نالي=سيائي>سيئي. وکر=ڪِنڙو.

سيئي ميان سومرا! توکي ڪِنڙو ڪندا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1545]

عمر! انهن گهوڙي جن کان، مال جي ڏين ها.

گهوڙي جا=قاعدا>قيدن. مال جي=گوٺري>
گوري.

عمر! انهن قيدن کان، گوري (زهر جي) ڏين ها.

[1546]

وڻ ڏي ويندي‏س، اَن جي کين ٽيندي‏س.

وَڻ=آمري>آءٌ مري. اَن جو=تُهه>تنهنجي.

آءٌ مري ويندي‏س، تنهنجي کين ٽيندي‏س.

[1547]

توڙي جا رچ ڪرين، ٻولي نه.

رچ=خونچو>خون چا. ٻولي=تنهنجي.

توڙي خون چا ڪرين، تنهنجي نه.

[1548]

ادا عمر! ڪاٺ ڪر، حاڪيماٽي نه ڪر.

ڪاٺ(جو) =محافو>معاف. حاڪيماٽي=حد.

ادا عمر! معاف ڪر، حد نه ڪر.

[1549]

نالو ڪر مَ سومرا! اهو مرض مارن ڪي.

نالو=شادي. مرض=دوکو.

شادي ڪر مَ سومرا! اهو دوکو مارن ڪي.

[1550]

ذات نه آهيان سومرا، نالو کريان ڪيئن؟

ذات=خشڪ>خوش. نالو=گهاتو>گهوٽ.

خوش نه آهيان سومرا، گهوٽُ کريان ڪيئن؟

[1551]

نالو منهنجو ملير ۾، هت نالو ڪيئن کريان؟

نالو=مگيلڊو>مگيندو. نالو=شادي.

مگيندو منهنجو ملير ۾، هت شادي ڪيئن کريان؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1552]

ادا عمر! منهنجي **نرنانءَ** جا، اجا اُتئي **مٿي جا** گهٽا.

نرنانءَ=مڱڻ>مڱڻو. مٿيءَ جا=شاهد (ڪاٿيءَ جي ماپ لاءِ وچ تي ڇڏيل دڙي.)

ادا عمر! منهنجي مڱڻي جا، اجا اتئي شاهد گهٽا.

[1553]

ذات جا مٿر ڪپڙا، **پوک جا** تان نه ڪنديس:

ذات=مڱڻيجا. پوک جا=پيجا>ٻئي جا.

مڱڻي جا مٿر ڪپڙا، ٻئي جا تان نه ڪنديس.

[1554]

ميان عمر! **ڪاٺي** چوان توکي، **پنهنجي** لڳي تو،

نرنان آهي **ڪپڙ** ۾، **نرنان** آهي سو.

ڪاٺي=سچي. پنهنجي=ڪاوڙ. نرنان=مارُو.

ڪپڙ(جو) =ملير. نرنان=مڱيو.

ميان عمر! سچي چوان توکي، ڪاوڙ لڳي تو،

مارو آهي ملير ۾، مڱيو آهي سو.

[1555]

تڙ ڦٽو ڪر سومرا! ڏي **مال** مارن کي.

تڙ=ڏنگو. مال جو=سَڱَ>سَڱَ.

ڏنگ ڦٽو ڪر سومرا! ڏي سَڱَ مارن کي.

[1556]

رچ آچ م سومرا! **نرنانءَ** آءٌ نه ڪنديس،

مال جون ڪائينديس، پر **وڻ** ڪنديس ڪينڪي.

رچ=پرڻ>پرڻو. نرنان=قبول. مال جون=
گوريون(ڳاڙهيون ڍڳيون). وڻ=هيرڻ>هي رڻ.

پرڻو آچ م سومرا! قبول آءٌ نه ڪنديس،

گوريُون ڪائينديس، پر هي رڻ ڪنديس ڪينڪي.

[1557]

ڪپڙي جي پوئي ميان سومرا! **نالو** آچ نه مون.

ڪپڙي جي=ڳارَ. نالو=شادي.

ڳارَ پوئي ميان سومرا! شادي آچ نه مون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1558]

عمرا **نالو** مليو آهي مون، آءُ **لوھہ جي** نہ، تون **مال جو** نہ ڏي.

نالو= کيت، لوھہ جي=پرٽي. مال جو=ٽِڪو.

عمر!کيت مليو آهي مون، آءُ پرٽي نہ،تون ٽِڪو نہ ڏي.

[1559]

سومرا! تنهنجي سورن جي، مون **وکر** ئي کونهي،

ڪاٺ منهنجي من تي، سو **لوھہ** ئي کونهي،

تڏهن تي پانيان، تہ **ڪاٺ لوھہ** ئي کونهي.

وکر=ڪاٿو. ڪاٺ=رنجهہ>رنج. لوھہ(جا) =

تولا>تو +لاٿو. ڪاٺ=تُم>تو +مون. لوھہ=

ڏاتُو>ڏاتو.

سومرا! تنهنجي سورن جو، مون ڪاٿوئي کونهي،

رنج منهنجي من تي، سو تو لاٿوئي کونهي،

تڏهن تي پانيان، تہ تو مون سان ڏاتو ئي کونهي.

[1560]

سَنج آچ نہ سومرا! مون کي **ڪپڙي جا** اَباڻن.

سنج=پرڻ>پرٽو. ڪپڙي جا=چاڪ.

پرٽو آچ نہ سومرا! مون کي چاڪ اَباڻن.

[1561]

شھر جي چئو مون کي، **نالو** چوان تو،

مال جو وٽ **ذاتين** کان، جو **نالو** آهي تو.

شھر جي=پيٽي>پيڻ. نالو=دادُو>دادو(پاءُ).

مال جو=سَگَنُ>سَگَنُ. ذات=سومرا>سومرن.

نالو=لائق.

پيڻ چئو مون کي، دادو چوان تو،

سَگَنُ وٽ سومرن کان، جو لائق آهي تو.

[1562]

شھر ڪر نہ سومرا، **شھر** چگوئي ناهہ،

چا ڪنديس تنهنجي **شھر** کي، **نالو** مون وٽ ناهہ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهر=بغداد. شهر=جهول>جهل. شهر=بخت.
نالو=خوشي.

بغداد ڪر نہ سومرا، اها جهَل چڱي ناهہ،
چا ڪنديس تنهنجي بخت کي، جو خوشي مون وٽ ناهہ.

[1563]

نالا نالن تي، پوک جا هُن متي،
رڇ آچين ها سومرا، چڱي ڳالهہ ٿئي.

نالو=گل. نالو=موڙ>موڙن. پوک جا=آپون>
آءُ+پُونءِ. رڇ=پرڻ>پرڻجي.

گل موڙن تي بَندي، آءُ پونءِ هن متي،
پرڻجي اچين ها سومرا، چڱي ڳالهہ ٿئي.

[1564]

ڪائين جون هڻ مِ سومرا! نالا نانءُ نہ ڪن،
جن جو ڪم رڇن سان، مر تہ وڻ جن سان اچن.

ڪائين جون=سنڌيون. نالو=راجا. نانءُ=راٺو.
رڇ=پرڻ. وڻ جا=موڙَ.

سَنڌيون هڻ مَ سومرا! راجا راٺا ائين نہ ڪن،
جن جو ڪم پرڻي سان، مَرُ تہ موڙن سان اچن.

[1565]

مرونءَ جون ڪجن پنهنجن سان، ان جا ڪجن ذاتين سان.

مرون جون=هلاڻون. پنهنجا=جيسَ. اَن جا=
بائيتال. ذات=مهراج>راڄ>راڄن.

هلاڻون ڪجن جيسن سان، بائيتال ڪجن نہ راڄن سان.

[1566]

جتي پکي مارو ڪن، اُتي پکي تڪي ڪونہ ڪو،
اها ريت نہ راجائن، جو پکي ڪَونائين پاڻ کي.

پکي=شهباز. پکي=ڪانئرو. پکي=
پاپيهو>پاپي.

جتي شهباز مارو ڪن، اتي ڪانئر تڪي ڪونہ ڪو،
اها ريت نہ راجائن، جو پاپي ڪونائين پاڻ کي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1567]

گل مال جا سومرا، توکان اڳي هندڪا هئا،

تون جر فقير جي نہ ڪر.

گل=ڪيسو>ڪي +سُئا. مال جا=ماها>

مان +هئا. هندڪا=مارڪا. جرجي=نئين>

نئين. فقير جي=ريت.

ڪي سُئا مان هئا سومرا، توڪان اڳي مارڪا هئا،

تون نئين ريت نہ ڪر.

[1568]

جر حاڪم جو سومرا، ٻيڙين جيئن تيو.

جر جو=هيڏو. حاڪم جو=هاجو. ٻيڙيءَ(جي) =

نَتَر (ناتاري)>نہ +تر.

هيڏو هاجو سومرا، نہ تر ۾ تيو.

[1569]

اهي وهٽن جا نہ وِير، جو جيت لجائين ذات ڪي.

وهٽ جو=وڙ. جيت=پوپٽ>پٽ. ذات=پنوهار.

اهي وڙَ نہ وِير، جو پٽ لجائين پنوهار جو.

[1570]

ذاتيون نالا جن ذريا، وڻ ۾ مرض جي تن ڪئي.

ذاتيون=سما ۽ سومرا. وڻ جو=ٿارو. مرض جي=

سردي>سرندي.

سومرا ۽ سما نالا جن ذريا، سرنديءَ ٿارا تن ڪيا.

[1571]

نالا اُهي چئجن، جي پاٽي وڻ جا ڪن.

نالو=بهادر. پاٽي=سَرد>سرندي. وڻ جا=ٿارا.

بهادر اُهي چئجن، جي سرنديءَ ٿارا ڪن.

[1572]

جبل جي پوئي ميان سومرا! جيتين وجهہ نہ مون.

جبل جي=چِپَ. جيت=مَهلو>محل.

چِپَ پوئي ميان سومرا! محلين وجهہ نہ مون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1573]

نالا لنگهيا ميان سومرا، **سُتَ جي** کنهن نہ ڪئي.

نالو=عيسن>سنڌ. ستَ جو=بَند.

سنڌ لنگهيا ميان سومرا، بند ڪنهن نہ ڪئي.

[1574]

نرنالن جون اهي نہ **ڪامٽيون،** جي **نالن** تي **گهوڙن جون ڪن.**

نرنالو=صاحب>صاحبن. ڪامٽي=پَري>پريون.

نالو= راڄو> راڄن. گهوڙن جون= ڦَرڪُون (تَنبَڻ واري حالت)>ڦُر +ڪَن.

صاحبن جون اهي نہ پَريون، جو راڄن تي ڦُرڪن.

[1575]

وڪر ميان سومرا، توکي **شهر** ڪيو،

نالا جهلڻ ڪم اوهان جو هو، پر تو **نالي** اڳيون **ڏڻ** ويو.

وڪر=ڪنڙو>ڪنڙي>ڪن +ڙي. شهر= ڪڏهرو. نالا=سما>سامون. نالو=ساماٽو> ساماٽي. ڏڻ (جو) =وڙُ.

ڪني ڙي ميان سومرا، توکي ڪڏهر ڪيو،

سامون جهلڻ ڪم اوهان هو، پر تو ساماٽي اڳيون وڙ ويو.

[1576]

چورجي ڪري اڇي **ڪپڙي جي** ڪيئي، سا ڪيئن **نالو؟**

چور جي=قزاقي. ڪپڙي جي=گُٿُون (ڳوٿري) نالو=ڦبيو>ڦبندي.

قزاقي ڪري تو اڇي گُٿُون ڪئي، سا ڪيئن ڦبنديئي؟

[1577]

چوڙ **ڪُڙمڪا،** جو مان **ذاتئين** وينديا س.

ڪُڙمڪا=فرسا>ڦر +سي. ذات=چارڻ.

چوڙ ڦَر سي مان چارڻ وينديا س.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1578]

گاهہ اڳي ڪيم سومرا! ڪاني ڪانہ ڪنديس.

گاهہ=سيڻُ. ڪاني(جي) =ٻياني.

سيڻُ اڳي ڪيم سومرا! ٻيا ني ڪانہ ڪنديس.

[1579]

عمر ادا! تو وٽ اڳي ٻہ ڪا وڻ ذات هئي، يا آءٌ
تي وڻ ذات تيان.

وڻ=ٻُوهہ>ٻُو. ذات=ساٿي.

عمر ادا! تو وٽ اڳي ٻہ ڪا ٻُوساٿي هئي، يا آءٌ
تي ٻُوساٿجان؟

[1580]

عمرا! تنهنجن عضون ۾، مون ڪي پنهنجا تا مارين.

عضوو=بغل>بنگلن. پنهنجا=اوجاڳا.

عمرا! تنهنجن بنگلن ۾، مون ڪي اوجاڳا تا مارين.

[1581]

لوهہ جون يج نہ سومرا! ڪاٺين هڏ مَ پئو،
نہ آهي ڪاٺ ڪنڌيءَ ۾، تڏهن توڪي ناهي پئو.

لوهہ جون=ڪارايون>ڪرايون. ڪاٺ جو=
هٿيو>هٿين. ڪاٺ جو=وَرُ.

ڪَرايون يج نہ سومرا! هٿين هڏ مَ پئو،
نہ آهي ور ڪنڌيءَ ۾، تڏهن توڪي ناهي پئو.

[1582]

مارو تہ منهنجا حاڪيماٽا، ولايت ڪر نہ تن سان.

حاڪيماٽا=سپاهي. ولايت=اُڇ>اُڇاٽ.

مارو تہ منهنجا سپاهي، اُڇاٽ نہ ڪر تن سان.

[1583]

مرون ڏسي ڪُتي جو نہ هڻ، اڱيان ٻہ نرناڻ اٿئي.

مرون(جي) =هڪل>هيڪلي. ڪتي جو=جهٽ.
نرناڻ=راڄو>راڄ.

هيڪلي ڏسي جهٽ نہ هڻ، اڱيان ٻہ راڄ اٿئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1584]

جي **ذات ٻولي** هجن ها، تہ **لوهہ جي** وڃهنئي ها.

ذات=مارُو. ٻولي=ڪول (ويجها). لوهہ جي=
ڪَتَ>ڪُتي.

جي مارو ڪولِ هجن ها، تہ ڪُتي وڃهنئي ها.

[1585]

عمر! **شڪار وارا** ڪونہ هئا، نہ تہ **ڪاڻي** ڪنئي ها.

شڪار وارا= پهتا. ڪاڻيءَ جو=لَڪُ>پلڪ.

عمر! (مارو) پهتا ڪونہ هئا، نہ تہ پَلڪَ ڪنئي ها.

[1586]

عمر! منهنجا ڳنڍجنئي ها، تہ **چمہ جو** ڪنئي ها.

چمہ جو=مَڙُهہ.

عمر! منهنجا (مائٽ)ڳنڍجنئي ها، تہ مڙهہ ڪنئي ها.

[1587]

ادا عمر! **پوڪ جي** ڪري آئين، تو ۾ **گاهہ جو** هو،
مارن ۾ **مال جي** ڪانہ هئي، نہ تہ **وڪر** ڪنئي ها.

پوڪ جي=قِسط>ڪستُ. گاهہ جو=قير.
مال جي=پهر. وڪر=ناس.

ادا عمر! ڪست ڪري آئين، تو ۾ قير هو،
مارن ۾ پهر ڪانہ هئي، نہ تہ ناس ڪنئي ها.

[1588]

**ڪاٺ تي پنهنجو هجي ها، تہ عضوي ٻار جي
تئي ها سومرا!**

ڪاٺ جو=ڪُوهو>ڪوهہ. پنهنجو=وارث.
عضوو=سسي. ٻار جي=لڙڪي.

ڪوهہ تي وارث هجي ها، تہ سسي لڙڪئي ها سومرا!

[1589]

جي ڪا **لوهہ جي** پوي ها، تہ مارو اڃي هٿ **ڪاٺ جا** تين ها.

لوهہ جي=ڪَل. ڪاٺ جا=ڪوڙ.

جي ڪا ڪَل پوي ها، تہ مارو اڃي هٿ ڪوڙ تين ها.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1590]

انهي جنگ جوڙي نرنان، ذاتين ڪک پوءِ،
تہ درياءَ ۾ هٿيار جو، مقام جي تهان پوءِ،
پوءِ شهر جبل هوءِ، ڪي ڏينهن ڪپڙي جن ۾.

جنگ جو= سُرسلو> سُرسلي. نرنان= سومر>
سومرا. ذات=پنهوار. ڪک=ڪَل. درياءَ جو=
ڪپ>ڪپينئي. هٿيار=ڪهاڙو. مقام جي=سر.
شهر=راڄ. جبل=روه>روءِ. ڪپڙي جو=ڪوٽ.

انهي سُرسلي جي ڙي سومرا، ڪَل پنهوارن پوءِ،
تہ ڪپينئَ ها ڪهاڙن سين، سُر تهان پوءِ،
پوءِ راڄ تولاءِ روءِ، ڪي ڏينهن انهيءَ ڪوٽ ۾.

[1591]

مرض جي ڪري، مرون جي آندءِ، ڪپڙي جهنگ جي
مَ يانئج سومرا!

مرض جي=سوڙهيءَ گهٽَ. مرونءَ جي=سَٿ.
ڪپڙو=صفا. جهنگ جي=سج.

سوڙهيءَ گهٽَ ڪري، سٿ ڏيئي آندءِ، تڏهن صفا سج
مَ يانئج سومرا!

[1592]

شل شهر ڪاني ٽيئي، عضوي جي ڪر نہ مون سان.

شهر=ڍينگو. ڪاني=ڍيري. عضوي جي=ترِي>ايتري.

شل ڍينگو ڍيري ٽينئي، ايتري ڪر نہ مون سان.

[1593]

جهُڙ جا پونئي سومرا، مال جا وڃنئي شال!

جهُڙ جا=هاڳام. مال جا=دوڙ.

ها ڳام پونئي سومرا، دوڙ وڃنئي شال!

[1594]

جيڪا تو مرض جي، سا حاڪيماٽي اڇيئي شال!

مرض=پٽري. حاڪيماٽي=پيش.

جيڪا تو پٽري، سا پيش اڇيئي شال!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1595]

شهر تنهنجو سومرا، مان **ٻن ذاتين** کي ڏينديس.

شهر=ٻيراني. ٻہ ذاتيون=هڪ ذات ڪوري،
ٻي ذات=ڪُتڙا.

ٻيرا ني تنهنجا سومرا، ڪوري ڪُتڙن کي ڏينديس.

[1596]

مٿيءَ جِن ۾ پوين سومرا، ڏي **جيت** موڪل.

مٿيءَ جا=ڏاوَ(سرن جا ننڍا ٽڪر، جي اوساريءَ
۾ ڪم اچن)>ايڏاوَ. جيت=اصيل>اصل.

ايڏاوَن ۾ پوين سومرا، ڏي اصل موڪل.

[1597]

عمر ري **نرنان**، ڏي **حاڪيماٽي** يا **ذات** ڪر.

نرنان=سويو>سويا. حاڪيماٽي=مهلت. ذات=
ڪُهاوَڙ>ڪُهيا +وَڙ.

عمر بي سويا، ڏي مهلت يا کهيا وَڙ ڪر.

[1598]

لوهہ جي پوئي ميان سومرا! مون کي **ڪپڙي** موڪل ڏي.

لوهہ جي=ڪوڏر>ڪو +ڏَرُ. ڪپڙو=ملير.

ڪو ڏَرُ پوئي ميان سومرا! مون کي ملير موڪل ڏي.

[1599]

ڪاٺ جا پونئي ڙي سومرا! مون کي **لوهہ جي**.

ڪاٺ جا=ڏنڊڻ. لوهہ جو=زبانو> زبانئرن.

ڏنڊڻ پونئي ڙي سومرا! مون کي زبانئون موڪل ڏي.

[1600]

نرنانءَ سڏائين سومرا، تو **ذات مال جو** ڪيئن،
پنهنجي ملڪ جي هيئن، تنهنجو **ڪاڄ جو** مونکي **نالا**.

نرنانءَ=اشرف>اشراف. ذات=شَر>شرم.
مال جو=وِڪيو. پنهنجي=آهہ>آهي. ملڪ جي=
ڏينهن رات. ڪاڄ جو=داغ. نالو=سوَمرو.

اشراف سڏائين سومرا، تو شرم وڪيو ڪيئن،
آهي راتو ڏينهن، تنهنجو داغ مون کي سومرا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1601]

ڪاڻ نہ بچئي سومرا! شل **وڪر** وجئي،
تو اسان کي چو **مال جن** ۾ وڌو؟

ڪاڻ جو=وانگي. وڪر=مُرداسنگ>مردو.
مال جا=چوڙا>وِچوڙن.

وانگي نہ بچئي سومرا، شل مردو وجئي،
تو اسان کي چو وچوڙن ۾ وڌو؟

[1602]

وڪر پويئي ميان سومرا، **شهر** اچين چو!

وڪر=چوڙ>چوڙنگ. شهر=ماڏو>مان +ڏي.

چوڙنگ پويئي ميان سومرا، مان ڏي اچين چو!

[1603]

لوهہ جا پونئي ميان سومرا، اچيو **لوهہ جا** پون،
انهن **لوهہ جن** مان ڪيي، من مون کي مارو نين.

لوهہ جا=ڏول.

ڏول پونئي ميان سومرا، اچيو ڏول پون،
انهن ڏولن مان ڪيي، من مون کي مارو نين.

[1604]

ڪنڪيون پونئي سومرا، تون **ڪَنڪيون** آٽين ڪيئن،
توکي راتو ڏينهن، آهن **ڪَنڪيون** من ۾.

ڪَنڪيون= چُرون> چُريون. ڪَنڪيون=
بَڏيون>بڏيو. ڪَنڪيون=بانڏٽيون>بانهون +
ڏٽيون.

چُريون پونئي سومرا، تون بَڏيو آٽين ڪيئن،
توکي راتو ڏينهن، آهن بانهون ڏٽيون من ۾.

[1605]

وڻ جون وجنئي ميان سومرا! **اُپ جي** مون تان لاهہ.

وڻ جون=پاڙون. اُپ جي=ڪارنهن.

پاڙون وجنئي ميان سومرا! ڪارنهن مون تان لاهہ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1606]

وڪر وجئي ميان سومرا، **اُپ جي** مون تان لاھہ.

وڪر=صابڻ>سو +بُڻ. اُپ جي=ڪاراڻ.

سو بُڻ وجئي ميان سومرا، ڪاراڻ مون تان لاھہ.

[1607]

وڪر وجئي ميان سومرا! **مال جو** نہ بچئي ڪو.

وڪر=صابڻ>سو +بڻ. مال جو=بُج.

سو بُڻ وجئي ميان سومرا! بُج نہ بچئي ڪو.

[1608]

وڪر وجئي ميان سومرا، **تڙ جا** تان ڪجن،

مال جا ڏئي اسان ڪي، سي **ڪپڙي** تان نہ لهن.

وڪر=صابڻ>سو +بُڻ. تڙ جو=نهڻ>نهن.

مال جا=داغ. ڪپڙو=ڏوتو>ڏوتي.

سو بُڻ وجئي ميان سومرا، جيئن نهن تيئن ڪجن،

جي داغ ڏنئي اسان ڪي، سي ڏوتي تان نہ لهن.

[1609]

وڻ وجئي ميان سومرا، **ڪاٺ** نہ بچئي ڪو،

مون ڪي آٽي تو، **مال جن** ۾ ڇو وڌو!

وڻ=ڇمون>ڇم. ڪاٺ=بُند. مال جا=

ڇوڙا>وڇوڙا.

ڇم وجيئي ميان سومرا، بُند نہ بچيئي ڪو،

مون ڪي آٽي تو، وڇوڙن ۾ ڇو وڌو!

[1610]

وڻ وجئي ميان سومرا! **سُٺ** نہ بچئي ڪو،

مون ڪي آٽي تو، هنت **مرضن** ۾ وڌو.

وڻ=سرُ>سرِ. سُٺ جو=بڻ. مرض=سور>

سُورن.

سرِ وجئي ميان سومرا! بُڻ نہ بچئي ڪو،

مون ڪي آٽي تو، هت سُورن ۾ وڌو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1611]

راند **كيف** **جا** سومرا! تو **جرَ** **جو** آندو كيئن،

مون كي راتو ڏينهن، آهي **مال** **جوئي** من ۾.

راند جو=خانو. كيف جو=خراب. جر جو=
چاڙهو. مال جو=اوسيڙو.

خانو خراب ٿيئي سومرا! تو چاڙهي آندو كيئن،

مون كي راتو ڏينهن، آهي اوسيئڙو من ۾.

[1612]

جر **جون** پونئي سومرا! **مال** **جي** آندئي كيئن،

مون كي راتو ڏينهن، آهي **نالو** من ۾.

جر جون=سيرون. مال جي=ٻڌي. نالو=موتڻ.

سيرون پونئي سومرا! ٻَڌي آندئي كيئن،

مون كي راتو ڏينهن، آهي موتڻ من ۾.

[1613]

ڍنڍ **كاٺ** كائنئي ميان سومرا، **ڌڻ** **جو** آٽي كيئن،

مون كي راتو ڏينهن، آهي **مرد** من ۾.

ڍنڍ=كاري. كاٺ(جو) =هَل(هر). ڌڻ جو=
بَنديو>بنديئي. مرد=موتڻ.

كاريهل كائينئي ميان سومرا، بنديئي آٽي كيئن،

مون كي راتو ڏينهن، آهي موتڻ من ۾.

[1614]

جيت كائني ميان سومرا، **كاٺ** نہ بچئي كو.

جيت=كاريهر. كاٺ=وانگي.

كاريهر كائني ميان سومرا، وانگي نہ بچئي كو.

[1615]

اَن **جو** پوئي ميان سومرا! **جر** **جي** بچئي كين.

اَن جو=تُوتَڙ(تُهہ). جر جي=پوئكي>
پوءِ كي.

تُوتَڙ پوئي ميان سومرا! پوءِ كي بچئي كين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1616]

ذات وجين ميان سومرا! ڪپڙي جو ڪيئي مون.

ذات=مري. ڪپڙي جو=رَئو>گـلارو.

مري وجين ميان سومرا! گـلارو ڪيئي مون.

[1617]

ڪو لوهہ پوئي ميان سومرا، تو وڻ جي آندي ڪيئن!

لوهہ (جي) =ڪوڏر. وڻ=ڪُنوار پوٺي>ڪنواري.

ڪو ڏُرَ پوئي ميان سومرا، تو ڪنواري آندي ڪيئن؟

[1618]

مٽيءَ جو وجئي ميان سومرا، تو ذات جي آندي ڪيئن!

مٽيءَ جو=تَنُور>نُورُ. ذات جي=تُنياڻي>

تو +نياڻي.

نُور وجئي ميان سومرا، تو نياڻي آندي ڪيئن.

[1619]

ٻج پيچنئي ميان سومرا، ڪپڙو نہ بچئي ڪو.

ٻج=ڪڪڙا>ڪي ڪَڙا. ڪپڙو=ڪوٽ.

ڪي ڪڙا پيچنئي ميان سومرا، ڪوٽ نہ بچئي ڪو.

[1620]

عمر، شال مال جا پونئي.

مال جا=گهوڙا.

عمر، شال گهوڙا پونئي.

[1621]

هندڪو وجئي ميان سومرا، شل نالو ٿئين ڪين!

هندڪو=رام>آرام. نالو=سکيو.

آرام وجئي ميان سومرا، شل سکيو ٿئين ڪين!

[1622]

نرنانءَ وجئي ميان سومرا، تڏهن ڪا ذات پوئي.

نرنان=موسن>مون +سنہ. ذات=دُر>قدر.

مون سنہ وجئي ميان سومرا، تڏهن ڪو قدر پوئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1623]

سُٽ جون وڃئي سومرا، هي **لوهہ جا** مون تؤن لاهہ.

سُٽ جون=پيڙهيون. لوهہ جا=مارا.

پيڙهيون وڃئي سومرا، هي مارا مون تان لاهہ.

[1624]

گاهہ تئين ميان سومرا! مون تان **جر جا** لاهہ.

گاهہ=چٽ. جر جا=لُڙَ.

چَٽُ ٿيئن ميان سومرا! مون تان (هي)لُڙ لاهہ.

[1625]

ڪڪ جر جون پونئي سومرا، مون تان **پاٽي وارا** لاهہ.

ڪڪ جا=سر. جر جون=واهيون. پاٽي وارا=لُڙَ.

سرواهيون پونئي سومرا! مون تان (هي) لُڙ لاهہ.

[1626]

ڪاٺ جا پونئي ميان سومرا، مون تان **لوهہ جا** لاهہ.

ڪاٺ جا=اَرٽ. لوهہ جا=ڪرٽ.

اَرٽ پونئي ميان سومرا، مون تان ڪَرٽ لاهہ.

[1627]

لوهہ جا پونئي ميان سومرا، **اَن جا** مون تان لاهہ.

لوهہ جا=ڪنگڻ. اَن جا=لنگهڻ.

ڪنگڻ پونئي ميان سومرا، لنگهڻ مون تان لاهہ.

[1628]

ادا عمر! **ڏينهن** پوئي، **ڏينهن** مون تان لاهہ.

ڏينهن=حشر. ڏينهن=محشر.

ادا عمر! حشر پوئي، محشر مون تان لاهہ.

[1629]

لوهہ جا پونئي ميان سومرا،هي **ذاتيون** مون تان لاهہ.

لوهہ جا=برمان. ذات=ڏچر>ڏچا.

برمان پونئي ميان سومرا، هي ڏچا مون تان لاهہ.

[1630]

اُپ جون پونئي ميان سومرا! شل **ذات** وڃين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُپ جون=اورڪون. ذات=ڳاها>ڳاهجي.

اورڪون پوئٽي ميان سومرا! شل ڳاهجي وڃين.

[1631]

جڏهن نرنانءَ تي وڻ ٿيو، تڏهن نارنان هجان ها،

تہ گاهہ وارينديءِ، عضوي جو ڏيانس ها.

نرنانءَ=عمر. وڻ=چميو. نارنان=حڪيمان>

حقي ماءُ. گاهہ=ناڙو. واريندي=موڙيندي.

عضوي جو=نُنهن.

جڏهن عمر تي چميو، تڏهن حقي ماءُ هجان ها،

تہ ناڙو موڙيندي، نُنهن ڏيانس ها.

[1632]

اي ذات گاهہ ڪپيندڙ، تو هٿ جو چونہ ڏنو عمرڪي؟

ذات=دايا>دائي. گاهہ=ناڙو. هٿ جو=گهُٽو.

اي دائي! ناڙو وڍيندڙ، تو گهُٽو چو نہ ڏنو عمر کي؟

[1633]

جڏهن عمر پئي ڪپڙا ڪيا، تڏهن ڪپڙو ڪنهن نہ اُتو.

ڪپڙو=اُبتو>اُبتا. ڪپڙو=سُبتو.

جڏهن عمر پئي اُبتا ڪيا، تڏهن سُبتو ڪنهن نہ اُتو.

[1634]

سي ڪاٺ جا مير عمرا! جن نرنانءَ مون هتي.

ڪاٺ جا=مُنيا>مُنا. نرنان=آندو.

سي مُنا مير عمرا! جن آندو مون هتي.

[1635]

ڳالهہ چوانءِ ميان سومرا! جي عضوي لايين تون،

تهان پوءِ مون، اُٺن شهر جي چڏيين.

ڳالهہ(جي) =نصيحت. عضوو=دل. اُٺن(جو) =

ساڳو>ساڳي. شهر جي=جاءِ.

نصيحت ڪريين ميان سومرا! جي دل(سان) لايين تون،

تهان پوءِ مون، ساڳي جاءِ ڇڏيين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1636]

لهي وچ انهيءَ لوهہ تان، توکي نالو، نالو ڏي.

لوهہ جو=بُرج. نالو=هادي. نالو=هدايت.

لهي وچ انهي برج تان، توکي هادي هدايت ڏي.

[1637]

لوهہ تي راڄ ويهار، گهر جي ڏي نہ تن کي.

لوهہ=ريهو>ريهي. گهر جي=ڪارنهن.

ريهي راڄ ويهار، ڪارنهن ڏي نہ تن کي.

[1638]

راند جون ذاتين سان ڏجن، نہ کجن ڪاٺن
سان حڪيماٺا،
جيئن نانوَ نرنانون جا، تيئن مارو سونهن مس،
ڏيئي دلاسن دس، لوهہ جي نانءَ ويهار سومرا!

راند جون=جوڻون. ذات=جوسي>جيسين. ڪاٺي=هيٺي. حاڪيماٺا=
حسد. نانءِ=گاهي. نرنانوَ =درگاهي.لوهہ جي= ريهہ. نانءِ=راڄ.

جوڻون جيسَن سان ڏجن، نہ ڪجن هيٺن سان حسد،
جيئن گاهي درگاهي، تيئن مارو سونهن مس،
ڏيئي دلاسن دس، ريهي راڄ ويهار سومرا!

[1639]

ادا عمر! لوهہ جا انهن سان ڪر، جيڪي انهيءَ
اَن جون هجن.

لوهہ جا=ڪَرٽ. ان جي=چال.

ادا عمر! ڪرٽ انهن سان ڪر، جيڪي انهيءَ چال
جون هجن.

[1640]

ذات ذات کي ذات جيئن آهي، سا ڪيئن ذات سومرا!

ذات=رعيت. ذات=حاڪم. ذات=پچڙا>پچڙن.
ذات=تَڪيا>تڪين.

رعيت حاڪم کي پچڙن جيئن آهي، سا ڪيئن تڪين سومرا!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1641]

ادا عمر! مون کي وڻ آهي تہ تون ذات آهين.

وڻ=ڪين>يقين. ذات=صراف>اشراف.

ادا عمر! مون کي يقين آهي تہ تون اَشراف آهين.

[1642]

ادا عمر! مون کي تہ ڪتي جي، تون چوين تہ اجان ڪپڙي جي.

ڪُتي جي=تڪ. ڪپڙي جي=گهاري>گهار.

ادا عمر! مون کي تہ تَڪ (مارن جي)، تون چوين تہ اجان گهارِ.

[1643]

نالي سان نالو، عمر! نالوئي نہ.

نالو=مولو>مون. نالو=مرڪڻ. نالو=شيوو.

مون سان مرڪڻ، عمر! شيووئي نہ.

[1644]

چم جي آهيان ميان سومرا، چم جي ڪر نہ تون.

چم جي=نَط>امانت. چم جي=نَط>خيانت.

امانت آهيان ميان سومرا، خيانت ڪر نہ تون.

[1645]

نالو تي حاڪم جو نہ ڪر، نہ تہ ملڪ تي ويندين.

نالو=ظالم. حاڪم جو=ظلم. ملڪ=تباھ.

ظالم تي ظلم نہ ڪر، نہ تہ تباھ تي ويندين.

[1646]

وڻ ڏسي نالو نہ تي، اڳيان مڇي زور آهي.

وڻ=سورت>صورت. نالو=ظالم. مڇي=

هَڪَمُ>حاڪم.

صورت ڏسي ظالم نہ ٿي، اڳيان حاڪم زور آهي.

[1647]

علم وارا! مون سان علم واري نہ ڪر، متان علم وارو اچئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علم (جي) =زير>زوراوَر. علم (جي) =زبر>
زورزَبر>علم (جو) =پيشُ.

زوراور! مون سان زور زبر نہ ڪر، متان پيش اچئي.

[1648]

نالا نام تنهنجا، آهن **نالا نام** تو،
نام ڪرين تو چو، **نالي نام** ڪنديِن ڪينڪي.

نالا=نوڪر. نام=چاڪر. نالا=سندا. نام=رعايا.
نام=هيبت. نالا=مارو. نام=ناموس.

نوڪر چاڪر تنهنجا، آهن سندا رعايا تو،
هيبت ڪرين تو چو، ماروُ ناموس ڪندئي ڪينڪي.

[1649]

هت تہ **نالا نانءَ** وٽ تو، هت بہ **نالا نانءَ** تو،
سي **نالا نالن** تي ڪين هئا، تو **نانءَ** ڏرين تو چو؟

نالا= نوڪر. نانءَ= چاڪر. نالا= سانگي. نانءَ=
پرتو>پرتا. نالو=مارو. نالا=مَواس (زوراٿا، مَواڙ)
نانءَ=هيبت>هيبتون.

هِت بہ نوڪر چاڪر وٽ تو، هُت بہ سانگي پرتا تو،
سي مارو مواس ئي ڪين ها، تون هيبتون ڪرين تو چو؟

[1650]

ادا عمر! هِت تہ **ذات** تي، ڪا **ڪاني نالو** ڪر.

ذات=مانجهي>مانجهاندو. ڪاني=ڏکهي.
نالو=نظر.

ادا عمر! هت تہ مانجهاندو تي، ڪا ڏکهي نظر ڪر.

[1651]

هت تون تو **جنگيون** ڪرين، اڳيان **ڪاٽ جن** ۾
مال جا اٿئي.

جنگ جو=اولاٽو. ڪاٽ جو=ڳجهہ>ڳجهن.
مال جو=ڇاٽو>پڇاٽو.

هِت تون تو اولاٽا ڪرين، اڳيان ڳجهن ۾ پڇاٽو اٿئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1652]

ادا عمر! انهيءَ وڻ ئون تندئون چمر جو وجئي.

وڻ=اَڪ. تند=لئون. چمر جو=مَڙهه.

ادا عمر! انهيءَ عقلئون مَـڙهه وجئي.

[1653]

ذات ۾ ڪپڙو تئين، تون ڪي ذات.

ذات=سامي. ڪپڙو=سوڙهو. ذات=سڪ.

سامي ۾ سوڙهو تئين، تون ڪي سِڪُ.

[1654]

رات ڪيئي سومرا، مَنَ ڪو ڏينهن تئي.

رات=ڪاري. ڏينهن=آڇر>آڇار.

ڪاري ڪيئي سومرا! من ڪو آڇار تئي.

[1655]

جڏهن ڏينهن تيندو، تڏهن ڪاٺ ڪنديساڻ سومرا!

ڏينهن=آڇر>آڇار. ڪاٺ=سنئون.

جڏهن آڇار تيندو، تڏهن سنئون ڪنديسان سومرا!

[1656]

ادا عمر! تنهنجي ڏيهه تي اها ڪانئي ناهي، جنهن سان ڪاڇ ڪريان.

ڪانئي=ونگي>وانگي. ڪاڇ=آڇار.

ادا عمر! تنهنجي ڏيهه تي اهو وانگي ناهي، جنهن سان آڇار ڪريان.

[1657]

اُهي نالا آڻ، جيڪي لوهه جي تـه ڪن.

نالا=امين. لوهه جو=پرُوڻ>پروڙ.

اُهي اُمين آڻ، جيڪي پروڙ تـه ڪن.

[1658]

رچ پاٽيءَ جي ڪان پڇ عورت ئون تـه عورت ڪير آهي؟

رچ=ڪَرسيا>ڪر +سِيا. پاڻيءَ جو=گَڏون>

گڏ. عورت=اِمينا>امينئون. عورت=اُتما>اُتم.

ڪر سِيا گڏ، پچ اَمينئون تہ اُتم ڪير آهي؟

[1659]

ڪاڄ ڪر ميان سومرا! توتي شهر ڪندا.

ڪاڄ=آچار. شهر=لکپت>لک +پت.

آچار ڪر ميان سومرا! توتي لَکَ.پَتِ ڪندا.

[1660]

ذات لِڳئي ميان سومرا! تہ نالو تيندُون.

ذات=آهين>آهہ +پُنئي. نالو=امين.

آهہ پُنئي ميان سومرا! تہ اَمين تيندُون.

مارئيءَ جو وطن ۾ ويڙهيچن کي سارڻ

[1661]

ادا عمر! ڏڏڪ پر ڪٽڪ نہ.

ڏڏڪ=شرع. ڪٽڪ=لُٽ.

ادا عمر! رهہ شرع، پر لُٽ نہ.

[1662]

علم جي آئي مارئي وهٽ جا چڏي،
پوءِ هاٿي ڪو هجي، جو ڪري راند ڪانيءَ سان.

علم=مسين. وهٽ جا=ايال>عيال. راند=ميلو.

ڪاني=ڏوئي>ماڏوئيءَ.

مسين آئي مارئي، عيال چڏي،
پوءِ هاٿي ڪو هجي، جو ڪري ميلو ماڏوئيءَ سان.

[1663]

وڻ جون وتن ميان سومرا، ڪپڙي تي ڪيئي.

وڻ جون=چَڙيون>چُڙيون. ڪپڙو=پَٽ>پَٽن.

چُڙيون وتن ميان سومرا! پَٽن تي ڪيئي.

[1664]

وڻ جون وجن مال سان، عمر! پوڪ جي نہ ڪن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڻ جون=چڙيون. مال=چيلا. پوک جي=
اول>اُلکو.
چڙيون وڄن چيلن سان، عمرا! اُلکوئي نہ ڪن.
[1665]
ليڪي ۽ سور ۾ آئي، تو راند جي ڪئي ميان سومرا!
هت تو ذاتيون ڪرين، اتي مارو ناُلو ڪندا.
ليڪي جي=ٻُل. سور جي=چُڪ. راند جي=
لڪائي. ذات جا=مذاق>مزا. نالو=سڪيو.
ٻُل چُڪ ۾ آئي، تو لڪائي ميان سومرا!
هت تو مزا ڪرين، اتي مارُو (مون لاءِ) سڪندا.
[1666]
ڀکي ساريم سومرا! جنهن مون کي ڪاڄ جي ڏني.
ڀکي=هُماءِ>هوءَ +ماءُ. ڪاڄ جي=تَڄ.
هوءَ ماءُ ساريم سومرا! جنهن مون کي تڄ ڏني.

[1667]
ڀکي ڪائين ميان سومرا! ذاتين منجهہ رهن،
مال انهن جا سومرا! راڳن منجهہ چرن.
ڀکي=ڱُرڙ. ذات جا=ٻَٽ>ٻِٽ. راڳ=ڏهر.
ڱرڙ ڪائين ميان سومرا! ٻِٽن منجهہ رهن،
مال انهن جا سومرا! ڏهرن منجهہ چرن.
[1668]
ڪپڙجي ڪري آنديءِ ميان سومرا! ڳهہ تي موڪل ڏي.
ڪپڙ جي=ٻانڌٽي>ٻانهن ڏوٽي. ڳهہ=مُرڪي.
ٻانهن ڏوٽي آنديءِ ميان سومرا! (هاٿي) مُرڪي موڪل ڏي.
[1669]
نرنان تہ منهنجا نرنانِ آهن، پر قسمت قيد ڪيو.
نرنان=مارو. نرنان=منو.
مارو تہ منهنجا منا آهن، پر قسمت قيد ڪيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1670]

عمرا! انهيءَ جاءِ تي مارو مون لاءِ، ڪاٺي ذات ڪن.

ڪاٺي= اُڌَھٽي(ڏڪَ = ڪنيار تانون ڪي ٽپڻ
وقت ٽيڪ طور ڏيڻ)>او +ڌهاٽي. ذات=گُهمرا.

عمرا! انهيءَ جاءِ تي مارو مون لاءِ اُوڌِهاٽي گهمرا ڪن.

[1671]

جهليو درياءَ زمين جي، آءُ ڏينهن جي هياس،
آٽي نرناءُ ڪپڙي ۾، پنهنجي حاڪم جو ڪياس،
تنهان پوءِ تياس، ذاتيون نالي لاءِ.

درياءَ جي=پَر. زمين جي=پِٽَ. ڏينهن جي=
مُرڪ. نرناءُ= عمر. ڪپڙي جو= ڪوٽ.
پنهنجي=قسمت. حاڪم جو=قيد. ذات=مشتاق.
نالو=مارو.

جهليو پَر پِٽن جي، آءُ مرڪندي هياس،
آٽي عمر ڪوٽ ۾، قسمت قيد ڪياس،
تنهان پوءِ تياس، مشتاقي مارن لاءِ.

[1672]

تون ذات ڪر، هو ذات ڪندا.

ذات=ڪيهر>قهر +نہ. ذات=هَهَا>هاءِ هاءِ.
تون قهر نہ ڪر، هو هاءِ هاءِ ڪندا.

[1673]

ڪاچ ٿون تنهنجي سومرا! وڻ جيءَ تي نہ ڪپڙا.

ڪاچ=ڏاڪون>ڏاءِ +ڪوئن. وڻ جي=پُسي.
ڪپڙو=پهراڻ>پهرن.

ڏاءِ ڪوئن تنهنجي سومرا! پُسيءَ تي نہ پهرن.

[1674]

ٻن ڳهن ڪوئن ميان سومرا! مارو تا مال جا ڪن.

ٻہ ڳهہ=طوق>تو +هار>ٿهار. مال جا=ڦر> ڦَڙ.
تو ٿهارئون ميان سومرا! مارو تا ڦڙ ڪن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1675]

ڳوٺاٽو ڳوٺ منهنجو آهي رسو مارن سان.

ڳوٺ=ڪلڻ. ڳوٺ=خاشو. رسي جو = مرڪ.

ڪلڻ خاشو، منهنجو آهي مرڪ مارن سان.

[1676]

ڪپڙو مارن من ۾، نالو ڪن ئي ڪونه.

ڪپڙو=قلمي (ٻيڙيءَ جو جهنڊو)>ڪلمون.

نالو=ٻيجل>ٻي +جهل.

ڪلمون مارن من ۾، ٻي جهل ڪن ئي ڪونه.

[1677]

ڏڻ جون سٽيو سومرا! مون ڪي ڏڻ جون اڇيو پُون،
ڏڻ جن منجهان سومرا! من مارو مون ڪي نين،
هُتي ڏڻ جن متي سومرا! پيا مارو قوت ڪن.

ڏڻ جون=چيرون. ڏڻ جون=لُڙڪيون>لُڙڪ.

ڏڻ جون=ماڙيون. (ضد=پلوڙيون). ڏڻ جا=

ڪُڏا (ڪن چيريل).

چيرون سٽيو سومرا! مون ڪي لُڙڪ اڇيو پون،
ماڙين منجهان سومرا! مَن مارو مون ڪي نين،
هُتي ڪڏن متي سومرا! پيا مارو قوت ڪن.

[1678]

اڳ جرجن منجهه هياس، هاڻ جر جا اڇيو پُون،
جرجن ماري آهيان، هاڻي مارو شال نين.

جر جا=لوڙهه>لوڙهن. جر جا=لڙڪ.

جر جا=بندَ.

اڳ لوڙهن منجهه هياس، هاڻ لڙيو لڙڪ پُون،
بندن ماري آهيان، هاڻي مارو شال نين.

[1679]

لوهن ماري مارئي، لوهه تنين ڪي پُون،
لوهن مان ڪيي، مارئي مشيءَ ڪي نينِ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لوهہ جو=ڏول>ڏولاوا>ڏولاون.

ڏولاوان مــاري مــارئي، ڏولاوا تنيــن کــي پــُـــون،
ڏولاون مــان کــڍي، مــارئي مئــيءَ کــي نيــن.

[1680]

ســنج آهــن **مــال جــا**، **نرنــان** منهنجــي **نــالن** جــا،
نــالا ٻــڌي **مــال جــا**، هــت نـہ ٽکــي ڌــو هينــون.

سنج=ڌڙا>ڌر. مال جا=ڌاڪ. نرنان=عمر.
نالو=مارو>مارن. نالو=عمر. مال جا=ٻاڪ.

ڌــر آهــن ڌــاڪ، عمــر منهنجــي مــارن جــا،
عمــر ٻــڌي ٻــاڪ، هــت نـہ ٽکــي ڌــو هــِـنيون.

[1681]

پــاهڻ منهنجــي مــن، **ذاتيــون** کيــن ميــان!

پاهڻ=ماروسو>مارو +سي. ذات=وسريا>وسرن.

مــارو ســي منهنجــي مــن، وســرن کيــن ميــان!

[1682]

ڏي رڇ ســـــومرا، **نـــــــالو** تـــــــ نـــــــ.

رڇ=حـُقو>هـہ +کو. نالو=ويسرو>وسريو.

ڏيهــ کــو ســومرا، مــون وســريو تــہ نــہ.

[1683]

وڻ ڦــر مــارن ڏي، **حاکيماٽــا ويــل** ســومرا!

وڻ ڦر=ماچڪ>مان +چڪ. حاکيماٽو=روز.
ويل=ڏيهاڙي.

مــان چــڪ مــارن ڏي، روز ڏيهــاڙي ســومرا!

[1684]

عمــر! **پکــي ڪپــڙي** جــي، جــي **ذات** وجــي ســا ٻــہ،
پکــــيءَ تــــي.

پکي=طوطو>تو +تہ. ڪپڙو=جهلي. ذات=،
مري. پکي=طوطو>تو +تي.

عمــر! تــو تــہ جهلــي، جــي مــري وجــي ســا ٻــہ توتــي.

[1685]

ادا عمر! هت نہ مال جا، پر هُت مال جا.

مال جا=مَرا>مَران.

ادا عمر! هت نہ مران، پر هُت مران.

[1686]

جي مان ذات تيان، تہ ساز جو وجي نرنان کي ڏيو.

ذات=مري. ساز جو=مڙھہ. نرنان=کيت.

جي مان مري وڃان، تہ مڙھہ کيت کي ڏيو.

[1687]

جيت آيا تي سومرا، پکي جي ملان تن،

جڏهن آن جي آهيان گاھہ ۾، آکھہ اباڻن.

جيت=اڏوهي>اوڏانهون. پکي>کُرکي>

کَر +کي. آن جي=ساري. گاھہ=سر>سرير.

اوڏانهون آيا تي سومرا، کَر کي ملان تن،

ساري آهيان سرير ۾، آکھہ اباڻن.

[1688]

کپڙو آڄ نہ ميان سومرا، کپڙو منهنجي من،

منهنجا مارو مليرہ ۾، کپڙو کپڙو کن.

کپڙو=گِيگر>کي +غم. کپڙو=گِيگر>

هي +غم. کپڙو=گِيگر=غم.

کي غم نہ آڄ ميان سومرا، هي غم منهنجي من،

منهنجا مارو مليرہ ۾، غم پيا کن.

[1689]

مينهن جا ميان سومرا، گاهن جا اباڻن.

مينهن جا=وسڻ>وسن. گاهن جا=ويڙھا.

وسن ميان سومرا، ويڙھا اباڻن.

[1690]

مُردي ڍُکيءَ ان جا، مون پوک جون مليرہ ۾.

مُردي جا=سُور>سُو. ڍُکيءَ جا=مَرا.

ان=ساريون. پوک جون=رتيون.

سومرا ساريون، مون رُتيون مليرہ ۾.

[1691]

پاراٺـــا مـــون چـــڏيا، نـــالي اباڻـــا.

پاراٺا=مـنهـَن>مَنهـَن>مَنهڙا. نالو=
آڏيو>آڏيا.

منهـــڙا مـــون چـــڏيا، آڏيـــا اباڻـــا.

[1692]

ڪـــاڄ ريءَ ســومرا! ڪڪــن جـــا نـــ ٻـَـــڌن.

ڪاڄ=سِيرا>سيرون. ڪڪن جا=مَنَهُن.

ســـيرن ريءَ ســومرا! مـَـنـَــهڙا نــ ٻـَـــڌن.

[1693]

نـــالا جــن رکيـــا، ڪـــاڄ ٻـــ ڏينديـــس تـــن ڪـــي.

نالو=چِـَتو>چِتا. ڪاڄ=ڳُنڍڻ.

چـَــتا جــن رکيـــا، ڳُـــنڍڻ ٻـــ ڏينديـــس تـــن ڪـــي.

[1694]

ڪاٺ پنهنجـــو ڙي سـومرا! تـــو ذاتيـــن ڪـــي پـِــٺي.

ڪاٺ جي=مَن. پنهنجو=اُداس. ذات=سانگي.
پـِٺڻ=اوسارڻ>سارڻ.

مـــن اداس ڙي ســـومرا! تـــو ســـانگين ڪـــي ســـاري.

[1695]

جـــر جـــي آهـــي چـــڪ، مـــان هاريـــان تـــي جـــر جـــا.

جر جا=سنگهارا>سنگهارن. جر جا=ڦُڙا.

سنگهارن جي آهي چِـڪ، مان هاريان تي (رت جا) ڦُـــڙا.

[1696]

نـــالو مـــارن ڪـــاڻ، پلپـــل پـــاٽيءَ جـــي ٽيـــو.

نالو=هيمنُ>هي +من. پاٽيءَ جي=
پياس> پياسي.

هـــيءُ مـَــنُ مـــارن ڪـــاڻ، پلپـــل پياســـي ٽيـــو.

[1697]

اجـــان ســـڳـَ جـــن، پنهنجـــي پـــوڪ جـــي منهنجـــي.

سڳَ جا=اباڻا. پنهنجي>آس. پوڪ جي=پـَلي.

اجـــان ابـــاڻن، آس نـــ پلـــي منهنجـــي.

[1698]

نرنانءُ ڙي ميان سومرا، هت **شهر مال جن** سان.

نرنانءُ=موسنِ>مون +سنُ (هڪجيڏا).

شهر=گُڏ. مال جا=گهيتا>گهيتن.

مون سَنُ ميان سومرا، هُت گَڏُ گهيتن ساڻ.

[1699]

ڪپڙي جن تي سومرا! **ڪير جي، پار جون** ڪن.

ڪپڙي جو=بَر. ڪير جي=تَرِ>تَري.

پار جون=رانديون.

بَرن تي ميان سومرا! تَري رانديون ڪن.

[170 0]

هت ڪڏهن **نالو**، هت مارو مون **مال جا** ڪن.

نالو=عيدُو>عيدون. مال جا=ڪسيرا>ڪَسو.

هت ڪڏهن عيدون، هت مارو مون ڪَسو ڪن.

[1701]

مارئي! تنهنجي ملڪ ۾، ڪهڙا **نالا نانوَ** تين؟

چي: **جيئڏ** جي ڪن ڪانـ ڪا، تـ بـ ڏئي تو

اَن جون اَن ڪي.

نالو=هالو. نانءُ=چالو. جيئڏ=ڪاريهر>ڪار +

هر. اَن جون=روٽيون.

مارئي! تنهنجي ملڪ ۾، ڪهڙا هالا چالا تين؟

چي: ڪار هر جي ڪن ڪانـ ڪا، تـ بـ ڏئي تو

روٽيون اُن ڪي مولا.

[1702]

جر جو ساريم سومرا! آءُ جن جو **وڻ** هياس،

نر نالي تينديا‌س، **شهر** تن سان سومرا!

جر جون=سيمو. وڻ=ڇمون>ڇمر. نر نالو=

ميڙائو. شهر=سال>شال.

سي مون ساريا سومرا! آءُ جن جو ڇمر هياس،

ميڙائي تينديا‌س، شال تن سان سومرا!

[1703]

بلا شهر ڙي سومرا! لوهہ جا ساريا مون.

بلا=ڄڀن. شهر=پالهي>پالي. لوهہ جا=
سينوَر>سي +وَر.

ڄڀن پالي ڙي سومرا! سي وَر ساريا مون.

[1704]

اجان آهي آس، نالن کي ڏيان پوک جا.

نالو=سانگي. پوک=ساريون>ساريان.

اجان آهي آس، سانگين کي تي ساريان.

[1705]

کپڙي جي دل مارن سان، اَن جي تيندي کانہ.

کپڙي جي=رلي. اَن جي=پَلي.

رلي دل مارن سان، سا پلي تيندي کانہ.

[1706]

عورت تِکندي هِت، عورت ماروئڙن سان.

عورتُ=نہ ڏلَ>نہ +دل. عورت=جاڏلِ>
جا +دل.

نہ دل تِکندي هِت، جا دل مارن سان.

[1707]

کامڻ هئي کپڙن، تہ آزار هو مردن.

کامڻ=وسندي. کپڙا=مليرِ>مليراڻين. آزار=
وارو (تپ جو). مرد=سنگهار>سنگهارن.

وسندي هئي مليراڻن، تہ وارو هو سنگهارن.

[1708]

نالا هئن سومرا، نالا هون شال،
راند جون ولات ۾، مال جون ڏسان شال!

نالو=سُکيو. نالو=سچڻ. راند جون=ٻَڌيون.
ولات=پاهڙمير. مال جوڻ=چيليون.

سُکيا هُئن سومرا، سچڻ هون شال،
ٻَڌيون پاهڙ مير ۾، چيليون ڏسان شال!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1709]

اکــر آهــي انــگ، تــہ وجــي ملنديــس **ذاتيــن** ســان.

اکر=لکيو. ذات=مارُو>ماروئڙن.

لکيــو آهــي انــگ، تــہ وجــي ملنديــس مــاروئڙن ســان.

[1710]

مــال جــون ســاريان ســومرا، جــي **پيــر جــي** خــدا.

مال جون=پنهواريون. پير جي=ڏيکاري>
ڏيکاريندو.

پنهواريــون ســاريان ســومرا، جــي ڏيکــاريندو خــدا.

[1711]

متيءَ جا ڏنمر شهر کي، سي اجان **ذات** تيائي کين.

متيءَ جا=ليٽڙا. شهر=لس. ذات=وِيسر>وسريا.

ليٽــڙا لـــس ڏنمر، ســـي اجـــان وســـريائي کيـــن.

[1712]

پورهئــي جـــا ســاريم ســومرا! **پکـــيءَ** پيئــي رات،

مـــال جـــا پريـــات، **نـــار نـــالو** پـــاٽيءَ تـــي.

پورهئي جا=هيج. پکي جو=طعامو>تان +مون.

مال جا=قُر. نار نالو=نعمت>نيا +مون.

هيجئـــون ســـاريم ســـومرا، تـــا مـــون پيئـــي رات،

قـــر (چـــوڙي) پريـــات، نيـــا مـــون پـــاٽيءَ تـــي.

[1713]

پــوک جـــا چـڏيم جـي، ســي **نــالا** آهــن مــان کــي،

نـــہ **شـــهر** کريـــن تـــو، ادا عمـــرا! چـــا کـــي؟

پوک جا=قَرَ. نالو=مِنو>مِنا. شهر=ناگور>
نہ +غور.

قـَـــرَ چـــڏيم جـــي، ســـي منـــا آهـــن مـــان کـــي،

نـــہ غـــور کريـــن تـــو، ادا عمـــر چـــا کـــي؟

[1714]

نرنـــانءَ ڙي ســومرا! **هـــُـت نرنـــانءَ مـــال** ســـان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نرنانءِ=مؤمن>مُئو +مَن. نرنانءِ=جـَڙيو. مال=گهيٽا.
مـُـئو مــن ڙي ســومرا! هـُــت جڙيـو گهيٽــن ســان.

[1715]

ست جا چڏيم سومرا! سي **وكــر جــا** هونـدا كيئـن؟
ست جا=ٻـَدا>ٻڌي: وكر جا=ڌاڻا>ڌايا.
ٻــَــڌي چــڏيم ســومرا! ســي ڌايــا هونــدا كيئــن؟

[1716]

كاٺيين چڏيم سومرا! سي **ككين** هونديون كيئن؟
نرنــانءِ اســان جــي مــن ۾، آهــي راتــو ڏينهــن.
كاٺ جو=گهاٽو. ككن جون=ڌايـون (سـَتريون)
نرنانءِ=موٽڻ.
گهــاٽي چــڏيم سـومرا! سـي ڌايـُـون هونديـون كيئـن؟
موٽــڻ منهنجــي مــــن ۾، آهــــي راتـــو ڏينهـــن.

[1717]

مـال جــا ســاريم ســومرا، هــو جــي **وڻ جــا** ابــاڻن.
مال جا=چيلا. وڻ جا=پـُور>پوريا.
چيـــلا ســـاريم ســـومرا! هـــو جـــي پوريـــا ابـــاڻن.

[1718]

ڌڻ پهـــڻ ڙي ســـــومرا! **وڻ ولايـــــت** مــــون،
پيـــو ســـواءِ مـــون، **ذات** نينـــدو كونـــ ميـــان!
ڌڻ جا=ڦر. پهڻ=ٽكر. وڻَ =لـَيا. ولايت=
كابول>قابو. ذات=چارڻ.
ڦــر ٽكــر ڙي سـومرا! لــَـيا (ٻــَـڌا) قــابو مــون،
پيــو ســواءِ مــون، چـــارڻ نينـــدو كونـــ ميـــان!

[1719]

ڳهـ وڻ جـا چنـي، **كپـڙي** ۾ كــري، وجـي **ذاتيــن**
كــي ڏينديـــاس.
ڳهـ=مـُركي. وڻ جا=سگر. كپڙو=لوئي.
ذات=ليل> ليلن.
مـُــركي ســگر چنــي، لوئــيءَ ۾ كـري، وجـي ليلـن
كــي ڏينديـــاس.

[1720]

چمر جون ساريمر سومرا! سي **چمر جا** اڇيو پُــون،
چــمر جــن متــي ســومرا! قــوت اباڻــا ڪــن،
مـانَ مــُـنيءَ ڪــي نيــن، چــمر جــن **منجهــان** ســومرا!

چمر جون=وڍيون>وانديون. چمر جا=وَڍَ.

وانــديون ســاريمر ســـومرا! وَڍِ اڇيـــو پـــُـــون،
وَڍَن (پـــٽن) متـــي ســـومرا، قــوت اباڻــا ڪـــن،
مـانَ مــُـنيءَ ڪـي نيـنِ، وڍن (ڏڪـــن) منجهــان ســومرا!

[1721]

مــال جــا ســاريمر ســومرا، هــو **رانــد جـَـا** ابــاڻن،
مــارو تنهـــن مليـــر ۾، **ڪپــــڙو** ئـــي نـــ ڪـــن.

مال جا=جَنڊا. راند جا=جوڙا>جوڙيا ڪپڙو = تانُ.

جـَــنڊا ســـاريمر ســـومرا، هـــو جوڙيـــا. ابـــاڻن،
مـــارو تنهـــن مليـــر ۾، تـــانُ ئـــي نـــ ڪـــن.

[1722]

تيليـــن جـــا ۽ **پنهنجـــا**، جـــڏهن چــــت پـــون،
عضـــون مـــان **وكـــر جـــا**، وٽ وانـــگر تـــا ڪـــن،
عضـــوا لڳـــي مـــرن، جـــي اڃـــان **عضـــوي** تـــن جـــي.

تيلين جا=پڪا. پنهنجا=وار>پنوهار. عضوو=
اڪ>اڪين. وکر=ڳُتڙ>ڳوڙها. وٽ جو=چاڙو>
چٽيو. عضوو=ڳل. عضوو=هٿ.

پڪـــا پنوهـــارن جـــا، جـــڏهن چـــت پـــون،
اکيـــن مـــان ڳوڙهـــا، چٽيـــو تـــا پـــون،
ڳلـــي لڳـــي مـــرن، جـــي اڃـــان هـــٿ تـــن جـــي.

[1723]

ادا عمـــرا! **ڪڪـــن جـــو وهـــٽ** تـــي، **نـــالو** ابـــاڻن.

ڪڪن جو=پـَڪو. وهٽ=ڪودڙو>دڙو. نالو=آڏيو.

ادا عمـــرا! پڪـــو دڙي تـــــي، آڏيـــو ابـــاڻن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1724]

ڏُڏ جون ساريم سومرا! جي ڪاٺ جون اباڻن.

ڏڏ جون=مَنيون>مَنَهيون. ڪاٺ جون=اَڏيون.

مَنهيون ساريم سومرا! جي اَڏيون اباڻن.

[1725]

مال جا ساريم سومرا، ڪاٺ جا اباڻن.

مال جا=اوگهر>اوءِ +گهر. ڪاٺ جا=اَڏا>اڏيا.

اوءِ گهر ساريم سومرا، جي اڏيا اباڻن.

[1726]

گاهہ جا پَسي ميان سومرا! آءُ ذات ٿينديا س.

گاهہ جا=ويڙها. ذات=سُرهيا>سَرهي.

ويڙها پسي ميان سومرا! آءُ سرهي ٿينديا س.

[1727]

نالو ساريم سومرا! آهي مِروُن مارن وٺ.

نالو=ساجُو>سا جُوءِ. مُرون=جاجُو>جا جُوءِ.

سا جُوءِ ساريم سومرا! جا جوءِ مارن وٺ.

[1728]

وڻ ملڪ ڪيئن وساريان، منهنجو پنهنجو نرنانءُ لاءِ.

وڻ=وينگس. ملڪ=ويڙهہ. پنهنجو=جهڄڻ.

نرنانءُ=جهانگي>جهانگين.

وينگس ويڙهہ ڪيئن وساريان، منهنجو جهڄڻ جهانگين لاءِ.

[1729]

گاهہ جا ساريم ميان سومرا، هُو ان جا اباڻن.

گاهہ جا=اويڙ. ان جو=چِنُو>چِنو.

اويڙ ساريم ميان سومرا، هو چِنا اباڻن.

[1730]

وڻ جا ساريم سومرا! شهر جون اباڻن.

وڻ جا=ڏونرا. شهر جون=چاڙهيون>چاڙهيا.

ڏونرا ساريم سومرا، جي چاڙهيا اباڻن.

[1731]

جهنگ جون ساريم سومرا! شهر جون اباڻن.

جهنگ جون=ڪُنييون. شهر جون=ڇاڙهيون.

ڪُنييون ساريم سومرا! (جي) ڇاڙهيون اباڻن.

[1732]

وڻ جا ساريم سومرا! مال جون اَباڻن.

وَڻ=مُنگها. مال=ميڙيا.

مُنگها ساريم سومرا! ميڙيا اَباڻن.

[1733]

سُٽ جون ساريم سومرا! هوءِ جي راند جون اباڻن.

سٽ جون=ڇاريون. راند جون=پَڪيون.

ڇاريون ساريم سومرا! هوءِ جي پڪيون(وٽ) اباڻن.

[1734]

عمر! اسان جي ڏيهہ تي، ڪاٺ بہ عضوا ڪن.

ڪاٺ=ڪرڙ. عضوا=ڏوئرا.

عمر! اسان جي ڏيهہ تي، ڪرڙ نہ ڏوئرا ڪن.

[1735]

جيتن تي عضوا ڪيا، تڏهن مرض هنيون ساري،
پورهيت اباڻي پار جا، ڪيئن ويهان وساري؟

جيت=ڪرڙي>ڪرڙن. عضوو=ڏونرو.

مرض=توتر. پورهيت=نقر>قَر.

ڪرڙن تي ڏوئرا ڪيا، تڏهن تو تر هنيون ساري،
(مان) قر اباڻي پار جا، ڪيئن ويهان وساري.

[1736]

ذاتين منجهہ جا ذات، سا مون پوڪ وٽي.

ذات=ماڇاڻي>مان ڇاڻي. ذات=ڇچڙا>ڇچڙن.

پوک=نانگلي.

مان ڇاڻي جا ڇچڙن ۾، سا مون نانگلي وٽي.

[1737]

حاڪيماڻيون ساريم سومرا! جي پٽر جون اباڻن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حاڪيماٽيون=سِوليون(ڪورتون)>سي +وليون.

پٽر جون=موريون.

سي وليون ساريم سومرا! جي موريون اباڻن.

[1738]

وڻ جا ساريُم سومرا، هُت **پوڪ جا** اباڻن.

وڻ جا=چُڳا. پوڪ جا=چُوندا>چوندَيا.

چڳا ساريم سومرا، هُت چونديا اباڻن.

[1739]

شهر ساريم سومرا، **پڪي** ڏنم رات،

پڇاڻان پرياٽ، ڪي **نالا** ساريم سومرا.

شهر=جيسر>جي +سر. پڪي=سيسر>سي +سَر.

نالو=قيصر>ڪي سر.

جي سَرَ ساريم سومرا، سي سَرَ ڏنم رات،

پڇاڻان پرياٽ، ڪي سَرَ ساريم سومرا.

[1740]

ذاتيون ساريم سومرا! جي **نالا** مليرِ ۾.

ذات=سروري>سَرَ +وري. نالا=موريو ۽

مَسُو>مَس.

سَرَ وري ساريم سومرا! جي موريا مس مليرِ ۾.

[1741]

جهنگ جون ساريم سومرا! جي **لوهه جون** اباڻن.

جهنگ جون=ماڪيون. لوهه جون=ڇاٽيون.

ماڪيون ساريم سومرا! جي ڇاٽيون اباڻن.

[1742]

لوهه جون ساريم سومرا! هوءِ **اَن جون** اباڻن.

لوهه جون= ٽپريون (گيهه پرڻ جون). اَن جون= پريون.

ٽِپريون ساريم سومرا! هوءِ (جي) پريون اباڻن.

[1743]

مال جون ساريم سومرا! جي **سُٽ جون** اباڻن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مال جون=ڇَرون. سٽ جون=اُچلون>اُچليون.

ڇَرون ساريم سومرا! جي اُچليون اباڻن.

[1744]

پنھنجا ساريم سومرا! جي **نالا** اباڻن.

پنھنجا=ڪَر>اوڪر. نالو=ٽڏو.

اوڪَرَ ساريم سومرا، جي ٽڏا اباڻن.

[1745]

ڪاڇ جون ساريم سومرا! جي **ڪاٺيءَ جون** اباڻن.

ڪاڇ جون=چانھيون. ڪاٺيءَ جون=ٻاريون.

چانھيون (باھيون)ساريم سومرا! جي ٻاريون اباڻن.

[1746]

ڏڻ جاِ ساريم سومرا! **ڏڻ جا** تان نہ ڪندياس.

ڏڻ جا=سچا. ڏڻ جا=ڪوڙا.

سچا ساريم سومرا، ڪوڙا تان نہ ڪندياس.

[1747]

مال جا ساريم سومرا! ھُت **اُپ جا** اباڻن.

مال جا=پِس. اُپ جا=ڪاڙھا>ڪاڙھيا.

پِس ساريم سومرا! ھُت ڪاڙھيا اباڻن.

[1748]

مال جون ساريم سومرا، **اَن جون** اباڻن.

مال جون= ڍوريون. ان جون= رڪون> رڪيون.

ڍوريون ساريم سومرا، جي رڪيون اباڻن.

[1749]

وڻ جون ساريم سومرا! جي لايون اباڻن.

وڻ= ميندي.

مينديون ساريم سومرا! جي لايون اباڻن.

[1750]

ڪاٺ جا ساريم ميان سومرا! ھُت **ڏاتيون** اباڻن.

ڪاٺ جا= پينگھا. ڏاتيون= واٽيا.

پينگھا ساريم ميان سومرا، (جي) ھُت واٽيا اباڻن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1751]

مـــال جـــون ســـاريم ســـومرا! **لوهـــ جـــون** ابـــاڻن.

مال جون= پُنيون. لوهہ جون= ڪَتَرون.

پـــُـــنيون ســـاريم ســـومرا! (جـــي) ڪتريـــون ابـــاڻن.

[1752]

ســـٽ جـــون ســـاريم ســـومرا! **اُپ جـــون** ابـــاڻن.

سُٽَ جون= ڊيريون. اُپ جون= ڪتيون.

ڊيريـــون ســـاريم ميـــان ســـومرا! جـــي ڪتيـــون ابـــاڻن.

[1753]

ســـٽ جـــون ســـاريم ميـــان ســـومرا، هـــو **نـــالو** ابـــاڻن.

سٽ جون= سڳيون. نالو= سونو> سونهن.

سڳيون ســـاريم ميـــان ســـومرا، هـــو سُـــونهن ابـــاڻن.

[1754]

ســـٽ جـــون ســـاريم ســـومرا! هـــو **مـــال جـــون** ابـــاڻن.

سٽ جون= چوٽيون. مال جون= گهُـٽون> گُـٽيون.

چوٽيـــون ســـاريم ســـومرا! هـــو گُـــُـــٽيون ابـــاڻن.

[1755]

مـــال جـــا ســـاريم ســـومرا، جـــي **پـــوڪ جـــا** ابـــاڻن.

مال جا= چندا. پوڪ جا= چُوندا> چونديا.

چـــُـــندا ســـاريم ســـومرا، (جـــي) چونديـــا ابـــاڻن.

[1756]

ســـٽ جـــا ســـاريم ســـومرا، هـــُـــٽ **مـــال جـــون** ابـــاڻن.

سُٽَ جا= جُوالنگ. مال جون= اُٺيون.

جـــُـــوالنگ ســـاريم ســـومرا، هـــُـــٽ اُٺيـــون ابـــاڻن.

[1757]

مـــال جـــا ســـاريم ســـومرا، **ســـُـــٽ جـــا** ابـــاڻن.

مال جا= جوڙا. سٽ جا= جوٽا> جوٽيا.

جـــوڙا ســـاريم ســـومرا، جـــي جوٽيـــا ابـــاڻن.

[1758]

پـــوڪ جـــا **چمـــن ۾** **عضـــوا** ابـــاڻن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوک جا= ڪڪڙا. چر جو= ڪوس. عضوو=

جوڻ> جوڻيا.

ڪڪـــڙا (ڏيگـــا) ڪوســـن ۾، جوڻيـــا ابـــاڻن.

[1759]

ذات ۾ مال جا ساريم سومرا، من **ڪپڙ جا** ڪن.

ذات= اونا. مال جا= مهري. ذات= اونا.

ڪپڙ جا= ڪونا> ڪوني.

اوني ۾ مهري ساريم سومرا، من ڪوني مون وجن.

[1760]

ڏڻ جا ساريم سومرا، مون ڪان ڪريو **ڏڻ جا** پُون،

انهن **ڏڻ جن** مان، وجي قوت اباڻا ڪن.

ڏڻ جا= ڪڪر. ڏڻ جا= لڙڪ. ڏڻ جون= ڪنييون.

ڪڪر ساريم سومرا، مون ڪان ڪريو لڙڪ پون،

انهن ڪنيين مان وجي قوت اباڻا ڪن.

[1761]

پوڪ جون ساريم سومرا! هوءِ جي **نار نالي** اباڻن.

پوڪ جون= مُندون. نار نالي= عيد> عيدون> ايندڀون.

مُندون ساريم سومرا! هوءِ جي ايندڀون اباڻن.

[1762]

ڪاٿ ٿون **پوڪ** پيدا ٿي، هتي **ذاتين** ڪاريا **ڏڻ**،

عمر تنهنجي تڙ، **پر نالا** ڏسان ٿي ڪينڪي.

ڪاٿ= نيسر> نيسارا. پوڪ= نير. ذات= ماڇي>

ماءُ+ چيڪاريا. ڏڻ جا= ڦر. پر نالا= سانگي ۾ سڪيو.

نيسارئون نير پيدا ٿيو، هُتي ماءُ چيڪاريا ڦر،

عمر تنهنجي تڙ، سانگي سڪيا ڏسان ٿي ڪينڪي.

[1763]

مرون ساريم سومرا! جي **مُلڪن** پاس پون،

هتي **هٿ راند جي**، هُت هُو **حاڪيماڻيون** ڪن.

مرون= وِجُو> وِجون. ملڪ=ڪاهڙ. هٿ جي=

مُٺ> مُٺي. راند جي=ماري> مارئي.

حاڪيماڻي= رس رِهاڻ.

وڃون ساريم سومرا! جي ڪاهڙ پاس ڪنون،
هِتي مٺي مارئي، هُتَ هُو رس رهاٽيون ڪن.

[1764]

پڪي ساريم سومرا! **پڪي** جهل نہ ڏين،
مون ڪي اڇي انهن، **ڏڻ جن** ماريو سومرا!

پڪي=گُرڙ>گوڙ. پڪي=هنجهہ. ڏڻ جا=
ڪُڏا (سڄاٽپ لاءِ ڪنن جا ڪپيل نشان).

گوڙيون ساريم سومرا! هنجهون جهل نہ ڏين،
مون ڪي اڇي انهن، ڪُڏن ماريو سومرا!

[1765]

جا **ذات** ساريم سومرا، سا مر **رڇن** هوءِ،
آءُ پڻ تنهين لوءِ، **ذات** آهيان سومرا!

ذات= جهنجهڻ> جهڻ. رڇ= ماتي. ذات=
پيسڪ> پي + سڪ.

جا جهڻ ساريم سومرا! سا مر ماتين هوءِ،
آءُ پڻ تنهين لوءِ، پي سڪ لاهيانَ سومرا!

مارئيءَ جي مارن تي ميار

[1766]

منهنجي ڪائي **جر گهر جي** ڪانہ ڪيائون،

جر جي= پِر. گهر جي= پيئي.

منهنجي ڪائي پِر پيٺي ڪانہ ڪيائون،

[1767]

ڪائي عمر تو ڏي، نہ **عضوي جي** اباڻن.

ڪائيءَ= ميڙ. عضوي جي= مُڪ> مُڪي.

ميڙ عمر تو ڏي، نہ مُڪي اباڻن.

[1768]

تڙئون لڳي تن ڪي، **مرد** نہ مُڪائون،
تن ڪي آءُ جيڪر **ڳهہ** تي آيس.

تڙ جي= رنڍ. مرد=سنيهو. ڳهہ= لانجهي.

رنڍ لڳي تن ڪي، سنيهو نہ مڪائون،
تن ڪي آءُ جيڪر لانجهي تي آيس.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1769]

ٽڙٽـــون لڳـــيِ تـــن کـــي، مـــــرد نـــــ مڪـــائون،
تـــن کـــي آءُ ڄيڪـــر ڳهـــــ تـــي آيـــس.

ٽڙ جي= روڪ. مرد=خاطي. ڳهہ=ڪَسي.

روڪ لڳـــي تـــن کـــي، خـــاطي نـــ مڪـــائون،
تـــن کـــي آءُ جيڪـــر ڪســـي ٿـــي آيـــس.

[1770]

ٽڙٽـــون لڳـــي تـــن کـــي، مـــرد نـــ مڪـــائون،
تـــن کـــي آءُ جيڪـــر ڳهـــــ ٿـــي آيـــس.

ٽڙ جي= ڪيهي. مرد= سلام. ڳهہ= ڪڙي.

ڪيهـــي لڳـــي تـــن کـــي، ســـلام نـــ مڪـــائون،
تـــن کـــي آءُ جيڪـــر ڪـــڙي ٿـــي آيـــس.

[1771]

جڏهن آءُ نالن ۾ هياس، تڏهن نرنان ٿيم ڪونہ ڪو.

نالو= قادو> قيد. نرنانءُ= وارث.

جڏهن آءُ قيدن ۾ هياس، تڏهن وارث ٿيم ڪونہ ڪو.

[1772]

ان جـــي آءُ نـــ ڪـــيان، عـــورت تـــان نـــ ٿيـــان،
پـوءِ منهنجي ڙي سومرا، مــتيءَ جي ڪانہ ڪيائون.

ان جي= ٻُڪي. عورت= چڳي. متيءَ جي=
واري> پوئواري.

ٻـــڪي آءُ نـــ ڪـــيان، چڳـــي تـــان نـــ ٿيـــان،
پـــوءِ منهنجـــي ڙي ســـومرا، پوئـــواري ڪانـــ ڪيـــائون.

[1773]

مـــون ڏي ابـــاٽن، متـــيءَ جـــو ڪونـــ مـــُـــڪو.

مـِتيءَ جو= ڪوٺو.

مـــون ڏي ابـــاٽن، ڪوٺـــو ڪـــو نـــ مـــُـــڪو.

مارئيءَ جو وطن ورڻ لاءِ واجهائڻ

[1774]

جن سان گڏ هئا **مال جا**، سي اڄ **ذات** نہ جيڏيون!

مال جا= پاڻا. ذات= اوڏ> اوڏا.

جن سان گڏ هئا پاڻا، سي اڄ نہ اوڏا ڙي جيڏيون!

[1775]

اديون! عمر چار ڪي، آءُ وڏو **ڳھہ** ڪندياس،

جر جو ڏيندم سومرو، تہ هتي نہ هونديا‌س،

مرون تي **ملڪ** ۾، وجي **ٻہ وڻ** ڳوليندياس،

ڏس جا **هٿيارن** ڪئي، سا **تڙ** جي مور نہ ڪندياس،

ولايت آءُ ويندياس، **ڳھہ** سڄي تي مارئي.

ڳھہ= نٽ> منٽ. جر جي= موڪ> موڪل.

مرون= سرھ>سرھي. ملڪ=ساٿيھ. ٻہ وڻ=

ٻہ ڪرڙيون> ٻڪرڙيون. هٿيارن جا= پليتا.

تڙ= ڦِتو. ولايت= هرات> هئي +رات. ڳھہ=

پوپٽ> پوءِ + پٽَ.

اديون! عمر چار ڪي، آءُ وڏي منٽ ڪندياس،

موڪل ڏيندم سومرو، تہ هتي نہ هونديا‌س،

سرھي تي ساٿيھ ۾، وجي ٻڪرڙيون چاريندياس،

ڏس جا پليتن ڪئي، سو ڦتو تان نہ ڪندياس،

هئي رات آءُ ويندياس! پوءِ پَٽَ سُڄي تي مارئي.

[1776]

ڏُڏ جي ڏسي مون ڪي **چمر جا** نہ ڏيو،

مان ٻہ ڪن جي **پوڪ جي** آهيان.

ڏڏ جي= تَرَ. چمر جا= تيلها. پوڪ جي= چائي.

تر جي ڏسي مون ڪي تيلها نہ ڏيو،

مان ٻہ ڪن جي چائي آهيان.

[1777]

اڄو ڙي جيڏيون! **مال جي** ڪريون، مال جي ڪري

راند جي ڪريون، **راند جي** ڪري **سٽ جا** ڪريون.

مال جي= ٻڌ ڇوڙ. راند جي= ويڙهہ> ويڙها.

سٽ جا= ڍيرا.

اڇو ڙي جيڏيون! ٻڌ ڇوڙ ڪريون، مال ٻڌي، ويڙها

وٽيون، ويڙها وٽي، ڍيرا ڪريون.

[1778]

چم **مرض** ڙي جيڏيون، **ڪانئين** شال وڃان،

انهيءَ **عورت** ڪان **ڪپڙي** جيئن وڃان.

چم= ورت. مرض= وارو. ڪاني= ڪوهو> ڪُوهين.

عورت= حياتان> حياتيءَ ڪان. ڪپڙو= ٻڌڻ.

ورت واريو ڙي جيڏيون! ڪوهين شال وڃان،

انهيءَ حياتيءَ ڪان ٻڌي آءٌ مران.

[1779]

جيت اُنو ڙي جيڏيون! پوءِ **مال** **جون** اباڻن.

جيت= پوپٽ> پٽ. مال جون= ڪاهيون> ڪاهيو.

پَٽُ اُنو ڙي جيڏيون! پوءِ ڪاهيون اباڻن.

[1780]

اجان تہ **مال** **جو** آهي، من **فاقيرو** بہ ٿئي!

مال جو= ڇوڙو> وڇوڙو. فاقيرو= ميلو.

اجان تہ وڇوڙو آهي، من ميلو بہ ٿئي!

[1781]

الله **پنهنجي** ڏيندو، شال وڃي **نرنانءُ** ڏسان.

پنهنجي= سوپ. نرنانءُ= ڪيت.

الله سوپ ڏيندو، شال وڃي ڪيت ڏسان.

[1782]

پنهنجن سان، **پير** **جا** تيندا ڪڏهن.

پنهنجا= مِٺَ. پير جا= ميلا.

مِٺن سان ميلا تيندا ڪڏهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1783]

مــارئيءَ کــي پــوک جـــي، نارنـــالي ئــي نــہ.

پوک جي= تات. نار نالو= وسري.

مـــارئيءَ کـــي تــــات وســـري ئـــي نـــہ.

[1784]

جيڪي ڪڪ جي ڪيو، سو وکـر نـہ منهنجي وس.

ڪڪ جو= قلم. وکر= ميٽ> ميٽڻ.

جيڪـي قلــم ڪيــو، ســو ميٽــڻ نــہ منهنجــي وس.

[1785]

ولايــت ئــون مـــال جـــي آئــي، ســا ذات نــہ ميــان!

ولايت= الست. مال جي= تڪبير> تقدير. ذات=

ٽرندَ = ٽرندي.

الســتي تقديـــر آئـــي، ســـا ٽرنـــدي نـــہ ميـــان!

[1786]

اي نـــالا! نـــالو تـــيءُ تــہ مـــان ملـــڪ وجـــان.

نالو= رب. نالو= راضي. ملڪ= ملير.

اي رب! راضـــي تـــيءُ تـــہ مليـــر وجـــان.

[1787]

نالي آندي نرنانءَ موڪل ڏي تہ نالي کي وجي ملان.

نالو= راڏو> راڏي> ايرادي. نرنانءَ= پروردگار.

نالو= کيت.

ايرادي آندي، پروردگار موڪل ڏي تہ کيت کي وجي ملان.

[1788]

جيئـــڏ شـــهر ڏسان، جـــاءِ وڻ جـــي پنهنجـــي.

جيئڏ= اُڏوهي> ڏيهي. شهر= سال> شال. جاءِ جي=

پوچي> پهچي. وڻ جي= پاڙ> پاڙي.

ڏيهـــي شـــال ڏســـان، پهچـــي پـــاڙي پنهنجـــي.

[1789]

راند جي ذات ڪپڙي جي، روز تـَڪيان تـي اَن جـي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راند جي= لڪ> مالڪ. ذات= مارو. ڪپڙي جي=
مِل> ميل. اَن جي= راه.
مالڪ! مارو ميل، روز تڪيان تي راهه.

[1790]

الله! ڪپڙي جي آڻ، تہ ڏئي سڏ ولايت جي.
ڪپڙي جي= ڳوتري> ڪو+تري. ولايت= ساٿيهہ.
الله! ڪو تري آڻ، تہ ڏئي سڏ ساٿيهہ جي.

[1791]

وڻ ڳالهہ ٻڌاءِ، نالي ۾ ذاتين جي.
وڻ= ڪامُنهَن> ڪا +مون. نالو= سڪيو.
ذات= سانگي.
ڪا مون ڳالهہ ٻڌاءِ، سڪين سانگين جي.

[1792]

اي نالا! وڃي ذاتين ڪي فقيراڻو ڪجاڻ.
نالو= پانڌي. ذات= سنگهار. فقيراڻو= حال.
اي پانڌي! وڃي سنگهارن ڪي حال ڪجاڻ.

[1793]

اي پکي! تو جا ٻولي ڪئي، سا مون ولايت ٻُڌي.
پکي= تاڙو. ٻولي= تنوار. ولايت= هرات>
هُئي رات.
اي تاڙا! تو جا تنوار ڪئي، سا مون هُئي رات ٻُڌي.

[1794]

اي نالا، اي نرناڻ، وڃي مارن ڪي نالو ڪر.
نالو= بادل. نرناڻ= سارنگ. نالو= ستابو.
اي بادل، اي سارنگ، وڃي مارن ڪي سَتابو ڪر.

[1795]

اي نالا! وڃي عضوي تي نالو ڪر.
نالو= بادل. عضوو= پُٺا> پوٺا. نالو= وسڻ.
اي بادل! وڃي پوٺن تي وسڻ ڪر.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1796]

نـــالي ۾ ميـــان ســـومرا! مـــارو **عـــورت** كـــن.

نالو= سانوڻ. عورت= خوشي.

ســانوڻ ۾ ميـــاڻ ســـومرا! مـــاروُ خوشـــي كـــن.

[1797]

هــِت **نـالا نـامر** كـن، هــُت **حــُـقي جي** مـارئي.

نالو= مينگهو> مينگهه. نامر= ملهار. حقي جي=
پڇاڙي> پڇاڙي.

هــُت مينگهــ ملهـارون كـن، هـــت پڇـاڙي مـارئي.

[1798]

هــُت ٻــ **نـالا** كـن، هـِـت **حقـــي جـــي** ســومرا!

ٻ نالا= هڪ نالو سارنگ، ٻيو نالوگاجي> گاجـُون.
حقي جي= پڇاڙي> پڇاڙيان.

هــُت سارنگ گاجوُن كـن، هــت پاڻ پڇاڙيـان ســومرا!

[1799]

كـــڏهن **كـــاڻيءَ** تـــي، كـــڏهن **لكـــــن** تـــي لال،
عمـــر! ابـــاڻي ڏيهـــ ۾، **مـــون ڏڻ جـــا** ڏنـــا كـــال.

كاڻي جي= پـَٽي> پٽن. لڪن جي= پـِٽَ> پـِٽـُن.
ڏڻ جا= ككرا>ككر.

كـــڏهن پـــَـــٽن تـــي، كـــڏهن پـــِـــٽن تـــي لال،
عمـــر! ابـــاڻي ڏيهـــ تـــي، مـــون ككـــرَ ڏنـــا كالهــ.

[1800]

آئـــي **نـــار نرنـــانءَ** جـــي، مـــارن مـــاڳ متـــي،
وڻ منجهـــانرا **كـــاڄ جـــون** كيـــو وينـــا كيـــنِ اُتـــي،
مـــال جـــن پنهنجـــا ڍكيـــا **مـــِـــرون** بـــ آهـــن اُتـــي،
عمـــر چـــامر! اُتـــي، آءٌ بـــ **نـــــالو اُنِ** جـــــي.

نـــار= عيد. نرنان= رمضان. وڻ جـــا= سگرُ.
كاڄ جون= سيوِيون. مال جا= ككر. پنهنجا=
تارا. مـِرون= وِجـُـو> وڇون. نالو= ميڙائون.

آئـــي عيـــد رمضـــان جـــي، مـــارن مـــا ڳ متـــي،
ســـڱرن منجهـــانرا ســـيويـــون کيـــو، ويـنـا کيـــن اتـــي،
ککـــرن وجـــي تـــارا ڏکيـــا، وڃـــون بـــہ آهـــن اتـــي،
عمـــر ڇـــام! اتـــــي، آءُ بـــہ ميڙائـــنو اُن جـــي.

[1801]

شـهر ڏسان ميـان سـومرا! جنهـن ۾ عضـوا ڏنـا مـون.

شهر= سيوهڻ> سي وَڻ. عضوا= ڏوئنرا.

سي وڻ ڏسان ميـان سـومرا! جنهـن ۾ ڏوئـنرا ڏنـا مـون.

[1802]

نـــالن ۽ نرنـــانون کـــان، آنديـــي کالهـــہ ميـــان!
نـــالن ۽ نرنـــانون لاءِ، ســـــکي تـــو ســـاهہ ميـــان!
نـالن تـي جـي نـالا پکـا، سِـي کـائينديس شـال ميـان!
هيس گهٽي ڳهہ جـي، پر کيـڙي جـي کيئـي سـومرا!

نالو= کرڙ. نر نالو= کنڊو. نالو= منو. نر نالو=
ميوو. نالو= مينهون. نالو= ميهو> ميها. ڳهہ جي=
لعل. کيڙي جي= کاري.

کـــرڙن ۽ کنـــڊن کـــان، آنديـــي کالهـــہ ميـــان!
مـــــنن ميـــوَن لاءِ، ســــــکي تـــو ســـاهہ ميـــان!
مينهَـن تـي جـي ميها پکـاَ، سي کـائينديس شـال ميـان!
هـُـيس اڳـي لعـل ميـان، پـر کـاري کيئـي سـومرا!

[1803]

جڏهن ذاتين تي نرنان کيا، تڏهن مارن کي نرنان لڳو.

ذات جا= گولاڙا. نرنان=گل. نرنان= نورنگ>
نئون رنگ.

جڏهن گولاڙن تي گل کيا، تڏهن مارن کي نئون رنگ لڳو.

[1804]

پکـــي کـــاڏم، مـــال چـــاريم، پنهنجـــن ذاتيـــن ۾ ميـــان!

پکي=گـُرڙ. مال= پـَهـُون. ذات= ڏهر>ڏهرن.

گـُـرڙ کـــاڏم، پـَـهون چـــاريم، پنهنجـــن ڏهـــرن ۾ ميـــان!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1805]

هُوتا کاڄ کاڄ ڪن، هٿيار جا ڏسي، پوءِ مال جي وڃن.

ڪاڄ ڪاڄ= لڏُون لڏون> لڏيون لڏيون.

هٿيار جا= ڪکر. مال جو= سانگ.

هوتا 'لڏيون لڏيون' ڪن. ڪکر ڏسي، پوءِ سانگ وڃن.

[1806]

مِــرون تــن ذاتيــن تــي، فقيــر جئــن ســونهن،

نــالو تــن ذاتيــن تــي، نــالي ٻولــي نــہ ڪــن.

مرون= وِڃُو> وڃون. ذات= ولهار. فقير جي=

صَدا> سدا. نالو= مينگهو> مينگهہ. ذات= مارو.

نالو= بادل. ٻولي= بس.

وِڃــون تــن ولهــارن تــي، ســدا تيــون ســونهن،

مينگهــہ تــن مــارن تــي، بــادل بــس نــہ ڪــن.

[1807]

شــهر مثــان پــوک جــا، مــِـرون وڏا وس ڪيــا.

شهر= ملير. پوک جا =گڄ>گاج. مِـرون=

وڃو>وڃون.

مليــر مثـــان گـــاجن ۽ وِجـــُـن وڏا وس ڪيـــا.

[1808]

هــڪ نـــالو، ٻيــو نـــالو ٿـــي نـــانوَن تـــي.

نالو= وَسيو. نالو= وَسند> وَسندو. نالو= موريو.

نالو= مينهون> مينهن.

هــڪ وَســيو، ٻيــو وَســندو، مورنــو ٿــي مينهــن تــي.

[1809]

اُپ ڏيهــہ ســندون، گاهــہ پکـــي ڙي ميـــان.

اُپ= پِنو. گاهہ= سِـڻ> سيڻ. پکي= سانباهو.

پِـــنو ڏيهـــہ ســـندون، ســـيڻن ســـانباهو ڙي ميـــان!

[1810]

لوهــہ ســان پنهنجــو ڪيــام، پــر عمــر ذات ٿــي نــہ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لوھ جي= سنداڻ> سنداڻ. پنھنجو= وس.
ذات جا= پُٽ.
سنداڻ سان وس ڪيام، پر عمر پُٽيئي نه.
[1811]
توکي بہ باغ، مون کي بہ باغ، منھنجي مارن کي بہ باغ.
باغ= اِرم> اَرم> اَرمان.
توکي بہ ارمان، مون کي بہ ارمان، منھنجي مارن
کي بہ ارمان.
[1812]
ادا عمر ڪاٽ ڪر، پر حاڪيماٽو نہ.
ڪاٽ= محافو> معاف. حاڪيماٽو= عڪس (وير).
ادا عمر! معاف ڪر، پر عڪس نہ.
[1813]
ڪاٽ جن کي مير عمر! تو جيت ڪيو.
ڪاٽ جا= اوڳڻ> اوڳڻ. جيت= ڏُکٽھار.
اوڳڻ کي مير عمر! تو ڏُکٽھارو ڪيو.
[1814]
هُيس آءُ ڪاٽ جي، پر مال جو تو وڌو.
ڪاٽ جي= ڪِٽ> ڪَٽي. مال جو=
چوڙو> وِچوڙو.
هيس آءُ ڪَٽي، پر وچوڙو تو وڌو.
[1815]
ذاتيون رچن ۾، نرنانءَ گاھ ڪن.
ذات= سينار> سيناريون. رچ= نڪر. نرنانءَ=
چيڙ. گاھ= چُوپا.
سيناريون نڪرن ۾، چيڙ چوپا ڪن.
[1816]
ھن جو اوزار رچن سان، نر نالي جيتن ڪين.
اوزار= سونھڻ. رچ= وٽو> وٽن. نر نالو= عطر.

جيت= مڪ> مڪين.

هن جو سونهڻ وٽن سان، عطر مڪين ئي ڪين.

[1817]

نالن تي **نانءَ** جن جا، عمرا! سي **ذاتيون**.

نالو= زيب. نانءُ= ذوق. ذات= واڍا> وانڍيون.

زيبن تي ذوق جن جا، عمرا سي وانڍيون.

[1818]

جڏهن **مال جا** تا پون، تڏهن پڪي **پوڪ جا** وڃن.

مال جا= پُورَ. پوڪ جا= ڳوڙها.

جڏهن پور تا پون، تڏهن ڳوڙها تا وهي وڃن.

[1819]

جو **ڪاريگر** مارن جو، سو **ذاتين** تي ڪيئن مٽيان؟

ڪاريگر جي= سيرائي> سير + سيل. ذات=

چوزن> چشن.

جو سيل مارن جو، سو چشن تي ڪيئن مٽيان؟

[1820]

ادا عمرا! **نالو** وڻ نه آئي، ڪر **مال جو** مارن تي،

شهر ڪري هٿ لاءِ.

نالو= منگهه. مال جو= ڪٽڪ. شهر= گُڏَ گڏ.

ادا عمرا! منگهه وڻ نه آئي، ڪر ڪٽڪ مارن تي،

گڏ ڪري هٿ لاءِ.

[1821]

جي مان **نالو** هجان ها، ته **ذات** **ڪڙمڪي** ڪريان ها.

نالو= جيسي> جيس. ذات= سينا. ڪڙمڪي= تنگي.

جي مان جيس هجان ها، ته سينا تنگي ڪريان ها.

[1822]

تڙ جي نه ڪر ميان سومرا، **تڙ جي** چڱي نان،

تڙ جي ڪر انهن سان، جي **جر جون** هجن.

تَڙ جي= ڏند پيهه. جر جون= واهيون> بيواهيون.

ڏند پيهه نه ڪر ميان سومرا، ڏند پيهه چڱي نان،

ڏند پيهه ڪر انهن سان، جي بيواهيون هجن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1824]

نـــالو جـــي ميـــان ســـومرا، **نـــالو** مـــون كـــي نـــي.

نالو= سڪندر> سِڪ + اندر. نالو= ساتي> سا +تي.

ســڪ انــدر جــي ســـومرا، ســـا تـــي مـــون كـــي نـــي.

[1824]

گهـــوڙي جـــن جهليـــاس، نـــہ تـــہ **وكـــر** هونـــد ويـــاس!

گهوڙي جو= بند. وكر= ساتر> تر.

بنـــدن جهليـــاس، نـــہ تـــہ تـــر هونـــد ويـــاس!

[1825]

كـــائن تـــي چڙهـــي، **وكـــر** ڏيـــان مـــارن كـــي.

كاٺ جن= رحلن> رلين. وكر= كتيلو> كتي لوئي.

رليـــن تـــي ويهـــي، كتـــي، لوئـــي ڏيـــان مـــارن كـــي.

[1826]

نارنـــانءَ آهـــن، وجـــي **جيـــت** ڏســـنديس.

نارنانءَ= اُميدان> اُميدون. جيت= پوپٽ>

پوءِ + پٽ.

اُميـــدون آهـــن، وجـــي پـــوءِ پـــٽ ڏســـنديس.

[1827]

پـــوك ۽ پـــاٽيءَ جـــا، هئـــا مـــارئيءَ كـــي مـــن ۾.

پوڪ جا= چونرا> چورا. پاٽي جا= كونرا> كورا.

چـــورا ۽ كـــورا، هئـــا مـــارئيءَ كـــي مـــن ۾.

مارئيءَ جي عمر كان موكل گهرڻ

[1828]

نرنـــانءَ نرنـــانءَ نرنـــانءَ، اســـان منجهـــہ نـــاهي،

موكل ڏي ميان عمر، تہ پنهنجن ۾ وجي **مـــِرون** ٿيـــان.

نرنانءَ= كـِلو> كلڻ. نرنانءَ= كوڏڻ> كڏڻ.

نرنانءَ= حسن> هسڻ. مـِرون= تازي (كتو).

كـــِلڻ كـــُڏڻ، هســـڻ، اســـان منجهـــہ نـــاهي،

موكل ڏي ميان عمر، تہ پنهنجن ۾ وجي تـــازي ٿيـــان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1829]

نالو ڪر ميان سومرا، جو **نالو** آهي **زحمت** ۾.

نالو= احسان. نالو= بيگن> بي +گناھ. زحمت=
قئي> قيد.

احسان ڪر ميان سومرا، جو بيگناھ آهيان قيد ۾.

[1830]

نالي موڪل ڏي، نہ تہ **وڪر** ڪائيند يس سومرا!

نالو= پٿوري> پٿي + ٿوري. وڪر= گوري.

پٿي ٿوري موڪل ڏي، نہ تہ گوري ڪائيند يس سومرا!

[1831]

عضوو ۾ **پنهنجي** ڏي ميان سومرا، **مال جي** پوان
نہ اُن سين.

عضوو= مُنهن> مو. پنهنجي= ڪَل. مال جي=
ماڪِڙي> مان +ڪَڙي.

موڪل ڏي ميان سومرا، مان ڪڙي پوان نہ اُنِ سين.

[1832]

لوھ جا پونئي ميان سومرا! **ڪاچ جن** موڪل ڏي.

لوھ جي= ڪوڏر> ڪو +ڏر. ڪاچ= پَتُ.

ڪوڏر پوئي ميان سومرا! (ڪنهن) پَتِ موڪل ڏي.

[1833]

نارنانءَ سان **حاڪم جو** نہ ڪر، چڏ تہ وڃي **مال شهر
جا** ڪري.

نارنانءَ= نماڻي. حاڪم جو= ناحق. مال جا= چيلا.
شهر جا= چارا> چاري.

نماڻيءَ سان ناحق نہ ڪر، چڏ تہ وڃي چيلا چاري.

[1834]

نالوڏي تہ **ولايت** وڃان، نہ تہ **وڪر** مُنج مير.

نالو= جعفر> جان +ڦَرَ. ولايت= چارڻ. وڪر=
ساتر> سا +تر.

جان ڦَر ڏي تہ چارڻ وڃان، نہ تہ سا تَرُ مُنج مير.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1835]

نـــالو تـــي موكــل ڏي، تـــه **كـپـڙي جـنـي** كنديـــن.

نالو= راضي. كپڙي جي= سوڙ> سوَ+وڙ.

راضـــيَ تـــي موكـــل ڏي، تـــه ســـوَ وڙ كنديـــن.

[1836]

نرنـــالي مليـــر ۾، تـــه **وكـــر راڳ** كـــري مـــارئي.

نر نالو= واريو> واري. نالو= موتيو> موتائي.

وكر= ڳوڻ> ڳُڻ. راڳ= ڳائڻ.

واري موتـــاءِ مليـــر ۾، تـــه ڳـــڻ ڳـــائي مـــارئي.

[1837]

نـــالو تـــي موكـــل ڏي، تـــه **عضـــوي** آءُ وجـــان.

نالو= راضي. عضوو= تن> وطن.

راضـــي تـــي موكـــل ڏي، تـــه وطـــن آءُ وجـــان.

[1838]

جـــرَ جـــي موكل ڏي، تـه **نـــالو** ڏسي **نرنـــانءُ** تيـــان.

جَـرَ جي= كـرَ. نالو= وطن. نرنانءُ= راضي.

هيكـــر موكـــل ڏي، تـــه وطـــن ڏســـي راضـــي تيـــان.

[1839]

شهرئون پوئي ميان سومرا! كـا **شـهرئون** موكـل ڏي،

شـــهرئون چـــوانءِ تـــي، وجـــان ادا! **شـــهرن** ڏي.

شهر = دلي.

دليئـون پوئـي ميـان سـومرا! كـا دليئـون موكـــل ڏي،

دليئـــون چـــوانءِ تـــي، وجـــان ادا! دليـــن ڏيَ.

[1840]

آءُ هڏ **گهوڙي جي**، مون كي كنهن **نـالي** موكل ڏي.

گهوڙي جي= اڙي. نالو= پتورو> پہ + تورو.

آءُ هڏ اڙي(قاتي)، مون كي كنهن پہ توري موكل ڏي.

[1841]

كـپـڙ جـي آندوءِ، عمر سومرا! **ڳهـه** تـي موكـل ڏي.

كپڙ جي= پانڏٽي. ڳهہ= مُركي.

پانهن ڏوٽي آندوءِ، عمر سومرا! مُـــركي موكـل ڏي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1842]

سُتَ جون ساريم سومرا! مون کي **ڳهہ جي** موڪل ڏي.

ست جون= ڏهيون> ڏيهہ. ڳهہ= مُرڪي.

ڏيهہ ساريم سومرا! مون کي مُرڪي موڪل ڏي.

[1843]

نالي آندي مارئي، **نالا** موڪل ڏي تہ **نالي** وجي مارئي.

نالو= پرور> پرائي +وَرُ. نالو= سرور. نالو=

انور> انهي + ور.

پرائي وَر آندي مارئي، سرور موڪل ڏي، تہ انهيءَ

وَر وجي مارئي.

[1844]

ميان عمر! آءٌ **لوهہ جي** آهيان، مون کي **پوڪ ڪاريگر**

جي ڏي، تہ آءٌ **هندو پوڪ جا** ڏسان.

لوهہ جي= ڪُنڊيءَ> اُڪنڊي. پوڪ جي= موڪَ.

ڪاريگر جي= ڪل. هندو= مهتا> ماتا.

پوڪ جا= پتا.

ميان عمر! آءٌ اُڪنڊي آهيان، مون کي موڪل ڏي،

تہ آءٌ ماتا پتا ڏسان.

[1845]

لوهہ پوئين تي سومرا، رِڄ جيئن موڪل ڏي.

لوهہ جي= سامَ. رِڄ= اُڪلي(اڪري)> او + ڪِلي.

سامَ پوئين تي سومرا، او ڪِلي موڪل ڏي.

[1846]

وڻ جن تي **ڪپڙي جو** رکيو، **ولايت** پوان تي سومرا!

موڪل ڏي تہ **پنهنجن** وجان.

وڻ جا= پيرونُ> پيرن. ڪپڙي جو= هٿ.

ولايت= شامر> سامر. پنهنجا= مائٽ.

پيرن تي هٿ رکيو، سامر پوان تي ميان سومرا!

موڪل ڏي تہ مائٽين وجان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1847]

چـنڊ تـــڙ ميـــان ســـومرا! ڏي ڳهــــ مــــاروئڙن.

تڙ= ڏنگو> ڏنگُ. ڳهہ= مانگهہ> مان +گهر.

چـنڊ ڏنـــگ ميـــان ســـومرا! ڏي مـــان گهـــر مـــاروئڙن.

[1848]

نرنـــانءُ! کـــر نـــار، تــــ ذاتيـــون ذات کـــي.

نرنانءُ= عمر. نار= آجي. ذات= مُلان> مِلان.

ذات= ماروئڙا.

عمـــر! کـــر آجـــي، تــــ مـــلان مـــاروئڙن کـــي.

[1849]

نرنـــالي آنڌئـي مـارئي، وجـي ذاتيـــن کـي پهچـاءِ.

نرنالو= جيوڻ> جنهن + وڻ. ذات= تيوڻا>

تيوَڻ> تنهن + وڻ.

جنهـــن وڻ آنڌئـــي مـــارئي، وجـــي تنهـــن وڻ پهچـــاءِ.

[1850]

عضـوي ليکـي جـا ڏي ميان سـومرا! کـر پـوک جـي
شـــهر تـــي.

عضوو= رخ. ليکي جا= ست. پوک جي= پلاٽي.

شهر جي= پيٽي> پيڻ.

رخصـــت ڏي ميـــان ســـومرا! کـــر پلاٽـــي پيـــڻ تـــي.

[1851]

پکـي پکـــيءَ جـــون ڳـالهڙيون، آچيـــم نرنـــان کـــي،
رچ ابـــاٽي پـــار جـــا، هتـــي نــــ هونـــدا ســـي،
ميـــان موکـــل ڏي، تــــ وڻ وجـــي گاهــــ تيـــان.

پکي=زُرو> ذرو. پکي= پرو. نرنان= عمر.

رچ= دِلي> دليون. وڻ=گولاڙو. گاهہ جو=گُـل.

ذري پـــري جـــون ڳـــالهڙيون، آچيـــم عمـــر کـــي،
دليـــون ابـــاٽي پـــار جـــون، هتـــي تــــ هونديـــون ســـي،
ميـــان موکـــل ڏي، تــــ گـــولاڙي چڙهـــي گـــل چونڊيـــان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1852]

سُتَ جا ساريم سومرا! مون کي **ڳھ۔ جي** موڪل ڏي.

ست جا= پاندا> پنهنجا. ڳهہ= مُرڪي.

پنهنجا ساريم سومرا! مون ڪي مُرڪي موڪل ڏي.

[1853]

متيءَ جا ساريم سومرا! مون کي **ذاتئين** نيئي پهچاءِ،

مان **مال جي** اوڏانهن وڃان، **نارنان** منهنجي ماءِ.

مَتيءَ جا= دلا. ذات جا= ڪيڙا> خيرا. مال جي=

سائي> سائين. نارنانءَ= جَتو> جتي> جِت.

دلئون ساريم سومرا! مون کي خيرئون نيئي پهچاءِ،

مان سائين! اوڏانهن وڃان، جتي منهنجي ماءِ.

[1854]

نالو ساريم سومرا! **نالو** ناهي هتي،

ميان! موڪل ڏي، تہ **نالو** وجي هُست ڪريان.

نالو= پيرو> پيرُون. نالو=ڪپڙ. نالو= عيدو> عيدون.

پيرون ساريم سومرا! ڪپڙ ناهي هتي،

ميان! موڪل ڏي، تہ عيدون وجي هُت ڪريان.

[1855]

پکي آندءِ، سا ڪيئن **پکين** ۾ ويهي؟

نالو ڪر ڙي سومرا! هو وجي **فقير جو** رسي.

پکي= چِڙي. پکي= هنجھ. نالو= راضي.

فقير جو= سانگ.

چڙي آندءِ، سا ڪيئن هنجن ۾ ويهي؟

راضي تيءَ سومرا! هو وجي سانگ رسي.

[1856]

مقامن جا آچ مرَ سومرا! **مال جا** آءُ نہ ڪندياس،

نرنانءَ سجهي **شهر** ۾، اوڏانهن آءُ وينديانس.

مقامن جا= ڊِپ. مال جا= سانگا. نرنانءَ= مارو.

شهر= ملير.

ڊِپ آچ مرَ سومرا! سانگا آءُ نہ ڪندياس،

مارو سجهي ملير ۾، اوڏانهن آءُ وينديانس.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1857]

نــالٽون آنديــي ســومرا، تيئــن **وطــن** پهچــاءِ.

نالو= جيوڻ> جيئڻ + وٽئون. وطن= وندر.

جيئــن وٽئــون آنديــي ســومرا، تيئــن ونــدر پهچــاءِ.

[1858]

ادا عمر! **پنهنجو** نـہ وجهہ **ذات** ۾، **ڏي نار نالي** مون کي.

پنهنجو= جيءُ. ذات= جوکيا> جوکي. نار نالي= اميرزادي> آزادي.

ادا عمر! جيءُ نـہ وجهہ جوکـي ۾، ڏي آزادي مـون کـي.

[185 9]

ٻولي، پنهنجو کر، آءُ **سُــت عــورت** جــي آهيــان.

ٻولي= چڏ. پنهنجو= شرم. سُت جي= سڳي. عورت= پيڻ.

چــڏ، شــرم کــر، آءُ ســڳي پيــڻ آهيــان.

[1860]

ڪــڪ پــوڪ جــي ســومرا، **ڪپــڙي** جــي اٻــاڻن.

ڪڪ= مُڄ> مَڄ. پوڪ جي= ميڙَ.

ڪپڙي جي= جامڪي> جا + مُـڪي.

مــَـــڄ ميــڙ ســـومرا! جـــا مــــُـــڪي اٻــاڻن.

[1861]

رڇــــن ڪـــان رکـــي ونـــي، **وارن** ســان مــاري،
پــوءِ ڏاتــر ڏيکــاري، **مـــال** اٻــاڻي پــار جــا.

رڇ= ڏوها> ڏوهن. وار= ڪلمون. مال= ڪنوات> ڪا وات.

ڏوهــن ڪــان رکـــي ونـــي، ڪلمـــن ســـان مـــاري،
پــوءِ ڏاتــر ڏيکـــاري، ڪـــا وات اٻــاڻي پـــار جـــي.

مارئيءَ جو ملير ڏانهن موٽڻ

[1862]

ڪــاني تــيءُ نــہ مــارئي، تــي **ڪــاڄ** جـــي عمــر ســان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاني= مُنهن رکي. ڪاڄ جي= مَهي.

مُنهن رکي نہ مارئي، تي سامهون عمر سان.

[1863]

پنهنجا ۽ پنهنجيون، پنهنجا اتئي مارئي!

پنهنجا= جهڄڻ. پنهنجون= جِهوريون.

پنهنجا= مَرڪ.

جهِڄڻ ۽ جهوريون، مَرڪ اتئي مارئي!

مارئيءَ ڪي دلداري ۽ اُميد

[1864]

نالي رو نہ مارئي! توڪي نرنان ڪري نيندا.

نالي= ڪپيو> ڪپ. نرنانءَ= نواز.

ڪپ رو نہ مارئي! توڪي نوازي نيندا.

[1865]

مٽڪو ڪري نہ مارئي، سَا عورت ڪيئن؟

مٽڪو= ياقوت> قوت. عورت= جيئندي.

جَا قوت ڪري نہ مارئي، سا جيئندي ڪيئن؟

[1866]

ڪاڄ نہ ڪاڏو مارئي، سا ڪاڄ ڪندي ويئي.

ڪاڄ= ماني. ڪاڄ= لولا> الوالا.

ماني ڪاڏي نہ مارئي، سا اَلو آلا ڪندي ويئي.

[1867]

پوڪ جي ڪٽي، ڪاريگر جي هٽي، نرنان مون ڪي
راند جو ڏنو.

پوڪ جي= چانهين. ڪاريگر جي= چَتي.

نرنانءَ= ڪيت. راند جو= پتو.

چانهين ڪٽي، چَتي هٽي، ڪيت مون ڪي پَتُو ڏنو.

[1868]

عورت جو هو مارن ڪي ڪو مال جو.

عورت جو= لکيو. مال جو= ٽِڪو.

لِکيو هو مارن ڪي (هيءَ) ڪو ٽِڪو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1869]

ذات هيس سومرا! نالي نہ آٿين ها.

ذات= ماچي> مان + اَچي. نالو= جيتو> جي + تون.

مان اَچي هيس سومرا! جي تون نہ آٿين ها.

[1870]

پکيءَ جو نہ ڪٽين ها، تہ چو عيبدار ٿيان ها!

پکيءَ جو= ڪنپ> ڪنپي. عيب جي= ڪاٽياري.

ڪنپي نہ ڪٽين ها، تہ چو ڪاٽياري ٿيان ها!

[1871]

ڪپڙو تہ ڪيئي، جُتيءَ جي تہ ڪر.

ڪپڙو= ڪارو. جتيءَ جي= رَءُ (مٽي) رُوءِ.

ڪارو تہ ڪيئي، هلي رُوءِ تہ ڪر.

[1872]

اڳي منجهہ ملير ڪاٺي هئي ڪانہ،

هاڻي منجهہ ملير، گهمان تہ گاههَ ٿئي.

ڪاٺي= جهل. گاهہ= سيءُ.

اڳي منجهہ ملير جَهَل هئي ڪانہ،

هاڻي منجهہ ملير، گهمان تہ سيءُ (ڊپ) ٿئي.

[1873]

آءُ نالا، وٺ نالا، تہ مان وکر ٿي پوان.

نالو=ڪيت. نالو= اسحاق> ساڪ. وکر=

سرهي جيري> سرهي.

آءُ ڪيت، وٺ ساڪ، تہ مان سَرهي ٿي پوان.

[1874]

عمر شهر ڪانہ، وئي شهر سان مارئي.

شهر= جوهي. شهر= عَمان> اَمانَ.

عمر جو هي ڪانہ، وئي اَمانَ سان مارئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب يارهون

سُرائتيون پُڇهارتون: مومل راڻو

سامي جو مومل کان ڏند وٺڻ

[1875]

عضوو سامي من ۾، بيٺو ڪاٺي پسي.

عضوو= ڪوپري> ڪوپرو. ڪاٺي جي= ڏوئي> اوڏوئي.

ڪو پَرو سامي من ۾، بيٺو اوڏوئي پسي.

[1876]

چم جو فقير من ۾، اڇيو ڪاٺ پِني.

چم جو=ڪوس> ڪو + شَڪ. فقير= سامي.

ڪاٺ= در> اندر.

ڪو شڪ سامي من ۾، اڇيو اندر پِني.

[1877]

نالو ڪٽي ويو عضوي جو، توکي نالو بيو بہ گهٽو،

پلا ڙي نر نالا! تو پنهنجو وڃايو نالي تي.

نالو= فقيرو> فقير. عضوو= ڏند. نالو= ڏنو> ڏن.

نر نالو= راجا نند. پنهنجو= ڏرم. نالو= ڏنو> ڏن.

فقير ڪٽي ويو ڏند، توکي ڏن بيو بہ گهٽو،

پلا ڙي راجا نند! تو ڏرم وڃايو ڏن تي.

مومل جو ڪاڪ محل اڏائڻ

[1878]

شوم جي تنگي، جيت آزار تي آڏيا.

شوم جي= ننب> نند(راجا). تنگي= لَڙڪي.

جيت= محلو> محلا. آزار = ڪڪ> ڪاڪ.

راجا نند جي لڙڪي، محلا ڪاڪ تي آڏيا.

[1879]

ڏينهن جي گلن جا، مال جا ڪاٺ متي.

ڏينهن جو= صبوح. گل= سناسي. مال جا= دونهان.

ڪاٺ= در> درن.

صبوح سناسين جا، دونهان دَرن متي.

[1880]

پنڌ ذات جا پڌرا، جتي پوک پکيءَ جا پُون،
هن بہ نالا کوڙيا، بينا نالا رُون،
جي عورت عضوي پُون، تن جو نرنان ئي نہ ٿئي.

پنڌ= گام. ذات= گُجر. پوک= لڙي> لڙيو.
پکي= باشو> باشا. نالو=کيمو> کيما. نالو=راوت.
عورت= مومل. عضوو= مُنهن. نرنان= موٽڻ.

گام گجر جا پڌرا، جتي لڙيو باشا پُون،
هن بہ کيما کوڙيا، بينا راوت رُون،
جي مومل جي منهن پُون، تن جو موٽڻ ئي نہ ٿئي.

[1881]

نارنانءَ جي ٻولي ٻڌي، ذات نالا،
مٿيءَ جو ڏيئي، ذات گاهہ تي ويا.

نارنانءَ= مومل. ٻولي= هاڪ. ذات= سورهيہ.
نالو= سلطان. مٿيءَ جي= سر. ذات= مري.
گاهہ= مُج.

مومل هاڪ ٻڌي، ڪئين سورهيہ سلطان،
سر ڏيئي، مري مُج تي ويا.

[1882]

نرنانءَ ٻولي، نرنانءَ ذات ٿيا ڪين،
نارنانءَ تي نالي ذات ٿي ويا.

نرنانءَ= عاشق. ٻولي= آيا. نرنانءَ= داناءَ. ذات=
دهليا. نارنانءَ= مومل. نالو= مست. ذات= مري.

عاشق آيا، داناءَ دهليائي ڪين،
مومل تي مست ٿي مري ويا.

[1883]

هن ڪئين مال جا وڻ ڪري، جر وکر جا ڪيا.

مال جا= نر. وڻ جي= نمائي. جَرَ جو= نِڪُونج.
وکر جي= ناس.

هن ڪئين نَرَ نمائي، نکونج ۾ ناس ڪيا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1884]

رانديون ۾ رانديون، جر جون هيون شهر تي.

راند(جا) = منڊل. راند(جا) = مشاهدا. جر جي= ڪوڏي> ڪو +ڏينهن. شهر= ڪاڪ.

منڊل ۾ مشاهدا، ڪي ڏينهن هئا ڪاڪ تي.

[1885]

نارنانءَ پنهنجي شهر جيءَ تي ذات جر جو ڪٺايو،
جنهن تي هرڪو ٻولي عضوو تي ويو.

نارنان= مومل. شهر جي= ماڙي. ذات= خوني.
جر جو= ڪوهه. ٻولي= هئي. عضوو= ران.

مومل پنهنجي ماڙيءَ تي خوني ڪوهه ڪٺايو، جنهن تي هرڪو حيران تي ويو.

راڻي ۾ سندس يارن جو ساميءَ سان ملڻ

[1886]

شهر ئون نرنانءَ نڪتو، ڏڻ جون ڏنائين،
باب اڪر تي چوڙي چڏيائين،
اَن پَٽ راند جا، وجي چِتا پچيائين.

شهر= ڏُر. نرنان= مينڌرو. ڏڻ جون= روجهون.
باب اڪر= بر. بي، بان> بَرَ بيابان. اَن جا= ڪَرا.
پَٽ جا= پارَ. راند جا= مل> مومل.

ڏُرئون مينڌرو نڪتو، وجي روجهون ڏنائين،
بَرَ بيابان ۾ چوڙي چڏيائين،
ڪرا پار مومل جا، وجي چِتا پچيائين.

[1887]

ولايت ئون آيو نرنانءَ، جنهن اچي مُئي ڪپڙ جا ڏنا.

ولايت= ڪاف. نرنانءَ= ڪاپڙي. مُئي(جا) = پار.
ڪپڙ جا= چِتا.

ڪافئون آيو ڪاپڙي، جنهن اچي پار چِتا ڏنا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1888]

آءُ نالا! شهر ٿون اڇي ڏي ذات سندن.

نالو= سامي. شهر= ڪاڪ. ذات جا= ڏيپار> ڏي +پار.

آءُ سامي! ڪاڪئون اڇي ڏي پار سندن.

[1889]

ذات تو، ذات مون.

ذات جا= جيپر> جي پار. ذات جا= ڏيپار> ڏي + پار.

جي پار تو (ڏٺا)، ڏي پار مون.

[1890]

جو نالو ڏٺو مون، اهو نالو ڏسين تون،

تہ نالو وڃئي وسري، نالو ٿئين تون.

نالو= رنگ. نالو= روپ. نالو= بادشاهہ> بادشاهي. نالو= فقير.

جو رنگ ڏٺو مون، اهو روپ ڏسين تون،

تہ بادشاهي وڃئي وسري، فقير ٿئين تون.

[1891]

چئي: پکين ڪان وڏ پرين، نالا نام سنڌان.

پکي= وڇلو> وڇن. نالو= پنيو. نام= پرُو> پرُون.

چئي: وڇن ڪان وڏ پرين، پنيا پرُون سندان.

[1892]

گاهہ ويهاريو ڪاٺن تي، ذاتيون سٽ جون ڪن،

نارنانءَ سُڄي هڪڙي، جنهن جو عورت نام چون،

ليڪو نہ لڳن نرنانءَ جو، مرض نہ هو عضون،

تن جي چيري تي، هٿ اَن ڪير جي ڪئي مرن.

گاهہ= سڻ> سيڻ. ڪاٺ= صندلي> صندلين.

ذات= رانوڙ. سٽ جي= رانءِ> رانيا. نارنانءَ= عورت. عورت= مومل. ليڪو= انگ. نرنانءَ=

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻالڪو. مرض=ٿوٿر.عضوو=ٿڻ> ٿڻن.چيري جو=
اُهاءَ. اَن= ڇٽا> ڇِنا. ڪيرجي= ٿر. مرون= روجهن.

سيڻ ويهاريو صندلين تي، رانيا رانوڙين،
عورت سُڄي هڪڙي، جنهن مومل نام چون،
انگ نه لڳن ٻالڪو، ٿوٿر هئي نه ٿڻن،
تن جي اُهاءَ تي، هُت ٿر ڇِنا روجهن.

راڻي جو ڪاڪ تي اچڻ ۽ مومل ماڻڻ

[1893]

اُتيئي نالا، جتي اَن ڪپڙي جا.

نالو= آيو> آيا. ان جا= ساٿ. ڪپڙو=
گَوَنِ> گَنوَنِ.

اُتيئي آيا، جتي ساٿ گَنوَنِ.

[1894]

وڻ جا تا پون، پکي جا شهر متي.

وڻ جا= پَلڙا> پڙلاءُ. پکي= ڪونج> ڪونجن.
شهر= ڪاڪ.

پڙلاءُ تا پون ڪونجن، جا ڪاڪ متي.

[1895]

سو اُپ جو چڙهيو، شهر مَن ڪري،
اڳيان گڏيس پاڻي وارو، تنهن ڪان تو راند پچي.

اُپ جو= ڏهو> ڍو. شهر= ڪاڪ. پاڻي واري=
تڙ> ناتر. راند= ملهہ> مومل.

سو ڍو چڙهيو، ڪاڪ من ڪري،
اڳيان گڏيس ناتر، تنهن ڪان تو مومل پچي.

[1896]

ڪامڻ تي پوک جا ڪيا، متي نر نالن.

ڪامڻ= ناتر. پوک جا= ڪرا> نخرا. نر نالو=
ملوڪ> ملوڪن.

ناتر نخرا ڪيا، متي ملوڪن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1897]

نارنـــان اڪ جـــا ڪٽـــي، ويئـــي نارنـــان وٽ،
تــو بــہ گهٽــا مچـــيءَ جـــا، هـــو هٽنـــدءِ پـــوڪ ۾،
نرنـــان نينـــدءِ شـــهر، ڪيـــن ڇـــڏيندءِ تـــڙ تـــي.

اڪ جا= ناز. نارنان= ناتر. نارنان= مومل.
مچيءَ جا= گهائو>گهايا. پوڪ= پٽ(پٽ تي
ويئي= ڪانہ تي). نرنان= ڏولو. شهر= ڏٽ.
تڙ= ڪاڪ.

نـــاتر نـــاز ڪٽـــي، ويئـــي مومـــل وٽ،
تــو بــہ گهٽــا تــي گهايــا، پــر هــو هٽنــدءِ پـَــٽ،
ڏولـــو نينـــدءِ ڏٽ، ڪيـــن ڇـــڏيندءِ ڪـــاڪ تـــي.

[1898]

نـالا نـانءُ نـہ رهيـا، هـي سـپ نـالا تنهنجـا اَتئـي.

نالو= مومل. نانءُ= ملڳزار. نالو= طالب.

مومـل! ملـڳزار نـہ رهيـا، هـي سـپ طـالب تنهنجـا اتئـي.

[1899]

پونديئـن زميـن ۾، جـو اَن جـو آهـي ڏيهـن ڪـي.

زمين(جي) = غار. اَن جو= ڏوڏو> ڏُڏو.

پونديئـن غـار ۾، جـو تـو ڏڏو آهـي ڏيهـن ڪـي.

[1900]

هـٿ جـون حـاڪمن ڪـي، ڪـامڻ لوهـہ جـون.

هٿ جو= هٽڻ> هنيون. ڪامڻ= مومل. لوهہ
جون= مهميزون.

هنيـــون حـــاڪمن ڪـــي، مومـــل مهميـــزون.

[1901]

اڏ مـرض پنهنجـيءَ وچ، سـودي جـي ذات آهيـن.

اڏ مرض= ڏيڍ. پنهنجي= سمجهہ> سمجهي.
سودي جي= باقي. ذات= هـَڪڙا> هـِڪڙو.

اي ڏيڍَ! سمجهـــي وچ، بـــاقي هڪـــڙو آهيـــن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1902]

نرناڻءَ پنهنجي پوک لاءِ، دانهون کندي ويو.

نرناڻءَ= سوڍو. پوک= سنگت. دانهون= پار> پارت.

سوڍو پنهنجي سنگت لاءِ، پارت کندي ويو.

[1903]

نرنان وکر جي هنئي، تڏهن پکين تي جرجا کيا.

نرنان= سوڍو. وکر= سوپاري. پکي= کانوَ> کاوَنِ. جر جا= کڙکا.

سوڍي سوپاري هنئي، تڏهن کاوَنِ تي کڙکا کيا.

[1904]

يارو! ڏسو ذات بٽي، ڪاٺيءَ جي هٽي وجي نرناڻءَ ٿيو.

ذات= بازيگر> بازي. ڪاٺيءَ جي= سوپاري.

نارناڻءَ= پار پيو.

يارو! ڏسو بازي بٽي، سوپاري هٽي وجي پار پيو.

[1905]

ڪاٺ لڳو ڙي جيڏيون! شهر تہ منهنجي ڪي.

ڪاٺ جو= ڏونڪو. شهر= پير.

ڏونڪو لڳو ڙي جيڏيون! پير تہ منهنجيءَ ڪي.

[1906]

اتي عورت جاڳ، وٿن ڪي کپڙا لڳا.

عورت= ناتر. وٿ= مور> مورن. کپڙا= گَجَ> گَزَ.

اتي ناتر جاڳ، مورَن ڪي گز لڳا.

[1907]

نارنان پوک واپار جي تي، نرناڻءَ پار ڪاٺ جو.

نارنان= مومل. پوک جي= نسري. واپار جو= نروار.

نرناڻءَ= راڻو. پار جو= ڪريب. ڪاٺ جو= پڳو.

مومل نسري نروار تي، راڻي ڪريب پڳو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1908]

ميڏرو ڪامڻ ۾ ڪاچ جي هو، پر نرنالي ويو.

ڪامڻ= چيني> چٽني. ڪاچ جي= لاس. نرنالو=
جيتُو> جِيتي.

مينڏرو چٽني ۾ لاس هو، پر جِيتي ويو.

[1909]

نارنان ذات هئي، جو ڪڙمڪي سان ڪپڙ شهر جو،
علم سان قرض جو ڏيندي هئي پر نانءُ نالو ڪيو.

نارنان= مومل.ذات=مشتاق.ڪڙمڪي= ڪاريگري
ڪپڙ جو= ڪوٽ. شهر جو= اڏيو. علم= جادو.
قرض جو= دوکو. نرنان= راڻو. نالو= فتح.

مومل مشتاق هئي، جنهن ڪاريگريءَ سان ڪوٽ اڏايو،
جادو ڪري دوکو ڏيندي هئي، پر راڻي فتح ڪئي.

[1910]

مومل بہ ڪاني، ڪاچ جو ڪيئي مينڌرا!

ڪاني= هاڪي> هاءِ + ڪئي. ڪاچ= نشاستو>
ناس + تو.

مومل بہ هاءِ ڪئي، پر ناس تو ڪئي مينڌرا!

[1911]

مومل وڏي ذات هئي، تو جهڙ جي مينڌرا.

ذات= بازيگر. جهڙ جي= نِوائي.

مومل وڏي بازيگر هئي، تو نوائي مينڌرا.

[1912]

مومل تہ ڪاٿ جي، جهڙ جي مينڌري.

ڪاٿ جي= گهڙامنجي> گهٽا + جِيءَ. جهڙ جي= نِوائي.

مومل تہ گهٽا جيءَ (گنوايا)، پر نِوائي مينڌري.

[1913]

مومل تہ ذات هئي، تو ميچيءَ جي راڻا!

ذات= سولنگي> سؤرنگي. ميچيءَ جي= مُٺ
(بہ ميچيون)> مُٺي.

مومل تہ سؤرنگي هئي، (پر) تو مُٺي راڻا!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1914]

مومــل وڏي **ذات** هئــي، پــر **زحمــت** مــاري مينـــڌرا!

ذات= سوچي> سچيت. زحمت= موهيڙا> موهي.

مومــل وڏي سـچيت هئـي، پــر (تــو) موهــي مينـــڌرا!

[1915]

تــو **آزار** ڙي مينـڌرا! نــہ تــہ مومـل تــہ ڪـا **ذات** هئـي.

آزار= موهيڙو> موهي + ڙي. ذات= رنگ>
سَت رنگي.

تو موهي ڙي مينڌرا! نہ تہ مومل تہ ڪا ست رنگي هئي.

[1916]

مومـل ڪنهـن نـــہ **ذات**، تــو **گهـوڙي جـــي** مينـڌرا!

ذات= نائي. گهوڙي جي= ڪيري.

مومـــل ڪنهـــن نـــہ نـــائي، تـــو ڪيـــري مينـــڌرا!

[1917]

تــو **مچـــي جـــي** مينـــڌرا! مومـــل وڏي **ذات** هئـــي.

مچيءَ جي= ماڻڪي> ماڻي. ذات= وينجهر> وينجهار.

تـــو مـــاڻي مينـــڌرا! مومـــل وڏي وينجهـــار هئـــي.

[1918]

مومـل تــہ **ڪپـڙ جــا**، پـر تـو **مچـــيءَ جـــي** مينـڌرا!

ڪپڙ جا= سنڪا ۽ ڪوڙ> سٽيو ڪوڙ. مچيءَ جي=
مياڻي> ماڻي.

مومـــل تـــہ ســـٽيو ڪـــوڙ ڪيـــا، تـــو مـــاڻي مينـــڌرا!

[1919]

نارنان رچ ڪيو، تڏهن **مچيءَ جي** ڪئي هئي **نرنـانءَ**.

نارنان= مومل. رچ= نانٽ> ناٽ. مچيءَ جي=
ماڻي (ماپ، تور) نرنانءَ= مينڌرو.

مومـــل نـــاٽ ڪيـــو، تـــڏهن مـــاڻي هئـــي مينـــڌري.

[1920]

تـــو **حاڪيمـــاڻي** مينـــڌرا! **ذات** بـــہ مومـــل ڪـــي.

حاڪيماڻي= لائي. ذات= لاکا> لنوَ> ڪا.

تـــو لائـــي ڙي مينـــڌرا! لنـــوَ ڪـــا مومـــل ڪـــي.

[1921]

جڏهن نرنانءَ شهر ويو، ڏسي **عورت کي نرنان** تي پيو.

نرنانءُ= راٺو. شهر= ڪاڪ. عورت= مومل نرنان= عاشق.

جڏهن راٺو ڪاڪ ويو، ڏسي مومل کي عاشق تي پيو.

[1922]

عضوي عيب لڳو، مومل وجي **ذات** ڪئي.

عضوو= نيڻ> نيٽين. عيب= نينهن. ذات= مضبوط.

نيٽين نينهن لڳو، مومل وجي مضبوط ٿي.

[1923]

ڪانئي ڳاريا مون، **پنڌ جو** ني تو ڪيو.

ڪاني= گهڙامنجي> گهٽا + جيءَ. پنڌ جو= سڏو.

گهٽا جيءَ ڳاريا مون، سڏو ني تو ڪيو.

[1924]

مرض ڙي من مينڌرا! نہ تہ **ذاتيون** پيون بہ گهٽيون.

مرض= موهيڙو. ذات= جيها.

موهي ڙي من مينڌرا! نہ تہ تو جيها پيا بہ گهٽا.

مومل جو سومل کي پاڻ سان سمهارڻ

[1925]

نارنالي پاري جو آءُ، تہ مال جو اڃي تو **شهر** ڏي؟

نارنالو= ناتر. پاري جو= سيءُ> ڏسي. مال جو= ڪرهو. شهر= ڪاڪ.

ناتر! ڏسي آءُ، تہ ڪرهو اڃي تو ڪاڪ ڏي؟

[1926]

ڪانئيءَ جي ڪٽڪار، مون نہ ٻڌي **آزاري.**

ڪاني= ڪرهل. آزاري= اوڪ> آ + ڪاڪ.

ڪَرهل جي ڪٽڪار، مون نہ ٻُڌي آ ڪاڪ ۾.

[1927]

ڪيڙي جي نارنالي ڪاٺ تي، ذات جر جي شهر ۾.

ڪيڙي جي= پڳ. نارنالي= رکي. ڪاٺ جو=

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پايو. ذات= ٻهڻ> پيڻ. جر جي= سـتي. شهر=
قنبر> پر.
پـــڳ رکـــي پـــائي تـــي، پيـــڻ ســـُـتي پـــَـــر ۾.

[1928]

ڪاٺ جي چڏ رانـد جـون، نرنـانءُ کي شـهر پهچاءِ.
ڪاٺ جي= چانئٺ> چا اُٺ. راند جون= گوهيون.
نرنان= راڻو. شهر= ڪاڪ.
چـا اُٺ، چـڏ گوهيـون، راڻـي کـي ڪـاڪ پهچـاءِ.

[1929]

نرنالا پـُـٺَ ڪائيءَ جـا، تيتـر رانـد جـي نـہ ڪـر،
جيتـــر حاڪيمـــاڻي ڪيـــان.
نرنالو= گورو> گونرو. ڪائيءَ جي= چانئٺ>
اُٺ. راند جي= گوهي. حاڪيماڻي= سواري.
گونـرا پـُـٺ اُٺ جـا، تيتـر گوهـي نـہ ڪـر، جيتـر مـان
سـواري ڪيـان.

[1930]

اي **نرنـالا!** تـون **ڪپڙي** سان **باهہ جي** چـو نـہ ڪـرين؟
نرنالو= توڏو. ڪپڙي جا= وڳا> وڳَ.
باهہ جي= چـَري.
اي تـــوڏا! تـــون وڳـــن ســـان چـــري چونـــہ اُچيـــن؟

[1931]

نرنـــالو چڙهيـــو **وهـــٽ** تـــي، ســـو **نرنـــانءُ** ٿيـــو.
نرنالو= راڻو. وهٽ= توڏو. نرنان= ملوڪ.
راڻـــو چڙهيـــو تـــوڏي تـــي، ســـو بـــہ مَلـــوڪ ٿيـــو.

[1932]

رکـي **ڪـائي ولايـت** ۾، سـو تـہ **ٻولـي** ڪـري وئيـن.
ڪائي= ڪامر. ولايت= ڪچ. ٻوليءَ جو=
حرف> حرفي.
رکـــي ڪـــامرَ ڪـــڇ ۾، ســـو تـــہ حرفـــي ڪـــري وئيـــن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1933]

وهٽ جــي هٽــي **ڪــاٽ** تــي، **نرنــانءُ وُلايــت** ويــو.

وهٽ جي= ڪامر. ڪاٽ= ڪرهو. نرنانءُ= ڊوليو.
ولايت= ڊٺ.

ڪـــامر هٽـــي اُٿ تـــي، ڊوليـــو ڊٺ ويـــو.

[1934]

پڪــي پــوڪ ڪــائي، **نرنـــانءُ** ويــو **ڏيهــ** ڪــي.

پڪي= ڪونج> ڪو+رنج. پوڪ جي= وَلِ.
نرنانءُ= ڊولو. ڏيهہ= ڊٺ.

ڪــو رنــج ڪــري وَلَ، ڊوليـــو ويـــو ڊٺ ڪـــي.

[1935]

راڻو تــ **وڏي ذات** هــو. **مــرض جــي** ڪيئين ڪانــ،
ڪـــاٽ تـــي پيـــو.

ذات= وينجهار. مرض= گردو. ڪاٽ= هلڪو.

راڻـــو تـــ وڏو وينجهـــار هـــو، (وڏ) گـُــردو نـــ ٿيـــو،
هلڪـــو تـــي پيـــو.

[1936]

راڻـــو تـــ **ذات** هـــو، پـــر **ڪـــاني** تـــي پيـــو.

ذات= وينجهر> وينجهار. ڪاني= ناڙي> اَناڙي.

راڻـــو تـــ وينجهـــار هـــو، پـــر اَنـــاڙي تـــي پيـــو.

[1937]

جيـــت شـــهر ۾ پيــو، **نرنـــانءُ ولايـــت** ڪـان ويــو.

جيت= ڪَتر. شهر=ڪاڪ. نرنانءُ=راڻو. ولايت=
ريهان> رهاڻ.

ڪتـــر ڪـــاڪ ۾ پيـــو، راڻـــو رهـــاڻ ڪـــان ويـــو.

صبح جو سجاڳ ٿيڻ تي

[1938]

جر اَن جي تي ويئي، **ٻولــيءَ** ڪي **نرنـانءُ** ٿئي ڪانــ.

جر جي= رات. اَن جي= وهائي> وهامي. ٻولي=
جيءُ. نارنانءُ= جميعت.

رات وهـــامي ويئـــي، جـــيءَ ڪـــي جميعـــت ٿئـــي ڪانـــ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1939]

رات تہ راڳ ھو، مِـــرون ٻري ٻس ڪئي، اجان تـي
پــوڪ جــي پچيــن!

راڳ= سارنگ. مِرون= چراخ> چراغ> چراغن
(ڏيئن). پوڪ جي= ڍِلَ> سوڍل.

رات تہ سارَنگ ھو، چراغن ٻرِي ٻس ڪئي، اجان تـي
ســوڍل پچيـــن!

[1940]

رات پـي ذات تـي، مـرن پـي مـاٺ ڪئـي، نـہ نـالي
پريـــن جيتيـــــــن ڙي!

ذات= لنگهي. مرون= چراخ> چراغن. نالو= آيو.
جيت= مھلو> محلين.

رات پـي لنگهـي، چراغـن بـہ ٻـري چـپ ڪئـي، نـہ آيـو
پريــن محليـــن ڙي!

[1941]

نــــالو تـــــہ نــــــالو، نـــــــالو ڙي!

نالو= موسو> مون + سُئو. نالو= راڻو. نالو=
وتايو> رات + آيو.

مــــون ســـــُـــــئو تـــــہ راڻـــــو رات آيـــــو ڙي!

[1942]

ٻـُـڌ باھـہ جـي نـار، ڪـاٺ ڏيئـي ويـو عضـوي ۾.

باھہ جي= سَڙي. نار= سومل. ڪاٺ جي= ڪامَ.
عضوو= ڪيچ.

ٻــُــڌ ســـڙي مومـــل! ڪـــامَ ڏيئـــي ويـــو ڪـــيچ ۾.

[1943]

نارنـــان باھـــہ مـــان، نرنـــانءَ ٻـــار جـــو ڪيـــو،
پـــوءِ نارنـــان ســـان ذات جـــو تيوئـــي ڪيـــن.

نارنانءَ= سومل. باھہ(جي) =سڙي. نرنانءَ= راڻو.
ٻار جو= رسايو. نارنان= مومل. ذات= پِرپيا.

سومل سڙِي راڻو رُسايو، پوءِ مومل سان پِـرپيوئي ڪيـن.

[1944]

ڪانِي چڏي وٽ مون، **نرنانءُ شهر** چڙهي ويو.

ڪاني= ڪامر. نرنان= ڏوليو. شهر= ڏٿ.

ڪامر چڏي وٽ مون، ڏوليو ڏٿ چڙهي ويو.

[1945]

يـَري رچ وڪر جا، رات ٻه ٻاريا مون،
اَللهُ هن **اُپ** تي، **نرنان آٽيـن** تون.

رچ= ڏيو. وڪر= تيل. اُپ(جي) =ڪٽَ(تارن جي)
> ڪَٽُن. نرنان= راٽو.

يري ڏِيا تيل جا، رات ٻه ٻاريا مون،
اَللهُ! هِنن ڪٽن تي، راٽو آٽين تون.

[1946]

نالو چڏي مون کي، **شهر** چڏ نه تون،
پنهنجي هئي مون کي، **ڪـُڙمڪي** ڪئي نه تو.

نالو= سيتل> سُتل. شهر= ڪاڪ. پنهنجي= ننڊ.
ڪُڙمڪي= جوڳ> جاڳ> جاڳايو.

سُتل چڏي مون کي، ڪاڪ چڏ نه تون،
ننڊ هئي مون کي، جاڳايو نه تو.

سومل جو مومل کي طعنو

[1947]

نار! ويئي **نرنانءُ**، جنهن تي **مال جو** هو.

نار= مومل. نرنان= راٽو. مال= هيج.

مومل! وِيئي راٽو، جنهن تي (تنهنجو) هيج هو.

[1948]

جيت پيو **شهر**ِ، ته **نرنانءُ** نه آيو.

جيت= ڪڪر> ڪُوڪرو. شهر= ڪاڪ. نرنانءُ = راٽو.

ڪُوڪرو پيو ڪاڪ ۾، ته راٽو نه آيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مومل جو راڻي ڏي قاصد موڪلڻ

[1949]

نرنانءَ جي **حاڪيماڻي** ڪي، **ليڪي** ڏينهن ٿيو.

نرنانءَ= راڻو. حاڪيماڻي= رهاڻ. ليڪي جو= چوٿو> چوٿون.

راڻي جي رهاڻ ڪي، چوٿون ڏينهن ٿيو.

[1950]

ستَ جا وڏا هٿ **نرنالا** تنهنجي **نار** ڪي.

سُتَ جا= واجهہ. نر نالو= راڻو. نار= رهاڻ.

واجهہ وڏا هٿ راڻا! تنهنجيءَ رهاڻ ڪي.

[1951]

ذات هٿاسين جڏهن، **شهر** پئي وُنو تڏهن،
انهي **نرنالي** ڪُون **ڪڪن جا** پلا، اها **نار نالي**
ٿيندي ڪڏهن؟

ذات= ڪانڌڙا> هيڪاندا. شهر= ڪاڪ. نرنالو= جيوڻ. ڪکن جا= مُوئا. نار نَالو= ريهاڻ.

هيڪاندا هٿاسين جڏهن، ڪاڪ پئي وُنو تڏهن،
انهيءَ جيئڻ ڪوئن مٺا پلا، اها رهاڻ ٿيندي ڪڏهن؟

[1952]

اڳي هن **شهر** ۾، **پکي مال جي** ڪندا هئا،
هاڻي منهنجي **شهرن** ۾، **جيت** **پولي** ناهي.

شهر(جو) = محلات. پکي= طوطو. مال جي= تنوار. شهر(جو) = ڪوٽ> ڪوٽن. جيت= پنؤر. پولي= پُٽڪو.

اڳي هن محلات ۾، طوطا تنوارِيندا هئا،
هاڻي منهنجي ڪوٽن ۾، پنؤرن پٽڪو ناهي.

[1953]

نالو رکي وئين مينڌرا، **نالا** ڪيا ٿي تو،
نالي اچين ٿو ڪينڪي، **عورت** مون نہ اچي.

نالو= محبت. نالو= احسان. نالو= موٽـو> موٽي.
عورت= جميعت.
محبت رکـي وئيـن مينـڌرا، احسـان کيـا تـي تـو،
موٽـي اچيـن تـو کينکـي، جميعـت مـون نـہ اچـي.
[1954]
وٽ نالي جي تو نہ ڪئي، **ڪپڙي جي** ڪري وئين.
وٽ جي= رس. نالو= محبت. ڪپڙي جي= ڇني.
رس محبـت تـو نـہ ڪئـي، ڇنـي ڪـري وئيـن.
[1955]
ڪپـڙي رهـان مينـڌرا، تـون **عـورت گاهـہ** لهيـج.
ڪپڙو= پهراڻ> پئي + حيران. عورت= سگهڙ>
سگهڙي. گاهہ= سَر> سارَ.
پئـي حيـران رهـان مينـڌرا، تـون سـگهڙي سـار لهيـج.
[1956]
جڏهن **نرنانءُ** هيو تہ **ذات ڙي**، نہ تہ مون **ڪڪيـن** ڇڳي.
نرنان= راڻو. ذات= ڪاڪا> ڪاڪ. ڪکن جي= مُئي.
جڏهن راڻو هيو تہ ڪاڪ ڙي، نہ تہ مون(آءٌ) مُئي ڇڳي.
[1957]
رچ ڪيـم رنگـي، مـن راڻـل **ذات ٺئـي**.
رچ= ڪُپڙا> ڪپڙا. رنگ=ڪارو> ڪارا.
ذات= اوڏ> اوڏو.
ڪپـڙا ڪيـم ڪـارا، مـن راڻـل اوڏو ٺئـي.
[1958]
ٻولـي ڪپـڙ جـا، وڪـر تـو.
ٻولي= ويهہ> وهُ. ڪپڙ جا= وهاڻا. وڪر= سوڍا.
وکر= سُئا> سَواءِ.
وهـہ تيـا وهاڻـا، سـوڍا! سـواءِ تـو.
[1959]
اي **نـالا**، اي **نرنانءَ**، تـو ٻـن **نـالن نـانءَ** ڦٽا ڪيـا.
نالا= راڻا. نرنانءَ= سوڍا. نالن= باغن. نانءَ= گل.
اي راڻـا اي سـوڍا! تـو ٻـن بـاغن گـل ڦٽـا ڪيـا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1960]

ٻار وارا! هن **مرض** تي، **موت جا** ڏيئي وئين.

ٻار وارا= اوراڻا> او + راڻا. مرض= ڪاڪ.

موت جا= ڍَڪر.

او راڻا! هن ڪاڪ تي، ڍَڪر ڏيئي وئين.

[1961]

اڳي تہ **نالي** ايندو هئين، **نالي** ويندو هئين،

هاڻي تہ **نالي** اچين ڪونہ، توکي ڪنهن **نالي** جهليو آ.

نالو= پيروز> پيو روز. نالو= نظر. نالو=

ميهَن> منهَن.

اڳي تہ پيو روز ايندو هئين، روز ويندو هئين،

هاڻي تہ نظر اچين ڪونہ، توکي ڪنهن منهَن جهليو آ.

[1962]

اڳ تہ **اَن جي** ايندو هُون مينڌرا! هاڻي **نالي**

اچين ڪين.

اَن جي= ريڪت> ري + خط. نالو= پروانو.

اڳ تہ ري خط ايندو هُون مينڌرا! هاڻي پروانين اچين ڪين.

[1963]

ڪاٺ بلا ۾ سپرين، تون **شهر** ئُون آيو تيءُ.

ڪاٺ جي= ڳجهہ. بلا= ڳوهہ. شهر= ماڏو>

مان + ڏي.

ڳجهہ ڳوهہ ۾ سپرين، تون مان ڏي آيو تيءُ.

[1964]

ذات ئُون آءُ راڻا، تہ **ڳهہ** ۾ ڳالهايون.

ذات= اوڏ> اوڏڙو. ڳهہ= ڏيڍي.

اوڏڙو آءُ راڻا، تہ ڏيڍيءَ ۾ ڳالهايون.

[1965]

ڪپڙي نالي ڳالهڙي، تو ڪيئن **نرنانءَ** ڪيو؟

ڪپڙي(جو) = چوسو> چئو +سا. نالو=جاني. نرنانءُ=

ساماٿو> سان + ماٿو.

چئو سا جاني ڳالهڙي، تو ڪيئن مون سان ماٿو ڪيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1966]

راڻا! نالو ڪري، عضوي چمر جي نه.

نالو= ماڻڪ> ماڻو. عضوو= مُٺ> مُٺي.

چمر جي= مار.

راڻا! ماڻو ڪري، مُٺي مار نه.

[1967]

مال جا موتي آءُ، مان عضون ڏيان آرام.

مال جا= مينڊ> مينڊرا. عضوا= اڪڙيون.

مينڊرا! موتي آءُ، مان اڪڙين ڏيان آرام.

[1968]

باهہ جي آءُ راڻا! مان ڪوهہ جون روز ڪيان.

باهہ جي= اُماڙي> او + ماڙي. ڪوهہ جون=

ارڙيون> رڙيون.

او ماڙيءَ آءُ راڻا! مان رڙيون روز ڪيان.

[1969]

جر جن مارياس، حاڪيماڻي منهنجا پرين!

جر جا= چينهرا. حاڪيماڻا= عامل> آ + مل.

چينهرن مارياس، آءُ مل منهنجا پرين!

[1970]

اُٺ جي ڪر نہ سپرين، مون وٽ راند تي آءُ.

اُٺ= مهري> ڪُمهري. راند= رَچي> پرچي.

ڪُمهري ڪر نہ سپرين، مون وٽ پرچي آءُ.

[1971]

باهہ جا هڪ رات، ڪڙمڪي ساعت هڪڙي.

باهہ جا= آرڻ> آءُ + راڻل. ڪُڙمڪي= ڍِل> سوڍل.

آءُ راڻل هڪ رات، سوڍل ساعت هڪڙي.

[1972]

نار نالي نرنانءُ، گل مڇي شهر جا.

نار نالو= هاوڻي> هاڻي. نرنانءُ= راڻو. گُل=

ڪنوَل> ڪونر. مڇي= ڪُمر> ڪماڻا. شهر=ڪاڪ.

هاڻي آءُ راڻا! ڪونر ڪُماڻا ڪاڪ جا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1973]

وٽيــن آئيــن ميــان مينــڌرا، تـــ **ٻولـــيءَ** آءُ تـــون.

وٽ= چانهہ> چاهہ> چاهي. ٻوليءَ(جي) = چلي.

چـــاهي آئيـــن ميـــان مينـــڌرا، تـــ چلـــي آءُ تـــون.

[1974]

اي ميان **نرنـان**، تـون **شـهر** آ، تـ تـو ۾ مـون وڇان وڃي **گاهـ** نـڪـري.

نرنان= راڻو. شهر= ڪاڪ. گاهہ= سيءُ.

اي ميـــان راڻـــا! تـــون ڪـــاڪ آ، تـــ تـــو ۾ مـــون وڇـــان وڃـــي ســـيءُ نڪـــري.

[1975]

نـار نـالي وٿ آءُ منهنجا پرين، آءُ **نـالي** هـاٽي آهيـان.

نار نالو= حليمان> هلي مان. نالو= عيبو> عيبن.

هلي مـان وٿ آءُ منهنجـا پريـن، آءُ عيبـن هـاٽي آهيـان.

[1976]

گهر جـو وڃـايمر **نرنـانءَ** تنهنجي ڪـاڻ، تـون تـو اجـان **پـوڪ جـا** ڪريـن!

گهر جو= مارنگ> مان + رنگ. نرنان= ڊولڻ.

پوڪ جا= ويچا.

مـان رنـگ وڃـايو ڊولـڻ تنهنجـي ڪـاڻ، تـون تـو اجـان ويچـــا ڪريـــن!

[1977]

وڪـــر مـــون ڏي راڻـــا! مـــان **پـــوڪ** نهاريـــان تـــي.

وڪر= آنورا> آءُ + وري. پوڪ جون=راهُون.

آءُ وري مـون ڏي راڻـا! مـان راهُـــون نهاريـان تـــي.

[1978]

ڪوهـــ جـــي نهاريـــان، راڻـــل مـــان **اَن جـــون**.

ڪوهہ جي= نيسر> نئين + سر. ان جون= راهون.

نئيـــن ســـر نهاريـــان، راڻـــل مـــان راهـــون.

[1979]

پکـــي اچ راڻـــا، **کـــاٺ جـــي** چڙهـــي آءُ.

پکي= باز. ڪاٺ جو= ڪرهو> ڪرهي.

بــــاز اچ راڻــــا، ڪــــَــــرهي چڙهـــــي آءُ.

[1980]

اَن چڙهـــي آءُ راڻـــا! مـــان **ذات** اُڏايـــان.

اَن= مـُهري(دال)> مَهري. ذات= ڪَنگ> ڪانگا.

مـَــهريءَ چڙهـــي آءُ راڻـــا! مـــان ڪـــانگ اُڏايـــان.

[1981]

ڳهـ جـي ڪـاٺ جــو، تـہ منهنجـو **نرنـانءَ** اچـي.

ڳهہ جي= لنوءُ. ڪاٺ جو= ڪانو> ڪانءُ.

نرنانءُ= سڄڻ.

لـــَـــنوءُ ڪـــانءَ، تـــہ منهنجـــو ســـڄڻ اچـــي.

[1982]

اڳـي تـہ مـون سا **علـم جـا** هيئي، پوءِ ڦري **رچ جـون،**

مـون ســان تـــہ **ذات**، پـــر **مـــال** ڳـــالهيون پيـــون،

اسين بہ پيا **ڪڙمڪي** هلنداسون، تون بہ وڃي **پير** ٿيون.

علم جا= عهد. رچ جون= مـَـنيون. ذات=

مانجهند. مال= منجهيون> منجهئي. ڪڙمڪي=

حال هلائي. پـير= چـُـنو.

اڳـي تـہ مـون سـان عهـد هيئـي، پـوءِ ڦـري مـَــنيون،

مـون سان تـہ مـانجهند هـو، پر منجهئي ڳـالهيون پيـون،

اسـين بـہ پيـا حـال هلنداسـون، تـون بـہ وڃيــن چـُـــنو.

[1983]

لوهـــہ جـــو ڏســـي، **ڪـــاٺ جـــو** آ مينـــڊرو.

لوهہ جو= قيمو> ڪي +مون. ڪاٺ جو= بـَـر> بميو.

ڪـــي مـــــون ۾ ڏســـي، بميـــو آ مينـــــڊرو.

راڻي جو جواب

[1984]

جڏهن **عورت وڪر** ڏنر مرد سان، تڏهن **نرنان** ٿي ويس.

عورت= مومل. وکر= مستي> سُتي. مرد=
سيتل. نرنان= ڪارو.
جڏهن مومل سُتي ڏنر سيتل سان، تڏهن ڪارو تي ويس.

[1985]

ڪوڙ نہ ڪر، رَچ ئون تڙ ڪيئي،
ڇوڙي ست ڪپڙ جون، جر جون نرنانءَ سان،
اجان بہ راڻو، مِرون هئو ڙي مومل!

ڪوڙ= مڪر. رچ= دِلي. تڙ=ڦِنو. سُٽ جون=
ڪَهيون. ڪپڙ جون= ڪنجريون. جر جون=
سُتيون> سُتينءَ. نرنانءَ= سيتل راءِ. مِرون=
ڏوهيو> ڏوهہ.

مَڪر نہ ڪر، تو دليئون ڦنو ڪيو،
ڇوڙي ڪهيون ڪنجرا، سُتينءَ سيتل راءِ سان،
اجان بہ راڻي جو ڪو ڏوهہ ڙِي مومل!

[1986]

جر جي نرنانءُ سان، پڪي تہ نہ.

جر جي= سُتي> ستينءَ. نرنانءُ= سيتل راءِ.
پڪي=اَلُ.

سُتينءَ سيتلَ راءِ سان، اَلُ تہ نہ.

[1987]

نالو تنهنجي شهر تي، ڪيئن جر جي ڪٽي ايندو!

نالو= راڻو. شهر= ڪاڪ. جر جي= ڪَرَ.

راڻو تنهنجي ڪاڪ تي، ڪيئن ڪَرُ ڪٽي ايندو!

[1988]

مومل ڪي تہ هنڌ جي هئي، پر راڻي وجي ذات ڪئي.

هنڌ جي= صفائي. ذات= هُليا> هلائي.

مومل ڪي تہ صفائي هئي، پر راڻي وجي هُلائي.

مومل جو راڻي کي جواب، ۽ موتي اچڻ لاءِ منٿون

[1989]

اي **نالا**، اي **نرنان**، آءُ تہ **سگيٽي پار جي**، تون تو **نرنانءُ** چوين!

نالو= راڻو. نرنان= مينڌرو. سگيٽي= پيڻ.

پار جي= سُتي. نرنان= سيتل.

اي راڻا، اي مينڌرا، آءُ پيڻ سان ستيس، تون تو سيتل چوين!

[1990]

مون تہ **ناري متيءَ جي**، پر تو **اک جي** کئي ڪانہ.

ناري= سومل. متيءَ جي= هارِيَ> سمهاري.

اک جي= جهاتي.

مون تہ سومل سمهاري، پر تو جهاتي پاتي ڪانہ.

[1991]

جر جون ڇڏي، **ڪانيءَ جو** رکي، **مرض** ڪري وئين،

تنهن ڪان ڇو نہ مون کي، **پکيءَ جي** ڪري هليو وئين!

جر جون= سُتيون. ڪانيءَ جو= لَڪڻ. مرض=

بدنام. پکيءَ جي= ڪُني> ڪُهي.

سُتيون ڇڏي، لڪڻ رکي، بدنام ڪري وئين،

تنهن ڪان ڇو نہ مون کي، ڪُهي هليو وئين!

[1992]

شهر کي ناهي **ٿامي جي**، پر **ذات** وارا، تو لڄايو **پنهنجو**.

شهر= ڪاڪ. ٿامي جي= ڪَس. ذات جا= سوڍا.

پنهنجو= ننگ.

ڪاڪ کي ناهي ڪَس، پر سوڍا، تو لڄايو ننگ.

[1993]

ڪپڙو مون کي بہ ڪيئي، پر **گاهہ** تون بہ ٿئين.

ڪپڙو= ڪارو. گاهہ= ڪَچو.

ڪارو مون کي بہ ڪيئي، پر ڪَچو تون بہ ٿئين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1994]

ڪُـــڙمڪا راڻــا، **مــال جــو** تــہ ڪريــن هـــا!

ڪُڙمڪا= بـلاڪ> بي + لائق. مال جو= هوش.

بـــي لائـــق راڻـــا، هـــوش تـــہ ڪريـــن هـــا!

[1995]

پڪـــي تـــيءُ راڻــا، **مـــال جـــا** ڏنئـي مـــون ڪـــي.

پڪي= ڪانئر. مال جا= گـَلا> گـلا.

ڪــانئر تـــي راڻــا، گـــــلا ڏنئــي مـــون ڪـــي.

[1996]

ڪـاٺ جـا چڙهـي، **ڪــاٺ پــوڪ جـــي** تئيــن راڻــا!

ڪاٺ جا= اوڳا. ڪاٺ جا= ڪَرها. پوڪ جي=

راهہ> راهي.

اوڳــا چڙهـــي ڪرهـــي تـــي راهـــي تئيـــن راڻـــا!

[1997]

راڻــا! چڙهئيــن **ڪـــاٺ جـــي، مــال جـــو** ئـي نـــہ.

ڪاٺ جو= ڪرهو. مال جو= پـُـچ> پڇئي.

راڻـــا! چڙهئيـــن ڪبـــــرهي، پڇئـــي نـــــہ.

[1998]

ڪاٺ جيئڻ نہ وجين ها **نرنان،** تہ ڪا **انسان جي** هئي.

ڪاٺ جي= ڪرسي> رسي. نرنانءُ= راڻو.

انسان جي= ڳالهہ.

رُســي نـــہ وجيـــن هـــا راڻـــا، تـــہ ڪـــا ڳالهـــہ هئـــي.

[1999]

راڻو تہ وڏي **ذات** هو، پر مون سان ويو **جنــگ جا** ڪري.

ذات= ڪيمياگر. جنگ جا= زلزلا.

راڻو تہ وڏو ڪيمياگر هو، پر مون سان ويو زلزلا ڪري.

[2000]

راڻو وڏي **ذات** هو، مون ساڻس **عضـوي** جي ڪانہ ڪئي.

ذات= وينجهار. عضوو= ڳڃي> ڳڃي ڳارو.

راڻــو وڏو وينجهـــار هـــو، مـــون ســاڻس ڳڃـيءَ ڳـــارو
ڪونـــہ ڪيـــو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2001]

تاچي جيئن هجن، لوهہ جا ڏجن تن کي،
نالي بنان ڙي نرنان، وڻ نہ کجن.

تاجي= اوچي(چڊي، ننڍي)> اوچيون. لوهہ جا= يالا> اويالا. نالو= بيگن> بيگناهہ. وڻ= هيرڻ> هي +رڻ.

اوچيون جي هجن، اويالا ڏجن تن کي،
بيگناهہ ڙي راڻا! هي رڻ نہ کجن.

[2002]

جڏهن کپڙي جي ڏنئي کاٺ جي پر، تڏهن حاڪيماڻي چونہ ڪيئي!

کپڙي جي= پڳ. کاٺ جو= پائو> پائي.
حاڪيماڻي= جاچ.

جڏهن پڳ ڏنئي پائي پر، تڏهن جاچ چونہ ڪيئي!

[2003]

لوهہ وهٽ ڏنو هوئي، تہ علم جو ڪرين ها!

لوهہ(جو) = سُوئو> سُئي> سِي. وهٽ= متل> تل. علم جو= ڪلام> قتلام.

سيتل ڏنو هوئي، تہ قتلام ڪرين ها!

[2004]

هڏو ڏنئي، گاهہ نہ ڪيئي.

هڏو= ڪو شڪَ(وَهہ جو هڏو، مِک وارو هڏو)> ڪو + شڪ. گاهہ= ڪوتڪ> ڪو + تڪ(ياڱو اڌ)

ڪو شڪ ڏنئي، ڪو تڪ نہ ڪيئي.

[2005]

جڏهن ڏنا هوئي پيسا، تڏهن ڪرين ها پيسا،
هاڻي ڇو تو ڪرين پيسا؟

پيسا= ٻہ ٽڪا> ٻہ + ٽِڪيا. پيسا= ٽي ٽڪا> ٽيٽ ڪا. پيسا= ڇهہ ٽڪا> ڇَٽَ + ڪا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن ڏنا هوئي ٻه ٽِڪيا، تڏهن ڪرين ها ٿيٽ ڪا،
هاٽي چو تو ڪرين (مون مان) ڇَٽَ ڪا.

[2006]

ناٽي جي پٺي هيئي، تڏهن **ناٽي جا** ڪرين ها،
جڏهن **ناٽي جا** نہ ڪيئي، تڏهن **ناٽي جا** چو هٽين؟

ناٽي(جا) = ڇهہ ٽڪا> ڇَٽ ڪا. **ناٽي** جا=
ٿي ٽڪا> ٿيٽَ ڪا. ناٽي جا= ٻہ ٽڪا> ٻٽاڪ.

ڇٽ (خبر) ڪا پٺي هيئي، تڏهن ٿيٽ ڪا ڪرين ها،
جڏهن ٿيٽ ڪانہ ڪيئي، تڏهن ٻٽاڪ چو هٽين؟

[2007]

جڏهن **ڪاٺ جا** ڏنا هوئي، تڏهن **فقير جا** چو نہ ڪيئي؟

ڪاٺ جا= ٻِٽَ (ٻن آنگهن وارا). فقير جا=
ڳَيا (مانيءَ جا).

جڏهن ٻِٽ ڏنا هوئي، تڏهن ڳيا چو نہ ڪيئي؟

[2008]

جڏهن ٻيلي هئين تڏهن **متيءَ راند جي** ڪرين ها.

ٻيلي= توشڪي> تون + شڪي. متيءَ جي= سرَ. راند جي = ڪاٺ.

جڏهن تون شڪي هئين، تڏهن سرُ ڪاٺ ڪرين ها.

[2009]

ڪاٺ لنگهندي **هندڪا** ڏنئي، تڏهن تون **فاقيرا** ڪر!

ڪاٺ= در. هندڪا= گَڏون> گڏ.
فاقيرا= ٽُڪرَ.

در لنگهندي گڏ ڏنئي، تڏهن تون (وڃي) ٽڪر ڪر!

[2010]

نالا ڏنا هوئي **رات**، تڏهن **نارنان** توکان وئي،
جڏهن **نارنان شهر** هئي، تہ **شهر** ڪرڻا هوئي **ذات**!

نالو= دودو> دو. رات= ڳڏيل> گڏ. نارنان=
ڪلان> ڪَلا. نارنان= مومل. شهر= سانگهڙ>
ساگهر. شهر= ٻيراني> ٻيرا +ني. ذات= منڌرا>
مينڌرا.

دو ڏنا هوئـي گـڏ، تـڏهن ڪـلا توڪـان وئـي،
جڏهن مومل سا گهر هئي، تہ ٻيرا ني ڪرٽا هوئي مينڍرا!

[2011]

ڪپڙي جـي ڏنو هيئـي، تـہ ذات وجهيـن ها مينـڊرا!

ڪپڙي جي= ٻـِـٽَ. ذات= واڊا> وَڊي.

ٻـِـٽَ ڏنـو هيئـي، تـہ وڊي وجهيـن هـا مينـڊرا!

[2012]

جڏهن پڪـي نـالو ڏنئي شـهر ۾، تـڏهن ڪـاٺي ڪـرا!

پڪي= ٻچو. نالو= رتو. شهر= ماڙي. ڪاٺي=
چڪر> ڳَـچَ ڪر.

جڏهن ٻہ چور تو ڏنا ماڙيءَ ۾، تـڏهن ڳَـچ (تڪـر) ڪـرا!

[2013]

جڏهن جيت ڏنـو هـوءِ ڪـاڪ ۾، تـڏهن ڪاسـبڪي
ڪرين هـا!

جيت= ڪَـتَـرُ. ڪاسبڪي= وَڏَ.

جڏهن ڪتر ڏنـو هـوءِ ڪـاڪ ۾، تـڏهن وَڏَ ڪريـن هـا!

[2014]

پنهنجـا پڪـي، ڪپـڙي جـا تـہ نـہ!

پنهنجا= متاه> متان. پڪي> تاڙو> تاڙي (تاٽي).
ڪپڙي جا= ڪاپا> ڪپيئي.

متـان تـاڙي، ڪـَپـيئي تـہ نـہ!

[2015]

اول تـہ رانـد جـو ڪريـن هـا، جـر جـو پـوءِ.

راند جو= وارو. جر جو= ڍورو> ڍنڍورو.

اول تـہ وارو ڪريـن هـا، ڍَنـڍورو پـوءِ.

[2016]

جڏهن مـِـرون ڏنـو هـوءِ، تـہ نـار نـالي ڪريـن هـا:

مـِرون= پولو. نار نالو= صادر.

جـڏهن پولـو ڏنـو هـوءِ، تـہ صـادر ڪريـن هـا!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2017]

جڏهن نالو ڏنو هوئي، تڏهن کاچ جو ڪرين ها!

نالو= ڪوڏو> ڪو + ڏوهه. کاچ جو= پَت> ثابت.

جڏهن ڪو ڏوهه ڏنو هوئي، تڏهن ثابت ڪرين ها!

[2018]

جڏهن سون جي نه ڪيئي، تڏهن وڻ نه ڪرين ها،

جڏهن وڻ ڪيئي، تڏهن راند جي ته ڪرين ها.

سون جي= پرک. وڻ= هيرڻ> هي +رڻ.

راند جي= پچا ڳاڇا.

جڏهن پرک نه ڪيئي، تڏهن هي رڻ نه ڪرين ها،

جڏهن هي رڻ ڪيئي، تڏهن پچا ڳاڇا ته ڪرين ها.

[2019]

مقامن جا! جڏهن مرون ٿيئي، تڏهن مچي

کاچ جي ڪرين ها.

مقامن جا= مجاور> منهنجا وَرَ. مرُون= پولو.

مچيءَ جي= پُڇي. کاچ= پڪو> پَڪَ.

منهنجا وَرَ! جڏهن پولو ٿيئي، تڏهن پڇي پَڪَ

ڪرين ها.

[2020]

مال جيءَ آيوهئين نرنانءَ! پوءِ ڪاٺ جي وجين ڪيئن؟

مال جي= پڏي. نرنانءَ= راڻو. ڪاٺ جي=

دهلي> دهليو.

پَڏي آيو هئين راڻا! پوءِ دهليو وجين ڪيئن؟

[2021]

اي نالا! ذات، نرنانءَ نه ٿين ها، پوک جي اڇين ها،

ککن جي کامٽي ٻولي کي ٻولي.

نالو= راڻو. ذات= دهليا> دهلجي. نرنانءَ= ڏُورو>

دور. پوک جي=اور> اوري. ککن جو= سَنڌ>

سُڌ. کامٽي= سيائي> سيئي. ٻولي= ڪوڙ.

ٻولي= سچ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي راڻا دهلجي دور نہ تين ها، اوري اچين ها،
سُڌ سيئي پوئي ها تہ ”ڪوڙ ڪي سچ“.

[2022]

هوءَ راڳ نار نالي جو، تہ درياءَ ليکي جو ڪرين ها،
راڳ = ڪسوري> قصور. نار نالي = ڪامٺي.
درياءَ جو= مار> ماري. ليکي جو = مٽ.
هو قصور ڪامٺيءَ جو، تہ ماي مَٽُ ڪرين ها.

[2023]

راڻا! رات ڪري وئين، من ڪو ڏينهن تئي!
رات جي= اوندهہ. ڏينهن= آچر> آچار (انصاف).
راڻا! اوندهہ ڪري وئين، من ڪو آچار تئي!

[2024]

پاڻي تيءَ نہ سپرين، ذات مون ڏي آءُ.
پاڻي= باڙو. ذات= اوڏ> اوڏو.
باڙو (ٻول) نہ سپرين، اوڏو مون ڏي آءُ.

[2025]

ميچي هيس سيج تي، ڪنهن ميچيءَ مارايا‌س،
ميچي سمجهايس ڪينڪي، ڪنهن ميچيءَ ڦاسايا‌س،
انهيءَ وهم ورتياس، جو ميچي ميچي ڪري ويا.
ميچي= سينگاري. ميچي= ڦدڙي> ڦَند ڙي. ميچي=
مُڪري> مَڪر. ميچي= پلو. ميچي= پوپري> پرين.
ميچي= پلو> پري.
سينگاري هيس سيج تي، ڪنهن مڪر مارايا‌س،
پلي سمجهايس ڪينڪي، ڪنهن ڦند ڙي ڦاسايا‌س،
انهيءَ وهم ورتيابس، جو پرين پري ڪري ويا.

[2026]

ميچي مار نہ مينڌرا! ميچي آءُ نہ هياس،
ميچيءَ جي ڪري، ميچي آءُ نہ هياس،
ميچي هيس من ۾، ڪنهن ميچي مارياس؟
انهي وهم ورتياس، جو ميچي ميچي ڪري ويا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مچـي= مُـڪـر> مُـڪري. مـچي = سٽي> سُٽي.
مچي= سينگاري> سينگاري. مچي= سوٽي> سُتي.
مچي= ڏاهي. مچي= لوڙهہ> لهہ ڙي. مچي=
پوبري> پوءِ + پرين. مچي= پَلو> پلي.

مُــڪري مـار نــہ مينـڌرا! مُـــڪري آءٌ نـــہ هيـاس،
سُـــٽي سـينگاري سـيج تـي، سـتي آءٌ نـــہ هيــاس،
ڏاهـــي هيـــس ڏيـــل ۾، ڪنهــن لهـــہ ڙي لوڏايـــاس،
انهـــيءَ وهـــم ورتيـــاس، جـــو پريـــن پـــاڻ پلـــي ويـــا.

[2027]

نـــالا! نـــالو تـــيءُ، مـــرض اتـــم تنهنجـــو.

نالو= راڻو. نالو= راضي. مرض= عشق.

راڻـــا! راضـــي تـــيءُ، عشـــق اتـــم تنهنجـــو.

[2028]

جيـــت چـڏي وئيـن جـاني، شـل راڻـل نـالو ٿئيـن!

جيت= جُونءِ> جُوءِ. نالو= راضي.

جُـــوءِ ڇـڏي وئيـن جـاني، شـل راڻـل راضـي ٿئيـن!

[2029]

راڻـــا شـــهر تـــي، **پڪـــي** ڏسـان شـال ميـان!

شهر= آراضي> آءُ + راضي. پڪي= طوطو> تو +تن.

راڻـا! آءُ، راضـي تـيءُ، تـو تـَـنُ ڏسـان شـال ميـان!

[2030]

نرنـانءِ نـالو تـيءُ، حاڪيمـاٽيون شـهر تـي.

نرنان= راڻو. نالو= راضي. حاڪيماٽي= قنات>
قناتون. شهر= ڪاڪ.

راڻـا راضـي تـيءُ (ڪـوڙ) قنـاتون ڪـاڪ تـي.

[2031]

ڪـاڻ پـار جـو تـي ويـو نرنـان، ان جـو نرنـان،
ڪـري ائيـن الله، تـہ **نرنـان شـهر** اچـي.

ڪاڻ جو= وَرُ. پار جو= رسامون> رُسي.

نرنان= ولهو. ان جو= جيءُ. نرنانءُ= جاني.
شهر= ڍٽ.
وَرُ رُسي ويو ولهو، جيءُ جو جاني،
ڪري ائين الله، تہ ڍوليو ڍٽ اچي.

[2032]

اڪر پڪي رچ راند جا، ٻولي ذات ڪندياس،
نالي ڏي منجندياس، پري ڍول ڪپاهہ جا.

اڪر= ٻي. پڪي= هل> هر. رچ= ڪرو> مر ڪر.
راند جا= هل. ٻولي= مان. ذات= جانوري>
زاري. نالو= راڻو. ڍول ڪپاهہ جا= پهاڪا پرچاوَ جا.
پيهر هُل مر ڪر، مان زاري ڪندياس،
راڻي ڏي منجندياس، پري پهاڪا پرچاوَ جا.

مومل، سومل سرتين جي گفتگو

[2033]

عورت چيو عورت کي، مون کي نالو آڻي ڏي.

عورت= مومل. عورت= سومل. نالو= راڻو.
مومل چيو سومل کي، مون کي راڻو آڻي ڏي.

[2034]

شل نارنانءُ! ٻاهہ جي ذات ٿئين، تو فقير جي سان
منهنجو ذات راند جو ڪري ڇڏيو.

نارنان= سومل. ٻاهہ جي= سڙي. ذات= مري.
فقير جو= ڪريب. ذات= پوتار> پتار. راند جو=ٻلايو.
شل سومل! سڙي مرين، تو ڪريب سان، منهنجو
پتار ٻُلائي ڇڏيو.

[2035]

ٻيڙيءَ واري ڪان پچين ها تہ اهڙي حاڪيماڻي نہ ٿئي ها.

ٻيڙيءَ جي= مُوسالي> مون ساليءَ. حاڪيماڻي= حد.
مون ساليءَ کان پچين ها تہ اهڙي حد نہ ٿئي ها.

[2036]

لوهہ لڳم ڙي جيڏيون، آءُ ڪيئن **متيءَ جي** تيان؟

لوهہ(جو) = داغ. متيءَ جي= اڇي.

داغ لڳم ڙي جيڏيون، آءُ ڪيئن اڇي تيان؟

[2037]

جيت لڳو ڙي جيڏيون! **ڪاٺ** تہ منهنجي ڪي،

دعا ڪريو ڙي جيڏيون! من **نرنان شهر** اچي.

جِيت= ڏنگ. ڪاٺ(جو) = مَن. نرنان= راڻو.

شهر= ڪاڪ.

ڏنگ لڳو ڙي جيڏيون! من تہ منهنجي ڪي،

دعا ڪريو ڙي جيڏيون! من راڻو ڪاڪ اچي.

[2038]

باهہ جا ساري رات، **نرنانءَ** بنا ڙي سرتيون؟

باهہ جا= سيرڻ> سَي +رڻ. نرنان= سوڍو.

سي رڻ ساري رات، سوڍي بنان ڙي سرتيون!

[2039]

راڻو رات **جيئڏ** تي ويو، هلو مون سان **شهر جو** تي،

تہ هلي **مال جو** ڪريون.

جيئڏ= ڪَتر. شهر جو= ميڙ. مال جو= سمهڙو.

راڻو رات ڪترجي ويو، هلو مون سان ميڙ تي، تہ هلي

سمهڙو (سنئين منهن، راضي) ڪريون.

[2040]

جنگ جو لڳو مان کي، اوهين وجي ڪا **وڪر عضوي**

جي ڪريو.

جنگ جو= چَڪر. وڪر= مس. عضوو= لَت.

چڪر لڳو مان کي، اوهين وجي ڪا مصلحت ڪريو.

[2041]

جي **اک جي** هجيئي ها، تہ **مُلڪ** نہ وڃين ها.

اک جي= عينڪ> نڪ. ملڪ=مهراڻو> منهن + راڻو.

جي نڪ هجيئي ها، تہ مُنهن راڻي نہ وڃين ها.

مومل جو جوڳياڻي ٿي، راڻي جي پٺيان وڃڻ

[2042]

هٽي هٽ جي، ڪٽي ڪاٺ جي، وڃي ذات ٿينداسين.

هٽ جي= تاڙي. ڪاٺ جي= مُرلي. ذات= جوڳي.

هٽي تاڙي، ڪٽي مُرلي، وڃي جوڳي ٿينداسين.

[2043]

پاڻيءَ جيئن ايندياس، نرنانءَ تنهنجي ڏيهه تي.

پاڻيءَ جي= ڪَرَ. نرنان= ڍولو. ڏيهه= ڍٽ.

ڪَرَ ڪٽي ايندياس، ڍولا تنهنجي ڍٽ تي.

[2044]

ٻولي ۽ ٻولي، نرنانءَ نه ٻولي ته به ڪنديس تان ٻولي.

ٻولي= آزي. ٻولي= زاري. ٻولي= مجي.

نرنان= راڻو. ٻولي= ڪَري.

آزي ۽ زاري راڻي نه مڃي، ته به ڪنديس تان ڪري.

[2045]

ڳالهيون ۽ ڳالهيون راڻي نه ڳالهيون، ته به ڪنديس ڳالهيون.

ڳالهيون= چڱيون. ڳالهيون= مٺيون. ڳالهيون= سُٺيون. ڳالهيون= ڪريون.

چڱيون ۽ مٺيون، راڻي نه سُڻيون، ته به ڪنديس ڪريون.

[2046]

اي نالا! موٽي آءُ، مان ذات ٿي آهيان.

نالو= راڻو. ذات= جوڳي.

اي راڻا! موٽي آءُ، مان جوڳياڻي ٿي آهيان.

[2047]

عورت ساز ڪٽي ذات ٿي، نرنان نالو ٿيوئي ڪونه.

عورت= مومل. ساز جي= مُرلي. ذات= جوڳي> جوڳياڻي. نرنان= راڻو. نالو= رِيڊو.

مومل مُرلي ڪٽي جوڳياڻي ٿي، (پر) راڻو ريڊوئي ڪونه.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2048]

تـوڙي راند جون هـُـونِ، تـہ بہ **وٽـن** رسـين مينـڌرا!

راند جون= شطرنجون. وٽ= توت> تون + تـنِ.

تـوڙي شـطرنجون هـون، تـہ بہ تـون تـن رسـين مينـڌرا!

[2049]

راڻـي **مـال جـي**، ڏسـي **وكـر كـاني** تـي.

مال جي= سجاڻپ> سجاتي. وكر= لسڻ.

كاني= پانهن.

راڻـي سـجاتي، ڏسـي لسـڻ پـانهن تـي.

[2050]

گهـر جـون، حاكيمـاڻيون، جيئـڏ گهـوڙي جـا

كريـن تـون،

هـٿ كـاٿ علـم جـو، مـرض لڳـي ويـو مـون،

فقيـر مـرون مـال جـو، وكـر كريـن هـا تـون،

نـالو نـالي كـان، هـو **نـالو** كيـو مـون.

گهـر جـون= ميڙيـون. حاكيمـاڻيون= چيڙيـون.

جيئڏ= كينئـون> مـُـكيون. گهـوڙي جـا= اڃـڻ>

اڃيـن. هـٿ جـو= تـورو> تـو + ري. كـاٿ جـو=

پلنـگ. علـم جـو= خـال> خـالي. مـرض= غـم.

فقير جو= قيرو. مرون جو= قتيل. مال جو= داغ.

وكر= ميٺ> ميٺين. نالو= پـَيو> پايـائي. نـالو=

پـَلـُو> پلي. نالو= پـِني لڏو.

ميڙيـون چيڙيـون (مـون)مـُـكيون، هيكـر اڃيـن هـا تـون،

تـو ري پلنـگ خـالي ٿيـو، تـڏهن غـم ٿيـو مـون،

قيـرو ڏيئـي قتيـل جـو، اڇـي داغ ميٺيـن هـا تـون،

پايـائي پلـي كـان، كـو پـِـنـي لـڏو هوئـي مـون.

[2051]

جـڏهن **نرنـانءَ** ڏنـوءِ، تـہ **كـانيءَ جـي** كريـن هـا.

نرنان= محب> مون + عيب. كانيءَ جي= مات.

جـڏهن مـون ۾ عيـب ڏنـوءِ، تـہ مـات كريـن هـا.

[2052]

اي **نرنانءَ!** منهنجو **عضوو** توسان، تون ڇو ڏڪارين؟

نرنان= راڻو. عضوو= دل.

اي راڻا! منهنجي دل توسان، تون ڇو ڏڪارين؟

[2053]

نرنانءَ ڪر نہ مون ڪي، ڏي **شهر** ڏڪيءَ ڪي مينڌرا!

نرنانءَ= ڪوڙو> ڪَڙو. شهر= ڏيجي>

ڏي + جيءَ.

ڪڙو ڪر نہ مون ڪي، ڏي جيءَ ڏڪيءَ ڪي مينڌرا!

[2054]

باهہ جي تہ ڪيئي، پر **چم جي** تہ ڪر.

باهہ جي= ڪاري. چم جي= رُوءِ> روبرو.

ڪاري تہ ڪيئي، پر روبرو تہ ڪر.

[2055]

راڻا! **رڃ جيت، جر جي** نہ ڪر.

رڃ= ڏِڪ. جيت= ڏڪڻهاري. جر جي= واءِ.

راڻا! ڏِڪ ڏڪڻهاري، واءِ واءِ نہ ڪر.

[2056]

ڪاٺ گهوڙي ولها، **ذاتيون** نہ ڏي مون،

جر جي آءُ نہ هياس، **نرنانءُ** هئين تون.

ڪاٺ= وَرو> وري. ذات= ڏهاڳ. جر جي=

ڏاهي. نرنانءُ= خاوند.

وري آءُ گهوڙي ولها، ڏهاڳ نہ ڏي مون،

ڏاهي آءُ نہ هياس، خاوند هُئين تون.

[2057]

وڻ گهوڙي جا ولها، ڏي **پيڙيءَ جا** مون،

مڃي آءُ تيان، **پہ نالا** تئين تون.

وڻ= اڪ. گهوڙي جو=لوَند. پيڙيءَ جو=سهاڳ.

مڃي= ڏاهي. پہ نالا= هڪ نالو راڻو، ٻيو راضي.

عقلوند ولها، ڏي سهاڳ مون،

ڏاهي آءُ تيان، راڻا! راضي تيءُ تون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2058]

ڪاچ جون چڏيون، جي **نالو** ڏين تہ ڏيانءِ **راند جون**.

ڪاچ جي= مومڙائي> مون مڙئي. نالو= رسيو> رُسڻ. راند جون= ڳرهاتڙيون.

مون مڙئي چڏيون، جي رُسڻ چڏين تہ ڏيانءِ ڳرهاتڙيون.

[2059]

هيءَ **نار نالي** آ تنهنجي، راڻا! پل **ذات** ڪري چڏ.

نار نالي= سسئي> سِسي. ذات= واڍا> وَڍي.

هيءَ سِسي آ تنهنجي، راڻا! پل وڍي چڏ.

[2060]

اي **نالا! نالو** وٺي آءُ، تہ توکي **ڪپڙي جو** ڏيان.

نالو= راڻو. نالو=آمين. ڪپڙي جو= پلئہ.

اي راڻا! آمين وٺي آءُ، تہ توکي پلئہ ڏيان.

[2061]

پنهنجون مان ڏيانءِ، تہ **نرنانءَ** مون وٽ ناهہ.

پنهنجون= ساڪون. نرنان= سيتل.

ساڪون مان ڏيانءِ تہ سيتل مون وٽ ناهہ.

[2062]

مينڌرا! **شهر** وٺين، هاڻي **ذات** ڪي.

شهر=مٺياري> مٺي + ياري. ذات= ملوڪاڻي> مرَ +لوڏ +ڪاڻي.

مينڌرا! مَٺي ياري وٺين، هاڻي مرَ لوڏِ ڪاڻيءَ ڪي.

[2063]

نرنان! نرنان ڏار، مج منهنجون **مال جون**.

نرنان= سوڍو. نرنان= سُرتيو> سرت. مال جون= ميڙون.

سوڍا! سُرت ڏار، مج منهنجون ميڙون.

[2064]

اي **نالا**، اي **نرنان**! تنهنجو **نالو** پڳو نہ مان،
جي **نر نالو** وٺين، تہ توکي **نالو** ڏيان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نالو= سودو. نالو=راڻو. نالو= سيرو> سير.
نر نالو= سڪو> ساڪ. نالو= پريو> پر.
اي سودا، اي راڻا! تنهنجو سير پڳو نه مان،
جي ساڪ وٽين، ته توکي پر (خاندان) جي ڏيان.

[2065]

راڻا! تو ڪاڻي، مون نه ڪاڻي.
ڪاڻي= سري (سريل) > سري.
راڻا! تهو سري، مون نه سري.

[2066]

مومل هڏ ٻولي هئي، پر راڻي کي ٻولي تي آئي.
ٻولي= سچي. ٻولي= ٺوهه.
مومل هڏ سچي هئي، پر راڻي کي ٺوهه تي آئي.

[2067]

راڻي پئي راند جي ڪئي، تڏهن مومل پئي مڇيءَ
جان تي.
راند جي= ڦِٽي. مڇيءَ جو= ڦَٽڪو> ڦٽڪي.
جڏهن راڻي پئي ڦٽي ڪئي، تڏهن مومل پئي ڦٽڪي.

مومل جو ڏاڳهه چڙهڻ

[2068]

آءُ تي ڪڏ ڪڻان، من راڻو ڳاهه ٿئي!
ڪڏ= چَر. ڳاهه= ويساهه.
آءُ تي چَر ڪڻان، من راڻو ويساهه ڪري!

[2069]

ڪاچ ڪرين ته ڪاچ ڪر، نه ته ڪڻ ڪاچ جي.
ڪاچ= پَتِ. ڪاچ جي= چربي> چَر +بي.
جي پَتِ ڪرين ته پَتِ ڪر، نه ته ڪڻ چَر بي.

[2070]

ٻولي ڪاچ نرناڻ، متي شهر مال جو،
سُت جا نارنان تان، وچ ناٽي جا لاهي.

ٻولي= سگهو. ڪاڄ جو= رَس. نرنانءِ= راڻو.
شهر= ڪاڪ. مال جو= ڪاهيو> ڪاهي.
سُٽَ جا= مونجهارا. نار=نال مومل. ناٽي جا= لَڪَ.
سگهو رَس راڻا! متي ڪاڪ ڪاهي،
مونجهارا مومل جا، وچ لَڪَ لاهي.

[2071]

ڪاغذ ۾ فقير جو، ڪو نرنان وجي ڏي،
نار اتئي ڪڪن جي، جنهن سين مال جو هيئي.
ڪاغذ= حقيقت. فقير جو= حال. نرنانءِ= قاصد.
نار= مومل. ڪڪن جي= مُئي. مال جو= هيج.
حقيقت هن حال جي، ڪو قاصد وجي ڏي،
مومل مُئي اتئي، جنهن سان هيج هيئي.

[2072]

ڪا ڳَت جي، فقير جي، وجي نرناءَ کي چئو،
نار مُئي ڙي نرنان، ڏڻ جو جنهن سان هو.
ڳَتَ جي=هال جي. فقير جي= حقيقت. نرنان=
راڻو. نار= مومل. ڏڻ جو= هيج.
حال جي، حقيقت جي، وجي راڻي کي چئو،
مومل مُئي ڙي مينڌرا، هيج جنهن سان هو.

[2073]

مِٽي مالين ڏينديا‍س، مون کي ملڪ ڏيکار.
مٽيءَ(جي) = سرَ. مال= ڏاگها> ڏاگهين.
مُلڪ= مُهراڻو> منهن + راڻا.
سر ڏاگهين ڏينديا‍س، مون کي منهن راڻا ڏيکار.

[2074]

جيت ۾ آءُ راڻا! مان باهه جا ڏيکاريانءِ.
جِيت= ماڪوڙي> مان + ڪوڙي. باهه جا=
جهَڙڪا.
مان ڪوڙي ۾ آءُ راڻا! مان جهَڙڪا ڏيکاريانءِ.

[2075]

نارنـان وڻ چڙهـي، نرنـان پهـڻ جـي چيـو، ٻولـي
نرنان هندوءَ جي ڪريـون.

نارنان= مومل. وڻ جي= ڏاڪ> ڏاگهہ. نرنانءَ=
راڻو. پهڻ جي= روهي> روئي. ٻولي= آءُ.
نرنان= پرين. هندوءَ جي= پرچي> پرچون.
مومل ڏاگهہ چڙهي، راڻي روئـي چيـو، آءُ تہ پريـن پرچـون.

باب ٻارهون

سُرائتيون ڳجهارتون: راءِ ڏياچ

انيراءِ ۽ راءِ ڏياچ جي جنگ

[2076]

جر جن متي مال جا پُڇن ئي ڪين.

جر جا=نارَ> گرنار. مال جا= گورا.

گرنار متي، گورا پڇن ئي ڪين.

ٻيجل جو جهوناڳڙهه وڃڻ، ۽ راءِ ڏياچ ڪان سر گهرڻ

[2077]

منگتو فقير ٿلهو هو.

فقير= پنڻو. ٿُلهو= مَڱُ.

منگتو پنڻو مَڱُ هو.

[2078]

نرنانءَ شهر متي، مال جن ۾ هو.

نرنانءَ= جاجڪ. شهر= جهوناڳڙهه. مال جو=

ڊونڊِو> ڊونڊڻ.

جاجڪ جهوناڳڙهه ۾ ڊونڊڻ ويو.

[2079]

شهر ۾ پوڪ جون، ڪو ڏنار آيو ڙي.

شهر= استنبول> تنبيل. پوڪ= تار> تارون.

ڏنار (جو) = چارڻ.

تنبيل ۾ تارُون وڄيون، ڪو چارڻ آيو ڙي.

[2080]

لڳي لوهه جي، ٿي مال جي، مِٽي هيٺ نرنانءَ جي.

لوهه جي= تند. مال جي= تنوار. مٽيءَ(جي) =

ماڙي. نرنانءَ= ملوڪ.

لڳي تند، ٿي تنوار، ماڙيءَ هيٺ ملوڪ جي.

[2081]

مال جو وجهي پوڪ جن ۾ آيو، اهو نالوئي نيندو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مال جو= تارون (اُٺ جو). پوک جون= تُنبيون.
نالو= سلطان> سر + تان.
تـاروُن وجهـي تـُـنبن ۾ آيـو، اهـو سـِــــر تـان نينـدو.

[2082]

ڪـاٺ جـو آيـو فقيـر، جنهـن ڳهـ پوتـي رات.
ڪاٺ جو= آرو. فقير= مڱڻهار. ڳهہ= لٺون.
پوتي= جاڳائي.
آري آيـو مڱڻهـار، جنهـن لٺـُـون جاڳـائي رات.

[2083]

رچ ذات ڦاٽـا ڪـاچ جـو، نرنـان اُتـي اوزار هئـو.
رچ= جام> جان. ذات= منگتا. ڦاٽي(جا) =
آلاپ. ڪاچ جو= پڪو> ڪيو. نرنانءُ= راءُ.
اوزار= سُئو.
جـان منگتـي آلاپ ڪيـو، راءَ اُتـي سـُـئو.

[2084]

وَل جـي ۾ نـالو لڳـو، تنهـن ۾ پـ وٽيـون، تنـي نـالو ڦٽـايو.
ول جو= تُنبو. نالو= تارو> تارُون. پہ وٽيون=
پپريون> پہ + پُريون. نالو= رام> آرام.
تـُـنبي ۾ تـاروُن لڳيـون، تنهـن ۾ پـ پـُـريون، تنـي آرام ڦٽـايو.

[2085]

اوزار راڳ جـن نرنـانءَ ڪـي شـهر ڪيـو.
اوزار= رندو> سُرندو. راڳ جن= سُرن. نرنانءُ=
ڏياچ. شهر= دهلي> ڏهلي.
سـُـرندي جـي سـُـرن، ڏيـاچ ڪـي ڏهلـي وڏو.

[2086]

نرنـانءَ وڳـو راڳ ٿيـو، هـن ڪـامڻ جـي اڳيـان.
نرنانءُ= اُپنگ. راڳ= ڪينرو. ڪامڻ= راڻي.
اُپنـگ وڳـو ڪيـنرو ٿيـو، هـن راڻـيءَ جـي اڳيـان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2087]

نالي لوهہ جا ڪٺي، ڪامڻ ڪي نارنانءَ ڪيو.

نالو= چٺنچل. لوهہ جا= چنگ. ڪامڻ= راڻي.

نرنانءَ= حُوران> حيران.

چٺنچل چنگ ڪٺي، راڻيءَ کي حيران ڪيو.

[2088]

نرنان پاهڻ مال، سو وکر مون وٺي.

نرنان= بيجل. پاهڻ= ٿوبي> ٿو + ٻي. مال=

ڳاءِ (ڳٺون). وکر= سُرمون> سُر + مون.

بيجل ٿو ٻي ڳاءِ، سو سُر مون وٺي.

[2089]

نار نالي پڇئي تہ ولايت تون.

نار نالي= وَس. ولايت= ڪرني> ڪر + ني.

وس پڇئي تہ ڪرني تون.

[2090]

هيءَ جو آيو نرنانءَ، ذاتين ۾ پيو،

تنهن کي ڪي ڏيو، من مرض ٿئي.

نرنانءَ= بيجل. ذات= ڪنبراڻي> ڪنب + راڻين.

مرض= موراهي> مئو + راهي.

هيءَ جو بيجل آيو، ڪنب راڻين ۾ پيو،

تنهن کي ڪي ڏيو، من مَئو راهي ٿئي.

[2091]

چمہ جو آيو منگتو، جنهن جي ڪاني بجڙي آهہ،

وڻ وجهندو راڻين ۾، پکي پنهنجو لاءِ.

چمہ جو= موجو(موزو)> مئو + جو. ڪانيءَ جو=

پوئري. وڻ= راڙهو. پکي= ڪاوُس> ڪو + وس.

مُئو جو آيو منگتو، جنهن جي پوئري بجڙي آهہ،

راڙهو وجهندو راڻين ۾، ڪو وَس پنهنجو لاءِ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2092]

پـــوڪ جـــا نـــار نـــالي، ذات عضـــوي ڙي.

پوڪ جا= نار> گرنار. نار نالي= ڏجاٽي. ذات=
چارڻ. عضوو= مـُٺ> مٺيون.

گرنـــار جـــون ڏجـــاٽيون، چـــارڻ مـــُــــٺيون ڙي.

[2093]

جيئـن تـو وڻ جـو ڪـري، تيئـن تـو ذاتيـن ۾ پـوي.

وڻ= مئو راڙي> مئو + راڙيون. ذات= ڪنبراٽي>
ڪَنب + راٽين.

جيئن تو مـُئو راڙيون ڪري، تيئن تو ڪنب راٽين ۾ پوي.

[2094]

نرنـانءُ آيـو، مـــال چڙهـــي بيـنـو شــهر گهـري.

نرنانءُ= منگتو. مال= اُٺ> چانٺٺ. شهر=
سري> سـِرُ.

منگتـــو آيـــو، چـانٺٺ چڙهـــي بيـنـو ســـِـرُ گهـــري.

راءِ ڏياچ جو بيجل کي دان آڇڻ

[2095]

ڪـاٺن سـان پـري ڏيـو، چـمـر جـي هـن نرنـانءُ کـي.

ڪاٺن(جا) = مـُهرا> مـُهرن. چمر جي= تيلهي.
نرنانءُ= مگڻ> مگڻ + هار.

مـــُهـــُرن سـان پـري ڏيـو، تيلهـي هـن مگڻهــار کـي.

[2096]

آءُ فقير چـمـر ڪـاٺ جـا، هـيءُ نارنـالي توڪـي ڏيـان.

فقير= جاچڪ. چمر جا= جهونا. ڪاٺ جا= ڳڙهہ.
نار نالو= زرينا> زر + ني.

آءُ جـاچڪ جهوناڳڙهہ جـا، هـيءُ زر نـي توڪـي ڏيـان.

[2097]

شـهر نـالن سـان ڏيانءِ، تنهـن جـي متئـون لوهـہ جــي.

شهر=لکي> پالکي. نالو= جهوڙو> جهـُوڙن.
لوهہ جي= چـَڙي> چڙهي.

پالڪي جهوڙن سـان ڏيانءِ، تنهـن جـي متئـون وڃ چڙهـي.

[2098]

نـــار مڱيــن منگتــا، تــہ **نــــار نـــالي** تـــو ڏيـــان.

نار= راڄي> راڄ. نار نالو= سپائي> سپوئي.

راڄ مڱيـــن منگتــا، ســـہ ســـپوئي تـــو ڏيـــان.

[2099]

وٽ **ٻولـــي** منگتـــا، وڃ **شـــهـــر كـــي** كٽــــي.

ٻولي= هونهين. شهر جي= ڪيميا.

وٽ هونهيـــن منگتـــــا، وڃ ڪيميـــــا كٽــــي.

[2100]

هـــيءِ **ذات** وجـــي، منهنجـــو تـــہ **نـــالو** تٿـــي.

ذات= جانوري> جان + وري. نالو= ننڊو>

ننڊا (گـلا).

هـــيءِ جـــان وري وجـــي، منهنجــي تـــہ نـــنڊا تٿـــي.

ٻيجل جو ناٹي وٹڻ کان انڪار ۽ سرُ گهرڻ

[2101]

جيڪـبي **ذاتئيـن** وينــدا، ســي **نـــالو** چونـــہ كنـــدا!

ذات=جانوري> جان + وري. نالو= ننڊو> نـنڊا.

جيكـــي جـــان وري وينـــدا، ســي ننـــدا چـــو نـــہ كنـــدا!

[2102]

نـــالو نـــالي آهيـــان، ڏي **نــــالو ڏاتـــار**!

نـــالي نـــالا پـــنان، تـــہ **ذات** گهٽـــا هئـــا.

نالو= نذر> نہ زر. نالو= طالب. نالو= مصري>

مرَ + سـري. نالو=ماڻڪ. نالو=موتي. ذات= اُتيرا> اُتي + راءِ.

نـــہ زر طـــالب آهيـــان، ڏينـــم ســـــري ڏاتـــار!

، مـــاڻك موتـــي پنـــان تـــہ اُتـــي راءَ گهٽـــا هئـــا.

[2103]

اي ميان **جر جا سوداگر**، تـو وٽـان **مال جـا** موتـي ويـا؟

جر جا= نارَ> گرنار. سوداگر=ڏٿي. مال جا=

جهـُـڪ (جهوڪون)> جاجڪ.

اي ميـان گرنـار جـا ڏٿــي، تــو وٽــان جـاجڪ موتـي ويـا؟

[2104]

ڪپڙي پيڙيءَ جا ڏٽي، مون ڪي رڇ ڏيار!

ڪپڙو= جهونو. پيڙيءَ جو= ڳڙهه. رڇ= تسري> ٽ + سري.

جهوناڳڙهه جا ڏٽي، مون ڪي ٽ سِري ڏيار!

[2105]

ڪپڙو جن متي، آءُ ب نالو تن جو.

ڪپڙي(جي) = تاجَ> تاجُون. نالو= طالب> طالبُو.

تاجون جن متي، آءُ ب طالبُو تن جو.

[2106]

آيس پوڪ مال تي، نالو ڏي ت نرنانءُ ٿيان.

پوڪ= تماڪ> طماعو. مال= توڏو> تو +ڏي.

نالو= مُهت. نرنانءُ= نهال.

آيس طماعو تو ڏي، مهت ڏي ت نهال ٿيان.

[2107]

ذات آيس تو ڏي، هٿيار ڏي ت ذات چون توکي.

ذات= سيال> سوالي. هٿيار= مصري(تلوار)> سِري.

ذات= جسراج> جس + راج.

سوالي آيس توڏي، سري ڏي ت جس راج چون توکي.

[2108]

شهر ڏٽي! اهو رڇ وڻ چا ڏي ذات ڪبون.

شهر= جهوناڳڙهه. رڇ= تاسري> سِري. وڻ= ڪونيت. ذات= پَت.

جهوناڳڙهه ڏٽي! اها سري چاڏي پَت ڪُون.

[2109]

نالو نرنالو آهين، ت ولايت مون ڪيَ ڏي.

نالو= سخي. نرنالو= ڏاتار. ولايت= سرو> سِري.

سخي ڏاتار آهين، ت سري مون ڪيَ ڏي.

[2110]

تُلهي ٻاجهوُن ذات، نار نالي ڪُڏي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تُلهي= ماسيري> مان + سري. ٻاجهئون= توهر>
تو هان. ذات= گهريا> گهري. نار نالي=
سامان> سا + مان. ڪُڏي= ڪيڏي> ڪي + ڏي.
مان سِري تو هان گهري، سا مان ڪي ڏي.

[2111]

ٻولي ڪڙمڪي، جيئڏ نهين.
ٻولي= ڪَهر> ڪُهي. ڪُڙمڪي= ڪيپراتي.
جيئڏ= ڏيڏر> ڏي + ڏر (ڊپ).
ڪُهي ڪيپراتي ڏي، ڏر نهين.

[2112]

ڏي عضوي جي، مِرونءَ جي نہ.
عضوي جي= ڪيپراتي. مرونءَ جي= ڏرِ.
ڏي ڪيپراتي، ڏَرُ نہ.

[2113]

ذات، پر ڪاٺ نہ.
ذات= ڏيپر> ڏي + پر. ڪاٺ(جا) = ڏَڪُ.
ڏي، پر ڏَڪُ نہ.

سورٺ جون ٻيجل ڪي آزيون

[2114]

ڪپڙي جي تنوار نہ ڪر، تون ڪر ٻنن ڪکن ڪوئن بس،
جي نرنالا تون گهرين، تہ آهن منهنجي وس.
ڪپڙي جي= تند. ٻنا ڪک= آلاپن. نر نالا=
ماڻڪ ۽ موتي.
تند تنوار نہ ڪر، تون ڪر آلاپن ڪان بس،
جي ماڻڪ تون موتي گهرين، تہ آهن منهنجي وس.

[2115]

ڪاٺ منگي منگتو، ڪو وڻ ئون آيو ڙي!
ڪاٺ= نهيرو> نہ + هيرو. وَڻ= اَڪ>
عڪ> عڪس.
نہ هيرو منگي منگتو، ڪو عڪسوئن آيو ڙي!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2116]

سُتَ جي وٽي مَ مون، جا **پنهنجي** ڪئي آ تو.

سُتَ جي= سائي. پنهنجي= وائي.

سائي وٽي مَ مون، جا وائي ڪئي آ تو.

[2117]

نالو گهر منگتا، تہ **پنهنجي مال** جو تئين.

نالو= ناصر> نا + سِر. پنهنجي = ڪمائي.

مال جو= ڪُٽ.

نا سِر گهر منگتا، ڪمائي تي ڪُٽُ تيئي.

[2118]

اي **نالا!** چڏ **پوڪ** جي، تہ توکي **نار نالي** ڏيان.

نالو= بيجل. پوڪ= مُندي.. نار نالو= زرينا>

زر + ني.

اي بيجل! چڏ منڌي، تہ توکي زر نيٰ ڏيان.

[2119]

اي **ڳَنڻوارا!** تو **نرنالي** ڪي، **اوزار** تي **سونَ جو** ڪيو.

. ڳنڻ وارا= چار> چارڻ. نرنالو= راءِ ڏياچ. اوزار=

رَندو> سُرندي. سون جو= رجائڻ> ريجهايو.

اي چارڻ! تو راءِ ڏياچ کي سُرندي تي ريجهايو.

[2120]

نالوءِ نالو، هڻ **پاهڻ جو** پيو.

نالو= راءِ ڏياچ. نالو= ريڏو. پاهڻ جو= گهرڪو>

گهر +ڪو.

راءِ ڏياچ ريڏو، هاٿي گهر ڪو پيو.

[2121]

مِرون بولي تو ڏيان، مَ گهر **عضوو نرنانءُ** جو.

مِرُون= تازي. بولي= گهوڙا. عضوو= مَتو.

نرنانءُ= ملوڪَ.

تازي گهوڙا تو ڏيان، مَ گهر متو ملوڪ جو.

[2122]

اي نرنـالا ذات ٻـار جـي ڪـري ڪـئـيـن نـالا نـي،
راءِ مـان پـوڪ مـرض جـي نـہ ڏينديـس هڪـڙي.

نر نالو= بيجل. ذات= مـَهر. ٻار جي= ٻاني.
ڪئين نالا= هيرو ۽ ماڻڪ. پوڪ جو مرض= رتي.

اي بيجـل! مهربـاني ڪـري هيـرا مـاڻڪ نـي،
راءِ مـان رتـي نـہ ڏينديـس هڪـڙي.

[2123]

تـون آئـيـن پنهنجـي ڪـري پنـڌ جـي تـو ڏيـان،
نـالو چـوانءِ تـي، ذات اتـر، مـال جـو ڪجـان.

پنهنجي= هامر. پنڌ جي= زره> زر. نالو= جانُو>
جانو. ذات= هڪڙا> هڪڙو. مال جو= ٿارو.

تـون آئيـن هـامر هٽـي، زر تـو ڏيـان،
جـانو پريـانءِ تـي، هڪـڙو اتـر، ٿـارو ڪجـان.

[2124]

چـڏ پـوڪ جـي، وٿ پڪـي، وڻ جـو مـان تـان ڪـر.

پوڪ جي= مُندي. پڪي= متاهُہ> متاع.
وڻ جو= ٿارو.

چـڏي مـُـنـدي، وٿ متـاع، ٿـارو مـان تـان ڪـر.

[2125]

جيـيـت ڏيـانءِ نرنـان ڪـاٿن جـا ٻـہ هـزار،
چـڏ پـوڪ جـي پچـار، پڪـي ڪٽـي وچ پـاڻ سـان.

جيت= ماڪوڙيون> مان + ڪوڙيون. نرنانءِ=
منگتو. ڪاٺ جون= مُهريون> مُهرن. پوڪ جي=
مُندي. پڪي= متاهُہ> متاع.

مـان ڪوڙيـون ڏيـانءِ منگتـا، مـُـهرن جـا ٻـہ هـزار،
چـڏ منـديءَ جـي پچـار، متـاع ڪٽـي وچ پـاڻ سـان.

[2126]

ڪـاٺ ڪـاٺو تـو ڏيـان، نـي ڪـاٺوئـي ملـڪ ميـان،
عضوي ڪنديـن ڪـوهـ، ڪـُـنـي ڪنديـن ڪيـن ميـان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاٺ= ڪهڙ> ڪهڙين> ڪوڙين. ڪانو= ڪجائو
>ڪجاوا. ڪانو= نيسارو> ني + سارو. ملڪ =
ڏيهه. عضوو= سِري. ڪُني= رڌي.

ڪوڙيــن ڪجــاوا تــو ڏيـان، نــي ســارو ڏيهـــ ميـــان،
ســـِري ڪنديــن ڪوهـــ، رڌي ڪينـــدي ڪيـــن ميـــان.

[2127]

وٺ نـالن جا نرنانءَ، مـال جــيءَ ۾ ڏڏ جــي اتئــي؟
نالو= لڪمڻ> لڪ + مڻ. نرنانءَ= موتي> موتين.
مال جي= ڪيپراتي. ڏڏ جي= ڇاڇ> ڇا.

وٺ لڪ مـــڻ موتيـــن جـــا، ڪيپراتـــيءَ ۾ ڇـــا اتئـــي؟

[2128]

ڪڻ ڪانئين جا هزار، ڇڏ پـوڪ جـي پچار، نـي نـالوئي
پـــاڻ ســـان.

ڪانئيءَ جون= مهريون> مهرون. پوڪ جي=
مُنڊي. نالو= جيئرو.

ڪڻ مهرن جا هزار، ڇڏ مـُـنڊيءَ جي پچار، نـي جيئرو ئي
پـــاڻ ســـــان.

[2129]

هــي نـــالو تـــي ڏيـــانءِ، وجـــي نـــالي ۾ ڏيڪـــار،
اسـان وٺ ڇـڏ نــ پهـڻ جـو، وجـي نــالي پڪـــي ڏار،
هـيءُ نـ ڪپـڙ جـو ڪيـراءُ، جنهـن تـي آهـي نرنـانءَ.
نالو= ڏَمالي> ڏَن + مالُ. نالو= جڳت> جڳ.
پهڻ جو= ڪَسيرو. نالو= سونو. پڪي= ڪڪڙ.
ڪپڙ جو= ڇَٽُ. نرنانءَ= مدار.

هـــي ڏَن مـــال تـــي ڏيـــانءِ، وجـــي جـــڳ ۾ ڏيڪـــار،
اســان وٺ ڇـڏ نـــ ڪســيرو، وجــي ســونو ڪڪــڙ ڏار،
هـــيءُ نـــ ڇـــٽ ڪيـــراءِ، جنهـــن تـــي آهـــي مـــدار.

[2130]

نـــالا ذاتيـــون تـــو ڏيـــان، نرنـــانءَ ڏيڪـــارج مـــون،
منهنجـو لاهـي تـون، شـــهر نـــ نـبي ميـــان منگتـــا!

نالو= بادل. ذات= دَل. نرنانءَ= ڏيوو> ڏيهہ.

شهر= ڇٽ.

دل بادل تو ڏيان، ڏيهہ ڏيکارج مون،
منهنجو لاهي تون، ڇٽ نہ ني ميان منگتا!

[2131]

هڪڙي ڪاريگرجي پنهنجو ڏي مون، ٻي عورت تون.

ڪاريگر جي= توَڻ (اگرن واري ڪوري).

پنهنجو= ويلو. عورت= نينگر> ني +گهر.

هڪڙي توَڻ ويلي جي ڏي مُون، ٻي گهر ني تون.

[2132]

رنگ بـَلا تو ڏيان، ونءِ نرنالو تي.

رنگ= نيلو> نيل. بـَلا= پـَدم. نر نالو= راضي.

نيل پدم تو ڏيان، ونءِ راضي تي.

[2133]

نـِڪر بلائون تو ڏيان، نرنانءَ جر جو نہ.

نڪر جي= نيل. بلائون= پدم. نرنانءَ= جيئرو.

جر جو= ڪـَپ.

نيلون پدم تو ڏيان، جيئري ڪـَپ نہ.

[2134]

مرض اتئي منگتا، ڪاڄ جي نہ گهر.

مرض= گنج. ڪاڄ جي= پورت> پوءِ + رت.

گنج اتئي منگتا، پوءِ رت نہ گهر.

[2135]

پوڪ جو اتئي، ڪپڙي جي ڪرين تہ ٻولي نہ ڪر.

پوڪ جو= اسم. ڪپڙي جي= مڄ> مڄين.

ٻولي= ڪيس.

اسم اتئي، جي مڄين تہ ڪيس نہ ڪر.

[2136]

نالو اتيئي منگتا، هاٽي ذات ڪر.

نالو= آڍو> ڍوَ. ذات= مزاري> مرَ + زاري.

ڍوَ اتئي منگتا، هاٽي مرَ زاري ڪر.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2137]

ذات تـي نـہ منگتـا، اهـڙا ڪـاڄ جـا نـہ ڪجـن.

ذات= ڪاسائي. ڪاڄ= پاپڙ> پاپ.

ڪاسـائي تـي نـہ منگتـا، اهـڙا پـاپ نـہ ڪجـن.

[2138]

پکـي نرنـانءُ ڪٺـي ذات ڪـر!

پکي= نرڙو (ڪڪڙ)> نر + ڙي. نرنانءُ= منگتو.

ذات= ڪُهاوڙ> ڪهيا + وڙ.

تـَـرُڙي منگتـا، ڪـُـهيا وڙ ڪـر!

[2139]

آءُ فقيـر! گهـوڙي جـا، تـہ مـال جـا توکـي ڏيـان.

فقير= جاجڪ. گهوڙي جا= ڇهبڪ> ڇا + ٻُڪ.

مال جا= آڪا.

آءُ جـاجڪ جـا ٻـُـڪ، تـہ آڪـا توکـي ڏيـان.

[2140]

پنهنجـو اٿـي نرنـانءُ جـو، تـہ وجـي نـالو ڏئينـس.

پنهنجو= لاچار. نرنانءُ= انيراءِ. نالو=جيئرو.

لاچـار اٿـي انيـراءِ جـو، تـہ وجـي جيئـرو ڏئينـس.

[2141]

نـالو تـو نـالو مـون، نـي نـالو پـاڻ سـان، پکـي نـہ.

نالو= گهريو. نالو= ڏنو. نالو= جيئرو. پکي=

پرمارُ> پر + مار.

گهريو تـو ڏنو مـون، نـي جيئـرو پـاڻ سـان، پـر مـار نـہ.

[2142]

نـالو اٿـي، نـالو نـي، پکـي نـہ.

نالو= پـَرتو. نالو= جيئندو. پکي=ڪوهي> ڪُهي.

پرتـو اٿـي، جيئنـدو نـي، ڪـُـهي نـہ.

[2143]

پکـي ڏينديـس ڪينڪـي، نـر نـالو ونـي وڃ.

پکيءَ ڪوهي> ڪُهي. نر نالو= جيئرو.

ڪـُـهي ڏينديـس ڪينڪـي، جيئـرو ونـي وڃ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2144]

هي نالو وچ وني، پکي نہ ڙي منگتا!

نالو= جيئرو. پکي=پرمار> پر + مار.

هي جيئرو وچ وني، پر مار نہ ڙي منگتا!

[2145]

وڏو نالو کاٺ جو.

وڏو= کهنو> کُهہ + نہ. نالو= راجا. کاٺ جو= نيسارو> ني + سارو.

کُهہ نہ، راجا نہ سارو.

[2146]

اي فقير! وڻ جي نالي جر جو تي، توکي نالي ۾ متيءَ جي ڏيان.

فقير= پند. وڻ جو= لاهہ> الله. جر جو= مُڙڻ> مُڙي. نالو= بادل> بَدل> بدلي. متيءَ جي= سِرَ> سِرُ.

اي پند! الله جي نالي مڙي وچ، توکي بدلي ۾ (پنهنجو) سِر ڏيان.

[2147]

پوک جي نيندين، کاٺي ايندئي کانہ، تون نالي کي ڏينديں.

پوک جي= مُندي. کاٺي= کتب. نالو= انيراءِ.

مُندي نيندين، کتب ايندئي کانہ، تون انيراءِ کي ڏينديں.

[2148]

کاٺ متيءَ جا فقيرا لوهہ جوڻ کر.

جي لوهہ جو کنديں، تہ کاٺ ايندئي کين.

کاٺ جي= نيسر> نہ + سريا. متيءَ جي= سِر.

لوهہ جو= کَپ. کاٺ= کتب.

نہ سريا فقيرا سر نہ کپ، جي کپينديں تہ کتب ايندئي کين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2149]

شهر ئي فقير، پر ڪاڻي ايندءِ ڪينڪي.

شهر= چاڱسري> چاءِ + سر. ڪاڻي= ڪتب.

چاءِ سِر فقير! پر ڪتب ايندءِ ڪينڪي.

[2150]

منگتا! يلي نالو، حاڪم جي ڪونہ چوئي.

نالو= ڪٽپر> ڪٽ + پر. حاڪم جي= ورجس>
وري + جس.

منگتا! يلي ڪَٽِ، پر وري جس ڪونہ چوئي.

راءِ ڏياچ جو سر وڍڻ

[2151]

سڱ تو نہ آهہ، پہ انگ ذات جو.

سڱ= سَسُ> سستو. پہ انگ> سوُ +دو> سودو.
ذات= مڱٿهار.

سستو نہ آهہ، سودو مڱٿهار جو.

[2152]

نالو نالي ڏين، تہ بہ نالو پرچي ڪينڪي.

نالو= سونو. نالو= ڳهٽو. نالو= پيجل.

سونا ڳهٽا ڏين، تہ بہ پيجل پرچي ڪينڪي.

[2153]

نالا نالي ڏين، تہ بہ ذات نالي ڪين ميان!

نالو= هيرو. نالو=موتي. ذات= چارڻ. نالو=
سَرتو> سرچي.

هيرا موتي ڏين، تہ بہ چارڻ سرچي ڪين ميان!

[2154]

نرنان سرچي ڪينڪي، جنهن کي ذات ڪکن جي آهہ.
ڪاسبڪي ڪپڙو، عورت وهٽ ئون ڪين وڃاءِ.

نرناڻ= پيجل. ذات= ڊيڊ. ڪکن جي= نُڪ.
ڪاسبڪي= آزي. ڪپڙو= صافو> انصافئون.
عورت= وِينگس. وهٽ جو= وڙ.

پيجل سرچي ڪينڪي، جنهن کي ڊيڊڪي نَڪ آهہ،
آزيون انصافئون وينگس جون، وڙئون ڪين وجاءِ.

[2155]

ڪڪ جي ذات ڪي، تڏهن نہ جر جو.
ڪڪ جي= نُڪَ. ذات= ڊيڊ. جرجو= مُڙڻ> مُڙيو.
نُڪَ (هيس) ڊيڊڪي، تڏهن نہ مُڙيو.

[2156]

آءُ تہ پوڪ مال جي ذات توکي ڏيان.
پوڪ جي= لُٽي. مال جي= سري. ذات= منگتا.
آءُ تہ لُٽي سري منگَتا توکي ڏيان.

[2157]

ڏيئي هٿيار ذات ڪوئن، تون فاقيرو وٽ.
هٿيار= ڪات. ذات= ڪلها> ڪُلها. فاقيرو=
ڪونرو> ڪوري.
ڏيئي ڪات ڪلهن ڪوئن، تون ڪوري وٽ.

[2158]

ڪڻ هٿيار، وڍ عضوو، ڪات جو نہ.
هٿيار= ڇُري. عضوو= سِري. ڪات جو= ڏڪُ.
ڪڻ ڇُري، وڍ سِري، ڏڪ نہ.

[2159]

نالو نرنان کي، تو جنٔب متيءَ جي ڏئي.
نالو= راءِ ڏياچ. نرنان= پيجل. جنٔب جو= نائو>
نايو. متيءَ جي= سر.
راءِ ڏياچ، پيجل کي تو نايو سِرُ ڏئي.

[2160]

وڪر وڪر شهر ڙي.
وڪر= واس> واسي. وڪر= ڏوپ> ڏوپي.
شهر= چانيسري> چائي + سِري.
واسي ڏوپي چائي سِري ڙي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2161]

لوهہ جو شهر ۾ پيو، جڏهن **نرنانءُ** تي **پنهنجو** نيو.

لوهہ جو= ڪوڪو> ڪوڪٽ. شهر= جهوناڳڙهہ.

نرنانءُ= پيجل. پنهنجو= سِر.

ڪُوڪٽ جهوناڳڙهہ ۾ پيو، جڏهن پيجل تي سِرُ نيو.

[2162]

ملڪ ئون **مال جي** آئي، تنهن ڪي **پولي** ڪنهن نہ ڪيو.

ملڪ= طرف. مال جي= تڪبير. پولي= رَدي> رَدُ.

طرفئون تڪبير آئي، تنهن ڪي رد ڪنهن نہ ڪيو.

[2163]

پيجل جو **نالو**، راءِ ڪي **ساز جي ميناج** ماريو.

نالو= مُوسو> موسو (بهانو). ساز جو= سڳو.

ميناج= ساءُ.

پيجل جو موسو، راءِ ڪي سڳي جي ساءُ ماريو.

[2164]

نالي سندي **پاراٺي نالو** مارايو.

نالو= قابل. پاراٺو= ڪِينرو. نالو= ڪامل.

قابل سندي ڪِينري، ڪامل مارايو.

[2165]

جر جو پسي **پوک جي**، **عورت مال جو** ڪيو،

پاراتي ڪان پوءِ، **ذات زمين جو** ٿيو.

جر جو= ريلو. پوک جي= رُت> رَتُ.

عورت=سورٺ. مال جو=ڪُوڪرو. پَاراتو=

هي وڍيا. ذات= چارڻ. زمين جو= رڻ.

ريلو پسي رت جو، سورٺ ڪُوڪرو ڪيو،

هي ڙي وڍيا چارڻ، تو ڪهڙو رڻ ڪيو!

[2166]

نرنان پڇي **مال واري** ڪان، تہ ڪنهن عضوو نيو

مرد جو؟

نرنانءُ= هوتي> هوءَ + تي. مال واري= اُن.
عضوو= سرُ. مرد= ڪانڌ.
هُوءَ تي پچي اُن ڪان، تَہ ڪنهن سِرُ نيو ڪانڌ جو؟
[2167]
پوڪ پڪي نيئي، اُتي ڪپڙي جي ڪر!
پوڪ جو= نسرڻ> سِرُ. پڪي= سوالي.
ڪپڙي جي= ڏڙ.
سِرُ سوالي نيئي، اُتي ڏڙ جي ڪر!
[2168]
ڏسيو ڪاچ پرينءَ جو، وٺيو ڪاڄ روئي،
انهيءَ ڪاچ سان، شل منهنجو ڪاڄ هوئي!
ڪاڄ= لوڙهہ (لاش).
ڏسيو لوڙهہ پرينءَ جو، وٺيو لوڙهہ روئي،
انهي لوڙهہ سان، شل منهنجو لوڙهہ هوئي!
[2169]
اَن ڪان آءُ نہ پانيان، جيڪا مون سان ولايت ڪئي.
اَن(جا) = تُهَہ> تو. ولايت= عرب> رب.
توڪان آءُ نہ پانيان. جيڪا مون سان رب ڪئي.
[2170]
عضوا لوهہ ڳڏئي، هُڻ ڪيا ذات ڙي!
عضوو= سر. لوهہ جو= ڪپ. ذات= منگسي> منگيسي.
سِرُ ڪَپ ڳڏئي، هڻ ڪيا منگيسي.
[2171]
ايندو پانيم ڪينڪي، مال جو ماڙيءَ تي،
پاراٽي هيس بي خلل، ان جا عضون تي،
پر ڪا نرنانءُ جي لوهہ جي لڳي پنهنجي ڪي،
ويو هٿيار جو ڪري، مان هٿ جي هاٽي چا ڪريان.
مال جو= چارڻ. پاراٽي= سُتي. اَن جا= پَل.
عضوو=انگ. نرنانءُ=راڳ ڏياچ. لوهہ جي= تار.
پنهنجو=تن. هٿيار جو= وارُ. هٿ جي=مٽِ> مُٺي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اينـــدو يـــانيم ڪينڪـــي، چـــارڻ مـــاڙيءَ تـــي،
ســـُـتي هيـــس بـــي خلـــل، وجـــي پلنـــگن تـــئي،
پـــر ڪـــا راءِ ڏيـــاچ جـــي، تـــار لڳـــي تـــن ڪـــي،
ويـــو وارُ ڪـــري، مـــان مـــُـنـي هـــاٽي چـــا ڪريـــان.

[2172]

ڪڪـــن جـــو لوهـــہ تيـــو، ايـــڏو ڪـــو فقيـــر جـــوا

ڪَڪن جو= جهـُـڳو. لوهہ (جو) = تالو> طالع.
فقير جو= جرجلو.

جهـــُــڳو طـــالع (بربـــاد) تيـــو، ايـــڏو ڪـــو جرجلـــو!

[2173]

نرنـــانءَ نڪتـــو شـــهر مـــان، وڪـــر جـــي ڪٽـــي،
نرنـــانءَ گـــڏيو ڪونـــہ ڪـــو، جنهـــن ڪـــي ڏئـــي ڪٽـــي.

نرنانءَ= جوڳي. شهر= جهوناڳڙهہ. وڪر جي=
ڪتوري. نرنانءَ= سالڪ.

جوڳـــي نڪتـــو جهوناڳڙهـــہ مـــان، ڪتـــوري ڪٽـــي،
ســـالڪ گـــڏيو ڪونـــہ ڪـــو، جنهـــن ڪـــي ڏئـــي ڪٽـــي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب تيرهون

سُرائتيون ڳجهارتون: سهڻي ۽ ميهار

ميهار جو اچڻ ۽ سهڻيءَ سان عشق

[2174]

نالو هٿ جو واڻڪو، پر هي ڪاريگر نار جو.

نالو= تُلو. هٿ جو= ليکو. واڻڪو= واپاري.

ڪاريگر= سوداگر. نار= سهڻي.

تُلي ليکي واپاري، پر هيءُ سوداگر سهڻيءَ جو.

[2175]

پڪي ڪان ڏڌ جي، سهڻيءَ پيتي سڪ جي.

پڪي= ميهار. ڏڌ جي= مهي.

ميهار ڪان مَهي، سهڻيءَ پيتي سڪ جي.

[2176]

جر جي پيتائين ڪپڙي جي، تڏهن ذات ذات ٿي.

جر جي= سُرڪي. ڪپڙي جي= هَڙ> ساهڙ.

ذات= موچي> مَچي. ذات= مستوئي> مست.

سُرڪي پيتائين ساهڙ جي، تڏهن مچي مست ٿي.

[2177]

سهڻي پنهنجي ۽ پڪي جي، پر مرونءَ جي نه.

پنهنجي= سُرڪي. پڪي جي= چڪي. مرونءَ جي= رسي.

سهڻي سُرڪي چڪي، پر رسي نه.

[2178]

نرنان توکي ذات ڏني، تنهن مان تون ڪپڙي جي.

نرنان= ميهار. ذات= مسرڪ> سُرڪ.

ڪپڙي جي= جهلي.

ميهار توکي سُرڪ ڏني، تنهن مان تون جهَلي.

[2179]

لوهه ڪپڙي لڳياس، ساز ڪنيو نرنانءَ ڏسي.

لوهه= ڪرڪي. ڪپڙو= ڪيس. ساز= ڪرناءِ>

ڪر. نرنانءُ= ميھار.

ڪَــرڪي ڪيس لڳيــاس، ڪــرَ ڪنيــو ميھــار ڏســـي.

[2180]

نالا ڪپڙي جن، تن ست جن وجي باھہ جي ڪئي.

نالو= پيلو. ڪپڙي جي= ٻُري> ٻُرن. سُٽ جو=

چـَڙو> چڙن. باھہ جي= چري.

پيلـي منجھہ ٻــُـرن، تـن چـڙن وجـي چـَـري ڪـئـي.

[2181]

شـھر ئون منجھہ وڻن، تن لوھہ ڪپـڙ جـي آھيـان.

شھر= پيلو. وڻ= ٻير> ٻيرن> ٻُرن. لوھہ جو=

چـَڙو> چـَڙن. ڪپڙ جي= چولي> چوري.

جـي پيلـي منجھہ ٻــُــرن، تــن چـَـــڙن چـوري آھيــان.

[2182]

جڏھن گاھہ ۾ تـي لوھہ لڳـا، تـڏھن تـي ذات ڏنـم.

گاھہ= پراڙ. لوھہ= سنيار. ذات= ميھار.

جڏھن پـراڙ ۾ تـي سنيار وڳــا، تـڏھن تـي ميھــار ڏنـم.

[2183]

زحمــت خـوش ڪيــاس، جـــي نـــالي پاســي ذات.

زحمت= ڪَرڪي. نالو= پيلو. ذات= ٻُرڙا> ٻُرن.

ڪرڪيــن خــوش ڪيــاس، جـــي پيلـــي پـــاس ٻـــُــرن.

[2184]

لوھـــہ ۾ ذات جــون، مـــان ٻڌيــو تـــي خــوش ٿيـــان.

لوھہ جون= ڪَرڪيون. ذات= پيلائي> پيلن.

ڪرڪيــون پيلــن جــون، مــان ٻڌيــو تـــي خـــوش ٿيـــان.

[2185]

عضـوي گاھہ ٻــُـڌوم، تـڏھن دل ڏرتـيءَ جـي تـي.

عضوو= ڪَـنُ> ڪنين. گاھہ= ناڙو> نـَڙُ.

ڏرتيءَ جي= چـَري (ڪڏ).

ڪنيـــن نـــڙ ٻـــُــــڌوم، تـــــڏھن دل چـــري تـــي.

[2186]

پيلـــي **گاهـــ** بـــُجهن، آءُ تـــي **كـــاني** تيـــان.

گاهہ= نَڙ. كاني= سُرهي.

پيلـــي نـــڙ بـــُجهن، آءُ تـــي ســـُرهي تيـــان.

[2187]

اورِين پِـڪ **وڻ** بينو آهي، پرين پـِڪ **گاهـ** بـُجهي تـو.

وڻ= ڪابولي. گاهہ= نڙ.

اورِين پڪ ڪابولي بينو آهي، پرين پڪ نڙ بـُجهي تـو.

[2188]

هـُـت پيـا **گاهـ** سـُـڄن، هـــت هينئـڙو **مـرض** تئـي.

گاهہ= نڙ. مرض= چور (تپ) چُـور.

هـُــت پيــا نــڙ ســُـڄن، هـــت هينئــڙو چــوُر تئـــي.

[2189]

لوهـــ جــون ڪڪـــن ۾، ڪـــو **نرنـــان**ءُ ڙي!

لوهہ جون= ڪُنڊيون. ڪڪ= ڪانهن.

نرنان= ميهار.

ڪــُــنڊيون ڪـــانهن ۾، ڪـــو ميهـــار ڙي!

[2190]

لوهــ مـال جـون ڪـن، آءُ **ذات** پروڙيـان تـن مـان.

لوهہ جون= ڪنڊيون. مال جون= ڪُـٽڪون>

ڪَـڙڪا. ذات= ڪاڪا.

ڪـُنڊيون ڪـڙڪـا ڪـن، آءُ ڪـا پروڙيـان تـن مـان.

[2191]

پڪـي سـندا **مـال جـا**، مـون ڪـي پـون **اَن جـن** ۾.

پڪي= ميهار. مال جا= پـُور. اَن جا= پَـل.

ميهـــار ســندا پـــُور، مـون ڪـي پـــَون پلپــل ۾.

[2192]

نرنـان نـالي نـامہ جـي، **هـٿ** جـي **گهـر** جـو ڪيـو.

وجـڻ واجـب تيـو، **گاهـــ** ٻولـــي نـــامہ جـــو.

نرنان= محبت. نالو= يارو>يار. نام= ميهار.

هٿ جي= اٽي> هٽي. گهر جو= هنڌ. گاهہ=

سٽي> سُٽي. ٻولي= سڏ. نام= سچڻ.

محبت يار ميهار جي، هٽي هنڌ ڪيو،

وچڻ واجب ٿيو، سُٽي سڏ سچڻ جو.

[2193]

مِرون روز ڏسان، جيڪي ميهر وڏا عضوي تي.

مِرون= سيسر> سي + سر. عضوو= مُنهن= مَنهن.

سي سَرَ روز ڏسان، جيڪي ميهر وڏا مَنهَن تي.

[2194]

جي نالا ميهار ڏي، تہ وجان هن پار ڏي،

وڻ جا ميهار ڏي، تہ وجان هن پار ڏي،

ذات ميهار ڏي، تہ وجان هن پار ڏي،

ڪوڏ جو ميهار ڏي، تہ وجان هن پار ڏي.

نالو= قبول. وڻ= ماچڪ> مان + چڪ. ذات=

لنگها> لانگها. ڪوڏ جو= جيءُ.

جي قبول ميهار ڏي، تہ وجان هن پار ڏي،

مان چڪ ميهار ڏي، تہ وجان هن پار ڏي،

لانگها ميهار ڏي، تہ وجان هن پار ڏي،

جيءُ ميهار ڏي، تہ وجان هن پار ڏي.

[2195]

پنهنجن منجهہ ويهي، ڪنديس ڳالهيون ڳنڍ سين.

پنهنجن= پيٽن. ڳنڍ= هڙ> ساهڙ.

پيٽن منجهہ ويهي، ڪنديس ڳالهيون ساهڙ سين.

[2196]

مين وکر ويندي، جو نرنان ميکون سڏ ڪريندا.

وکر= سوپاري> سو + پار. نرنانءُ= ميهر.

مين سو پار ويندي، جو ميهر ميکوُن سڏ ڪريندا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2197]

هوتا **پتر** ڏين، آءُ بہ **ککين** ويندي سانِ.

پتر= پارس> پار+ س. کک جي= تَر> تري.

هو تا پار سڏين، آءُ بہ تَري ويندي سانِ.

[2198]

کاٺ ٺون تي گهڙنديا س، جتي **پنهنجا** ۽ **پوک جا**.

کاٺ جا= ڏُکا> ڏوکاري. پنهنجا= تارا> تارُو.

پوک جا= ڏَک> ڏکندا.

ڏوکاري گهڙنديا س، جتي تارُو ڏکندا.

[2199]

پکي ريءَ **عورت**، **مٺيءَ جا** هاري **عضون** تي.

پکي= ساهڙ. عورت=سهڻي. مٺيءَ جا= ڳوڙها.

عضوو= ڳَل> ڳَلن.

ساهڙ ريءَ سهڻي، ڳوڙها هاري ڳَلن تي.

سهڻيءَ جو درياءَ تري ميهار ڏانهن وڃڻ

[2200]

پيڙي واري کيئن کري، جنهن جو **نرنان مٺيءَ جو** تيو.

پيڙيءَ جي= سانڪي (پيڙي جو عضوو)> سا +

تِکي. نرنانءُ= ساهڙ. مٺيءَ جو= هن پر.

سا تِکي کيئن کري، جنهن جو ساهڙ هُن پر تيو.

[2201]

لوهہ اوزار ۾ پوندي هئي، تہ بہ **نارنان** ليکي **ناڻي جو**.

لوهہ (جي) = تار. اوزار (جي) = تڪَ. نارنان=

سهڻي. ناڻي جو= سنڪو> سُکو.

تارَ تڪَ ۾ پوندي هئي، تہ بہ سهڻيءَ ليکي سُکو.

[2202]

ڏسي **جر لوهہ جي**، **واٽکي ڳهہ جي** سهڻي.

جر= پاڻي. لوهہ جي= تار. واٽکو= مُور.

ڳهہ جي= تِک> تِکي.

ڏسي پاڻي تار، مُور (نَہ) تکي سهڻي.

[2203]

جـــر عضـــوو كـــاڄ، نـــار نـــالي جـــر جـــي.

جر= پاٽي. عضوو= پِني. ڪاڄ= ٻوڙ. نار= لنگهي.

جر جي= سِير.

پـــاٽي پنـــيءَ ٻـــوڙ، ســـهٽيءَ ليکـــي ســـير جـــو.

[2204]

پـــاٽي منجهـــ هيـــاس، عضـــوي كـــاڄ نـــ پانيـــان.

پاٽي= پُور> پُوريون. عضوو= پِني. ڪاڄ= ٻوڙ.

پُـــورن منجهـــ هيـــاس، پـــنيءَ ٻـــوڙ نـــ پانيـــان.

[2205]

پـوک پهچـان رڄ رانـد جـي، اديون! منهنجـي آهــ،
نـر نـالي فقيـر كيـن پانيـان، سـپيريان جـي سـاءِ.

پوک= ميها. پهچان= رسان. رڄ= دِلي.

راند جي= اڙي. نرنالو= مهراڻ. فقير= تارک>تار.

ميهـــار ســـان دلڙي اڙي، اديـــون! منهنجـــي آهـــ،
مهـــراڻ تـــار كيـــن پانيـــان، ســـپيريان جـــي ســـاءِ.

[2206]

جـر جـا شـهر پـُـون، تـ بـ عضـوي كـاڄ نـ پائيـان.

جر جا= اَرَ. شهر= اُتل> اُتليو. عضوو= مُرِئو.

ڪاڄ= ٻوڙ.

آرَ اُتليـــو پـــونِ، تـــ بـــ مـــُـرئي ٻـــوڙ نـــ پائيـــان.

[2207]

عـــورت ڏسـيو ذات، تـــ نرنـــانءَ پـــاٽي ئـــي نـــ.

عورت= پاٽو> پاٽا. ذات= جانگهڙا> جان + گهڙان.

نرنانءَ= مهراڻ. پاٽي= تار.

پاٽـا ڏسـيو جـان گهـڙان، تـ مهـراڻ تـار ئـي نـ.

[2208]

عـــورت كـــي اَڌ رات جـــو علـــم چـــا كنـــدو!

عورت= سهٽي. علم= سيپارو> سيءَ + پارو.

ســـهٽيءَ كـــي اَڌ رات جـــو ســـيءَ پـــارو چـــا كنـــدو!

[2209]

عورت کي اڌ رات جو، **قرآن** کي نہ ڪري،
ستيو **ساز نرنانءَ** جو، وجيو **وڻ** چڙهي.

عورت= سهڻي. قرآن جو= سيپارو> سيءُ +پارو.
ساز=نڙ. نرنانءَ= ميهار. وڻ= ساتار> سا + تار.

سهڻيءَ کي اڌ رات جو، سيءُ پارو کي نہ ڪري،
ستيو نڙ ميهار جو، وجيو سا تار چڙهي.

[2210]

ڏسيو **فقير نرنانءَ جا، عورت مرونءَ جي** ويئي.

فقير جا= دونها. نرنانءَ= دوست. عورت= سهڻي.
مرونءَ جي= سَٺَ> سٺيندي.

ڏسيو دونهان دوست جا، سهڻي سٺيندي ويئي.

[2211]

ذات وئي تي **ذات** ڏي، تنهن کيٰ **ذات** جهلي تي
ڪان ميان!

ذات= ساٺي> سٺيندي. ذات= سيگهہ. ذات=
سوجهر> سو + جر.

سٺيندي وئي سيگهہ مان، تنهن کي جر جهلي تو ڪين ميان!

[2212]

عورت راند حاڪم جيءَ تي، **جر مٺيءَ جا**
ڪنڌي ويئي.

عورت= سهڻي. راند جي= ويل. حاڪم جو=
سمن. جر جو= درياءُ. مٺيءَ جو= دور.

سهڻي ويل سمن تي، درياءَ مان دور ڪنڌي هئي.

[2213]

پڪي تري نہ تار، سهڻي **نالي** سان پار.

پڪي=ڪاز> ڪازن=ڪا +زن (زال). نالو=
ساڏو> سا + ڏو.

ڪا زن تري نہ تار، سهڻي، سا ڏو سان پار.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2214]

جر جون هٽندي هلي وجي، **لوهہ جي** ڪانہ تيس.

جر جون= ٽيپيون. لوهہ جي= بتي> هيبت ئي.

ٽيپون هٽندي هلي وجي، هيبت ئي ڪانہ تيس.

[2215]

وڪر جي نار ويئي، **نالو زمين جي نار** ڪي.

وڪر= (سمنڊ) جھاڳ> جھاڳي. نار= سهٽي. نالوَ=

ساھڙ. زمين جو= رِڻُ> ڪارڻ. نار (جو) = سيلُ>سيرُ

جھاڳي سهٽي ويئي، ساھڙ ڪارڻ سير ڪي.

[2216]

عورت ڪي **ذات ڪپڙي جي**، تڏهن **لوهہ مرض** ويئي.

عورت= سهٽي. ذات= سڪ> سِڪ. ڪپڙي جي=

هڙ> ساھڙ. لوهہ(جي) = تارَ. مرض= تريو.

سهٽيءَ ڪي سِڪ ساھڙ جي، تڏهن تار تريو ويئي.

[2217]

سر ٺون سڌ ڪري، وجي **پنهنجن** ۾ پيئي،

اتي تي ويئي، جتي **فقير ڪاٺ جا** ڪن.

سِرُ =ڪاپار> ڪا +پار. پنهنجا= پيتا (پُٽ)>

پيٽن. فقير جا= دونهان. ڪاٺ جو= لاٽُون.

ڪا پارٺون سڌ ڪري، وجي پيٽن ۾ پيئي،

اتي تي ويئي، جتي دونهان لاٽون ڪن.

[2218]

عضوي هلي، **نرنان** جھلي، وجي **مال جي** پُڳي.

عضوو= تري. نرنان= نصير> نہ + سيرُ.

مال جا= ڪُڻَ.

تَري هلي، نہ سير جھلي، وجي ڪُڻَ پُڳي.

[2219]

جر جو جنهن ڪي لڳو، **مال ڪاٺ جا** سا ڪندي.

جر جو= وَهہ. مال جا= ڦيرا. ڪاٺ جا= هرَ> هرهر.

وهہ جنهن ڪي لڳو، هر هر ڦيرا سا ڪندي.

سهڻي ۽ سس جو سوال جواب

[2220]

ذات ڪکن جي، تہ پنهنجا تينئي.

ذات= ٻُتَ. ڪکن جي= ڪنڌي. پنهنجا= ڪَن.

ٻُت ڪنڌيءَ (تہ) ڪَن تينئي[1].

[2221]

ڪامڻ ڪاريگر جي، پنهنجي سان نرنانءَ جي.

ڪامڻ= ٺَري. ڪاريگر جي= ٺپ. پنهنجي= ڏسَ> ڏسڻ. نرنانءَ= ڏمرُ.

ٺري ٺَپَ پيس، ڏسڻ ساڻ ڏمر جي.

[2222]

وهت نہ وٺي، ڪپڙي جي وٺي مون.

وهت= ڏمرُ (مَنو وهت). ڪپڙي جي= هڙ> ساهڙ.

ڏمرُ نہ وٺي، ساهڙ وٺي مون.

[2223]

آءُ ڪپڙي جي، نرنانءَ ڏي ويندي سس ڪينڪي.

ڪپڙي جي= هَڙَ> ساهڙ. نرنانءَ= ڏمرُ.

آءُ ساهڙ جي، ڏمر ڏي ويندي سس ڪينڪي.

[2224]

اي ميان **نرنانءَ!** تون **ڪاريگر جيئن** جهليندين، تيئن **ڪپڙي جي** ويندي سانءِ.

نرنان= ڏمرُ. ڪاريگر جي= ڏهاڙي. ڪپڙي جي= هَڙ> ساهڙ.

اي ميان ڏمر! تون جيئن ڏهاڙي جهليندين، تيئن ساهڙ ڏي ويندي سانءِ.

[2225]

جنهن جي رچ **راند جي**، تنهن کي **پنهنجا** ڇا ڪندا!

[1] سَس، ڏمر کي ڪنڌيءَ وٽ ٻاهران بيهاريو. سهڻيءَ سچي ڳالهہ ٻڌائي. اتي ماءُ، ڏمر کي سڏائڻ خاطر ائين چيو.

رچ= دلڙي. راند جي= اَڙي. پنھنجا= مھٽا.
جنھن جي دلڙي اَڙي، تنھن کي مھٽا ڇا ڪندا!

[2226]

ھُت پيا قيمت ڏين، ھت قيمت چڏي ڪين،
آءُ بہ قيمت تن جي، قَيمت رھنديس ڪين.

قيمت= پارس> پار + سَ. قيمت= پيسو= پَئي
(مڙس) + سو. قيمت= ڪوڏي. قيمت= دمڙي>
دم + ڙي.

ھُت پيا پارسڏين، ھِت پئي سو چڏي ڪين،
آءُ بہ ڪوڏي تن جي، دم ڙي! رھنديس ڪين.

سھٽيءَ کي سرتين جي جھل

[2227]

نالو ڙي سھٽي! اڳيان مال جي اٿئي.

نالو=منگھن> مَ + گھڙ. مال جي= وَھُڙي>
وَھ + ڙي.

مَ گھِڙ ڙي سھٽي! اڳيان وَھہ (تِڪَ) اٿئي.

[2228]

نرنان ۾ جاءِ جي، ذات پنھنجو آ.

نرنان= نصير> نہ + سِيرَ. جاءِ جي= پوڙي.
ذات= خوجا> خواجہ. پنھنجو= خوني.
نہ سيِرَ ۾ پئو ڙي، خواجہ خوني آ.

[2229]

ڪاٺ ڪاٺ کي اڳيان، نرنانءَ اٿئي ڏاڍو، نار نالي فقير ڙي!

ڪاٺ(جو) = ھر> ھرھر. ڪاٺ(جي) = چوني>
چونئي. نرنان= خواجہ(خضر). ڏاڍو= خوني.
نار نالو= سھٽي. فقير= ملنگ> مَ لنگھہ.
ھر ھر چونئي اڳيان خواجہ اٿئي خوني، سھٽي! (ھتان)
مَ لنگھہ ڙي.

[2230]

سهڻي، نرناڻ ڪاني ڙي!

نرناڻ= نصير> نه + سيرَ. ڪاني= پاهوڙي>
پئو + ڙي.

سهڻي، نه سير پئو ڙي!

[2231]

ڪڙمڪا پانهي جا ڙي سهڻي!

ڪُڙمڪا= واهڙ. پانهي= ناتر> نه + تَر.

واهڙ نه تَر ڙي سهڻي!

[2232]

جڏهن ڏنئي ڪاٺ درياءُ ۾، تڏهن هندو نالي تون.

ڪاٺ= لڙهو> لڙهه. هندو نالو= منگهن> مرَ + گهڙ.

جڏهن ڏنئي لُڙ درياءَ ۾، تڏهن مرَ گهڙُ تون.

[2233]

اَن جن ۾ نه گهڙ، ذات ڪنديڻ ڙي!

اَن جا= ماپارا> ماه + پارن. ذات= اوڏ.

ماه پارن ۾ نه گهڙ، او ڏڪنديڻ ڙي!

[2234]

نه ڪڪ نارنان، اڳيان ستجون ڙي،
متان وجهي منٿيءَ جو، ڪنئي شهر ڙي.

ڪڪ= تَر. نارنان= سهڻي، سُتَ جون= واڳون.
منٿيءَ جو= چَڪُ. شهر= چِني.

نه تَر سهڻي، اڳيان واڳون ڙي،
متان وجهي چَڪ، چڏينئي چِني ڙي.

سهڻيءَ جو سجاڳ ٿي درياءَ تي وڃڻ

[2235]

ڪاني لڳي، ساز وڳا، نارنان جاڳي، ڪپڙي جا ڪاتي؟

ڪاني= لار. ساز= چڙا. نارنان= سهڻي. ڪپڙ جي=
هڙ> ساهڙ.

لارَ لڳي، چَڙا وڳا، سهڻي جاڳي، ساهڙ ڪاتي؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2236]

پڪـــي نـــ ڏنـــائين، پـــر **پوڪـــون** ڏســندي ويئـــي.

پڪي= ڳڱهہ. پوڪ= ڪَتي> ڪَتيون.

ڳڱهہ (اونداهي) نہ ڏٺائين، پر ڪَتيون ڏسندي ويئي.

[2237]

ڪڪـــن ۾ جـــر جـــو، ڪونـــہ ڏٺـــو هـــو **ڪـــامٽي**.

ڪڪَ = ڪانهن. جر جو= ڪَچو. ڪامٽي= سهٽي.

ڪـانهنِ منجهـــ ڪـَـچو، ڪونـــہ ڏٺـــو هـــو ســـهٽي.

[2238]

ڳاهڙن ڳاهہ ڏنـائين ڪيـن، **ڪـاريـگر جـا** ڏسي **ٻنـيءَ جـــا ٽيـــس**.

ڳاهہ= ڪَچو. ڳاهہ= پڪو. ڪاريگر جا= چِٽ.

ٻنيءَ جي= پڪ (مِٽي).

ڪَچو پڪو ڏٺـائين ڪيـن، چِـــٽ ڏسي پَـــڪ ٽيـس.

[2239]

ڪاريگر جو هوس، پر **ڪـاسبڪي ڪـار** نہ ڪنيـائين.

ڪاريگر جو= چِٽ. ڪاسبڪي ڪار= نوڪڻ.

چِـــٽ تــہ گهٽوئــي هـــوس، پــر نوڪــي نـــہ ڪنيـــائين.

[2240]

نـــالو رن رکيـــو، **شـــــهر** نـــہ نيـــائين پـــاڻ ســـان.

نالو= جوڙو> جو + ڌوئي. شهر= سوئي> سو + ئي.

جـــو ڌوئـــي رَن رکيـــو، ســـو نـــہ نيـــائين پـــاڻ ســـان.

[2241]

رڇ ريءَ دلبـــر، مـــون کـــي ڪيـــن **مـــــرض**.

رڇ= دلو> دلي. مرض= مَليِ> ملِي.

دلِـــي ريءَ دلبـــر، مـــون کـــي ڪَيـــن مــــلِي.

[2242]

جـر جـا ڏسي نہ بيهـــ، **كـاٺ** تـــہ **نـانوَن** کـي ملـون.

جر جا= بحر. ڪاٺ= تَر. نانو= محب.

بحـــر ڏســـي نـــہ بيهـــ، تـــر تـــہ محبـــن کـــي ملـــون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2243]

جر جا ڏسي نہ بيهہ، توکي **جر جا** جهليندا ڪين.

جر جا= ڪُنَ. جر جا= جهولَ.

ڪُن ڏسي نہ بيهہ، توکي جهول جهليندا ڪين.

[2244]

پوڪ ۾ گهڙين تي، تڏهن **ڪاچ وڪر نرنانءُ** نہ اٿئي.

پوڪ= تار. ڪاچ(جي) = تَڙ> تَڙ. وڪر= ڪَڻِ.

نرنانءُ= لائق.

تار ۾ گهڙين تي، تڏهن تڙڪڻ لائق نہ اٿئي.

[2245]

ڪڻ **رِچ**، پئو **وڻ** ۾، **ڳهہ** تان ڪيم وسار،

نار نالي نر جي، سِير لنگهنديئن پار.

رَچ= گهڙو. وڻ= سُاتار> تار. ڳهہ= والي.

نار نالو= حرمت. نر نالو= حبيب.

ڪڻ گهڙو پئو تار ۾، والي تان ڪيم وسار،

حرمت ساڻ حبيب جي، سير لنگهنديئن پار.

[2246]

رچ پئو **پوڪ** ۾، تنهنجو **ڳهہ** وڙ ٿيندو.

رچ = تَسري> تان + سِري. پوڪ= تار. ڳهہ= والي.

تان سري پئو تار ۾، تنهنجو والي وڙ ٿيندو.

سهڻيءَ جو ڪچو گهڙو کڻي درياءَ ۾ گهڙڻ

[2247]

نالي ڪنئي، تڏهن **نالو** درياءَ ۾.

نالو= سڪندر> سڪ + اندر. نالو= ساڏو> سا + ڏو.

سڪ اندر (جي) ڪنئي، سا ڏُو درياءَ ۾.

[2248]

عورت گاهہ ڏسي، **جر** کان **شهر** جي ٿي ڪين.

عورت= سهڻي. گاهہ= سيءُ. جر= درياءَ. شهر=

هنڙي> هني.

سهڻي سيءُ ڏسي، درياءَ کان هني مور ڪين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2249]

ڪپــڙي رچـــن ۾، عـــورت لوهـــ جـــي تـــي.

ڪپڙو= ڪارو> ڪارن. رچ= ڪُنو> ڪُنن.

لوھ جي= ڪَهي> ڪاهي. عورت= سهٽي.

ڪـــارن ڪـُــــسنن ۾، ســـهٽي ڪـــاهي پئـــي.

[2250]

نالي واري لوھ جي، نار جنگ جي ڪنيءَ واري ۾.

نالو= ساهڙ. لوھ جي= سانگ> سانگي. نار= سهٽي.

جنگ جي= ڪاھ> ڪاهيو. ڪنيءَ(جي) = ڪُنِ.

ســاهڙ جــي ســانگي، ســهٽيءَ ڪــاهيو ڪــُـــن ۾.

[2251]

جر جو ڏسيو، **شهر جي** تئي ڪانـ، **ساز جا** ڪندي ويئي.

جر جو=مهراڻ. شهر جي= هٽي. ساز جا= ڏان ڏان.

مهــراڻ ڏســيو هٽــي ڪانـ، ڏان ڏان ڪنـدي ويئـــي.

[2252]

ڪـــاچ ڪنيــو **نرنـــانءَ** ڏي، **مـــال جـــا** ڪنـدي وئـــي.

ڪاچ= وَهُ. نرنانءَ= ميهار. مال جا= ڦر.

وَهـــــ ڪنيـــــو ميهـــــار ڏي، ڦرڪنــــــدي وئـــــي.

[2253]

نـــار گهـــڙي **نـــار** ۾، **زنـــاني** ڪنـدي ويئـــي.

نار= سهٽي. نار= سير. زناني= مـهرَ> ميهر.

ســـهٽي گهـــڙي ســـير ۾، ميهـــر ڪـنـــدي ويئـــي.

[2254]

عـورت رڇ ڪـــاٿ ۾، **مـروناءَ جـون** ڪنـدي ويئـي.

عورت= سهٽي. رڇ= گهڙي. ڪاٿ(جي) = سير.

مروناءَ جون= ڪيهون.

ســهٽي گهــڙي ســير ۾، ڪيهـــوُن ڪنـــدي ويئـــي.

[2255]

جـا دريـاءَ ۾ گهڙنـدي، **ســا ليڪـي جـــا نـــ** ڪنـدي،

عـــورت نرنـــانءَ لاءِ، وجـــي **ڪپـــڙ جـــا** ڪنـــدي.

درياءَ جي= سير. ليڪي جا= ڏھاڪا> ڏڪندي.
عورت= سھڻي. نرنان= ميھار. ڪپڙ جو= ڦڙڪو.
جا سير ۾ گھڙندي، سا نہ ڏڪندي،
سھڻي ميھار لاءِ، وجي ڦرڪندي.

[2256]

جيڪا قرآن ۾ گھڙندي، سا مڃي جا ڪيندي.
قرآن(جا) = سيپارا> سيءُ + پارن. مڃيءَ جا= ڦٽڪارا.
جيڪا سيءُ پارن ۾ گھڙندي، سا ڦٽڪارا ڪِيندي.

[2257]

ڪپڙي مال پوڪ جي، تڏھن ڪا رڇ جي نہ ڏسي.
ڪپڙي(جي) = بوندي> بوند. مال(جو) = وره>
برھ. پوڪ جي= لائي. رڇ= گھَڙي.
بوند برھہ لائي، تڏھن ڪا گھڙي تہ ڏسي.

سھڻيءَ ۽ چُتي پير جي گفتگو

[2258]

جت عضون ۽ ڪاٺ، تون ڪيئن ذات ڙي!
عضوو= تارُون> تارُو. ڪاٺ(جا) = ڏڪ. ذات=
لنگھا> لنگھين.
جت تارُو ڏڪن (اُتان) تون ڪيئن لنگھين ڙي!

[2259]

نر نالي ۾ آھي، سا نر نالي نِئي.
نر نالو= سڪندر> سِڪ + اَندر. نر نالو= ساٿي>
سا + ٿي.
سِڪ اندر ۾ آھي، سا ٿي نِئي.

[2260]

نالا يج فقيرا! ڏي ذات متيون مئيءَ ڪي،
جيئڏ نربان جي ڪامٽي، ور سان تان نہ ٿئي.
نالا=محب> مَ + حُب. ذات= ڏيپار> ڏي + پار.
جيئڏ= رتي. نرنانءُ= ميھار. وَرُ = ڏمُ.
مَ حُب يج فقيرا! ڏي پارَ مئيءَ ڪي،
رَتي دل ميھار سان، ڏم سان تان نہ ٿئي.

[2261]

اِتئــون فقيــر، متـــان ڪـــاٺ هٽئـــي رڇ ۾.

فقير= ملنگ> مَ لنگهه. ڪاٺ= اوپارو> اوپاري. رڇ = ڪُنو> ڪُن

اِتئـون مَ لنگهـ، متـان اوپـاري هٽئـي ڪُــن ۾.

[2262]

لوهـ ونيـو پئـي آءُ، متـان نـ پئيـن ۾ وٽ ۾.

لوهہ(جو) = ڪَپُ. وٽ= ساتار> تار.

ڪَـپ ونيـو پئـي آءُ، متـان نـ پئيـن تـار ۾.

[2263]

نـالي نـر ڪپايـا، تـون پـوڪ ڙي!

نالو= درياءَ خان. پوڪ= چانهين> چا آهين.

دريـاءَ خـانَ ڪپايـا، تـون چـا آهيـن ڙي!

[2264]

نرنان فقير ڪاٺ جـو، پر نارنان ان جي ئي ڪين.

نرنان= چتو> چُتي. فقير= پير. ڪاٺ جو=

چينيو> چينيو. نارنان= سهٽي. ان جي= مُوڙي.

> مُـڙي.

چُتي پير (گهٽئي) چينيو، پر سهٽي مُـڙي ئي ڪين.

دلو پچڻ ۽ سهٽيءَ جو پڌڻ

[2265]

جڏهن هن جو ڪاٺ تيو، تڏهن مـرض تـي ويئـي.

ڪاٺ(جو) = ڦيتو> ڦِتو. مرض= هڏڪي>

هيءَ + ڏڪي.

جڏهن هن جو ڦِـتو (پِـريو)، تڏهن هيءَ ڏڪي ويئـي.

[2266]

اڪر منجهہ اُچيو ميچيءَ جا ڪائي، پنهنجـا ڪٽيو نرنان ڏي وجـي.

اڪر= سين> سير. ميچيءَ جا= ڦتڪا. پنهنجا= ڪرَ.

نرنان= ميهار.

سير ۾ اچيو ڦتڪا ڪائي، پر ڪرَ ڪٽيو پئي ميهار ڏي وجي.

[2267]

ڪوريءَ جو مون ڪنيو، بنيءَ جو نہ هوس،
تنور جو جڏهن پيوس، تڏهن آويءَ وارو نہ رهيو.

ڪوريءَ جو= پيلو. بَنيءَ جو= توُ. تنور جو=
چندو (تنور تپڻ جي آزمائش لاءِ هنيل چندو).
آويءَ جو= دلو.

پيلو مون ڪنيو، توُ نہ (آيو) هوس،
چندو جڏهن پيوس، تڏهن دلوئي نہ رهيو.

[2268]

ميڇيءَ جو تہ منهنجو هو، جر جو تہ منهنجو نہ.

ميڇيءَ جو= چِتو. جَر جو= ڪَچو.

چِتو تہ منهنجو هو، ڪَچو تہ منهنجو نہ.

[2269]

مٽيءَ جن پلايس، نہ تہ جر جيءَ ۾ ڪيئن گاهہ ڙِي!

مٽيءَ جو= مارنگ> مان + رنگن. جر جي= تارَ.
گاهہ= پواڙي> پوان + ڙي.

مان رنگن پلايس، نہ تہ تار ۾ ڪيئن پوان ڙِي!

[2270]

نالي مون نہ ڪنيو، مون ليکي نالو ڙِي!

نالو= ناڪُو> نوڪي. نالو= رَتو.

نوڪي مون ڪنيو، مون ليکي رَتو ڙي!

[2271]

ڏينهن ڪيس چري، نہ تہ وڻ ڦر نيان ها پاڻ سان.

ڏينهن= چِتو> چِٽن. وڻ ڦر= پڪو.

چِٽن ڪيس چري، نہ تہ پڪو نيان ها پاڻ سان.

[2272]

مِرون پلايو مون، نہ تہ وڻ جو ڪٽان ها پاڻ سان.

مِرُون= چيتو> چِٽ. وڻ جو= پڪو.

چِٽن پلايو مون، نہ تہ پڪو ڪٽان ها پاڻ سان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2273]

ڏينهن ماري هياس، تڏهن **گاهہ** ڏنو هٿم کونہ کو.

ڏينهن= چِتا> چِتَ. گاهہ= ڪَچو.

چِتن ماري هياس، تَڏهن ڪَچو ڏنو هٿم کونہ کو.

[2274]

هو تہ **پکي وڻ جو**، پر **نرنان** کٽي **گاهہ** کيو.

پکي= چِٽيل. وڻ جو= پکو. نرنان= ڪرم.

گاهہ= ڪَچو.

هو تہ چِٽيل پکو، پر ڪرم کٽي ڪَچو کيو.

[2275]

وڻ منهنجي **متي** ۾، کهڙو ڏوهہ **ڪاسبي**!

وڻ= ڪَچو. متو= ڪَرَم. ڪاسبي= ڪنيار.

ڪَچو منهنجي ڪرم ۾، کهڙو ڏوهہ ڪنيار!

[2276]

نالي تي جلد پهچان ها، پر **گاهہ متيءَ جي** ڪري وڌي.

نالو= عثمان> سَمن. گاهہ= ڪَچو. متيءَ جي=ڪچائي

سَمن تي جلد پهچان ها، پر ڪچي ڪچائي ڪري وڌي.

[2277]

نالو ڏسان ڪانہ، جنهن تي **نالو** ڪٽان.

نالو= صادق> سا + دِڪَ. (دِڪي). نالو=

آدم> دم.

سا دِڪَ ڏسان ڪانہ، جنهن تي دم ڪٽان.

[2278]

مال جي مون وٽ ناهہ، جو **عضوي جي** وجان.

مال جي= ڪَلي. عضوو= تَري.

ڪَلي مون وٽ ناهہ، جو تَري وجان.

[2279]

جڏهن **مال جن** ۾ هياس، تڏهن **نرنان** ڏنم ڪينڪي.

مال جون= سِيرون> سيرن. نرنانءُ= بچو> بچاءُ.

جڏهن سِيرن ۾ هياس، تڏهن بچاءُ ڏنم ڪينڪي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2280]

ڪاڻ منجهہ هياس، تہ ڍُهن **مِـرون** پانيم ڪونہ.

ڪاڻ جو= سيرونُ> سيرُن. مِرون= پولو.

سـيرُن منجهہ هياس، تہ ڍُهن پولو پانيم ڪونہ.

[2281]

پڪي ڪئي مون سان، نہ تہ **ڪاچن** ڪير پوي.

پڪي= ميهر. ڪاچ= سِيرو> سِيرُن.

ميهر ڪئي مون سان، نہ تہ سِيرن ڪير پوي!

[2282]

اتم **مرض نرنان**، نہ تہ **جرجو** ڪيو **جرجن** ۾.

مرض= عشق. نرنان= سچو. جر جو= لڙهو> لڙهي.

جر جون= لهريون.

اتم عشق سچو، نہ تہ لڙهي ڪير لهرين ۾.

[2283]

جيتن جهـڙي آءُ نہ هياس.

جيت= تاروئڙا.

تارُوئڙن جهـڙي آءُ نہ هياس.

[2284]

پڪيءَ جو ڪري **حاڪم جو** ڪرين ها، تہ تنهنجو

شهر ڪئين **ذات** ٿئي؟

پڪي جو= نونگو. حاڪم جو= نيڪ. شهر=

پڪو. ذات= پُسيا> پُسي.

نُونگو هٺي نيڪ ڪرين ها تہ تنهنجو پڪو ڪيئن پُسي؟

[2285]

نرنان ڏنو هُيئي، تہ ڍُهن **ڏڪ جو** ڪٽين ها.

نرنانءُ= رَتو. ڏڪ جو= واڇو> وڇائي.

رَتو ڏنو هُيئي، تہ ڍُهن وڇائي ڪٽي ها.

[2286]

وڻ وڻ جا پون، پوءِ **گاهہ** چو ڪنيئي؟

وڻ جا= پڪا. وڻ جون= پُسيون> پُسيو.

گاهہ= ڪَچو.

پڪا پُسيو پون، پوءِ ڪَچو ڇو ڪنيئي؟

[2287]

لوهہ جو ڏنو هيئي تہ ڪٽي عضوو ڪرين ها.

لوهہ جو= وَٽ(تورو). عضوو= پاسو.

وَٽُ ڏنو هيئي تہ ڪٽي پاسو ڪرين ها.

[2288]

لوهہ جا ڏنئي جر جي پر، تڏهن وڻ جا ڪرين ها!

لوهہ جا= مارا. جر جو= درياءَ. وڻ جا= تارا.

مارا ڏنئي درياءَ پر، تڏهن تارا ڪرين ها!

[2289]

ڏنئي ڪاٺ درياءَ پر، تڏهن هندڪي وڃ ڙي!

ڪاٺ(جو) = مارو. هندڪي= هَٽي.

ڏنئي مارو درياءَ پر، تڏهن هٽي وڃ ڙي!

[2290]

نالي پر ذات ڏنيءَ، تڏهن وهٽ جا ڪرين ها.

نالو= مهراڻ. ذات= مَستوئي> مستي.

وهٽ جي= ناپر.

مهراڻ پر مَستي ڏنئي، تڏهن ناپر ڪرين ها.

[2291]

ذات ڏنئي درياءَ پر، تہ مال جي ڪرين ها.

ذات= ڪَسَر. مال جي= ٿانهر.

ڪسر ڏنئي درياءَ پر، تہ ٿانهر ڪرين ها.

[2292]

عورت ڪري سڏ، تي رڇن پر قابو.

عورت= سهٽي. رڇ= ڪُنو> ڪُنن.

سهٽي ڪري سڏ، تي ڪُنن پر قابو.

[2293]

مان پئي وڏيون ڏڻ جون ڪيون، موٽ نرنانءُ! مان ڪڪ جي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏڻ جون= ڪانگون (تنوارون). نرنانءَ= ميهار.
ڪکن جي= مُئي.
مان پئي وڏيون ڪانگون ڪيون، موٽ ميهار، مان مـُـئي.
[2294]
اي پڪـــــي، اَجـــان تـــو رانـــــد جـــــو ڪريـــــن!
پڪي= ميهر. راند جو= داءُ> سوداءُ.
اي ميهـــــر، اَجــــان تـــــو ســــوداءُ ڪريـــــن!
[2295]
اي نرنـــانءَ! ڪپـــڙي جـــــو نـــــ، رڇـــن ۾ پــوءُ.
نرنانءَ= ميهر. ڪپڙي جو= ڏَرُ. رڇ= گهڙِي.
اي ميهـــــر! ڏر نـــــــ، گهـــــڙي پـــــوءُ.
[2296]
پنهنجـــــن تـــي چڙهـــي تـــي نرنـــانءَ ڏســـي.
پنهنجا= بيٺا> بيٺ. نرنان= ميهار.
بيٺـــن تـــي چڙهـــي تـــي ميهـــار ڏســـي.
[2297]
پـُـٺـَـن ۾ پيئـي، تـڏهن تـي گِنـڍ ڪـي سـڌ ڪـري.
پُـٺَ = بيٺا> بيٺن. گِنڍ= هَـڙَ> ساهڙ.
بيٺـن ۾ پيئـي، تـڏهن تـي سـاهڙ ڪـي سـڌ ڪـري.
[2298]
يلــو ڙي ميهـــار! پـــوڪ گهڙنـــدي ڪـــا رڇ ۾.
پوڪ= مُـورِي> مون + ري. رڇ=ڪاسي>
ڪا + سِيءُ.
يلــو ڙي ميهـــار! مـــون ريءَ گهڙنـــدي ڪـــا ســـيءَ ۾.
[2299]
جـڏهن وڻ هيـاس، تـڏهن مـرض هـئـڙم ڪونـہ ڪـو،
جڏهن هنـدڪـي ۾ پياس، تڏهن جـر جـن ماري آهيان.
وڻ= پائر> پار. مرض= سُور. هندڪي= وَهي.
جر جا= غوطا> غوطن.
جـڏهن پـارُ هيـاس، تـڏهن سـور هـئـڙم ڪونـہ ڪـو،
جـڏهن وهـيءَ ۾ پيـاس، تـڏهن غوطـن مـاري آهيـان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2300]

پنڌ جي ذات تي، تڙ مال جي آهيان.

پنڌ جي= ساٿي. ذات= سردار. تڙ= وِيئري>
ويرن. مال جي= وڪوڙي.

ساٿي تي سردار، ويرن وڪوڙي آهيان.

[2301]

اي الله! ڏي پوڪ جي، ڪر ڪاٺ جي تہ نار نالي تيان.

پوڪ جي=هَتي. ڪاٺ جي= ڪنڌي. نارنالو=
حليمان> هلي + مان.

اي الله! ڏي هَتي، ڪر ڪنڌيءَ تہ هلي مان وڃان.

[2302]

ذات نر نالا مرض نُالا تون.

ذات= پاتا. نرنالو= رَمون. مرض= ڪَدَ.
نالو= ڪريم.

پاتار موُن ڪد ڪريم تون.

[2303]

پـُـٽن تي پير ڏري، تي ڪامڻ سڏ ڪري،
الله اهو ڏينهن ڪري تہ ڳالهايان ڳنڊ سان.

پُٽ= پيٺو> پيٺن. ڪامڻ= سهٽي. ڳنڊ=
هڙ> ساهڙ.

پيٺن تي پير ڏري، تي سهٽي سڏ ڪري،
الله اهو ڏينهن ڪري تہ ڳالهايان ساهڙ سان.

[2304]

ڪاٺ ڪاٺن تي ذات چڏيم، تنهن ڪان پوءِ آءُ
مال جي.

ڪاٺ= پاريو> پر. ڪاٺ= پاٺو> پانهن.
ذات= زوئر> زور. مال جي= لُڙهي.

پـَر پانهنُ چڏيو، تنهن ڪان پوءِ آءُ لڙهي.

[2305]

جرجن ڪئي پچار، اڄ ڪا ڪاٺون نار.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جر جون= مڇيون. نار= سهڻي.
مڇيـــن ڪئـــي پچـــار، اڄ ڪـــا ڪـــائون ســـهڻي.
[2306]
سهڻيءَ ڪي پـہ تـــتَ هجن تـہ ٻڏيئي ڪـا نـہ هـا .
پہ تـتَ = هڪ ڏُون، پيو ڏِين> ڏُونبِي(پيڙي) .
ســهڻيءَ ڪـي ڏونـبي هجـي تـہ ٻـڏيئي ڪـا نـہ هـا .
[2307]
جڏهن ذات تـي آيس، تـڏهن جـر بـہ لوهـہ جـو تيـو.
ذات= ڪني. جر= تانگهو. لوهہ جي= تارُ.
جـڏهن ڪـُـني آيـس، تـڏهن تـانگهو بـــ تـار تيـو.
[2308]
جـَــرجن منجهــ جــُـڙي ڪــا ويچــاري ذات واري.
جر جون= لهريون. ذات= ڪنيار> ڪنياري.
لهريــن منجهــ لـــُــڙهي، ڪــا ويچــاري ڪنيـــاري.
[2309]
ويچـاريءَ ويـو مـرض، مـال جــي ڪنـدي دريـاءَ ۾.
مرض= ساهہ. مال جي= دڪ دڪ.
ويچـــاريءَ ويـــو ســـاهہ، دڪ دڪ ڪنـــدي دريـــاءَ ۾.
[2310]
عـــورت نـــالي مـــرد جـــي ڪپـــڙي جـــي.
عورت= سُهڻي. مرد= ميهار. ڪپڙو= ٻُڏو> ٻُڏي.
ســـهڻي، نـــالي ميهـــار جـــي ٻـــُـــڏي.
[2311]
تـــُــلهي، متـــاري، جهرڪـــــي.
تُلهي= سهڻي. متاري= وَهُہ. جهرڪي= ٻوڙي.
ســـــهڻي وُهـــــــــــــ ٻـــــوڙي.
[2312]
جتــي رات هئـي، اتـي نـــالا نـــام ڪٽـي ويـا .
رات= لُڙهي. نالو= ڪَڙڪيو> ڪَڙڪي.
نام= ڪُن.
جتــي لـــُـڙهي، اتـــي ڪڙڪـــي ڪـــُـن ڪٽـــي ويـــا .

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2313]

جتي هئي ڪپڙي جي، اتي عورت راند ڪٽي ويئي.

ڪپڙي جي= ٻُڏي. عورت= لَهر. راند= لوڏ

> لوڏي.

جتــي هئــي ٻــڏي، اتــي لهــر لــوڏي ڪٽــي ويئــي.

[2314]

نـالو نـالي ناهـ، تـڏهن زحمت رانـد ڪنيـو وجـي.

نالو= هيمن> هيءَ + من. نالو= تارو> تارو.

زحمت= لَهـَر(عورتون لَهـَر ڪنديون آهن

يعني جهولڻ) راند= لوڏ> لوڏيون.

هـيءَ مـَـنُ تـارُو ناهـ، تـڏهن لهـر لوڏيـو ڪنيـو وجـي.

[2315]

هيءَ مـُـني جيت هئي، پر ڪنهـن مـرض مـاري وڌي.

جيت= تارُو. مرض= لَهـَرُ.

هـيءَ مـُـني تـارُو هئـي، پـر ڪنهـن لـَهـَـرَ مـاري وڌي.

[2316]

جيــت مـان نـہ هيــاس، ڪــاٺ مـون سـان ڪئـي.

جيت= تارُوئڙو. ڪاٺ(جو) = ڪارب> ڪا + رب.

تـارُوئـڙي مـان نـہ هيـاس، ڪـا رب مـون سـان ڪئـي.

[2317]

ڪـــاچ مــاري ســهٽي، عضـــوي ڪيئــن لڳــي!

ڪاچ= سِيرو> سِيرن. عضوو= ڪنڌ> ڪنڌي.

ســـِـيرن مــاري ســهٽي، ڪنــڌيءَ ڪيئــن لڳــي!

[2318]

ڪـاٺ لنگهـي سـهٽي، وجـي ڪڪـن نـــالي تـي.

ڪاٺ(جي) = پيلنگهہ> ٻئي + لنگهہ. ڪڪن جي=

مـُـئي. نالو= سُرهي.

ٻئـي لنگهہ لنگهـي سـهٽي وجـي مـُـئي سـُـرهي تـي.

[2319]

پڪــيءَ جــو جــر جــي ڪــان تــہ تــو ڇــو ٻــوڙي؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پکيءَ جو= پُڇ. جر جو= درياءُ. پکيَ= ٻوڙي.

پُڇ درياءَ ڪان، تہ توچو (سهڻي) ٻوڙي؟

[2320]

پکي پاڻ خدا، کهڙو ڏوهہ **رچن** ڪي!

پکي= ٻوڙي. رچ= ڪُنو> ڪُنَن.

ٻوڙي پاڻ خدا، کهڙو ڏوهہ ڪُنَن ڪي!

[2321]

پکي پاڻ خدا، ڏي ڏوهہ **رچن** ڪي.

پکي= رَنجڪي> رنج ڪيئي. رچ= اَبن.

رنج ڪيئي پاڻ خدا، ڏئين ڏوهہ **اَبن** ڪي.

<u>ميهار جو سهڻيءَ سان گڏ ٻڏڻ</u>

[2322]

ڪاچن ۾ سهڻيءَ جو، **پکي** نيٺ مئو.

ڪاچ= سيرو> سِيرُن. پکي= ميهر.

سِيرُن ۾ سهڻيءَ جو، ميهر نيٺ مُئو.

[2323]

جر جو اوزار نہ، سڄڻ تہ **چنڊ جو** ڙي!

جر جو= ترڻ> تري. اوزار= رَندو> نڪرندو.

چنڊ جو= ڏنو.

تري (ڪنهن) نہ نڪرندو ڏنو ڙي!

باب چوڏھون

سُرائتيون ڳجھارتون: نوري ۽ ڄام تماچي

[2324]

ڪپڙي ۾ تي **نار** سُڄي، سڻ **نالن** جا **نرنانءَ** ميان!

ڪپڙو= ڪيسُ> ڪيسَن. نار= نوري. نالو=

سَمو. نرنان= سلطان.

ڪيسَنِ ۾ تي نوري سُڄي، سڻ سمن جا سلطان ميان!

[2325]

نرنان جڏهن **نر نالي** ڏٺي، **عضوي ڪپڙي** جي.

نرنان= تماچي. نار نالو= نوري. عضوو= دل.

ڪپڙو= هرڪ> هرڪجي.

تماچي جڏهن نوري ڏٺي، (پيس) دل هرڪجي.

[2326]

نرنان نالو ذات فقير ڪيو، نہ تہ هو **نرنان ڪاٺ** جو.

نرنان= ڄام. نالو= تماچي. ذات=ميءَ. فقير=

مستان. نرنان= صاحب. ڪاٺ جو= تخت.

ڄام تماچي ميءَ مستان ڪيو، نہ تہ هو صاحب تخت جو.

[2327]

هئي تہ **ڪِنَ جي** پر **ذات** واري **ڪٺي نارنالي** ڪئي.

ڪِنَ جي= گندي> گندري. ذات= سمو. نارنالو=راڻي.

هئي تہ گندري، پر سمي ڪٺي راڻي ڪئي.

[2328]

ڪکن واري **پوڪ جي**، **نوڙيءَ جو نرنان جو**،

منيءَ جا ماڻهن جا ذات لئي، واهہ **نالو نرنان** جو،

واهہ **مرض هٿيار** جو، جو **ڪاٺ** جن سان **ڪاٺ** ٿيو.

ڪکن جي= ڪاري. پوڪ جي= ساڻِ (سنگن جي

ساٽائي). نوڙيءَ جو= پيچ. نرنان= سمو. منيءَ جا=

محل. ماڻهن جا= اوسر (لاڳيتي قطار ڪرڻ)> اُسريا.

ذات= مهاڻبا. نالو= راڄو> راڄ. نرنان= سمو.

مرض= عشق. هٿيار= تماچو> تماچي. ڪاٺ جا =لاهہ> ملاح.

ڪـــاريءَ واريءَ ســـانڍ، (پيـــو) پيـــچ سمـــي جـــو،
محــل اُســريا مهــاڻن لئــي، واهـــ راڄ سمـــي جـــو،
واهـــ عشــق تمــاچي جــو، جــو ملاحــن ســان مــلاح ٿيــو.

[2329]

ڪـاٺَ لائـق ناهــ، **ڪـــاڄ** منهنجــو **ســُــٽ جــون**،
اَهڙوئي الله، جـو **نرنـانءُ** ڪي **ســُـٽَ ڄـو** ڪلهـي تـي.

ڪاٺ جو= پلنگ. سُٽَ جون= پوريون. نرنانءُ=
ڄام. سُٽَ جو= ڄارُ.

پلنـــگ لائـــق ناهيـــان، ڪـــاڄ منهنجـــو پوريـــون،
اهڙوئـــي الله، جـــو ڄـــام ڪـــي ڄـــار ڪلهـــي تـــي.

[2330]

نرنـــــــــان ونڻ ڪلهـــــــــي تــــــــــي.

نرنان= ڄام تماچي. ونڻ= ڄار.

ڄـــام تمـــاچي (ڪـــي) ڄـــار ڪلهـــي تـــي.

[2331]

اي **ذات وارا**! ڇـو **ذات وارين** تي پاڻ ڪي **ذات** ڪيئـي؟

ذات وارا= سما. ذات وارين= مهاڻيون.
ذات= وڪيا> وڪيئي.

اي سمـــا! ڇـــو مهـــاڻين تـــي پـــاڻ ڪـــي وڪيئـــي؟

[2332]

اي نـــالا نرنـــانءُ! ويهيـــن **ڪـــاٺين** وچ ۾، توڪـــي
پوڪ جي ٿئي ڪانـ؟

نالو= ڄام. نرنانءُ= تماچي. ڪاٺيءَ جي= ڪُڙي.
پوڪ جي= ڇَٽ.

اي ڄام تماچي! ويهيـن ڪُـڙِيـن وچ ۾، توڪـي ڇَـٽ
(باس) ٿئـي ڪانـ؟

[2333]

نـالا نرنـانءُ! ويهيـن **نـالن** وچ ۾، توڪـي **پـوڪ جـي**
اڇـــي ڪانــــ؟

نالو= سمو. نرنان= سلطان. نالو= ملاح> ملاحن.
پوڪ جي= ڇَٽ.

سما سلطان! ويهين ملاحن وچ ۾، توڪي ڇَٽ اڇي ڪانـ؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2334]

اي مٽــيءَ جــون! کيــنَ سـَڙو، مــون **پنهنجـــيءَ** مــان ڪٽيــو.

مٽيءَ جون= ساميون> سميون. پنهنجي= نـوڙت.

اي سميــون! ڪيــنَ ســڙو، مــون نــوڙت مــاَن ڪٽيــو.

[2335]

تــون **نــالو،** آءُ **ذات،** مــون ۾ **نــالو مــال جـــي.**

نالو= سمو. ذات= گندري. نالو= اُبن> عيبن. مال جي= جُوءِ.

تــون سمــو، آءُ گنــدري، مــون ۾ عيبــن جـُــوءِ.

[2336]

ڪــامٽيون ســپ **پــوڪ، ڪــامڻ رچ** نــہ ڪــا.

ڪامٽيون= سهٽيون. پوک= جاڙِ> سميجاٽيون. ڪامڻ= نوري. رچ= مَٺُ.

سميجــاٽيون ســپ ســهٽيون، پــر نــوريءَ مــَٺ نــہ ڪــا.

[2337]

ذات پــــانهنجي، ڪپـــــڙي جـــــو ڪونـــــہ.

ذات= ڪاراٽي> ڪا + راٽي. پانهنجي= ميس> ميءَ. ڪپڙي جو= تُرو> تُري.

ڪـــا راٽـــي مـــيءَ ســـانَ تـــُـــري ڪانـــــہ.

[2338]

جنهن ڪي **گهٽي** مان **ٿورو** مليو، سا **نالو** چو نہ ڪري!

گهٽو= ڪينجهر. ٿورو= بخرو (= حصو). نالو= ڏامو> لُوڏامون.

جنهن ڪي ڪينجهر مان بخرو مليو، سا لوڏامان چونہ ڪري!

[2339]

هــن تــڙ مٽــي **نارنــان** بيــنــي **حاڪيمــاٽو** ناهـــہ.

تڙ= ڪينجهر. نارنانءَ= نوري. حاڪيماٽو= محصول.

ڪينجهر مٽي نوريءَ بيٺي محصول ئي ناهہ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب پندرهون

سُرائتيون ڳجهارتون: بوبنا ۽ جراڙ

[2340]

جڏهن ٻاراٽيءَ منجهه هياس، تڏهن نالو لڳو نرنان سان.

ٻاراٽي= ٻُراڪ. نالو= جندڙي. نرنان= جراڙ.

جڏهن بوراڪيءَ منجهه هياس، تڏهن ڪان جندڙي لڳي جراڙ سان.

[2341]

اُٺ ٺون اوزار، نار هئي نالي سان.

اُٺ جو= لوڪارو> لوڪان لوڪ. اوزار= سُئي.

نار= بُوبنا. نالو= جراڙ.

لوڪان لوڪ سُئي، بُوبنا هئي جراڙ سان.

[2342]

هتيار ويل مال جا، ٻوليءَ جون تان نہ ڪجن،

جيئن مال ۾ مال جو، تيئن آءُ اولتن ۾ نرنان!

هتيار= ڪاتي. مال جا= ڪُنيڙا. ٻوليءَ جون=

ڪُٽڪون. مال= مينهون. مال جو= وڇڙو>

وڇوڙو. اولتن= جوين. نرنان= جراڙ.

ڪاتيءَ ويل ڪنيڙا، ڪٽڪون تان نہ ڪجن،

جيئن مينهن ۾ وَڇڙو، تيئن آءُ جوين ۾ جراڙ!

[2343]

نار نان تنهن نرنان لاءِ، گهرَجي تي پيئي.

نارنان= بوبنا. نرنان= جراڙ. گهرَجي= چَري.

بوبنا تنهن جراڙ لاءِ، چري تي پيئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب سورهون

سُرائتيون ڳجهارتون: دولهہ دريا خان ۽ همون

[2344]

نارنانءَ، ذات جن ۾ پئي حاڪيماٽا ڪيا.

نارنان= همون. ذات= رانوڙ. حاڪيماٽا= ٽيلا.

همون رانوڙن ۾، پئي ٽيلا ڪيا.

[2345]

ڪپڙو وجهي ڪانيءَ ۾، وجي فقير ماريائون،

پوءِ وري ڏيکاريائون، نالي ۽ نرنانءَ کي.

ڪپڙو= گج> گز. ڪاني= ڪمان. فقير= ٻاٻو>

ٻاٻيهو. نالو= دولهہ. نرنانءُ= دريا خان.

گز وجهي ڪمان ۾، ٻاٻيهو ماريائون،

پوءِ وري ڏيکاريائون، دولهہ دريا خان کي.

[2346]

اي نرنانءَ! پوڪ جبل جي نہ ڪر.

نرنان= دولهہ دريا خان. پوڪ(جا)= تڪ. جبل جي= پَر> بر.

اي دولهہ دريا خان! تڪبر نہ ڪر.

[2347]

گاهہ ويهاريان ڪاٺ تي، ذاتيون اُو رَمن،

چيري جن ۾ لوهہ جا، سو آن جا ڪيا مرُن.

گاهہ= سيڻ. ڪاٺ جو= سَنڌ> سنڌ. ذات= رانوڙ.

چيري جا= اُهاءَ. لوهہ جا= پَٽ. آنَ جو= چُنو> چِنا.

مرون= روجهہ.

سيڻ ويهاريان سنڌ تي، رانوڙيون رمن،

جني جي اُهائن ۾، پَٽ چِنا روجهن.

[2348]

نالوچوي نالي کي، پکي شهر نہ وڃ.

نالو= همون. نالو= دريا خان. پکي= ڪَنگ>
ڪُهنگ. شهر= قنڌار.
همون چوي دريا خان ڪي تہ ’ڪهنگ قنڌار نہ وڃ‘.

[2349]

نار ڪري تي ڪاٺ جا پڇائي، تہ نالو ذات ڪتي ڙي!

نار= ساهَلَ> سا + هَل. ڪاٺ جا= طاق> اوطاق.
نالو= رَمون. ذات= اوٺار.
سا هَل ڪري تيَ اوطاق پڇائي، تہ رمون اوٺار ڪتي ڙي!

باب سترهون

سُرائتيون ڳجھارتون: ست سريون

[2350]

نــار کــي هــُــئي بــاز ۾ ملــي ملامــت،
ويــو کــپ جيئــن ذات کــي، نرنــانءَ ســلامت،
راند جي چڏي ذات جي، پَــسي مـرض علامـت،
پـوک کـي نرنـانءَ جـي، ڏنـي هـنر جـي طـاقت،
نــار نــالي پوئتــان، پـَـسيا هئــا پربــت،
ڏن جــي وڏو نــالي کــي، نــار نزاکــت،
نـار نـالو ست، کيـائين عضـون تـي اوڏڻ جــي.

نار= ليلان. هئي باز= ليهور. کـَپ جي= گھائي.
ذات= گجر. نرنـانءَ= سوڊو. رانـد جـي= ڏکـي.
ذات= داسڙا. مرض= عيب. پوک= سِٽي> سهٽي.
نرنـانءَ= سـکندر> سـک + انـدر. هـنر= تـرڻ. نـار=
سسـئي. نـالو= پنهـون. ڏن جـي= موهـي. نـالو=
چـامر. نـار= نـوري. نـار= سـَـتي. نـالو= رکيـو.
عضوو= متو> متي. عضوو=مُنهن.اوڏڻ جو=ملير.

ليــــلان کــــي ليهــــور ۾ ملــــي ملامــــت،
ويــو گھــائي گجــر کــي، ســـوڊو ســـلامت،
ڏکــي چــڏي داســڙي، ڏســي عيــب علامــت،
سـهٽيءَ کـي سـک انـدر جـي، ڏنـي تـرڻ جـي طـاقت،
سسـئي پنهـونءَ پوئتـان، پـَـسيا هئـا پربـت،
موهــي وڏو چـامر کــي، نــوريءَ نزاکــت،
سـَـتيءَ رکيـو ست، کيـائين متـي منهـن مليـر جـو.

[2351]

نارنـان گاهــ جـا سـاري، واهــ جـن تـي ويئـي،
نارنــان نرنــان لاءِ، پـُـون جـي تـي پيئـي،
نارنــان ۾ نرنــان، رڇ نــــ تيــا بيئـــي،
نارنــان نرنــان کــي، ڳهــــ تــي پيئـــي،

نارنـــــان نرنــــان لاءِ، وڪـــــر ونيـــــو ويئـــــي،
ٻنـــي هيـــس جـــن جـــي، **ٻنـــي نـــ** تيـــا ســـيئي،
مـــــائٽ مڙيئـــــي، هوتـــن نـــ **اکـــــر** هڪـــــڙو.

نارنان= سهٽي. گاهہ جا= ڪوها.واهہ جو= اوڙاهہ.
نارنان= ٻوبنا. نرنان= جراڙ. پُـونءِ جي= چري.
نارنان= مـارئي. نرنـان= عمـر. رڃ=گـڏون>گـڏ نـ
نارنـان= ليـلان. نرنـان= چنيسـر. ڳهـ= ڪـڙي.
نارنـان= سسـئي. نرنـان= پنهـون. وڪـر= سـاٿر>
سا + ٿر. ٻنـي= سنيوڙي. ٻنـيءَ جا= ٻيلي. مـائٽ=
مامو> ماءُ+ مون. اکر= حرف.

ســــهٽي گـــُـــوها ســــاريا، اوڙاهـــن ويئــــي،
ٻوبنـــــا جــــراڙ لاءِ، چــــري تـــي پيئــــي،
عمـــــر ۽ مـــــارئي، گـــڏ نــــ تيـــا ٻيئــــي،
ليـــلان چنيســـر ڪـــي، ڪـــڙي تـــي پيئـــي،
سســـئي پنهـــون لاءِ، ســـا تـــَـــرُ ونيـــو ويئـــي،
ســـنيوڙيس جـــن لاءِ، ٻيلـــي نـــ تيـــا ســـيئي،
مـاءُ! مـون (ڏي) مڙيئـــي، هوتـــن نـــ حـرف هڪـــڙو.

[2352]

نـــر بينـــو **شــــهر** ۾، **نـــار** نهـــاري،
نـار ٻنـي جهنـگ جـي ۾، **اڪ جـا عضـون** هـاري،
ڏيئـي سـنگت جـي نرنــان، ويـو **نـار** ڪـي مـاري،
رويـو **نـار نرنـان** لاءِ، **پڪيـــن** جيئـن تـي هـاري،
ڪپڙي جـا تـہ ولايـت ۾، **لوهـ جـا** ڪيئـن نـاري،
ذاتيـن وات جـو نيـو، **رڃ رانـد جـي** ڪـاري،
نرنـانءَ ڪـي سـاري، **نـار نـ** ڌنـي **جـر جـيءَ** ڪـان.

نرنـانءُ= مجنـون. شـهر= مـصر. نـار= ليلـيٰ. نـار=
سسئي. ٻني= سـُجي. جهنگ جي= سڄ. اڪ جا=
ڳوڙها. عضوا= ڳـَـلَ> ڳلـن. سـنگت جـي= ميـار.
نرنـانءُ= مينڌرو. نـار= مومـل. نـار= هيـر. نرنـانءُ=
رانجهو. پڪي= هنجهہ. ڪپڙي جا= تـان. ولايـت=

ٿر. لوهہ جا=ڪٽ> ڪٽيان.ذات=ويسا> ويساهي.
واٽ جو= وَرُ. ريج= ڪوُنرو> ڪونروءَ. راندُ جي=
ڪُپت. نرنانءَ=ساهڙ. نار= سهڻي. جر جي= سير.

مجنـــون بيٺـــو مـــصر ۾، ليلـــيٰ نهـــاري،
سسـئي سـجي سـج ۾، ڳوڙهـا ڳلـن هـاري،
ڏيئـي ميـارون مينـڌرو، ويـو مومـل ڪـي مـاري،
رويـو هيـر رانجهـوءَ لاءِ، هنجـون پـُـٽي هـاري،
تـانَ منهنجـا تـر ۾، آءٌ ڪيئـن ڪٽيـان نـاري،
ويسـاهي وَرُ نيـو، مـون ڪـان ڪونـروءَ ڪپـت ڪـاري،
سـاهڙ ڪـي سـاري، سـهڻي نـہ ڊنـي سـير ڪـان.

[2353]

پنهنجــي ۾ نرنــان جــي هميشـــہ هونديــاس،
شهر جن ۾ مـِـنيءَ جو مَ سومرا، **نالي** آءٌ وينديياس،
ٻوليءَ ۾ **ڪــاٽ** هنياس، تڏهن ويم **نرنان وڪر جو.**

پنهنجي= سڪَ. نرنانءَ= ساهڙ. شهر جون= ڪوٺيون.
مـِـنيءَ جـو= پـُـور. نـالو= وطـن> وطـن.
ٻولَـي= هـاءِ. ڪـاٽ جـو= هـرُ> هـار. نرنـان=
سُڪيو> سُڪ. وڪر= سُهاڳو> سُهاڳُ.

سـڪ ۾ سـاهڙ جــي هميشـــہ هونديــاس،
ڪوٺيَـن ۾ پــُـور مَ سـومرا! وطـن آءٌ وينديـاس،
هـاءِ هـار هنيـاس، تـڏهن ويـم سـُـڪ سـهاڳ جـو.

[2354]

اَديـون! **ٻــن نــالن** جـي **حــاڪم** آءٌ نـہ هيـاس،
نرنان بنان شـهر ۾ منهنجـو **عضـوو** نـہ آهـي راس،
ڪـاٽ جـي وجهـي **ريجـن** ۾، چوهـُـون چڪينديـاس،
عضوي جي ڪيـو وينديـاس، **گاهہ مجي نرنانءَ ڏي.**

ٻہ ناﻻ= هوتءَبلوچ. حاڪم= نبَـاب(نواب)> نـہ بـاب.
نرنـان= راڻـو. شـهر= ڪـاڪ. عضـوو= رُو(منهـن)>
روح. ڪـاٽ جـي= مـانڊاڻي. ريج= مـاٽي> مـاٽين.
عضوو= تـري تـَري. گاهہ= نڙ. مجـي= سـِـٽِـي>
سُٽي. نرنانَءَ= ميهار.

آديـــون! هـــوت بلـــوچ جـــي، نــــ بــــاب آءُ هيـــاس،
راڻـــي بنـــان ڪـــاڪ ۾ منهنجـــو روح ۾ آهـــي راس،
مـــانڊاڻي وجهـــي مـــاڻين ۾، چوهُـــــون ڇڪينديـــاس،
تــَــــري آءُ وينديـــاس، نــَـــــڙ سـڻـي ميهـــار ڏي.

[2355]

ســـــئي پنهـــــل ڪـــاڻ، **ڪـپــــڙو** ونيـــو ويئـــي،
عمـــــــر ۾ مـــــــارئي رڇ تيـــــــا بيئـــــــي،
ســــهڻي ميهـــــر ڪـــاڻ، **گاهـــــ** تـــي ويئـــي.

ڪپڙي جو= بـَرُ. رڇ= گڏون> گڏ + نـ. گاهـ=
مريڙو> مري + ڙي.

ســــــئي پنهــــــل ڪـــاڻ، بــَــــرُ ونيــــو ويئـــي،
عمـــــر ۾ مــــارئي، گـــــڏ نـــــ تيـــــا بيئـــــي،
ســــهڻي ميهـــــر ڪـــــاڻ، مــــري ڙي ويئـــــي.

[2356]

نـار ڪي **نرنانءَ** نا وٽـي، پـر **واءَ نـالي** تـان هٽيـار،
نار نرنانءَ سامهون، جنهن ڪي **مال جي** ناهي پچار،
سـڻ آڳـي جـا اختيـار، جـو **نـالو** وٽيـو تـي **ذات** ڪـي.

نار= مارئي. نرنانءَ= عمر. واءَ= هير. نالو=رانجهو.
هٽيار جا= پلهار. نار= سهڻي. نرنانءَ= ساهڙ.
مال جي= پـُني. نالو= لاڪو. ذات= اوڏ.

مارئي ڪي عمر نا وٽـي، پـر هيـر رانجهـي تـان پلهـار،
سهڻي ساهڙ سامهون، جنهن ڪـي پــُـنيءَ نـاهي پچـار،
سـڻ آڳـي جـا اختيـار، جـو لاڪـو وٽيـو تـي اوڏِ ڪـي.

[2357]

ســـئي پنهنجـــي پنهـــل لاءِ **ڏُڏُ** ونيـــو تـــي ويئـــي،
بــُــــوينا جـــــراڙ ســــان **هٽيــــارين** پيئـــــي.

ڏُڏ (جي)= ٿر. هٽيار= يالاڪ> اويالين.

ســــئي پنهنجـي پنهـل لاءِ، ٿــر ونيــو تــي ويئـــي،
بوينـــــا جـــــراڙ ســــان اويـــــالين پيئـــــي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2358]

عورت مرد پاڻ ۾، مال جي نہ ٿيا،
عورت کانڌ لئي، ڪپڙي جا ٿي ڏوريا.

عورت= مارئي. مرد= عمر. مال جي= راس.
عورت= سسئي. ڪانڌ= پنهون. ڪپڙي جا= بر.

مارئي عمر پاڻ ۾ راس نہ ٿيا،
سسئي پنهون لئي، بَرَ ٿي ڏوريا.

[2359]

ڪپڙي ۾ ٿي ذات سڏائي، سڻ تون نالا ناڻءُ ميان!
واڻئي نالي ذات سڏائي، سا عورت ٿيندي چونہ ميان!

ڪپڙو= ڪيس. ذات= ميءَ. نالو= سموڪ سما.
ناڻءُ= سلطان. واڻيو= هوتُوڪ هوت. ذات= بلوچ.
عورت= ساهُل.

ڪيسن ۾ ٿي ميءَ سڏائي، سڻ تون سما سلطان ميان!
(جنهن جو) هوت بلوچ (ويو)، سا هُل ڪندي چونہ ميان!

[2360]

ڳهہ، چار عورتون مُٺيون.

ڳهہ= هار. ڳهہ= هارڪ مگٽهار. ڳهہ= هارڪ ميهار.
ڳهہ= هارڪ مهار. چار عورتون= ليلان، سورٺ،
سهڻي ۽ سسئي.

ليلان هار مُٺي، سورٺ مگٽهار مُٺي،
سهڻي ميهار مُٺي سسئي مهار مُٺي.

باب ارڙهون

رسالي جي سرن واريون ڳجهارتون

سُر ساموندي

[2361]

نالو اُتي جتي، شهر ڪپڙ جا تين.

نالو= آيل. شهر جا= ساٿ. ڪپڙ جا= ڳوَن> ڳوڻ.

آيل اُتي، جتي ساٿ ڳوڻ تين.

[2362]

سونهن جو پاتائون، ڪا تڙ جي پيئي تن کي.

سونهن جو= جوبن> جو + بن. تڙ جي= رنڊ> رنڊڪ.

جوبن پاتائون، ڪا رنڊڪ پيئي تن کي.

[2363]

ڪاني ولائت مان، الا، عورت آڻ.

ڪاني= ڪشتي. ولائت= ڪارونيار. عورت=
الله رکي.

ڪشتي ڪارونيار مان، الله! رکي آڻ.

[2364]

پنهنجي نرناڻءَ لاءِ، ٻولي ڪاچ نهاريان.

نرناڻءَ= ورو> وَرُ. ٻولي= پُٽي. ڪاچ جي= تَڙ.

پنهنجي وَرَ لاءِ، پُٽي تڙ نهاريان.

[2365]

جر جو نهاريم فقير، تہ نالو ناهي ڪاٺ ۾.

جر جو= تڙ، فقير= توڏو> توڏ. نالو= جاني.
ڪاٺ(جو) = جهاز.

تڙ نهاريم توڏ، تہ جاني ناهي جهاز ۾.

[2366]

ڪپڙا نرناڻ جا، جر جن منجهہ اڇي ويا.

ڪپڙ جا= جهوڙا. نرناڻءَ= جونجهار. جر جا= اونهان.

جهوڙا جونجهارن جا، اُونهن منجهہ اڇي ويا.

سُر سارنگ

[2367]

اللہ عــــورت آڻ نـــالن نـــانوَ قتــا كيــا.

عورت= وسندي. نالو= باغ> باغن. نانوَ = گل.

اللہ وســـندي آڻ بـــاغن گـــل قتـــا كيـــا.

[2368]

جهڙ جـو هجي ها تـہ ملڪ جـا چـو ملـڪ پـون ها؟

جهڙ جو= مينهن. مُلڪ جا= ٽرها> ٽري.

ملڪ= سنڌ.

مينهـــن هجـــي هـــا تـــہ ٽـــري چـــو ســـنڌ اچـــن هـــا؟

[2369]

شـــهر متـــي پـــوڪ هئـــي، پکيـــن پئـــي وس كيــا.

شهر= گرنار. پوک= گاج(سرنهہ). پکي=

وِڇُـو> وِڇُن.

گرنـــار متـــي گـــاج هئـــي، وڇـــن پئـــي وَس كيـــا.

[2370]

آئـــي عـــورت مـــال جـــي، پکـــي پوليـــون كـــن.

عورت= مُنڊ> مُند. مال= مينهن> مـينهَـن.

پکي= تاڙو. پولي= تنوار.

آئـــي منـــد مينهـــن جـــي، تـــاڙا تنـــوارون كـــن.

[2371]

نـــالو آهـــي نـــالي ۾، واهـــ واهـــ اڄ نـــالو!

نالو= ملهار. نالو= عثمان> آسمان. نالو=

وَسند> وسندو.

ملهـــار آهـــي آسمـــان ۾، واهـــ واهـــ اڄ وســـندو!

[2372]

نـــالي چيـــو نرنـــانءَ کـــي هـــل تـــہ نـــالي جـــي كريـــون.

نالو= سارنگ. نرنانءَ= بادل. نالو= وَسڻ.

ســـارنگ چيـــو بـــادل کـــي، هـــل تـــہ وَســـڻ جـــي كريـــون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2373]

هڪ نالو، ٻيو نالو، نالوئي نانوَن تي.

نالو= وَسيو. نالو= وَسند> وسندو. نالو= موريو.

نرنان= مِينهون> مِينهن.

هڪ وَسيو ٻيو وَسندو، موريو مينهنِ تي.

[2374]

ڪامڻ نرنالن سان جر جا ڪندي ويئي.

ڪامڻ= ڪِنوڻ. نر نالو= بادل. جَر جا= دُٻا.

ڪِنوڻ بادلن سان دُٻا ڪندي ويئي.

سُر ڪاپائتي

[2375]

سازين تہ ڪامڻي، مُند اکر نہ ڇاڻي سا تہ ڪاني ڙي!

ساز= پير> پيرين. ڪامڻي= پَلي. مُندَ = ڪَتي.

اکر=انگ. ڪاٺ جي= گاڏي> گاڏيھڙي.

پيرين تہ پلي، ڪَتي انگ نہ ڇاڻي سا تہ گاڏيھڙي!

سُر رامڪلي

[2376]

اُتي ڪامڻ، ڪر جرجي، هي نرنانءَ ولايت ويندو.

ڪامڻ= جيجل. جر جي= واهي> الله واهي.

نرنانءَ= سامي. ولايت= گنگا.

اُتي جيجل، الله واهي، هي سامي گنگا ويندو.

[2377]

نرنانوَن جر جيءَ تي ڪاڄ جا ڪيا.

نرنانءَ= گودڙيو. جر جي= گنگا. ڪاڄ جو=

وِسناڻ> سَنانُ.

گودڙيَن گنگا تي سنان ڪيا.

[2378]

هيٺ پڪي سر ڪامڻي، وڃي ڏونگر ٻڌائون.

پوڪ جا هٿ ڪري، وڃي ولايت ماڻيائون.

پکي= چمڙو. ڪامٽي= تاج. ڏونگر= لَڪَ.
پوک جا= تُنبا. ولايت= پورب.
هيــٺ چمـــڙو، ســـــر تـــاج، لـــَـــڪَ ٻڌائـــون،
تـــُـنبا هـــٿ ڪـــري، وجـــي پـــورب ماٽيـــائون.
[2379]
جـر جـون جـر جـا جـن سـان، نـــالا نـــام بـــ تـــن.
جر جون= تُنبيون. جر جا= ڪِستا. نالو= رام.
نالو= راڏو> رِيڏو.
تـــُنبيون ڪســـتا جـــن ســـان، رام بـــ رِيـــڏو تـــن.
[2380]
پنـــڊ جـــون چـــڏيائون، مـــال جـــون ڪنيـــائون،
پڪـــــي ٻڌائـــــون، ولايـــــت پڇيـــــائون.
پنڊ جون= مڙهيون. مال جون= سـڳيون.
پکي= چَتون> چوتا. ولايت= پورب.
مڙهيـــــون چـــــڏيائون، ســـــڳيون ڪنيـــــائون،
چوتـــــا ٻـــــَـــڌائون، پـــــورب پڇيـــــائون.
[2381]
گـل هليـا ولايـت ڏي، هـت پـوک جـون چـڏيائون.
گل= سنياسي. ولايت= وٽڪار. پوک جون=
مُـوڙهيون> مڙهيون.
سنياسي هليـا وٽڪـار ڏي، هـت مـَـڙهيون چـڏيائون.
[2382]
باهـــ جـــي ۽ مـــال جـــي، ذات ولايـــت ويـــا.
باهہ جي= دُونهي. مال جي= لَٽ. ذات= ڪاپڙي.
ولايت= ڪشمير.
دونهيـون دکـائي، لـَـٽ لائـي، ڪـاپڙي ڪشـمير ويـا.
[2383]
اک جـــا، مـــال جـــا، نـــار نـــالي شـــهر ويـــا ڙي.
اک جا= ڏنڊ. مال جا= دُونهان. نار نالو=
بـُولي> ڪابولي. شهر= ڪشمور.
ڏنـڊ، دونهيـن لاٽ ڪئـي، ڪـابولي ڪشـمير ويـا ڙي.

[2384]

شهر متان تي **مال جا** لنگهيا، تڏهن مون پانيو تہ
ذات وارا آيا.

شهر= اِستنبول. مال جا= تارُون> تارُو.
ذاتَ وارا= ويراڳي.

اِستنبول متان تي تارُو لنگهيا، تڏهن مون پانيو تہ
ويراڳي آيا.

[2385]

جتي **جيوڙ** **رانديون** ڪن، تتي **نرنائون**
مال جي ڪئي.

جيوڙ= سگهي(بلا جو نالو)> سيگهيون.
راند جا= سُوستَ. نرنانءِ= جوڳي> جوڳين.
مال جي= جُوءِ.

جتي سيگهيون سُوستَ ڪن، سا جوڳين جُوءِ ڪئي.

[2386]

اُتي **پکي** ڪر **راڳ جي**، اتئي **هٿ جي** هڪڙي رات!

پکي= پوو> پائو. راڳ جي= پڳتي. هٿ جي=
ساهمي> سامي.

اتي پاوا ڪر پڳتي، اتئي سامي هڪڙي رات!

[2387]

آيا ڪي **عضوي چير**، وڃن تا **ولايت** ڏي.

عضوو= ڪن. چِير= قاڙ. ولايت= گرنار.

آيا ڪي ڪن- قاڙ، وڃن تا گرنار ڏي.

[2388]

اتي **ڪامڻ** وٺ **جر جي**، **نر نالو** **ولايت** ويو.

ڪامڻ= جيجان. جَر جي= سُرڪي. نر نالو=
جوڳي. ولايت= هنگلاج.

اتي جيجان، وٺ سُرڪي، جوڳي هنگلاج ويو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2389]

ڪٽـي ڪـانئي ڪڙمڪـي، هـو ذات ولايـت ويـا.

ڪانئي= جُنگ. ڪڙمڪي= هاج. ذات= سامي.

ولايت= هنگلاج.

ڪٽـي جـُـنگ جـَـهاج، سـامي هنگـلاج ويـا.

[2390]

ذاتيـن ڪٽـي ڪـانئين ٻـِـڌا ڪپـڙ جـا.

ذات= ڪاهوڙيءَ. ڪاٺ (جا) = سنجا> سنجهي.

ڪپڙ جا= سندرا.

ڪـاهوڙين ڪٽـي، سـَـنجهي ٻـڌا سـندرا.

[2391]

اَن ۽ مـال جـا، نـار نـالي مـردن جـا.

اَن جا= پـَلَ. مال جا= پـُورَ. نار نالو= جيجل.

مرد= جوڳي> جوڳيئڙن.

پلپـل پـُـور (پـون)، جيجـل جوڳيئـڙن جـا.

باب اٺويهون

مجازي ڳجهارتون

[2392]

پکيـن کـان وڏ منهنجـا پريـن، **نـالا نـانءَ** سـندن.

پکي= وڇُـو> وڇن. نالو= پنيو. نانءُ=
پِـرو> پِـرُون.

وِڇـن کـان وَڏ منهنجا پريـن، پَـنيَــا پِــرُون سندن.

[2393]

پنهنجــو شــهر ڏسـي، **مــِـــرون ذات** تيـــام.

پنهنجو= سُـهڻو> سُـهڻي. شهر= سورت> صورت.
مِـرون= چِـيتو> چيتا. ذات= ڳُـمٽائي> ڳـم.

ســـهڻي صـــورت ڏســـي، چيتــا ڳم تيـــام.

[2394]

نـــالي ســهٽا ســپرين، رڇ نـــ تـــن جــو کـــو.

نالو= صورت. رڇ= مَـٽُ.

صــورت ســهٽا ســپرين، مَـــٽُ نـــ تـــن جــو کـــو.

[2395]

وکـــر ذات جـــن، منهنجـــو **نرنـــاءُ** بـــ تـــن ســـان.

وکر= سُرمو. ذات= پاٿتا> پاتا. نرنانءُ=
حسڻ> هسڻ.

سـرما پاتــا جـــن، منهنجـــو هـَــسڻ بـــ تـــن ســـان.

[2396]

جڏهن **سـج** ڏنـم سـپرين، تـڏهن **عضـــووڻ** تيـــو.

سج(جي) = مُـرڪَ(باڪ)> مرڪندي. عضوو=
جُـٿو. وڻ= جاءِ (ڳل).

جڏهن مـــُرڪندي ڏنـم سپرين، تـڏهن جٿـو جـاءِ تيـو.

[2397]

آءُ ميـان، تنهنجـي **نرنـائڻ**، مـون کـي **نرنـانءُ** کيـو.

نرنان= ڪـلڻ، نرنان= ٿـلڻ. نرنان= خوشحال.

آءُ ميـان، تنهنجـي کلڻ ۽ ٿلڻ مـون کـي خوشـحال کيـو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2398]

پرين اڳئي نندڢ جا، ٻيا ڪپڙ جا ڏڪيائون،
پاهڻ پائي عضوي ۾، ڪپڙ جون ڪڍيائون،
اُنهن ڪي آءُ، نرنانءَ چونديا ڳاس.

نندڢ جا= سُهٽا. ڪپڙ جا= ڪُهنبا. پاهڻ= سُرمو.
عضوو= اکيون. ڪپڙ جون= پَنيون. نرنانءُ= مبارڪ.

پرين اڳئي سُهٽا، ٻيا ڪُهنبا ڏڪيائون،
سرمو پائي اکين ۾، پنيون ڪڍيائون،
اُنهن ڪي آءُ، مبارڪ چونديا ڳاس.

[2399]

وڻ پائي رچ ۾ ست جون ڪنيائون ساڻ.

وڻ= ميندي. رچ= وٽو. ست جون= سڱيون.

ميندي پائي وٽي ۾، سڱيون ڪنيائون ساڻ.

[2400]

پڪي پوڪ مال جا ٻڌل، مون وڻ جن ۾ ڏٺا.

پڪي= باز> بازو. پوڪ جا= بَند. مال جا= ٻڌل.
وڻ جا= ڏوئرا> ڏورا.

بازوبند ٻڌل، مون ڏورن ۾ ڏٺا.

[2401]

نالي اڳيان ناريون، مرجان راند جا ڪن.

نالو= دلبر. نالو= دادلي> دادليون. راند جا= ماٽا.

دلبر اڳيان دادليون، مرجان ماٽا ڪن.

[2402]

نالو چڏ منهنجا پرين، نالو مون سان ڪر.

نالو= ساماٽو> ماٽو. نالو= محبت.

ماٽو چڏ منهنجا پرين، محبت مون سان ڪر.

[2403]

نرنانءُ، ٻولي ڏي تہ ڪريون واپار متيءَ جو.

نرنانءُ= جاني. ٻولي= جيءُ. واپار= سودو.
متيءَ جي= سِرَ.

جاني، جيءُ ڏي تہ ڪريون سودو سِر جو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2404]

وٽئـــي نـــالو ڪـــر، وٽئـــي وڪـــر ڪـــر.

نالو= قبول. وڪر= ڪتل> قتل.

وٽئـــي قبـــول ڪـــر، وٽئـــي قتـــل ڪـــر.

[2405]

نـــالي چيـــو نـــالي ڪـــي تـــہ شـــهر جـــي آٽـــي ڏي.

نالو= معشوق. نالو= عاشق. شهر جي= سُوڪڙي.

معشـــوق چيـــو عاشـــق ڪـــي تـــہ ســـوڪڙي آٽـــي ڏي.

[2406]

نـــالو ڪريـــان چـــو نـــہ، پـــر اُٿَ جـــا ســـهن ڪيـــن ٿـــا.

نالو= محبت. اُٿَ جا= ڏاوڻ> ڏائڻ.

محبـــت ڪريـــان چـــو نـــہ، پـــر ڏائـــڻ ســـهن ڪيـــن ٿـــا.

[2407]

پـــاٽـــي تـــي آءُ، نرنـــالو، منهنجـــا پريـــن.

پاٽي= پڊرو. نر نالو= مَلڪ> مرَ + لـڪ.

پـــڏرو تـــي آءُ، مرَ لـــڪ منهنجـــا پريـــن.

[2408]

لوهـــ جـــا منهنجـــا پريـــن، لوهـــ جيئـــن تـــون ڳالهـــاءِ،

اســـان ٻنهـــي وچ ۾، گاهـــ جـــو بيئـــو آهـــہ.

لوهہ جا= پورا. لوهہ جي= ڳُجهہ> ڳجهو.

گاهہ جو= اوڪر> اُو + ڪَرُ.

پـــورا منهنجـــا پريـــن، ڳجهوتـــون ڳالهـــاءِ،

اســـان ٻنهـــي وچ ۾، اُوڪـــرُ بيئـــو آهـــہ.

[2409]

لوهـــ جـــا منهنجـــا پريـــن، تـــون ڳهـــ تـــي آءُ، اڳيئـــون

گاهـــ جـــا وڏا.

لوهہ جـــو= پـــورڙو (ننڍڙي چـَڙي)> پـــورڙا.

ڳهہ جي= لُـڪڙي> لـڪي. گاهہ جا=ڪرا>ڪَرَ.

پورڙا منهنجا پرين، تـون لَـڪي آءُ، اڳيئون تـي ڪـَرَ وڏا..

[2410]

وڻ جـاون، **پنهنجـا** آون، **ذاتيـون** **ڪـاوَن**، ايـڏا **نـالي**
جا **نرنـانءَ** ميـان!

وڻ= جاڪر> ڪر. پنهنجا= پرين. ذات= ڪلڻ>
ڪليو. نالو= آڳو، آڳي. نرنانءُ= احسان.

ڪَـرَ جاون، پرين آون، ڪليوڪاوَن، ايڏا آڳي جا احسان ميان!

[2411]

ڪـاٺ **ڪـاٺ** جـون ڳـالهڙيون، پـون نــہ **مـال** **جـن**،
اســان ۾ پريـــن، ڪٽـــي **شــــهر** ڦٽــو ڪيـــو.

ڪاٺ جي=ڳجهہ. ڪاٺ(جا) = دَرِ> اندر. مال
جون= بيڪون> بئي + ڪَنُ. شهر= ڳڏيجي
(تعلقو گنبٽ) ڳڏي + جيءُ.

ڳجهہ انـدر جـون ڳـالهڙيون، پـون نــہ بئـي ڪــَن،
اســان ۾ پريـــن، گـــڏي جــيءُ ڦٽـــو ڪيـــو.

[2412]

اوري آءُ مرَ منهنجـــا **نــــالا**، متــان **گاهـــہ** ڪنئـــي.

نالو= پرين. گاهہ= ڪوتڪ> ڪو + تـَڪَ.

اوري آءُ مرَ منهنجـا پريـن، متـان ڪـو تـَـڪ ڪنئـي.

[2413]

پڪي نہ ٿيءُ، **ڪانيءَ** نہ آءُ، متان ماڻهو **مـرون** ڪنئي.

پڪي= چـِپ. ڪانيءَ جو= هَرُ> هرهر. مـِرون=
سـَهو> سهي.

چـِپ نـہ ٿـيءُ، هرهر نــہ آءُ، متـان مـاڻهو سـهي ڪنئـي.

[2414]

ڪـــانئين اينـــدي ســـان، **ڪـــانئين** وينـــدي ســـانِ،
ڪـانئين سـنديون ڳـالهڙيون، **ڪـانئين** ڪنـدي سـانِ.

ڪانيءَ جي= ڳـُجهہ(اَرٽيءَ جي چـَپر) .

ڳـُـــجهين اينـــدي ســـان، ڳجهيـــن وينـــدي ســـانِ،
ڳجهـن سـنديون ڳـالهڙيون، ڳجهيــن ڪنـدي سـانِ.

[2415]

مُٺا مِرُون، حاڪم جو تينئي، وڻ ڇڏ تہ پوڪ ملون.

مِرون= ڪتو. حاڪم جو= خطہ ڪَٽُ (مرض).

وڻ= بَهڻ. پوڪ= ساٽر> ساعت.

مُٺا ڪتا، ڪَٽُ تينئي، بَهڻ ڇڏ تہ ڪا ساعت مِلون.

[2416]

مان تہ فقير تنهنجو، پوڪ جون نہ ڪر مون سان.

فقير= عاشق. پوڪ جون= گهُنديون.

مان تہ عاشق تنهنجو، تون گهُنديون نہ ڪر مون سان.

[2417]

ڪاٺ جن ۾ هئين منهنجا پرين! تڏهن جر جون وڏيون مون،

جڏهن وڏو تيو آهين، تڏهن تو مال جا ڪرين.

ڪاٺ جا= پينگها. جر جا= اڪا> اڪيون.

مال جا= گوشا.

پينگهن ۾ هئين منهنجا پرين، تڏهن اڪيون آڙايون مون،

جڏهن وڏو تيو آهين، تڏهن تو گوشا ڪرين.

[2418]

وڻ وسين منهنجا پرين، اجهي چو نہ اچين،

ڪپڙي اندر تو ڳالهڙي، سا مائٽين چو نہ ڪرين.

وڻ= توٽ> تون +تن. اجهو= پيهي. ڪپڙي (جو) = جامون> جا + من. مائٽ= مامون> مان + من.

تون تن وسين منهنجا پرين، پيهي چو نہ اچين،

جا من اندر تو ڳالهڙي، سا مان من چو نہ ڪرين.

[2419]

زحمت ويڙهيا سپرين، زحمت ڏسڻ نہ ڏين،

الله ائين ڪرين، جو سدا هونِ زحمت ۾.

زحمت= بگ. زحمت= رتي. زحمت= محلو> محل.

بگ ويڙهيا سپرين، رتي ڏسڻ نہ ڏين،

الله ائين ڪرين، جو سدا هونِ محلن ۾.

[2420]

شهر بہ لڳم جن سان، فقير جا بہ کنديـن تـن کـي،
نالو هوندو نصيب ۾، تہ شهر جو بہ ٿيندو تن سان.

شهر= ڏلي> دل. فقير جا= سوال. نالو= لکيو.
شهر جو= ميلو.

دل بہ لڳيم جن سان، سوال بہ کنديس تن کـي،
لکيو هوندو نصيب ۾، تہ ميلو بہ ٿيندو تـن سـان.

[2421]

چـَل ڙي ٻيـڙيءَ وارا، وچـي شـهر خبـر ڏي،
پـوک تہ پوکيم جن کـاڻ، مولـيٰ ميلـي سـي.

ٻيڙيءَ وارا= ساڳاهيا. شهر= منجهئون. پوک=
کاسني> کي + سنہ.

چـل ڙي سـاڳاهيا، وڃـي مجهئـون خبـر ڏي،
کـي سنہ کـاتيم جن کـاڻ، مولـيٰ ميلـي سـي.

[2422]

پوک کاٿ تـي، جي کامڻ آهہ تہ نرنانءُ بہ ٿيندو،
نہ تہ شهر ڙي.

پوک جي= رکَ. کاٿ= لاهہ> الله. کامڻ=
حياتان> حياتي. نرنانءُ= مولو> ميلو. شهر=
ياڳناڙي> ياڳ.

رک الله تي، جي حياتي آهہ تہ ميلو بہ ٿيندو، نہ تہ
يـاڳ ڙي.

[2423]

ذات لڳـي جـن، پکـيءَ جـو تـن ڦٽـو کيـو.

ذات= جوکيا> جوکو. پکيءَ جو= ڦيرو.

جوکـو لڳـو جـن، ڦيـرو تـن ڦٽـو کيـو.

[2424]

نرنـانءَ مـاٺو ڏيهـہ ۾، آءُ نرنـانءُ کونہ ڏسـان،
نرنانءُ آهيم کونکو، جنهن کي سـُـٿ هٿ جا ڏيان،
هـاٿي کيئن کريان، جـو مون جـي پـَـٿَ پري ٿيـا.

نرنانءَ = دشمن. نرنان= سڄڻ. نرنان= محرم.
سُٽ جا= ڏورا. هٿ جا= پاءُ. پَٽَ جَي=وَس.

دشمن ماڻهو ڏيهہ ۾، آءُ سڄڻ ڪونہ ڏسان،
محرم آهيم ڪونڪو، جنهن کي ڏوراپا ڏيان،
هاٿيُ ڪيئن ڪريان، جو مون بيوس ڪان پري ٿيا.

[2425]

شهر سڄوئي لوهہ، نرنانءَ نهي ئي ڪونہ.

لوهہ= مارو. نرنان= سڄڻ.

شهر سڄوئي مارو، سڄڻ نهي ئي ڪونہ.

[2426]

ڪنڊ وڻ ۾ منهنجا پرين، وڃي وڻ جا ڪياسون،
شهر جن ۾ وڃي، رپي جا ڪياسون،
جڏهن مال جا ماڻهو پيدا ٿيا، تڏهن ڪٽي ڏڏ جا چڏياسون.

ڪنڊ وڻ جا= پور. وڻ جا= گوش> گوشا. شهر
جا= ماڙيون ۽ محل. رپي جي= پرک. مال جا=
ڪُرَ> ڪَرَ. ڏڏ جا= گهمرا.

پورن ۾ منهنجا پرين، وڃي گوشا ڪياسون،
ماڙين ۽ محلن ۾، پرين پرکياسون،
جڏهن ڪَرَ ماڻهو پيدا ٿيا، تڏهن ڪٽي گهمرا چڏياسون.

[2427]

هي جي مِرون پيدا ٿيا، تہ اَن جا چڏيا مون.

مِرون = ڪتو> ڪُتڙا. اَن جا= گهمرا.

هي جي ڪتڙا پيدا ٿيا، تہ گهمرا چڏيا مون.

[2428]

جنهن کي ڳهہ جي لڳل، سا ذاتيون چو نہ ڪري.

ڳهہ جي= لئون. ذات= گهمراٽي> گهمرا.

جنهن کي لئون لڳل، سا گهمرا چنو نہ ڪري.

[2429]

اسان وٽ لوهہ جي گهٽي، توهان وٽ ڪنولي
جي ڪانہ.

لوهہ جي= ڪِير> اُڪير. ڪنولي جي= تانگهہ.

اسان وٽ اُڪير گهٽي، توهان وٽ تانگهہ (ئي) ڪانہ.

[2430]

لوهہ نالي جي هنيئي، لوهہ جي مون ڪي ناهہ.

لوهہ جي= ميخ. نالو= محبت. لوهہ جي=
چَين> چَينُ.

ميخ محبت جي هنيئي، چَينُ مون ڪي ناهہ.

[2431]

نالي ڪي نالو ڳري، سو پڻ نالو ڙي.

نالو= دانهہ. نالو= ديوانو. نالو= عشق.

دانهہ ڪي ديوانو ڪري، سو پڻ عشق ڙي.

[2432]

گاهہ ڏني نرناڻ ملي، تہ مان نالو تيان.

گاهہ= سَرُ> سِرُ. نرناڻ= ساڄن. نالو= قربان.

سِر ڏني ساڄن ملي، تہ مان قربان تيان.

[2433]

مِتي ڏني نرناڻ ملي، تہ ليکي عضوي ڏئي.

مِتيءَ جي= سِرَ> سِرُ. نرناڻ= ساڄن. ليکو=
ڏون> ڏونهين. عضوو= هٿ> هٿين.

سِر ڏني ساڄن ملي تہ ڏونهين هٿين ڏي.

[2434]

اي ميان ذات! هن مِتيءَ جي ڪي ڪا ڪاني چڏين ها،
تہ جرجي ۾ پيو ڏسان ها.

ذات= اوڏ. مِتيءَ جي= ماڙي. ڪاني= دري.
جرجي= گهڙي. ذات= معشوق.

اي ميان اوڏ! هن ماڙيءَ ڪي ڪا دري چڏين ها،
تہ آءٌ گهڙي گهڙي پيو ڏسان ها.

[2435]

ذات سان نالو سڳو، تيلاتهہ سڏ مرض جو تيو.

ذات= رازا> رضا. نالو= رمضو> رمزون. سڏ=
جيءُ. مرض جو= جڏو.
رضا سان رمزون لڳيون، تيلانهه جيءُ جڏو ٿيو.
[2436]
چڏ حاڪيماٽيون، ڪر ڪاچ جون، ذات ٿينداسون.
حاڪيماٽيون= ڏاڍايون. ڪاچ= مٺايون. ذات= مَري.
ڇڏ ڏاڍايون، ڪر مٺايون، مري وينداسون.
[2437]
نالي وارا هٿاسون، رڇ نه ٿياسون،
ڪاٺ جن ۾ پئي، **ذات** ويندا سون.
نالو= اُميدو> اُميدن. رڇ= گڏون> گڏ.
ڪاٺ جو= قوڙائو. ذات= مَري.
اُميدن وارا هٿاسون، گڏ نه ٿياسون،
قوڙائي ۾ پئي مري ويندا سون.
[2438]
نالي ماريس، **نالو** آهي، **نالو** ڪي تو **نالو** ني.
نالو= محبت. نالو= صحبت. نالو= سڪندر>
سڪ + اندر. نالو= ساٿي> سا + ٿي.
محبت ماريس، صحبت آهي، سڪ اندر جي، سا ٿي ني.
[2439]
نالو ويني نهاريان، **نالي** ماري آهيان.
نالي= واٺو> واٺون. نالو= محبت.
واٺون ويني نهاريان، محبت ماري آهيان.
[2440]
زمين جيئڏ ۾، **شهر** ٿون آيو تي سپرين!
زمين جي= ڳجهه. جيئڏ= ڳوهه. شهر= مڏئي>
مان + ڏي.
ڳجهه ڳوهه ۾ مان ڏي آيو تي سُپرين!
[2441]
اڳي ته منهنجو **نالو** هئين، هاٽي **گاهه** ٿون وئين.

نالو= جاني. گاھ جو= پُڇَڙ> پُڇڻ.
اڳي تہ منهنجو جاني هئين، هاڻي پُڇڻئون وئين.
[2442]
رڇ نہ وجهہ منهنجا پرين، پوک جي تي تيان،
ڪونهي شهر نالي، جنهن عضوي هٿ جا ڏيان.
رڇ = گهڙي. پوک جي= چَري. شهر= هالا> حال.
نالو= محرم. عضوو= هٿ. هٿ جا= پاءِ> نياپا.
گهڙيون نہ وجهہ منهنجا پرين، چري تي تيان،
ڪونهي حال محرم ڪو، جنهن هٿ نياپا ڏيان.
[2443]
نالي منجهہ هياس، تہ بہ عضوي ۾ پنهنجي هئي.
نالو= سقراط> سڪرات. عضوو= تن. پنهنجي= تات.
سڪرات منجهہ هياس، تہ بہ تنهنجي تن ۾ تات هئي.
[2444]
ڏينهن جي توڪان جرجي، ملڪ نہ تي نند جا پرين!
ڏينهن جي= گهڙي. جر جي= ڏار. ملڪ= سِرو=
سَري. نند جا= سهٽا.
گهڙي توڪان ڏار، سَري نہ تي سهٽا پرين!
[2445]
مٽيي جون ٻُڌي آءُ آن جا گهوريندياس.
مٽيي جون= وايون. آن جا= جيءُ.
وايون ٻُڌي آءُ جيءُ گهوريندياس.
[2446]
ڪاني لائين تہ مان ذات ئي تنهنجي.
ڪانيءَ(جو) = ڪَتب. ذات= گولا> گولي.
ڪتب لائين تہ مان گولي ئي تنهنجي.
[2447]
پرين بہ ڪپڙو، مان بہ ڪپڙو، پر الله ڪپڙو
ڪڙنہ ميان!

ڪپڙو= جوڙي.

پريــن بـــ جـــوڙي، مـــان بـــ جـــوڙي، پـــر الله جـــوڙي
ڪانـ ميـان!

[2448]

جهـُـڙ جو ڪـر نـ سـپرين، هـي **آن جـو** ڏيـنـدس تـو.

جهـُڙ جو= آگم> آءُ + غم. آن جو= جيءُ.

آءُ غـم ڪـر نـ سـپرين، هـيءُ جـيءُ ڏيـنـدس تـو.

[2449]

محبوبـن **گـنـدي** هنئـي، سـا وجـي **سـگيـٽين** پيئـي،
نرنـانءُ تيـس ڪونڪـو، پاڻـان **جـــر جـــي** تـــي.

گندي= چُريل> چُري. سگيٽين= ساهُرني> سا +
هُري. نرنانءُ= چُنڻ. جر جي= چِڪ> چِڪي.

محبوبـــن چـــُـــري هنئـــي، ســـا هـــُـــري پيئـــي،
چنـــڻ تيـــس ڪونڪـــو، پاڻـــان چـــِـــڪي پيئـــي.

[2450]

ذات منهنجـي **ڳهــ** مـان **سـودي رانـد جــي** آهيـان.

ذات= عامل> آءُ + مل. ڳهـ = والي. سودي جي=
پول. راند جي= پڌي.

آءُ مـــِـــل منهنجـــا والـــي، مـــان پولـــن پـــڌي آهيـــان.

[2451]

مـان هيـس **پيـڙيءَ جـن** ۾، تـو تـي **مـال جـا** ڪيـا.

پيڙيءَ جا= پُور. مال جا= گهمرا.

مـــان هيـــس پـــورن ۾، تـــو تـــي گهمـــرا ڪيـــا.

[2452]

جي **ڪـانيءَ جـو** آٿيـن ها سپرين! توکـي **مـرض جـو**
نـ ڏيـان هـا.

ڪانيءَ جو= ميڙ. مرض= وارو> واري.

جـي ميـڙ آٿيـن هـا سـپرين! توكـي واري نـــ ڏيـان هـا.

[2453]

نـالو ڳهــ جــو جيــڏيون، تــ **عـورت** چــو نــ تيـان.

نالو= ساجن. ڳهہ جو= رڄ> سرڄي. عورت= سُکي.

ساجن سرڄي جيڏيون! تہ سُکي چونہ ٿيان.

[2454]

کيم راند جون کيتريون، نرنان عمر ساري،

آهيان ڏوهاري، نرنانءَ تہ عضوو ٿيان.

راند جون= ڪچيون. نرنانءَ= سڄڻ. نرنانءَ=

تارو> تارئين. عضوو= تِري> تَري.

کيم ڪچيون کيتريون، سڄڻ! عمر ساري،

آهيان ڏوهاري، تارئين تہ تَري پوان.

[2455]

وهٽ جي پڇئي تہ نالو ڪجان،

نالو ڪري، راند جي ڪجان،

راند جي نہ پڇئي تہ پوءِ نالو نہ ٻولجان.

وهٽ جي= وک. نالو=محبت. راند جي= توڙ.

نالو= ڪوڙو> ڪَڙو.

وک پُڇئي تہ محبت ڪجان،

محبت ڪري، توڙ ڪجان،

توڙ نہ پڇئي تہ پوءِ ڪڙو نہ ٻولجان.

[2456]

آءٌ ڙي نرنانءَ، تہ ڪو نالو ڪريون،

متان نرنانءَ اچي، ڪو مال جو وِڇهي.

نرنانءَ= ساجن. نالو= صحبت. نرنانءَ= موتي>

موت. مال جو= چوڙو> وڇوڙو.

آءٌ ڙي ساجن تہ ڪا صحبت ڪريون،

متان موت اچي، ڪو وڇوڙو وِڇهي.

[2457]

ڪاٺي ڪنهن جي نہ پُڇي، پوک هر ڪنهن جي هوءِ،

راتو هن فقير جو، مَن پرينءَ ڪي پوءِ،

اسين سوداگر نہ سَهون، اوهين نرنان ڪريو ڇو؟

كانيءَ جي= اسِيِ> آس. پوک = پوري. رات=
قدر.فقيرجو=حالَ.سوداگرجي=ساعت.نرنان=آچار.

آس ڪنهن جي نہ پـُـچي پوري هر ڪنهن جي هوءِ،
قدر هن حال جو، من پريڻ ڪي پوءِ،
اسين ساعت نہ سهون، اوهين آچار ڪريو ڇو؟

[2458]

اک جو اڳي ويو، ويو هاڻ بہ اک سندو،
ننڊ جا نہ ڪر حاڪيماڻي، تون نرنانءَ تيءَ نار،
رچ ڪر نرنانءُ، تـَڙ متي جو نام جو.

اک جو= حيا. اک سندو= شرم. ننڊ جا= سهڻا
(خواب). حاڪيماڻي= سختي. نرنانءُ= دلبر. نار=
نريمان> نرم. رچ= ڪـَرو> ڪري. نرنانءُ=
ڪـَرم. تـڙ جو= وارو. متي جو= وار. نام=
واصل> وصل.

حيا اڳيئي ويو، ويو هاڻي شرم،
سهڻا! نہ ڪر سختِي، تون دلبر تيءَ نـَرم،
ڪري ڪو ڪرم، وارو وار وصل جو.

[2459]

رَسي جا ڪرين ها منهنجا پرين! سي تو نہ ڪيا،
مال جا ڪرين ها منهنجا پرين! سي تو نہ ڪيـا،
لوهہ جا ڏئين ها منهنجا پرين! سي تو نہ ڏنا،
عضوي جا وجهين ها منهنجا پرين! سي تو نہ وڌا،
جڏهن تون ٿئين نرناءُ، تڏهن، آءُ ويس نارنانءُ.

رسي جا= ويچوا. مال جا= چٽ. لوهہ جا= يالا>
اويالا. عضوي جا= ياڪر. نرنانءُ= تڏو.
نارنانءُ= بچي.

ويچوا (وِڇوارو) ڪرين ها منهنجا پرين! سي تو نہ ڪيا،
چٽ ڪرين ها منهنجا پرين! سي تو نہ ڪيا،
اويَالا ڏئين ها منهنجا پرين! سي تو نہ ڏنا،
ياڪر وجهين ها منهنجي پرين! سي تو نہ وڌا،
جڏهن تون ٿئين تڏو، تڏهن آءُ ويس بچي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2460]

نـــالن ۾ منهنجا پريـن! **پـــاٽي** ٿياسـون پـــاڻ،
عضـون جـون هاڻ، مـون سـان نـہ ڪـر منهنجا پريـن!

نالو= ٻڏو> ٻُڏو. نالو= سوڍو> سُئو. پاٽي=
پڌرو. عضون جون= تريون> ايتريون.

"ٻُـڏو سُـئو" ايتريـون منهنجا پرين! پڌرا ٿياسون پاڻ،
ايتريـون هـاڻ، مـون سـان نـہ ڪـر منهنجا پريـن!

[2461]

آيـس **وڪـــر** ڪٽـي، مـون ڪـي **وڪـــر** بـہ نـہ چيـائون،
مـروڻءَ جـي مـن ڪـري، **شــهرن** جـي ڏنــائون،
مچـــي پـــاٽيءَ جـي مـان سـان نـہ ڪيـــائون،
انهـــيءَ ڪــي آءٌ، **ذات** ســـَلي چـــا ڪريـــان.

وڪر= وهہ> ويهڻ. وڪر= وهہ. مروڻ‌ءَ=
گورڪر. شهرڻ= چني. مچي(جي) = پُـچي
پاٽيءَ(جي) = ڪَرَ>ڪَلَ. ذات= سُورَ.

آيـس ويهـڻ، مـون ڪـي، ويهـــ بـــ نـہ چيـائون،
گورڪريــن! ڪـــــن ڪـري چنـــي چـــڏيائون،
پـــُچي مـــان وتـــان ڪـَـــل بـــہ ڪانـہ لڌائـــون،
انهـــيءَ ڪـــي آءٌ، ســـورَ ســـلي چـــا ڪريـــان.

[2462]

ڪـاچ جـو ڪنهـن ڪي چوان، مـن ڪـو **پـِـير جـو** ٿـئـي.

ڪاچ جو= پيرو> پيروئي> پيو + روئي. پـِيرجو= ميلو.

پيـو روئـي ڪنهـن ڪـي چـوان، مـن ڪـو ميلـو ٿئـي.

[2463]

مـان سـان محبوبـن، **ليڪـي هـٽ جـي** ڪانـہ ڪئـي.

ليڪي جي= آسي. هٽ جيَ= لـَپَ> اصيلپ.

مـــان ســـان محبوبـــن، اصيلـــپ ڪانـــہ ڪئـــي.

[2464]

پـــوڪ جـــي ڪـــري پريـــنءَ ڪـــي ٻـــُـڌائي،
تـــہ **نارنـــــانءَ** وس اســـان جـــي نـــہ آهـــي،
اســـان جـــو **مـــال جـــو** اوهـــان ســـان آهـــي.

پوک جي= ڪورڙ> ڪو + رڙ. نارنانءِ= جيئڻ.

مال جو= آسابند.

ڪو رڙ ڪري پريــنءَ ڪي پــُــڌائيِ،
تہ جيئــڻ وس اســان جــي نـہ آهــي،
اســان جــو آسـابند اوهــان ســان آهــي.

[2465]

مهتـي ڪريـو مهتـي ڪريـان، مهتـي تئـي شـال،
مهتـي مـون ڪـان يـار لهڻـي، سـا بہ ڏيـان شـال.

مهتي= آسي> آس. مهتي= اُميد. مهتي= پوري.

مهتي= پرتي> پرِت.

آس ڪريـو اُميـد ڪريـان، پـوري تئـي شـال!
پـِـرت مـون ڪـان يـار لهڻـي، سـا بـہ ڏيـان شـال!

[2466]

اسان کي ڪنولي جي گهٽي، اوهان کي جنڊ جو ناهي،
پـِـيرڻ جــو الائجـي ڪـڏهن ٿينــدو!

ڪنولي جي= تانگهہ. جنڊ جو= ڪرُ> اُڪير.

پـِيرڻ جو= ميڙو.

اسـان کـي تانگهہ گهٽـي، اوهـان کـي اُڪيـر نـاهي،
ميڙو ڪڏهن ٿينـدو!

[2467]

اَن جــا پريــن! آءُ تــولاءِ اَن جــي آهيــان.

اَن جو= چوندو> چونڊ> چونڊيل. اَن جي=
ڪُنڊي> ڪُنڊي> اُڪنڊي.

چونــڊيل پريــن! آءُ تــولاءِ اُڪنــڊي آهيــان.

[2468]

رَچ نــَـيا منهنجــاپرين تــون ولاتئــون وري آءُ،
تـہ تــو مــون وچــانءِ، گاهـہ بـہ وجــي نڪــري.

رچ= پارا. ولايت= ڪڇ. گاهہ= سيءُ.

پارا (سيءُ) نَيا منهنجاپرين، تون ڪڇئون(ڪڇ مِر) وري آءُ،
تـہ تــو مــون وچــانءِ، ســيءَ بــہ وجــي نڪــري.

[2469]

نـــــالن جـــــي وڻ خبـــــر ڏي؟

نالو= مـِٺو. نالو= ميوو. وڻ= ڪامونٺي> ڪا + مون.

مـِــــٺن ميـــون جـــي ڪـــا مـــون خبـــر ڏي؟

[2470]

عــورت ڏيـو ڙي جيـڏيون! تـــ ڪاريــگر جــي اڇــان.

عورت= متي> مت. ڪاريگر جي= آنٽ

(آن وٽ= اوهان وٽ).

(ڪـا) مـت ڏيـو ڙي جيـڏيون! تـــ اوهـان وٽ اڇـان.

[2471]

ٻولـــي ڪـري **ٻولـــي** ڪيــائون، تــن ڪــي ڪهـــڙا

مـــال جـــا پيـــا.

ٻولي=ها. ٻولي= نـ. مال جا= گهوڙا.

هـا ڪـري نـ ڪيـائون، تــن ڪــي ڪهــڙا گهــوڙا پيــا؟

[2472]

پنهنجــي ڪپــڙي جـــا، تــون **ڪـــاٺ شـــهر** ڪـراءِ.

پنهنجي= دل. ڪپڙي جا= بـَرَ. ڪاٺ جو= در.

شهر= سن.

دلبـــــر! تــــون درســــــن ڪــــــراءِ.

[2473]

مـــال جـــي ڏيکـــار، نــــ تــــ **نرنــــانءُ** تــو مــاري!

مال= مينهن> مـُنهن. نرنانءُ= سڪندر>

سڪ + اندر.

منهـن ڏيکــار، نــ تــ ســڪ انــدر جــي تــي مــاري!

[2474]

چـــوڙ پــــوڪ دي، متـــان ميـــن **ذات** تيـــوان.

پوڪ= تماڪ> طمع + ڪـُون. ذات= مـَري> مـَر.

چـــوڙ طمـــع ڪـــون، متـــان ميـــن مـــر وجـــان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2475]

اسين اوهان جي راڄ ۾، اچي لوهہ جا ٽياسون،
ماڻهو اوهان جي راڄ جا، تا مال جون کن مون،
ائين تا چون تہ تون جيئڏڙي جيڏيون.

لوهہ جا= ڪڙا. مال جون= ويڙهون. جيئڏ=
مهو> مرَ + هو.

اسين توهان جي راڄ ۾، اچي ڪڙا ٽياسون،
ماڻهو اوهان جي راڄ جا تا ويڙهون کن مون،
ائين تا چون تہ تون: مرَ هو، ڙي جيڏيون!

[2476]

اڳي نالي ايندو هئين، هاڻي تہ نالي ئي نٿو اچين،
متان ڪنهن نالي جهليو اٿئي.

نالو= اڳڻ. نالو= نظر. نالو= وارث.

اڳي اڳڻ ايندو هئين، هاڻي تہ نظرئي نٿو اچين،
متان ڪنهن وارث جهليو اٿئي.

[2477]

تو ٽي ڏڳي جا ڪيا، تڏهن هتي حـُقي جا گهٽا،
هاڻي تون وجي پنهنجي تيءُ.

ڏڳي جا= ڦيرا. حـُقي جا= چـُغل. پنهنجي = جاءِ.

تو ٽي ڦيرا ڪيا، تڏهن هتي چـُغل گهٽا،
هاڻي تون وجي جاءِ تي.

[2478]

ڪپـڙي ۾ ايندياس، ڪپـڙي ۾ ويندياس،
ڪپـڙي سنديون ڳالهڙيون، ڪپـڙي سان ڪندياس.

ڪپڙو= گهونگهٽ.

گهونگهٽ ۾ ايندياس، گهونگهٽ ۾ ويندياس،
گهونگهٽ سنديون ڳالهڙيون، گهونگهٽ سان ڪندياس.

[2479]

پوڪ ڪکن جي آءُ منهنجا پرين، هو تا مال جا ڪن.

پوڪ= ترَ> ترَ. ڪکن جي= رسي. مال جا= وڳ.

ترسي آءُ منهنجا پرين، هو تا وڳَ ڪن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2480]

عـورت كـر منهنجا **نرنـان**، **شـهر** ٿـون **پنهنجـي**
ڏينــدي ســئين.

عورت(جو) صبر. نرنان= منو. شهر= دلي.
پنهنجي= ڳراٽي.

صبر كـر منهنجا منا، دليئـون ڳراٽـي ڏينـدي سـئين.

[2481]

زحمــت جــانور جـــي، مـــُــكائون مــان ڏي،
تـــڙن جــون **رچــن** تــي، اچــان كيئــن آن ڏي.

جانور جي زحمت= كت> خط. تڙن جون= چوٽكيون.
رچ= در> درن.

خـــط مـــُــكائون مــان ڏي، چوٽكيــون درن تـــي،
اچان كيئـن آن ڏي.

[2482]

نـالي وارا، **نـالو** اٿئـي، هـن **نــالي** جـي پـارت اٿئـي.

نالو= ٻـولو. نالو= جانـو> جانو. نالو= غلام.

ٻــولي وارا، جـانو اٿـئي، هـن غـلام جـي پارت اٿـئي.

[2483]

نالي منجهه هياس تہ بہ تنهنجي **عضوي** ۾ **پنهنجي** هئي.

نالو= سقراط> سكرات. عضوو= تن. پنهنجي= تات.

سكرات منجهه هيـاس تـہ بـہ تنهنجي تـَـن ۾ تـات هئـي.

[2484]

ســازين لوهــ لڳــو، **نرنـــانءُ** ڏينــدس تــن كـــي.

ساز= دلو> دليئون. لوهہ(جو) = پيچ. نرنانءُ= محبت.

دليئـــونَ پيـــچ لڳـــو، محبـــت ڏينـــدس تـــن كـــي.

[2485]

نالي واراهئاسي، **رچ** نہ ٿياسي،انهن **نـالن** ۾ **ذات** ٿينداسي.

نالو= اُميدو. رچ=ڳڏون> ڳڏ. نالو= اميدو.
ذات= مري.

اميدن وارا هئاسي، ڳڏ نہ ٿياسي،انهن اُميدن ۾ مري ويداسي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2486]

رچ مَ ڪَــڻ منهنجـــا پريـــن! آءٌ تـــي رچ تيـــان،
هي شهر نرنانءَ جو ناهي، هٿ جا ڪنهن کي ڏيان؟
هاڻي ڪيئن ڪريان، جو پـَــٽ وارئــون پـري ٿيا.

رچ= دلي> دل. رچ= چروڙي> چري ڙي.
شهر= هالا> حال. نرنانءَ= محرم. هٿ جا=
وٿ> انت. پٽ واريون=وسيون.

دل مَ ڪَــڻ منهنجـــا پريـــن، آءٌ تــي چــري ڙي تيـــان،
هــي حــال محــرم نــاهي، انــت ڪنهــن کــي ڏيـــان؟
هــاڻي ڪيئــن ڪريـــان، جــو وســئون پــري ٿيـــا.

[2487]

مـــرض نـــہ آيــو تــن، مٺـــيءَ جـــي لڏائـــون ڪانـــہ.

مرض چڪي. مٺيءَ جي= واري> پوئواري.

چـِـــڪي نــہ آئــي تــن، پوئـَـواري لڏائـــون ڪانـــہ.

[2488]

حـُـــــــب جـــو ڪـــري نـــــالوَ تـــــي،
نرنـــانءَ جـــي گهـــوڙي ۾، تـــہ نـــالو ســـڏجين.

حُب= قرب. نالو= قربان. نرنانءَ= معشوق.
گهوڙي جو= ميدان. نالو= عاشق.

قــرب ڪــري قربــان تــي، تــہ معشــوق جــي ميــدان ۾
عاشــق ســڏجين.

[2489]

مر تہ جهنگ جا مون ڏين، ڪوڏي تيان مان نہ تن سان.

جهنگ جا= مـِرون> مارون. ڪوڏي= سچلي> سچي.

مر تہ مــارو مــون ڏيــن، سچي نــہ تيــان مــان تــن ســان.

[2490]

اي مٺا مـِرون! حاڪم جي تئيئي، وڻ چڏيو تہ پوڪ مـلون.

مـِرُون= ڪتا. حاڪم (جو) = خط> ڪَـتُ(مرض).
وڻ= بَـهـَڻ. پوڪ= ساٽر> ساٽ> ساعت.

اي مٺا ڪتا! ڪَـتُ تئيئي، بهڻ چڏ تہ ڪا ساعت ملون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2491]

نالو پائي عضوي ۾ بيٺا نالو ڪن؛
آءُ بہ نالو تن جو، جي مون کي نالو ڪن.

نالو= بولو. عضوو= نڪ. نالو= سلام. نالو= غلام.
نالو= قبول.

بولو پائي نڪ ۾، بيٺا سلام ڪن،
آءُ بہ غلام تن جو، جي مون کي قبول ڪن.

[2492]

نرنانءُ عضوو جيت ڙي!

نرنان= مِنو> مِنا. عضوو= اک. جيت= ڪڻ(بلا).

مِنا، اک ڪڻ ڙي!

[2493]

پوک پکي تي، تون وجي ڪاني تيءُ.

پوک= قُتي(وونئڻ). ڪاني= طاقي.

پرهہ قتي تي، تون وجي اوطاقي تي.

[2494]

وڻ جي وڻ تياس، پر هن گاهہ ئي ڪونہ ڪيو.

وڻ جي= ڳَرِ> ڳَري. وڻ= ڪندو> ڪندا.
گاهہ= ڪَل.

ڳري ڪندا تياس، پر هن ڪَل ئي ڪانہ لڌي.

[2495]

ڪاچ جو ڪنهن کي چوان، مَن ڪو پيير جو تئي.

ڪاچ جو= پيرو> پيو + روئي. پيير جو= ميلو.

پيو روئي ڪنهن کي چوان، مَن ڪو ميلو تئي.

[2496]

نالي تي ڏسان، پر نالي اچن ئي ڪين.

نالو= پيروز> پَٽي روز. نالو= موندر> مون در.

پٽي روز ڏسان، پر مون در اچن ئي ڪين.

[2497]

اَن جي تي ڪِيان، عورت مان تيان،
منهنجا ڙي ميان! پوءِ مٽيءَ جي ڪانہ ڪيان.

اَن جي= ٻُڪي> ٻڪيون. عورت= ڇگي. مٽيءَ
جي= واري.

ٻـُـــڪيون تـــي ڪـــِيان، ڇگـــي مـــان ٽيـــان،
منهنجـــا ڙي ميـــان! پوئـــواري ڪانـــ ڪيـــان.

[2498]

جنڊ ٺـون پيـڙيءَ جـا، مـان سـان شـال نـہ ڪـن،
جـن سـان شـهِر لـڳن، سـي مـَـر ذات هجـــن.

جنڊ جا= جهيڙا (گـُڙڪا). پيڙيءَ جا= جهوٽا> جهٽا.
شهر= دلـِي(دهلي)> دليون. ذات= اوڏ> اوڏڙا.

جهيـــڙا ۽ جهٽـــا، مـٽـان سـان شـال نـــہ ڪـــن،
جـن سـان دليـون لـڳن، سـي مـر اوڏڙا هجـــن.

[2499]

اڪريـن آءٌ تـي سـاريان، **اڪريـن** تـون پـڻ سـار،
اُوزاريـن ڇگـي پوئـي، تـہ **جـر جـون** ڳـالهيون پـار،
نـالو ٽئـي قـرار، جـي **ڏينهـن** جـي مليـن سـُپرين!

اڪـر= جيـمر ۽ ميـمر> جيئـن + مـن. اڪـر= تـي ۽
ميـمر> تيئـن + مـن. اوزارن= ڪـاتن> ڪـا + تـن.
جرجـن= سـيمن> سـي + مـن. نـالو= هيمـن>
هيءَ + من. ڏينهن جي= ساعت.

جيئـن مـن آءٌ تـي ساريان، **تيئـن** مـن تـون پـڻ سـار،
ڪـا تـن ڇگـي پوئـي، تـہ سـي مـَـن ڳـالهيون پـار،
هـيءَ مـن ٽئـي قـرار، جـي سـاعت مليـن سـپرين!

[2500]

ڪـو وهـٽ جـي هـوءِ، تـہ پنهنجـي ڪپـڙي جـي
ٽئـي ڪانـہ:

وهٽ جي= ٺورَ> ٺورڻ. پنهنجي= پريت. ڪپڙي
جي= پـُراڻي.

ڪـو ٺـورڻ وارو هـوءِ، تـہ پريـت پراڻـي ٽئـي ڪانـہ.

[2501]

جتي پاٽيءَ **جون** هجن، اتي **اَن جون** ٽين ٿي ڪين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاٽيءَ جون= دِليون. اَن جون= پَليون.

جتـي دليـون هجــن، اُتــي پليــون ٿيــن ٿــي ڪيــن.

[2502]

ڪپـڙي دل محبـوب سـان، اَن جــي رهنـدي ڪيئـن؟

ڪپڙو= رَڪي. اَن جي= پَلي.

رَڪــي دل محبــوب ســان، پــَــلي رهنــدي ڪيئــن؟

[2503]

پـاٽـي جـون، رانـد جـون، پـوڪ جـون رهـن نـہ مـون.

پاٽي جون= دليون. راند جون= اَڙيون. پوڪ جون= پليون.

هــي دليــون اَڙيــون، پليــون رهــن نـــہ مـــون.

[2504]

اي نرنـان، ڪـول ٻـار جـــي، پريـن مـن ذات تـي اچـن؟

نرنان= ٻانيڻ. ٻار جي= پوتي> پوتي. ذات= چنڊ.

اي ٻــانيڻ، ڪــول پوتــي، پريــن مـــن چنـــڊ تـــي اچـــن؟

[2505]

نـــالي ڏانـــــد ملئـــي، تـــہ اَن جــــون آڻجـــان.

ڏاند نالو= سنيهو. اَن جون= ساريون> ساري.

ســـــنيهو ملئـــــي تـــــہ ســــــاري آڻجـــــان.

[2506]

پڪــي ڪـا ٻولــي ڪـــر، مـــون ڪـــي وڻ وري ويــا.

پڪي=ڪانگ> ڪانگا. ٻولي + لات. وڻ= ڪيسن> ڪي + سنہ.

ڪانگـا ڪـا لات ڪـر، مـون ڪـي ڪـي سنہ تـي ويــا.

[2507]

ڳهـہ جـي ڪـاٺ جـو، تــہ منهنجـو نرنــانءَ اچـي.

ڳهہ جي= لئون> لنوءَ. ڪاٺ جو= ڪانءُ(مالهہ کي ڏينگي ڏانهن سِري اچڻ کان روڪيندو آهي).

نرنانءَ= سجڻ.

لنـــوءَ ڪـــانءُ، تـــہ منهنجـــو ســـجڻ اچـــي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2508]

تڙ جي لڳين جو **مرد** نہ مڪائون،
تنين ڪي آءٌ **ڳهہ** تي آيس.

تڙ جي= ڪيهي. مرد= سلام. ڳهہ= ڪَڙي.

کهڙي لڳين جو سلام نہ مڪائون،
تنين ڪي آءٌ، ڪَڙي تي آيس.

[2509]

پوڪ جو رکيم، **لوهہ جو** تي پيو،
نارنانءُ ڇا ڪريان، **پنڌ جو** تي پيو.

پوڪ جو= سَنگ> سُنگ(سنگت). لوهہ جو=
ڪَڙو> ڪُوڙو. نارنانءُ= حليمان> هلي + مان.
پنڌ جو= پري.

سُنگ رکيم ڪوڙو تي پيو،
هلي مان ڇا ڪريان، پري تي پيو.

[2510]

نالو نالو، نالو ڙي!

نالو= جاني، نالو= موسو> مون + سُئو(ٻُڌو).

جاني آيو، مون سُئو ڙي!

[2511]

نالا آيا **نالن** وٽ، ڪي **وڪر جون** ونڻ.

نالو= پوئر. نالو= گُل. وڪر جون= واسنايون.

پوئر آيا گلن وٽ، ڪي واسنايون ونڻ.

[2512]

ڪاٺ جو نرنانءُ، پر تنهنجي ڪيئن **پوڪ جي**؟

ڪاٺ جو= سَلُ. نرنانءُ= سچڻ. پوڪ جي=
سُري> سَري؟

سَل سجڻ، تنهنجي ڪيئن سَري؟

[2513]

تنهنجا **مرون** تہ مان **پوڪ مِ** ڏنا، مون ڪي ڏاڍا
رڃ جا لڳا.

مرون= ڇلو> ڇلڙا. پوڪ= پيجو> ٻيءَ + جاءِ.
رڃ جا= وٺا> ڪس وٺا.
تنهنجا ڇلڙا مان ٻيءَ جاءِ ڏٺا، مون کي ڏاڍا ڪس وٺا لڳا.

[2514]

مرون محبوبن جا، مون کي **راڳ زحمت** هئا.
مرون= چل> چَلا. راڳ= آسا. زحمت= بند.
چلا محبوبن جا، مون کي آسا بند هئا.

[2515]

جيڪو **نالو نالي** تي رکي، اهو **نالو** ٿي ناهه.
نالو= بيگن> بيگنا> بي +گناهه. نالو= ايوب>
عيب. نالو= سچڻ.
جيڪو بي گناهه عيب رکي، اهو سچڻ ٿي ناهه.

[2516]

ڪپڙي ۾ مال پوڪ جي اٿئي، تڏهن ڪا رڃ ترس.
ڪپڙي جي= بُوند. مال جي= بري> برهه.
رڃ= گهَڙي.
بوند برهه جي لائي اٿئي، تڏهن ڪا گهڙي ترس.

[2517]

گاهه وينا سپرين، **مال جون** ڏيئي،
انهن وٽ ويهي، **پوڪون** پوڪيان کهڙيون!
گاهه= ڪتڻ. مال جون= پڻيون. پوڪون= اوررون.
ڪتڻ وينا سپرين، پُڻيون ڏيئي،
انهن وٽ ويهي، اوررون اوريان کهڙيون!

[2518]

جتي **سج مرد جي** نه آهي، اُت **منديءَ جي** چا ڪريان؟
سج جي= اڳين. مرد جي= محبت. منديءَ جي=
ٽڪ> ٽِڪي.
جتي اڳين محبت نه آهي، اُت ٽِڪي چا ڪريان؟

[2519]

جڏهن تو ۾ **نالو** ئي نہ، پوءِ مان **آن جي** ڇا ڪريان.

نالو= پيارو> پيار. آن جي= رانهي> رَهي.

جڏهن تو ۾ پيار ئي نہ، پوءِ مان رهي ڇا ڪريان.

[2520]

پهڻ جي ڪر منهنجا پرين، جنهن ۾ **پنهنجو** رهي.

پهڻ جي= سڪر> سا + ڪر. پنهنجو= پڙدو.

سا ڪر منهنجا پرين، جنهن ۾ پڙدو رهي.

[2521]

سڄڻ تا **پڪي** ڪن، هلو تہ **جر وڻ** جي ڪريون.

پڪي= سانباهو. جر جي= موڪ. وڻ= لاٽي.

سڄڻ تا سانباهو ڪن، هلو تہ موڪلاٽي ڪريون.

[2522]

ڪڪ ڏسيو اُن جا، مون ڪي **پاٽي جا** جهل نہ ڏين.

ڪڪن(جو) وڄٽو> وڄڻ. پاٽيءَ جا= لڙڪ.

وڄڻ ڏسيو اُن جا، مون ڪي لڙڪ جهل نہ ڏين.

[2523]

مرض ڪيئي جي سپرين، سي تون **وڪر** وڄ.

مرض= قول. وڪر= پارو> پاري.

قول ڪيئي جي سپرين، سي تون پاري وڄ.

[2524]

مرض ڏيئي، پوءِ وڄي **پوڪ جي** ڪيئي.

مرض= قول. پوڪ جي= ڪچي.

قول ڏيئي، پوءِ وڄي ڪچي ڪيئي.

[2525]

ٻہ نالا هُون تہ **ڪاني** ٿئي ڪانہ.

ٻہ نالا= ساهو> سَهُو. ۽ سڄڻ. ڪاني= ڪچي.

سَهُو سڄڻ هُون تہ ڪچي ٿئي ڪانہ.

[2526]

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مـــِـــٽيءَ جـا جبـل تـــان پڪـــي تيــو تـــي ويـــا.
مٽيءَ جا= ڳوڙها. جبل= ڳل> ڳلن. پڪي= وهيو.
ڳوڙهـــــا ڳلـــــن تـــــان وهيـــــو تـــــي ويـــــا.
[2527]
پنهنجن منهنجي عضوي تي آهي شهر مال جو ڪيو.
پنهنجا= درد. عضوو= دل. شهر= ديرو. مال
جو= مچڻ> مچايو.
دردن منهنجـــيءَ دل تـــي آهـــي ديـــرو مچـــايو.
[2528]
اهــڙي نرنــانءَ کــان، ڪکــن جــا پــَــلا هٺاســون.
نرنانءَ= جيئو> جيئڻ. ڪکن جا= مـُوئا> مـُئا.
اهــڙي جيئــڻ کــان، مـــُـئا پــَــلا هٺاســـون.
[2529]
وکـــر ڪيـــم وســـار، تـــي ڪـــاڻي نرنـــانءَ لاءِ.
وکر= وهُ> ويهي. ڪاڻي(جو) = اروڻ> روءِ.
نرنانءَ= پرين.
ويهـــي ڪيـــم وســـار، پيئـــي روءِ پريـــنءَ لاءِ.
[2530]
نـــالي هنـــدو هـــُـونِ، ڏي ڳهـــ ذات تنهيـــن ڪـــي.
نالو= سچڻ. هندو= ساڌو. ڳهہ جي= چاپ.
ذات= چارڻ.
ســچڻ ســاڌو هـــُـون، چـــا پچـــارڻ تنهيـــن ڪـــي.
[2531]
ميجـــي نـــہ نرنـــان، گاهـــہ نـــہ منهنجـــا پريـــن.
ميجي= سٺهي> سٺي. نرنان= آيو> آيا. گاهہ=
اوڻن> اُوءِ + نہ.
ســـُـــٺي نـــہ آيـــا، اوءِ نـــہ منهنجـــا پريـــن.
[2532]
ميجيءَ مجـي بـہ اچن، ڏجن اڌ سڌ ميجيءَ جـا تـن ڪي.
ميجيءَ جي= پـُڇي. اڌ سڌ= او. ميجيءَ جا= تارا (ترڻ).
پڇـــي جـــي اچـــن، ڏجـــن اوتـــارا تـــن ڪـــي.

باب ويهون

سورهيائي واريون ۽ عام چوڻين واريون ڳجهارتون

سورهيائي

[2533]

ڪـــــاٽ لــــڳن، اُت پڪـــــي چپـــن،
بنـــان نرنـــانئن، مــــال جــــو تئـــي ڪونـــ.
ڪاٽ(جو)= ڪـِلو> ڪـلا. پڪي= ڪانئر.
نرنانءُ= بهادر. مال جوَ= ٺـُڪر.
ڪـــــــلا لـــــڳن، اُت ڪــــانئر چپـــن،
بنـــان بَهـــادرن ٺـــُـــڪر تئـــي ٺـــي ڪونـــ.

[2534]

هــو جـــي پڪـــي آئيـــا، وجهـــي ڪپـــڙو وات،
اچـــي پچيـــائون رات، ڪتـــي نـــالا جنـــگ جـــا؟
پڪي= ڳجهہ> ڳِجهون. ڪپڙو= ڳاڙهو. رات=
پرياٽ. نالو= محب. جنگ جا= ماراٽا.
هــو جـــي ڳِــــجهون آئيـــون، ڪـــري ڳاڙهـــا وات،
اچـــي پچيـــائون پريـــات، ڪتـــي محـــب ماراٽـــا؟

[2535]

نـــالو ڏســـي نـــالو گهـــري، اهـــو نـــالو ٺـــي ناهـــ.
نالو= جنگو> جنگ. نالو= جيئڻ. نالو= بهادر.
جنـــگ ڏســـي جيئـــڻ گهـــري، اهـــو بهـــادر ٺـــي ناهـــ.

[2536]

جڏهن منٺيءَ تيٰ ساز وڳو، تڏهن پڪـي چو نہ ڪيٺي؟
منٺيءَ جو= بَنگلو. ساز= بـِـگـُل. پڪي= سانباهو.
جڏهن بنگلي تي بگل وڳو، تڏهن سانباهو چو نہ ڪيٺي؟

[2537]

نرنانءُ هو ٺي ڪونـ، ملـڪ سـي لوهـ پئجـي ويـو.
نرنانءُ= سـُورو> سورهيہ. لوهہ(جو) = مارو.
سـورهيہ هـو ٺـي ڪونـ، ملـڪ ۾ مـارو پئجـي ويـو.

[2538]

سو نرنانءُ اڇي ڪيئن؟ جنهن جا پنهنجا ڪونهن شهر ﴿.

نرنانءُ= وڏيو. پنهنجا= ڇُوٽا. شهر= اُپ.

سو وڏيو اڇي ڪيئن، جنهن جا ڇُوٽا ڪونهن اُپ ﴿.

نصيحت ۽ هدايت

[2539]

اي نرنان! پوڪ جي ڪر ڪاٺ سين، جيسين عضوي جو هجين ملڪ ﴿.

نرنانءُ= بندو. پوڪ جي= اوڙ> اور. ڪاٺ جو= لاهو> الله. عضوو= جيرو> جيئرو. ملڪ= جهان.

اي بندا! اور الله سين، جيسين جيئرو هجين جهان ﴿.

[2540]

ڪاٺ نرنانءُ هٿ ﴿، وڪر ڪندو ڪير ميان!

ڪاٺ(جو) = قلم. نرنانءُ= قادر. وڪر= ميٽ.

قلم قادر هٿ ﴿، ميٽيندو ڪير ميان!

[2541]

نالو نالي عضوي ﴿، تون بہ ڪو ڪاڄ جو تہ ڪر!

نالو= پيروز> روز. نالو= رزاق. عضوو= هٿ.
ڪاڄ= ماهيلو> حيلو.

روز رازق هٿ ﴿، تون بہ ڪو حيلو تہ ڪر!

[2542]

علم جي پڙهہ ذات تي، تہ ذات فقير جا ڪنئي.

علم جي= صلوات. ذات= سيد. ذات= شافي.
فقير جي= شفا.

صلوات پڙهہ سيد تي، تہ شافي شفا ڪنئي.

[2543]

مٺيو رک نرنان ڏي تہ من اڳيئون نارنالي جاءِ ملئي.

مٺيو= دل پاڪ. نرنانءُ= محمد ﷺ. نارنالو= جنت.

دل پاڪ رک محمد ڏي، تہ مَن اڳيئون جنت جاءِ ملئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2544]

رک عضوو فقير جي سان، تہ شهر جو تئين.

عضوو= دل. فقير جو= دين. شهر جو= چارو> موچارو.

رک دل دين سان، تہ موچارو تئين.

[2545]

رک پنهنجو فقير جي سان تہ مرض کان ليکي جو تئين.

پنهنجو= نينهن. فقير جي= نماز. مرض= عذاب.

ليکي جو= آجو.

رک نينهن نماز سانْ تہ عذاب کان آجو تئين.

[2546]

آيو نالو مرد جو، نالو هڏ مَ چڏ،

نالو چڏيندين هڪڙو، ليکو پوندئي هڏ،

جهلي پنهنجو عضوو، راند واري سان گڏ،

پهرين وجي سڏ، پولي ناٽي جي تئي.

نالو= مينهون> مهينو. مرد= رمضان.نالو=پيروز>

روزو. ليکو= ٽيهہ. عضوو= هنيون. راند وارو=

شيطان. پولي= ڏٽيءَ پاران. ناٽي جو= چوٽکو.

آيو مهينو رمضان جو، روزو هڏ مَ چڏ،

روزو چڏيندين هيڪڙو، تہ ٽيهہ ئي پوندئي هڏ،

جهلي پنهنجو هنيون، شيطان سان مَ گڏ،

پهرين وجي سڏ، ڏٽي پاران چوٽکو تئي.

[2547]

نالو اچي تہ نالو تجي ۽ راند جي کي کٽي ڦتو ڪجي.

نالو= رمضان. نالو= راضي. راند جي= شيطاني.

رمضان اچي تہ راضي تجي، شيطانيءَ کي کٽي ڦتو ڪجي.

[2548]

نالو رکي ويهہ تہ نار بہ ايندي تو گهر.

نالو= فيروز> روزو. نار= عيد.

روزو رکي ويهہ تہ عيد ايندي تو گهر.

[2549]

نـــالا جــن رکيـــا، **نـــار** بــــ **نـــالي** تـــن جـــي.

نالو= راضي> روزا. نار= عيد. نالو= صادق> صدقي.

روزا جـــن رکيـــا، عيـــد بــــ صدقـــي تـــن جـــي.

[2550]

نرنانءُ ڏنو **نرنانءُ** ويو، **نرنانءُ** چئي **نرنانءُ** ڪريو.

نرنانءُ= چنڊ. نرنانءُ= رمضان. نرنانءُ=آدم.

نارنانءُ= عيد.

چنـڊ ڏنـو رمضـان ويـو، ”آدم“ چئـي عيـد ڪريـو.

[2551]

متـــي نـــالو ڪـــر ڪـــاٺ ۾،

پکـــي تئيـــن، **شـــهر** **پنهنجـــو** ٿينئـــي.

متيءُ جي= سرَ> سرِ. نالو= قربان. ڪاٺ(جو) =

جهاز> جهاد. پکي= شهيد. شهر= بهشت، پنهنجو

= نصيب.

سر قربان ڪر جهاد ۾ تہ شهيد ٿئين، بهشت نصيب ٿينئي.

[2552]

ڪني **نرنانءُ** ڪوڙيا، ڪي **نرنـــانءُ** **پنهنجـــون** ڪـــن،

جي وڃي **عـورت** ۾ پـون، ٿيـو مونٽ مشـــڪل تـــن جـــو.

نرنانءُ= جهندو. نرنانءُ= راول. پنهنجون= رڙيون.

عورت= قبر.

ڪنـــي جهنـــدا ڪوڙيـــا، ڪـــي راول رڙيـــون ڪـــن،

جي وڃـي قبـر ۾ پـــون، ٿيـــو مونٽ مشـــڪل تـــن جـــو.

[2553]

نرنـــانءُ تنهنجـــي متـــي تـــي، **نرنـــانءُ** تنهنجـــي وات،

نرنـــانءُ تنهنجـــا انگـــڙا، **نرنـــانءُ** تنهنجـــي ذات.

نرنانءُ= موتي> موت. نرنان= ڪرمو> ڪلمون.

نرنانءُ= خاڪي. نرنانءُ= سامي.

مـــوت تنهنجـــي متـــي تـــي، ڪلمـــون تنهنجـــي وات،

خـــاڪي تنهنجـــا انگـــڙا، ســـامي تنهنجـــي ذات.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2554]

نالو چوي **راند جي** چڏ، اڳيان **نالو حاڪم** آهي.

نالو= قاضي. راند جي= ڪپت. نالوَ= قادر.

حاڪم= قهار.

قاضي چوي ڪپت ڇڏ، اڳيان قادر قهار آهي.

[2555]

مائٽ چم جيءَ ۾ **چور جي** نہ ڪر، **ولايت** ۾ **واپار نالو** ڏيندين.

مائٽ= امان. چم جي= نَطِ> نت. چور جي= خيانت. ولايت= قيامت. واپار(جي) = ڪاٺ.

نالو= يارو.

اَمانت ۾ خيانت نہ ڪر، قيامت ۾ ڪاٺيارو ڏيندين.

[2556]

پنهنجي نالي ڏار تہ **مرض** ٿون **ليڪي جو** ٿئين!

پنهنجي= نيت. نالو= نيڪ. مرض= عذاب.

ليڪي جو= آجو.

نيت نيڪ ڏار تہ عذابئون آجو ٿئين!

[2557]

اي **نالا**! بي **نالا**، تون **پوڪ زمين جو** ڇو ڪرين؟

نالو= بندو. نالو= بقا. پوڪ جو= تڪ. زمين جو= بر.

اي بندا بي بقا، تون تڪبر ڇو ڪرين؟

[2558]

اي **نالا نرنانءَ** جا! **قرآن جي** ڪري **نالو** ٿي تہ **پنهنجيءَ** ڪان **حاڪم جي** ملئي.

نالو= بندو. نرنانءُ= خدا. قرآن جي= توبه. نالو= طيب> تائب. پنهنجو= گناھ. حاڪم جي= معافي.

اي بندا خدا جا! توبه ڪري تائب ٿي تہ گناهن ڪان معافي ملئي.

[2559]

نالو جن هوندو، **نر نالي** تن ڏيندي.

نالو= صابر> صبر. نالو= فتح.

صبـــر جـــن هونـــدو، فتـــح تـــن ٿينـــدي.

[2560]

جن پنهنجي کي **ذات** کيو، سي **راند نالا** ٿيا.

پنهنجي= طمع. ذات= تُرڪ> ترڪ. راند= رڇي. نالو= لعل.

جن طمع کي تـَرڪ ڪيو، سي رڇي لعل ٿيا.

[2561]

شاهوڪاري ڏسي فقير جو نه ڇڏ،

انهيءَ ڪاڄ جي تي پنهنجو نه ڪر!

شاهوڪاري= دنيا. فقير جو= دين. ڪاڄ جي= ٽِڪي> نه + ٽڪيءَ. پنهنجو= ڀروسو.

دنيا ڏسي دين نه ڇڏ، انهيءَ نه ٽڪيءَ تي ڀروسو نه ڪر!

[2562]

حاڪم جو ڏسي **ذات** نه ٿيءُ، **نالو** ٿيندءِ ڪونه!

حاڪم جو= خزانو. ذات= خشڪ> خوش. نالو= نيپائو> نيبهه.

خزانو ڏسي خوش نه ٿيءُ، نيبهه ٿيندءِ ڪونه!

[2563]

ڏي **مال جي** ڪر **مرض جو**، من ڪا **پنهنجي** ٿئي.

مال جي= مايا. مرض جو= صدقو. پنهنجي= مِهر.

ڏي مايا، ڪر صدقو، من ڪا مِهر ٿئي!

[2564]

اٿئي **جر جي**، ڪـڏهن وجي **ذات** ٿينديـن.

جر جي= ڪوڏي> ڪو + ڏينهن. ذات= سانگي.

اٿئي ڪو ڏينهن، ڪڏهن وجي سانگي ٿيندين.

[2565]

جا **ذات نالي** ڪان، سا ڪيئن **نار** ميان.

ذات= جعفري> جا + ڦري. نالو= خاوند. نار= تڳي.

جا ڦري خاوند ڪان، سا ڪيئن تڳي ميان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2566]

نرناڻ اهي، جي پنهنجو پنهنجي ڪري ذات تي ويا.

نرناڻ= درويش. پنهنجو= نياز. پنهنجي= نوڙت.

ذات= ڪٿي.

درويش اهي، جي نياز نوڙت ڪري ڪٿي ويا.

[2567]

ذات تي فقير جي هڻ، من نالو پنهنجو نرناڻ ڪري!

ذات جا= صوفي. فقير جي= صدا. نرناڻ= آگو.

پنهنجو= عرض. نالو= قبول.

صوفي تي صدا هڻ، من آگو عرض قبول ڪري!

[2568]

نالي حاڪم جيءَ ۾، ٻولي ڪر تہ نالو ٿيئي.

نالو= دوست. حاڪم جي= دربار. ٻوليءَ جي=

دانهن. نالو= داد.

دوست جي دربار ۾، دانهن ڪر تہ داد ٿيئي.

[2569]

هت تہ وڻ، پر اڳيان وڏو نالو اٿئي.

وڻ= مانجهاندڙي> مانجهاندو. نالو= صفر> سفر.

هت تہ مانجهاندو، پر اڳيان وڏو سفر اٿئي.

[2570]

ميوي جو تہ گهٽوئي موچارو، پر نيٺ ڪاڄ جو.

ميوي جو= رَس. ڪاڄ جو= حلوو> هلبو.

(هتي) رس تہ گهٽوئي موچارو، پر نيٺ هلبو.

[2571]

نر ڪٿي نار ڪائي، اَن جو ٻنهي ڪي نہ ٿئي.

نر= موت. نار= قبر. اَن جو= ڍوءُ.

موت ڪٿي، قبر ڪائي، ڍوءُ ٻنهي ڪي نہ ٿئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2572]

ٻـــــ نـــــالا ايـنــــدا، وڻ جــــــو تيـنـــــدو تـــــڏهن.

ٻہ نالا= منڪر ۽ نڪير. وڻ جو= چاٽو> پڇاڻو.

منڪـــــر نڪيــــــر ايـنـــدا، پڇـــاڻو تيـنـــدو تـــــڏهن.

[2573]

جـــــڏهن اُپ ڪــــاٺ ڪپـــــڙ جـــو تيـنــــدو،
تـــڏهن ڪـــاغذ ۽ فقيـــر جـــو چـــا تيـنـــدو.

اُپ جو= سچ. ڪاٺ جو= نيزو. ڪپڙ جو= پاند.
ڪاغذ جي= بندي> بند. فقير جو= حال.

جـــــڏهن ســـــچ نيـــــزي پـــــاند ايـنـــــدو،
تـــــڏهن بنـــــدي جـــــو حـــــال چـــــا تيـنـــدو.

[2574]

اول ســـــاز ڪپـــــڙو، پـــوءِ مـــــال جـــــو ذاتيـــــن.

سَاز= مڙهہ. ڪپڙو= لَٽو> لٽيو. مال جو= پُڇ>
پڇيو. ذات= مَلڪ> ملڪن.

اول مڙهـــہ لـَـــٽيو، پـــوءِ پڇيــــو مــَــــلڪن.

[2575]

ڏاڍيءَ منجهـہ هيـــاس، نـــالا آيـــا لوهـــہ جـــا ڪٽـــي.

ڏاڍي= قبر. نالو= مَلڪ. لوهہ جا= گُرز.

قبـــر منجهـــہ هيـــابي، مـــَـــلڪ آيـــا گـــرز ڪٽـــي.

[2576]

ڪـاٺ پـِـير ڪـان عضـوو لاءِ فقيـر جـي گهـُـس، مـن
حـــاڪمُ جـــي ڪـــري.

ڪاٺ(جو) = لاهہ> الله. پـِير= پاڪ. عضوو=
دل. فقير جي= دعا. حاڪم جي= ٻاجهہ.

الله پـاڪ ڪـان دل لائـي دعـا گهـر، مـن ٻاجهـہ ڪـري.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مناجات

[2577]

شـــهر مڙئـــي شـــهر، تــو ريءَ شـــهر نـــہ ڪيـــو.

شهر(جو) = تڪيو.

تـَـڪيا مڙئـي تڪيـہ، تــو ريءَ نـہ تڪيـو ڪـو.

[2578]

اي نـالا! ڏي نـالو، مـان نـار نـالي تـي وجـان.

نالو= عارف> رب. نالو=پناهہ. نار نالو= بچي.

اي رب! ڏي پناهـــہ، تـــہ مـــان بچـــي وجـــان.

[2579]

رچـــن ڪـــان رکيـــن مـــون، وارن ســـان مـــارين،

شـــهر نرنـــان جـــي، ڪـــا مـــال جـــي ڏيڪـــارين.

رچ= ڏوها. وارن(جو) = قلم> ڪلمون. شهر

جو= ميڙو. نرنان= محمد(ﷺ). مال جي= واٽ.

ڏوهـــن ڪـــان رکيـــن، مـــون ڪلمـــي ســـان مـــارين،

ميـــڙي محمـــد ﷺ جـــي، ڪـــا واٽ ڏيڪـــارين.

[2580]

ڪيـڙي جـي وٺـي نرنـاءَ ڪـان، مـان ولايـت وينديـاس.

ڪيڙي جي= داوَن. نرنانءُ= دستگير. ولايت= مدينو.

داوَن وٺـــي دســـتگير جـــي مـــان مدينـــي وينديـــاس.

[2581]

نـــالو ءِ نرنـــانءُ، ڪـــاٺ مٿـــيءَ ســـان لاءِ!

نالو= پيرو> پير. نرنان= دستگير. ڪاٺ(جا) =

پيڙا. مٿيءَ جا= بنا.

پيـــر دســـتگير، پيـــڙا بـــَـــني لاءِ!

[2582]

اي نرنانءَ! واءُ جي ڪر تہ شهر ٿيان.

نرنانءُ= لعل شهباز. واءُ جي= سٽائي. شهر= سڪر.

اي لعل شهباز! سٽائي ڪر تہ سڪر ٿيان.

[2583]

وڻ جي وجهي رڃ ۾، مان شهر نينديس.

وڻ جي= ميندي. رڃ= وٽو. شهر=سيوهڻ.

ميندي وجهي وٽي ۾، مان سيوهڻ ويندس.

[2584]

اي زمين جا ڏٽي، شل عورت نالي ٿئي!

زمين(جي) = پِٽَ، عورت= مُرادان> مراد.

نالو= حاصل.

اي پٽ جا ڏٽي، شل مراد حاصل ٿئي!

[2585]

ذات نالا، ڪاٺ وارا، عورت ڏي تہ نالي وڃان.

ذات= سيد. نالو= سونهارو. ڪاٺ(جو) = نيزو.

عورت= صحت. نالو= سومار.

سيد سونهارا، نيزن وارا، صحت ڏي تہ سومار تي وڃان.

[2586]

اي نالا شهر جا ڏٽي! ڪاٺ جا مون تان لاهہ.

نالو= پاون شاهہ. شهر= بديڻ. ڪاٺ جا= ڏلها.

اي پاون شاهہ بديڻن جا ڏٽي! ڏلها مون تان لاهہ.

[2587]

نالي شاهہ پير شهر جنا ڏٽي،

ڪکن جا تون لاهي، مُني ڪي مال جا ڏي.

نالو= عباس علي. شهر= ونهيرو. ڪکن جا= تُرها.

مال جا= ڏاڻ.

عباس علي شاهہ پير، ونهيري جا ڏٽي!

تُرهن تان لاهي، مُني کي ڏاڻ ڏي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2588]

اُتـي عـورت! کـڻ کـپـڙ جــي، نرنـانءَ آيِـو ڙي.

عورت= دائي. کپڙ جي= رضائي. نالو= مرشد.

اُتـــي دائـــي! کـــڻ رضـــائي، مرشـــد آيـــو ڙي.

چوٽيون ۽ پهاڪا

[2589]

ذات هجــي ذات کجــي، نرنـــانءَ کجـي کانـــ.

ذات= جيترا. ذات= اوترا. نرنانءَ= واڌو.

جيتـري هجــي اوتـري کجـي، واڌو کجـي کانـــ.

[2590]

ليکـي پـوک جـــي جـو کـري، تنهــن سـان جهجهـا کـــاٿ کجـــن.

ليکي جي= أسي> اصي. پوک جي= لائي. کاٿ (جو) = گهـُٽو> گـُنَ.

اصيلائـي جـو کـري، تنهـن سـان جهجهـا گـُـن کجـن.

[2591]

ليکـي عضـوي جـي جـو کـري، تنهـن کـي مـال جـا نـہ ڏجـــن.

ليکي جي= أسي. عضوي جي=لپ. مال جا= ڏنپ.

اصيلـــپ جـــو کـــري، تنهـــن کـــي ڏنـــپ نـــہ ڏجـــن.

[2592]

نرنـــان پـــائي پـــاند ۾، نرنـــــان تـــي اچـــن،
نرنان بہ ڏجي انهن کي، پـل نرنان تـي وجـن.

نرنان= عيب. نرنان= غلام. نرنان= احسان. نرنان= راضي.

(جــي) عيـــب پـــائي پـــاند ۾، غـــلام تـــي اچـــن،
احســان بــ کجـي انهـن سـين، پـل راضـي تـي وجـن.

[2593]

نـــالو ڏجــي نـــالي کـــي، تـــوڙي نـــالو هجـ ـي.

نالو= عزت. نالو= آيو> آئي. نالو= پانهون.

عـــزت ڏجـــي آئـــي كـــي، تـــوڙي پـــانهون هجـــي.

[2594]

نـــالو هونـــدو ســـو **نـــالو** ٿينـــدو، نـــہ تـــہ **نـــالو!**

نالو= ساهُو> سائُو> سائو. نالو= سنيالو> سنيالبو.

نالو= چُـتو.

ســـائو هونـــدو ســـو ســـنيالبو، نـــہ تـــہ چـــُـــتو!

[2595]

علـم ۾ **رانـد جـو نالي، جـر** ۾ **مـرونءَ جـي** نـاهي،

اُپ ۾ **مٽيءَ جي** ناهي، **فقير جي** ۾ **مـاٺهوءَ جـي** ناهي.

علم= قرآن. راند جو= ڪوڙ. جر= پاٽي. مرونءَ جي=پليتي. اُپ= آسمان. مٽيءَ جـي= قبر. فقيـر جو= مقام. ماٺهوءَ جي= ڳالھ.

قـــرآن ۾ ڪـــوڙ نـــاهي، پـــاٽيءَ ۾ پليتـــي نـــاهي،

آسمـــان ۾ قبـــر نـــاهي، مقـــام ۾ ڳالھـــ نـــاهي.

[2596]

رانـد ڪـاٺ وڻ جـو، پـر جـر جـو ٿيندوئـي ڪونـہ.

راند جو= سچ. ڪاٺ جو= بيڙو. وڻ جو= لڏڻ> لڏي. جر جو= ٻڏو> ٻڏي.

ســـچ جـــو بيـــڙو لـــڏي، پـــر ٻـــڏي ڪونـــہ.

[2597]

اَن جـــي ســـپ چمـــار، **ڪـــاٺيءَ** ســـاعت هڪـــڙي.

اَن جي= رڪ> مورڪ. ڪاٺيءَ جي= ڳهڙ> سگهڙ.

مـــورک ســـپ چمـــار، ســـُـــگهڙ ســـاعت هڪـــڙي.

[2598]

نرنـانءَ هجـي تـہ **عضـوي جـي** ڏجـي، **نرنـانءَ** کـي **فقيـــر جـــي** نـــہ ڏجـــي.

نرنانءَ= دوست. عضوي جي= دل. نرنانءَ= دشمن. فقير جو= حال.

دوست هجـي تـہ دل ڏجـي، دشمـن کـي حـال نـہ ڏجـي.

[2599]

ناليَ کان نالو پلو، جو نالي ۾ نالو ڏئي.

نالو= سخي. نالو= شوم. نالو= ترت. نالو= جواب.

سخيءَ کان شوم پلو، جو ترت ڏئي جواب.

[2600]

جت نالا ۽ نرنانءَ هجن، تت ڪاني ٿئي ئي ڪانـ.

نالو= سالڪ. نرنانءَ= سگهڙ. ڪانيءَ جو= ڪَچ> ڪَچي.

جت سالڪ ۽ سگهڙ هجن، تت ڪچي ٿئي ئي ڪانـ.

[2601]

ذات آزار ۾ خـــــوش.

ذات= چاڪي. آزار= پيڙَ.

چاڪي پـيـڙَ ۾ خـوش.

[2602]

ڪاٺ ڪُتي جي وات ۾، ڪاٺ ڪُتي جو ڪم،

ماري لاهينس چم، تہ بہ ڪاٺ ڪُتي جي وات ۾.

ڪاٺ= بهڻ.

بهڻ ڪُتي جي وات ۾، بهڻ ڪُتي جو ڪم،

ماري لاهينس چم، تہ بہ بهڻ ڪُتي جي وات ۾.

[2603]

مـــــَرونءَ جـــي وات ۾ آهـــي وٽ.

مرون= ڪتو. وٽ= بهڻ.

ڪـُـتي جـي وات ۾ آهـي بـــَـهڻ.

[2604]

ڪامڻ ڪـڪ اٿـي ويـا، وڃـي مـال جـا رهيـا.

ڪامڻ= سچي> سچا. ڪڪ= سَرَ> سير. مال جا= دَنگل> غل باز.

سچا سير اٿي ويا، وڃي دغل باز رهيا.

[2605]

جڏهن ليکي شهر لڳو، تڏهن نرنانءَ ذات ٿيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليکو= تيرهن. شهر= سن. نرناڻ=آدم. ذات=
سامٽيا> ساءُ + مٽيو.
جڏهن تيرهون سن لڳو، تڏهن آدم ساءُ مٽيو.
[2606]
ملڪ مڙوئي مڄي، وڻ ڪونہ چوي.
مڄي= مُڪر> مڪر. وڻ= سَرينهہ> صريح.
ملڪ مڙوئي مَڪر، صريح ڪونہ چوي.
[2607]
نالو ۽ نارناڻ، نالي اينددا.
نالو= موت. نارناڻ= ملاقات. نالو= اوچتو.
موت ۽ ملاقات اوچتا ايندا.
[2608]
جيڪي تيل جا، تن سان ڪاڇ جا ڇا ڪبا.
تيل جا= ٻُڙا> ٻوڙا. ڪاڇ جا= ٻاٽ> سُرٻاٽ.
جيڪي ٻوڙا، تن سان سُرٻاٽ ڇا ڪبا.
[2609]
ذاتين کي ڪاٺ جا ڇا ڪندا؟
ذات= ٺوڙها. ڪاٺ جا= ڦٽوٽا.
ٺوڙهن کي ڦٽوٽا ڇا ڪندا؟
[2610]
ڪاٺ جي ڪٽي لشڪر جو ڏي تہ مروڻ جي ڇا ڪري؟
ڪاٺ جي= ڦٽي. لشڪر جو= مٽو. مروڻ جي=
جُوءِ> جُون.
ڦٽي ڪٽي مٽي کي ڏي تہ جُونءِ ڇا ڪري!
[2611]
جنهن کي مٽيءَ جي پوندي، سا شهر مان نالو آڻيندي.
مٽيءَ جي= گتي. شهر= لَڪي. نالو= لعل.
جنهن کي گتي پوندي، سا لَڪي مان لعل آڻيندي.
[2612]

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن مـُنڊن ڪـَتي ليکو نـہ ڪيو، سي مال جون ڙي.
منڊ= عورت. ليکي(جو) = انگ. مال جون= ڳڏهيون.
جن عورتـن ڪـَتي آنگ نـہ ڏکيو، سي ڳـڏ هيـون ڙي.
[2613]
نـالي ۽ نرنـان تـي پڳـي جـي ڏنيسـون ڪانـہ.
نالو= خسيس. نالو= ڪدڙو. پکيءَ جي= ڪلنگي.
خسـيس ۽ ڪـدڙي تـي ڪلنگـي ڏنيسـون ڪانـہ.
[2614]
جيـت تـي پـر مـال نـہ.
جيت= اصيل. مال= خر.
اصيـل تـي پـر خـَـر نـہ.
[2615]
پنهنجـا ۽ مـال جـا چني نـہ چـڏجن.
پنهنجا= ننگ. مال جا= وڙ.
ننـگ ۽ وڙ چنـي نـہ چـڏجن.
[2616]
ڪـانئي ۽ نـالو رچ نـہ ٿينـدو،
جـي رچ ٿينـدو تـہ بـہ مـال جـو.
ڪانئي= من. نالو= موتي. رچ= پڳو سڄو. رچ=
سڄو. مال جو= سنڌو.
مـَـن ۽ موتـي پڳـو، سـڄو نـہ ٿينـدو،
جـي سـڄو ٿينـدو تـہ بـہ سـَـنڌو.
[2617]
ڪپـڙ ڪـي ذات ڪـانئي تـہ هٽجـي گهـوڙي جـي.
ڪپڙ(جو) = ڪوٽ. ذات= ڪـَلرَ. گهوڙي جي=
پـُستي> پـُشتي.
ڪـوٽ ڪـي ڪـلر ڪـائي تـہ هٽجـي پـُـشتي.
[2618]
چـمر ۽ باهـہ جـي، تنهـن ڪـي شـهر چـا ڪنـدا؟

چمر جي= سيٽاھہ. ٻاھہ جي= ڦُوڪٽيِ> ڦُوڪي، شهر = ٻاڍھ، ٻانڌ.

(جنهن) سيٽاھہ ڦُـــوڪي، تنهـن کـي ٻانـڌ ڇـا کنـدا؟

[2619]

جن جا **نـالا نـالي** هـُـون، **ذات** نـہ ڪجـي تـن سـان.

نالو= ڪرم. نالو= سياڳو. ذات= رئيس> رِيسَ.

جن جا ڪـِـر م سـياڳا هـُـون، ريس نـہ ڪجـي تـن سـان.

[2620]

ٻولــي ڪجــي ان کــي، جيڪـــو **ٻولــي** کــري،

جيڪـو **ٻولـي** نـہ کـري، **ٻولــي** نــہ ڪجـي ان کـي.

ٻولي= عرض. ٻولي= غرض. ٻولي= غرض.

ٻولي= عرض.

عـــرض ڪجـــي ان کـــي، جيڪـــو غـــرض کـــري،

جيڪـو غــرض نــہ کــري، عــرض نــہ ڪجـي ان کـي.

[2621]

نــالو کــاڏو جـن، ســي **ذات** کــائيندا کيــن ميــان!

نالو= پنيو> پني. ذات= ڪتي.

پنــي کــاڏو جـن، ســي ڪتــي کــائيندا کيــن ميــان!

[2622]

نــالو تــي گـذار، **کــڙم جــو** کــر، وڻ نــہ جڳــاءِ.

نالو= غريب. ڪڙم جو= پورهيو. وڻ= سک مرد.

غريب تي گذار، پورهيو کر، سک مرد کي نہ جڳاءِ.

عام ڳجھارتون

[2623]

ذات آئــــي لوهــــــ جــــــي **نــــالو** کيــــائون.

ذات= چنڊ. لوهہ جي= بتي. نالو= گل.

چنــــڊ آئـــــي بتــــي گــــــل کيــــائون.

[2624]

نرنــــانءُ هکـــڙو، ٻيـــا ســـيِ **نــــالا** ڙي!

نرنانءُ= چنڊ. نالو= تارو> تارا.

چنـــڊ هکـــڙو، ٻيـــا ســـيِ تـــارا ڙي!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2625]

وكـــــــــر بنـــــان **ذات** پٽـــــون.

وكر= لوڻ. ذات = مري.

لــــــوڻ بنـــــان مــــــري پٽــــــون.

[2626]

ناٽي جو اٿر كونہ، **كـاٺ جي** تي **وڻ** تيان كيٿن؟

ناٽي جو= نُول. كاٺ جو= جهاز. وڻ جو= چڙهيو.

نـُــول اٿــر كونــہ، جهـــاز تــي چڙهـــان كيٿــن؟

[2627]

نـاري ركيئون **نـر** تـي، **ناريون** پڄيو تـي **نـر** كـري.

ناري= جندي. نر= ڍيبو. ناريون= ساريون. نر= چانور.

جندي ركيئون ڍيبي تي، ساريون پڄيو تـي چانور كـري.

[2628]

كــاٺ ۾ **مـــال جـــو** پيـــو، ســـو بــہ **نـــالو** ٿيـــو.

كاٺ= ساڳُ. مال جو= مكڻ. نالو= پَلُو> پـَلو.

ســـاڳ ۾ مكـــڻ پيـــو، ســـو بـــہ پلـــو ٿيـــو.

[2629]

كـاٺ جـو فقيرا! **شـهر جـو** كيئـي كونــہ كـو.

كاٺ جو= رول. شهر جو= ٽكاٽو.

رول فقيــــرا! ٽكــــاٽو كيئـــي كونـــہ كـــو.

[2630]

شهر ئون **پكـي لوهہ** ٿيو تـہ **رانـد جـون** چا كنديون.

شهر= دلي. پكي=باز. لوهہ(جي) = آر. راند جون=آٽكلون.

دل جيكــڏهن بيــزار ٿئـي تــہ اٽكلـون چــا كنديــون.

[2631]

اي ميان **نرنان**، تـو ۾ **نرنـان**، اڄان بہ پيـو كرين **نـالا**.

نرنان= كانديرو. نرنان= كندو. نالو= گـُل.

اي ميان كانديرا، تو ۾ كندا، اڄا بہ پيـو كرين گـُلَ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2632]

جڏهن پِيير جو هُيو، تڏهن وڻ کي کپڙي جي لڳي.

پيير جو= چاليهو. وڻ= ڪنڌو. کپڙي جي= لِير> ليڙ (سِگُرَ).

جڏهن چاليهو هيو، تڏهن ڪنڌي کي لِيڙ لڳي.

[2633]

نرناڻ لڳو، نارنان آئي جر جي پويئي ڪانـ.

نرنان= اتر. نارنان= واهوندي. جر جي= ماڪ.

اُتر لڳو، واهوندي آئي، ماڪ پويئي ڪانـ.

[2634]

پکين مُلڪ ڏنو، پولي ڪندي ويون.

پکي= ڪونجون. ملڪ= روهہ. پولي= ڪرڪا.

ڪونجن روهہ ڏنو، ڪَرڪا ڪندي ويون.

[2635]

پکي ڏڏائون، جهُڙ جي ڪيائون،

ائين نہ چيائون، جيئن هاري چوي ڏاند کي.

پکي= ڪونج. جهُڙ جي= لسي. هاري ڏاند کي چوي= دُڪا> دُڪ.

ڪونج ڏڏائون، لسي ڪيائون،

ائين نہ چيائون تہ دُڪ (پبيءُ).

[2636]

مال ۾ مرون ناهي، تون تولوهہ جي گهرين!

مرون= سيڙهہ. لوهہ جي= لسي(چَڙَ ۾ پڌل ڏاتو).

مال ۾ سيڙهہ ناهي، تون تو لسي گهرين!

[2637]

ذات ڏنا هوئي، تڏهن حاڪم جو تيئي ڪونہ،

جو عضوي جو ڪرين ها.

ذات= دشمن. حاڪم جو= خوف. عضوي جو= پاسو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دشمن ڏٺو هُوئي، تہ ڏهن خوف تيئي ڪونہ،
جو پاسو ڪرين ها.

[2638]

جيڪو تو چيو سو **گاهہ** تيئو، منهنجي تہ **ذات**.

گاهہ جو= ڪَرو. ذات= ٻُڌَ.

جيڪو تو چيو سو ڪَرو تيو، منهنجي تہ ٻُڌ.

[2639]

رچ جي نار جو تہ نرنانءُ تئين.

رچ جي= ڪانيَ. نار جو= ڪيڍ. نرنان= سُکيو.

ڪانيَ ڪيڍ تہ سُکيو تئين.

[2640]

فقير جو وڪر ڪر تہ نالو تيئي.

فقير جو= درد. وڪر جي= دوا. نالو= فيضو> فيض.

درد جي دوا ڪر تہ فيض تيئي.

[2641]

شهر سامهون **شهر** آهي، **نرنانءُ** متي **نار** آهي،
واهہ ڪاريگر **ڪپڙ جي** آهي!

شهر= سکر. شهر= روهڙي. نرنانءُ= دريا خان.
نار= موري. ڪپڙ جي= جوڙي.

سکر سامهون روهڙي آهي، درياءَ متي موري آهي،
واهہ ڪاريگر جوڙي آهي.

[2642]

ڪڻ ڪاٺ جو، پچ متيءَ جو، جيئن پڪي تي وجن.

ڪاٺ جو= وٺوهڙ. متيءَ جو= پتر. پڪي=
پوري> پورا.

ڪڻ وٺوهڙ، پچ پتر، جيئن پورا تي وجن.

[2643]

نالو چئي نالي ڪي تہ هڻ ڪانئي شهر ڪي.

نالو= گاهي. نالو= ماهي. ڪانيءَ جي= ٽِنب.
شهر= ڪاهي.

گاهي چئي ماهيءَ ڪي تہ هڻ ٽِنبَ ڪاهيءَ ڪي.

[2644]

هڻ حاڪيماٽي، ٻڌ ڪاسبڪي، مانَ رَڇ تي پوين.

حاڪيماٽي= اڙي. ڪاسبڪي= ڪارائي. رڇ= مَٽُ.

هڻ اَڙي، ٻڌ ڪارائي، مانَ مَٽُ تي پوين.

[2645]

جان وجان جتن ۾، تہ نالوئي ناهہ.

جتن جي= وتاڳ> اوطاق. نالو= ريحاڻ> رهاڻ.

جان وجان اوطاقن ۾، تہ رهاڻ ئي ناهہ.

[2646]

جر جيت جو مون نہ ڪيو، پوڪ جي پڇي نرنان تي.

جر جو= روُ. جيت جو= ريڙهو. پوڪ جي= ناڙي.

نرنان= نهال.

روُ ريڙهي جي مون نہ ڪئي، ناڙي پڇي نهال تي.

[2647]

سُٽ جو چنو، ڪاٽ جو لڙيو، حاڪيماٽي جو الله!

سُٽَ جو= تنگ. ڪاٽ جو= هنو. حاڪيماٽو= سوار.

تَنگ چِنو، هَنو لَڙيو، سوار جو الله!

[2648]

ولايت ئون رڇ ڪِري، تيو پڪي ڙي پڪي.

ولايت= ڪَڇ. رڇ= ڪوئرو. پڪي= پوري> پورا.

ڪڇ مان ڪوئرو ڪري، تيو پورا ڙي پورا.

[2649]

ڪڻ ڪاٽ جي، هڻ هٿ جي، توڪيٰ زحمت

چا ڪري!

ڪاٽ جي= دبلي. هَٿ جي= چَپٽي. زحمت= نزلو.

ڪڻ دبلي، هڻ چپٽي، توڪي نزلو چا ڪري!

[2650]

ڪڻ اوزار، وڍِ وٽ، متان مرض تيئي.

اوزار= سوئڙي. وٽ= سوپاري. مرض= اُلٽي.

ڪڻ سوئڙي، وڍِ سوپاري، متان اُلٽي تيئي.

[2651]

ڏس رنگ **نرنانءَ** جا، جو **ڪاٺ جا** پچيو **ڪپڙ جا** ڪري.

نرنانءُ= صاحب. ڪاٺ جا= جهاز. ڪپڙ جا= پرزا.

ڏس رنگ صاحب جا، جو جهاز پچيو پرزا ڪري.

[2652]

پکيئون وياسين، **نرنان** ٿياسين، هاٽي **نالو** ڪير ڪندو؟

پکي= وهيو> وَهي. نرنانءُ= ٻڍو. نالو= قبول.

وَهي ٿون وياسين، ٻڍا ٿياسين، هاٽي قبول ڪير ڪندو؟

[2653]

جڏهن **نالا** آيا، تڏهن **واٽڪي** ويئي.

نالو= پَريو> پريا (اچا). واٽڪي= وَهي.

جڏهن پـَريا آيا، تڏهن وَهي ويئي.

[2654]

جيڪي **رنگ جا** اچن پاڻهي، تن ڪي **ڪورٽ جا** نہ ڪجن.

رنگ جا= اچا. ڪورٽ جا= ڪيس.

جيڪي اَچا اچن پاڻهي، تن ڪي ڪيس نہ ڪجن.

[2655]

نالن ۾ **نالا** پيا تہ **ولايت** ويئي.

نالو= ڪارو> ڪارن. نالو= اچو> اچا. ولايت= سُورت> صورت.

ڪارن ۾ اَچا پيا تہ صورت ويئي.

[2656]

تـَڪين ڏني **ڪاغذ جي** ملي تہ مان **نالو** ٿيان.

تـَڪا= لڪ> لڪين. ڪاغذ جي= وَهي. نالو= جوان.

لڪين ڏني وَهي ملي تہ مان جوان ٿيان.

[2657]

سچ تہ **پکي**، جُتي تہ **ڳهہ**.

پکي= وهيو> ويو. ڳهہ= نسبي> نہ + سبي.

سچ تہ ويو، جُتي نہ سبي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2658]

ذات جا گهٽا هئا، پر عورت هئي ڪانہ ڪا.

ذات جا= خشڪ> خشڪا. عورت= ڪنڊل> ڪنڊ.

خشڪا گهٽا هئا، پر ڪنڊ هئي ڪانہ ڪا.

[2659]

پُوريو چوي تَنگيل کي، ادا ڪڏهن ملنداسين؟

تنگيل جواب ڏنو تہ رڇ ۾ ملنداسين.

پوريو= بصر. تنگيل= واگڻ. رڇ= ڪُنو.

بصر چوي واگڻ کي، ادا ڪڏهن ملنداسين؟

واگڻ جواب ڏنو تہ ڪُني ۾ ملنداسين.

[2660]

نالو تو، نالو مون، هاٿي لوهہ جي.

نالو= مَڪو> مُڪو. نالو= ريڏو> رڏو. لوهہ جي= رنگ.

مُڪو تو، رڏو مون، هاٿي رنگ نہ.

[2661]

آهي تہ ڪاچ جي پر گاهہ جي ڙي!

ڪاچ جي= ماڪي. گاهہ= ڏنگٽي.

آهني تہ ماڪي، پر ڏنگٽي ڙي!

[2662]

ڪاٺيءَ پوڪ جي، جر جي ۾ پلي، تون ڪاچ جي نہ.

ڪاٺيءَ جي= اڪ. پوڪ جي= ڪاٺي. جر جو= مُنهن. ڪاچ جي= وَڏ> وڏُ.

اڪ ڪاٺي منهن ۾ پلي، تون وڏُ نہ.

[2663]

پوڪ پيلي تہ گهوري، منهنجي مال وارين کي نہ ٿئي.

پوڪ= تُري. مال وارين= ماٽڪيون.

تُري پيلي تہ گهوري، منهنجي ماٽڪين کي نہ ٿئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2664]

نالي نرنانءَ کي عضوي جي آئي تہ بہ ول نہ کيائين.

نالو= جيئند. نرنانءَ= خليفو. عضوي جي= ڏاڙهہ> ڏاڙهي. ول= ڪَدُو> قد.

جيئند خليفي کي ڏاڙهي آئي، تہ بہ قد نہ ڪيائين.

[2665]

اي نرنانءَ! ڏينهن ڪر تہ ڪاٺ جن کان نارنانءَ، متيءَ جي حاڪم تتي!

نرنانءَ= الله. ڏينهن= جمعو. ڪاٺ جا= ڏلها. نارنانءَ= ڇتان. متيءَ جي= ڪاتي. حاڪم جي= معافي.

اي الله! جمعو ڪر تہ ڏلهن کان ڇتان، ڪاتيءَ کان معافي ملي.

[2666]

ڪپڙي جو ڪيم سُڪاءِ، پوک تي ڪاٺ جو گهُري.

ڪپڙي جو= صافو. پوک= پنگ. ڪاٺ جو= ڏنڊو.

صافو ڪيمَ سڪاءِ، پنگ تي ڏنڊو گهري.

[2667]

اي ميان نرنانءَ! ڪاٺ جي آڻ تہ پوک جو ڏيانءِ.

نرنانءَ= موالي. ڪاٺ جي= سُلفي. پوک جو= تماڪ.

اي ميان موالي! سلفي آڻ تہ تماڪ ڏيانءِ.

[2668]

متيءَ جي هٿ ۾ ڪپڙ جي تي گهري.

متيءَ جي= سُلفي. ڪپڙ جي= صافي.

سُلفي هٿ ۾ صافي تي گهري.

[2669]

رڇ ڪٽي ڪتو ڪر! وڪر نهيئي ڪونه، ته پوءِ
راند جون ڇا؟

رڇ= چلم. ڪتو= تازي. وڪر= تماڪ. راند
جون= چڪيون.

چلم ڪٽي تازي ڪر! تماڪ نهيئي ڪونه، ته پوءِ
چڪيون ڇا؟

[2670]

نڪر کي ڪتو نه سڏ، پوڪ جي ناهه، راند جي ڇا؟

نڪر= حقو. ڪتو= تازي. پوڪ= تماڪ. راند
جي= چڪي> چڪيون.

حقي، کي تازو نه ڪر، تماڪ ناهه، چڪيون ڇا؟

[2671]

ڳهه ڏي ته حقي ۾ وجهان.

ڳهه= پنڙو.

پنڙو (تماڪ جو پن) ڏي ته حقي ۾ وجهان.

[2672]

حقي ۾ ٻه نرنان تئين ذات.

ٻه نرنان= متو ۽ رکيو. ذات= آهيڙي> آهي + ڙي.

حقو متو رکيو آهي ڙي!

[2673]

پن جي ۾ ڪاٺ جو ڪوتو وٽ ذات!

پن جي= ٻيڙي. ڪاٺ جو= ماچيس. ذات= آهيڙي>
آهي + ڙي.

ٻيڙي ۽ ماچيس ڪوتو وٽ آهي ڙي!

[2674]

شهر ٻه خير، مال ٻه خير.

شهر= ماڏو> مان + ڏي. مال= توڏو> تو + ڏي.

مان ڏي ٻه خير، تو ڏي ٻه خير.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي ادبي بورڊ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌائڻ، ويجهڙ ۾ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَھڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي ھوندا آھن اَھڙيءَ طرح پڙھندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آھن ۽ ھوندا. اُھي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، پَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آھي.

ڪوشش اھا ھوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَھڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آھي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اھڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ ھِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ ھيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رھندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اھم مرحلو وِرھائڻ distribution جو ٿيندو. اِھو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏھن ڪو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ ھوندو.

پَنَ کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ ھو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي ھِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦھلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنھن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڑھي سماجي حالتن کي بھتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙھندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جھڙن سوالن کي ھر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انھن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنھنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گھرج unavoidable necessity سمجھندي ڪتابن کي پاڻ پڑھڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻھن تائين پھچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توھان بہ پڑھڻ، پڑھائڻ ۽ ڦھلائڻ جي اِن سھڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگھو ٿا، بَس پنھنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، ھر قسم جا ڳاڙھا توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منھنجا ڀاءُ
پھتو منھنجي من ۾ تنھنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلھي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book